# س.ا.س سٽيِ سکرڊاٽ ڪام

# بخشو لغاريءَ کان بالٽيمور

## سفرنامو

(الطاف شيخ)


# ڊجيٽل پبلشر

## سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽي

## (ڊجيٽل ڪتاب) پبلشر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com




هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ٻه لفظ

## محترم دوستو......!

السلام عليڪم

اداري، سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽيءَ طرفان اوهان جي لاءِ، جڳ مشهور شخصيت، (جنهن ڪي سنڌ جو ابن بطوط چئجي ته نهايت بهتر ٿيندو) محترم الطاف شيخ جا سفرناما پيش ڪجن ٿا.

اسان محترم الطاف شيخ صاحب جا تمام گهڻا ٿورائتا آهيون جن جي اجازت ۽ تعاون سان اهي ڪتاب ٿوري آئوٽ لوڪ جي ايڊيٽنگ سان (ڪتاب جي متن ۾ ڪابه تبديلي نه ڪئي وئي آهي، صرف ويب سائيٽ تي آڻن لاءِ ان جي آئوٽ لوڪ کي خوبصورت بڻايو ويو آهي) اوهان تائين پهچائي سگهيا آهيون. ان کان علاوه ڪتاب جي پبلشر وغيره جا نالا، سندن مالڪي حقن سبب نه ڏنا ويا آهن. صرف ليڪڪ جي اجازت سان سندس ليک ڏنو ويو آهي.

محترم دوستو!.. اسان اُميد ٿا ڪريون ته اوهان پنهنجي راءِ کي پاڻ تائين محدود نه ڪندا، ڇا ڪاڻ ته اوهان جي اها راءِ ئي اسان جي جياپي جو ڪارڻ آ. وڌيڪ بهتري آڻن لاءِ ضرور راءِ ڏيندا .

**ساٿ سلامت**

مهرباني



اوهان جي مشوري جو منتظر

**عبداللطيف انصاري**

**شمس آباد سکر سنڌ**

**فون** : 0333.7146119

اي ميل : abdullateefansari@yahoo.com

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# فهرست


- خدا جو خوف آهي يا صحت ڪاتي جو موچڙو!
- اهڙي ئي ڪهاڻي اسان جي ماڻهن جي آهي...
- Better to be safe than sorry
- هي ڪهڙو غسل خانو آهي؟
- آمريڪا ۾ جهنم بہ آهي تہ جنت بہ
- آمريڪا (USA) جون ڪجهہ دلچسپ ڳالهيون
- آمريڪا جي رياست الاسڪا ۽ ڪجهہ گرين ڪارڊ بابت احوال
- گرين ڪارڊ لاٽري
- الاسڪا، ڊيلاويئر، مسي سپي ۽ مونٽانا رياستن بابت
- هڪ رنگي ڪي ڪلرڊ ٿا سڏيو؟
- اڄ جو ۽ اڳ جو آمريڪا
- آمريڪا ۾ ديسي ادب ۽ ميوزڪ
- آمريڪا ۾ ديسي ڪلچر
- اسان جي پاسي جا ماڻهو آمريڪا ۾
- مونجهاري ۾ قاتل اسان جا ديسي
- ڇا آمريڪا رهڻ سان ٻار خراب ٿيو وڃن؟
- واشنگٽن جو The Awakening
- نياڳا مون ڪي ڪٽي ٿو هلي مارين؟
- اسان جا ۽ هتي جا ليڊر
- پوپ ڪي اطلاع ڪجو
- فلڊلفيا ۾ خوبچنداڻي جي ياد
- نيو جرسيءَ ۾ سنڌي نوجوان
- حميد انور جي ڪهاڻي ۽ ڪچهري


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

- سنا هئائو تہ هينئر بہ سنا رهو..
- ييس سر، نو سر، وڏ ۾ وڏ پاڙين سرا!
- فوٽوءَ ۾ منهنجو پيٽ نہ اچي
- هي ڪهڙو جهاد آهي، مسلمان، مسلمان کي پيو ماري
- حميد انور جي فئملي، ميجر باجواه ۽ برگيڊيئر مختيار
- حميد انور جي ڊرائيونگ
- آمريڪا عجيب ملڪ ۽ اخبارون
- آمريڪا مان نڪرندڙ اخبارن ۾ ڪهڙي قسم جا اشتهار اچن ٿا؟
- آمريڪا ۾ جوتشي، جوڳي ۽ جادوگر
- سائين عبدالفتاح ميمڻ جي فئملي ۽ انور ميمڻ
- ائسٽر هوٽل ۽ نيوپارڪ ۾ رهندڙ سنڌي
- آمريڪي صدر جو اٺ گاڏي وارو دوست
- انور ميمڻ جو Soil Probe ۽ نيوپارڪ جي لئبرري
- وئنڪوئر – سکن ۽ چينين جو دلپسند شهر
- ڪئناڊا ۾ چينين سان سختيون
- سکن کي ڪئناڊا ۾ اچڻ کان روڪڻ جا قانون
- ڪوما گاتا جهاز جو بدنصيب سفر
- هن جهاز تي ٺهندڙ فلم ۾ اميتاڀ بچن ڪم ڪندو
- ٽوڪيو يونيورسٽيءَ جو پروفيسر برڪت الله ۽ ڪوما گاتا تي لکيل ڪتاب
- سکن جي بدنصيب سفر تي نئين فلم Exclusion
- Water فلم جي تياري انڊيا بدران سريلنڪا ۾ ٿي
- ڪجهہ آمريڪا جي ويزائن بابت
- ويزا ۽ پاسپورٽ لاءِ هميشہ صحيح معلومات ڏجي
- Immigrant ۽ Non Immigrant ويزا
- ايف ويزا، ايل ويزا، J ويزا، ايچ ويزا وغيره....
- شل نہ ڪو ڌارئين ملڪ ۾ بيمار ٿئي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

- مسافرن لاءِ انشوئرنس پاليسيون
- نيوجرسي اسپتال ۾ پرڪاش سان ملاقات
- سنڌي هندن جو ٻاهرين دنيا سان تعلق
- انڊين انڊينچر سسٽم
- ورجينيا، مئري لئنڊ ۽ پنسلوانيا ۾ رستو ٿهيو ئي ڪونه حادثا ڇا ٿين
- رياستن جي ماءُ — ورجينيا
- انقلاب آمريڪا ۽ خيرپور جو عرفان جماٽي
- آمريڪا ۾ حلال ۽ حرام کاڌي جو مسئلو
- دين ڌرم ۽ اخلاقيات کي ڇڏڻ جا نتيجا
- آمريڪا گهمڻو آهي ته ايڪسپريس وي کان پاسو ڪريو
- ڊان بريڊ جا ڪنا ڇباڙيان...
- مڪئي جي سنگن جون مزيدار ڳالهيون
- ڊاڪٽر عزت قاضي ۽ محمد بخش سميجو
- آمريڪا ۾ ڊرائيونگ ۽ سهڻيءَ جي ڪهاڻي
- پورهئي کي عيب نه سمجهڻ وارو آمريڪا ۾ ڪامياب رهندو
- حيدرآباد جو اعجاز شيخ ۽ شهدادپور جو ڊاڪٽر نذير
- پنهنجي قبر چمچي سان نه کوٽيو
- ڊسٽرڪٽ آف ڪولمبيا ۽ آمريڪن جا مسئلا
- هالا جو ڊاڪٽر گلاب ۽ سکر جي ڊاڪٽر شفيعت جماٽي
- فلائيٽ SQ006 بابت ڪجهه سٽون
- واشنگٽن ڇڏيندي ڇڏيندي
- حميرا ۽ منور سان شهر جا چڪر
- خوف خيال خطرا، ٿنهي ترڪ ڏيج
- ورجينيا رياست ۽ وڏيري شاهنواز جوڻيجي جي ياد
- شيناندوه نيشنل پارڪ ۽ ٻنگ پيتل هرڻ
- لوري غارون ۽ ابراهيم منشي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## خدا جو خوف آهي يا صحت ڪاتي جو موچڙو!

پاڪستان ۽ ننڍي کنڊ جي ٻين ملڪن: انڊيا، بنگلاديش وغيره جو هڪ عام مسلمان نائن اليون واري حادثي يا دهشتگردي بعد اهو ئي سمجهي ٿو ته آمريڪا ۾ مسلمانن لاءِ زمين تنگ ٿي ويئي آهي. مسلمانن جي، مذهب جي حوالي سان، آزادي ختم ٿي ويئي آهي، پر هتي آمريڪا ۾ پهچي وڏن شهرن ته ڇا ننڍين ڳوٺن ۾ ديسي عورتن (يعني انڊيا پاڪستان جي عورتن) توڙي ايراني، عرب ۽ مڪاني مسلمان عورتن کي حجاب ۾ هلندو ڏسي، جتي ڪٿي مسجدن ۾ ۽ عام جاين تي ڏاڙهي ۽ آر جي ٽوپي ۾ مسلمانن کي آزاد نموني سان ايندو ويندو ڏسي، پهرين حيرت ضرور ٿئي ٿي. ”نيو هالا کان نيويارڪ“ سفر نامي ۾ لکي چڪو آهيان ته نيو يارڪ جهڙي شهر ۾ جتي اڄ کان ٽيٽيهه سال اڳ آئون فقط ٽي مسجدون ڏسي ويو هوس، اتي اڄ هڪ سئو کان مٿي آهن ۽ نمازين سان ڀريل رهن ٿيون. ان رفتار سان ته حيدرآباد ۽ هالا جهڙن شهرن ۾ به مسجدون نه ڀريون آهن. ٻارهن تيرهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي ڳوٺ جي مشهور مسجدن: متقين جي مسجد، سونارن جي مسجد، خليفن جي مسجد ۽ آخوندن جي مسجد وغيره ۾ فجر نماز تي ويندو هوس ته مسجد ۾ گهٽيءَ جا فقط چند پوڙها هوندا هئا، جن سان پهرين صف به نه ڀربي هئي ۽ اڄ پنجاهه سالن بعد جڏهن هالا جي آدم شماري 25 هزارن مان به لک ٿي ويئي آهي ته به فجرنماز تي پهرين صف مس ٿي ڀرجي. ۽ هيڏانهن آمريڪا جي مسجدن ۾ پوڙهن سان گڏ نوجوان ۽ ننڍين ٻارن کي نماز تي ڏسي تعجب ٿو لڳي. ان ڪري ته آئون ڪڏهن ڪڏهن ان ڳالهه جي وڪالت ڪندو آهيان ته آمريڪا حڪومت جي غلط پاليسين تي تنقيد ضرور ڪيو، پر هتي جي عوام کهڙو ڏوهه ڪيو آهي. ۽ هتي جي عوام جنهن کي پاڻ ”آمريڪن“ سڏيون ٿا، اها ڪنهن خاص نسل جو جانور نه آهي، پر دنيا جي ڀانت ڀانت ملڪن ۽ قومن جا ماڻهو آهن، جن ۾ اسان جي ننڍي کنڊ جا هندو ۽ مسلمان پائر به آهن ته غريب ۽ لاوارث فلسطيني مسلمان ۽ ڏتڙيل ۽ دربدر سومالي عيسائي به آهن. ڪرد ۽ پارسي به آهن ته بنگالي ۽ بلوچ به. جيڪي مجبور ٿي پنهنجو وطن ڇڏي هتي پهتا ۽ اڄ هو ”آمريڪن“ آهن. هو هن نئين ديس ۾ نه فقط خوش گذارين ٿا، پر پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجهه حصو پنهنجن ملڪن ڏي، پنهنجن مائٽن کي به موڪلين ٿا. آمريڪا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي اصلي باشندن جو جيڪو هڪ ننڍڙو انگ آهي، اهو ورلي ڪو نظر اچي ٿو ۽ اهي پنهنجي پنهنجي حيثيت ۽ قابليت موجب خوش آهن. سڪون ۾ آهن. هنن مان ڪنهن سان به اهي ظلم ستم نٿا ٿين، جيڪي اسان جي ديس جي اصلي باشندن باگڙي ۽ ڀيلن سان ٿين ٿا. هنن جو ڪو به "منو ڀيل" ڪنهن شهر جي پريس ڪلب اڳيان سالن کان انصاف لاءِ پريشان نظر نٿو اچي.

نيو جرسي رياست جي جنهن ننڍڙي ڳوٺڙي Avenal ۾ آئون رهان ٿو، اتي جا مسلمان، شاپنگ ايريا جي هڪ هوٽل شيزان ۾ جماعت سان نماز پڙهن ٿا يا ٿورو پري هڪ عرب طرفان ٺهيل مسجد ۾ وڃن ٿا. پر هاڻ سال اندر هنن جي پنهنجي مسجد تيار ٿي ويندي ۽ ڪين شيزان هوٽل جي بئنڪٽ هال ۾ نماز پڙهڻي نه پوندي، جيڪو نمازين جي تعداد وڌڻ ڪري سوڙهو ٿو لڳي. ان نئين مسجد بابت لکي چڪو آهيان ته هتي جي مسلمانن چندا گڏ ڪري مسجد لاءِ زمينورتي آهي، جنهن تي دراصل عيسائين جو هڪ پراڻو گرجا گهر (Church) هو. هتي چرچ ماڻهن جي ذاتي ملڪيت ٿين جيڪي انهن جا مالڪ وڪڻي سگهن ٿا. ان گرجا گهر کي هاڻ ڊاهي ان تي مسجد جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. اوسي پاسي ۾ رهندڙعيسائين توڙي يهودين ڪو گار گند نه ڪيو ڪو اعتراض نه ڪيو. هر هڪ کي خبر آهي ته هتي رهندڙ مسلمان هر ڪم قانون جي دائري اندر ڪري رهيا آهن ۽ انهن مسلمانن ۾ پاڪستان جا پنجابي به آهن ته انڊيا جا گجراتي ۽ تامل مسلمان به، پناڻ به آهن ته اسان جي ڪراچي جا اڙدو ڳالهائڻ وارا ۽ سنڌي به. سڀ پيار محبت ۾ هلن پيا ۽ ڪو آسمان نٿو ڪري. ڪٿي به اسلام کي خطرو نظر نٿو اچي، جنهن جو ڊپ اسان وٽ هر ڳالهه ۾ محسوس ڪيو وڃي ٿو بلڪ ڪرايو وڃي ٿو. نماز کان اڳ يا نماز پڙهي ٻاهر نڪرڻ وقت، پاڪار پارڪنگ ۾ نديم جوڻيجو سان ته هر وقت ملاقات ٿيندي آهي جو جنهن "حبيب آمريڪن بئنڪ جو هو مئنيجر آهي، اها پر ۾ ئي آهي. ڪڏهن ڪڏهن نواب شاهه جو مقبول ڏاهري يا دادو جو خالد چنا ۽ مسعود چنا به نظر ايندا آهن.

نيو جرسي ۾ جتي آئون رهان ٿو ان جي ويجهڙائيءَ ۾ مهراڻ يونيورسٽيءَ جو گريجوئيٽ انجنيئر رميش ٿارواڻي به رهي ٿو. هو نوڪريءَ کان علاوه ماڻهن جا ڪم ڪرڻ ۾ مشغول رهي ٿو. سندس، سنڌي هندن کان وڌيڪ مسلمانن جي مدد ڪرڻ ۾ وقت گذري ٿو. هفتي ۾ هڪ دفعو نيو جرسي جي واسواڻي سينٽر ۾ ويندو آهي ته مون کي به وٺي هلندو آهي يا مون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

لاءِ اتان ڪتاب ۽ رسالا ڪٺي ايندو آهي. مختلف مندرن ۽ آمريڪا جي هندو سوسائٽين طرفان ٿيندڙ فنڪشنن بابت مون کي بـ ٻڌائيندو آهي. اڳ ۾ اهڙين فنڪشنن، دعوتن ۽ گڏجاڻين لاءِ سڪبو هو ۽ پنهنجو وطن ياد ايندو هو. اج پنهنجي وطن کان وڌيڪ هتي پرديس ۾ خوشين جا جشن ٿين ٿا ۽ بيحد سهڻي نموني سان ٿين ٿا نـ رڳو هندو سکن ۽ يهودين جا پر مسلمانن جا پڻ. ڪنهن بـ فنڪشن ۾ بم نٿو ڦاٽي، ڪنهن بـ گڏجاڻيءَ ۾ پوليس جي لٺ بازي نٿي ٿئي. ڪنهن بـ جشن کي سياسي طرح سبوتاز نٿو ڪيو وڃي. اهو ڪو هفتو نٿو گذري، جنهن ۾ اسان ديسين جو ڪو جشن، ڪا گڏجاڻي، ڪو مذهبي، سماجي يا ثقافتي ڪاج نٿو ٿئي.

گذريل هفتي ورجينيا ۾ منهاج القرآن ڪميٽيءَ جي اهتمام هيٺ عيد ميلاد النبي جو جشن ٿيو جنهن ۾ پاڪستان ۽ هندستان جي شاگردن ۽ شاگردياڻين قرآن پاڪ ۽ نعت رسول پيش ڪيو. ”منهاج القران ڪئناڊا“ جو ڊائريڪٽر علاما صادق قريشي خاص مهمان هو. هتي جي دوستن ٻڌايوتـ هي جشن هتي هر سال ملهايو ويجي ٿو. هن دفعي روٽ ون تي “Best Western” هوٽل ۾ رچايو ويو جنهن جي هالن کي بئنرن ۽ رنگا رنگ جهنڊين سان سجايو ويو هو. چيف گيسٽ جي تقريرن کان علاوه ڊاڪٽرعلامہ ظفر اقبال نوري ۽ ميان عبدالرشيد بـ تقرير ڪئي. وچ ۾ سانجهي ۽ سومهڻي جي نماز اتيئي پڙهائي ويئي، جنهن بعد پاڪستاني ماني جو بندوبست ڪيو ويو جيڪو منهاج القرآن ايڊيوڪيشنل ۽ ڪلچرل اڪيڊمي ورجينا جي جنرل سيڪريٽري ۽ مشهور نعت خوان محمد تنوير چشتي جي چوڻ موجب ان جي رڌ پچاءَ جو بندوبست ڪجهہ هتي جي ديسي هوٽل تان ۽ ڪجهہ گهرن ۾ ڪيو ويو.

مهمان خصوصي سان گڏ عثمان خان نوري، الحاج نور محمد جرال، ميان عبدالرشيد ۽ خرم يوسف زئي سان پڻ ملاقات ٿي، جيڪي هاڻ آمريڪا جا شهري آهن ۽ هو آمريڪا ۾ رهندڙ مسلمان جي نوجوان ٽهيءَ کي ديني تعليم ڏيڻ ۾ سرگردان آهن ۽ هن قسم جي ڪانفرنس ڪرائيندا رهن ٿا.

هنن ٽي ڏينهن ۾ بروڪلن (نيويارڪ) جي ڪوني ائيليند ايونيو تي ”مدينا ريسٽورنٽ“ نالي هڪ نئين هوٽل جو افتتاح ٿيو. هن علائقي (ڪوني آئيليند ايوينيو) کي ننڍڙو پاڪستان (Little Pakistan) بـ سڏيو وڃي ٿو جيئن سنگاپور جي سرنگون روڊ تي انڊين

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

دڪانن ۽ هوٽلن جي ميجارٽي هجڻ ڪري ان علائقي کي (Little India) سڏيو ويجي ٿو.

هن پاسي ڪنهن ديسيءَ جو هوٽل، دڪان يا اسٽور کلندو آهي تہ هتان نڪرندڙ اڙدو اخبارن ۾ ان بابت خبر ۽ اشتهار پڙ ايندو آهي. اشتهار ۾ ان هوٽل يا دڪان جي تصوير هوندي آهي يا وري ان اهم شخصيت جي ربن ڪپيندي تصوير ايندي آهي، جيڪو افتتاح ڪندو آهي. تصويرجي مٿان يا تصوير تي "ماشا الله" هاذا فضل من ربي" يا وري "يہ سب تمهارا ڪرم هي آقا" ضرور لکيل هوندو آهي. هڪ تہ ان خيال کان بہ تہ آمريڪا ۾ رهندڙ مسلمانن کي احساس ٿئي تہ هيءَ هوٽل ڪنهن مسلمان کولي آهي ۽ هن ۾ هر شيءِ حلال ملي ٿي، جيئن ٿائيلينڊ جي ڏکڻ وارن شهرن پٽاني، سونگڪلا، حاديا وغيره ۾ گاڏن تي ڪاڏو رکي وڪڻن وارا مسلمان پنهنجي گاڏي مٿان، بسم الله الرحمان الرحيم" پينٽ ڪرائي چڏين يا ان عبارت جو فوٽو فريم ڪرائي هٽي چڏين، جيئن پاڙيواري ملڪ ملائيشيا کان آيل مسلمان ٽوئرسٽ سمجهي وجن تہ هتي حلال شيءِ وڪامي ٿي. هونءَ آمريڪا توڙي يورپ ۾ اهي هوٽلون جتي نان، چپاتي، پوريون، برياني ۽ ٻوڙ ملن ٿا، انڊين هوٽلون سڏيون وجن ٿيون، پوءِ اهي چاهي ڪنهن بنگلاديشيءَ جون هجن يا پاڪستاني مسلمان جون. ان معاملي ۾ هڪ پاڪستاني پنهنجي هوٽل جي ٻاهران پاڪستاني هوٽل لڪرائيندي ڪيٻائيندو جو هن کي خبر آهي تہ هتي جا کائڻ جا شوقين گورا "انڊين" کاڏي يا هوٽل جو پڇائين ٿا ۽ هتي اهو "انڊين" لفظ پاڪستاني، ڪشميري ۽ اتر انڊيا جي کاڌن لاءِ استعمال ٿئي ٿو. ڪيترا يورپي ۽ آمريڪي ٽوئرسٽ ملائيشيا ۽ سنگاپور جي انڊين هوٽلن جو کاڌو ڏسي مايوس ٿي ويندا آهن جو انهن ملڪن ۾ ڏکڻ هندستان جا تامل، مليالم، ملباري، تيلگو ۽ ڪانڊا ٻوليون ڳالهائيندڙ رهن ٿا ۽ انهن جي اڊلي ڊوسا ۽ مرچن وارن ٻوڙن لاءِ انگريز ۽ يورپين جو ٽيسٽ اڃان Develop نہ ٿيو آهي. هو اڦراٽا، نان، برياني ۽ پاڻ وارا بصر تي رڌل گهٽ مرچن وارا ٻوڙ پسند ڪن ٿا.

نيو يارڪ جي هن مدينا ريسٽورنٽ جي خبر اشتهار جي شڪل ۾ اڙدو اخبارن ۾ هن ريت آئي آهي:

"ڪوني آئيلينڊ ايوينيو" بروڪلن (نيويارڪ) جيڪو "لٽل پاڪستان" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو ان تي "مدينا ريسٽورنٽ ائينڊ سوئيٽس" جي نالي سان هڪ نئين ريسٽورنٽ جو واڌارو ٿيو آهي. 563 ڪوني آئيلينڊ ايونيو بروڪلن تي موجود هن هوٽل جو عظيم

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

افتتاح جمع جي ڏينهن ٿيو. ڪراچي جي سئنيمائن ۾ نئين چڙهندڙ فلم وانگر هتي جي هوٽل يا دڪان وغيره جو افتتاح به ڪنهن ”مبارڪ جمع“ تي ٿيندو آهي. اهو ان ڪري به جو جمع ڏينهن شام کان هتي موڪل شروع ٿئي ٿي. ۽ پورهيتن کي هفتي جو پگهار ملي ٿو. ٻي ڳالهه تہ متي ”عظيم افتتاح“ لفظ مون لکيو آهي نہ تہ هتي جي انگريزي توڙي اردو اخبار ۾ انگريزي جو لفظ ”گرينڊ اوپننگ“ ئي لکيو ويجي ٿو ۽ ڳالهائڻ ۾ اهو لفظ ڪجهہ پنجابي لهجي ۾ اچاريو ويجي ٿو.هتي جي ديسين واتان اڪثر ٻڌبو تہ ”يار ڪالهہ فلاڻي شيءِ جي گرينڊ اوپننگ تي هئي اوڏانهن دعوت کائڻ ويو هوس.“ خبر ۾ اڳتي لکيل آهي تہ:

”پاڪستاني آمريڪين ڪميونٽي جي معروف سماجي و سياسي شخصيت ۽ ڪشمير USA جي ڊائريڪٽر ڪئپٽن خالد شاهين بٽ پمدينا ريسٽورنٽ جي گرينڊ اوپننگ ڪئي. هن تقريب ۾ پاڪستاني آمريڪن ڪميونٽي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ اهم ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. مدينا ريسٽورنٽ خالص کاڌن جي ذائقي ۽ لذت جي حوالي سان پنهنجو مثال پاڻ آهي، جتي سئو سيڪڙو حلال گوشت کان علاوه صحت جي اصولن کي بہ ڌيان ۾ رکيو ويجي ٿو.“

اهو هڪڙو خاص format هتي جي ڪلندڙ هوٽلن جي اشتهار جو آهي. باقي رهيو سوال صحت جي اصولن کي ڌيان ۾ رکڻ جو سو خبر ناهي خدا جو خوف آهي يا هتي جي صحت کاتي جو موچڙو آهي. جتي بہ هن قسم جا سرڪاري کاتا سخت آهن، ڪنهن جي سفارش ۽ رشوت نٿي هلي. اتي ڪڏهن بہ پاروٽي ۾ Un hygienic شيءِ گراهڪن کي کارائي بيمار نٿو ڪيو ويجي. پوءِ اهو ملڪ ڪٿي آمريڪا هجي، يورپ جو سئيڊن ۽ جرمني هجي يا ايشيا جو ملائيشيا ۽ سنگاپور. هتي تڏهن تہ ملائيشيا ويندڙن کي آئون هر وقت اها ئي نصيحت ڪندو آهيان تہ ڪنهن وڏي هوٽل ۾ ماني کائي اجايو پئسو ضايع ڪرڻ کان ڪنهن گاڏي واري کان ئي ماني وٺي کائيندا ڪريو. ڳالهہ ساڳي آهي جو ملائيشيا جو صحت کاتو ۽ پوليس کاتو ايڏو سخت آهي جو ٿائيلينڊ جي بارڊر کان وٺي سنگاپور تائين ملائيشيا جي هر شهر، هر ڳوٺ ۾ توهان کي ڪٿي بہ کاڌي ۾ ملاوٽ نظر نہ ايندي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## اهڙي ئي ڪهاڻي اسان جي ماڻهن جي آهي...

ڊاڪٽر منور عباسيءَ جي گهر، بالٽيمور ۾، اخبار پڙهي رهيو هوس ته دادوءَ جو غلام مصطفيٰ پلھ پاڻ لاءِ ۽ مون لاءِ چانھ ڪٺي آيو. ”ڪهڙي خبر پيا پڙهو“ غلام مصطفيٰ چانھ جا ڪوپ ٽيبل تي رکي مون کان پڇيو. سکر جو عرفان جماڻي ۽ آئون واشنگٽن کان بالٽيمور (ميري لئنڊ) ڊاڪٽر منور سان ملڻ آيا هئاسين. ڊاڪٽر منور جي گهر واري ياسمين ۽ ٻار ڳوٺ ويل هئا سو اسان ۽ پير واري شهر اناپولس کان آيل پلھ صاحب ۽ PTV جو مشهور ڊراما آرٽسٽ نسيم رات منور وٽ ٽڪي پياسين. صبح جو سڀ کان اڳ آئون اٿي اخبار کڻي پڙهڻ لڳس ته اٿي پلھ صاحب چانھ ٺاهي اچي منهنجي سامهون ويٺو.

”يار فلوريڊا رياست جي پام بيچ ضلعي (ڪائونٽي) ۾ ڦُر ٿي آهي، ان جي خبر پيو پڙهان.“

”ڪنهن گئاٽامالا جي همراھ جي ڦُر ٿي هوندي“ پلھ يڪدم وراڻيو.

”هائو. صحيح ٿو چوين پر تو ڪيئن سمجهيو ته اهو همراھ گئاٽا مالا (Guatamala) جو هوندو.؟“ مون حيرت مان پڇيو.

غلام مصطفيٰ پلھ ٻڌايو ته آمريڪا جي ڏاکڻي رياست فلوريڊا ۾، وچ آمريڪا جي پروارن غريب ملڪن جا ڪيترائي غير قانوني Immigrant رهن ٿا خاص ڪري گئٽاٽامالا جا، جيڪي ڪيوبا، هئتي، هانڊرس جهڙن ملڪن جي غريب ۽ بيروزگار ماڻهن وانگر خليج ميڪسيڪو وارو سمنڊ ٻيڙين ذريعي ٽپي رات جي اونداهيءَ ۾ ميامي بيچ تي پهچيو وڃن. جتان پوءِ هن ويجهي ڪائونٽي (ضلعي) پام بيچ ۾ رهائش اختيار ڪن ٿا. هو لڪ چوريءَ دڪانن ۽ ڪارخانن ۾ گهٽ پگهار تي ڪم ڪندا رهن ٿا. هتي جا ڪارخانيدار ۽ سيٺيون بہ خوش آهن تہ هنن کي گهٽ پگهار تي چئيوان ۽ پورهيت مزدور مليو وڃن، جو ظاهر آهي تہ هتي جي مڪاني مزدورن جا ڏهہ نخرا آهن. هو ميڊيڪل ۽ سوشل سهوليت کان علاوه بہ هزار ڊالر گهٽ ۾ گهٽ ماهانو پگهار گهرن ٿا. غير قانوني رهيل ماڻهو هر وقت ڊپ ۾ رهن ٿا تہ شڪايت ڪرڻ تي ماڳهين کين پنهنجي ملڪ موٽايو ويندو يا جيل ۾ وڌو ويندو. ان ڪري هو بنا ڪنهن فالتو سهوليت جي اڌ پگهار تي ڪم ڪرڻ ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

راضي رهن ٿا. ساڳي وقت ڪيوبا، هائٽي ۽ خاص ڪري گئاٽا مالا جهڙي سخت بدحال ۽ غريب ملڪ جا لڪ چپ ۾ آمريڪا آيل پورهيت ان ۾ به خوش آهن ته هتي ڪجهه نه ڪجهه پگهار مليو وڃي، پنهنجي وطن ۾ بک مرڻ کان هتي جو پورهيو بهتر آهي.

”پر ڪافي سالن کان پام بيچ پاسي هنن غير قانوني آيل مزدورن (Immigrants) جون گهرن مان توڙي رستي هلندي ڦرون عام ٿي پيون آهن.“ غلام مصطفيٰ پلهه ٻڌايو. ”هو ان ڦر يا چوريءَ جي دانهن پوليس کي به نٿا ڏين جو هنن وٽ هن ملڪ ۾ رهائش جا قانوني ڪاغذ پٽ نه هجڻ ڪري ماڳهين پاڻ ٿا ڦاسن.“

اخبار ۾ لکيل هو ته آمريڪا ۾ گئاٽامالا جا رهندڙ غير قانوني ماڻهو پنهنجا پئسا يا ان مان ورتل سونيون زنجيريون (Chains) پنهنجن بوٽن ۾ يا ڪڇن (Under wears) ۾ لڪائي هلن ٿا. هنن جو بئنڪن تي ڀروسو ناهي، ڇو جو بئنڪ ۾ اڪائونٽ کولڻ لاءِ آمريڪا جو شناختي ڪارڊ، سوشل ڪارڊ يا پاسپورٽ جهڙي شيءِ ڏيکارڻي پوي ٿي، جيڪا هنن وٽ ناهي ۽ جيڪڏهن ڪا بئنڪ کين اڪائونٽ کولڻ جي موڪل به ڏئي ٿي ته هو ان ۾ پئسا رکڻ کان ان ڪري به ڪيٻائين ٿا جو خبر ناهي ڪنهن وقت ڪنهن هنڌ سندن چڪاس ٿي پوي ۽ هنن کي ان ئي مهل سندن ملڪ Deport ڪيو وڃي ۽ پئسا پنيان بئنڪ ۾ رهجي وڃن.

هن واردات ۾ ويلاس نالي هڪ گئاٽامالا جو غير قانوني رهائش پذير همراهه پنهنجي دوست سان گڏ ڪنهن سيڌي جي دڪان مان نڪري رهيو هو ته ڪو غنڊو کيس منهن ۾ ٺونشو هڻي سندس 400 ڊالرن جو سونو ڪنگڻ کسي ويو. اخبار ۾ وڌيڪ لکيل هو ته هن قسم جون ڦرون اڪثر جمع ڏينهن شام جو ٿين ٿيون جو هتي مزدور يا پورهيت کي هفتي جي پورهئي يا نوڪري جو اجورو جمع ڏينهن ملي ٿو. ويلاس نالي 25 سالن جو مٿيون همراهه ڇهه سال اڳ آمريڪا آيو هو ۽ ڪنهن عمارت تي هلندڙ ڪم تي هيلپر ٿي ڪم ڪيائين ٿي. هُن هِن ڦُر جي پوليس ۾ رپورٽ ضرور ڪئي پر پوءِ پاڻ ئي لِڪي ويو ته متان ٿاڻي تي يا ڪورٽ سڳوريءَ ۾ وڌيڪ پڇا ڳاڇا تي ماڳهين کيس غير قانوني رهائش جي ڏوهه ۾ سزا نه ملي وڃي.

غلام مصطفيٰ پلهه ٻڌايو ته چورين جو هي سلسلو گذريل ڏهن ٻارهن سالن کان جاري آهي. پوليس ڪافي ڪوشش ۾ رهي ٿي ته فريادين جو هن ۾ ڀروسو پيدا ٿئي، جيئن هو ٿاڻي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تي رپورٽ ڪرائي ۽ جوابدار کي سوگهو ڪرائڻ ۾ مدد ملي. ڇو جو ڏوهن جو خاتمو آڻڻ لاءِ هڪ اهو ئي طريقو آهي. يا بقول هتي جي پوليس جي، فيڊرل حڪومت کي وڏيڪ سخت قدم کڻي غير قانوني اينڊڙ ماڻهن کي آمريڪا ۾ گهڙڻ کان روڪيو وڃي. ڇو جو اهو ڪم مڪاني پوليس جو نہ آهي. مڪاني پوليس ڪا اميگريشن ناهي جو هر شهريءَ جو پاسپورٽ چيڪ ڪندي وتي. اها تہ فقط ان وقت وٺ پڪڙ ڪري سگهي ٿي جڏهن ڪا واردات دربيش اچي. ڪو ڏوهاري فرياد ڪٽي اچي. هن اخبار جي نمائندي موجب غير قانوني رهندڙ ماڻهن جي ڦر ۾ ڪڏهن ڪڏهن قانون نافذ ڪرڻ وارن جو پڻ هٿ رهي ٿو. سال بہ اڳ هڪ ان قسم جي ڦر ۾ علائقي جو پوليس آفيسر ۽ ڪائونٽي شئرف جي آفيس جو هڪ سپاهي Involve هئو جنهن فارم هائوس تي ڪم ڪندڙ گئاٽا مالا جي ماڻهن جي چوري ڪئي هئي.

فلوريڊا رياست جي پام بيچ ڪائونٽي جي، سرڪاري انگ اکرن موجب، آدمشماري 12 لک آهي، جنهن ۾ 18 هزار ڪن گئاٽامالا جا باشندا، 8 هزار هونڊرس جا، 3 هزار نڪراگئا جا ۽ 3 هزار ايلسلوردور جا ماڻهو رهن ٿا پر اخبار جي خانگي سروي مطابق انهن ملڪن جي ماڻهن جو انگ ان کان ٽيڻو چوڻو آهي پر جيئن تہ اهي هِتي آمريڪا ۾ غير قانوني طور رهيل آهن ان ڪري ملڪ جي آدم شماريءَ ۾ پنهنجي ڳڻپ نٿا ڪرائين.

جاگرافي کان اڻ واقف پڙهندڙن لاءِ هتي بہ ٿي ستون وچ آمريڪا (Central America) جي ملڪن بابت لکڻ ضروري ٿو سمجهان. آفريڪا، ايشيا ۽ يورپ وانگر ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ٻئي پاسي بہ بہ وڏا کنڊ آهن. هڪ دنيا جي اتر اڌ گول ۾ جيڪو ”اتر آمريڪا“ ٿو سڏجي ۽ ٻيوڏکڻ اڌ گول ۾ ”ڏکڻ آمريڪا“ آهي. اتر آمريڪا ۾ بہ وڏا ملڪ ڪئناڊا ۽ USA آهن ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ برازيل، ڪولمبيا، وينزويلا، ارجنٽائنا، پيرو ۽ چلي اچي وڃن ٿا. انهن ملڪن ۾ يورپ کان اسپين ۽ پورچوگال جا ماڻهو پهرين آيا ان ڪري سڄي ڏکڻ آمريڪا ۽ او سي پاسي جي ٻيٽن تي هيسپانوي ۽ پورچوگالي زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون. اهي ٻئي زبانون هڪ ٻئي سان ايترو ملن ٿيون جيترو پنجابي ۽ سرائڪي. بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ.

ڏکڻ آمريڪا ۽ اتر آمريڪا کنڊ الڳ ٿلڳ نہ آهن. انهن کي زمين جي هڪ سنهي پٽي ملائي ٿي، جنهن ۾ ميڪسيڪو گئاٽا مالا، هونڊرس، ايلسلودور نڪراگئا، ڪاسٽ ريڪا ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پاناما جهڙا ملڪ آهن. سڀ ۾ سنهو ملڪ پاناما آهي ۽ اهو سنهو ملڪ هڪ هنڌ تي ايترو تہ سنهو آهي جو اتي زمين کوٽي پاناما ڪئنال کوٽيو ويو آهي، جنهن جي هڪ پاسي ائٽلانٽڪ سمنڊ آهي تہ ٻئي پاسي پئسفڪ سمنڊ. ڪڏهن ڪڏهن اسان کي نيويارڪ کان لاس اينجلس جهاز کي وٺي وڃڻو هوندو آهي تہ سڄي ڏکڻ آمريڪا جو ڦيرو ڪرڻ بدران پاناما ڪئنال مان لنگهي پئسفڪ سمنڊ ۾ پهچي ويندا آهيون. پاناما ڪئنال ڪري اسان جا گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ ٻارهن ڏينهن هڪ طرف بچي ويندا آهن تہ لکها روپين جو تيل، ٻئي طرف بچندو آهي، ڇو جو هڪ ويهہ هزار ٽنن جو جهاز بہ چوويهہ ڪلاڪن ۾ ٽيهارو ڪن ٽن تيل جا روز ساڙي ٿو.

سينٽرل آمريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن جو حال پورو سارو آهي. بدامني، بيروزگاري ۽ بدحالي ڪري اتي جو هر هڪ ماڻهو پنهنجو ملڪ ڇڏي آمريڪا ۽ ڪئناڊا اچڻ چاهي ٿو. لک چوريءَ ٻيڙين ذريعي اچڻ ۾ ڪيترن جو سمنڊ ۾ موت ٿيو وڃي. ٻيا آمريڪا جي ڪناري تي پهچڻ تي پوليس ۽ اميگريشن جي ور چڙهيو وڃن ۽ سالن جا سال جيلن ۾ سڙندا رهن ٿا. باقي چند خوش نصيب ساموندي چولين ۽ پوليس سيڪيورٽي کان بچي وڃڻ بعد هر وقت خوف جي زندگي گذارين ٿا. هو لک چوريءَ گهٽ اجوري تي نوڪريون ۽ پورهيا ڪن ٿا. بکون ڪاٽي پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ٻچن ٻارن لاءِ چار ڏوڪڙ جيڪي بچائين ٿا، اهي بہ ڪڏهن ڪڏهن ڦورو ۽ چور ڪانئن کسيو وڃن. ڪيڏي تہ ڏک ڀري ڪهاڻي آهي ۽ اهڙي ئي ڪهاڻي اسان جي ملڪ جي ماڻهن جي آهي، جيڪي غير قانوني طرح يورپ ۽ انگلينڊ توڙي عربستان مسقط، ابوڈابي، ڪويت ۽ دبئي ۾ رهيا پيا آهن.

# Better to be safe than sorry

هتي (آمريڪا ۾) امن امان آهي، پوليس سخت آهي، چور جي وٺ پڪڙ لاءِ حڪومت وڏو خرچ ۽ بندوبست ٿي ڪري، جيئن ڏوهاريءَ کي سزا ملڻ يقيني ٿي وڃي. سفارش تي ڪو مجرم معافي نٿو حاصل ڪري سگهي، ملڪ جي C.I.D ۽ انٽيليجنس ڏوهه جي پاڙ تائين وڃيو پهچي ۽ ڏوهارين کي عبرتناڪ سزائون ڏيئي پيغام عام ٿي ڪري جيئن هر هڪ غير قانوني ڪم کان گريز ڪري بلڪ ان بابت سوچي به نه. پر ان جو مطلب اهو هرگز ناهي ته آمريڪا ۾ ڪو ڏوهه ڪو نه ٿو ٿئي ۽ هر وقت سک ۽ شانتي جي فضا ڇانيل آهي. هيڏي سختي هوندي به آمريڪا ڏوهن جي دنيا کان مشهور اهي. بقول هڪ عالم ڊاڪٽر ڏاڪرنائڪ جي، ان جو وڏو سبب شراب نوشي آهي. اڄ جو پڙهيل ڳڙهيل گورو انگريز يورپي يا آمريڪن به مڃي ٿو ته شراب جسماني بيمارين سان گڏ اخلاقي بيمارين کي به جنم ڏئي ٿو. سوشل جي پئسي تي پلجندڙ هڪ بيروزگار هتي جو ڪارو (شيدي) ٺري جي بوتل چاڙهي، جڏهن هو هوش وڃائي ويهي ٿو ته پوءِ هن کي ڪنهن جي به پرواهه نٿي ٿئي. يا نشي جي ٻاڙ ڪٽڻ تي هن وٽ جڏهن کيسي ۾ پئسو ناهي ته هو عورتن کان پرس به ڦرائي ٿو گاڏيءَ جا شيشا ڀڃي ان جي ڊئش بورڊ جي به ڇڪاس وٺي ٿو ته ڪنهن بئنڪ يا پيٽرول پمپ جي به ڦُر ڪري ٿو. ڪيترا ته جنسي مريض يا خطرناڪ پاڳل، عادت کان مجبور ٿي، يا پهلواني ڏيکارڻ لاءِ ڦر ڪن ٿا، عورتن کي اغوا ڪن ٿا، جنسي بي حرمتي ڪن ٿا ۽ پنهنجي شڪار کي ماريو به ڇڏين. ان ڪري هن ملڪ ۾ پوليس جي سختي ۽ امن امان جي حالت بهتر هوندي به هڪ عام ماڻهو خاص ڪري ڌارئين آيل کي، ممڪن وارداتن کان آگاهه ڪيو وڃي ٿو. آئون پنهنجن شروع جي آمريڪي سفرنامن ۾ به لکي چڪو آهيان ته ڪيئن اسان جو جهاز آمريڪا جي ڪنهن به بندرگاهه ۾ پهچڻ سان مڪاني آفيس وارا اسان کي خبردار ڪندا هئا ته ان بندرگاهه جي هنن هنن علائقن ۾ رات جي وقت اڪيلا نه وڃجو. ۽ ڪن شهرن ۾ ته ڏينهن جي وقت به اڪيلي گهمڻ کان جهليووييو ٿي. اهو 1968ع ۽ 1969ع جو زمانو هو. اڄ چاليهن سالن بعد به ماڻهن کي، خاص ڪري عورتن کي خبردار ڪيو وڃي ٿو ته هي هي ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. جن کي ڌيان ۾ رکي هر وقت پنهنجي بچاءَ جو سوچيو. هونءَ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بہ خبردار رهڻ ۾ ڪا خرابي ناهي. بقول هڪ Email جي:

"It never hurts to be careful in this crazy world we live in."

هي اي ميل هڪ آمريڪن عورت جنهن تنهن کي ڪيو آهي. خاص ڪري عورتن کي، جيئن هو سڪون سان سندس لکيل هيٺين ڏهن نقطن تي غور ويچارڪن جيئن ايمرجنسي کي هو بهتر طريقي سان منهن ڏيئي سگهن. "۽ جيڪڏهن توهان مرد آهيو" هن پنهنجي خط ۾ لکيو آهي، "تہ هي توهان پنهنجين زالن، ڀينرن، مائرن کي پڙهايو ۽ پنهنجي ڄاڻ سڃاڻ وارن کي پڙهايو جيئن هنن کي ڌيان ۾ رهي تہ هيءَ دنيا جنهن ۾ اسين رهون ٿا ان ۾ ڀاڳلن جي بہ کوٽ ناهي ۽ پوءِ افسوس جا هٿ ملڻا پون ان کان بهتر آهي تہ محتاط رهجي ۽ پنهنجي بچاءَ جا اپاءَ وٺجن."

1ـ انسان جي جسم جو طاقتور عضوو ٺونٺ آهي. پنهنجي بچاءُ لاءِ ڪنهن کي ڌڪ هڻڻ چاهيو ٿا ۽ توهان ٺونٺ جو استعمال ڪري سگهو ٿا تہ ضرور ڪريو.

2ـ نيو اورلينس جي هڪ ٽوئرسٽ گائيڊ کان هيءَ ڳالهہ معلوم ٿي آهي تہ جيڪڏهن ڪو ڦورو توهان کان توهان جو ٻٽون يا هٿ ۾ جهليل ٿيلهو يا بئگ گهري تہ هن کي هٿو هٿ ڏيڻ بدران پري اڇلي ڏجيس. ٿي سگهي ٿو هن جي دلچسپي جو مرڪز توهان نہ پر توهان جو ٻٽون يا پرس هجي ۽ هو جيئن ئي اهو کڻڻ لاءِ وڃي، توهان ٻئي پاسي جيترو تکو ڊوڙي سگهو، ڀڄي وڃو.

3ـ ڪو توهان کي ڪار جي ڊڪي (Trunk) ۾ وجهي کڻيو پيو وڃي تہ پٺين بتين (Tail Lights) کي ٽڏا هٽي ڪڍي ڇڏيو ۽ پوءِ ان مان پنهنجي ٻانهن ڪڍي لوڏيندا رهو. ڪار هلائڻ وارو ڊاڙيل توهان جي اها حرڪت ڏسي نہ سگهندو پر توهان جي ڪار جي پٺيان ايندڙ هر هڪ توهان جي هٿ لوڏڻ کي ڏسي وٺندو. ان طريقي سان ڪيترن اغوا ٿيندڙن جي جان بچي ويئي آهي.

4ـ عورتن جي اها عادت آهي تہ خريداريءَ بعد يا پنهنجي آفيس مان موٽڻ تي ڪار ۾ ويهي ڪجهہ دير ڊئش بورڊ مان سامان ڪڍي پيون ٺاهينديون. چيڪ بڪ ڪڍي اهو پيون لکنديون يا خريداريءَ لاءِ لسٽ پيون ٺاهينديون.

ائين هرگز نہ ڪريو. توهان کي يا توهان جي ڪار کي کڻڻ وارو توهان تي نظر رکيو ويٺو آهي ۽ هن لاءِ سڀ کان بهترين موقعو ۽ گهڙي اها آهي. هو پئسينجر سيٽ واري پاسي کان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

توهان جي ڪار ۾ گهڙي، توهان جي مٿي تي پستول رکي توهان کي پنهنجي مرضي واري جاءِ تي وٺي هلڻ لاءِ چوندو. ان ڪري سياڻن جو چوڻ آهي تہ ڪار ۾ وهڻ بعد دروازا يڪدم لاڪ ڪجن ۽ ڪار اسٽارٽ ڪري روانو ٿي وڃجي.

5۔ جيڪڏهن ڪار ۾ ڪو موجود آهي ۽ توهان جي مٿي تي شاٽ گن رکي توهان کي هلڻ لاءِ چوي ٿو تہ انجڻ بند ڪري ٻيهي نہ رهو. ان جي بدران پنهنجي ڪار کي اڃا بہ تکي رفتار ڏيئي ڪنهن وڻ، پٽ يا ٿنڀي سان پنهنجي ڪار ٽڪرايو. ڪار ۾ موجود ايئر بئگن ڪري توهان جو تہ بچاءُ ٿي ويندو پر پٺين سيٽ تي ويٺل بندوق واري کي چڱا ڌڪ لڳي ويندا ۽ ماٺهو گڏ ٿي ويندا. (ياد رهي تہ آمريڪا ۾ تقريباً سڀني ڪارن ۾ Air Bags ٿين ٿيون. ڪار جو ٽڪر (Impact) ٿيڻ تي اهي هڪدم هوا سان پرجيو وڃن ۽ اڳين سيٽن تي ويٺلن جي اڳيان وهاڻي (Cushion) جو ڪم ڏيئي بچائين ٿيون. بهرحال ڪار جي Crash ٿيڻ تي ٻاهر نڪري ڀڄي وڃجي. ڪار کي نقصان ضرور رسندو جيڪو انشورنس ڪمپني بہ پوري سگهي ٿي. بهرحال اهو نقصان بهتر آهي، ان کان جو ٻن ڏينهن کان پوءِ توهان جو لاش ڪنهن ڍورانهين هنڌ تان ملي.

ياد رهي تہ هتي آمريڪا ۾ اهڙا واقعا عام آهن، جن ۾ وحشي صفت انسان عورتن سان جنسي ڏاڍائيءَ بعد سندن لاش

شهر کان ٻاهر ڪنهن گند جي ڍير تي يا گٽر ۾ اڇلايو ڇڏين.

6۔ ڪجهہ نقطا ڪار پارڪنگ يا گئراج ۾ بيهاريل پنهنجي ڪار ۾ وهڻ بابت:

* ڪار ۾ وهڻ وقت خبردار رهو. ڪار جو دروازو کولي وهڻ کان اڳ چوڌاري نظر ڊوڙايو. ڪار ۾ اندر ڏسو پئسينجر سيٽ ۽ پوئين سيٽ واري فرش کي جانچيو تہ ڪو توهان جي انتظار ۾ لڪل تہ نہ آهي.

* جيڪڏهن توهان جي ڪار جي پر ۾ ڪنهن ٽرڪ يا ٽرالر اچي پارڪ ڪيو آهي تہ توهان ان پاسي کان ڪار ۾ وهڻ بدران پئسينجر سيٽ واري پاسي کان سوار ٿيو. ڪيترا عورتن کي اغوا ڪندڙ پنهنجي وڏي ٽرڪ هن جي ڪار جي پرسان اچي بيهارين ٿا. پوءِ جيئن ئي هوءَ شاپنگ ڪري هڪ هٿ ۾ سامان ۽ ٻئي هٿ سان پنهنجي ڪار جو دروازو کولڻ جي ڪوشش ڪري ٿي تہ ٽرڪ وارو ڪيس ٻک ۾ وجهي مٿي پنهنجي ٽرڪ ۾ ڪٽي داخل ڪري ٿو ۽ ڪلورو فارم يا ڪنهن ٻي شيءِ ذريعي هن کي هڪدم بيهوش ڪري وٺي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٿو.

* پارڪنگ ۾ موٽڻ وقت پنهنجي ڪار جي ڀنهي پاسن ڏي نظر ڪجي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو بيٺل نظر اچي ته واپس شاپنگ سينٽر ۾ موٽي وڃجي ۽ اتي جي گارڊ سان گڏ پنهنجي ڪار ڏي موٽجي.

* شاپنگ سينٽرن ۽ پلازائن ۾ هميشه لفٽ (Elevator) استعمال ڪجي ڏاڪڻ هرگز نه. ڇو جو ڏاڪڻ استعمال ڪرڻ وارن جي ڦر آسانيءَ سان ٿئي ٿي. خاص ڪري رات جي وقت.

* جيڪڏهن ڪو خوني توهان کي مارڻ چاهي ٿو ۽ هن جي هٿ ۾ پستول يابندوق آهي ۽ توهان هن جي ڪنٽرول کان ٻاهر آهيو يعني هن کان پري آهيو ۽ ڀجي سگهو ٿا ته هميشه ڀڄڻ جي ڪريو. "Always Run"

ڊوڙندڙ ٽارگيٽ لاءِ هڪ سئو مان فقط چار چانسون آهن جو ان کي گولي لڳي وڃي ۽ جي گولي لڳي به ٿي ته گهڻو ڪري دل جهڙي ڪنهن اهم عضوي ۾ گولي لڳڻ جون Chances تمام گهٽ آهن. ان ڪري بهتر آهي ته ڀجي جان ڇڏائجي ۽ سڌو ڊوڙڻ بدران انگڙ ونگڙ (Zig Zag) ڊوڙجي.

* عورت فطرتن نرم دل ۽ همدرد ٿئي ٿي. ڪنهن به اڻ ڄاڻ سان همدردي نه ڪريو ڇو جو اها همدردي ئي ڦر، Rape ۽ موت جو سبب بڻجي ٿي. "ٽينڊ بنڊي" نالي آمريڪا جي Serial خونيءَ عورتن جي همدردي حاصل ڪري ڪين قتل ڪيو ٿي. هو شڪل ۾ سهڻو ۽ پڙهيل ڳڙهيل لڳو ٿي. اڪيلي عورت ڏسي هن منڊڪايو ٿي ۽ هن کان سندس ڪار ۾ لفٽ ورتي ٿي يا هن کي پنهنجي ڪار ۾ وهڻ لاءِ مدد جو هٿ ورتو ٿي ۽ وهڻ بعد هن ان عورت کي به زوريءَ پنهنجي گاڏيءَ ۾ ڇڪي ورتو ٿي ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن ان عورت جي قتل جي خبر اخبارن ۾ پڙهي ويئي ٿي.

* هڪ ٻي اهم ڳالهه انهن عورتن لاءِ جيڪي گهرن ۾ اڪيليون رهن ٿيون. هڪ عورت جيڪا هيوسٽن ۾ اڪيلي رهي ٿي، تنهن ٻڌايو ته هن کي هڪ رات ڪار پورچ ۾ ننڍڙي ٻار جي روئڻ جو آواز آيو جنهن تي هن پهرين ته هڪدم دروازو کولي ڏسڻ ٿي چاهيو ته ڪير هن ٻار کي سندس گهر ۾ ڦِٽو ڪري ويو آهي پرپوءِ هن در کولڻ کان اڳ پوليس کي فون ڪيو. تنهن ڪيس خبردار ڪندي چيو: "مئڊم! جيڪي وٽنئي سو ڪجاڻ پر متان دروازو کوليو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اٿئي.“

(Do not open the Door)

هن عورت ٻڌايوتہ پوءِ ائين لڳو ڄڻ اهو روئندڙ ٻار سندس ڪمري جي دريءَ وٽان ٿيندو ٻاهر پيو وڃي. ”مون کي ڊپ لڳو تہ ڪٿي معصوم ٻار روڊ ڏي وڃڻ تي ڪنهن گاڏيءَ هيٺان اچي چيچجي نہ وڃي. پر پوليس مون کي خبردار ڪندي رهي تہ متان دروازو کوليو اٿئي. اسان جي موبائيل گاڏي پهچڻ واري آهي.“

پوليس گاڏي جي پري کان رون رون جي آواز تي ٻار هڪدم چپ ٿي ويو. بعد ۾ پوليس کان خبر پيئي تہ ڪيترا عادي قاتل اڪيلين رهندڙ عورتن کي ڏتاري ٻاهر ڪيڻ لاءِ ٻار جي روئڻ جو ٽيپ وڄائين ٿا، جيئن هو همدردي خاطر ٻاهر نڪري اچي ۽ هنن خونين جي حوس جو شڪار بڻجن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هي ڪهڙو غسل خانو آهي؟

هڪ دفعي چانهه تي، آمريڪا ۾ رهندڙ اسان جي پاڪستاني همراهن جو اچي ڪرڪيٽ ۽ هاڪي ٽيمن تي بحث ڪليو. ڪا دير پاڪستان جي مٿين قومي ٽيمن جي خاص خاص رانديگرن جي ڪوتاهين ۽ ڪمزورين جون خبرون هلنديون رهيون. ان بعد هو آمريڪا جي قومي باسڪيٽ بال (نئشنل باسڪيٽ بال ائسوسيئيشن N.B.A) ۽ فٽ بال ٽيمن (نيشنل فٽ بال ليگ N.F.L) جون ڳالهيون ڪندا رهيا ته سيد پير اهي به نه آهن. جنهن کي جتي جهٽ لڳي ٿو اتي اهو پنهنجو فائدو ڏسي ٿو. آئون واٺڙن وانگر ٻڌندو رهيس. اٽڪ مهل پنهنجي پيتارو ڪئڊٽ ڪاليج جي ساٿي حميد انور کي چيم ته آئون آهيان سو وتان آمريڪا ۾ ان جي ماڻهن جي تعريف ڪندو هتي ته لڏو ئي لٽ تي آهي. چئبو ته هن غسل خاني ۾ سڀ اگهاڙا وهنجي رهيا آهن.

گهر پهچي ٻئي ڏينهن انٽرنيٽ کوليم ته حميد انور جو هڪ دلچسپ اي ميل خط آيل هو. عنوان هوس:

N.B.A يا N.F.L؟ يعني اها ڪهڙي ٽيم آهي، جنهن جو هي حال آهي.

جنهن جي 36 ڄڻن تي پنهنجي رفيقه حيات کي تنگ ڪرڻ جو ڏوهه مڙهيل آهي.

7 ڄڻا فراڊ جي ڪيس ۾ پڪڙجي چڪا آهن.

19 ڄڻا ڪوڙا چيڪ لکڻ جا ڏوهاري آهن.

117 سڌي يا اڻ سڌي طرح گهٽ ۾ گهٽ ٻن بزنيسن ۾ ڏيوالي جو اعلان ڪري چڪا آهن.

3 ڄڻن تي زوريءَ زنا جي ڪوشش ڪرڻ جو الزام آهي.

71 ڄڻا... هڪ دفعو وري لکڻ ڏيو 71 ڄڻا ڪريڊٽ ڪارڊ حاصل ڪري نٿا سگهن جو هنن جي ڏيتي ليتي خراب ثابت ٿي چڪي آهي.

14 ڄڻا نشي سان واسطو رکندڙ ڪيس ۾ Arrest ٿي چُڪا آهن.

8 ڄڻا شاپ لفٽنگ (دڪانن مان چوري ڪندي) جهلجي چڪا آهن.

21 ڄڻن تي، هن وقت به مختلف ڪورٽن ۾ ڪيس هلي رهيا آهن.

84 ڄڻا نشي جي حالت ۾ گاڏي هلائڻ ڪري ڏنڊ ڀري چُڪا آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هاڻ توهان ٻڌايو تہ هيءَ ڪهڙي ٽيم آهي؟ ڪهڙي آرگنائيزيشن آهي؟

پلي توهان سوچيو....

پر جي توهان سمجهو ٿا تہ توهان جي سوچ کان ڳري ڳالهہ آهي، تہ پوءِ ٻڌو....

اها اسان جي 535 ميمبرن جي يونائيٽيڊ اسٽيٽس ڪانگريس آهي. (يعني آمريڪا جي نئشنل اسيمبلي) آهي. هي انهن نالائقن جو گروپ آهي، جنهن کي هن قوم پنهنجي نمائندگي خاطر چونڊيو آهي ۽ جيڪي اسان عوام کي سڌو رکڻ لاءِ هر سال سوين نوان قانون ٺاهين ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## آمريڪا ۾ جهنم بہ آهي تہ جنت بہ

* آمريڪا (USA) جي الڳ ٿلڳ رياست الاسڪا ايڏي تہ وڏي آهي جو ان جو سامونڊي ڪنارو (Coast line) باقي USA جي ڪناري جي اڌ جيڏو آهي.

* آمريڪا (U.S.A) ۾ سڄي دنيا جي ملڪن جا ماڻهو رهن ٿا. آمريڪا جي شهر شڪاگو ۾ سڀ کان گهڻا پولش (پولنڊ ملڪ جا ماڻهو) رهن ٿا. پولنڊ جي گادي واري شهر وارسا بعد شڪاگو ۾ ئي پولش ماڻهن جي وڏي آدمشماري آهي.

آمريڪا جي رياست مشيگان جيڪا نيويارڪ رياست جي ڪاٻي پاسي ۽ اوهيو ۽ انڊيانا رياستن جي مٿان آهي. ان جي شهر ڊيٽرائٽ (Detroit) جو هڪ اهم شاهراهہ Wood ward Avenue جيڪو M_1 بہ سڏجي ٿو آمريڪا ڪنڊ جو پهريون پڪو رستو آهي.

* آمريڪا جي اولهہ ڪناري واري رياست ڪئليفورنيا جو هڪ شهر لاس اينجلس تمام مشهور آهي ۽ اسان پاڪستانين لاءِ تہ تمام اهم شهر آهي، جو سڀ کان گهڻا پاڪستاني نيويارڪ، هيوسٽن ۽ لاس اينجلس ۾ رهن ٿا. توهان کي خبر آهي تہ لاس اينجلس جو سڄو نالو ڇا آهي؟

اهو آهي:

El Pueblo de Nuestra Senorala Reina de los angeles de Porciuncula

پر ايڏي وڏي نالي بدران هر هڪ لاس اينجلس سڏي ٿو. بلڪ ڪيترا تہ ان جو بہ شارٽ فارم فقط "ايل اي" (L.A) سڏين ٿا. جيڪو اصل نالي جو فقط ساڍا ٽي في سيڪڙو ٿيو.

* نيويارڪ کي Apple City بہ سڏيو وڃي ٿو يا فقط Big Apple (وڏو صوف). نيو يارڪ تي اهو نالو 1930ع ۾ مشهور ٿيو جڏهن يورپ جا جئز ڪلاڪار (Jazz Musician) نيو يارڪ آيا هئا. هنن هر شهر لاءِ Apple (صوف) لفظ استعمال ٿي ڪيو ۽ نيويارڪ جهڙو وڏو شهر هنن لاءِ وڏو صوف (The Big apple) هو.

* هونءَ تہ سڄي آمريڪا ۾ دنيا جي مختلف ملڪن، زبانن ۽ مذهبن جا ماڻهو رهن ٿا پر نيو يارڪ ۾ اها ڳالهہ ويتر واضح محسوس ٿئي ٿي ۽ ڪن ملڪن ۽ قومن جا ماڻهو نيو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

يارڪ ۾ هيڪاندي وڏي تعداد ۾ آهن. جيئن ته آئرش (آئرلينڊ جا ماڻهو) نيويارڪ ۾ جيترا آهن اوترا سندن ملڪ جي وڏي شهر ڊبلن ۾ به نه آهن ۽ اهڙي طرح اٽليءَ جا رهاڪو (اطالوي) به نيو يارڪ ۾ ايترا آهن جو سندن ملڪ جي گادي واري شهر روم ۾ به نه آهن ۽ جيترا يهودي اسرائيل جي وڏي شهر تل ابيب (Tel aviv) ۾ رهن ٿا ان کان گهڻا گهڻا نيويارڪ ۾ آهن.

* نيو يارڪ ۽ ڊينمارڪ جي شهر ڪوپن هيگن ۾ جيترا پاڪستاني ٽئڪسي ڊرائيور آهن اوترا ڪراچيءَ ۾ به نه آهن.

آمريڪا جي رياست اوهيو (Ohio) جيڪا پينسلوانيا رياست جي کاٻي پاسي ۽ ڪينٽڪي رياست جي اتر ۾ آهي، ان ۾ هڪ به قدرتي ڍنڍ نه آهي سڀ هٿرادو ٺهيل آهن.

* اُتر آمريڪا کنڊ ۾ به ميڪسيڪو آهن. هڪ ”نيوميڪسيڪو“ نالي (U.S.A) جي رياست جيڪا ٽيڪساز ۽ اريزونيا رياستن جي وچ ۾ آهي ۽ ٻيو ”ميڪسيڪو“ نالي سينٽرل آمريڪا جو ملڪ آهي جيڪو U.S.A جي رياستن ٽيڪساز ۽ نيو ميڪسيڪو رياستن جي هيٺان آهي. وچ آمريڪا جا ميڪسيڪو کان علاوه ٻيا ملڪ آهن: بيليز، گئاٽيمالا، ايل سلوادور، هونڊورس، نڪراگئا، ڪاسٽاريڪا ۽ پاناما.

* اميزان (Amazon) ندي دنيا جي اهم ندين مان آهي. جيڪا ڪولمبيا، پيرو ۽ برازيل مان وهي ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. هن نديءَ ڪري برازيل جو وڏو علائقو گهاٽن ٻيلن (Rain Forests) سان ڀريل آهي. دنيا جي ويهه سيڪڙو کان مٿي آڪسيجن هنن ٻيلن جي ڪري آهي. اميزان ندي مان ايڏو ته پاڻي ڏکڻيو سمنڊ ۾ ڇوڙ ٿو ڪري جو سمنڊ ۾ هڪ سئو ميلن تائين مٺو وهڪرو ٿو رهي. اميزان ندي بعد جيڪي وڏيون اٺ نديون آهن، انهن مڙني جو پاڻي ملائجي ته به اميزان جو پاڻي گهٽو ٿو ٿئي. ۽ آمريڪا U.S.A جي سڀني ندين جو پاڻي ملائجي ته انهن کان به ٽيڻو اميزان نديءَ جو پاڻي آهي.

* دنيا ۾ فقط ائنٽارڪٽيڪا ئي هڪ اهڙو کنڊ آهي، جيڪو ڪنهن به ملڪ يا حڪومت جي ملڪيت ناهي. دنيا جي نوي سيڪڙو برف Antarctica کي ڍڪيل رکي ٿي ۽ اها سڀ برف دنيا جي سموري پاڻيءَ جو ستر سيڪڙو آهي. جيتوڻيڪ اهو عجيب ٿو لڳي پر اها حقيقت آهي ته ائنٽارڪٽيڪا بيابان (Desert) آهي، جتي سڄي سال ۾ به انچ به مينهن نٿو وسي. ائنٽار ڪٽيڪا جيتوڻيڪ برف ئي برف آهي، پر دنياجي گولي تي سڀ کان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

خشڪ (Dry) جاءِ آهي جتي گهم جو درجو چين جي گوبي رڻ پٽ کان به هيٺاهون آهي.

* بالتيمور وڃڻ لاءِ نيو يارڪ کان ريل ۾ چڙهيس ته منهنجي پر واري سيٽ تي ويٺل نوجوان گوري منهنجي بئگ مٿي رئڪ تي رکڻ ۾ مدد ڪئي ۽ وهڻ سان مون کان پڇيائين ته آئون ڪٿان جو آهيان.

”ڪراچيءَ“ جو“. مون وراڻيومانس ۽ تڪلف طور مون به کانئس پڇيو ته هو ڪٿان پيو اچي.

”جهنم مان“ (From the Hell) هن وراڻيو.

توهان کي ڪوائين چوي ته توهان ڇا سمجهندائو؟

اهو ئي ته همراهه کي چڙ لڳي آهي، ڇو جو اهو جواب ڪاوڙ جو يا بيزاريءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ ڇيو ويندو آهي. هو مشهور چرچو ته ضرور پڌو هوندانوَ ته هڪ همراهه ٻئي کي اڌ رات جو ان وقت فون ڪيو جڏهن هو گهاٽي ننڊ ۾ ستل هو. ننڊ ڦٽڻ تي هن ڪاوڙ مان ”هيلو“ ڪيو ته اڳلي پڇيس سائين ڪٿان پيا ڳالهايو؟“ ”جهنم مان. ڪهڙو ڪم اٿئي؟“ هن باهه ٽيندي ڇيو پر اڳلي ڪم جي ڳالهه ڪرڻ بدران ڪيس ويتر تپائڻ لاءِ ڇيو:

”بس بس سائين. اهو ئي معلوم ڪرڻو هو ته توهان صحيح هنڌ تي آهيو يا نه.“ ۽ فون رکي ڇڏيو.

بهرحال هن آمريڪن جي اهو چوڻ تي ته هو جهنم يعني Hell مان پيو اچي، مون کي نه حيراني ٿي ۽ نه پريشاني. ان ڪري جو نيويارڪ جي ڪاٻي پاسي واري رياست مشيگان ۾ هڪ اهڙو به شهر آهي، جنهن جو نالو Hell يعني دوزخ آهي. هي شهر هڪ سئو سالن کان به وڌيڪ پراڻو آهي.

چون ٿا ته آمريڪا جي هن شهر Hell ۾ پهريون ماڻهو جارج (George Reeves) نالي آيو. 1830ع ۾ جارج جيڪو نيو يارڪ جو رهاڪو هو، مختلف ملڪن کان وڏندڙ پناهگيرن (Immigrants) جو تعداد نيو يارڪ ايندو ڏسي پنهنجي شهر کي گڊباءِ چئي پر واري رياست مشيگان جو اڏ لتاڙي پنڪني نالي هڪ ڳوٺ ۾ اچي رهيو. ڏهاڪو سال اتي رهي پو پر واري ڀرپاڙيءَ ۾ هڪ هزار کن ايڪڙ زمين وٺي اتي اچي پوک ڪئي ۽ هڪ ڪاٺ چيرڻ جو ڪارخانو به لڳايو ۽ هن جو نالو Hell پئجي ويو. اهو نالو ڪيئن پيو ان لاءِ چيو وڃي ٿو ته هتي ڪجهه جرمن سياح آيا، جن کي هي علائقو ڏاڍو پسند آيو. هنن پنهنجي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جرمن زبان ۾ هن علائقي لاءِ چيو ته ”وٽندڙ ۽ سهٽو“ آهي، جنهن لاءِ جرمن لفظ Hell آهي ۽ هن ڳوٺ جو نالو ”Hell“ (جهنم) پئجي ويو. هاڻ ته دنيا جي ماڻهو هتي هلي ملي اچن ٿا ۽ شهر واري نالي جي بورڊ اڳيان بيهي فوٽو ڪيرائين ٿا، جيئن اسان ننڍي هوندي پيٽارو کان ڪراچي ويندي رستي تي ڪوٽڙي، جنگشاهي جهڙين ريلوي اسٽيشنن تي انهن جي نالي وارن بورڊن اڳيان بيهي فوٽو ڪيرائيندا هئاسين ۽ هن شهر مان ٿي ويندڙ پنهنجي شهر يا وطن وچي دوستن کي ٻڌائيندا آهن ته اسان ”جهنم“ مان ٿي پيا اچون.

هن شهر جهنم Hell ۾ ماڻهن پنهنجن دڪانن جا نالا به عجيب رکيا آهن. جيئن ته Screams آئس ڪريم پارلر، Ghost poop، اسڪوبي ڊوڊو، Shock a lot وغيره ۽ توهان کي خبر آهي ته هن شهر ۾ ٻيو ڪهڙو خاص ڪم ٿئي ٿو؟ هتي يونيورسٽيءَ جون ڪوڙيون ڊگريون ۽ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ نهي ملن ٿا. جيڪي هتي جي غير موجود ۽ ڪوڙي يونيورسٽي Damnation University جي نالي ٿهن. مون کي به هن شهر Hell جي خبر تڏهن پيئي جڏهن ڪجهه سال اڳ پاڪستان ۾ اهو قانون پاس ڪيو ويو ته ملڪ جي اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيڻ لاءِ اليڪشن اهو وڙهي سگهي ٿو جيڪو گرئجوئيٽ هجي ۽ ڪيترا پڇندا رهيا ته ٻڌو اٿئون آمريڪا جي هڪ شهر Hell ۾ پئسا ڏيئي جيڪا ڊگري وٺي وني سگهجي ٿي.

* بهرحال نيو يارڪ، پينسلوانيا، اوهيو ۽ انڊيانا ۾ رهندڙ منهنجا هم وطني دوست مشيگان رياست جو هي شهر ”جهنم“ گهمڻ چاهين ته هنن جي وڃڻ لاءِ بهترين طريقو هي آهي ته 23 West روٽ جو Exit 54 ڪٽي پوءِ M_36 فالو ڪن ۽ اڳتي Howell Street تي پهچي، ڪابي مڙن ۽ پوءِ اڳيان پئٽرسن روڊ اختيار ڪرڻ سان اچي هن شهر Hell کان نڪرندا.

* آمريڪا ۾ نه فقط جهنم (Hell) نالي شهر آهي پر جنت (Paradise) به آهي، جيڪو پڻ ساڳي رياست مشيگان جي Chippwa ڪائونٽي ۾ آهي. هي شهر 1925ع ۾ وجود ۾ آيو جنهن جي چوڌاري گهاٽا ٻيلا آهن ۽ هن شهر جي وڏي ڪمائي ٽوئرزم مان آهي. هن شهر جي پرسان White Fish نالي خليج آهي، جنهن جي منهن تائين، ڪڏهن ڪڏهن، اسان کي جهاز وني اچڻو پيو ٿي.

هونءَ آئون سمجهندو هوس ته فقط اسان جي ڳوٺن جا نالا عجيب آهن. جهڙوڪ: ڪڏڙو،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٺري ميرواهہ، مسو پرگڙي، ٽرڙي محبت، ڳوٺ حضور بخش گشڪوري، يونين ڪائونسل اعتبار خان چانڊيو وغيره وغيره. پر هاڻ غور ٿو ڪريان تہ آمريڪا جي ڳوٺن ۽ شهرن جا نالا بہ عجيب آهن. مختلف هنڌن تان سامان، جڏهن جهاز تي چڙهڻ لاءِ ايندوهو تہ ڏيک تي ويهي انهن جا نالا پڙهندو هوس. اهڙا ئي ڪجهہ نالا پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ هتي لکان ٿو.

- فلوريڊا جو هڪ شهر "چوڪڙين جو يڪو" Aces of Diamonds
- مائني (Maine) جو هڪ شهر ٺوڙهو مٿو Bald Head
- الينئاس جو شهر وڏو پير Big Foot
- ٽيڪساس جو هڪ شهر ڊنگ ڊانگ
- ڪولوراڊو جو "بي نام" No Name نالي شهر
- پينسلوانيا جو شهر انٽرڪورس
- ڪنٽڪي جو شهر پولڙي جي ٺونٺ Monkey's Elbow
- مسي سپي جو شهر گرم ڪافي Hot coffee ۽ ٻيو شهر گرم پاڻي Hot Water پڻ آهي.
- ٽيڪساز جو شهر لالي پاپ،
- ڪئليفورنيا جو شهر Rough and Ready
- ويومنگ جو شهر سڪل ڪانٽو Dry Fork

وسڪنسن جو شهر Bee Town، وغيره وغيره.

بهرحال آمريڪا جي شهرن جا اهي نالا اسان ڏارين کي عجيب ضرور لڳن ٿا. انگريز جڏهن سنڌ تي حڪومت ڪندا هئا تہ هنن کي اسان جي سنڌي ڳوٺن جا نالا خبر ناهي ڪيئن لڳندا هئا. خاص ڪري:

بائو ديرو، سوڀو ديرو، ڳوٺ مياناداد چنجڻي، ٺٽ ڳوراهو، راڄو خاناڻي، درساڻو چنو، وڏا ماڇيون، ٽيڪٽو واهہ، گپچاڻي، ڳاهيجا، ڳوٺ ڪرم خان ڪانڌرو، وغيره وغيره.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## آمريڪا (USA) جون ڪجهه دلچسپ ڳالهيون

هڪ ويب سائيٽ www.zilvar.com ۾ آمريڪا بابت لکيل مزيدار حقيقتن مان ڪجهه هن ريت آهن.

* سئن فرانسسڪو جي ڊگهي ۾ ڊگهي گهٽي ”Geary بليوارڊ“ آهي.
* واشنگٽن ۾ ملڪ جي صدر صاحب جي رهائش جي جاءِ وائيٽ هائوس ۾ 132 ڪمرا آهن.
* نيويارڪ جي سينٽرل پارڪ ۾ پيئڻ لاءِ 125 ڦوهارا Fountain آهن.
* 3 جنوري 1959ع تي الاسڪا U.S.A جي 49 هين رياست بڻي.
* Route 20 آمريڪا جو ڊگهي ۾ ڊگهو هاءِ وي آهي.
* آمريڪا جو گرين ڪارڊ سائي رنگ جو ناهي.
* دنيا جي پهرين ٽيليفون ڊائريڪٽري ڪنيڪٽي ڪٽ رياست جي شهرنيو هئون ۾ 1878ع ۾ ڇپي، جنهن ۾ فقط هڪ صفحو هو ۽ جنهن تي پنجاهه ماڻهن جا نالا هئا.
* ڪوه مري ۽ ڪوئيٽا وانگر آمريڪا جو سڀ کان اتاهون شهر ڪولوراڊو رياست جو Leadville آهي، جيڪو سطح سمنڊ کان 10,200 فٽ مٿانهون آهي.
* آمريڪا جي رياستن جو سڀ کان ننڍو گاديءَ وارو شهر مونٽ پيليئر (Mont Pellier) آهي.
* نيويارڪ جي جاڙن (Twin) ٽاورن ۾ 208 لفٽون هيون.
* ويسٽ پئانٽ واري ”يونائيٽيڊ اسٽيٽس مليٽري اڪيڊمي“ آمريڪا جو پهريون انجنيئرنگ اسڪول هو.
* آمريڪا جي رياست الاسڪا جا ڪنهن به ٻي رياست سان بارڊر نٿا ملن.
* هني مون ملهائڻ لاءِ دنيا جا سڀ کان گهڻا ماڻهو آمريڪا جي رياست هوائي جو رخ رکن ٿا. هوائي رياست ٻيٽن جوجهڳٽو آهي، جيڪي ڪنهن زماني ۾ Sandwich Islands سڏبا هئا.
* ورجينيا رياست جي پراڻي قانون موجب هر پبلڪ عمارت ۾ ڪارن ماڻهن لاءِ الڳ ۽ گورن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

لاءِ الڳ Toilets ناهيا ويا ٿي. اهو ئي سبب آهي جو آمريڪا جي صدر جي آفيس Pentagon ۾ ضرورت کان ٻيڻا ٽائليٽ آهن.

* انڊيا جي رپئي وانگر آمريڪا جا شروع وارا هڪ ڊالر وارا سڪا جيڪي 1794ع ۾ ٺهيا، چانديءَ جا هئا.

* نيو يارڪ، شهراندر 722 زمين دوز ريل جا رستا آهن ۽ "نيويارڪ" USA جو ٻيهرين گاديءَ وارو شهر آهي.

* ڊيلاويئر آمريڪا جي پهرين رياست ٿي.

* "مون ٽانا" جي ندي Roe River دنيا جي ننڍي ۾ ننڍي ندي آهي، جيڪا فقط 200 فٽ ڊگهي آهي.

* سرڪاري طرح آمريڪا (U.S.A) ۾ 556 اصلي آمريڪن (Native American) جا قبيلا آهن.

* آمريڪا جي سڀ کان غريب رياست مسي سپي آهي.

"مسي سپي" نديءَ جو به نالو آهي، جيڪا آمريڪا جي ڊگهي ۾ ڊگهي ندي آهي.

* آمريڪا ۾ جيڪي هر سال نوان ماڻهو (Immigrants) اچن ٿا، انهن جو 75 سيڪڙو ڪئليفورنيا، نيو جرسي، فلوريڊا، نيو يارڪ، الينئاس ۽ ٽيڪساز ۾ رهائش اختيار ڪرڻ پسند ڪري ٿو.

هاڻ مٿين ڳالهين تي ڪجهه تبصرو ڪنداسين.

Geary Boulevard گيئري اسٽريٽ به سڏجي ٿو ۽ هي سئن فرانسڪو (ڪئليفورنيا) جو اهم شاهراهه آهي، جيڪو اوڀر اولهه وهي ٿو. هي رستو سئن فرانسسڪو جي وچ شهر کان اتان شروع ٿئي ٿو جتي مارڪيٽ اسٽريٽ ۽ مونٽگنو ميري اسٽريٽ هڪ ٻئي کي ڪٽين ٿيون. هن روڊ تي اهو نالو جان ڊبليو گيئريءَ تان پيو جيڪو ڪئليفورنيا آمريڪا (U.S.A) جي رياست ٺيڻ تي سئن فرانسسڪو جو پهريون ميئر ٿيو هو.

* وائيٽ هائوس ان عمارت جونالو آهي، جتي آمريڪا جو صدر صاحب رهي ٿو ۽ آفيس جو ڪم ڪار ڪري ٿو. سندس اڇي رنگ ڪري وائيٽ هائوس سڏجي ٿو. هاڻ ته ان اسٽائيل ۽ رنگ جا گهر اسان وٽ به عام ٿي ويا آهن ۽ وائيٽ هائوس سڏجن ٿا. ڪراچيءَ ۾ به ته مون به ڏٺا آهن. هڪ ته PECH سوسائٽي ۾ نرسري (شاهراهه فيصل) وٽ ۽ ٻيو

ڪلفٽن تي گرامر اسڪول پرسان. بلاول چورنگي وٽ. بهرحال آمريڪا جو هي وائيٽ هائوس جنهن ۾ اڄ ڪلهه بش صاحب رهي ٿو ۽ جاڻ ته سندس صدارت واري نوڪريءَ جو مدو ختم ٿيو 1600 پينسلوانيا ايوينيو NW تي، واشنگٽن DC يعني ڊسٽرڪٽ آف ڪولمبيا لکڻ ضروري آهي نه ته عام آمريڪن ان گاديءَ واري شهر واشنگٽن بدران واشنگٽن رياست سمجهندا جيڪا آمريڪا جي بلڪل اولهه ڪناري تي اتر ۾ اداهو ۽ اوريگان رياستن مٿان آهي. آمريڪا جو گاديءَ وارو شهر واشنگٽن DC جنهن ۾ وائٽ هائوس آهي، ٻن رياستن ورجينيا ۽ ميري لينڊ مان زمين جو حصو ڪڍي ٺاهيو ويو آهي ۽ هاڻ واشنگٽن DC جو شهر فيڊرل حڪومت هيٺ آهي،جيئن اسلام آباد ڪنهن به صوبي ۾ نه آهي يا ڪوالالمپور شهر ڪنهن به رياست ۾ نه آهي. واشنگٽن جو هي شهر توڙي واشنگٽن رياست آمريڪا جي پهرين صدرجارج واشنگٽن نالي آهي.

واشنگٽن جو پينسلوانيا ايوينيو جنهن تي وائيٽ هائوس آهي، سال جو وڏو حصو ٽرئفڪ لاءِ بند ٿي رهي ٿو. دنيا جي مختلف ملڪن جو ستايل عوام هن روڊ تي جلوس جي صورت ۾ پنهنجن ظالم حاڪمن خلاف Rallies ڪڍندا رهن ٿا، تقريرون ڪندا رهن ٿا، جن کي ”دونهيندار تقريرون“ چئي سگهو ٿا. سامهون اڇي گهر (White House) ۾ رهندڙ آمريڪا جي صدر جا خبر ناهي ڇا تاثرات هجن. ٽي دنيا جي مظلوم قومن جو داد فرياد ٻڌي به ٿو يا نه ۽ جي ٻڌي ٿو ته ان جو هن کي غم به ٿئي ٿو يا نه. يا فون کڻي ان ملڪ جي صدر يا وزيراعظم سان خوش خيرعافيت ڪندو هوندو.

”پوتار اسان ڪيئن توهان کي ياد آياسين؟“ هو آمريڪا جي صدر کان پڇندا هوندا.

”بس هينئر دري کوليم ته تنهنجي ملڪ جا ماڻهو توکي ڪچيون گاريون ڏيئي رهيا هئا. ان تان ياد اچي وئين.“ آمريڪا جو صدر چوندو هوندو.

”ته پوءِ سائين انهن کي موچڙو هڻي ماٺ نٿا ڪرايو؟“ هو آمريڪا جي صدر کي چوندا هوندا.

”نه بابا. اهڙو چسوآئون به نه آهيان.“ آمريڪا جو صدر چوندو هوندن. ”توهان کي موچڙا هڻڻ لاءِ ته هنن کي چوٽ ڏيئي ڇڏي اٿم.“

بهرحال مون کي ڪجهه ڪجهه اها گيم لڳندي آهي. روس سان وڙهڻ لاءِ بن لادن جهڙا تيار ڪيا وڃن ٿا ۽ وري ان کي موچڙا هڻڻ لاءِ پنهنجي ملڪ جي ڪا عمارت ڪيرائي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

حملي جو جواز بنايو ويجي ٿو. هي آئون ڪو نہ ٿو چوان. هتي جي اخبارن ۾ ايندو رهي ٿو. ايران کي موچڙا هڻڻ لاءِ صدام کي تيار ڪيو ويجي ٿو ۽ صدام کي پادر هڻڻ لاءِ سندس ملڪ جي ڪجهہ ڪنگلن کان هن پينسلوانيا جي اهم شاهراهہ تي صدام خلاف جلوس ڪيڊرايا وڃن ٿا. ۽ پوءِ جنگ ذريعي انهن پهلوانن کي قيدي بڻايو ويجي ٿو يا وچ فضا ۾ هنن جي لاشن جا ٽڪرا ٽڪرا ڪيا وڃن ٿا.

هونءَ واشنگٽن جو هي اهم شاهراهہ Pennsylvania Avenue سيڪيورٽي جو سبب ڏيئي ٽرئفڪ لاءِ بند ڪرڻ تي هتي جا ڪيترائي شهري ادارا، ان جي خلاف، اخبارن ذريعي آواز اٿاريندا رهن ٿا، جو شهر جي ٽرئفڪ ٻين رستن تان موڙڻي پوي ٿي، جنهن ڪري جٺمر رهي ٿي،جيئن ڪراچيءَ ۾ آمريڪن قونصل خاني اڳيان ٽرئفڪ روڪڻ ڪري ٿئي ٿو.

سينٽرل پارڪ جنهن جي ڦوهارن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. اهو نہ فقط نيو يارڪ جو بلڪ سڄي آمريڪا جو سهڻو ۽ نالي وارو پارڪ آهي، جنهن ۾ نہ فقط نيو يارڪ شهر جا ماڻهو شهر جي گوڙ گهمسان کان پچي سڪون جون گهڙيون گهارين ٿا پر ٻاهران ٽوئرسٽ بہ ان کي هڪ وار ضرور ڏسن ٿا. اسان بہ جڏهن جهاز هاڪاري نيو يارڪ ايندا هئاسين تہ پهرين دفعي ئي يا شايد ٻئي ڦيري هن پارڪ جا چڪر هڻي، انهن ڏينهن ۾ (1969ع يا 1970ع) جي عبرت اخبار ۾ هن پارڪ جو احوال لکيو هو.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سينٽرل پارڪ دنيا جو وڏي ۾ وڏو هترادو نهيل پارڪ آهي، جيڪو نيو يارڪ جهڙي ڳتيل ۽ ماڊرن شهر جي وچ ۾ آهي. هي پارڪ 843 ايڪڙن ۾ ڇانيل آهي. سندس ڊيگهہ وارو پاسو پورا اڍائي ميل (يعني 4 ڪلوميٽر) آهي ۽ ويڪر وارو پاسو اڌ ميل (يعني منو ڪلوميٽر کن) آهي.

نيو يارڪ شهر جا پنج حصا آهن جيڪي Borough ٿا سڏجِن برانڪس، ڪئينس، مئن هٽن، بروڪلن ۽ اسٽيٽن آئلنڊ. سينٽرل پارڪ سڀ کان گهٽي آدمشماري ۽ رونق واري باروح Manhattan ۾ آهي. هونءَ تہ نيويارڪ ۾ ڪيترائي پارڪ آهن. ويندي مئن هٽن ۾، جيڪو ايراضي جي حساب سان ڪو وڏو باروح ناهي، بئٽري پارڪ، بريئنٽ پارڪ، هڊسن رور پارڪ، واشنگٽن اسڪائر پارڪ، رورسائڊ (River Side) پارڪ جهڙا ڪيترائي پارڪ ۽ باغيچا آهن. پر "سينٽرل پارڪ" جي ڳالهہ ئي ٻي آهي. هن پارڪ لاءِ چيو ويجي ٿو تہ هر سال اڍائي ڪروڙ ماڻهو هن کي ڏسڻ لاءِ اچن ٿا ۽ دنيا جي ڪيترين ئي فلمن ۽ ٽي وي ڊرامن ۾ هن پارڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جا نظارا هجڻ ڪري دنيا جو مشهور پارڪ آهي.

سينٽرل پارڪ اتر کان 110 گهٽيءَ کان شروع ٿئي ٿو ته هيٺ ڏکڻ ۾ 59 اسٽريٽ تائين اچيو پهچي. يعني پارڪ کان ٻاهر مئن هٽن جون پنجاهه کن گهٽيون هن پارڪ سان اچيو لڳن. پارڪ جي اولهه ۾ اٺون ايوينيو بارڊر ٺاهي ٿو ۽ اوڀر ۾ پنجون ايونيو ($5^{th}$ Avenue) آهي. پبلڪ لاءِ هي پارڪ 1859ع ۾ کوليو ويو هو ۽ هن کي ڊيزائين ڪرڻ وارا ٻه ماڻهو آهين فريڊرڪ ۽ ڪال ورٽ. انهن ٻنهين بروڪلن جو Prospect Park به ڊيزائين ڪيو هو. پارڪ ۾ ڪيترين ئي هٽرادو ڍنڍون آهن. جن مان هڪ جو نالو آمريڪا جي صدر ڪينيڊي جي زال جئڪلين نالي پڻ آهي پر هن ڍنڍ جو نالو جئڪلين ڪينيڊي بدران جئڪلين اوناسز آهي. لڳي ٿو ته ان کي ٺهرائڻ جو خرچ پکو يونان جي جهازن جي مالڪ اوناسز ڪيو آهي. نيويارڪ جو هي سينٽرل پارڪ دنيا جي ٻن نندين قومن کان به وڏو آهي. هڪ موناڪو جنهن کان ٻيڻو ٿيندو ۽ ٻي وئٽيڪن سٽي جنهن کان اٺوڻو ٿيندو.

آمريڪا جي پير واري رياست پين سلوانيا جي شهر فلڊلفيا جو Fairmount پارڪ هن سينٽرل پارڪ کان جيتوڻيڪ ڏهوڻو وڏو آهي، پر ان کي ڏسڻ لا جيترا ماڻهو اچن ٿا ان کان ٽيڻا سينٽرل پارڪ کي ڏسڻ لاءِ اچن ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# آمريڪا جي رياست الاسڪا ۾ ڪجهه گرين ڪارڊ بابت احوال

* پاڻ شروع ۾ الاسڪا جي بہ ڳالهہ ڪئي آهي تہ آمريڪا جي اوڻونجهاڻين رياست آهي. دراصل الاسڪا جي آمريڪا جي ٻين رياستن کان مختلف پوزيشن آهي. الاسڪا اتر آمريڪا کنڊ ۾ هونديہ باقي آمريڪي رياستن سان ڳنڍيل هجڻ بدران الڳ ٿلڳ آهي، جنهن جي هڪ پاسي ڪئناڊا آهي تہ ٻئي پاسي پئسفڪ سمنڊ. بلڪ پئسفڪ سمنڊ جي هڪ ننڍي حصي کان پوءِ روس شروع ٿيو وڃي ۽ الاسڪا آمريڪا کان وڌيڪ روس جو حصو نہ فقط لڳي ٿي پر هئي بہ روس جي. جن هن کي ويران ۽ بيڪار سمجهي آمريڪا کي 72 لکن ڊالرن ۾ 1867ع ۾ وڪڻي ڏنو. ان تي آمريڪا جي عوام وڏو گوڙ بہ ڪيو تہ هڪ رڻ پٽ جهڙي زمين جنهن تي ٻارهو ئي برف ڇانئي رهي ٿي ان کي خريد ڪري ملڪ جي خزاني تي بار وڌو ويو آهي. بهرحال 3 جنوري 1959ع تي صدر آئزن هاور جي ڏينهن ۾ ان کي رياست جو درجو ڏيئي آمريڪا جي 49 هين رياست (State) بنايو ويو.

الاسڪا اڄ بہ برف جو رڻ پٽ آهي، پر سعودي عرب ۽ ايران وانگر ڌرتيءَ جي هن حصي هيٺان تيل پيٽرول جون نديون وهن ٿيون، جن جو ايڏو تہ مقدار آهي جو عرب ملڪن جو تيل ختم ٿيڻ بعد بہ هتي جاري رهندو. بلڪ آمريڪا جي هوشيار حڪومت ان تيل کي ڪڙو ختم ڪرڻ بدران مستقبل جي ڏکين ڏينهن لاءِ بچائي رکندي اچي.

الاسڪا آمريڪا جي وڏي ۾ وڏي رياست آهي، جنهن جي پکيڙ 570380 چورس ميل (يعني 1477261 چورس ڪلوميٽر) آهي. يعني آمريڪا جي باقي ڳنڍيل رياستن ۾ سڀ کان وڏي رياست ٽيڪساز کان ٻيڻي ٿي. باقي آدم شماريءَ جي خيال کان شهدادپور يا سانگهڙ کان بہ ننڍي آهي جو سڄي رياست ۾ پنج لک ماڻهو مس رهن ٿا.

الاسڪا جو سڀ کان وڏو شهر ۽ بندرگاهہ جتي اسان جي ملڪ جا جهاز پڻ ايندا ويندا رهن ٿا ائنڪريج آهي. هونءَ سندس گاديءَ جو هنڌ جونيئو (Juneau) نالي هڪ ٻيٽ نما ننڍڙو شهر ۽ بندرگاهہ آهي. الاسڪا آمريڪا جي اڪيلي رياست آهي،جيڪا مين لئنڊ سان ڳنڍيل هجڻ جي باوجود سندس گاديءَ وارو شهر اهڙو آهي، جتي خشڪي رستي پهچڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بدران فقط هوائي يا پاڻي واري جهاز رستي پهچي سگهجي ٿو.

الاسڪا وارو علائقو ارڙهين صديءَ ۾ يورپ کان آيل هيسپانين ڳولي لڌو. ان بعد اهي چڙهي ويا ۽ انگريز اچي نڪتا. پر اسپين جي ماڻهن جون يادگيريون قرطبہ (Cardoba) ۽ والديز (Valdz) جهڙن نالن وارا شهر اجا تائين قائم آهن. الاسڪا ۾ اليوٽ ۽ ايسڪيمو نموني جون مختلف اصلي قومون رهن ٿيون ۽ 90 کن زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون. تيل جي ڪري هيءَ رياست اميرهجڻ ڪري هتي سيلز ٽئڪس ناهي. آمريڪا ۾ پنج ڀيون بہ رياستون آهن. جن ۾ سيلز ٽئڪس معاف آهي ۽ آلاسڪا امريڪا جي انهن سٽن رياستن مان هڪ آهي، جنهن ۾ ماڻهن جو Indvidual انڪم ٽئڪس بہ معاف آهي.

* شروع ۾ گرين ڪارڊ بابت بہ لکيو اٿم تہ اهو دراصل سائي رنگ جو ناهي. هونءَ بہ آمريڪا جو ”گرين ڪارڊ“ اڄ ڪلهہ دنيا ۾ مشهور آهي. ٽي دنيا جو ماڻهو جنهن کي آمريڪا جو گرين ڪارڊ ملي ٿو اهو پنهنجي خوش نصيبي سمجهي ٿو. (Green card) ڇا آهي؟ گرين ڪارڊ آمريڪا (U.S.A) ۾ هميشہ رهڻ جو ڪارڊ آهي، جنهن کي United States Permanent Resident Card بہ سڏجي ٿو جيڪو هڪ شناختي ڪارڊ مثل آهي، جيڪو ان ڳالهہ جي ثابتي آهي تہ ان ڪارڊ وارو آمريڪا ۾ قانوني طرح رهڻ ۽ نوڪري ڪرڻ جو حقدار آهي ۽ اهو ماڻهو LPR يعني Lawful Permanent Resident سڏجي ٿو. ان ڪارڊ کي گهڻو اڳ Alien Registeration رسيد سڏيو ويو ٿي ۽ هاڻ فقط پرمننٽ ريزيڊنٽ ڪارڊ. ان کي فارم I_551 بہ سڏجي ٿو.

هن ڪارڊ تي سائو ڪارڊ (Green Card) نالو ائين پيو جو هن ڪارڊ لاءِ اپلاءِ ڪرڻ جي هاڻوڪي فارم I_551 کان اڳ جيڪو I_151 فارم هو جيڪو ٻي وڏي لڙائي جي خاتمي بعد 1946ع ڌاري ڇپايو ويو هو. ان جو رنگ سائو هو. اڄ وارو فارم I_551 جيڪو 1977ع کان پوءِ شروع ڪيو ويو اهو ڪڏهن ڪهڙي رنگ تي ڇپجي ٿو تہ ڪڏهن ڪهڙي تي ۽ اجا تائين اهو فارم جيتوڻيڪ سائي رنگ جي پني تي نہ ڇپيو آهي، پر هن فارم ۽ ڪارڊ جو نالو اڄ تائين ”گرين ڪارڊ“ هلندو اچي. هينئر هينئر سال 2006ع جا جيڪي گرين ڪارڊ ملن پيا، اهي اچي رنگ جا آهن ۽ انهن جي پٺئين پاسي ساون اکرن ۾ لکائي ضرور آهي. هن ڪارڊ تي ڪارڊ جي مالڪ جو نالو فوٽو ۽ ٻي جاڻ لکيل ٿئي ٿي ۽ ان ۾ ڪيترين ئي اهڙين شيون لڪل طريقن سان رکيون ويون آهن، جيئن ان کي ڪو نقل ڪري ناهي نہ

سگهي. جيئن اڄ ڪلهه اسانجي ملڪ جا پاسپورٽ ۽ شناختي ڪارڊ به ماڊرن ٽيڪنالاجي مطابق Readadle ٺاهيا ويا آهن. جن کي Scan مشينون پڙهي به سگهن ٿيون ۽ ان جي مالڪ مطابق چارٽ پرنٽ به ڪري سگهن ٿيون.

هتي اها ڳالهه به ٻڌائيندو هلان ته آمريڪي قانون موجب آمريڪا جا اهي باشندا جيڪي گرين ڪارڊ ذريعي آمريڪا ۾ رهيل آهن. انهن لاءِ ضروري آهي ته هو پاڻ سان هروقت گرين ڪارڊ رکن. جيڪو ڪنهن به وقت USCIS جو آفيسر چيڪ ڪري سگهي ٿو. USCIS معنيٰ يونائيٽيڊ اسٽيٽس سٽيزن شپ ائنڊ اميگريشن سروسز.

آمريڪا جا اهي رهاڪو جيڪي هتي جا شهري آهن ۽ کين هتي جو پاسپورٽ مليل آهي. انهن لاءِ ضروري ناهي ته هر وقت پاسپورٽ کڻي هلن. اهو ان ڪري جو آمريڪي آئين مطابق آمريڪي شهرين کي ووٽ جو حق ۽ ٻيون سهوليتون مليل آهن. جيڪي گرين ڪارڊ وارن کي نه آهن. جيڪي پاسپورٽ ملڻ تائين Aliens يعني Permanent Residents ڌاريان سڏجن ٿا ٿئن اليون واري حادثي کان اڳ ته ڪڏهن ڪنهن جي پڇا به ڪا نه ٿي ٿي ته آيا توهان گرين ڪارڊ هولڊر آهين يا پاسپورٽ وارو. آمريڪا ۾ آيل ڪيترائي غير قانوني ماڻهو ائين ئي پئي هليا. پر هاڻ سختي ٿيڻ ڪري ڪافي پڇا ڳاڇا ٿئي ٿي ۽ ڪيترن غير قانوني ماڻهن کي پنهنجي وطن واپس موڪليو ويو آهي. بهرحال هڪ ٽوئرسٽ ويزا تي آيل همراه کي به گهرجي ته هو پنهنجو پاسپورٽ پاڻ سان گڏ رکي، خاص ڪري هو جڏهن هڪ شهر کان ٻئي شهر وڃي پيو. ڇو ته ايئرپورٽن ۽ ريلوي اسٽيشنن تي اڪثر چڪاس ٿيندي رهي ٿي. جنهن بابت هن کان اڳ واري آمريڪي سفرنامي ”نيو هالا کان نيوبارڪ“ ۾ پڙهي چڪو آهيان. پنهنجي رهائش واري شهر نيوجرسي کان واشنگٽن ۾ پئي آيس ويس پر ٽن چئن مهينن ۾ ڪڏهن به ڪٿي ڪنهن منهنجي پاسپورٽ جي چڪاس نه ڪئي. آخري دفعي واشنگٽن وڃڻ وقت پاڻ سان نه پئي کڻي ويس پر پوءِ آخري وقت تي کڻي کيسي ۾ وڌم. واشنگٽن کان واپسي تي ريلوي اسٽيشن تي پهتس ته خبر پيئي ته ٽرين ۾ بم جي افواهه ڪري هر مسافر جي چڪاس پيئي هلي، جن ڌاررين وٽ پاسپورٽ نه هو انهن کي ٽرين ۾ چڙهڻ کان منع ڪري کين پنهنجي گهران پاسپورٽ گهرائڻ لاءِ چيو ويو. اهو به چڱو جو آمريڪا آهي، جتي وري به قانون قاعدو آهي. سعودي عرب ۽ ڪويت جهڙن عرب ملڪن ۾ ته اهڙو انڌير آهي جو پوليس جنهن کي ڪنيي ٿي ته ان کي سڌو وڃيو جيل ۾ هٽي، ڇا جا وڪيل

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڇا جي ڪورٽ ڪچهري. هن کي پنهنجي صفائيءَ جو ئي موقعو نٿو ڏنو وڃي. ان جا مثال پنهنجي حج واري ڪتاب (پلي پار تان پيرو) ۾ "اي روڊ ٽو مدينا "واري سفرنامي ۾ لکي چڪو آهيان. ان ڪري اسان جهڙن غريب ايشيائي ٿرڊ ورلڊ جي ماڻهن کي ڪپي تہ پرديس ۾ وڏي خيال سان هلڻ جو ڏکئي وقت ۾ اسان جي ملڪ جا سفارتخانا بہ اکيون پوريون ڇڏين. گرين ڪارڊ پهرين تہ آمريڪا جو INS ڊپارٽمينٽ Immigration & Naturalization Service اشو ڪندو هو پر هاڻ USCIS ڪاتو جاري ڪري ٿو. جيڪو ڪاتو پهرين BCIS يعني Bureau of Citizenship & Immigration Services هو.

آمريڪا ۾ رهندڙ اهي ڌاريان جن کي اڃا گرين ڪارڊ نہ مليو آهي ۽ هنن جي ان ڪم لاءِ درخواست غور هيٺ آهي، اهي جيڪڏهن آمريڪا ۾ رهي ڪا نوڪري، يا جاب ڪرڻ چاهين تہ هنن لاءِ Employment Authorization Document جيڪو EAD سڏجي ٿو حاصل ڪرڻ ضروري آهي.

هڪ ڌارئين ماڻهو Immigrant کي ٽن مرحلن مان گذرڻ بعد گرين ڪارڊ ملي ٿو. جنهن بعد هو آمريڪا ۾ هميشہ لاءِ رهي بہ سگهي ٿو تہ نوڪري يا بزنيس بہ ڪري سگهي ٿو. اهو سڄو Process ڪيترائي سال وٺي سگهي ٿو جنهن جو مدار درخواست جي نوعيت ۽ ملڪ تي آهي، جنهن سان هن جو واسطو آهي.

پهرئين مرحلي ۾ USCIS ڪاتو Immigrant جي ويجهي مائٽ يا نوڪري ڏيندڙ (Employer) جي پٽيشن قبول ٿو ڪري. ويجهي مائٽ مان مراد زال مڙس يا ماءُ پيءُ، پٽ ڌيءَ آهن. مثال طور هڪ پاڪستاني ڇوڪريءَ کي جيڪڏهن آمريڪا جو پاسپورٽ آهي تہ هوءَ ماءُ پيءُ کي آمريڪا ۾ گهرائڻ لاءِ گرين ڪارڊ ڏياري سگهي ٿي. شادي شده آهي تہ پنهنجي مڙس کي بہ گرين ڪارڊ ڏيارڻ لاءِ USCIS ڪاتي ۾ پٽيشن درج ڪرائي سگهي ٿي. ڪو آمريڪن بزنيس مئن يا ڪنهن ڪمپنيءَ جو مالڪ ڪنهن ڌارئين ملڪ جي ماڻهوءَ کي نوڪري ڏيڻ لاءِ هن جي گرين ڪارڊ جو بندوبست ڪري سگهي ٿو پر اهو ان صورت ۾ ٿي سگهي ٿو جڏهن. جي ڪمپني مقرر ڪيل حدڪان مٿي ڪمائي رهي آهي ۽ حڪومت کي ان موجب ٽئڪس ادا ڪري پيئي ۽ ٻي ڳالهہ تہ هن کي اهو ثابت ڪرڻو پوندو تہ هن کي ان فيلڊ جي ڄاڻو جي ضرورت آهي.

ڪن صورتن ۾ گرين ڪارڊ انهن ڌارين کي بہ مليو وڃي ٿو جيڪي آمريڪا ۾ پنهنجو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پئسو لڳائين يعني Invest ڪن ٿا.

ٻيو مرحلو USCIS طرفان ويزا نمبر ملڻ جو آهي، جيڪو مائٽيءَ جي صورت ۾ ته يڪدم مليو وڃي باقي ٻين صورتن ۾ ڪجهه وقت لڳيو وڃي جو هر سال لاءِ مقرر Limited ويزائون رکيل آهن ۽ ان ۾ ملڪن جو به حساب رکيل آهي، جيئن اڄ ڪلهه انڊيا وارن کي ته جلد مليو وڃي پر پاڪستان وارن لاءِ وقت ٿو لڳي. ۽ پوءِ آخر ۾ ٽيون مرحلو آهي، جنهن ۾ ويزا نمبر ملڻ تي درخواست گذار Immigrant پنهنجي ملڪ ۾ موجود آمريڪي سفارتخاني ۾ Immigrant ويزا لاءِ Apply ڪري سگهي ٿو جيڪي اڄ ڪلهه هر هڪ کي پاڻ وٽ انٽرويو لاءِ پڻ گهرائين ٿا. پنهنجي ملڪ ۾ اڳ ۾ ته اهو ڪم ڪراچي ۾ ئي ٿي ويندو هو پر هاڻ ڪيترن سالن کان انٽرويو لاءِ اسلام آباد وڃڻو پوي ٿو ۽ Immigrant ويزا جي اميدوار کي ميڊيڪل ٽيسٽ (خاص ڪري (H.I.V) بابت، ڦڦڙن جا ايڪس ري وغيره کان علاوه هن کي پنهنجي حد جي پوليس ٿاڻي جو"پوليس سرٽيفڪيٽ" ۽ انهن ملڪن جي پوليس رپورٽ جن ۾ هو ڏيڍ سال کن مٿي رهيو آهي، ڏيڻي پوي ٿي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# گرين ڪارڊ لاٽري

## الاسڪا، ڊيلاويئر، مسي سپي ۽ مونٽانا رياستن بابت

هر سال آمريڪا جي حڪومت دنيا جي اٽڪل پنجاهه هزار ماڻهن کي لاٽري (پُڪن) ذريعي گرين ڪارڊ ڏئي ٿي، جيئن هو آمريڪا ۾ اچي رهن ۽ نوڪري يا ڌنڌو ڪن. پاڪستان مان به هزارين نه پر لکين ماڻهو فارم ڀرين ٿا ته جيئن هنن جو نالو نڪري اچي پر ڪجهه سالن کان پاڪستان مان هاڻ لاٽري ذريعي چونڊ نه پئي ڪئي وڃي جو هيءَ لاٽريءَ جي سهولت انهن ملڪن لاءِ رکي ويئي آهي، جن جا گهٽ ماڻهو آمريڪا رهن ٿا. لاٽريءَ ۾ نالو نڪرڻ تي هو آمريڪا ۾ هميشه لاءِ رهڻ لاءِ Permanent Residence لاءِ درخواست ڏئي سگهي ٿو ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجي زال (۽ جي زال آهي ته مڙس لاءِ) ۽ انهن ٻارن جي PR لاءِ اپلاءِ ڪري سگهي ٿو جن جي عمر 21 سالن کان گهٽ آهي. درخواست منظور ٿيڻ تي هنن جي پاسپورٽ تي Immigrant visa جو اسٽيڪر لڳايو وڃي ٿو ۽ هنن کي پوءِ ڇهن مهينن اندر آمريڪا پهچي پاسپورٽ تي آمريڪا ۾ Entry جو ٺپو لڳائڻو پوي ٿو. ان بعد سندن ڏنل ائڊريس تي پوسٽ ذريعي گرين ڪارڊ مليو وڃي. هتي اهو به لکندو هلان ته جتي لوڀي هوندا آهن، اتي ٺوڳي به پيدا ٿي پوندا آهن. هن گرين ڪارڊ جي لاٽريءَ جي چڪر ۾ ڪيترا شوقين ٺڳن هٿان ڦرجي به ويا. آمريڪا جي حڪومت جڏهن به لاٽريءَ جو اعلان ڪري ٿي ته هن ٺڳ ايجنٽ اخبارن، ٽي وي ۽ انٽرنيٽ تان اشتهارن ذريعي ماڻهن کي اهو باور ڪرائين ٿا ته توهان 50 يا سئو به سئو ڊالر في اسان ايجنٽن کي ڏيئي پنهنجو فارم ڀرايو جو ائين ڪرائڻ سان ان جي نڪرڻ جي وڌيڪ اميد آهي پر اصل اها ڳالهه صحيح ناهي. ويتر حقيقت اها آهي ته اهڙا ايجنٽ توهان جو فارم موڪلڻ ۾ دير ڪريو ڇڏين. ڪيترا ٺڳ ته پنهنجن اشتهارن ۾ اهو به ڏيندا آهن ته نه فقط هو فارم جلد موڪليندا پر فارم نڪرڻ تي ڪامياب اميدوارن کي آمريڪا وڃڻ لاءِ هوائيجهاز جي ٽڪيٽ به مفت ۾ ڏيندا. آمريڪاجي حڪومت وقت بوقت عوام کي هنن ٺڳ ايجنٽن کان بچڻ لاءِ چتاءُ ڏيندي رهي ٿي جيئن هو پنهنجي چانس ۽ پئسو هنن ٺڳ ايجنٽن جي ڪوڙڪين ۾ اچي برباد نه ڪن.

گرين ڪارڊ ملڻ بعد ڪو به Immigrant (ڌارئين ملڪ جو آمريڪا ۾ آيل) همراهه

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آمريڪا ۾ هميشہ لاءِ رهي سگهي ٿو پر ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن، جن جي ڪري هو پنهنجو اهو Status وڃائي بہ سگهي ٿو. ڪو بہ ڏوهہ جو ڪم ڪرڻ تي هن جو گرين ڪارڊ ڪئنسل ٿي سگهي ٿو ۽ هن کي پنهنجي ملڪ ڏي موٽڻو پوي ٿو.

گرين ڪارڊ هولڊر (Permanent Resident) جيڪڏهن آمريڪا ۾ رهڻ بدران ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ وڃي رهائش اختيار ڪري ٿو تہ 365 ڏينهن بعد هن جي آمريڪا جي PR ختم ٿي سگهي ٿي. يا انڪم ٽئڪس جي غير ادائگي ڪري بہ هو پنهنجو PRS (پرمننٽ ريزيڊنس اسٽئٽس) وڃائي سگهي ٿو.

نيويارڪ جي ساڄي پاسي Vermont نالي هڪ ننڍڙي رياست آهي. ورمانٽ جهڙيون ننڍڙيون رياستون USA ۾ ٻيون بہ بہ چار آهن، جهڙوڪ رهوڊي آئلنڊ، مساچوسيٽ، ڪنيڪٽي ڪٽ وغيره. پر ورمانٽ رياست جو گادي وارو شهر مونٽ پيليئر (Montpelier) آمريڪا جي باقي رياستن جي گادي وارن شهرن کان ننڍو آهي، جنهن جي آدمشماري اٺ هزار مس آهي. هونءَ هن رياست لاءِ اها ڳالهہ دلچسپ آهي تہ هتي هڪ بہ مئڪڊونالڊ جي ريسٽورنٽ ناهي جيڪا آمريڪا جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ نظر اچي ٿي.

”هوائي آمريڪا جي 50 هين رياست آهي. ”هوائي Hawaii ٻيٽن جو جهڳٽو آهي، جيڪو پئسفڪ سمنڊجي وچ ۾ آهي ۽ آمريڪا جي مين لئنڊ کان 2300 ميل پري آهي. هوائي ٻيٽ 1898 ۾ آمريڪا سان شامل ٿيڻ کان اڳ سئنڊوچ ٻيٽ سڏيا ويا ٿي. هي ”ٻيٽ“ رياست (هوائي) جي صورت ۾ 1959 ۾ آمريڪا جي پنجاهين رياست بنيا. هوائي اٺ ڪن ٻيٽن جو مجموعو آهي، جن مان او آهو (Oahu) ٻيٽ جو شهر هونولولو سڀ ۾ وڏو آهي ۽ هوائي جي گاديءَ جو هنڌ آهي.

پاڻيءَ جي جهاز ذريعي آمريڪا وڃڻ لاءِ پنهنجو عربي سمنڊ ۽ بحر احمر (Red sea) ، جنهن ۾ جدي جهڙا بندرگاهہ آهن، لتاڙي، سئيز ڪئنال اڪري، ڀوَنچ سمنڊ ۽ ان بعد ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙي نيو يارڪ کان اچيو نڪرجي ٿو. آمريڪا (U.S.A) جي اولهہ واري پاسي جي بندرگاهہ: لاس انجلس، سئن ڊياگو سئن فرانسڪو يا وئنڪوئر بندرگاهن ۾ وڃڻ لاءِ بہ اسان اها ئي روٽ اختيار ڪريون ٿا. ان لاءِ ائٽلانٽڪ سمنڊ پار ڪري پوءِ پاناما ڪئنال ذريعي اسان پئسفڪ سمنڊ ۾ پهچون ٿا جتي مٿيان بندر گاهہ آهن. جيئن سئيز ڪئنال ڳاڙهي سمنڊ ۽ ڀوَنچ سمنڊ (Mediterranean) کي ملائي ٿو تيئن پاناما ڪئنال ائٽلانٽڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سمنڊ ۾ پئسفڪ سمنڊ کي ڳڻيندي، اسان کي وڏي ڦيري ڪرائڻ کان بچائي ٿو. باقي جڏهن اسان جو جهاز ڪوريا يا جپان ۾ هوندو آهي. ان وقت اتان ڪا آمريڪا لاءِ assignment ملي ويندي آهي تہ پوءِ پنيون ڦيرو ڪري واپس ڪراچي ۾ سئيز ڪئنال ۾ بحيره احمر، ميڊيٽرينين ۾ ائٽلانٽڪ سمنڊ جهاڳڻ بدران اسان کي فقط پئسفڪ سمنڊ لتاڙڻو پوي ٿو. پئسفڪ سمنڊ دنيا جي سيني سمنڊن کان وڏو آهي ۽ اڳ زماني ۾ جڏهن جهازن جي تيل جون ٽانڪيون وڏيون نہ هيون ۽ سمنڊ جي پاڻيءَ مان منو پاڻي ٺاهڻجي سهوليت نہ هئي تہ جپان کان آمريڪا پئسفڪ سمنڊ لتاڙي پهچڻ وڏي منزل سمجهي ويئي ٿي جو رستي تي سواءِ هوائي ٻيٽن جي ٻيو ڪو اهڙو سٽائو تڙ نہ هجڻ ڪري سفر خطري کان خالي نہ هوندو هو. هينئر بہ ڪيترائي پاڻيءَ جا جهاز توڙي هوائي جهاز جپان ۾ آمريڪا ڏي ايندي ويندي هونولولو ۾ ڪجهہ دير ترسن ٿا. هونولولو جهازين لاءِ ائين فرحت جي جاءِ آهي،جيئن بيابان ۾ سفر ڪندڙن لاءِ خيابان! مزي جي ڳالهہ اها تہ هونولولو جي هوائي زبان ۾ معنيٰ بہ ”فرحت جي جاءِ آهي.

هنن هوائي ٻيٽن تي سن 1778ع ۾ ڪئپٽن جيمس ڪُڪ اچي نڪتو جنهن هنن ٻيٽن جي خبر ان وقت جي دنيا کي ٻڌائي ۽ هنن ٻيٽن جو نالو ”سئنڊوچ ٻيٽ“ رکيو. اهو نالو سئنڊوچ ان ڪري نہ رکيو جو هي ٻيٽ ڪن ٻن شين جي وچ ۾ سئنڊوچ ٿيل آهن. پر هن اهو نالو جان مونٽاگو کي عزت بخشڻ لاءِ رکيو. جنهن ڪئپٽن ڪڪ جي هن مسافري جو خرچ پکو پريو هو. سندس ذات ”سئنڊوچ“ هئي. (بلڪ سئنڊوچ قبيلي جو چوٿون Earl نواب هو).

ان بعد انگلينڊ جو ڪئپٽن وليم براؤن ڀريون ڏاريو ماٺهو هو جيڪو 1794ع ۾ ان هنڌ تائين جهاز کي وٺي آيو جتي اڄ ڪلهہ هونولولو بندرگاهہ آهي.

پئسفڪ سمنڊ ۾ آمريڪا جي هن رياست هوائيءَ لاءِ مٿي لکي چڪو آهيان تہ هيءَ مختلف ٻيٽن جو جهڳٽو آهي، جنهن ۾ اٺ وڏا ۽ اهم ٻيٽ آهن. جن ۾ وري هوائي ٻيٽ سڀ ۾ وڏو آهي، جنهن جي مڪاني زبان ۾ معنيٰ بہ ”وڏو ٻيٽ“ آهي. هن ٻيٽ تي هونولولو آهي، جنهن جي آدم شماري چار لک آهي. سيني ٻيٽن جي ٽوٽل آدم شماري نو لک آهي. هونولولو ٻيٽ جي بندرگاهہ جوئي هڪ حصو پرل هاربر سڏجي ٿو جتي ٻي وڏي جنگ جپان جي فدائي پائلٽن ”ڪامي ڪازي“ آمريڪا جي جنگي جهازن تي خودڪش حملو ڪري ڌهڪاءُ پيدا ڪري ڇڏيو هو. بهرحال هونولولو هوائي ٻيٽن جي گاديءَ جو شهر، وڏو شهر، اهم بندرگاهہ ۾ هوائي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اڏو آهي.

هوائي رياست جون چار يونيورسٽيون تمام مشهور آهن.

1ـ هوائي يونيورسٽي مانوئا ـ هن ۾ 21 هزار شاگرد آهن.

2ـ Chaminade University ڏيڍ هزارڪن شاگرد آهن ۽ سندس ساليانو ٽيوشن في 14 هزار ڊالر آهي.

3ـ هوائي پئسفڪ يونيورسٽي جنهن ۾ نوَ هزار ڪن شاگرد آهن ۽ ساليانو ٽيوشن في يارهن هزار ڊالر آهي.

4ـ برگهام ينگ يونيورسٽي جنهن ۾ ٽي هزار ڪن شاگرد آهن ۽ ٽيوشن في پنڌرهن هزار ڊالر آهي.

هنن يونيورسٽين ۾ ڪيترائي پاڪستاني شاگرد به تعليم وٺي رهيا آهن. ان کان علاوه ڪيترائي اسان جي ملڪ جا ماڻهو نوڪرين ۾ آهن. جن مان هڪ اسان جي ڳوٺ جو ڊاڪٽر خالد زمان گاجٽي ميمڻ پڻ آهي. جيڪو TV جو مشهور آرٽسٽ پڻ هو.

شروع ۾ اسان ڊيلاويئر رياست جي به ڳالهه ڪئي آهي ته ان کي آمريڪا جي پهرين رياست ٿيڻ جو درجو مليل آهي. آمريڪا (U.S.A) جون جيڪي پنج Mid Atlantic رياستون سڏجن ٿيون. ڊيلاويئر انهن مان هڪ آهي. هن رياست ”ڊيلاويئر“ توڙي هتان وهندڙ ساڳي نالي واري نديءَ جو نالو هڪ انگريز همراهه ”ڊي ـ لا ـ وار“ (De La Warr) تان پيو جيڪو 1577ع ۾ ڄائو هو ۽ 1618ع ۾ گذاري ويو.

ڊيلاويئر (Delaware) رياست آمريڪا (U.S.A) جي ٻئي نمبر تي ننڍي رياست آهي. سڀ کان ننڍي روڊ آئلنڊ (Rhode Island) آهي. ڊيلاويئر رياست جي اتر ۾ پينسلوانيا رياست آهي، اوڀر ۾ ڊيلاويئر ندي، نيوجرسي رياست ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ آهي ۽ اولهه ۽ ڏکڻ پاسي کان مئريلئنڊ رياست آهي، جنهن جو بالٽيمور مشهور شهر ۽ بندرگاهه آهي.

شروع جي سالن ۾ هيءَ رياست (ڊيلاويئر) ايڏي مشهور نه هئي پر پوءِ مئريلئنڊ ۽ ورجينا جي آدمشماري وڌڻ تي ڪيترا اتي جا رهاڪو لڏي ڊيلاويئر رياست هليا آيا. هن پاسي ڪمائي جو وڏو ذريعو تماڪ جي پوک ۽ غلامن کان پورهيو وٺڻ مان هو. ڪالونيل دور ختم ٿيڻ تي غلامي به گهٽجڻ لڳي. 1860 واري سرڪاري آدمشماري جنهن ۾ هن رياست ۾ نوي هزار ماڻهو هئا تن ۾ 1800 آفريڪن غلام هئا ۽ ويهه هزار اهي آفريڪي شيدي هئا، جيڪي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هاڻ غلام نہ پر آمريڪن شهري هئا. ڊيلاويئر جو پراڻو گرجا گهر ”يونين چرچ آف آفريڪن“ جيڪو هاڻ A.U.M.P چرچ سڏجي ٿو 1813 جو ٺهيل آهي، جيڪو سابق غلام (Slave) پيٽر اسپينسر ٺهرايو.

مسي سپي آمريڪا (U.S.A) جي ڏاکڻي رياست آهي ۽ الاباما ۽ لوزيانا جي وچ ۾ آهي. هن رياست جو نالو مسي سپي نديءَ تان پيو آهي، جيڪا هن رياست جي اولهہ واري بائونڊري ٺاهي لوزيانا مان لنگهي گلف آف ميڪسيڪو سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. جهازن جي نوڪري دوران اسان ڪي ڪيترائي دفعا جهاز ڪي لوزيانا جي شهر نيواورلينس ۾ وٺي اچڻو پيو. جيڪو مسي سپي نديءَ تي ائين آهي، جيئن روهڙي سکر سنڌو نديءَ تي. اسان جي جهاز کي اٽڪل هڪ سئو ميل کن مسي سپيءَ نديءَ ۾ اندر وٺي وڃڻو پيو ٿي.

مسي سپي رياست ۾ شروع کان هتي جي ڪارن جي گهڻائي رهي آهي ۽ هيءَ رياست آمريڪا جي غريب رياست چئي وڃي ٿي.

مسي سپي جو لفظ هتي جي ٻارن ۾ مشهور آهي جو ”لڪ چپ“ (چور پوليس) راند کيڏڻ مهل ڳولڻ وارو لڪڻ وارن کي ڪجهہ وقت ڏيڻ لاءِ زور سان ”ون مسي سپي، ٽو مسي سپي......“ وغيره ڳڻيندو آهي، جيئن پاڻ وٽ چوندا آهن ”ڪوڪ هڪڙي ڪُوڪ ٻہ، ڪُوڪ ٽي.....“ وغيره.

آمريڪا جي مون ٽانا (Montana) رياست اتر ۾ ڪئناڊا سان مليل آهي. سندس هڪ پاسي نارٿ ڊڪوٽا رياست آهي تہ ٻئي پاسي واشنگٽن ۽ هيٺ ڏکڻ ۾ ويومنگ آهي. هن رياست ۾ ڪيتريون ئي جبلن جون قطارون آهن. ان ڪري هن رياست جو نالو مون ٽانا هسپانوي زبان مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ جبل (Mountain) آهي، جيتوڻيڪ هي رياست ايراضيءَ ۾ چوٿون نمبر وڏي آهي. (الاسڪا، ٽيڪساز ۽ ڪئليفورنيا بعد) پر جابلو ۽ رڻ پٽ هجڻ ڪري سندس آدم شماري تمام گهٽ آهي. ”مون ٽانا“ رياست جي ڪمائي ائگريڪلچر، ڪاٽين جي کوٽائي، ۽ عمارتي ڪاٺ آهي. هتي ٽوئرسٽ بہ چڱا اچن ٿا، جيڪي Glacier نئشنل پارڪ ۽ Yellow Stone نيشنل پارڪ کي ڏسڻ اچن ٿا.

مون ٽانا رياست جي هڪ ندي Roe River جو نالو Guiness Book of Records ۾ ايندو آهي، جو اها ندي دنيا جي ننڍي ۾ ننڍي ندي (اٽڪل 200 فٽ ڊگهي) آهي. ائين تہ آمريڪا جي هڪ ٻي رياست Oregon جي ”ڊي ندي“ پڻ ننڍڙي ۽ ذري گهٽ رو نديءَ جيڏي

آهي. اوريگان رياست آمريڪا جي اولهه ۾ پئسفڪ سمنڊ جي ڪناري تي آهي. سنڌس اتر ۾ واشنگٽن رياست آهي ۽ ڏکڻ ۾ ڪئليفورنيا رياست.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## هڪ رنگي کي ڪلرڊ ڇو سڏيو؟

ڪالهه انٽرنيٽ ڪوليم تہ Sana جي گروپ ميل ۾ هڪ خط علي بروهيءَ جو پڙهيو. خط جو عنوان يعني سبجيڪٽ هو: "Poem by an African Man" جنهن خط ڪولي پڙهڻ لاءِ دلچسپي پيدا ڪئي. منجهس ڪنهن شاعر جو شعر ڏنل هو جنهن هتي جي سماجي معاشري جي ڪوتاهين ۽ Complexes ڏي ڌيان ڇڪايو آهي. اسان وٽ سهڻي ٻار کي متان نظر لڳي، پيار مان ڪارو سڏيو وڃي ٿو. هينئرهنن ويهن ٽيهن سالن ۾ اهڙن نالن جو ڪٽي رواج نڪري ويو آهي پر جڏهن اسان وٽ ٿوه، چيڙ، مور، ڪندو ۽ ٻيہ جهڙا نالا ٻهراڙين ۾ عام هئا، تڏهن ڪنهن کي ڪارو يا پوڙهو پڻ پيار مان سڏيو ۽ سمجهيو ويندو هو. پر هتي آمريڪا ۾ ڪنهن کي "ڪارو" چوڻ گار برابر آهي، چو جو ان نالي سان سڏڻ وارو پنهنجي پيار جو نہ پر نفرت جو اظهار ڪري ٿو جيئن اسان وٽ ڪنهن زماني ۾ ڪنهن کي بنگالي سڏڻ خراب سمجهيو ويو ٿي چو تہ ان جي پويان نفرت ۽ ڌڪار جو احساس هو. جيتوڻيڪ ملايا ۽ انڊونيشيا پاسي "بنگالي" مان مطلب فارينر سمجهيو وڃي ٿو جو گذريل صدين ۾ ملايا پاسي جيڪو بہ فارينر آيو ٿي اهو چاهي گجراتي هجي، عرب، ايراني يا پنجابي تہ اهو coasting ڪندو (تن ڏينهن ۾ ڊئريڪٽ هلڻ وارا پاڻي جا جهاز آگبوٽ، ٻيڙا نہ هئا) بنگال جو ڪنارو ڏئي ملايا پهتو ٿي سو ملايا وارن لاءِ اهي سڀ بنگالي هئا، چاهي بنگال صوبي جو هجي يا نندي ڪنڊ جي ڪنهن بہ صوبي جو. ايتريقدر جو پنڌرهين صديءَ ۾ جڏهن پورچو گالي ملاڪا پهتا تہ انهن کي بہ ملئي ماڻهو بنگالي سڏڻ لڳا پر سندن رنگ اڇو چٽو هجڻ ڪري کين Puteh (معنيٰ سفيد) بنگالي سڏڻ لڳا.

بهرحال هتي آمريڪا ۾ بہ جيڪي آفريڪا کان آيل ڪارا پورهيت ۽ غلام پهتا تن کي يورپين ۽ آمريڪن ڪارو (Black) سڏڻ لڳا يا نيگرو (شيدي). اسان وٽ ڪنهن کي شيدي سڏڻ نفرتجي نشاني ناهي. بلڪ اسان وٽ شيدي ماڻهو چرچي پوڳ، ڳائڻ وڄائڻ ۽ ملڪ لاءِ وفاداريءَ جي علامت سمجهيو وڃي ٿو پر هتي آمريڪا ۾ رهندڙ آفريڪا کان آيل باشندا توڙي ڪئريبن سمنڊ جي ٻيٽن جا رهاڪو اهڙن لفظن تي غم ۽ غصي جو اظهار ڪن ٿا. نيگرو يا ڪاري کان علاوه اڄ ڪلهه Coloured (رنگين) وڌيڪ استعمال ۾ ايندڙ لفظ آهي. ڏکڻ آفريڪا جتي هيستائين رنگ کي وڏي اهميت ڏني وئي ٿي، اتي بلڪ معنيٰ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مڪاني (يعني آفريڪا کنڊ) جا ڪارا (شيدي) ۽ ڪلرڊ معنيٰ اسان ننڍي کنڊ جا رهاڪو (جنهن ۾ ڪرمچند گانڌي بہ شامل هو)، چيني، ملئي ۽ عرب وغيره پر آمريڪا ۾ رهندڙ ڪارن (شيدين) توڙي ناسي پورن جئميڪن، ڪئريبين ۽ ٻين کي ڪلرڊ سڏيو وڃي ٿو.

ابراهام لنڪن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڪيترائي نيڪ گورا انسان ان ڪوشش ۾ لڳل آهن تہ انسان کي رنگ جي بنياد تي نہ پر سندس ڪم ۽ سنائيءَ جي لحاظ سان گروپن ۾ آندو وڃي، پر تڏهن بہ توهان کي محسوس ٿيندو تہ عام طرح آمريڪا جا گورا آفريڪا جي شيدين سان گڏ هر "ڪاري" ۽ رنگين کي غلام سمجهن ٿا. جاهل ۽ اڻ پڙهيل سمجهن ٿا. بداخلاق ۽ ڪاهل سمجهن ٿا ۽ پنهنجي نفرت جو اظهار کين "ڪلرڊ" جو لقب ڏيڻ سان ڪن ٿا ۽ هتي جا غريب توڙي وڏي عهدي ۽ رتبي تي پهچي ويل شيدي چڱي طرح سمجهن ٿا تہ يورپي ۽ گورا کين ڪلرڊ سڏڻ سان پنهنجي نفرت جو اظهارڪن ٿا ۽ هو سندن اکين ۽ دل ۾ پنهنجي لاءِ لڪل نفرت محسوس ڪن ٿا. علي بروهيءَ جو Sana (سنڌي ائسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا) جي ميمبرن ڏي موڪليل هي شعر هڪ اهڙي ئي آمريڪا ۾ رهندڙ آفريڪا جي شيديءَ جو آهي، جيڪو کين ڪلرڊ سڏڻ وارن کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ توهان اسان کي ڪلرڊ چوٿا سڏيو۔ اهي تہ دراصل توهان آهيو.

POEM BY AN AFRICAN MAN
DEAR WHITE FELLA,
COUPLA THINGS, YOU SHOULD KNOW.
WHEN I BORN, I BLACK
WHEN I GROW UP, I BLACK
WHEN I COLD, I BLACK
WHEN I SCARED, I BLACK
WHEN I SICK, I BLACK
AND WHEN I DIE, I STILL BLACK.
AND YOU WHITE FELLA,
WHEN YOU BORN, YOU PINK
WHEN YOU GROW UP, YOU WHITE

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

WHEN YOU GO IN DA SUN, YOU RED
WHEN YOU COLD, YOU BLUE
WHEN YOU SICK, YOU GREEN
AND WHEN YOU DIE, YOU GRAY
AND YOU CALLING ME COLORED???

منهنجا پيارا گورا ڀائرو.
ڪجهہ ڳالهين جي تہ توهان کي بہ ڄاڻ هجڻ کپي،
جڏهن آئون ڄائو هوس تہ ڪارو هوس،
وڏو ٿيس تہ بہ ڪارو رهيس،
اس ۾ نڪران ٿو تہ بہ ڪارو آهيان،
ٿڌ ۾ پڻ ڪارو رهان ٿو
خوف جي حالت ۾ پڻ منهنجو ساڳيو رنگ رهي ٿو،
بيمار ٿي جڏهن بستر تي ڪران ٿو تہ بہ آهيان ڪارو مان،
مرڻ وقت بہ رنگ منهنجو ڪارو آهي!
۽ توهان گورا انگريز ۽ يورپيو!
ڄمڻ وقت توهان گلابي ڳٽن وارا آهيو،
مچي مڙس ٿيڻ تي سفيد ٿيو وڃو،
سج جي تپش ۾ يڪدم تپيو ڳاڙها ٿيو وڃو
ٿڌ ۾ توهان وري نيرا رهو ٿا،
بيماريءَ جي حالت ۾ ساوا، توهان لڳو ٿا،
مرڻ وقت پورا متيءَ جهڙا!
۽ توهان جيڪي رنگ متايو ٿا،
مون هڪ رنگي کي ”ڪلرڊ“ سڏيو ٿا!

آمريڪا توڙي ڪئناڊا ۾ اهي ماڻهو جيڪي گورا يورپي يا انگريز نہ آهن، اهي سڀ ”ڪلرڊ“ آهن. يعني هيٺاهين درجي جا ـ انهن ۾ اسان ايشين بہ اچي وڃون ٿا، ويندي هتي جا اصلوڪي باشندا ريڊ انڊين بہ ـ آفريڪي ڪارا تہ شروع کان ئي ڪلرڊ سڏبا اچن.

هڪ ڪاري آمريڪن چيو تہ فقط ”ڪارو“ يا ”نينگرو“ سڏجڻ کان وري بہ ڪلرڊ لفظ ڪجھ بهتر آهي، جو بلئڪ (ڪارو) لفظ مان مراد تہ فقط اسين آفريڪا کان آيل غلام ۽ پورهيت شيدي ٿياسين. ڪلرڊ ۾ تہ انڊين، چيني، عرب بہ اچي ويا، جن ۾ ڪيترا پڙهيل ڳڙهيل، پئسي وارا ۽ سائنسدان پڻ آهن.

آفريڪا کنڊ جي هڪ ملڪ جي ڊپلومئٽ جو بہ اهو ئي خيال آهي تہ Colored سڏڻ ۾ وري بہ گهٽ بيعزتي آهي ۽ اهو لفظ برداشت ڪري سگهجي ٿو پر هر ڪاري يا آفريڪن شيديءَ کي ڪارو يا نينگرو سڏڻ غم ۽ غصو ٿو ڏياري جو انهن لفظن سان اسان کي سڏڻ واري جي مراد اسان کي غلام، ٻانهو جاهل ۽ جنگلي سمجهڻ آهي. جيتوڻيڪ جن کي توهان اهو سمجهي بندوق جي زورتي اڄ کان بہ سئو سال کن اڳ آفريڪا کان وٺي آيائو انهن جو اولاد اڄ توهان گورن وانگر تعليم يافتہ ۽ وڏن عهدن تي آهي. ان کان علاوه آمريڪا ۾ جيڪي آفريڪا جا شيدي هلن پيا، اهي سڀ توهان گورن جي زرخريد ٻانهن جو اولاد نہ آهن. اهي آفريڪا ۽ ڪئريبين سامونڊي ملڪن ۾ ٻيٽن جا اعليٰ عملدار ۽ ڊپلومئٽ بہ ٿي سگهن ٿا.

مالڪوم (Malcolm_x) جهڙن آفريڪي نسل جي آمريڪن هتي جي گورن سان چڱيون چڪريون ڪاڏيون آهن تہ توهان اسان آفريڪن کي ”بلئڪ“ يا ”نينگرو“ چو ٿا سڏيو؟ توهان جپان جي رهاڪو کي جپاني ٿا سڏيو چين جي رهاڪوءَ کي چيني ٿا سڏيو. اهڙيءَ طرح آمريڪا ۾ رهندڙ آفريڪي شيدين کي ”آفريڪي آمريڪن“ چو نٿا سڏيو؟“ توهان اسان کي ”ڪارو“ يا ”نينگرو“ (Negro) ڪهڙي بنياد تي سڏيو ٿا؟ چا ڪو اهڙو بہ ملڪ آهي، جنهن جو نالو ڪارو آستان (Black Land) آهي، جيڪڏهن آهي تہ پوءِ اتي جي ماڻهن کي توهان انهن نالن سان سڏيو.

هونءَ نيگرو ”Negro“ لفظ اسپيني ۽ پورچوگالي زبانن جو آهي، جنهن جي معنيٰ ڪارو آهي. آمريڪا جي ڪيترين رياستن ۾ توڙي ڪئناڊا ۾ ڪيترا آفريڪي نسل جا ماڻهو ”بلئڪ“ سڏجڻ تي سخت دل ۾ ڪن ٿا پر ”بلئڪ پرسن“ سڏجڻ تي اعتراض نٿا ڪن. يعني لفظ ”ڪارو“ اسم طور استعمال ڪرڻ کي تمام گهڻو خراب سمجهيو وڃي ٿو پر صفت طور ان کي گهٽ خراب سمجهيو وڃي ٿو. برطانيا ۾ بہ اڄ ڪلهہ آفريڪا جي ڪارن ماڻهن جي جذبات جو خيال رکڻ خاطر کين ”Black Briton“ سڏڻ بدران Black British

People سڏيو ويجي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## اڄ جو ۽ اڳ جو آمريڪا

ٽيهه پنجٽيهه سال اڳ يعني گذريل صدي جي سٺ واري ڏهي جي آخري سالن ۾ جڏهن منهنجو پهريون دفعو هن پاسي اچڻ ٿيو هو تہ يورپي گورن ۽ آفريڪي شيدين کان علاوه، ويجهڙائيءَ ۾ آمريڪا ۾ اچي Settle ٿيڻ وارن ۾، گهڻائي پورٽوريڪن، ميڪسيڪن ۽ ٻين اوسي پاسي جي ٻيٽن (جيڪي ڪئريبين سمنڊ جا ٻيٽ سڏجن ٿا جن ۾ هائٽي، جئميڪا، ڪيوبا ۽ ويسٽ انڊيز وغيره اچي وڃن ٿا) ۽ وچ آمريڪا (ڪاسٽاريڪا، گئاٽيمالا، نڪراگئا) جي ملڪن جي رهاڪن جي هئي، جيڪي هسپانوي (Spanish) زبان ڳالهائين ٿا ۽ انهن کي U.S.A آمريڪا وارا لئٽينو (يعني لئٽن آمريڪا جا ماڻهو) سڏين ٿا. يعني لئٽينو گروپ جي ماڻهن ۾ ڏکڻ آمريڪا جي ڏورانهن ملڪن چلي، پيرو ۽ برازيل جا بہ ماڻهو اچي ويا تہ آمريڪا (U.S.A) جي بلڪل ويجهڙائي وارن ملڪن يعني ميڪسيڪو ڪيوبا، پورٽوريڪا جا بہ اچي ويا.

انهن ڏينهن ۾ اسان وارن ملڪن، يعني ننڍي کنڊ ۽ ڏکڻ اوير ايشيا ۽ وچ اوير جا ماڻهو آمريڪا U.S.A ۾ تمام ٿورا هئا. عرب اجان ايڏو ڏور نہ نڪتا هئا، ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ لبناني ۽ شامي عرب آمريڪا ۾ ضرور هئا جن ۾ گهڻائي Coptic عربن جي هئي. يعني هنن عربي ضرور ڳالهائي ٿي پر سندن مذهب عيسائي هو. ملائيشيا ۽ انڊونيشيا پاسي جا ماڻهو اڄ بہ نڪرڻ ۾ سست آهن. هو هڪ ئي موسم، مينهوڳي واريءَ تي هريل آهن ۽ ٿڌن ملڪن کان پاسو ڪن ٿا. ايراني ضرور نظر ايندا هئا پر انهن ۾ بہ اسي نوي سيڪڙو زورو سٽرن (باه جي پوڄارين جو- جن کي پاڻ وٽ پارسي سڏين ٿا) جو هو يا بهائي مذهب سان واسطو رکندڙن جو هو. ايراني مسلمان ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ نظر آيا ٿي. يورپ توڙي آمريڪا ۾ مسلمان ايرانين ۽ عربن جو اچڻ خمينيءَ جي انقلاب بعد يا صدام جي ڏينهن ۾ ٿيو.

تن ڏينهن ۾ اسان جي ننڍي کنڊ جي ماڻهن مان انڊيا جا U.S.A ۾ ڪافي هئا. ڪافي معنيٰ چڱا خاصا- يورپ ۽ برطانيا ۾ جيترا انڊين ان وقت هئا، اوترا هيڏانهن آمريڪا ۾ نہ هئا. پاڪستاني، سري لنڪن بنگالي يا گورکا ۽ نيپالي تہ بلڪل اٽي ۾ لوڻ برابر هئا. ڏکڻ آمريڪا جي ماڻهن جو U.S.A (آمريڪا) ۾ اچڻ ۾ تہ عقلمندي هئي پر اسان وارن ملڪن کان ايشيائي ماڻهو هيڏو مفاصلو ڪري آمريڪا ڇو اچي، جڏهن هن کي برطانيا ۽ يورپ جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪيترن ئي ملڪن ۾ آرام سان نوڪري، ڏنڌو، بيروزگاريءَ جي حالت ۾ سوشل الائونس ۽ سال ٻن بعد شهريت ۽ پاسپورٽ بہ ملي ويو ٿي. سو هُنن جرمني، فرانس، اٽلي، انگلينڊ ڏي ئي لڏپلاڻ ڪرڻ ۾ بهتري سمجهي ٿي. سئيڊن، ناروي ۽ ڊينمارڪ پاسي بہ گهڻن پوءِ رخ رکيو جڏهن ٻين ملڪن ۾ رهڻ تي پابنديون ۽ سختيون وڌڻ لڳيون. سو تن ڏينهن ۾ آمريڪا ۾ اسان جي شڪل وارن ماڻهن ۾ گهڻائي انڊيا جي رهاڪن جي هئي. باقي پاڪستان، سلون، نيپال پاسي جا ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ هئا ۽ اسان سيني جو هڪ جهڙو رنگ روپ ۽ نمونو هجڻ ڪري اسين سڀ انڊين سڏبا هئاسين. هاڻ پنجٽيهہ ڪن سالن بعد آمريڪا اچي هڪ نئين ٽرم ”ديسيءَ“ جو اضافو ٿيو اٿم. ديسي ماڻهو ديسي کاڌا، ديسي ميوزڪ، ديسي چئنل، ديسي عادتون وغيره ۽ ديسي ۾ نہ فقط اتر انڊيا جا ماڻهو (شروع ۾ آمريڪا ۾ انڊيا جي اتر وارن صوبن جي ماڻهن جي گهڻائي هئي، تامل ناڊو، ڪيرالا ۽ ڏکڻ هندستان جي ڏاکڻي حصي جي ماڻهن جو رخ سري لنڪا، ملائيشيا، سنگاپور ۽ اڃان بہ اڳتي تہ نيوزيلينڊ ۽ آسٽريليا طرف هو) پر ڏکڻ ۽ اوڀر انڊيا جا ماڻهو پاڪستاني، سري لنڪن، بنگلاديشي، نيپالي وغيره اچي وڃن ٿا. انهن ملڪن جي ماڻهن جون، سواءِ مذهب جي، ٻيون ڪيتريون ڳالهيون، عادتون ۽ شوق ساڳيا آهن. ڏکڻ هندستان جا ماڻهو يا انڊيا جي گجرات ۽ بنگال صوبي جا ماڻهو جيڪي ملائيشيا ۽ سنگاپور پاسي رهيا پيا آهن، انهن کي اڙدو يا هندي صفا ڪا نہ اچي. مڪاني زبان ملئي ۽ انگريزي ڳالهائين يا پنهنجي مادري زبان تامل، گجراتي ۽ بنگالي. هنن کي هندي ڳالهائڻ جي ضرورت بہ ڪهڙي جو ملائيشيا پاسي هنديءَ کان وڌيڪ سندن صوبي جي زبان تامل ۾ گهڻيون فلمون هلن ٿيون. سنگاپور جي چئن قومي زبانن مان تامل هڪ آهي (۽ ٻيون ٽي زبانون چيني، ملئي ۽ انگريزي آهن). پر هتي آمريڪا ۾ رهندڙ تامل هجن يا بنگالي، گجراتي هجن يا نيپالي، هو هندي ڄاڻن ٿا. اسان پاڪستانين جي تہ هونءَ ئي اڙدو زبان آهي، جيڪا هنديءَ جهڙي آهي. ان ڪري هتي جا ديسي، انگريزي کان پوءِ ٻي ٻولي جنهن ۾ گهڻو Communicate ڪن ٿا، اها هندي آهي. هتي جيڪي ڪيبل ذريعي چار پنج انڊين ٽي وي جا چئنل هلن ٿا ـ زي ٽي وي، سهارا ٽي وي، اسٽار ٽي وي وغيره ـ اهي سڀ هنديءَ جا آهن. جيتوڻيڪ تامل، بنگالي ۽ خاص ڪري گجراتي ڳالهائيندڙن جو تہ تمام وڏو تعداد آمريڪا ۾ رهي ٿو.

هونءَ آمريڪا ۾ ننڍي ڪنڊ جي کاڌي کي ”انڊين فوڊ“ سڏيو ويو ٿي جنهن جو مطلب اتر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پرديش، پنجاب ڪشمير –يعني انڊيا جي اتراهن علائقن جا کاڌا هوندا هئا پر هاڻي ”ديسي فوڊ“ جو لفظ وڏيڪ مشهور ٿيندو وڃي، جنهن ۾ پيٽ، پوڙ دال، اڊلي، ڊوسا، روٽي چپاتي ۽ پيا گجراتي، بنگالي، مدراسي ۽ پيا ڏکڻ هندستاني کاڌا عام ٿي ويا آهن. ناچ گانن ۾ به هونءِ آمريڪا ۾ انڊين فلمي يا وڌ ۾ وڌ پنجابي ڀنگڙا مشهور هئا، جن انڊيا جي راڳ روپ جي نمائندگي ڪئي ٿي. پر هاڻ اهي ڊانسون انڊين بدران ”ديسي“ سڏجڻ لڳيون آهن، جن ۾ بنگالي ۽ نيپالي ڊانسون به شامل آهن ته راس، ڀنگڙا، ڀارت نتيام، ڪٿڪ ۽ ڪُچي پودي به اچي وڃن ٿيون.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر جاويد ڀٽو (جيڪو اڄ ڪلهه هتي آمريڪا جي ڪنهن يونيورسٽيءَ سان وابسته آهي) جنهن جو تفصيلي احوال آمريڪا بابت هن کان اڳ واري سفر نامي ”نيو هالا کان نيويارڪ“ ۾ ڏئي چڪو آهيان، تنهن کان هڪ ڏينهن پڇيم ته ديسي ماڻهن جون ٻيون ته سڀ ڳالهيون ساڳيون يا ڪٽي ڇڏجن ته هڪ جهڙيون آهن پر مذهب بابت هتي جا ماڻهو مسلمانن ۽ هندن ۾ ڪيئن Distinguish ڪن؟ ”مسلمانن لاءِ ڏاڙهيءَ جو اشارو ۽ هندن کي Dot سڏين“ جاويد ٻڌايو.

”ڇا مطلب!“ مون پڇيو مانس.

”ڊاٽ معنيٰ ڳاڙهو تلڪ، جيڪو هندو عورتون نرڙ تي هڻن ٿيون.“

يعني اهو سوال هتي جا گورا انهن مردن کان ڪن جن کي ڏاڙهي ناهي. يعني اهي عورتون جن کي نرڙ تي تلڪ آهي، اهي هندو ٿيون. بنا تلڪ واريون مسلمان. ڏاڙهي وارا مرد مسلمان ۽ بنا ڏاڙهيءَ وارا مرد مسلمان به ٿي سگهن ٿا ته هندو به. پڪ ڪرڻ لاءِ هنن کان پڇيو ويندو آهي ?Are You a Dot معنيٰ توهان جو هندو ڌرم سان واسطو آهي.

# آمريڪا ۾ ديسي ادب ۽ ميوزڪ

بهرحال اهي سڀ ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي. ديسي ماڻهن مان ڪن ڪن، بدناميون به پيدا ڪيون آهن. پر گهڻي ڀاڱي ديسي ماڻهن ۽ انهن جي ديسي ڪاڻن، ديسي ادب (Literature) ديسي ميوزڪ هتي جي گورن ۽ انهن جي ملڪ تي چڱو خاصو Impact به پيدا ڪيو آهي. ڇو جو هتي جا ڪيترا گورا هاڻ ڪيترين ئي ديسي شين ائين پسند ڪن ٿا جيئن جپاني ماڻهو فرينچ ڊش پسند ڪن ٿا. رڳو ديسي ادب کي ڏٺو وڃي ته اڄ جي ٽي وي ۽ انٽرنيٽ جي دور ۾ به پنهنجي ادب کان وڌيڪ ديسي ادب پسند ڪن ٿا جن ۾ آرڪي نارائڻ جي ڪلاسيڪل لکڻين ۽ وي. ايس نائيپال جي ڪتابن کان انيتا ڊيسائي، گيتا مهتا، راج ڪمال جها جهڙا اديب اچي وڃن ٿا جن جا ڪتاب نيوپارڪ، واشنگٽن ۽ بالٽيمور کان ائٽلانٽڪ سٽي، ايڊيسن ۽ سائڪرا مينٽو جهڙن شهرن جي ڊپارٽمينٽل اسٽورن ۾ نظر اچن ٿا. اڄڪلهه ويجهڙائيءَ ۾ ڪجهه پيا به ديسي ادب هتي آمريڪا ۾ پسند ڪيا پيا وڃن. جيئن سُوڪيتو مهتا (جنهن جو ڪتاب Maximum City هتيجي SANA جي ڪيترن ميمبرن پڙهيو ۽ پسند ڪيو آهي، مون کي به پروفيسر نديم جمالي صاحب اهو ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڇيو). مترا ڪاليتا جو ڪتاب Suburban Sahibs، مونيڪا عليءَ جو Bricklane ۽ جهمپالاهيريءَ جو Namesake ڪتاب. جيڪي هنن پنهنجي وطن بابت لکيا آهن، هتي جي گورن ۽ گورين جي هٿن ۾ نظر اچن ٿا. ائين ته ڪجهه عرصو اڳ وڪرم سيٺ جي ڪتاب A Suitable Boy، چترا بينر جي ديوا ڪاروني جو ڪتاب Mistress of Spices به نه فقط آمريڪا پر سڄي دنيا ۾ مشهور ٿيو هو. گذريل ڏهن سالن کان ديسي ليکڪن جي لکڻين ۾ ڪافي دليري (Boldness) اچي رهي آهي، جنهن جو مال ارون ڌاتيءَ جو نالو The God of Small things آهي. اڄ ڪلهه گوتم ملڪاٽيءَجي ناول لنڊنستاني (Londonstani) جي به هتي وڏي واڪاڻ آهي.

نه رڳو ناول پر ڪيترا سنجيده قسم جا سياسي، تواريخي ۽ يادداشتن جا ڪتاب پڻ هتي جا گورا آمريڪن وڏي شوق سان پڙهن ٿا. اهڙو ئي هڪڙو ڪتاب حسين حقانيءَ جو "From Mosque to Military" هن مهيني هتي جي مارڪيٽ ۾ آيو آهي، جيڪو ڇپيو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بہ آمريڪا ۾ آهي. هڪ ٻيو ڪتاب جيڪو هتي اڄ ڪلهه ڇپجي رهيو آهي، جنهن جي ماٺهو جي وات ۾ ڳالهه آهي اهو پاڪستاني جرنلسٽ نفيسہ هوديائي جي يادگيرين ۽ پاڪستاني معاشرتي مسئلن بابت آهي. نفيسہ هوديائي پروفيسر جاويد پٽو صاحب جي گهر واري آهي ۽ هتي Voice of America سان وابستہ آهي.

ديسي ميوزڪ ۾ هندي ۽ اڙدو جا گانا هتي مشهور آهن ۽ ٻئي نمبر تي پنجابي ۽ گجراتي. ائين تہ ننڍي کنڊ جي ڪهڙي زبان آهي، جنهن جي ڳالهائڻ وارا هتي آمريڪا ۾ نہ آهن. پر ٻيون ٻوليون گهرن تائين محدود آهن. ديسي فنڪشنن، ميلن، سميلن، انڊين فلمون هلڻ دوران سئنيما گهرن ۾، عام طرح هندي / اردو گانن جا آواز ڪنن تي پون ٿا. دڪانن تي آڊيو ۽ وڊيو جا ڪئسٽ ڪيترين ئي زبانن ۾ ملن ٿا، جيڪي نہ رڳو پاڪستان ۽ هندستان کان هتي وڪري لاءِ اچن ٿا پر Locally بہ ٺهن ٿا جن ۾ سرينام ۽ ٽرنيڊاڊ جهڙن ملڪن جا انڊين رهاڪو پڻ حصو وٺن ٿا. ٽرنيڊاڊ جو هڪ جوڙو ڪنچن بابلا هتي ڪافي مشهور آهن. هڪ ٻيو گروپ سندر پوپو جو آهي، جنهن جي ميوزڪ جو نالو "چٽني ميوزڪ" Chutney Music آهي. پاڪستاني گروپ "جنون" بہ هتي ڏاڍو مشهور آهي ۽ پاڪستاني توڙي انڊين هن کي پسند ڪن ٿا.

هڪ دفعي فلڪ شير سان گڏ واشنگٽن کان نيو جرسي پئي آيس. سڄي واٽ هو سنڌي ڪئسٽ هلائيندو آيو. ان ۾ هڪڙو گانو واه جو هو:

مون کي دلا تار_ هل هن پار
پنهنجي ميهر سان، مان ملان هڪ وار
او پنهنجي ميهر سان ملان هڪ وار

فلڪ شير ٻڌايو تہ گذريل سال هتي نيو جرسيءَ ۾ انڊيا جي سنڌين جو سميلن ٿيو هو جنهن ۾ هيءَ ڳائڻ واري ڪماري تيجي پوجواڻي پڻ هتي آئي هئي. هتي جي هڪ رڪارڊنگ ڪمپنيءَ هي آڊيو ڪئسٽ ٺاهيو آهي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ تيجيءَ جو آواز لتا وانگر بيحد منو لڳي رهيو هو يا شايد پينسلوانيا ۽ ميريلينڊ جي جهڙالي موسم ۾ فلڊ لفيا وٽ ڊيلا ويئر ندي ٽپڻ وقت چوڌاري خوبصورت نظاري جو اثر هو جيڪو گاني ۾ رومانيت پيدا ڪري رهيو هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سير ۾ سرتيون ڪاهينديس مان،
سر جو سانگو ساهيندس مان،
درد ٿو دل کي دڪائي، ستائي سڄڻ جي ٿي سار،
مون کي دلا تار، هل هن پار
پنهنجي ميهر سان مان ملان هڪ وار

فلڪ شير ٻڌايو تہ ڪماري تيجي پوڄواڻي، انڊيا جي صوبي گجرات جي شهر گانڌيدام ۾ رهي ٿي، جتي ڪنهن اسڪول جي هوءَ پرنسپال آهي. مون کيس ان راڳ جي شروع وارو حصو ٿي دفعا کن وڄرايو جنهن ۾ هوءَ راڳ کان اڳ ڏاڍي سريلي ۽ سوز واري آواز ۾ ڏوهيڙو ٿي ڏئي:

”پريت پڪارون جي ڪيون، ڪيون نيزاريون نينهن.
اکڙين ۾ آيا تري واچوڙا، جهڙ مينهن
الا! هت جيجل! ڇايون ڪيئن، الا پار پهچائج ميهر ڏي...“

ڪماري تيجيءَ جو ڪئسٽ بہ هفتا کن نيو جرسي ۽ نيو يارڪ جي ديسي دڪانن تان پڇائيندو رهيس پر خبر پيئي تہ سڀ ختم ٿي چڪا آهن. هاڻ فلڪ شير کي چيو اٿم تہ پنهنجي ڪئسٽ تان مون لاءِ ڪئسٽ ڀرائي ڏي. فلڪ شير بہ سوچيندو هوندو تہ عجيب سڪڻو ماڻهو آهيان. سندس گاڏيءَ ۾ يا گهر ۾ جيڪو سنڌي راڳن جو ڪئسٽ ٻڌان ٿو تہ ان جي فرمائش ڪريان ٿو.

سنڌي راڳن جا ڪئسٽ تہ ڪراچي ۾ بہ ملن ٿا پر هتي رهندڙ پاڪستاني توڙي انڊين سنڌين وٽ عجيب سنڌي ڪئسٽ ڏسان ٿو جن مان ڪجهہ تہ هنن حيدرآباد سنڌ ۽ انڊيا مان گهرايا آهن، ٻيا وري هتي ٿيندڙ ميلن ۽ ملن پارٽين ۾ ٽيپ ڪرايا آهن. ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ (W.S.I) جي چيئرمين بہ مون کي هڪ سنڌي ميوزڪ جي CD ڏني جيڪا هتي واشنگٽن ۾ رڪارڊ ڪئي ويئي آهي. SANA جي فنڪشن ۾ هڪ مڪاني گورو آمريڪن شازيا خشڪ ۽ ٻين مهمان ۽ مڪاني ڳائڻين جا راڳ رڪارڊ ڪندو رهيو. انهن مان هڪ راڳ آهي:

”سالــن کان پوءِ هيل الا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مس مس ٿيو آ ميل الا....“...

ٻڌو اٿم تہ اهو راڳ اڄ ڪلهہ پاڪستان ۾ سنڌ TV تان بار بار هلي ٿو ۽ ماڻهن ۾ بيحد مقبول آهي. انگلينڊ جو هڪ ديسي ڳائڻو آهي، جيڪو ”پنجابي ايم سي“ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. ان جو هڪ گانن جو آلبم هتي آمريڪا ۾ ڪافي مشهور آهي، جنهن آلبم جو هن نالو ئي رکيو آهي Desi. ڪجهہ گانا جن مان ڪيترا پنجابي ناچ ڀنگڙا جا آهن. اهي انگريزي ۽ پنجابي زبانن جو مڪسچر آهن. يعني هڪ اڌ انگريزيءَ جي سٽ تہ هڪ اڌ پنجابيءَ جي. آمريڪا جي شهر بوسٽن ۾ ديسي ماڻهن جي ”ڪمينا“ (The Cominas) نالي بئنڊ آهي هو پاڻ کي Punjabi Punk سڏائين ٿا.

اي. آر. رحمان جيڪو سڀ ۾ مشهور ديسي آرٽسٽ آهي، ان سائوٿ انڊين ۽ هندي ميوزڪ کي مغربي ميوزڪ سان مڪس ڪري جيڪو Blend پيش ڪيو آهي، ان جو جواب ناهي. شاهين بدر جنهن جي بئنڊ جو نالو Prodigy آهي. جنهن جا گانا انگلينڊ طرف تہ گهڻي وقت کان مشهور هئا پر نيو جرسي جي رميش ٿارواڻيءَ ٻڌايو تہ هاڻ هتي اتر امريڪا (يعني U.S.A ۽ ڪئناڊا) ۾ بہ مشهور ٿي ويا آهن. خاص ڪري Smack my bitch up جهڙا گانا اڪثر ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# آمريڪا ۾ ديسي ڪلچر

اڄ کان ٽيهه چاليهه سال اڳ اسانجي ننڍي کنڊ جا آمريڪا ۾ ايترا ماڻهو نہ هوندا هئا. وري بہ انڊيا جا خاص ڪري اتراهين رياستن جا ڪجهه هوندا هئا. باقي ڏکڻ هندستان پاڪستان، بنگال ۽ سري لنڪا پاسي جا اتي ۾ لوڻ برابرهئا. هاڻ انهن سيني ملڪن جا جنهن کي پاڻ سائوٿ ايشيا سڏي سگهون، جام ماڻهو نظر اچن ٿا. نوڪرين مزورين، بزنيس ۾ تہ جام آهن پر تعليم ۾ بہ جام آهن. ڪي پنهنجي خرچ تي اعليٰ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن تہ ڪن پنهنجي ملڪ جي يونيورستين ۾ مٿانهان نمبر کڻي پنهنجي ملڪ جي اسڪالر تي يا ڌارين ملڪن ۽ ادارن جي اسڪالرن تي هتي آمريڪا ۾ پڙهي رهيا آهن. آمريڪا جي اها ڪهڙي يونيورسٽي آهي، جنهن ۾ انڊيا، پاڪستان.... يعني سائوٿ ايشيا جا شاگرد نہ آهن. شاگرد تہ هر هنڌ موجود آهن. پر ڪيترين يونيورسٽين ۾ اسان جا "ديسي" پروفيسر آهن. رات ڪجهه سنڌي همراهن سان هڪ فنڪشن ۾ ملاقات ٿي خبر پيئي تہ سواءِ هڪ يا ٻن جي جيڪي ڊاڪٽر ۽ انجنيئر آهن ٻيا سڀ مختلف يونيورسٽين ۾ پروفيسر آهن. انهن ۾ هڪ تہ اسان جي ڳوٺ جو ڊاڪٽر الطاف گاجڻي ميمڻ جيڪو نيو يارڪ جي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ Dean آهي. ٻيا جن سان پهريون دفعو مليس تن مان ڪجهه جانالا هن ريت آهن:

پروفيسر آغا گل

پروفيسر نديم جمالي وغيره وغيره.

آمريڪا جي يونيورسٽين ۾ اسان جي ملڪن (ڏکڻ ايشيا) جي شاگردن جون ڪيتريون تنظيمون ۽ سنگتون بہ آهن جيئن تہ: South Asian Journalists Association جنهن جا انڊين، پاڪستاني، سنڌي، پنجابي، پناڻ، مدراسي، بنگالي، نيپالي ۽ سري لنڪن ميمبر آهن.

اهڙي طرح Network of south asian professionals نالي هڪ ٻي سوسائٽي آهي. جلسا جلوس، ڪاڄ فنڪشن جا بندوبست ڪرڻ لاءِ ڏکڻ ايشيا جي ماڻهن يعني "ديسي" ماڻهن جي هڪ وڏي ڪمپني آهي جيڪا "ايسٽ ويسٽ انٽرنيشنل" سڏجي ٿي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

توهان کي ڪنهن شادي مراديءَ لاءِ ڪاچ ڪرڻو آهي ته انهن سان ڳالهايو. هو پنهنجا بئنڊ باجا، آرٽسٽ طبلچي ۽ لائيٽنگ جي بندوبست سان اچي حاضر ٿيندا. نيو يارڪ ۾ رهندڙ قاضي احمدجي ڊاڪٽر غلام نبي انڙ ٻڌايو ته هي ڪمپني East west International وارا نيويارڪ شهر ۾ هر هفتي پروگرام ڪن ٿا، جنهن ۾ ويندي بالي ووڊ جا ريمڪس گانا به ڳائين ٿا، جيڪي هيٺين ويب سائيٽ تي ٻڌي سگهجن ٿا:

http://www.remixsaturdays.com ۽ www.desihitsradio.com

آمريڪا ۾ ننڍي کنڊ جا- يعني ديسي ماڻهو ايترا ته رهن ٿا ۽ ديسي ميوزڪ انهن ۾ ۽ مڪاني آمريڪن ۾ ايتري ته Popular ٿي ويئي آهي جو دنيا جي مشهور ميوزڪ چئنل MTV وارا هتي آمريڪا ۾ هڪ نئون چئنل MTV Desi لانچ ڪري رهيا آهن. ان بعد منهنجي خيال ۾ جن گورن (آمريڪن) کي ديسي لفظ جي ڄاڻ نه هئي، انهن کي به پئجي ويندي ته Desi لفظ ڇا آهي ۽ ان ۾ ڪهڙا ماڻهو ۽ ڪهڙيون شيون اچي وڃن ٿيون.

هونءَ هتي آمريڪا ۾ ديسي ماڻهن جون ڪجهه ايف ايم ريڊيو اسٽيشن به آهن جن تان پاڪستاني ۽ انڊين گانا، غزل، گيت، شعرو شاعري، چرچا ڀوڳ (گهٽو ڪري واهيات قسم جا) ايندا رهن ٿا. انهن FM ريڊيو اسٽيشنن جا محدود دائرا آهن. خالد چنا، يا ثمير وسطڙو فلڪ شير يا رميش ٺاروانيءَ سان نيوجرسي، ميريلئنڊ، پين سلوانيا يا ورجينا رياستن ۾ سفر ڪندو آهيان ته هو ريڊيو جي سئيءَ کي ڦيرائي ڦيرائي آخر اهڙي ڪا ديسي اسٽيشن ڳولي وٺندا آهن ۽ آمريڪا جا رستن تي هلندي پنهنجي وطن جي ٻولين جا آواز ٻڌڻ ۾ ڪيڏي نه حيرت ٿيندي آهي! نه ته مون کي ياد آهي ته 70-1969ع وارن سالن ۾ هنن بندرگاهن بالٽيمور، فلڊلفيا، نيوارڪ وغيره وغيره ۾ جڏهن اسان جو جهاز ڪراچيءَ کان پهچندو هو ته بندرگاهه جي مزورن کي ته ڇا ڪيترن پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن کي به خبر نه هوندي هئي ته ڪراچي يا پاڪستان ڪٿي آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اڄ به ڪيترين گهريلو قسم جي آمريڪي عورتن کان ڪٿي پڇ ته پاڪستان جو نالو ٻڌو اٿانوَ ته نهه پهه وراڻيندييون: ”ها جتي روز بم ٿا ڦاٽن. جتي روز عورتون ٿيون Rape ٿين.“ هنن جو ڪهڙو ڏوهه. هنن جي ٻاهرين دنيا سان ڄاڻ سڃاڻ فقط مڪاني ٽي وي اسٽيشن جو خبر نامو آهي، جيڪو هو ڏينهن ۾ فقط هڪ دفعو ٻڌن ٿيون. ۽ اهوائين آهي جيئن اسان وٽ شام جي اخبار جيڪا ڏوهن ۽ پيار جي پرٽن سان پريل هجي. هڪ دفعي اسانجي پاڙي ۾ رهندڙ آمريڪن گوري عورت کي ٻڌايم ته

”اسان بيحد گهڻو سڌريل ۽ مهمان نواز ماڻهو آهيون. جن جي تهذيب پنج هزار سالن کان بہ پراڻي آهي. موهن جو دڙو ان جو مثال آهي.“

ٻئي ڏينهن هوءَ هڪ هفتيوار مئگزين نموني جي اخبار کڻي آئي جنهن ۾ منو ڀيل جي فئمليءَ جي دردناڪ ڪهاڻي هئي ۽ پنجاب ۾ مختاران مائيءَ سان ٿيل ظلمن جي سندس زباني هئي. مختارران مائيءَ تي تہ شايد هتي فلم بہ ٺهي رهي آهي. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ اسان جي ملڪ جا ماڻهو ڪيترو غريب، بيروزگار، بيمارين ۾ ورتل: ناانصافين ۽ ظلمن  جا ستايل آهن. جيڪي ظالم آهن. جيڪي ٻين جي ڪٽنبن کي پنهنجن ذاتي جيلن ۾ رکن ٿا، جيڪي پنهنجين نياڻين کي ڪاري ڪري مارين ٿا يا قرآن سان شادي ڪرائين ٿا، جيڪي عورت جي تقدس کي پائمال ڪن ٿا، چوريون، ڌاڙا هڻڻ ۽ هڻائين ٿا، انسانن کي وهٽن وانگر اغوا ڪن ٿا، اهي ماڻهو اهي سردار وڏيرا، اهي پوتار ۽ پوليس جون ڪاريون رڍون سڀ جي  پاڪستان يا سڄي سنڌ جي آدمشماري جي ڀيٽ ۾ هڪ سيڪڙو بہ نہ آهن. پر انهن ظالمن اسانجي صوبي يا اسان جي ملڪ کي دنيا جي نظرن ۾ ڪيڏو ڪٽي خوار ڪيو آهي جو اسان جو ملڪ دهشتگردن ۽ ڌاڙيلن جو ملڪ ٻڌجي ويو آهي. يورپ ۽ آمريڪا جا ملڪ تہ ڇڏيو پر عرب ملڪ بہ اسانجي ماڻهن کي پنهنجي ملڪ ۾ نوڪري ڏيندي ڇرڪن ٿا. هو ملائيشيا جي شهر ملاڪا جو سؤ ڪن سال پراڻو هڪ مختصر ۽ Mini قلعو ڏسڻ لاءِ وڃن ٿا پر اسان وٽ حيدرآباد جو هيڏو وڏو ۽ جهونو قلعو يا لاڙڪاڻي جو موهن جو دڙو ڏسڻ لاءِ دل نٿا ٻڌن. سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ هڪ طرف تہ اسان نياڻيءَ کي ست قرآن چئون ٿا پر ٻئي طرف حقيقت اها آهي تہ ٻورن جي چوريءَ جي  چٽيءَ ۾ اسان پنج معصوم نياڻيون ونيو ڇڏيون ۽ ان قسم جا  فيصلا ڏيندڙ پوتار ۽ سردار سمجهن ٿا تہ هو وڏو نيڪيءَ جو ڪم پيا ڪن. هنن جاهلن کي تہ اها بہ خبر نٿي پوي تہ ظلم جي بہ هڪ حد ٿيندي آهي. انٽرنيٽ ۽ سيٽلائيٽ جو دور اچي ويو آهي. هيومن رائيٽس ۽ وومين واچ ڊاگ تحريڪن جو عملو ورلڊ وائيڊ ٿي ويو آهي. اڄ ڪڏرو ۽ ٺري ميرواهہ ۾ ٿيندڙ قتل جي خبر سئن فرانسسڪو ۽ لاس اينجلس تائين پهچيو وڃي، پنو عاقل ۽ گهوٽڪي ۾ ٿيندڙ اغوا ۽ ڪارو ڪاريءَ جي ڪيسن جي جاڻ سکر ۽ خيرپور ۾ پهچڻ کان اڳ دنيا جي ٻي ڇيڙي مشيگان ۽ اوهيو ۾ اڳواٽ پهچيو وڃي ۽ اهڙن ماڻهن جا ڪڌا ڪم نہ فقط پنهنجي تر ۾ پر پرديس ۾ رهندڙ ديس واسين لاءِ بہ مشڪل پيدا ڪن ٿا.

## اسان جي پاسي جا ماڻهو آمريڪا ۾.

بهرحال اسين اچون پنهنجي وطن جي ماڻهن تي جيڪي هتي آمريڪا ۾ رهن ٿا. آمريڪا يعني U.S.A پنجاهه رياستن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ٽيڪساز الاسڪا ۽ ڪئليفورنيا جهڙين رياستن جي پکيڙ اٽڪل پاڪستان جيڏي آهي. اسان جي پاسي جا ماڻهو يعني انڊيا پاڪستان يا بنگلاديش وغيره جا آمريڪا جي سيني رياستن ۾ پکڙيل نه آهن پر چند رياستون آهن جن ۾ هنن جا ڳاهٽ آهن. اهي رياستون هن ريت آهن: نيو يارڪ، نيو جرسي، ڪئليفورنيا ۽ الينئاس. ان کان پوءِ ٻئي نمبر تي پين سلوانيا، مشيگان، ٽيڪساز اوهيو ۽ فلوريڊا رياستون آهن جن ۾ اسان جا ديسي ماڻهو گهٽائي ۾ آهن. ۽ انهن رياستن جا وري شهر ڏسجن ته اهي هن ريت آهن: نيو يارڪ سٽي، سئن فرانسڪو سان جوس، سليڪن وئلي، شڪاگو لاس اينجلس، واشنگٽن ڊي سي ۽ فلاڊلفيا. انهن شهرن کان علاوه هڪ پيو شهر جنهن ۾ تيزيءَ سان اسان جي ديسي آدمشماري وڌي رهي آهي. اهو آهي پٽسبرگ. چيو وڃي ٿو ته ننڍي کنڊ کان آمريڪا ڏي ماڻهن جو اچڻ سن 1700ع کان پوءِ ٿيو. 1790ع ۾ پهريون انڊين جيڪو آمريڪا ۾ رهي پيو اهو برٽش نيويءَ جو خلاصي هو. ويهين صديءَ جي پهرين ڏهي ۾ گڏيل هندستان جي پنجاب صوبي جا سک، پنجابي هندو ۽ مسلمان ايترا ته آمريڪا ۾ آيا ۽ اهي سڀ ڪئليفورنيا رياست ۾ اچي Settle ٿيا، ايتريقدر جو هن رياست لاءِ سڀ چوندا هئا ته اها soon_ to_ be_ Indion State of Punjab يعني آمريڪا جي ڪئليفورنيا رياست انڊيا جي پنجاب رياست ٿيڻ جهڙي ٿي پيئي. ان بعد ٽيهه چاليهه سال ٺاپر رهڻ بعد 1950ع ڌاري انڊيا کان وڏي خلق آمريڪا ڏي پهتي. هي انڊيا جي ورهاڱي بعد جي اثرن جو نتيجو هو.

جيڪي ماڻهو ننڍي کنڊ (انڊيا) کان لڏي آمريڪا اچي رهيا آهن، اهي هونءَ ته ڪٿي "ديسي"، "انڊين" يا "ايشين" سڏجن ٿا پر Officially اهي "Indian American" (انڊين آمريڪن) سڏجن ٿا. يعني انڊيا جا ماڻهو جيڪي هاڻ آمريڪن قوميت رکن ٿا.انهن وٽ آمريڪا جي شهريت ۽ پاسپورٽ اهي. آهي سڀ اهي سهولتون ماڻين ٿا، جيڪي هتي جي گوري آمريڪن کي آهن.

انڊيا کان لڏي آيل انڊين کان علاوه هڪڙا بيا بہ تہ هتي ماڻهو رهن ٿا، جيڪي يورپين کان اڳ آمريڪا جي هن ڌرتيءَ تي موجود هئا. بلڪ يورپ کان آيل قومن: پورچوگالين، انگريزن، اسپينين، اطالوين، المانين (جرمن) وغيره، هنن ماڻهن کي ماري ڪُٽي، ڊيڄاري ڌمڪائي يا لالچون ڏيئي هنن جي زمينن تي قبضو ڪري مالڪ ٿي ويٺيون. اهي ماڻهو Red Indians سڏجن ٿا ۽ عام طرح فقط انڊين بہ سڏجن ٿا. ۽ ڪڏهن ڪڏهن فقط انڊين چوڻ سان مونجهارو بہ پيدا ٿئي ٿو تہ اڳلو هتي جو ريڊ انڊين آهي يا ايشيا کان آيل انڊين . انڊين چيف مان مراد هتي جي اصلوڪي ماڻهن جو سردار آهي، جيڪو مٿي تي کنڀن واري ٽوپي پايو پيو هلي يا هندستان جي ڪنهن رياست جو راجا، مهاراجا يا نواب پوٽار آهي جيڪو فصل لهڻ تي يا قبيلائي جهيڙا ڪرائي غريبن مان ڪڍيل پئسو ۽ پنهنجو پيٽ ڪڍي هتي عيش ڪرڻ آيو آهي. جيئن تہ هتي جي اصلوڪي رهاڪن کي ريڊ انڊين سڏڻ سان ڪڏهن ڪڏهن برو ٿو لڳي جو ڪيترا ماڻهو اهو لفظ ڪين هيڻاهون درجو ڏيڻ لاءِ استعمال ٿا ڪن، ان ڪري Officially هنن کي American Indian سڏيو وڃي ٿو. هونءَ بہ اڄ جي جمهوري دور ۾ هو بہ هن ملڪ جا اهڙا ئي شهري ۽ پاسپورٽ رکندڙ آهن، جهڙا هتي جا يورپي گورا. بلڪ ڏٺو وڃي تہ هو وڌيڪ عزت جا لائق آهن جو هو هتي جا اصلي باشندا آهن، هيءَ سندن ڌرتي آهي. يورپي گورا تہ پوءِ لڏي هتي اچي رهيا. جيئن اسان وٽ چيو وڃي ٿو تہ سنڌ جا اصل باشندا تہ باگڙي، ڀيل، مينگهواڙ ڪولهي يا برهمڻ جي ذاتين مان لوهاڻا، ڀاٽيا وغيره آهن يا ڪٽي ڇڄجي تہ اوڏ بہ هتي جا اصل سنڌي آهن. سما، سومرا ۽ ڪلهوڙا وغيره بہ پنجاب کان سنڌ ۾ آيا پر هل ڪٽي ڇڄجي تہ اهي ۽ ٻيا سماٽ قومن جا ماڻهو بہ ڪٽي ڪجهہ ڪجهہ جهونا سنڌي سڏجن. ٻين جي مقابلي ۾ ڪٽي نہ تہ بہ بلوچ قومن کان، جيڪي بلوچستان کان آيون، دراني، پٺاڻ، لوڌي وغيره جيڪي افغانستان کان آيون، قريشي، صديقي، شاهہ، سيد جيڪي ذاتيون وچ ايشيا، عرب ملڪن ۽ ايران پاسي کان آيون يا پٽي، پٽا، سيال، ڪرل، ملڪ وغيره جيڪي پنجاب کان آيون. آمريڪا ۾ سالن کان جمهوري حڪومت، پريس ۽ خيالن جي آزادي ۽ حقن جي بحالي هجڻ ڪري هتي جا اصلوڪي باشندا ريڊ انڊين پڙهي لکي وڏين نوڪرين ۽ ڏنڌن ڌاڙين ۾ اچي ويا آهن ۽ هاڻ ڏندين ڏاند آهن. هاڻ ڪو سندن نالو تہ وٺي ڏيکاري، اکيون ٿا ڏيکارين. اسان وٽ سنڌ جا اصلي ماڻهو باگڙي، ڀيل، ڪولهي مينگهواڙ تعليم يا سرڪاري ۽ خانگي نوڪرين ۾ ايترو نہ وڌي سگهيا آهن،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جيتوڻيڪ پئسي ڏوڪڙ ۽ Savings ۽ انويسٽمينٽ ۾ گهٽ کان اڳيان آهن. ڪيترا اڇن ڪپڙن وارا سندن قرضي آهن. بهرحال انهن جي ته چا ان بعد ٻيا جيڪي سنڌ جا شاهه حاڪم ٿيا اهي به پنهنجي ملڪ ۾ پنتي پئجي ويا آهن نه تعليم نوڪري ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي اٿن ۽ نه صحت ۽ بزنس ۾. ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته آمريڪا جي ٻهراڙين ۾ نه فقط سرڪار طرفان ٿهرايل اسڪول قائم ڪيا ويا پر هي So called جنگلي ماڻهو ريڊ انڊين انهن اسڪولن ۽ اسپتالن کي پنهنجي طرفان به وڌائين ويجهائين ٿا ۽ انهن جو معيار اعليٰ رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هتي جا ريڊ انڊين ۽ انهن جو اولاد ٻهراڙين ۽ شهر کان ڏورانهن علائقن ۾ ٻيلن جنگلن ۾ رهي به تعليم حاصل ڪرڻ چاهين ٿا هو پاڻ کي ڪنهن به طرح نون آيل يورپي گورن کان گهٽ ٿيڻ نٿا چاهين. بلڪ ڪٿي ڪٿي ته هتي جا گورا ڪانئن ڪن هٽن ٿا ۽ اجايو ککر ۾ ڪڙو نٿا هٽڻ چاهين. اسان جي پيٽارو جو چرچائي دوست قاضي احمد جو محمد سميع جادران جيڪو ويهارو کن سالن کان هتي آمريڪا ۾ آهي، کان هڪ گوري آمريڪن پڇيو:

Are You Immigrant?

يعني تون لڳي ٿو ته ويجهڙائيءَ ۾ ڪنهن ٻئي ملڪ کان هاڻ هتي آمريڪا ۾ آيو آهين.
جيڪا ڳالهه هئي ته صحيح پر اسان وارو سميع به نڌيڙڻ کان حاضر جواب ۽ جيسوءَ کي تيسو چوڻ وارو آهي، تنهن ڪاوڙ واري شڪل ناهي هن کي چيو:

”چا مطلب؟ پيٽان تون هوندين Immigrant آئون اوريجنل انڊين آهيان. سنيالي ڳالهاءِ“. سميع جي اهو چوڻ تي هو چلتو ٿي ويو. بعد ۾ سميع ٿهڪ ڏيئي چيو: ڏس رڍ جو پٽ گورو پاڻ کي هن ملڪ جو مالڪ ٿو سمجهي. پيٽان اسان ويهه سال اڳ آيا آهيون ته توهان وري هن ملڪ ۾ ڪهڙو صديون اڳ آيا آهيو. توهان به اسان وانگر هن ملڪ ۾ پناهگير آهيو. توهان ڪٽي چاليهه سال اڳ آيا آهيو. يا توهان جا ابا ڏاڏا سؤ سال اڳ آيا پر هي ملڪ توهان جي بابي جو ته نه هو.

”خبر اٿئي هو ويچارو اهو سمجهي ڊڄي ويو ته تون ڪو Red Indian آهين.“ مون سميع کي چيو. ”بلڪل. منهنجو مطلب به اهو هو. پڪ ڪرڻ لاءِ پڇي ها ته قسم ڪٽي به چوانس ها ته آءِ ايم انڊين. چو اسان جي ڏاڏن پڙ ڏاڏن جو انڊيا سان تعلق ڪو نه هو چا؟!“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## مونجهاري ۾ ڦاٿل اسان جا ديسي

عرب ملڪن پاسي جيڪي رهيا هوندا انهن ABCD ويزا جو ضرور ٻڌو هوندو. ستر جي ڏهي کان اڳ تائين عرب ملڪ ايترو امير نہ هئا. ستر ۾ عرب دنيا ۾ جتي ڪٿي تيل نڪرڻ ۽ تيل جي قيمت ۾ هيڪاندي واڌ اچڻ ڪري عرب ملڪ يورپ جي ملڪن کان بہ امير ٿي ويا. پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن جي سک لاءِ هنن ڌارين ملڪن مان ڊاڪٽر، انجنيئر پروفيسر، نوڪر چاڪر وڏن پگهارن تي گهرايا. هر هڪ عرب کي اجازت هئي تہ هو فئڪٽري، ڪارخانو يا اسڪول اسپتال کولي ۽ ان لاءِ ٻاهرين ملڪن مان جيترا ماڻهو وٺيس اوترا گهرائي. فئڪٽري ڪارخانن لاءِ تہ بنا وياج جي بہ سرڪار طرفان اوڌر ملين ٿي ۽ ويهارو سالن بعد هڪ طرف عربن جي پئسي ۾ ڪوٽ آئي ۽ ٻئي طرف پاڪستان، انڊيا، سريلنڪا، بنگلاديش جهڙن غريب ملڪن جي ماڻهن ۾ اهو ڪلچر گهر ڪري ويو تہ عرب ملڪن ڏي هلو (يعني دبئي چلو) اتي پئسو آهي ۽ پوءِ نوڪريون مهيا نہ هيون تہ بہ ويزا حاصل ڪري عرب ملڪن ۾ پهچي ويا ٿي ۽ اتي هٿ پير هڻڻ سان ڪين ڪاميابي ٿي ٿي. وقت سان گڏ هڪ طرف عرب ملڪن ۾ نوڪريون گهٽجي ويون، ۽ ٻئي طرف گهٽي خرچڻ جي عادت ڪري عربن کي پئسي جي ڪوٽ ٿيڻ لڳي. هنن ڏٺو تہ ٻي ڪنهن ڪمائيءَ کان اها آسان ڪمائي آهي تہ پاڪستان هندستان جهڙن ملڪن ۾ وڃي ماڻهن کي مفت ويزا ڏيڻ بدران پئسن تي ڏجي. ان قسم جون ويزائون اوپن ويزائون سڏجڻ لڳيون، جنهن ۾ ڪو بہ عرب گهرائيندڙ ماڻهوءَ کي نوڪري ڏيڻ لاءِ ٻڌل نہ هو. اهو ڪم جڏهن گهڻو اڳيان وڌيو تہ عرب حڪومت پنهنجن ماڻهن لاءِ اهو قانون ٺاهيو تہ هر عرب ضرورت موجب فقط چار ماڻهو گهرائي سگهي ٿو. يعني هو پنهنجي آسائش ۽ سک لاءِ چئن قسم جي ڪم وارن کي ويزا ڏئي سگهي ٿو. اهي هن ريت آهن: ٻارن جي سنڀال ڪرڻ واري آيا Ayah، گهر جي ڪم ڪار لاءِ ڇوڪرو Boy، رڌ پچاءَ لاءِ بورچي Cook، ۽ گاڏي هلائڻ لاءِ ڊرائيور Driver.

آيا، ٻئاء، ڪڪ ۽ ڊرائيور کي گهرائڻ واريون ويزائون اي بي سي ڊي سڏجن ٿيون. ڪويت يا سعودي عرب ۾ هوندو هوس تہ ڪيترا اسان جي ملڪ جا ڊاڪٽر انجنيئر ٻڌائيندا هئا تہ هو ABCD ويزا تي هتي آيا ۽ پوءِ هٿ پير هڻي پنهنجي پروفيشن واري نوڪري هٿ ڪيائون.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هتي آمريڪا ۾ بہ اهو لفظ ”اي بي سي ڊي“ ڪڏهن ڪڏهن ٻڌڻ ۾ اچي ٿو جيڪو اسان جي ديسي ماڻهن، يعني سائوٿ ايشيا جي ڪجهہ نوجوان طبقي لاءِ استعمال ٿئي ٿو. اهي پاڪستاني، انڊين نوجوان جن جا والدين ننڍي کنڊ کان آيا پر پاڻ جاوا نپنا هتي ئي ۽ هنن کي ننڍپڻ ۾ سندن والدين آزاد ڇڏي ڏنو تہ پلي هتي جي مڪاني ڪلچر ۾ رچي بسي وڃن. اهي ABCD سڏجن ٿا يعني

American Born Confused Desi

هي نوجوان سخت مونجهاري ۾ رهن ٿا تہ آيا هتي جي ڪلچر ناچ، گاني، شراب وغيره کي اپنائين يا پنهنجن وڏن جي روايتن، رسمن ۽ مذهب کي Follow ڪن.

هڪ بہ اهڙين سنڌي فئملين سان بہ ملاقات ٿي جن شروع ۾ بي خياليءَ ڪري، يا مشغول هجڻ ڪري پنهنجن ٻارن تي ڌيان نہ ڏنو. بلڪ هنن ان کي فخر جي ڳالهہ ڪري سمجهي تہ سندن ٻار هتي جي مڪاني ٻارن سان گڏ دوستي رکي مڪس پارٽيون ۽ پڪنڪون پيا ملهائين، پر هاڻ جڏهن هو جوان ٿيا آهن تہ سندن والدين بہ سخت پريشان آهن تہ هو پاڻ بہ مونجهاري ۾ آهن تہ هاڻ ڇا ڪجي. والدين چاهين ٿا تہ هو پنهنجن مڪاني دوستن ۽ انهن کان حاصل ڪيل عادتن کي ڇڏي نيڪ نمازي ٿين، والدين جي عزت ۽ خيال ڪن ۽ سندن بالغ اولاد اهو ئي چوندو وتي ٿو تہ اسان هنن پوڙهن مان چڱو ڦاٿا آهيون. هڪ ٻن ٻارن کي تہ ڏٺم تہ مائٽن سان ضد ڪري الڳ فليٽ وٺي هينئر ئي ڌار ٿي وڃي رهيا آهن، جتي هنن جي اينڊڙ گرل فرينڊس ۽ ٽينڊڙ مڪس پارٽين جو ٻڌي والدين کي هن پيريءَ جي عمر ۾ ڌڪ ٿو رسي. هڪ پيءُ تہ مون کان ان ڳالهہ جي راءِ ورتي تہ ڇا ائين بهتر نہ ٿيندو تہ آئون پنهنجي پٽ کي پاڪستان وٺي هلي سنڌ مان ڪنهن ڇوڪريءَ سان شادي ڪرايان.

”پوءِ ان سان ڇا ٿيندو؟“ مون پڇيو.

”شايد سڌري پوي“ هن وراڻيو.

”تي سگهي ٿو هن غريب نياڻيءَ جي بہ زندگي عذاب ڪري. اها ڇوڪري جيڪا هن جي طبيعت سان مطابقت نٿي رکي، ان غريب کي هو پرديس ۾ سورن ۾ ئي وجهندو.“

ڪجهہ مائٽن تہ افسوس بہ ڪيو ٿي تہ هنن جو ڏوهہ آهي. ”هتي آمريڪا ۾ اچڻ سان اسان پاڻ کي مشرقي تهذيب ۾ رکڻ بدران پاڻ کي شراب، ناچ گاني جهڙين شين ۾ رڌل رکيو ۽ ٻارن اسان کي ڏسي اسان جهڙو رنگ حاصل ڪيو آهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هڪ بہ والدين پنهنجي جوان اولاد کي ٽرئڪ تان هٽيل ڏسي ايڏو پريشان ٿيل نظر آيا جو هنن پاڪستان موٽڻ چاهيو ٿي پر سندن اولاد ضد تي هو تہ هو نہ هلندا. هتي آمريڪا ۾ ئي رهندا. والدين ان صورت ۾ ڪجهہ ڪري بہ نٿا سگهن جو هنن وٽ آمريڪا جي شهريت ۽ پاسپورٽ آهي ۽ هو پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ آهن. هڪ ٻن اهڙين فئملين سان بہ ملاقات ٿي جتي ٻار تہ واپس پاڪستان اچڻ لاءِ نابري واريو ويٺا آهن پر سندن زالن بہ پنهنجي اباڻي وطن ڏي هلڻ لاءِ راضپو نٿي ڏيکاريو. هڪ منهنجو دوست تنهن کي ٽي ڌيئون آهن. وڏي جيڪا بالغ آهي يا 18 سالن کان وڏي آهي، تنهن جي هتي جي مڪاني گورن سان دوستي ڪري سندس والد سخت پريشان آهي. هن پنهنجي ڌيءَ کي آمريڪا ۾ وڏيڪ پڙهڻ بدران ڪراچيءَ ۾ آغا خان ميڊيڪل يونيورسٽيءَ ۾ موڪلڻ چاهيو ٿي.

”آئون هن کي اهو بہ چوان ٿو تہ جيترو بہ خرچ اچي آئون تو کي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، تون ڪراچيءَ وڃي پڙهہ. جتي تنهنجي ماسي بہ آهي، پر هوءَ ڪنهن بہ صورت ۾ آمريڪا جي ماحول کان پري نٿي رهڻ چاهي ۽ ان ۾ منهنجي زال بہ ساڻس سهمت آهي.“

دوست جي چوڻ تي مون هن جي نياڻيءَ کي آغا خان يونيورسٽيءَ جي سٺاين بابت ٻڌايو تہ اها بين الاقوامي معيار جي آهي، پر ڇوڪريءَ کي هيوسٽن (ٽيڪساز) ئي وڻيو هو جو هن جا سڀ دوست (ڇوڪرا ڇوڪريون) اتي جي ڪنهن ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا وٺي رهيا هئا. سندس والد کي افسوس هو تہ هن ننڍي هوندي پنهنجن ٻارن کي پنهنجي ڪلچر ۽ مذهب جي اهميت کان آگاهہ نہ ڪيو. هاڻ هو هن جي هٿن مان ايتريقدر نڪري چڪا آهن جو هو ان ڏينهن کي پِٽي ٿو جنهن ڏينهن هن پنهنجو وطن ڇڏي آمريڪا اچڻ جو فيصلو ڪيو. بهرحال ان قسم جي نوجوان ٿهي ABCD سڏجي ٿي. يعني آمريڪا ۾ ڄاول منجهيل ديسي (American Born Confused Desi)

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## ڇا آمريڪا ۾ رهڻ سان ٻار خراب ٿيو وڃن؟

هونءَ پڙهندڙن کي اهو به سوچڻ نه کپي ته يورپ يا هتي آمريڪا ۾ جيڪا به فئملي اچي ٿي ان جا ٻار پنهنجي ڪلچر، ثقافت ۽ مذهب کان ڏور ٿيو وڃن حقيقت ته اها آهي ته مٿين مثالن جهڙا ڪيس تمام ورلي ۽ اتي ۾ لوڻ برابر آهن. نه ته هتي رهندڙ اسان جا ديسي توڙي انهن جا ٻار ايڏو ته محنتي پورهيت، نيڪ ۽ اخلاق وارا آهن جو ڪو سوچي به نٿو سگهي. ان بابت آمريڪا جي هن کان اڳ واري سفرنامي "يو هالا کان نيو يارڪ" ۾ به لکي چڪو آهيان ته ڪو زمانو هو جو ولايت ۾ اسان جي ملڪ جي جاهل وڏيرن، سردارن ۽ پيرن جاگيردارن جا پٽ پئسو وڃائڻ ۽ عياشي خاطر ايندا هئا پر هاڻ مڊل ۽ لوور ڪلاس جا غريب ماڻهو پورهيو ۽ نوڪريون ڪري پئسو بچائين ٿا ۽ پنهنجي فئملي کي جيڪا توڙي هتي هن سان گڏ هجي يا پنيان پنهنجي وطن ۾، خوشحال ڪن ٿا. مون ڪراچي ۽ پاڪستان جي ٻين شهرن ۾ ڪيترن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي بداخلاق ڊريس ۽ حرڪتون ڪندي ڏٺو آهي پر هتي نه. هتي هفتي جا پنج ڏينهن گڏهه وانگر پورهيو ڪرڻ بعد هفتي جي موڪل جو هڪ ڏينهن يا ٻه ڏينهن آرام لاءِ ملن ٿا پر اسان جي وطن جا هي پورهيت ۽ تعليم يافته ماڻهو آرام ڪرڻ بدران پنهنجن ٻارن کي ديني تعليم ڏيارڻ لاءِ اسلامڪ سينٽر ۾ وٺي وڃن ٿا، راندين روندين جي ڪلبن ۾ پاڻ سان گڏ وٺي وڃن ٿا. ڪيترا مائٽ ته ٻارن کي ڪمري ۾ اڪيلو ويهي ڪمپيوٽر تي انٽرنيٽ به نٽا کولڻ ڏين. ان جا به ڪيترائي مثال آهن. هتي فقط هڪ ڏيان ٿو. بالٽيمور ۾ ڊاڪٽر منور عباسي جي گهر هوس ته اتي سندس ٻن پٽن کي ڏٺم ته ماءُ پيءُ سان گڏ پنج ئي وقت نماز پڙهي رهيا هئا. منور ٻڌايو ته سندس زال ياسمين ننڍي هوندي کان ٻنهي ٻارن کي اها ئي ٽريننگ ڏني ته اسان ڪٿي به رهون پنهنجو ڪلچر ۽ مذهب ڇڏڻو ناهي." مون کي مڙيئي فجر مهل اٿڻ ۾ سستي ٿيندي آهي پوءِ ٻار رڙيون ڪري اٿاريندا اٿم ته Papa Get up " منور ٻڌايو.

منور ٻڌايو ته گهر ۾ ته ٻار ڇا ٻاهر ويندا آهن ته به نماز تي پابند رهن. "هينئر هفتي ڪن جي پڪنڪ تي اسڪول وارن سان گڏ ويا. اسان اسڪول جي هيڊ ماسٽر کي لکي ڏنو ته ان شهر ۾ هن وقت فجر جو ٽائيم ٿيندو مهرباني ڪري اسان جي پٽن کي نماز لاءِ اٿارجو."

منور ٻڌايو ته ڪمپيوٽر سندس ڪمري ۾ رکيل آهي، جيئن سندس ٻارماءُ پيءُ اڳيان ان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪي ڪولي اسڪول جو ڪم ڪار ڪن. ڪين هر وقت سنڌن ماءُ سمجهائيندي رهي ٿي تہ دنيا وانگر ڪمپيوٽر جون بہ ڪيترين ئي ويب سائيٽس اگهاڙيون ۽ خراب آهن، جن کان اسان کي پاسو ڪرڻ کپي. اسان کي فقط سٺين ڳالهين جي پوئواري ڪرڻ کپي.

منور جو وڏو پٽ ٻارهن سالن جو مس ٿيندو ۽ ننڍو ڏهن سالن جو. ٻنهي قرآن جا پنج سيپارا حفظ بہ ڪيا آهن. بالٽيمور شهر ۾ تہ مسجدون بہ آهن ۽ ڪيترائي هتي جا گورا نو مسلم بہ نماز پڙهندي نظر اچن ٿا پر جنهن هنڌ منور وارن جو گهر آهي، اهو ڀرواڙيءَ وارو علائقو آهي. سو منور کان پڇيم تہ پوءِ تنهنجا پٽ قرآن پڙهڻ لاءِ ڪيڏانهن وڃن.

”اسان جي علائقي ۾ هڪ عرب مسجد نهرائي آهي، جنهن جو امام هڪ مصري آهي.“ منور ٻڌايو ”ان جي زال ٻارن کي قرآن پڙهائي ٿي. پر ٻار مسجد ۾ وڃڻ بدران گهر ۾ پڙهن.“

”ان مصري امام جي زال گهر ۾ اچي پڙهائي؟“

مون پڇيو.

”نہ. هن هر ٻار کي ٽائيم ڏيئي ڇڏيو آهي. جيئن اسان جي ٻارن کي قرآن پڙهڻ جو ٽائيم شام جا پنج ڏنا اٿس. پوري پنجين بجي هوءَ فون ڪري هڪ هڪ ٻار کان پراڻو سبق پڇندي آهي ۽ پوءِ وڌيڪ ياد ڪرڻ لاءِ نئون سبق ڏيندي آهي. فون سان گڏ ٽيپ رڪارڊر بہ attach ڪري ڇڏيو اٿئون. جيئن بعد ۾ هر هر ٻڌڻ لاءِ، ٻار ٽيپ رڪارڊر ذريعي ٻڌي تلفظ صحيح ڪري سگهن.“

نيو جرسيءَ ۾ فلڪ شير جي گهر هوس تہ اهي پڻ پنهنجن ٻارن کي ڇنڇر ۽ آچر ڏينهن (Weekends) تي پر واري مدرسي (جيڪي هتي اسلامڪ سينٽر ٿا سڏجن) ۾ صبح جو وٺي ويندا هئا. شام جو وري اسڪائش ۽ سئمنگ سيکارڻ لاءِ ڪلب ۾ وٺي ويندا هئا. اتي منهنجي ڪيترن ئي ڪراچي جي واپاري ميمڻن سان ملاقات ٿي، ڪ جن جا آمريڪا ۾ ”ون ڊالر شاپ“ ۽ ٻئي قسم جو بزنيس آهي. انهن ۾ هڪ ARY ٽي وي واري عبدالرزاق يعقوب جو پاٽنيو بہ هئو. هو ۽ ٻيا پڻ پنهنجن ٻارن کي ڪلب ۾ پنهنجي نظرداريءَ هيٺ رانديون کيڏائڻ لاءِ وٺي آيا هئا جو هو سمجهن ٿا تہ هڪ صحتمند ذهن لاءِ صحتمند جسم بہ ضروري آهي. اتي ئي فلڪ شير هڪ ميمڻ جو ننڍو ڇوڪرو مزمل نالي ملايو جنهن سڄو قرآن حفظ ڪيو آهي ۽ يوسف جو پٽ آهي. اهڙي طرح نيويارڪ ۾ هالن جي اڪثر ليليٰ ڪيريو ۽ سنڌس مڙس ڊاڪٽر رمضان انڙ موڪل وارن ڏينهن تي پنهنجن ڇئن ٻارن کي مدرسي وٺي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ويا ٿي. قران شريف يا نماز پڙهڻ پنهنجي جاءِ تي پر اخلاق ۾ بہ مون ڏٺو تہ هتي رهندڙ اسان جي ملڪن جا ٻار ڪيترين ڳالهين ۾ پنهنجي عمر جي انهن ٻارن کان بهتر آهن. جيڪي ڪراچي، بمبئي يا ڍاڪا ۾ رهن ٿا ۽ جن جا مائٽ انهن جي ذهني ۽ اخلاقي اوسر تي ڌيان نٿا ڏين.

مسلمانن جي پيٽ ۾ جيتوڻيڪ هندن کي مذهب طرفان شراب پيئڻ تي منع ناهي، تنهن هوندي بہ مون ڏٺو تہ ڪيترائي هندو هتي جي گورن وانگر اڄ ڪلهہ سگريٽ ۽ شراب کان پاسو ڪن ٿا جو هو ان کي ميڊيڪلي سٺي شيءِ نٿا سمجهن. ائين ناهي تہ هو صفا نٿا ڊرنڪ ڪن. هرگز نہ. هي ملڪ اهو آهي، جتي شهرن توڙي ڳوٺن وستين ۾ شراب جا دڪان نظر اچن ٿا، جيئن پاڻ وٽ پان سوپاريءَ جون مانڊڻيون آهن ۽ اسان جي ملڪ جي مقابلي هتي بيئر توڙي وسڪي سستو پڻ آهي ۽ ڪيترا هندو يا هتي جا ڪرسچن ۽ يهودي ڊرنڪ ڪن ٿا پر ڪڏهن ڪڏهن. دعوت ۾ يا ويڪ اينڊ تي هو بيئر جي هڪ بوتل يا پيگ وسڪيءَ جو چاڙهي وڏي ڳالهہ سمجهندا آهن. اسان جي ملڪ وانگر هر گز نہ جيڪي پي پي پيا الٽيون ڪيندا ۽ آخر ۾ بيهوش ٿي ويندا ۽ ڪين ڪٽي گهر ڇڏبو آهي. ڪن جو تہ رستي تي ڪاڪوس بہ وهي ويندو آهي. اسان جي ملڪ جي ماڻهن جي دماغ ۾ عجيب ماليخوليا پريل نظر اچي ٿي. مجون ٿا تہ انگريزن وڃڻ بعد اسان جا ڪارا حاڪم ۽ پئسي وارا ماڻهو انهن جي ڪاپي ڪرڻ لاءِ سگريٽ ۽ شراب پيئڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا ۽ سمجهندا هئا تہ هاڻ اسان بہ انهن انگريزن وانگر ٿي ويا آهيون. پر ڪين ڪير ٻڌائي تہ اڄ اهو انگريز سگريٽ نوشي ۽ شراب خوريءَ کي خراب ٿو سمجهي. ميڊيڪل سائنس ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ سگريٽ ۽ شراب صحت لاءِ خراب آهي. ۽ اهي شيون نہ فقط صحت لاءِ خراب آهن پر اخلاق لاءِ پڻ هاڃيڪار آهن. بقول منهنجي هڪ هندو دوست جي شراب هڪ اهڙي بيماري آهي، جيڪا بوتلن ۾ وڪامي ٿي ۽ اسان پئسا ڏئي خريد ڪريون ٿا.

منهنجو ڪو پڙهندڙ آمريڪا ۾ رهندڙ اسان جي ديسي ماڻهن بابت ڪو ڪتاب يا فلم ڏسڻ جو شوقين هجي تہ ان لاءِ هتي بہ چار ڪتابن ۽ فلمن جا نالا لکان ٿو جنهن ۾ اسان جي ديسين يعني Indian Americans جا احساسات آهن. آمريڪا جي يونيورسٽي آف منيسوٽا جي پروفيسر وجئي پرشادجو ان سلسلي جو ڪتاب آهي: The Karma of Brown Folk. جهمپالاهيريءَ جي هڪ ڪتاب The Namesake جو ذڪر تہ پهرين بہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪري چڪا آهيون سندس هڪ ٻيو ڪتاب جنهن ۾ ديسي ماڻهن جو ذڪر آهي اهو آهي : Interpreter Of Maladies آمريڪا مان اسان ديسين يعني انڊين پاڪستانين لاءِ انگريزي توڙي اڙدوءَ ۾ ڪيترين ئي اخبارون ۽ رسالا نڪرن ٿا.ڪيترين اخبارن ڪي تہ ايڏا اشتهار ملن ٿا جو هو اهي اخبارون ماڻهن ۾ مفت ورهائين. هن وقت منهنجي سامهون ان قسم جون بہ ٽي مئگزينون رکيون آهن، نالا اٿن:

EGO مئگزين.

ABCD Lady

خبر مئگزين ـ انگريزيءَ ۾.

لٽل انڊيا ـ انگريزيءَ م

ڪجهہ اهڙيون فلمون جن ۾ اسان جا ديسي (انڊين آمريڪن) Subject Matter آهن، هن ريت آهن.

* ABCD يعني آمريڪن بارن ڪنفيوزڊ ديسي
* آمريڪن چاءِ
* آمريڪن ديسي
* Bend it Like Becham
* Birth of a Butterfly – هڪ انڊين آمريڪن عورت جي فلم جيڪا آمريڪا ۾ ننڍي ٽي وڏي ٿئي ٿي.
* Chutney Popcorn
* Harold & Kumar Go to white castle
* The Guru
* Mississippi Masala
* Where is the Party yaar

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# واشنگٽن جو The Awakening

هڪ ڏينهن صبح جو آمريڪا بابت هي سفر نامو لکي رهيو هوس تہ پنهنجي ڪاليج جي ڏينهن جي ڪلاس ميٽ سميع جو فون آيو. فون جي اسڪرين تي سميع جي موبائيل فون جو نمبر پڙهي پڌتر ۾ پئجي ويس تہ فون کڻان يا نہ کڻان. مس مس لکڻ جو موڊ ٺيو هو. سميع زبردست خبر رسان ايجنسي ۾ چرچائي آهي. سندس ڪچهريءَ مان ڪو بہ بور نٿو ٿئي پر هن وقت فون کڻي پنهنجو ڪلاڪ چٽ ڪرڻ بدران گذريل ڏينهن جون سندس ئي ڳالهيون لکڻ ضروري آهن. پر جي خبر پئجي ويندس تہ مون، هوندي بہ سندس فون نہ کنيو تہ اصل ڇتو ٿي پوندو. ٽيليفون ائين گهنٽيون وڄائي رهيو هو ڄڻ هاڻ ٽڪجي پيو هجي. ڄڻ سهڪي رهيوهجي ۽ هاڻ جي نہ کڻندس تہ بيهوش ٿي ويندو.

”هيلو. هيلو. “مون نيٺ فون کنيو.

”يار آهين تہ واشنگٽن ۾ نہ؟“ سميع خوش ٿيندي چيو“ مون سمجهيو تہ نيو جرسي موٽي وئين؟“

”نہ يار اڃان ڪجهہ ڏينهن هتي آهيان. فون کڻدي دير ٿي ويئي جو....“ سوچڻ لڳس دير جو ڪهڙو سبب ٻڌايان پر ان کان اڳ سميع پاڻ ئي جملوپورو ڪيو“ پڪ باٿ روم ۾ هوندين.“

”جي ها. توکي ڪيئن خبر پيئي“ مون چيو.

”ڪهڙي سري محل ۾ رهيو پيو آهين جو چوان تہ هيٺ تهہ خاني ۾ هوندين يا اڏ ميل ڏگهي ڊرائنگ روم ۾ هوندين. منور جي ان فلئٽ ۾ ٻن ٽڻن جيڏي ڪمري ۽ باٿ روم کان علاوه ٻيو آهي ئي ڇا؟“

”ڪر خبر نيرن ڪئي؟“ مون پڇيو.

کان هتي تووٽ واشنگٽن اچي نڪتو آهيان.“

”خير ۾؟“ مون پڇيو.

”بس ائين هڪ دوست جو ڪم هو“ سميع ٻڌايو. “ اهو جلدي ٿي ويو ۽ هن وقت نيو جرسي ايوينيو تي ”واشنگٽن ڪورٽ هوٽل وٽان پيو ڳالهايان. ڇا پيو ڪرين؟“

”يار اخبار لاءِ ڪالم پيو لکان. شام تائين مون کي پورو ڪري اي ميل ڪرڻو آهي.“ مون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اها ڳالهه ان ڪري ڪئي جيئن سميع منهنجي ڪميٽمينٽ جي مجبوري سمجهي اچ مون کي لکڻ لاءِ ڇڏي ڏئي جو هن وقت لکڻ لاءِ موڊ ۾ مواد هڪ ئي وقت نمڪ حلال نوڪر وانگر منهنجي اڳيان حاظر هئا پر سميع کي لکڻ پڙهڻ جي ڳالهين سان پيار رهيو ئي ڪڏهن آهي.

”ڇڏ انهن لکڻ جي ڳالهين کي، ڳوٺ وڃي لکجانءِ يا اخبار وارن جو فون نمبر ڏي ته ٻڌايان ته مري ويو. هو تنهنجي جان ڇڏين ۾ تون پڙهڻ وارن جي.“

”يار هي ڪالم ضروري آهي.“ مون هڪ دفعو وري سميع کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي.

”چڱو هاڻ هيٺ لهه ته آئون Independence ايوينيو ڏئي تو واري ستين گهٽيءَ ۾ پهچان ٿو.“ سميع جملي ختم ڪرڻ سان گڏ پنهنجو فون بہ بند ڪيو ۽ آئون هڪ هڪ پنو ميڙي هڪ هنڌ هٿيڪا ڪري، بوٽ پائي، ڪمري نما فلئٽ (جنهن جي سميع وضاحت ڪري چڪو) جو واحد دروازو لاڪ ڪري لفٽ ۾ سوار ٿيس. هيٺ لهي بہ منٽ کن هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هنيم تہ ايتري ۾ سميع جي ڪار پهچي ويئي.

”ڪيڏانهن هلندين؟“ مون سميع کان پڇيو.

”هل تہ توکي پنهنجو فلاٽو ڪلاس ميٽ ڏيکاريان. مون کيس هتي اڏ دفن ڪيو آهي اڏ اجان ٻاهر آهي. ايندي ويندي کيس ٻجا ڏيندو آهيان.“

”ڇئبو تہ توکي ان تي ڏاڍيون ٻاهيون آهن. جيتوڻڪ هن جهڙو ٻيو بهترين ڪلاس ميٽ نہ ٿيندو.“ مون هن جي حق ۾ ڳالهائيندي چيو.

”توهان چمچن لاءِ هو سنو هوندو. انور ميمڻ کي ڪئناڊا فون ڪري پڇ تہ هن اسان لاءِ ڪاليج ۾ زندگي زهر ڪري ڇڏي هئي يا نہ. هر وقت انتظار ۾ هوندو هو تہ اسان ڪاليج مان پڄون تہ ائڊجيوٽنٽ کي دانهن ڏيئي اسان کي سزا ڏياري.“

سميع واٽر اسٽريٽ ۾ مائيني ايوينيو ڏيئي چوڏهين گهٽي واري پل ڏي هليو.

”ڇا، ارلنگٽن قومي قبرستان ڏي ٿو هلين ڇا؟“ مون پڇيو.

”چيم تہ توکي تنهنجو ڪلاس ميٽ اڏ دفن ٿيل ٿو هلي ڏيکاريان.“

سميع وراڻيو.

”يار ان قبرستان ڏي هڪ بہ دفعو وڃي چڪو آهيان. ان کان تہ هل تہ هلي شهر ۾ ڪو ميوزيم ڏسون ۽ مورتين Statuses جون تصويرون ڪڍون.“

”فڪر ئي نہ ڪر اتي توکي اهڙين تصويرن ڪڍڻ جو بہ موقعو ملي ويندو.“ سميع کتو

جواب ڏنو ۽ آءٌ هٿيار ڦٽا ڪري اڌ ڏينهن ضايع ٿيڻ لاءِ ذهني طرح راضي ۽ تيار ٿي ويس.
آمريڪا جي گادي واري شهر واشنگٽن DC جي ڏکڻ اولهه ۾ ورجينا رياست آهي، ۽ اهي ٻئي اڏين آهن، جيئن ڪوٽڙي حيدراباد آهن. ڪوٽڙي ۽ حيدراباد کي سنڌو ندي ڌار ٿي ڪري ۽ ڪوٽريءَ ڪان حيدرآباد ضلعي ۾ اچڻ لاءِ ڪوٽڙي واري پل ۽ ڄام شوري واري بئراج آهي. تيئن واشنگٽن ۽ ورجينا جي وچ ۾ پوٽو مئڪ ندي آهي، جنهن جي مٿان ڪيترين ئي پليون آهن جن مٿان سڄو ڏينهن ماڻهو پيا اچن وڃن. واشنگٽن جي آفيسن ۽ دڪانن تي ڪم ڪندڙ اسي سيڪڙو ماڻهو ورجينا رياست ۾ رهن ٿا. صبح جو واشنگٽن نوڪري يا ڌنڌي ڌاڙي لاءِ اچن ۽ شام جو موٽيو وڃن. جيئن اسلام آباد ۾ ڪم ڪندڙ ڪيترائي راولپنڊيءَ ۾ رهن جو اسلام آباد گاديءَ وارو شهر ۽ نئيو شهر هجڻ ڪري هر شيءِ مهانگي آهي. جايون جڳهيون، پاڃيون پٽيون ويندي ٽئڪسي جو ڀاڙو ۽ پارڪنگ في به گهڻي آهي، تهڙيءَ طرح واشنگٽن جو حال آهي، جتي دنيا جي ملڪن جا سفارت خانا، هوائي ڪمپنين جون آفيسون ۽ آمريڪا جي اسيمبلي بلڊنگ، ڪورٽون ۽ مختلف سرڪاري آفيسون آهن ۽ آمريڪا ڪو ننڍو ملڪ ته نه آهي. بس سمجهو ته پنجاهه ملڪن جو ملڪ آهي. ان جون ڇا آفيسون هونديون. واشنگٽن جو چپو چپو پريو پيو آهي. ايتري قدر جو ڪيترين سرڪاري آفيسون، فيڊرل نوعيت جون هوندي به، واشنگٽن بدران درياهه (پوٽومئڪ) جي ٻي پار ورجينا رياست ۾ آهن. جيڪو ورجينا رياست جو حصو ڪرسٽل سٽي، ارلنگٽن، روزلن، ڪلئرينڊن وغيره ٿو سڏجي. آمريڪا جي اهم آفيس پينٽاگان، جتي ملٽري نوعيت جا فيصلا ٿين ٿا اهو پڻ پوٽو مئڪ ندي جي ٻي پار ورجينا رياست ۾ آهي.

نديءَ جي وچ ۾ ننڍا وڏا ڪيترائي ٻيٽارا به ٿين ٿا. هتي واشنگٽن وٽ پوٽو مئڪ نديءَ ۾ هڪ ته ٿيوڊور روزويلٽ نالي ٻيٽ آهي، جنهن تي آمريڪا جي ان نالي واري صدر جو يادگار Roosevelt Memorial ٺهيل آهي، جنهن تي پهچڻ لاءِ انهيءَ نالي واري پل ٺهيل آهي. ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ڇوڙ ڪرڻ ڪان اڳ هڪ هنڌ ڪپر پيچي اندر ڍنڍ وانگر پاڻيءَ جو وڏو حوض ٺهي پيو آهي. اهڙي نموني جي ٺهيل حوض يا ڍنڍ کي اسين جاگرافيائي زبان ۾ "ٽائيڊل بئسن" (Tidal Basin) سڏيون ٿا. پرهن حوض ۾ پاڻي بيهڻ بدران ان مان ڪئنال ٿي، وهي هيٺ وري ساڳي پوٽو مئڪ نديءَ سان وڃيو ملي. ان ڪئنال جو نالو واشنگٽن چئنل آهي. هن ننڍڙي چئنل ۽ درياهه جي وچ ۾ جيڪو ٻيٽارو ٺهي پيو آهي، ان تي خوبصورت

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پارڪ ٺاهيو ويو آهي. جيڪو ”ايسٽ پوٽو مئڪ پارڪ“ سڏجي ٿو. جنهن جي چوڏاري اٽڪل پنج ڪلوميٽر جو روڊ ”اوهيو ڊرائيو SW“ سڏجي ٿو. سميع مون کي هن پارڪ ۾ وٺي پئي آيو. ان ڪري چوڏهين گهٽي واري پل ٽپائي اوهيو ڊرائيو روڊ تي اچي نڪتو. ٽائيڊل بئسن (ڍنڍ) ۾ جتان پوٽو مئڪ ندي جو ڪجهه پاڻي اندر گهڙي ٿو اتي واشنگٽن جون ٻه مشهور شيون: فرئنڪلن روزويلٽ ميموريل ۽ ٿامس جيفرسن ميموريل آهن.

ايسٽ پوٽو مئڪ پارڪ جي هيٺين چهنب (tip) جتي پوٽو مئڪ نديءَ سان هتي جي هڪ ٻي مشهور ندي ”ان ڪوشيا“ ملي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿيون. اهو هنڌ هينس (Hains) پوائنٽ ٿو سڏجي. ان هنڌ تي پوٽو مئڪ نديءَ جي ٻئي ڪپر تي رونالڊ ريگن واشنگٽن ايئر پورٽ آهي. جنهن جي مٿان هر وقت سرٽين وانگر آسمان ۾ جهاز نظر اچي رهيا هئا. جيڪي رکي رکي ڳجهين وانگر لهي رهيا هئا يا ٽيڪ آف ڪري رهيا هئا.

”اوهيو ڊرائيو“ وارو رستو ڏيئي. سميع مون کي هتي هينس پوائنٽ وٽ وٺي آيو جتي دنيا جو هڪ تمام وڏو Statue رکيل آهي. بلڪ ايڪڙ ڏيڍ ڌرتيءَ جي پکيڙ تي سٿل آهي. گذريل ٻه ٽي هفتا جيڪي منهنجو واشنگٽن ۾ رهڻ ٿيو. ان ۾ هالا واري نجم ميمڻ، سنڌ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر (۽ نفيسه هود ڀائي جي مڙس) پروفيسر جاويد پٺو سان، خالد هاشماني ۽ عرفان جماڻي جن سان واشنگٽن جي ڪيترن ئي ميوزيمن، رستن ۽ چوواٽن تي ڪيترين ئي پٿرن، لوه ٽامي ۽ Bvonze جون مورتيون Statues ڏٺيون هوندم پر هيڏي وڏي لوهه جي آفت جيڪا اصلي ماڻهوءَ جي قد بت کان گهٽ ۾ گهٽ ويهوٽي ٽيهوٽي هجي پهرين نه ڏٺي هيم. هيءَ هڪ ننڍ مان اٿندڙ ماڻهوءَ جي لوهه مان ٺهيل مورتي آهي. جنهن کي ٺاهڻ واري آرٽسٽ مسٽر سيوارڊ جانسن. نالوئي”The Awakening“ يعني جاڳ ڏنو آهي. هي Statue (مورتي) آمريڪا جي ڪنهن صدر يا سائنسدان جي نه پر هڪ عام پوڙهي ماڻهوءَ جي آهي. جيڪو جڻ صدين کان ڌرتيءَ هيٺ دٻجي ويو هجي ۽ هاڻ اک کلڻ تي ننڊ مان سجاڳ ٿي اٿڻ جي ڪري رهيو هجي ۽ سندس جسم جو ڪجهه حصو اڃان ڌرتيءَ ۾ دٻيو پيو آهي. ڪَرَ موڙڻ لاءِ هن هڪ هٿ مٿي ڪيو آهي. جيڪو ايڏو وڏو آهي جو ان هٿ تي ٻه چار ٻار ويهي سگهن ۽ سندس ٻانهن کي ڪجهه ٻار گسڪڻ طور استعمال ڪري رهيا هئا ۽ مٿان کان هيٺ گسڪي رهيا هئا ۽ هٿ تي چڙهي هيٺ نونٽ ٽائين ترڪي رهيا هئا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”واه جو نٺاهيو ويو آهي.“ ڪجهه دير اڳ اچڻ مهل جو آئون بيزاريءَ جو اظهار ڪري رهيو هوس هاڻ هتي پهچي سميع کي داد ڏيڻ لڳس ته چڱو جو هتي وٺي آيو.

”پيو نه ته وري.“ سميع هاڻ ٿانءِ ۾ ڦونڊجي ويو ”مون سان گڏ هوندين ته اهي عيش ڪرائيندو سانءِ. آئون هتان روز ڄاڻي ٻجهي لنگهندو آهان ۽ انهيءَ پنهنجي ذليل ڪلاس ميٽ کي ٻجا ڏيندو ويندو آهيان.“

”عجيب ماڻهو آهين. سميع“

”ان ۾ عجيب هجڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. حراميءَ اسان جي پيٽارو ۾ زندگي زهر ڪري ڇڏي هئي. مهرباني ڪري ملڪ وڃي هن کي ٻڌائجانءِ ته سميع تنهنجي مورتيءَ کي صبح شام گهروڙي ٻجا ڏيندو آهي. پيو نه ته شوڪت جماڻي، ڪرنل مسعود عزيز، ڪئپٽن بشير وسطڙو، ڪمانڊرنجم انصاري ۽ پين ڪلاس ميٽن کي ضرور ٻڌائجانء. هو ٻڌي پڪ خوش ٿيندا.“

”چڱو پلا هن جي منڊيءَ پيرن ۽ گوڏن وٽ پوز ٺاهي بيهه ته ڪجهه تصويرون ڪڍان. ڇا ته آفت جيڏو Statue آهي.“

ايسٽ پوٽو مئڪ پارڪ جو هي ٽڪرو جتي Awakening نالي هي Statue (مورتي) آهي Hains Point سڏجي ٿو جيڪو آمريڪا جي آرمي جي ميجر جنرل پيٽر هينس نالي آهي. جنرل هينس 1840ع ۾ ڄائو پاڻ هتي جي مشهور ”ويسٽ پئانٽ“ واري آمريڪن اڪيڊمي مان تعليم حاصل ڪيائين ۽ 1921ع ۾ وفات ڪيائين. پاڻ هتي جي مشهور قبرستان Arlington National Cemetery ۾ دفن ٿيل آهي.

هونءَ هي پارڪ واشنگٽن جهڙي مشغول شهر کان ڪجهه ٻاهر آهي پر هڪ ٻن ٽن ڏينهن لاءِ آيل ٽوئرسٽ کي سميع جهڙو ڪو واندو ملي وڃي ۽ هو پارڪ ڏيکارڻ لاءِ ڊوئي اچڻ لاءِ راضي ٿي وڃي ته موقعو نه وڃائجي. پارڪ جي هڪ طرف کان وهندڙ پوٽو مئڪ ندي ۽ ٻئي پاسي کان واشنگٽن چئنل ۽ اپريل جهڙي مهيني ۾ چوڌاري مشهور جپاني سڪورا (چيري) جا گلن سان جهنجهيل وڻ بيحد سهڻو نظارو پيش ڪن ٿا. نديءَ جي ٻئي ڪناري کان جتي هتي جو قومي ايئرپورٽ آهي، رکي رکي لهندڙ ۽ چڙهندڙ هوائي جهاز جيڪي جڻ ته مٿي مٿان اڏاميو وڃن ۽ ٻارن کي گليور جي سفر جو آفت جيڏو ماڻهو ياد ڏياريندڙ هي Statue ”دي اويڪننگ“ هتي جي اهميت وڌائي ٿو. اسان واري يار سميع جهڙا ڪيترائي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هتي جا مڪاني آمريڪن پنهنجو وزن گهٽائڻ لاءِ چوڌاري ڊوڙي رهيا هئا. يا سائيڪلنگ ڪري رهيا هئا ۽ انهن جي ئي اڳيان پويان پار اسڪيٽنگ ڪري رهيا هئا. سميع ٻڌايو ته شام جي وقت ۽ موڪلن وارن ڏينهن تي ماڻهن جو هتي وڏو هجوم لڳي ٿو.

هي پارڪ (ايسٽ پوٽو مئڪ پارڪ) ننڍ مان سجاڳ ٿيندڙ ماڻهوءَ جي مورتي The awakening ڪري گهڻو مشهور آهي. نه ته ساڳي نالي وارو پارڪ جيڪو اولهه ۾ آهي ۽ ويسٽ پوٽو مئڪ پارڪ ۽ واشنگٽن جو قومي پارڪ سڏجي ٿو ۽ هتي جي مشهور نئشنل مال کان شروع ٿي ٽائيڊل بئسن وٽ ايسٽ پوٽو مئڪ پارڪ سان اچيو لڳي جتي فرئنڪلن روزويلٽ ميموريل آهي.

توهان واشنگٽن ۾ ڪٽي ٻن ڏينهن لاءِ آيا هجو پر مون کي پڪ آهي ته توهان جا دوست، مائٽ يا ٽوئر ڪرائڻ وارو ايجنٽ، توهان کي هتي جون ٻه مشهور شيون ضرور ڏيکاريندو. هڪ واشنگٽن مانومينٽ جيڪو تمام ڊگهو منارو آهي ۽ ٻيو لنڪن ميموريل (جنهن جو تفصيلي احوال آمريڪا جي هن کان اڳ واري سفر نامي" نيو هالا کان نيويارڪ" ۾ ڏئي چڪو آهي) واشنگٽن Monument واري مناري ۽ لنڪن ميموريل جي وچ ۾ (سترهين گهٽي NW وٽ) ٻي جنگ عظيم جو يادگار WW2 Memorial آهي. هن جنگي يادگار کان وٺي لنڪن ميموريل تائين پاڻيءَ جو حوض آهي، جيڪو Reflecting pool ٿو سڏجي. هن پُول جي ڏکڻ وارو سڄو حصو "ويسٽ پوٽو مئڪ پارڪ" آهي،جتي Korean War Veterans Memorial پڻ آهي ۽ Independence ايونيو جيڪو US. Capital ۽ لائبرري آف ڪانگريس کان هلندو اچي ان جو آخري حصو هتان لنگهي مٿي Constitution ايونيو سان وڃيو ملي.

اڄ کان پنجٽيهه سال کن اڳ جڏهن اسان هن پاسي جهاز هلايا پئي تڏهن ايسٽ پوٽو مئڪ پارڪ وارو سڄو علائقو ايترو Developed نه هو ۽ نه وري هيءَ The Awakening واري مورتي هئي. 1980ع ۾ هتي واشنگٽن ۾ بين الاقوامي Sculpture جي نمائش لڳي هئي، جنهن ۾ هيءَ لوهه جي مورتي رکي ويئي هئي ۽ اڄ تائين اوتروئي مشهور آهي. هي هڪ سؤ فٽن جو ڏاڙهيءَ سان ماڻهو آهي، جيڪو زمين ۾ اڌ گابرو گتو پيو آهي ۽ اٿڻ جي ڪوشش پيو ڪري. هن Statue جا پنج حصا زمين کان ٻاهر نظر اچي رهيا آهن. کابو هٿ ۽ ساڄو پير ذري گهٽ زمين کان ٻاهر نڪري چڪا آهن. کابي مڙيل ٽنگ ۽ گوڏو ٻاهر آهن. 17 فوٽ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڊگهي ساڄي ٻانهن (يعني ٽن ڊگهن ماڻهن جي جملي قد برابر) ۽ هٿ. هوا ۾ توهان کان گهٽ مٿي آهي ۽ ڏاڙهي واري چهري جو وات کليل آهي ۽ ائين ٿو لڳي ڄڻ ڌرتيءَ اندرڊٻجڻ کان پاڻ ڇڏائڻ دوران رڙ ڪري رهيو هجي.

مون کي هتي وٺي اچڻ واري دوست سميع ٻڌايو ته رکي رکي اهي افواه گرم ٿي ويندا آهن ته هن مورتيءَ کي هتان شفٽ ٿا ڪن. بهرحال نئين جاءِ جي چونڊ ۾ مورتي ٺاهڻ واري آرٽسٽ جانسن کي ويٽو پاور مليل آهي، يعني شهر جي ميونسپل ڪميٽي يا نيشنل پارڪ جا سمورا ميمبر هن مورتيءَ کي ڪنهن نئين جاءِ تي شفٽ ڪرڻ لاءِ ڀلي متفق راءِ تي وڃن پر جي جانسن ان لاءِ انڪار ڪندو ته پوءِ اها ان نئين جاءِ تي هرگز شفٽ نه ڪئي ويندي.

2001ع ۾ هن Statue جي هر هڪ ٽڪري جي ڇهه لک ڊالر (يعني اڄ جي قيمت مطابق ساڍن ٽن ڪروڙ رپين) ۾ وڪري لاءِ آڇ ٿي رهي هئي.

The Awakening نالي هن Statue جو ڪافي احوال "A Murder of promise" نالي رابرٽ ائنڊريو جي ناول ۾ پڻ آهي ۽ 1995ع جي ٺهيل هڪ انگريزي فلم The Net ۾ پڻ هيءَ مورتي ڏيکاريل آهي. هن مورتيءَ کي Buried Giant به سڏين ٿا. هن مورتي The wakening جي تخليقڪار جان سيوارڊ جانسن جو تعلق دنيا جي مشهور دوائن ۽ ٻارن جي شين Baby Products (پائوڊر، شئمپو لوشن، صابڻ وغيره) ٺاهيندڙ بين الاقوامي ڪمپني "جانسن ۽ جانسن" سان آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# نياڳا مون کي ڪٿي ٿو هلي مارين؟

جانسن ائنڊ جانسن ڪمپني 1886ع ۾ رابرٽ ووڊ جانسن اول (1845_ 1910) نيو جرسي ۾ شروع ڪئي جتي هينئر آئون رهان ٿو. نيو برنس وڪ واري علائقي مان ايندي ويندي هن ڪمپنيءَ جا هيڊ ڪوارٽر نظر اچن ٿا. هيءَ ڪمپني 230 مختلف شيون ٺاهي ٿي ۽ سندس ڪارخانا 57 ملڪن ۾ آهن ۽ تيار ٿيل شيون سڄي دنيا ۾ وڪامن ٿيون.

مٿي بيان ڪيل جان سيوارڊ جانسن II (آرٽسٽ) هن ڪمپنيءَ جي ايجاد ڪندڙ رابرٽ ووڊ جانسن جو پوٽو ۽ جان سيوارڊ جانسن I (1892_1983ع) جو پٽ آهي، جنهن آمريڪا جي هاربر برانچ اوشنوگرافڪ انسٽيٽيوٽ (HBOI) کولي. آرٽسٽ جانسن II جيڪو 1930ع ۾ ڄائو ۽ اڄان جيئرو آهي، کي سندس پيءُ جي مرڻ وقت خاندان جي اربها ڊالرن جي ملڪيت مان فقط هڪ معمولي حصو مليو. باقي سندس پيءُ جي ٻي زال بئسيا جي حوالي ٿي ويو.

بئسيا (Basia Piasecka) پولينڊ جي رهاڪو هئي، جيڪا آمريڪا ۾ جانسن آرٽسٽ جي پيءُ جانسن سينئر (Johnson I) وٽ ٻورچياڻي ٿي اچي بيٺي. ان بعد ڪيس ڪمرن جي صفائيءَ لاءِ رکيو ويو. جانسن سينئر جي مٿس دل اچي ويئي ۽ ساڍس 75 سالن جي ڄمار ۾ 1971ع ۾ شادي ڪيائين. 1971ع ۾ اسان جو جهاز نيويارڪ ۾ بيٺل هو تہ هن شاديءَ جو احوال اخبارن ۽ T.V تي ڏسندا رهياسين. ڪينيڊي جي زال جئڪيءَ جو يوناني مڙس وري بہ هن جانسن پوڙهيءَ کان جوان هو. ان وقت جانسن جي هيءَ زال بئسيا (جنهن کي پاڻ باربرا سڏيندو هو) جي عمر 34 سال هئي جو بئسيا جي ڄم جو سال 1937ع آهي. ٻارهن سالن بعد مڙسالو راهِ رباني وٺي ويو. شاديءَ بعد پيو ڪو اهم ڪم ڪري سگهيو ياڻہ پر مائيءَ ڪانئس وڪيلن اڳيان وصيت لکائي ورتي تہ خاندان (جانسن ائنڊ جانسن جي ملڪيت جي والي وارثياڻي سندس هيءَ ٻي زال بئسيا ٿيندي. مڙس جي مرڻ بعد سندس پهرين زال ۽ ان جي اولاد (هن The Awakening مورتي جي ٺاهيندڙ جانسن II ۽ سندس ڀائر ڀينرن) ڏاڍا وڪيل ڪيا ۽ ڪورٽن جا چڪر هنيا پر پوءِ آخر ۾ کي چند ملين ڊالرهٽ آين. مائيءَ پنهنجي پوڙهي ۽ ڏڪندڙ هٿن واري مڙس کان ڪاغذ پَٽن تي اهڙو تہ ڪم پڪو ڪرايو هو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جو ڪيس اڍائي بلين (يعني اڍائي ارب) ڊالر مليا ۽ جي رپين ۾ معلوم ڪرڻ چاهيو ٿا تہ سٺ سان ضرب ڏيو جو اڄ ڪلهہ ڊالر ۾ سٺ رپيا آهن. پاڻ اجا جيئري آهي ۽ هي سٺون لکڻ وقت، سال 2006 جي، هن دنيا جي 74 نمبر امير عورت مڃي ويئي آهي. پاڻ اڄ ڪلهہ موناڪو ملڪ جي شهر مونٽي ڪارلو ۾ رهي ٿي، جانسن خاندان جي نيو جرسي جي شهر Princeton ۾، جيڪا Jasna Polana نالي جاگير هئي، ان کي هن ڪنٽري ڪلب ۾ تبديل ڪيو آهي.

پولينڊ جي رهاڪو هن عورت بئسيا، جيڪا شاديءَ بعد باربرا جانسن پڻ سڏجي ٿي، جو نالو ستر واري ڏهي جي شروع وارن سالن ۾ عام ٿي ويو جڏهن اها خبر ٻيلي جي باهہ وانگر آمريڪا جي اوپر وارين رياستن ۾ پکڙجي ويئي (جتي اسان جو جهاز ڦِري رهيو هو) تہ جانسن ائنڊجانسن جهڙي امير ڪمپنيءَ جو پوڙهو مالڪ پنهنجي بورچياڻيءَ سان شادي ٿو ڪري. انهن ڏينهن ۾ رومانيا، بلغاريا ۽ خاص ڪري پولينڊ جهڙي سوشلسٽ ملڪ جو قدر هڪ اڇوت جيان هو ۽ پولينڊ جي عورت کي تہ يورپ ۽ آمريڪا جي ماڻهن تہ ڇا پر ايشيا جي ماڻهن بہ پير جي جُتي ٿي سمجهيو. بئسيا جو نالو شايد مون ڪان وسري وڃي ها پر ان بعد اسان جو جهاز ڪيترائي سال پولينڊ جي بندرگاهہ گڊانسڪ ۾ ايندو ويندو رهيو جتي منهنجي هڪ بنگالي جهازي دوست جو هڪ پولش ڇوڪريءَ سان عشق ٿي ويو. ڪجهہ سالن بعد ان سان نيٺ شادي بہ ٿي پر ڪافي جُتيون گسائڻ ڪان پوءِ، يعني جهاز جي ڪيترا دفعا پولينڊ اچڻ بعد. بنگالي دوست اسان کي چوندو هو: ”امر اونتر تار پروتي آسي گيشي- امار موسو شندر شيلي جنو انيڪ.... (يار ڇا ڪجي هڪ ڪنگلي ملڪ جي ڪنگليءَ سان دل لڳي ويئي آهي نہ تہ مون جهڙي ڻاهوڪي جوان سان تہ جپان ۽ انگلينڊ جي بہ ڪا ڇوڪري شاديءَ لاءِ تيار ٿي وڃي.)

انهن ئي ڏينهن ۾ اسان جي بنگالي دوست جو ملڪ ”مشرقي پاڪستان“ مان ”بنگلاديش“ ٿيو هو ۽ ملڪ ۾ بدامني ۽ پاڪستاني فوج بعد انڊين آرمي جي مصيبتن جون خبرون دنيا هڪ طرف ٻڌي رهي هئي تہ طوفانن (Cyclones) ڪري آيل تباهي ٻئي طرف هئي. سندس پولش محبوبا (يعني هاڻ سندس ڳوٺ ڪميلا ۾ رهندڙ گهر واري ۽ سندس پنجن ٻارن جي ماءُ) چوندي هيس تہ نياڳا مون کي ڪيڏانهن وٺي ٿو هلي مارين؟ تہ اسانجو بنگالي دوست اڌ انگريزي ۽ اڌ بنگاليءَ ۾ چوندو هوس:

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”منهنجي دل جي راڻي! توکي بئسيا مان باربرا جانسن ٺاهڻ چاهيان.“
سو بئسيا ۽ باربرا جانسن جا نالا سيني جهازين کي پڪا ٿي ويا هئا. 1981ع ۾ آئون جهاز کي بنگلاديش وٺي ويو هوس ته پنهنجي بنگالي دوست جي ڳوٺ ڪوميلا به ويو هوس. ڪيس ان وقت ٽيون ٻار ٿيو هو. سندس زال کي، ٻارن کي جانسن بيبي پائوڊرهڻندي ڏسي چيو هئومانس ته ٿهيو هن شخص توکي ”جانسن اينڊ جانسن“ جي سڄي فئڪٽري ته نه وٺي ڏني پر پائوڊر جو دٻو ته وٺي ڏنو.

آرٽسٽ جانسن کي پيءُ جي ملڪيت مان ڪٽي ايترو حصو نه مليو جيترو هن جي پيريءَ ۾ پرڙيل جوءِ پولينڊ جي بئسيا کي مليو پرهن مورتين (Sculptures) مان خوب ناڻو ڪمايو آهي. سنس ايسٽ پوٽو مئڪ پارڪ واري هن مورتي The Awakening کان علاوه ٻيون به انيڪ مورتيون Statues آهن. جن مان هڪ هوفسترا يونيورسٽيءَ ڏي ويندڙ رستي تي Hitch Hicker نالي آهي، جيڪا هن 1983ع ۾ ٺاهي هئي ۽ ٻئي سال (1984ع ۾) ”Allow Me“ نالي هڪ ماڻهو جي مورتي ٺاهي جيڪو هٿ ۾ ڇوپ ڇتي جهليو بيٺو آهي. سندس هي Statue اوريگان رياست جي پورٽ لئنڊ شهر ۾ ”پايونيئر پورٽ هائوس“ نالي چوراهي تي لڳل آهي. مون کي به ان بابت هالا جي ڪمپيوٽر انجنيئر شاهنواز سومري ۽ ڊاڪٽر مالڪ ڏني شيخ ٻڌايو جيڪي ايڏانهن آمريڪا جي اولهه وارين رياستن ۾ رهن ٿا.

جانسن جو هڪ ٻيو Statue جنهن ۾ پيءُ پنهنجي ننڍڙي ڌيءَ کي سائيڪل هلائڻ سيکاري رهيو آهي، پڻ بيحد مشهور آهي ۽ First Ride جي نالي سان سڏجي ٿو. سندس هڪ مورتي Waiting نالي آسٽريليا جي شهر سڊني ۾ آهي. هن ۾ هڪ بزنيس مئن اخبار پڙهندو ڏيکاريو ويو آهي.

آخر ۾ به ٽي سٽون هو فسترا (Hofstra) يونيورسٽي بابت جتي مون کي ڪيترائي پاڪستاني خاص ڪري لاهور ۽ پشاور پاسي جا، جرنلزم ۽ Mass Communication جهڙن سبجيڪٽن ۾ گرئجوئيشن ڪندي مليا. هيءَ يونيورسٽي نيويارڪ جي لانگ آئلنڊ ۾ Hempstead ۾ هڪ خانگي تعليمي ادارو آهي. هي ادارو هڪ اسڪول جي شڪل ۾ 1935ع ۾ ملڪ جي امير بزنيس مئن وليم ۽ ڪيٽ هوفسترا کوليو جيڪو شروع ۾ نيويارڪ يونيورسٽي سان لاڳو رهيو. ڪجهه سالن بعد هن اسڪول کي ڪاليج جو درجو ڏنو ويو. 1963ع ۾ اهو ڪاليج هوفسترا يونيورسٽي ٿيو. هن يونيورسٽيءَ ۾ لبرل آرٽس کان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

علاوه بزنيس ائنڊ لا، ۽ ڪميونيڪيسن جا سبجيڪٽ پڻ پڙهايا وڃن ٿا. هن يونيورسٽي Hofstra جو سڀ کان گهڻو مشهور ۽ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندڙ ڊپارٽمينٽ ”جرنلزم، ميڊيا اسٽيڊيز ائنڊ پبلڪ رليشنس“ (JMSPR) آهي.

لاهور جي هڪ شاگرد کان هتان تعليم حاصل ڪرڻ جو سبب پڇيم ته هن اهو سبب ٻڌايو ته پنجاب يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪرڻ تي فقط پاڪستان ۾ نوڪري ملي سگهي ٿي. ”هتان جي پڙهائيءَ جو مٿانهون مان آهي ۽ گريجوئيٽ ٿيڻ بعد مون کي ڪيترن ئي ملڪن ۾ نوڪري ملي ويندي.“ هن ٻڌايو.

پنجاب يونيورسٽيءَ جي گهٽي جاڻ نه اٿم پر اسانجي سنڌ يونيورسٽيءَ جو ڪو وقت هو جو سڄي دنيا ۾ مٿاهون نالو هو. اڄ به ان ۾ ڪيترائي نوان نوان سبجيڪٽ پڙهايا وڃن ٿا. ڪيترو پڙهايا وڃن ٿا ان جي خبر نه اٿم پر شاگرد ڊگريون حاصل ڪن ٿا. سٽيزن ڪالوني حيدرآباد ۾ رهندڙ منهنجي دوست گذريل سال ٻڌايو ته هن جي پٽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان Mass Communication (يا شايدان سان تعلق رکندڙ ڪنهن سبجيڪٽ) ۾ ٽي سال اڳ مٿين پوزيشن ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪئي. نوڪريءَ لاءِ به سال ڏڪا کائيندو رهيو. هاڻ قاسم آباد ۾ هڪ پرائيويٽ اسڪول ۾ ٽي هزار رپيا پگهار تي پهرين ڪلاس جو پرائمري ٽيچر ٿيو آهي. اها ڳالهه اوچتو ان ڪري ياد اچي ويئي جو ڪجهه گهڙيون اڳ انٽرنيٽ تي هڪ سنڌي اخبار ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪنهن پروفيسر صاحب جو ڪالم ڇپيو آهي، جنهن ۾ هن پاڪستان جي يونيورسٽين جي ڪنهن معتبر اداري طرفان ٿيل درجابندي ٻڌائي آهي، جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪريل تعليمي معيار ۽ ماحول جي اپٽار ٿيل آهي.

## اسانجا ۽ هتي جا ليڊر

* آمريڪا کنڊ جي معلوم ٿيڻ بعد يورپ کان ايندڙ جهازين مان هڪ ڪئپٽن جان سمٿ جڏهن ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙي ورجينا جي ڪنارن تي پهتو ته هن ڌرتيءَ جي خوبصورت جاگرافيءَ کي ڏسي هن جون وايون بتال ٿي ويون هيون. هي هنڌ اهي آهن، جتي اڄ ورجينا بيچ، نورفولڪ، هئمپن جهڙا شهر ۽ بندرگاهه آهن، جتي دنيا جي وڏي ۾ وڏي خليج چيزا پيڪ ۽ ڊيلاويئر خليج جو پاڻي ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ چوڙڪري ٿو ۽ جن خليجن ۾ ڊيلا ويئر، جيمس، يارڪ، راپا هناڪ، پوٽو مئڪ ۽ ٻيون انيڪ نديون بلنديءَ تان هيٺ ڪرن ٿيون ۽ انهن falls ۽ Waterpower ڪري، ڊيلاويئر سڀ کان اڳ ڪارخانن جي رياست بڻيو. هنن خليجن ۾ ڪيترين نديون برفاني وهڪرن (Glaciers) جي صورت ۾ داخل ٿين ٿيون. ڪئپٽن جان سمٿ جي ان پهرين ڪامياب مهم (Expedition) جو احوال، جيڪو هن 1608ع ۾ جيمس ٽائون (ورجينا) مان لکيو منهنجي سامهون آهي. جاگرافي ۽ انگريزي ادب جي شوقينن جي Idea لاءِ ته انهن ڏينهن ۾ ڪهڙي قسم جي انگريزي ڳالهائي ۽ لکي ويئي ٿي، نموني لاءِ ه ٿي سٽون هوبهو انهن Spellings ۾ لکان ٿو. ياد رهي ته هي شيڪسپيئر وارو زمانو هو. جن ڏينهن ۾ ڪئپٽن جان سمٿ پنهنجي سفر جو هي احوال لکيوهو ان وقت شيڪسپيئر چوئيتاليهه سالن جو هو. ان کان پوءِ اٺن سالن بعد 1616ع ۾ شيڪسپيئر جي وفات ٿي.

"... Here are mountains hils, plaines, walleyes, rivers and brookes all running most pleasantly into a faire bay compassed but for the mouth with fruitful and delightsome land..."

خبر ناهي انهن ڏينهن ۾ Hills, Mountains, plains وغيره جون Spellings ائين لکيون وينون ٿي يا ڪئپٽن صاحب پاڻ لکائي پڙهائيءَ ۾ ڍنڍو هو جو ته ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ويندي گذريل صديءَ جي اڌ تائين سامونڊي/ جهازي دنيا جو رخ انهن رکيو ٿي جيڪي اسڪولن کان ڀاڄوڪڙ هئا. مائٽن ڏنو ٿي ته ڇورن ۾ پڙهائيءَ يا پورهئي جو ڪو حال افعال ناهي. ان ڪري چاڙهينس ڪنهن جهاز تي ته ڌڪا کائي سڌري ۽ اوڙو پاڙو سندس گوڙ گهمسان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪان آجو ٿي، سڪ جو ساهه ڪڻي.

آمريڪا جي گاديءَ واري شهر واشنگٽن DC جي چا ڳالهه ڪجي. بقول سنڌ يونيورسٽي جي سابق هيڊ آف ڊيپارٽمينٽ پروفيسر جا ويد پٽو جي...

"It is a city within a capital, never a capital within a city."

غور ڪجي ته ان ۾ ڪئين ڳالهيون اچي ٿيون وڃن. پوٽو مئڪ نديءَ جي ڪناري تي 68 چورس ميلن جي پکيڙ جي هن شهر ۾ ڪامياب حڪومت جا ٽئي ٿنيا: انتظاميا، قانون ۽ حڪومت / نمائنده موجود آهن، جن جو ثبوت وائيٽ هائوس، ڪئپيٽال بلڊنگ ۽ سپريم ڪورٽ جي عمارت آهي. هتي دنيا جي وڏي ۾ وڏي لئبرري "لئبرري آف ڪانگريس" جيڪا علم جو خزانو آهي، سمٿوسن انسٽيٽيوشن، پارڪ، سفارت خانا، خوبصورت جارج ٽائون، ماضيءَ جا يادگار ۽ گهڻو ڪجهه آهي.

منهنجو پيٽارو جو ڪلاس ميٽ سميع جاڊرن، جنهن اڄ ڪان 25 سال ڪن اڳ، پنهنجي ڳوٺ قاضي احمد کي الوداع چئي، هتي ورجينا رياست ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي سو مون کي واشنگٽن مان ڪٺي ورجينا آيو. پاڻ پڇيائين ته ورجينا جي ڪهڙي ڪهڙي شيءِ گهمائين؟" مندر مسجدون ڏيکارئين يا پارڪ گهتيون؟ شاپنگ مال ڏيکارين يا غارون جبل؟ توکي مان چا ٻڌايان ته ورجينا ڪيڏي خوبصورت رياست آهي. ان ۾ ڏسڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ لاءِ چا چا نه آهي...

آئون مرڪندو رهيس. "مهرباني ڪري ڪجهه نه ڏيکار. منجهند جا اڍائي ٿيا ٿين. ڳري ماني ڪارائي اٿئي ننڊ پئي اچي. ڪٿي ڪنهن پارڪ يا لئبرري ۾ هل ته ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيئي اڌ ڪلاڪ ڪن ننڊ ڪري وٺان." مون چيو مانس.

"چئبو ته منجهند جو سمهڻ واري عادت نه وئي." سميع چيو.

"يار رات دير سان ستو هوس ۽ صبح جو چئين بجي فجر تي اٿيو آهيان ته اجان پيو هلان."

"اڙي بابا سنڌي ماڻهو ڪٺي ڏينهن جو ٻارهين بجي اٿي ته ٻه ٻي بجي منجهندجو وري ننڊ ڪندو. هل ته مسجد جي لائونج ۾ صوفن تي nap ڪيون. تو ڪان وڌيڪ مون کي ننڊ جي ٻاڙ ڪنئي آهي." سميع چيو.

"چئبو ته سڌرين تون به ڪونه." مون چيومانس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”بس پنهنجن ڏينهن ۾ پرائمري اسڪول صبح ۽ شام جو ٿيندو هو. منجهند جي مانيءَ ڪان پوءِ پوڙهيون زوريءَ سمهاري ڇڏينديون هيون. هاڻ ننڍپڻ جي ان عادت ڪري اجا وينا لوڙهيون. باقي پنهنجن ٻارن کي مون منجهند جو سمهڻ جي عادت هرگز نہ وڌي. چوندو آهيان تہ ان منجهند جي سمهڻ تہ اسان سنڌين کي ٻين قومن ڪان پٺتي ڪري ڇڏيو...“ سميع کلڻ لڳو. ”چڱو ائڊوانس ۾ ٻڌائي ڇڏ تہ ننڊ بعد ڇا ڇا گهمندين؟“

”سميع ڳالهہ ٻڌ. تنهنجا وڏا پنجاب ڪان آيا ۽ تون سنڌي آهين. پر هاڻ لڳي ٿو تہ تون نہ فقط پڪو آمريڪن ٿي ويو آهين پر ورجينن پڻ. ورجينا جي ماڻهن کي لڳي ٿو تہ هر دور ۾ اهو مسئلو رهيو آهي تہ هو پنهنجي ڌرتيءَ جي هڪ ڏارئين کي ڪهڙي شيءِ ڏيکاري ڪهڙي ڏيکارين. سڄي ورجينا رياست خوبصورت ڌرتيءَ جو ٽڪرو آهي.“

۽ پوءِ مون کيس هن رياست جي رهاڪو ۽ آمريڪا جي ٽي نمبر صدر ٿامس جيفرسن جا ورجينا بابت چيل ان قسم جا مشهور لفظ ٻڌايا جيڪي هن ريت آهن ۽ هن اهي لفظ 1788ع ۾ چيا هئا جيڪي سندس ڪتاب ”ڊڪليرئشن آف آمريڪن انڊيپينڊنس “ مان آهن:

“I have been Planning what I would show you: a flower here, a tree there; yonder a grove, near it a fountain; on this side a hill, on that a river. Indeed, madam, I know nothing so charming as our own country…”

تن ڏينهن ۾ Whow جي اسپيلنگ Shew لکي ويئي ٿي جو صدر صاحب ائين لکي آهي ۽ ڪتاب ۾ بہ ائين ڇپي آهي. بهرحال ورجينا وارن کي هميشہ پنهنجو علائقو گهمائڻ ۾ مسئلو رهيو آهي.

آمريڪاجي ستن صدرن مان مون کي هي صدر بهترين لڳي ٿو. سندس ڳالهيون، ملڪ جي بهتريءَ لاءِ رٿائون، عوام لاءِ همدردي ۽ حڪومت ڪرڻ ۾ نهنائي ۽ سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تعلي ملاءِ اونو- ايتريقدرجو صدر جي عهدي تان لٿو تہ بہ ڏينهن رات ماڻهن جي تعليم جو فڪر ڪندو رهيو. ورجينا جي سڀ ڪان جهوني ۽ مشهور يونيورسٽي University of virginia هن صدر ٿامس جيفرسن جي مرهون منت آهي، جنهن جو پاڻ باني ۽ چيئرمين هو. يونيورسٽي 1819ع ڪان نهڻ شروع ٿي ۽ 1825ع ڪان پهرين بئچ گريجوئيٽ ٿي ۽ 1826ع ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پاڻ گذاري ويو. پاڻ سڀ ڪجهه يونيورسٽي پنيان فدا ڪري ڇڏيائين. ايڏو قرضي ٿي ويو جو مرڻ وقت سندس سڀ جايون جڳهيون، باغ زمينون وڪٽي قرضين کي قرض ڏيڻو پيو. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته اج اتڪل به سؤ سالن کان پوءِ به اسان جي قوم ۾ اهڙو صدر، وزيراعظم، يا نمائندو پيدا ٿي نه سگهيو آهي جو رڳو اڳ تهيل تعليمي ادارن کي وڌيڪ بهتر ۽ Update ڪري. هڪ وڏي سرندي واري پڙهيل ڳڙهيل ليڊر کي پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ ڪراچي جي اعليٰ تعليمي ادارن جهڙو ڪو انگلش ميڊيم اسڪول کولڻ لاءِ صلاح ڏنم ته جيئن سندس ڳوٺ جا ٻار به اعليٰ تعليم حاصل ڪري سگهن ۽ سندس خاندان جا پڻ، جيڪي ان لاءِ ڪراچي، ڪوه مري، ائبٽ آباد يا ولايت جو رخ رکن ٿا. ته پهه وراڻيائين:

”ڇڏ يار. آهن نوڪريون اسان لاءِ ڪو نه ويتر جي ڇٽ پڙهي پيو ته ماڳهين سورن ۾ پئجي ويندا سين.“

ڪيڏو فرق آهي ان آمريڪا ۽ مغرب جو جنهن کي اسان ڏينهن رات گاريون ڏيون ٿا ۽ ڇا حال آهي. اسان جي پنهنجي ديس واسي رهنمائن، ليڊرن ۽ حاڪمن جو. جن جي وعدن پويان عوام گذريل 60 سالن کان ائين پيو هلي، جيئن چاڪيءَ جو ڍڳو اکين تي پٽي چاڙهي گهاٽي ۾ پيو ڦري.

ان ڪري ته چوان ٿو ته اسان جي ليڊرن، اسان جي سياستدانن، اسان جي حاڪمن کي صدر ٿامس جيفرسن جهڙن ماڻهن جي زندگي جو احوال ۽ انهن جي عوام خدمت بابت پڙهڻ کپي، جيڪي مري به امر ٿي ويا. جن پاڻ لاءِ هڪ ٽڪو به نه ڇڏيو.

آمريڪا جي هن ٽئين صدر ٿامس جيفرسن جي قبر تي لڳل ڪتبي تي لکيل سٽون نوٽ ڪريان ٿو:

Here was buried

Thomas Jefferson

Author of "Declaration of American Independence of

The State of Virgina for Religious Freedom and the father of the "University of virgina"

ٿامس جيفرسن 1801ع کان 1809ع تائين آمريڪا جو صدر رهيو. سندس منهن جي شڪل ڏهن سينٽن جي سڪي (Nickle) تي آهي ۽ سندس نالي سان واشنگٽن ڊي سي ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”جيفرسن ميموريل“ پڻ آهي، جيڪو پوٽو مئڪ نديءَ هڪ ٻيٽاري تي آهي، جتان 14 نمبر اسٽريٽ SW لنگهيو ٿي وڃي.

آمريڪا جي هڪ تصوير اسان مان ڪيترن ئي ڏٺي هوندي جيڪا جبل رَسمور جي آهي، جنهن کي آرٽسٽ (مجسما ٺاهيندڙ) ٽُڪي آمريڪا جي چئن صدرن جا منهن ٺاهيا آهن، جيڪي ميلن تان نظر اچن ٿا. انهن چئن مان ڪاٻي کان ٻيو نمبر ٿامس جيفرسن آهي ۽ باقي ٽي آهن:

جارج واشنگٽن،ٿيوڊور روزولٽ ۽ ابراهم لنڪن.

ٿامس جيفرسن جا ڪي ڪي نقطا (Quotations) پڙهڻ جوڳا آهن ۽ سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا. هتي هن وقت مون کي سندس فقط ٽي چوٽيون ياد آهن، جيڪي ڪنهن زماني ۾ (1968ع کان 1972ع ۾) جڏهن مهنو مهنو هندي وڏو سمنڊ ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ جهاڳي هتي آمريڪا پهچندا هئاسين ته سمنڊ جي اڪيلائي ۽ خاموشيءَ جو وقت گذارڻ لاءِ ان قسم جو شيون پڙهي نوٽبڪن تي لکندو رهندو هوس.

❈ . . . That government is best which governs least.

❈ When the government fears the people there is liberty: when the people fear the government there is tyranny.

❈ The democracy will cease to exist when you take away from those who are willing to work and give to those who would not.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# پوپ کي ته اطلاع ڪجو

شام ڏاري خالد هاشماڻيءَ فون ڪيو. ”آئون اڌ ڪلاڪ کان پوءِ مهراڻ ريسٽورنٽ ۾ پهچان پيو. ڪرنل سهيل، اقبال ترڪ ۽ بيا پيٽارو جا ڪلاس ميٽ به اچن پيا. واندو هجين ته هليو اچ.“

”ضرور ايندس. منهنجيواڪ به ٿي ويندي،“ مون وراڻيومانس.

”رستي جي خبر نه هجئي ته جاويد پٺو کي چئجانءِ ته چڙهي وڃئي.“ خالد چيو.

نيو يارڪ وانگر واشنگٽن ۾ انڊين هوٽلن سان پريو پيو آهي. انڊين معنيٰ پاڪستاني، ڪشميري، بنگالي ۽ اتر هندستاني- جن تي اهي ڪاڏي جا ڊش ملن جيڪي اسان وٽ عام آهن. مهراڻ ريسٽورنٽ پينسلوانيا ايونيو تي واشنگٽن سرڪل جي ويجهو آهي. آئون واڪ ڪري 12 گهڙي تي سمٿوسن ريلوي اسٽيسن تي پهتس جتان ٽرين ذريعي ميٽرو سينٽر پهتس ۽ ٻي ٽرين ذريعي فاگي باٽم ريلوي اسٽيسن پهتس جيڪا GWU (جارج واشنگٽن يونيورسٽي هاسپيٽل) جي ميٽرو اسٽيشن به سڏجي ٿي. هتان پنجن منٽن جي واڪ تي مهراڻ ريسٽورنٽ آهي.

واشنگٽن جو هي اهم روڊ پين سلوانيا ايونيو جنهن تي مهراڻ ريسٽورنٽ آهي، M اسٽريٽ کان شروع ٿي واشنگٽن سرڪل مان لنگهي وائيٽ هائوس وٽ اچيو ٿو دنگ ڪري. ان بعد هي روڊ نيو يارڪ ايونيو سڏجي ٿو جيڪو ڪنوينشن سينٽر ۽ مائونٽ ورمن اسڪائر مان ٿيندو شهر کان ٻاهر هليو وڃي.

اسان جي ڪجهه دير ڪچهري هلندي رهي ان بعد اسان جي ڳوٺ جو ڊاڪٽر الطاف ڳاجڻي ميمڻ پهتو جنهن اچڻ سان اها خبر ٻڌائي ته پوپ گذاري ويو آهي ۽ پوءِ ڪلندي چيائين ته عجيب اتفاق آهي. سال 1981ع ۾ مون کي نئين نوڪري ملي هئي.

ان ئي سال شهزادي چارلس شادي ڪئي هئي.

لورپول جي فٽ بال ٽيم يورپ ۾ چئمپين ٿي هئي.

آسٽريليا ائشز ٽورناميٽ هارائي، ۽ پوپ گذاري ويو هو.

۽ هاڻ هن سال 2005ع ۾ ورري

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چارلس شادي ڪئي آهي.

مون کي وڏيڪ بهتر نوڪري ملي آهي.

لورپول جي فٽ بال ٽيم يورپ ۾ چئمپين ٿي آهي.

آسٽريليا ائشز ٽورناميٽ هارائي آهي ۽

پوپ گذاري ويو آهي.

خالد هاشماڻيءَ پنهنجو روايتي قسطن وارو ٺهڪ ڏيندي الطاف کي چيو: ”يار هاڻ وري ڪا توکي ٻي نوڪري ملي يا چارلس شادي ڪري ته گهٽ ۾ گهٽ پوپ کي ته اڳواٽ اطلاع ڪجو ته هو سنڀالي هلي ڪٿي پير ترڪڻ سان ٻئي جهان ۾ نه هليو وڃي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## فلڊلفيا ۾ خوبچنداڻيءَ جي ياد

اسان ڪار ذريعي نيو جرسي کان واشنگٽن وڃي رهيا هئاسين. نيو يارڪ، نيو جرسي، مئريلينڊ، پينسلوانيا، ڊيلاويئر رياستون هڪ ٻئي سان مليل آهن. جيڪي هيٺ ورجينا رياست ۾ آمريڪا جي گاديءَ واري شهر واشنگٽن ڊي سي (ڊسٽرڪٽ آف ڪولمبيا) سان وڃيو ٽيو ملن. ياد رهي ته هي واشنگٽن شهر آهي. آمريڪا (USA) ۾ واشنگٽن نالي رياست پڻ آهي، جيڪا گاديءَ واري شهر کان ايترو پري آهي، جيترو سعودي عرب يا اٿوپيا ڪراچيءَ کان ۽ اها رياست آمريڪا جي ويسٽ ڪوسٽ (مغربي ڪناري) پاسي آهي، جتي پئسفڪ سمنڊ ٿو ڇهي. آمريڪا جي گاديءَ وارو شهر واشنگٽن ۽ مٿيون رياستون ورجينا، نيويارڪ، نيو جرسي، پينسلوانيا (پين سِل وانيا) آمريڪا جون ايسٽ ڪوسٽ (اوير ڪناري) واريون رياستون سڏجن ٿيون. جن کي ائٽلانٽڪ سمنڊ ڇهي ٿو. ائٽلانٽڪ سمنڊ جي هڪ طرفان USA جو هي ڪنارو آهي ته ٻئي طرف آفريڪا کنڊ جا موراڪو، گهانا، سينيگال، آئوري ڪوسٽ، لئانڊا جهڙا ملڪ ۽ يورپ جو پورچوگال، اسپين، انگلينڊ وغيره آهن. هوڏانهن پئسفڪ سمنڊ جي هڪ پاسي جپان آهي ته ٻئي پاسي USA جون ڪئليفورنيا، اوريگان، واشنگٽن ۽ الاسڪا رياستون، وچ ۾ هوائي رياست جا ڪجهه ٻيٽ ۽ ٻيا مارشل ٻيٽن جهڙا ننڍڙا ننڍڙا ٻيٽ آهن. هوائي رياست به آمريڪا USA جي هڪ رياست آهي، جيڪا آمريڪا کان هزارين ميل پري آهي. اهڙي طرح آمريڪا جي هڪ ٻي رياست آهي، جيڪا ايڏو پري ته نه آهي پر پاڙيسري ملڪ ڪئناڊا سان ڳنڍيل آهي، جنهن جو نالو الاسڪا (Alaska) آهي، جيڪا رياست جيتوڻيڪ روس جو حصو هئي پر روس وارن اهو سوچي ته سندن ملڪ اڳهين وڏو آهي ۽ هي ڏورانهون حصو جيڪو ڪئناڊا سان مليل آهي ۽ بيحد اتر ۾ هجڻ ڪري ٻارهوئي جڻ ته برف ۾ ڍڪيو پيو آهي، جتي نه پوک ٿي ٿئي نه رستا روڊ ۽ درياهه ٿا وهن. سو هنن اوٽي پوٽي ۾ آمريڪا کي وڪڻي ڏني. سستي اگهه تي وڻڻ جي باوجود آمريڪا جي ماڻهن ان وقت جي صدر خلاف دانهون ڪوڪون ڪيون هيون ته اجايو خرچ ڪيو اٿس. اسان جو ملڪ اڳهين هيڏو وڏو آهي، ان برف جي بيابان کي وٺڻ مان ڪهڙو فائدو جتي جي ٿڌ ۾ فقط ايسڪيموز ۽ برفاني رڇ ئي رهي سگهن ٿا. اڄ آمريڪا جي قدرتي خزانن ۾ سڀ کان مالا مال رياست الاسڪا آهي، جنهن جي زمين هيٺ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

عراق ۽ ايران جهڙيون تيل جون نديون وهن ٿيون، جن کي في الحال گهٽو خرچ ڪرڻ بدران آمريڪا، آئي ويل لاءِ بچائي ويٺو آهي، جيسين عراق، سعودي عرب ۽ ڪويت جهڙن ملڪن جو تيل آسانيءَ سان پيو ملي.

بهرحال اسان پنهنجي نيو جرسي کان واشنگٽن ڊي سي واري سفر جي ڳالهه ڪريون جيڪو آئون گهوٽڪي جي رميش ٽارواڻيءَ سان سندس ڪار ۾ ڪري رهيو هوس. رميش هلڻ لاءِ جيسين بئگ ۾ سامان ناهي آئون ڇانهه جو ڪوپ ڪٽي سندس ڪتابن جي ننڍڙي لئبرريءَ جو جائزو وٺڻ لڳس. سندس پروفيشن سول انجنيئرنگ ۽ ماحولياتي انجنيئرنگ سان واسطو رکندڙ ڪتابن کان علاوه انڊيا ۾ سنڌ جا ڇپيل ڪيترائي ادبي ڪتاب ۽ رسالا هئا. ساڌو واسواڻي ۽ دادا واسواڻيءَ سان تعلق رکندڙ پڻ ڪيترائي ڪتاب ۽ رسالا هئا. حيدرآباد جي چاولا مٿين شخصيتن جو آئون پنهنجي انڊيا واري سفر نامي ۾ تفصيل سان احوال لکي چڪو آهيان. ساڌو واسواڻي سينٽر نيو جرسي جي اتراهين حصي جي شهر ڪلوسٽر (Closter) ۾ آهي، ڪلوسٽر بلڪل هڊسن نديءَ جي ڪناري وٽ آهي، جنهن جي ڀئي پاسي نيويارڪ شهر جو Bronx وارو علائقو آهي. سندس پوسٽل ائڊريس هن ريت آهي: Sadhu Vaswani Centre

494 Durie Avenue, Gloster, New jersey 07624, USA

Tel 210_768_7857, Fax 201 – 768_ 0433

نيو جرسيءَ جي هن جهڙا "ساڌو واسواڻي سينٽر" انڊيا جي ڪيترن شهرن کان علاوه دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ آهن، جيڪي دادا جشن واسواڻي جي سرپرستيءَ ۾ هلن ٿا. ڪيترن هنڌن تي اسڪول ۽ اسپتالون پڻ آهن. مختلف قسم جا رسالا، اخبارون ۽ News letter هنن مرڪزن مان نڪرن ٿا، جيڪي ساڌو واسواڻي ۽ دادا جشن جي فلاسافي ۽ انسانيت سان پيار جي تبليغ ڪن ٿا. رميش جي ڪتابن ۾ هڪ ڪتاب چلڊرين بڪ ٽرسٽ نيو دهلي طرفان ڇپايل راج گوپلان جو The Secrets of Indus Valley پوني جي سينٽر فار ڪميونيڪيشن طرفان لڇمڻ خوبچنداڻيءَ جو ڪتاب Sindhi Studies 1947_67 جنهن ۾ سنڌي ٻولي ۽ سوسائٽي تي تبصرو آهي.

"رميش هي ٻه ٽي ڪتاب تنهنجا ڪٽان ٿو. ٻن ٽن ڏينهن بعد تو کي واشنگٽن ۾ ئي واپس ڪندس يا نيو جرسي موٽي اچي ڏيندس."

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

رميش هڪ ٻن ڪتابن لاءِ چيو تہ اهي هن لاءِ ضروري آهن. باقي ٻيا آئون رکي سگهان ٿو.

”مهرباني پر محدود بار کڻڻ ڪري آئون ڪتابن جهڙيون ڳريون شيون ٻاءِ ايئر پاڪستان ڪٽي وجهڻ نٿو چاهيان. ڪوشش ڪري ڪتاب هتي ئي ڏسي ڇڏي ويندس.“ مون چيو مانس.

رميش وهاٽي جي ٻَچَوَ جهڙي هڪ ڪپڙي جي ڳوٿري ڏيندي چيو: ”ڇڱو پوءِ منهنجا هي سڀ ڪتاب هن ٿيلهيءَ ۾ وجهان ٿو ۽ ان ۾ ئي مون کي واپس ڪجانءِ“

بافتي جي هن ڪپڙي جي ڳوٿريءَ ٻاهران لکيل هو:

Beneficial use of recycled materials in transportation applications

۽ هيٺان انجنيئرنگ ڪمپنيءَ جو نالو ”چيسنر انجنيئرنگ“ لکيل هو. رميش شايد ان انجنيئرنگ ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪري ٿو. يعني هاڻ ڪم ڪري ٿو. مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جي هن اعليٰ ڊويزن حاصل ڪندڙ کي ڪي سال هتي آمريڪا ۾، سندس پروفيشن سان واسطو رکندڙ نوڪري نہ ملي سگهي. هو روزگار خاطر، پنهنجي Survival خاطر ڪيترائي سال اهو وساري تہ هو هڪ انجنيئر آهي، جيڪو پورهيو مليس ٿي ڪندو رهيو ۽ پئسو بچائيندو رهيو. ”مون کي ڪلاڪ جا ڇهہ ڊالر ملندا هئا ۽ روز ست ڪلاڪ پورهيو ڪندو هوس. جنهن ڏينهن ڪوڪا ڪولا پيئڻ تي دل چوندي هئي، ان ڏينهن مقرر وقت کان ڏهہ منٽ وڌيڪ ڪم ڪندو هوس، جيئن ڊالر جو ڪوڪ وٺي پي سگهان.“

انجنيئرنگ فرم ۾ ڪم ملڻ کان اڳ سندس آخري جاب لئبرري ۾ ڪتاب ٺاهڻ هوندو هو. ”اها لئبرري ايڏي وڏي هئي ۽ پڙهڻ لاءِ ايترا شاگرد ايندا هئا جو سندن هيٺ مٿي ڪيل ڪتاب ٺاهڻ کان هڪ گهڙي بہ فرصت نہ ملندي هئي.“

اسان ان وقت نيو جرسي رياست جا مشهور شهر ٽرينٽن ۽ ائٽلانٽڪ سٽي لتاڙي پر واري پينسلوانيا رياست ۾ گهڙيا هئاسين، ۽ اتي جي ويجهي شهر فلڊلفيا پهچڻ وارا هئاسين.

”پاڻ واري لڇمڻ هتان P.H.D ڪئي هئي.“ فلڊلفيا وٽان لنگهندي رميش چيو.

”ڪهڙي لڇمڻ جي ڳالهہ پيو ڪرين؟ تو واري يونيورسٽيءَ جي گرئجوئيٽ، هالن واري لڇمڻ تہ مون کي پاڻ ملائيشيا ۾ بہ سال اڳ ٻڌايو هو تہ هن ملائيشيا مان Post graduation ڪئي.“ مون رميش کي ياد ڏياريو.

”نہ. آئون لڇمڻ تاراچند جي نہ پر لڇمڻ خوبچندا ڻيءَ جي پيو ڳالهہ ڪريان، جنهن جو ڪتاب Sindhi Studies : 1947_1967 اڄ صبح توهان منهنجي ڪيبن مان ڪنيو آهي.

”رميش ٻڌايو. ”اڇا!“ مون حيرت جو اظهار ڪيو ”هن جي سرسري لکڻي ڏسي نہ ڊاڪٽر مون کي هو قابل لڳو. هتي ئي رهي ٿو يا انڊيا ۾؟“ ”جيستائين مون کي خبر آهي تہ هو يونيورسٽي آف زگرب (اڳوڻو يوگوسلاويا) ۾ Indian Linguistics جو وزٽنگ پروفيسر آهي ۽ ساڳي وقت هو يوگو سلاويا جي گهڻ ٻولين وارين حالتن تي Sociolinguistic Study ڪري رهيو آهي.“

ڊاڪٽر لڇمڻ مولچند خوبچندا ڻي سنڌي ٻوليءَ جو بين الاقوامي سطح تي مڃيل، مشهور ۽ معروف ماهر لسانيات آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪندڙن ۾ سڀ کان نمايان حثيت جو مالڪ آهي. لڇمڻ خوبچندا ڻي سن 1932ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڄائو ۽ شروع جي تعليم اتي ئي ورتائين. ورهاڱي بعد هو انڊيا هليو ويو ۽ پنجاب يونيورسٽي، چنڊيگڙهہ مان هندي، جرنلزم ۽ Philology ۾ گريجيوئيشن ڪيائين. سن 1961ع ۾ هن آمريڪا جي Pennsylvania يونيورسٽي مان ايم اي لسانيات ڪيائين. ان ڊگريءَ لاءِ جيڪو مقالو لکيائين ان جو عنوان هو:

The Phonology and Morphophonemics of Sindhi خوبچندا ڻيءَ ساڳي يونيورسٽي (پينسلوانيا) مان سن 1963ع ۾ پي ايڇ ڊي لسانيات ۾ بہ ڪئي ان لاءِ سندس مقالي جو عنوان هو:

“The Acculturation of Indian Sindhis to Hindi: A language in Contact.”

ڊاڪٽر خوبچندا ڻي آمريڪا جي رياست هونو لولو جي ايسٽ ويسٽ سينٽر ۾ سينئر فيلو بہ ٿي رهيو آهي. ان کان علاوه سينگاپور جي ريجنل انگلش لئنگويج سينٽر RELC ۾ 1976ع ڌاري نو مهينا ڪن رهيو هو ۽ اتي تحقيقي ڪتاب لکيائين: Language and Education in Pluralistic Societies

پوني جي مشهور ڪاليج – ڊيڪن ڪاليج ۾ سنڌي لسانيات جو شعبو سن 1961ع ۾ قائم ٿيو. جنهن جي ترقي ۽ واڌاري ۾ ڊاڪٽر خوبچندا ڻيءَ جو گهڻو حصو آهي. ڊيڪن ڪاليج ۾ جامع سنڌي۔ انگريزي ڊڪشنريءَ جي رٿا تيار ڪئي ويئي، جنهن جا بہ حصا

خوبچنداڻيءَ تيار ڪيا ۽ 1968ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## نيوجرسي ۾ سنڌي نوجوان

پاڪستان ڇڏڻ مهل منهنجو مقصد آمريڪا گهمڻ جو نه هو پر مون دوستن يارن کان ٽي چار مهينا پري رهي انڊيا جو سفرنامو پورو ڪرڻ چاهيو ٿي ۽ جڏهن مون کي معلوم ٿيو ته اسانجي پاڙيچن سمير ۽ ضمير وسطڙو وارن جو گهر جن وٽ مون رهڻ چاهيو ٿي نيوجرسي جي هڪ ننڍڙي شهر Avenell ۾ آهي ته مون کي هيڪاندي گهڻي خوشي ٿي ته نيويارڪ، ائٽلانٽڪ سٽي، واشنگٽن، بالٽيمور جهڙن شهرن کي ويجهو هوندي به آئون هڪ خاموش ۽ ڳوٺاڻي ماحول ۾ هوندس. نيوجرسي آمريڪا جي انهن رياستن مان آهي، جيڪا ملائيشيا ۽ انڊونيشيا وانگر سرسبز آهي. جيڏانهن نظر ڪر ته آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ گهاٽا وڻ ۽ نازڪ، نرم ۽ ڍگهي گهاٽي Fur جهڙي Trim ٿيل ڇٻر نظر اچي ٿي. ان ڪري هن رياست کي چون ئي The Garden State ملائيشيا ۾ گهم، گرمي ۽ مينهوڳي ڪري هر قسم جا ٿنڊڻ ماڪوڙا ۽ نانگ بلائون ٿين، جيڪي انسان ذات کي اُتي جي جنگلن ۾ آزاديءَ سان هلڻ نه ڏين. مينهوڳي هتي نيوجرسيءَ ۾ به ڏاڍي ٿئي ٿي پر سخت سيءَ ۽ برفباريءَ ڪري ان قسم جا جيت جڙيا نظر ئي نٿا اچن. شام جي وقت هتي جي ڇٻرن تي فقط ڪڙ ڪٻيتا (ٽانڊاڻا) پوليس جي گاڏين وانگر ٻرندا وسامندا نظر اچن.

بهرحال هتي پهچي خبر پيئي ته اڄ جو آمريڪا اهو 35 سالن وارو اڳ جو آمريڪا نه رهيو آهي. جڏهن هتي ڪو سنڌي ته ڇا پنجابي پناڻ به ورلي نظر ايندو هو. جتي آمريڪا ڏارين جي اچڻ لاءِ سخت قدم کنيا آهن، اتي اسان جهڙن ايشيائي ۽ آفريقي ملڪن جون معاشي ۽ امن جون حالتون اهڙيون پنتي هليون ويون آهن جو اڄ پهرين کان گهڻا ماڻهو پنهنجي ملڪ جي پيٽ ۾ آمريڪا کي وڌيڪ پرسڪون، عزت جي ماني ڏيڻ وارو، آزاديءَ سان عبادت ڪرڻ وارو ملڪ سمجهن ٿا، جتي هڪ غريب کان غريب انسان به پنهنجن خوابن جي ساپيان ماڻي سگهي ٿو. بشرطيڪ هن ۾ هنر، محنت، سگهه ۽ جاڻ جهڙيون شيون هجن.

Avenell شهر جنهن ۾ آئون هاڻ رهيل آهيان، اسان جي ايشيائي ملڪن جي حساب سان ته هڪ ننڍڙو، خوبصورت ۽ ماڊرن شهر آهي پرهتي جي آمريڪي معيار مطابق هتي جي يونين ڪائونٽي جو هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو آهي، جنهن جهڙا ڪيترائي ڳوٺڙا اولڊ برج، اسيلن، Rahway، پرٿ وغيره وغيره پنج ڏهه ميلن جي فاصلي تي آهن ۽ فقط هنن پر وارن

شهرن يا ڳوٺن ۾ جيڪي منهنجا واقفڪار رهن ٿا. يعني جن جي مون کي خبر آهي، انهن مان ڪجھ هن ريت آهن: آمريڪن حبيب بئنڪ جو مئنيجر نديم جوٽيجو جنهن جو والد صاحب امداد جوٽيجو ABL بئنڪ جو صدر هو. نديم گذريل 25 سالن کان آمريڪا جي مختلف حبيب بئنڪن ۾ نوڪري ڪندو اچي، بئنڪ جي پر ۾ شيراز هوٽل ۾ جمعي نماز تي رشيد مليو جيڪو مون سان گڏ جهاز تي ريڊيو آفيسر هو ۽ پوءِ جهازن جي نوڪري ڇڏي هتي رهي پيو. دادو جو سائين ابراهيم چنا صاحب آهي، جيڪو ڪراچي ۾ ڪو آپريٽو سوسائٽيز جو ڊائريڪٽر هو. رٽائرڊ ٿيڻ تي هتي هليو آيو جو سندس ٻه وڏا پٽ خالد چنا ۽ مسعود چنا ويهن سالن کان هتي رهن ٿا. سندن دوائن جا دڪان ۽ ٻيو ڪاروبار توڙي گهر هتي ئي پر واري شهر ۾ آهن. نواب شاهه جي مشهور شخصيت ڊاڪٽر ڏاهريءَ جو پٽ مقبول ڏاهري ٻه سالن کان هتي رهي ٿو. اسان جي پيٽارو ڪئڊٽ ڪاليج جي دوست اقبال ترڪ جا ڀائر ڊاڪٽر اعجاز ترڪ ۽ اشفاق ترڪ ۽ پٽ جيتوڻيڪ ڏورانهين رياستن ۾ رهن ٿا پر سندس سالا ڊاڪٽر سليمان بيگ ۽ هتي جي PIA آفيس ۾ ڪم ڪندڙ فريد بيگ هتي اسان جي پاڙي جي شهرن ۾ رهن. اڄ ڪلهه اقبال ترڪ جي سس جيجي شرفنساءِ (قاضي اڪبر، قاضي عابد ۽ آپا شمس وارن جي ڀيڻ) ٻه هتي اچي رهي آهي. خيرپور جو مشهور رٽائرڊ ايس پي پوليس سومرو صاحب ۽ سندس ٽي پٽ نديم وغيره ٻه هتي رهن ٿا. خيرپور سکر پاسي جو فلڪ شير، سندس وڏو ڀاءُ ڪوه شير ۽ هڪ ڀيڻ ڊينٽل سرجن فردوس جهان ٻه هتي جي پر واري شهر ۾ رهي ٿي، يعني هن رياست نيو جرسي ۾ ۽ هڪ ٻيو ڀاءُ انجم شير هڊسن ندي جي هن پار نيو يارڪ ۾ ٿو رهي ۽ هڪ ٻيو ڀاءُ پئسفڪ سمنڊ پاسي West (Coast) جي رياست ڪئليفورنيا ۾ رهي ٿو.

ان کان علاوه اسان جي ڳوٺ هالا جي مرحوم عبدالغفار انصاري جو ٽيون نمبر پٽ سهيل زال صبا قريشي ۽ ٻارن سان گذريل 15 سالن کان هتي رهي ٿو ۽ نوڪري لاءِ هڊسن ندي ٽپي نيويارڪ وڃي ٿو. سندس پڦي خورشيد ڀگهيو جي ڌيءَ ڪونج جنهن هتان آمريڪا مان Graduation ڪئي ۽ شادي پڻ هتي ڪئي. پنهنجي مڙس عاطف ۽ ٻن ٻارن سان هتي رهي ٿي. سندس مڙس جي نوڪري هن رياست جي بندرگاهه نيوارڪ ۾ آهي. خيرپور ۽ سکر پاسي جا ڊاڪٽر اقبال جعفري (اينگرو واري گل شير جو سوٽ) ، ڊاڪٽر نور راڄپر ۽ سندس ڀاءُ مسرور راڄپر (جيڪو ڪيترائي سال سينگاپور ۾ ڪمپيوٽر انجنيئر هو) هاڻ هتي ئي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

رهن ٿا. پر نوڪري نيويارڪ ۾ اٿن ۽ تقريباً هر دعوت ۾ نظر اچن ٿا. ساڻن گڏ ڊاڪٽر ابڙو ۽ سندس زال سعيده ابڙو جيڪا هتي جي بئنڪن ۾ مئنيجريس رهي چڪي آهي ۽ هاڻ ويجهڙائيءَ ۾ نوڪري ڇڏي اٿس. گهوٽڪي جو انجنيئر رميش ٽارواڻي ۽ سندس ڪنڊڪٽ جي ڊاڪٽر زال ريکا پڻ هتي ئي رهي ٿي ۽ نوڪري به هتي ئي ڪن ٿا. نواب شاهه جو ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ راهو جيڪو پاڪستان ۾ انڪم ٽئڪس ڪمشنر هو ۽ دادوءَ جي سندس زال لبنيٰ رانجهاڻي ٻارن سميت گڏريل ڇهه ست سالن کان هتي رهيا ٿي. هاڻ گذريل مهيني پر واري رياست مئري لئنڊ لڏي ويا آهن. اسان جي ڪئڊٽ ڪاليج جي ڪلاس ميٽ مصباح الحق ميمڻ ۽ مشهور سنڌي اديب ۽ عالم سراج الحق ۽ فهميده حسين جو پاءُ ضياءُ ميمڻ به سالن کان هتي رهي ٿو. جن سان هتي اڪثر انڊين بازارين ۾ (Oak Tree Road) واري ۾ خاص طرح، مسجدن ۾، سنڌي ميلن ۽ فنڪشنن ۾ يا وري ڪنهن جي گهر رکيل مخصوص گروپ جي دعوتن ۾ ملاقات ٿيندي رهي ٿي. پر اهو ضرور آهي ته هر هڪ نوڪري يا ڌنڌي واپار ۾ اهڙو ته مشغول رهي ٿو جو سنڌس سڄو ڏينهن آفيس يا دڪان ۾ گذريو وڃي. ڪيس فون ڪرڻ جي به فرصت نٿي ملي. باقي جمع جي شام کان آچر جي شام تائين به ڏينهن صحيح قسم جي موڪل ٿئي ٿي، جنهن ۾ هو دوستن ۽ ٻارن ٻچن سان گڏ وقت گذارين. يا وري ڏينهن به وڌيڪ موڪل ڪري ٻي رياست ۾ وقت گذارڻ وڃن، جيئن هينئر واشنگٽن ۾ آمريڪا جي مختلف رياستن ۾ رهندڙ چار سؤ کن سنڌي فئمليون اچي گڏ ٿيون هيون ۽ هاڻ ايندڙ 14 آگسٽ تي ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ جو وڏو اجتماع آهي، جيڪو WSI جي صدر منور لغاريءَ واشنگٽن يا شايد ورجينا ۾ سڏايو آهي. ڪئڊٽ ڪاليج پيٽاڙو جا به آمريڪا ۾ ڪيترائي رهن ٿا ۽ گذريل مهيني هنن ڪئناڊا ۽ آمريڪا جي بارڊر وٽ، نائياگرا فالس وٽ پيٽارو جي اولڊ بئائز جي Get Together رکي. ان جو بندوبست اسان جي ڳوٺ جي ڪئڊٽ عدنان قريشي ڪيو. جيڪو ڪئناڊا جي اونٽاريو صوبي جي شهر Oakvlle ۾ رهي ٿو. عدنان منهنجي هالا جي اسڪول جي دوست ڊاڪٽر عبدالحليم قريشيءَ جو فرزند آهي ۽ سنڌس هڪ ويجهو مائٽ سائين يوسف صاحب منهنجو ٻئي انگريزيءَ (يعني ڇهين ڪلاس) ۾ ٽيچر پڻ هو. عدنان کي خبر پيئي ته آئون نيوجرسي (USA) ۾ آهيان ته هن ”پيٽارين ياهو گروپس“ ذريعي مون کي اها گڏجاڻي Attend ڪرڻ لاءِ چيو. مون ڪيس پري هجڻ جو بهانو ڏنو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”چوڏري ببيڪشن وارا تہ ڪئليفورنيا کان پيا اچن. توهان تہ ويجها آهيو.“ هن لکيو. ”۽ بيو تہ پهرين بئچ جو ڪئڊٽ حميد انور (Kit No: 12) تہ توهان جي پير واري ڳوٺ ۾ رهي ٿو ۽ هو اچي رهيو آهي، جنهن سان گڏ هليا اچو.“

مون ايترو پري باءِ روڊ وڃي پنج ڇهہ ڏينهن ضايع ڪرڻ نٿي چاهيا ۽ ڪيس اهانا بهانا ڏيئي راضي ڪري ڇڏيم. پر حميد انور جو Email ايندو رهيو تہ نيو جرسيءَ ۾ ڪٿي آهين. جنهن جو مون جواب ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو. Email ۾ اهو فائدو آهي تہ ٻئي جي ناراضگي لاهڻ لاءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ معاف ڪجو ڪمپيوٽر خراب هو يا ٻڙي هوس مون انٽرنيٽ تي Mail چيڪ ڪئي ڪانہ. پيٽارو جي ان فنڪشن بعد جڏهن آئون هفتو کن واشنگٽن هوس تہ ان وقت پنهنجي پراڻي ساٿي حميد انور کي اي ميل ڪيم تہ نيو جرسي جو پنهنجو فون نمبر ٻڌاءِ آئون نيو جرسي پهچي توکي فون ڪندس، منهنجو هاڻ انڊيا وارو سفرنامو ۽ ڪاوش لاءِ ڪجهہ ڪالم مڪمل ٿي چڪا هئا ۽ هاڻ مونکي واندڪائي هئي.

حميد انور ڪئڊٽ ڪاليج جي پهرين بئچ جو آهي، جڏهن 1957ع ۾ ڪئڊٽ ڪاليج عارضي طور ميرپور خاص جي هڪ ڪاليج ۾ ٻن سالن لاءِ کوليو ويو هو. آئون ٻئي سال پهتس ۽ ميرپور خاص ۾ سال ڏيڍ رهي پوءِ پيٽارو آياسين. ان وقت ويهہ کن حميد انور جي بئچ جا ڪئڊٽ هئا ۽ اهڙا پنجويهہ کن اسان ٻي بئچ جا پهتا هئاسين. منهنجو ڪٽ نمبر 47 هو ۽ آئون لياقت هائوس ۾ هوس جنهن جي هاسٽل ۾ اسان جي ڪمري بعد هڪ ڪمرو ڇڏي ٻئي ۾ حميد انور رهيو ٿي. سندس ٻن روم ميٽن مان هڪ مرزا بشير چاند هو جيڪو حيدر آباد ۾ چيف انجنيئر WAPDA وغيره رهيو ۽ گذريل سال سٺ سالن جو ٿي رٽائرڊ ٿيو ۽ ٻيو جعفر هو جنهن جي 1962ع ۾ ڪاليج ڇڏڻ بعد وري خبر نہ پئجي سگهي. حميد انور جي تہ گهٽ ۾ گهٽ ٻين دوستن کان خبر پيئي پئي تہ هاڻ مهراڻ مان اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ BE ڪئي اٿس ۽ هاڻ ابو ڌابيءَ ۾ آهي. بلڪ ابو ڌابيءَ ۾ هو وڏو عرصو رهيو ۽ اسان جو ڳوٺائي ڊاڪٽر منظور عرساڻي سندس احوال ڪڏهن ڪڏهن ٻڌائيندو هو جيڪو پڻ پنهنجي زندگيءَ جو وڏو عرصو ابو ڌابيءَ ۾ رهيو. هاڻ شايد هو بہ آمريڪا ۾ آهي.

حميد انور جي مون کي اها خبر نہ هئي تہ هو ڪو ڪجهہ سالن کان هتي USA ۾ آهي ۽ هاڻ عدنان کان جيئن ئي خبر پيئي تہ هو نہ فقط آمريڪا ۾ آهي پر ان ساڳي رياست نيو جرسي ۾ منهنجي پير واري ڳوٺ ۾ آهي، تہ مون کي ڏاڍو تعجب لڳو. حميد انور ننڍپڻ کان

جيئن تہ ڪچهريءَ جو ڪوڏيو رهيو آهي. ان ڪري مون اجا جهت ساڻس نئين ملڻ چاهيو جو مون کي پنهنجو لکڻ پڙهڻ جو ڪم تمام گهڻو هو) ۽ ساڳي وقت دل ۾ اهو بہ احساس هو تہ هن جهڙي نيڪ، پرخلوص، سنڌي نہ هوندي سنڌي ڳالهائيندڙ ۽ سنڌين جي همدرد ۽ معصوم شخصيت سان ملڻ بنا آمريڪا ڇڏڻ هڪ الميو ٿي سمجهيو. اسان آخري دفعو 1962ع جي شروع ۾ مليا هئاسين، جڏهن هو انٽر ڪري ڪئڊٽ ڪاليج کي الوداع چئي رهيو هو ۽ اسان سنڌن جاءِ تي انٽر جي ڪلاس ۾ داخل ٿيا هئاسين. پاڻ اسان جي لياقت هائوس جو پهريون JUO هو. ڪاليج جي ڏينهن ۾ پڙهائي ۽ راندين ۾ هوشيار هجڻ سان گڏ منجهس Officer Like Qualities ۽ ليڊرشپ جون وصفون بہ اتم هيون پر هن اجايو رعب ۽ ترڙپائي بدران هميشہ همدرداڻو رويو رکيو. پاڻ طبيعت ۾ بيوقوفي جي حد تائين سادو رهيو ۽ اڄ بہ اهڙو ئي سادو، يار ويس ۽ ٻين جو مددگار آهي. ساڻس ملاقات جو احوال هاڻ ٻئي باب ۾ ئي لکان ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## حميد انور جي کهاڻي ۽ ڪچهري

## سنا هئائو تہ هينئر بہ سنا رهو....

حميد انور مون سان ملڻ جو پروگرام اڳاري ڏينهن رکيو هو. هن مون کي فون تي ٻڌايو تہ هن سان آمريڪا ۾ زبردست ٽرئجڊي ٿي پئي. سڄي زندگي جي جيڪا بچت هئي سا هن ڀڻ هنڌن تي Invest ڪئي پر سمورو پئسو لڙهي ويو. "ان ڪري هاڻ آئون نوڪري ڪريان پيو. هونڊا ڪارن جو شو روم آهي اتي Sales consultant آهيان. يعني سيلز مئن سمجهہ. هتي مڙيئي سيلز ڪنسلٽنٽ سڏين جيئن ڀاڻ واري حجام کي هتي Hair Dresser يا Hair Designer سڏين. سو بهرحال هاڻ آئون هن عمر ۾ نوڪري ڪريان ٿو ۽ مون کي هفتي ۾ آچر ۽ اڱارو موڪل ٿئي."

حميد انور جي اها ڳالهہ ٻڌي آئون ڪي ڏينهن ڏاڍو ڏکويل رهيس تہ هڪ نيڪ انسان ۽ قابل انجنيئر جنهن زندگيءَ جو وڏو حصو ابو ڌابيءَ ۾ گذاريو ۽ بيحد اعليٰ عهدي تي رهيو ۽ بين الاقوامي ڪانفرنسن ۽ نوڪريءَ جي سلسلي ۾ ڪڏهن ڪهڙي ملڪ ۾ ٽوئر لاءِ ٿي ويو تہ ڪڏهن ڪهڙي ۾. ابو ڌابيءَ ۾ هي واحد پاڪستاني آفيسر هو جنهن کي زمين تي سفر ڪرڻ لاءِ شوفر ڊرون ڪار هئي ۽ هوائي جهاز ۾ هميشہ بزنيس ڪلاس هليو ٿي. اڄ هو چوهٺ سالن جي ڄمار ۾ هتي جي سخت سيءَ ۽ برفاني موسم ۾ صبح جو اٺين کان شام جو ڇهين تائين ڊيوٽي ڪري رهيو آهي. ڏينهن ڀڻ بعد واشنگٽن ۾ پنهنجي هڪ ٻئي ڪلاس ميٽ، قاضي احمد جي سميع جادران سان ڳالهہ ڪيم تہ مون حميد انور کان هن ريت ٻڌو آهي، ٿي سگهي ٿو مون غلط ٻڌو يا سمجهيو.

"نہ يار صحيح ٿي هوندو. It is no surprise for me چو جو هنن ولائتن ۾ توڙي پنهنجي ملڪ ۾ وڏا وڏا ڪاٺڪو ۽ بشني وينا آهن ۽ توکي تہ خبر آهي تہ حميد انور ننڍي هوندي کان ڪيڏو سادو، ٻئي جي ڏک کي پنهنجو سمجهڻ وارو ۽ ٻين جي ڳالهين تہ وسهجي وڃڻ وارو آهي. هن سان ضرور دوکو ٿيو هوندو." سميع تجزيو ڪري راءِ ڏني.

"هن مون کي اهو بہ ٻڌايو" مون پنهنجي ڪلاس ميٽ سميع کي چيو (ڪئڊٽ ڪاليج ۾ اسان ٻئي حميد انور کان هڪ سال جونيئر هئاسين.)، "تہ منهنجي پٽ مون کي گهٽو ئي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سمجھايو تہ بابا تون ھلي ڪراچي يا ڳوٺ نصرپور زمينن تي رھہ. ٿوري گھٽي زمين ۾ باغ آھي ۾ ھزار کن ڊالر آئون پيو موڪليندو سانءِ پر مون کي اھا ڳالھہ نہ وڻي. آئون پاڻ ئي پورھيو ڪري ڪمائڻ چاھيان ٿو ۽ پنھنجي ڪمائيءَ مان زال ۽ ٻاقي ٻن ننڍن ٻارن جو خرچ پکو ھلائڻ چاھيان ٿو.“

اسان حميد انور سان روبرو ملڻ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. سميع بہ حميد انور سان مون وانگر آخري دفعو 1962ع ۾ مليو ھو. ”ھتي واشنگٽن ۽ ورجينا ۾ منھنجي نظر ۾ اليڪٽرڪ فرمس جو جاب آھي، جيڪو ھو آسانيءَ سان ڪري سگھي ٿو. ملنئي تہ مون پاران نياپو ڪجانس تہ ھيڏانھن مون ڏي ھليو اچي.“ سميع مون کي چيو.

۽ ھاڻ پروگرام موجب اڄ حميد انور سان 45 سالن بعد ملاقات ٿي. مون وٽ اچڻ لاءِ ھو پنھنجي گھران ٻارھين بجي نڪتو. رستي تان فون ڪيائين تہ ھو پنڌرھن منٽ کن گروسري شاپ مان ڪم لاھي پوءِ مون وٽ ٻارھين اندر پھچي ويندو.“ پوءِ ڪنھن ھوٽل ۾ ھلي ٿا ماني کائون ۽ ڪچھري ڪريون.“

”حميد انور ڳالھہ ٻڌ مانيءَ جي تڪليف کي ڇڏ. تون بہ ھينئر نيرن ڪري نڪتو آھين، مون بہ ھاڻ ڪئي آھي. ھن عمر ۾ پرتڪلف ماني کائڻ پاڻ کي بيمار ڪرڻو آھي. ان ڪري ڪافي يا چانھہ پيئنداسين.“ مون چيومانس.

”يارڪمال ٿو ڪرين 45 سالن کان پوءِ مليا آھيون. پوءِ بہ فقط ڪافي يا چانھہ پيئون؟“

”جي ھا! سا بہ بنا شگر ۽ مِلڪ جي! شگر ليول بارڊر تي آھي. ڪير ڪولوسٽرل ليول ٿو وڌائي.“ مون Reasoning ڪئي مانس.

ھن ٿھڪ ڏيندي چيو: ”بارڊر ليول تي! بس نہ؟ ھتي آئون ڪڏھوڪو ڊائيبيٽڪ آھيان ۽ بلڊ پريشر پڻ اٿم. بھرحال ماني کائبي. اھو منھنجو آرڊر آھي. آئون تنھنجو سينئر آھيان ۽ تون جونيئر آھين. تنھنجو ڪم فقط !Yes, Boss چوڻ آھي.“

حميد انور ٻارھين بدران ھڪ بجي پھتو. آئون ڪيس دير سان پھچڻ جو ڏوراپو ڏيان تنھن کان اڳ پاڻ ئي چيائين: ”يار پاڻ ڪٿي يورپ ۾ رھون يا آمريڪا ۾، رھنداسين اھي ئي ٺندي ٻاگي جا جٽ. بلڪ ھاڻ تہ اھي ڳوٺاڻا بہ وقت جا پابند ٿي ويا آھن.“ ۽ پوءِ ڀاڪر پائي ملي آھستي چيائين ”يار رستو ئي سمجھہ ۾ نہ پئي آيو. خبر ناھي ڪٿان ڪٿان رلي رلي تو تائين پھتو آھيان.“

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

دراصل رستي جي ڳولا ۾ اسان کي هوٽل تائين ويندي ۽ وري واپسي ۾ به ساڳي پريشاني ٿي ۽ اسان جو پيٽارو جو پهريون JUO (هائوس جوليڊر) حميد انور هر وقت غلط رستا اختيارڪري، ڪار جو پيٽرول ساڙڻ کان علاوه رستن جو بار بار ٽال ٽئڪس ڀريندو رهيو. رستن جي ان مونجهاري جو احوال الڳ لکي رهيو آهيان.

سالن کان پوءِ ملياسين ته سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڪهڙي ڪهڙي خبر ڪجي ۽ ڪنهن ڪنهن ساٿيءَ جو هڪ ٻئي کان پڇجي. اسان جا ساٿي گذريل اڌ صديءَ ۾ چا ڪندا رهيا. انهن مان ڪن کان آئون واقف هوس ته ڪن کان حميد انور هو. پراڻي ڪاليج جون ڳالهيون ۽ چرچا ياد ڪري کلندا رهياسين.

”خبر اٿئي ڪاليج ڇڏڻ بعد“ حميد انور هڪ قصو ياد ڪري پهرين کليو ۽ پوءِ ٻڌائڻ شروع ڪيو. ” هڪ دفعو آئون، انور ميمڻ ڪٽ نمبر 48 جيڪو پڻ مون سان گڏ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ ۾ هو ۽ علي رضا ميمڻ ڪٽ نمبر 56، پيٽارو ڏي، علي رضا ميمڻ جي پاءُ سڪندر سان ملڻ وياسين. اهو وقت پريپ (ڪمري ۾ ويهي هوم ورڪ ڪرڻ) جو هو. اسان سڪندر کي ڪمري مان ٻاهر سڏي خبر چار پئي ڏني ورتي ته مٿان ڪرنل ڪومبس (ڪاليج جو انگريز پرنسپال) انسپيڪشن تي اچي لنگهيو. اسان ٽنهي کي ڏاڍي دٻ ڪڍيائين ته You have broken college law يعني پريپ جي وقت ملڻ آيا آهيو. اسان چيس سر اسان کي ان جي خبر نه هئي. پوءِ اسان کي ليڪچر ڏنائين ته Ignorance of law is no excuse ۽ اسان جي جونيئرن اڳيان اسان کي چيائين ته Get out of my college. اسان ڦلهڙو منهن ڪري ٻاهر نڪتاسين ۽ اچي گاڏيءَ ۾ ويٺاسين. ريلوي ڦاٽڪ تائين سڀ چپ هئاسين پوءِ نيٺ چيوسين ته انگريز جي پٽ اسان کي جونيئرن اڳيان ڏاڍو ذليل ڪيو. مون چيو مان ته ڪيس منهنجو به خيال نه ٿيو ته هن ڪاليج جو آئون ٽن سالن لاءِ JUO هوس. انور هيڪاندو ٻاهه ٿيو پيو هو. علي رضا کي چيائين ته گاڏي موٽاءِ ته هلي ڪرنل ڪومبس کي چئون ته تو اسان جي خالي پيلي بي عزتي ڪئي آهي.

”سائين گاڏي موڙي واپس آياسين ته ڪرنل ڪومبس آفيس مان نڪري چڪو هو. اسان سندس گهر پهتاسين ته ان وقت هو گهر ۾ گهڙي رهيو هو. پگهر ۾ سجو شل هو. انور ميمڻ جو ته تواڻيءَ ۾ مٿو وڃي گهر اڳيان لڙڪيل جهاز واري گهنڊ سان لڳو. آواز تي ڪرنل ڪومبس مڙي اسان کي ڏٺو ۽ ڪيڪاري اندر وٺي آيو. بورچيءَ کي چانهه ۽ بسڪيٽ ڪيڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آٽڻ لاءِ چيائين. اسان چيس تہ سائين توهان اسان کي دڙڪا ڏيئي بي عزتي ڪئي.

چانهہ جا ڪوپ ۽ بسڪيٽن جي پليٽ اسان ڏي سيريندي چيو.

The purpose was not to insult you but to educate you

اسان چيس پر توهان کي تہ خبر آهي تہ

We are good boys

سگريٽ دکائي چيائين.

You were good but this doesn't mean to break the laws. If you were good you should remain good.

انور ميمڻ هڪ ئي وقت تي بہ بہ بسڪيٽ ڳڙڪائيندي سنڌيءَ ۾ مون کي آهستي چيو: هاڻ گهٽوئي ٿيو ڪجهہ بسڪيٽ کاءُ ۽ ڪجهہ کڻ تہ واٽ چڪيون.

ڪرنل ڪومبس کي خبر ناهي شڪ پيو يا پاڻهي خيال آيو جو پاڻ ئي پڇيائين تہ ماني کاڌي اٿانوَ؟ اسان هائوڪار ڪئي پر اسان کي شايد ٻتا ٻتا بسڪيٽ کائيندو ڏسي کو احساس ٿيس جو بورچيءَ کي چيائين تہ قاضي عابد صاحب وٽان جيڪو ڪيڪ آيو آهي ان جوا ڏ مون لاءِ رک ۽ اڌ جون سلائيس ڪري هنن کي ڏي تہ رستي تي کائيندا وڃن."

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## ييس سر، نو سر، وڏ ۾ وڏ پاربن سر!

”حميد انور! تون ٽنڊو باگو جو آهين يا ميرپور خاص جو؟“

اسان جي ڪار هاءِ وي (NJTP) تي چڙهي تہ مون حميد انور کان پڇيو.

”اسين دراصل ايسٽ پنجاب جا آهيون. سنڌ ۾ اسان، پاڪستان ٺهڻ کان گهڻو اڳ 1935ع ۾ آياسين. 1957ع ۾ جڏهن آئون ڪئڊٽ ڪاليج ۾ آيس تہ منهنجو پيءُ ٽنڊو باگو جو صوبيدار (SHO) هو. اسان جو پيءُ ڪوٽڏيجي جو ڊي ايس پي ٿي رٽائرڊ ٿيو. ڳوٺن ۾ رهڻ ڪري اسين سنڌي ڳالهائيندا هئاسين ۽ اسڪول ۾ بہ آئون سنڌي پڙهيس. ٽنڊي باگي ۾ اسان جي اسڪول جو نالو مير جان محمد اسڪول هو. منهنجي پيءُ (چوڌري برڪت عليءَ) جو هڪ دوست هوندو هو نسيم حجازي. جڏهن بہ هو ڪو ناول لکندو هو تہ بابا ڏي موڪليندو هو ۽ بيو ڪو پڙهي يا نہ پر آئون ضررو پڙهندوهوس. اهي ناول پڙهي آئون فوج ۾ وڃڻ جا ۽ سپاهي ٿيڻ جا خواب ڏسندو هوس. انهن ڏينهن ۾ ڪئڊٽ ڪاليج جو اشتهار آيو. مون بابا کي چيو تہ مون کي اوڏانهن موڪليو. بابا اشتهار پڙهي چيو پٽ تنهنجي پيءُ کي تنهنجا ٻيا چار پائر بہ پڙهائڻا آهن. تنهنجي پيءُ جو پگهار فقط ٽي سئو رپيا آهي، تنهن مان ڏيڍ سئو رپيا تنهنجي فيءَ ڏيان تہ باقي بچندو ڇا.

بهرحال منهنجي ضد ڪرڻ تي بابا مون کي داخلا جي امتحان لاءِ ڇڏيو. اسين ڳوٺن ۾ رهندا هئاسين. انگريزي سا سٺي نہ هئي پر مئٿس ۽ جنرل نالج تمام سٺي هئيسين. مون رڻن ٽيسٽ ۾ ايتريون تہ سٺيون مارڪون کنيون جو انٽرويو ۾ نظاماڻي صاحب مون کي سئو رپيا اسڪالر ملڻ جي خوشخبري ٻڌائي. ظاهر آهي منهنجو پيءُ بہ ڏاڍو خوش ٿيو. (شريف نظاماڻي جو والد صاحب الاهي بخش نظاماڻي) آخر سائين ڪاليج وڃڻ جو ڏينهن اچي ويو. مون ان ڏينهن لاءِ خاص گهٽن ورن واري سُٽڻ نهرائي هئي، جنهن جو انهن ڏينهن ۾ فيشن هو ۽ هڪ ڊگهي سائي رنگ جي قميص جنهن ۾ چانديءَ جا ڦندڻن وارا ٻيڙا ۽ گيتلو جوتو پائي ڪاليج پهتس. ڪيترا ٻار ڪراچي، لاهور، سکر ۽ ٻين شهرن جا هئا. جيڪي مون تان ڪي ڏينهن کلندا رهيا. اسان کي ڪاليج ۾ اچڻ کان اڳ خط لکيو ويو هو تہ جيسين ڪاليج طرفان يونيفارم ملي اسان گهران پينٽ، ٽاءِ ۽ جوراب کڻي اچون. مون ڪڏهن پينٽ نہ پاتي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هئي. منهنجو وڏو ڀاءُ حفيظ انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد ۾ پڙهيو ٿي. ان جي هڪ پينٽ ڪٽي نڪتو هوس. جيڪا ٻئي ڏينهن پائي ڪلاس ۾ آيس. عجيب مسخرو لڳي رهيو هوس. منهنجي ڀاءُ جي پينٽ قد ۾ ته مون کي صحيح هئي پر چيلهه تي ويڪري هئي. بيلٽ ڪو نه هيم. سو اڳٽ سان ٻڌي مٿان پوليس واري جرسي پائي ڪلاس ۾ پهتس ته سڀ مون کي گهوري ڏسڻ لڳا. آخر پنهنجي انگريزي ٽيچر مسٽر عبدالله خادم حسين(بعد ۾ ايڊيوڪيشن جو فيڊرل سيڪريٽري به ٿيو) مون کي ڪلاس اڳيان سڏائي پڇيو ته واٽ از دس. مون کي انگريزيءَ ۾ جواب اچي نه. سو چپ ٿي رهيس. آخر پاڻ منهنجي جرسي مٿي ڪئي ته منهنجي پتلون اڳٽ سان وٽي سٽي پئي هئي. سڀ ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا خاص ڪري ڪراچي جو شمس بلوچ ۽ ميرپور خاص جو چاچو رفيق. مون کي خادم صاحب تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ته منهنجي ڪلاس اڳيان بي عزتي ڪئي اٿس.

ڪئڊٽ ڪاليج ۾ اچڻ کان اڳ اسان کي خط ذريعي اهو به ٻڌايو ويو ته ڪاليج ۾ فقط انگريزي ڳالهائبي. آئون ڪافي پريشان رهيس ته مون لاءِ الائي ڇا ٿيندو. پر ڪاليج ۾ وڃڻ جي خوشي به ڏاڍي هيم. انهن ڏينهن ۾ آئون اڙدو جو هڪڙو گانو ڳائيندو هوس. ”اي ميري زندگي تجهي ڍونڍون ڪهان. اهو گانو مون کي ڏاڍو وڻندو هو ۽ هر وقت ڳائيندو رهندو هوس. آئون پنهنجي ئي منهن دل ئي دل ۾ سوچيندو رهندو هوس ته ڪئڊٽ ڪاليج ۾ الائي ڇا ٿيندو اتي گانا به انگريزي ڳائڻا پوندا. پر پوءِ وري چوندو هوس ته آئون ته اتي به اهو ئي گانو ڳائيندس انگريزي ۾ ترجمو ڪري. ۽ پوءِ گاني جو ترجمو ڪيم. O, My Life! Where can I find you ۽ ڳائڻ لڳس.

”ياد اٿئي ڪئڊٽ ڪاليج ۾ پاڻ کي ٻن قسمن جون چادرون ملنديون هيون هڪڙيون اڇيون جن کي بيڊ شيٽ يا بيڊ اسپريڊ سڏيندا هئا ۽ ٻي رنگين...... ان کي ڇا سڏيندا هئاسين؟“

”ڪائونٽرپين.“

”ها. ڏس ته سهي اسان کي ته اڃا به انهن ڳالهين جي خبر نٿي پوي ۽ سوچ ته سهي انهن ڏينهن ۾ آئون ٺنڊي باگي کان آيو هوس. مون ان کان اڳ حيدرآباد يا ميرپور خاص جهڙا شهر به نه ڏٺا هئا. سو پهرين ڏينهن ئي اسٽورڪيپر ڪليم صاحب آيو ۽ اچي پڇيائين Did you get counterpane? هل ته منهنجا سائين! مون کي ڪائونٽر پين جهڙن لفظن جي کهڙي

خبر؟ مون کي رڳو گيٽ لفظ سمجهه ۾ آيو ۽ ان جي معنيٰ اسان جي دماغ ۾ ”دروازو“ هو. مون سمجهيو تہ هو پڇي ٿو تہ دروازو صحيح ڪم ٿو ڪري. مون وراڻيومانس Yes sir ۽ پوءِ ڪپتن جو دروازو کولي ڪاليج طرفان مليل ٿئال ۽ چادرون ڏسي مون کي ٿو چوي ويري گڊ! ويري گڊ!

”سو مهينو کن تہ رڳو Yes Sir ۽ No Sir تائين ڪم پئي هلايم. وڌ ۾ وڌ Pardon Sir پوءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي convent اسڪولن کان آيل لاهہ ڪلاس ميٽن ۽ ڊاڪٽر رضا شيخ، ڪموڊور زين العابدين شاهہ، ڪئپٽن سعيد ٻلي ۽ ميرپور خاص جي خالد لطيف جهڙن کي انگريزي ڳالهائيندو ٻڌي ٻڌي اسان بہ ڊرامي باز ٿي پياسين. مئٿس ۽ جنرل ناليج ۾ تہ شروع کان هوشيار هوس. مسٽر امين مئٿس ٽيچر جاميٽري جي پيرڊ ۾ ٿيرم سمجهائي پڇندو هو تہ اچي ويو سمجهہ ۾ تہ سڀ کان اڳ ۾ ڪڏهن تہ فقط آئون هٿ مٿي ڪٽندو هوس. پڙهائيءَ ۾ سنوهجڻ ڪري سڀ دوست ٿي ويا سواءِ منهنجي پرواري روم ۾ رهندڙ شمس بلوچ جي.“

”اڄ ڪلهہ شمس بلوچ ڪٿي آهي؟“ مون پڇيو مانس.

”هتي آمريڪا ۾ ئي آهي. مون وانگر هاڻ پوڙهو ٿي ويو آهي پر ننڍپڻ واري داداگيري اڃا نہ وئي اٿس. پر هاڻ اسڪول جي ڏينهن واراجهيڙا نٿو ڪري. ٽيچر وچڻ کان پوءِ مون کي چوندو هو تہ اڙي لمبو تم اتني هوشيار ڪيون هو؟ هاڻ سائين ڏيو منهن! هڪ ڏينهن نيرن تي ميس جي ڪئٽرر کي گار ڏئي ٿو چوي هينئن بيضو فراءِ ڪبو آهي. هن وچي ڪرنل ڪومبس کي دانهن ڏني ۽ ٻنهي مون کي شاهد ڪيو جو پر ۾ آئون وينو هوس. شمس مون کي چيو تہ جيڪڏهن تو مڃيو آهي تہ مون گار ڏني آهي تہ لمبو تنهنجو خير ناهي. هوڏانهن منهنجو ضمير ملامت ڪري. آخر فيصلي مهل ڪرنل ڪومبس پڇيو تہ مون چيومانس تہ مون چڱي طرح نہ ٻڌو. ڪرنل ڪومبس سمجهي ويو پوءِ شمس کي چوڻ بدران سندس پيءُ کي گهرائي ٻڌايائينس تہ پٽهين کي سمجهاءِ نہ تہ ڪاليج مان ڪيندو سانس.“

”سندس ننڍو ڀاءُ بشير بلوچ جيڪو اسان جو ڪلاس ميٽ هو اهو بہ باڪسر سنو هو پر داداگير نہ هو. سندس والد صاحب ڏاڍو پيارو ماڻهو هو. ايندو هو تہ پاڻ سيني سان قرب سان ملندو هو.“ مون چيومانس

”ها بلڪل صحيح ٿو چوين. سڀن شاگردن لاءِ ڪرنل ڪومبس کي تحفا بہ ڏئي ويندو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هو. خاص ڪري ڪتاب. پر شمس وڏو مٺي جو سور هو. مون کي هر وقت چوندو هو تنهنجو نڪ ايڏو ڊگهو ڇو آهي؟ ۽ پوءِ ٻين کي چوندو هو تہ چانهہ پيئندي حميد انور جو نڪ چانهہ جي ڪوپ ۾ هليو ويجي.....“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## فوٽوءَ ۾ منهنجو پيٽ نہ اچي.

اسان ڳالهين ۾ هر هر رستو ڀلبا رهياسين ۽ هر وقت غلط رستي تي چڙهي غلط Exit مان ٿي نڪتاسين. هر وقت حميد انور پنهنجي ان غلطيءَ جو ڏوهاري آمريڪا جي هاءِ وي ڊپارٽمينٽ کي ٿي ٺاهيو.

”پيٽسان ڪجر رستي تي Sign Board بہ نٿا هٽن تہ ڪهڙو رستو آهي ۽ ڪيڏانهن پيو وڃي.“ هن هر دفعي رستو ڀلجڻ تي چيو ٿي. جيتوڻيڪ ڏٺو وڃي تہ جيترا سٺا رستا، انهن جا نقشا ۽ انهن تي لکيل نالا ۽ صحيح ڏنل اشارا آمريڪا ۾ آهن اوترا دنيا جي ڪنهن ملڪ ۾ نہ آهن. هاڻ مڙيئي جپان ۽ ملائيشيا ٻئي نمبر تي اچي رهيا آهن. حميد انور کي، ڪيترا دفعا ٻيو وارن ڪارين جي ڊرائيورن ۽ پيٽرول پمپن تان رستو پڇڻو پيو. هڪ دفعو تہ نئين چاول ٻارن جي تحفن واري دڪان اڳيان گاڏي بيهاري رستو پڇڻ لاءِ اندر وڃڻو پيو. دير ڪيائين تہ گاڏيءَ مان لهي آئون بہ اندر ويس تہ ڏسان تہ دڪان ۾ رکيل شيون پيو ڏسي. اڄ شام جو سندس پوٽي (وڏي پٽ محمد يوسف جي پٽ مصطفيٰ) جو برٿ ڊي هو. شايد ان جو خيال اچي ويس.

”الطاف جنگل ۾ چا تہ زبردست دڪان آهي.“ هن چيو ۽ پوءِ ڪائونٽر تي ويٺل مالڪڻ کان رستو پڇي کيس چيو: ”مائي دڪان تہ واهہ جو کوليو اٿئي.“

”پوءِ ڪجهہ خريد ڪر نہ؟“ هن چيو.

”هڪ ڏينهن آرام سان ضرور ايندس. هينئر جلدي ۾ آهيان. هي منهنجي ننڍپڻ جو دوست 45 سالن کان پوءِ مليو اٿم. هن کي لنچ ڪرائڻي اٿم. ٽي تہ هتي ئي ٿي ويا آهن.“

بهرحال اسان ڀڄائيندا ڀڄائيندا Oak Tree روڊ تان اچي نڪتاسين، جتي پاڪستانين (خاص ڪري پنجابين ۽ ڪجهہ ڪراچيءَ جي ميمڻن) ۽ انڊين (خاص ڪري گجرات جي پٽيلن ۽ سنڌي هندن) جا سوين دڪان آهن. سيڏي جا، ڪپڙي جا، حجامڪا ۽ بيوٽي پارلر، وڊيو ڪئسٽن ٽيليفونن جا، زيورن جا، درزين جا، نيل پالش ڪرڻ ۽ نڪ ٽوپڻ وارن جا، اسٽيٽ ايجنٽن، وڪيلن ۽ ڊاڪٽرن جا ۽ ڪيترين ئي ريسٽورنٽون آهن. اسان هڪ شاليمار نالي ريسٽورنٽ ۾ گهڙياسين. منهن وٽ ئي قطار ۾ مختلف ڀاڄين ۽ گوشتن جا ڏهہ

ٻارهن ڊش هئا، جن جي پوين چار ڪن سائي وڳي ۾ عورتون گراهڪن کي سندن پسند جون شيون ڪٽي وجهڻ لاءِ پيڪ ڪري ڏئي رهيون هيون يا هوٽل ۾ ويهي کائڻ لاءِ پليٽن ۾ وجهي ڏيئي رهيون هيون. هر ڀاڄي، گوشت، پٽ، برياني وغيره جي تصوير ۽ ان جو اگهه مٿي فريم ۾ ڏنل هو.

پالڪ گوشت جي پليٽ ڇهه ڊالر يعني پاڪستاني ساڍا ٽي سئو رپيا، اهو هتي جي حساب سان سستو اگهه ٿيو جو ٻين ناهه جوڙ وارين هوٽلن ۾ جتي بئرا يا ڇوڪريون Serve ٿيون ڪن ۽ وڏن شهرن جي مرڪزي علائقن ۾ آهن، اتي ان ساڳي ڊش جي قيمت ٻيڻ ڪان به مٿي آهي. اهڙي طرح چپلي ڪواب ڇهه ڊالر، بهاري ڪواب ڇهه ڊالر، مٽن برياني ڇهه ڊالر، ڪوفتا ڪري ڇهه ڊالر، چڪن جلفريزي ڇهه ڊالر، فش فراءِ ڏهه ڊالر. هتي مڇي سڀ ۾ مهانگي آهي، چڪن سستي آهي، هليم ڇهه ڊالر، نهاري ڇهه ڊالر، پاوا ڇهه ڊالر، نان هڪ ڊالر پراٺو اڍائي ڊالر، قيمي وارو نان ساڍا ٽي ڊالر، ٻه سموسا هڪ ڊالر، کيرٽي ٻه ڊالر، رسملائي ٽي ڊالر، گلاب جامن ٻه ڊالر وغيره.

هتي اسان جي پاڪستاني يا انڊين هوٽلن ۾ ٻڪريءَ جي گوشت کي Mutton لکڻ بدران Goat meat لکن ٿا جيڪو عجيب لڳي ٿو. پوءِ ته چڪن بدران هين ميٽ، بيف بدران cow meat وغيره لکڻ کپي پر هتي فقط مٽن وارن ڊشن تي goat korma، Achari goat وغيره لکيل آهي. هڪ پاڪستاني هوٽل واري ٻڌايو ته هتي رڍ جو گوشت ٻڪري جي گوشت کان مهانگو آهي، ان ڪري فقط Mutton لکڻ بدران Goat Biryani يا Lamb Steak لکيو وڃي ٿو. عرب ملڪن جا ماڻهو رڍ ۽ دنبي جو گوشت پسند ڪن ٿا ۽ اسان جي ملڪن (پاڪستان، انڊيا، سري لنڪا،بنگلاديس وغيره) جا ٻڪري جو گوشت.

آمريڪا ۾ ڪٿي ٻه توهان کي منڊي پاوا نه ملندا. پر پاڪستاني ۽ هندستان جي حلال ميٽ شاپ تان توڙي ريسٽورنٽن تي (جيئن اوڪ ٽري روڊ جي هيءَ هوٽل شاليمار) منڊي ۽ پاوا ملندا. ڪاڏن جي ڊگهي لسٽ ۾ هن هوٽل ۾ مرچي پڪوڙا، لکهنو جي برياني، ڪراچي گوشت، نورتن قورما ٻه هئا ۽ هڪ ڊش Chicken 65 به هوا خبر ناهي ڇو ان جو نالو اهو رکيو اٿن. مون کي گهڻو وقت مختلف ڊشن کي جاچيندو ڏسي حميد انور چيو ته هل ته هلي بفيٽ لنچ کائون، جيڪا هوٽل جي بي پٽ پاسي ٽيبل تي سجايل هئي. مون پليٽ کڻي ان ۾ چانور، سائي رنگ جي گل گوبي (بروڪلي) جي ڀاڄي ۽ هڪ ٻن ٻوٽن مان ذرو پرزو وجهي،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اچي ٽيبل تي ويٺس. چوڌاري نظرڪيم ته ڪافي ٽيبل ڀريل هئا. جن مان هڪ ٻن تي فئمليون ويٺل هيون. باقي تي نوجوان عورتن ۽ ڇوڪرين جا ٽولا هئا. اسان جي ڀر واري ٽيبل تي حجاب ٻڌل هڪ ماءُ ڌيءُ اڙدوءَ ۾ ڳالهائي رهيون هيون. هوٽل جي منهن وٽ رکيل ڊشن وٽ ٽيبل تي ٽي ماڊ قسم جون، پتلونن ۾ مسلمان ڇوڪريون ماني کائي رهيون هيون. مسلمان ان ڪري ٿو چوان جو بقول هتي جي گورن جي انهن جي نرڙ تي Dot (يعني ڳاڙهو ٽڪو) نه هو. ٻي ڳالهه ته سندن مٿا حجاب سان ڍڪيل هئا. جيسين حميد انور جي سواري لڏندي لمندي پهچي، تيسين آئون ڪئميرا کڻي انهن ٽن ڇوڪرين وٽ پهتس. توهان پاڪستان جون آهيو؟

”نه اسين انڊيا جون آهيون.“ هنن صاف اڙدوءَ ۾ جواب ڏنو.

”دهليءَ جون؟“ مون پڇيو.

”نه حيدرآباد دکن جون.“

”مسلمان هجڻ ۽ حجاب ۾ هلڻ ۾ توهان کي ڪيئن ٿو محسوس ٿئي. آئون نائن اليون جي حوالي سان پڇي رهيو آهيان.“

”بلڪل نارمل ٿيون محسوس ڪيون. بلڪ اسان جي عزت ڪئي وڃي ٿي. نائن اليون جهڙو واقعو ٿيڻ تي وقتي طور ڪجهه ماڻهن جا جذبات مشتعل ٿيو وڃن پر هتي جي حڪومت سختيءَ سان Law & Order قائم ڪريو وڃي. ان کان وڌيڪ هنگاما ۽ مارڪٽ پنهنجن ملڪن ۾ ٿئي ٿي. اچ به مذهبي آزاديءَ جي لحاظ کان آمريڪا از گريٽ ڪنٽري.“

آئون هڪ قسم جو جرنلسٽ آهيان. پنهنجي ملڪ جي اخبار لاءِ توهان جي تصوير ڪيدي سگهان ٿو؟ سندن تصوير ڪيڻ بعد پنهنجي ٽيبل ڏي آيس ته حميد انور پنهنجي پليٽ رکي ويهي چڪو هو. مون سندس ٽي چار اڪيلا پورٽريٽ فوٽو ڪيديا.

”يار رڳو منهنجا اڪيلا ته نه ڪيد. گڏجي به ڪيدايون.“

”ها صحيح ٿو چوين. ترس ته ڪنهن کي چئون ٿا. اتي اسان جي ڀر واري ٽيبل تي ويٺل ماءُ ڌيءُ مان ڌيءَ پليٽ کڻي ڪو ٻوڙ کڻن لاءِ اٿي ته اسان فوٽو ڪيڻ لاءِ چيس. اسان ٻئي پٽ کي ٽيڪ ڏيئي بيناسين. ٻئي هڪ ئي قد جا ڊگها هئاسين. ڇهن فٽن جي لڳ ڀڳ. هاڻ پوڙها ٿيڻ ڪري ۽ ڪجهه ورتيبرا جي وچ جو Gap گهٽجڻ ڪري انچ به گهٽجي چڪا هونداسين. ڪاليج جي ڏينهن ۾ ٻئي سنها هوندا هئاسين ۽ ڪلاس ميٽ اسان کي لمبو ۽ اٺ چوندا

هئا.هاڻ جڏهن 45 سالن کان پوءِ ملي رهيا آهيون تہ هو ٿلهو ٿي چڪو آهي. آئون صفا گنجو. رويند سان مٿي ڍڪيل ڇوڪري ڪئميرا جي زوم کي دٻائي فوڪس ٺاهيو.

”بيٽي ذرا خيال سي فوٽو لينا ميرا پيٽ نظر نہ آئي.“ حميد انور چيو.

”۽ منهنجو مٿو نظر نہ اچي.“ مون چيومانس.

ڇوڪريءَ کلندي چيو“ Sir پوءِ باقي بچندو ڇا؟!“

حميد انور هڪ دفعو وري راڳ دهرايو. بس پٽ جيتري قدر ٿي سگهي. سٺو فوٽو ڪڍجانءِ جو فوٽو ڪڍائڻ بہ اسان لاءِ ضروري آهي. ننڍپڻ ۾ اسان هڪ ئي ڪاليج ۾ گڏ پڙهياسين ۽ هاڻ 45 سالن بعد اچ ملي رهيا آهيون. 1957ع ۾ جنهن ڪاليج ۾ آئون ويس ان ۾ بہ ساڳي سال هي (مون ڏي اشارو ڪري) آيو هو....

ڇوڪري حيرت مان اسان کي ڏسڻ لڳي ۽ پوءِ ماءُ ڏي اشارو ڪري چيو تہ اهو سال تہ منهنجي ماءُ جي ڄمڻ جو سال آهي.

فوٽو ڪڍڻ لاءِ اسان کيس thank you چئي اچي ماني کائڻ ويٺاسين.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## هي کهڙو جهاد آهي، مسلمان مسلمان کي پيو ماري

حميد انور کي چيم 45 سال وڏو عرصو آهي ۽ هاڻ پاڻ سٺ سالن کان مٿي چڙهي ويا آهيون. اهو ملڪ جنهن ۾ ماڻهن جي Average عمر 45 سال هجي اتي سٺ ٽپڻ وڏي ڳالهه آهي. It is late evening of our life نظر تي ڊوڙائجي ته پنهنجا ڪيترا ساٿي هميشه لاءِ جدا ٿي ويا. تنهنجا ڪلاس ميٽ سائين محبوب چنا جو پٽ شفيق الرحمان چنا، هيراباد جو نصير قاضي، ميرپور خاص جو عبدالستار ميمن ۽ منهنجا ڪلاس ميٽ چاچي علي گوهر جو پٽ تاج بگٽي، عبدالصمد ڪاچيلو صاحب جو پٽ رفيع ڪاچيلو، قاضي عابد جو پٽ اظهر عباسي (گل)، فرقان علوي ۽ ٻيا ڪيترا راهه رباني وٺي ويا. ويندي پاڻ کان سال ٻه جونيئر DIG محسن پنهور، خيرپور جو نجم قاضي، مشتاق ميرجت، ريلوي ڊپارٽمينٽ وارو نصير قاضي ۽ ٻيا به هي جهان ڇڏي ويا. الله کين جنت نصيب ڪري. ڇڻ ڪالهوڪو ڏينهن هو. روز لياقت جتوئي دانهن ڪٽي ايندو هو ته عبدالجبار عباسي منهنجي پينسل ٿو پٽي ۽ هاڻ عبدالجبار عباسي دانهون ڪٽيو اچي ته لياقت جڏهن به چيف منسٽر ٿو ٿئي ته مون کي بور ڪاٽي ۾ بدلي ٿو ڪري.

حميد انور ڪلڻ لڳو. مون حميد انور کان سندس والد صاحب چوڌري برڪت علي جو پڇيو. پيٽارو پنهنجي پٽ سان ملڻ ايندو هو ته اسان جيڪي ساڳي هائوس ۾ رهندا هئاسين، انهن کي به ڪا نه ڪا ڳوٺ جي سوکڙي، خاص ڪري سَتون ڏيئي ويندو هو جنهن ۾ کنڊ وجهي شربت ناهي پيئندا هئاسين. حميد انور ٻڌايو ته 1999ع ۾ سندس والد ڪار جي حادثي ۾ گذاري ويو. ميرپور خاص ۾ ڪا شادي اٽينڊ ڪري ڪار ذريعي حيدرآباد موٽيو پئي ته سامهون اينڌڙ بس سان اهڙو ته حادثو ٿيو جو ڪار به ٽڪر ٿي ويئي ۽ ڪار ۾ موجود سڀ ماڻهو گذاري ويا جن ۾ هڪ سندس وڏو ڀاءُ حفيظ انور هو ۽ به سوٽ ۽ به عورتون هيون حميد انور جي وڏي ڀاءَ حفيظ انور جي زال اسان جي دوست ظفر ٻلال جي ڀيڻ ٿئي ۽ ان جي هڪ ٻي ڀيڻ ناهيد اسان جي ڪلاس ميٽ شوڪت جماڻيءَ جي زال آهي ۽ نندي ڀيڻ نجمه شوڪت جي نندي ڀاءُ لياقت جماڻيءَ جي زال آهي. لياقت ڪجهه عرصو پنهنجي وڏي ڀاءُ نصير جماڻي(مُلين) وٽ مانچسٽر ۾ رهيو ان کان پوءِ هاڻ هتي USA ۾ آهي ۽ پيٽرول پمپن جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪاروبار اٿس.

حفيظ انور جو وڏو پٽ آصم حفيظ جيڪو پاڪستان ايئر فورس ۾ ونگ ڪمانڊر آهي ۽ اج ڪلهه اسلام آباد ۾ رهي ٿو. ان جي ڇهه سال اڳ حميد انور جي وڏي ڌيءَ ماريا سان شادي ٿي هئي ۽ کين به جاڙا پٽ زرق ۽ محد آهن ۽ هڪ ٻن سالن جي ڌيءَ اليها آهي.

حميد انور ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو مان 1962ع ۾ انٽرڪ رڻ بعد مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي مان اليڪٽرڪ ۾ B.E ڪئي. ان بعد 1967ع ۾ واپڊا ۾ جونيئر انجنيئر جي نوڪري مليس. ٽي مهينا ڪن لاهور ۾ نوڪري ڪرڻ بعد پوءِ حيدرآباد بدلي ٿيس. انهن ڏينهن ۾ واپڊا جو چيئرمين شاهه نواز هو. حميد انور جيستائين پاڪستان ۾ هو يعني 1975ع تائين ته هو حيدرآباد ۾ ڪوٺڙيءَ ۾ رهيو. ان بعد ابوڌابي آيو.

حميد انور مهراڻ انجنيئرنگ جي ڪاليج جو ٻڌايو ته اتي به سٺي زندگي گذري جو پيٽارو ڪئڊٽ ڪاليج جا ساٿي اتي موجود هئا. ”اسين پهرين بئچ جا شاگرد هئاسين. مون سان گڏ مرزا بشير, شبير لغاري ۽ ٻيا پيٽارو جا ڪلاس ميٽ هئا. ان بعد ٻئي سال ۽ پوءِ ٽي سال انور ميمڻ, طلعت عباس, اقبال ترڪ, ڏيپلي جو عبدالرحمان (عمر جو پٽ) ۽ نواز ميمڻ, ميرپورخاص جو مرحوم عبدالرحمان ميمڻ, دادو وارو عبدالقادر قريشي ۽ ٻيا ڪيترا ئي هئا. ايتري قدر جو اليڪشن ٿي ته پيٽارو وارن مون کي مجيب پيرزادي جي خلاف ڪٽي بيهاريو. هاڻ ڪٿي سياسي خاندان سان تعلق رکندڙ مجيب پيرزادو ڪٿي آئون. سياست کان اڻ جاڻ. سخت مقابلو ٿيو. مون ته ٻڌو ته مجيب وارن قاضي عابد ۽ چاچي فقير محمد بسو ميمڻ وارن سان فئملي تعلقات هجڻ ڪري انهن کي چورايو ته سندن پٽ مجيب کي ووٽ ڏين پر آخر تائين اظهر عباسي ۽ انور ميمڻ مون سان گڏ رهيا. اها ٻي ڳالهه آهي ته اليڪشن مون هارائي پر فقط ستن ووٽن تان. جيڪا مون جهڙي ڇسي لاءِ وڏي ڳالهه هئي.“

حميد انور جو ان دوران ياپي انجم سان مڱڻو ٿي چڪو هو. انجم نوابشاهه واري چوڌري عبداللطيف جي ڌيءَ آهي, جنهن جي حيدرآباد ۾ وينس سئنيما هئي. (هاڻ شايد ان جاءِ تي فلئٽ ٺهي ويا آهن.) چوڌري عبداللطيف ئي جي صلاح مشوري سان سندس ڳوٺ نوابشاهه جي حاڪم علي زرداريءَ ڪراچيءَ ۾ بامبينو سئنيما ٺهرائي پر پوءِ منجهن اٽيٽٽ ٿيڻ تي عبداللطيف حيدرآباد ۾ اها وينس سئنيما اچي ٺهرائي. حميد انور کي ٻڌايم ته اسان جي هالا واري پيٽوئي ڊاڪٽر عابد ميمڻ جو هڪ دوست ڊگريءَ جو ڊاڪٽر خليل آرائين هوندو هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جنهن جي پڻ ان وينس واري سان مائٽي هئي. خليل جو ننڍو ڀاءُ حفيظ آرائين ۽ ان جو سوٽ منور آرائين پڻ ڪئڊٽ ڪاليج ۾ آيا ۽ مون کان ٻه سال ڪن جونيئر هئا يا شايد ٽي سال. اهي ٻه سڀ سنڌي ڳالهائيندا هئا ۽ ڊاڪٽر خليل ته ايڏو سٺو ماڻهو هو جو هر غريب سنڌيءَ جو مفت علاج ڪندو هو. هو بيحد سهڻو جوان ۽ قابل اکين جو ڊاڪٽر (Eye Specialist) هو. ننڍي هوندي ئي گذاري ويو. هن کي پئسي ڏوڪڙ جي ڪا طمع نه هوندي هئي."

"خبر اٿئي ڊاڪٽر خليل آرائين منهنجي اکين اڳيان ساهه ڏنو." حميد انور ٻڌايو. "هن جي زال ڀاڀي شنيلا منهنجي سهري چوڌري عبداللطيف جي ڪزن ٿئي. وينس سئنيما جي افتتاح تي آئون به آيو هوس. منهنجو انجمر سان تازو تازو مڱڻو ٿيو هو. اتي ڊاڪٽر خليل جي گهڻي منائي ڪائڻ ڪري طبيعت خراب ٿي ويئي. مرحوم ڪنهن سان به ڳالهه نه ڪئي هئي ته هو ڪو ڊائبيٽڪ آهي. تن ڏينهن ۾ ان بيماري بابت ماڻهن ۾ گهڻو شعور پيدا نه ٿيو هو ته اها بيماري هڪ خاموش قاتل (Silent Killer) آهي. ڊاڪٽر خليل کي ڊاڪٽر عبدالرزا شيخ جي اسپتال Belair ۾ وٺي آيا ۽ ساڻس گڏ ڪمري ۾ آئون رهيس. سندس علاج ڊاڪٽر علي نواز چوڌري ڪندو رهيو. هو ڪوما ۾ جو ويو ته وري هوش ۾ نه آيو. هفتي کن بعد گذاري ويو."

"ڪيس خبر ناهي اولاد به آهي يا نه؟"، مون پڇيو.

"ها آهيس ۽ اهو ڪافي Well off آهي. سندس ڌيءَ جي شادي سندس ڀاءُ حفيظ الرحمان آرائين (ڪٽ نمبر 187) جي پٽ سان ويجهڙائيءَ ۾ ٿي آهي."

"ڀلا تنهنجا ٻار ڇا پيا ڪن؟" مون حميد انور کان پڇيو.

"مون کي چار ٻار آهن. وڏو محمد يوسف هتي نوڪري پيو ڪري. ابو ڌابيءَ مان انٽر ڪرڻ بعد مون کيس آمريڪا جي ٽاپ يونيورسٽي- نيويارڪ جي ڪولمبيا يونيورسٽيءَ ۾ موڪليو- جتان هن انڊسٽريل انجنيئرنگ ۾ B.Sc ڪئي. ان بعد فائننس جا ڪجهه ڪورس ڪيائين ته کيس نيويارڪ اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ هڪ وڏي نوڪري ملي ويئي. مون کي ان نوڪريءَ بابت ۽ آمريڪا ۾ رهڻ بابت ابوڌابيءَ ۾ خط لکيائين ته مون کيس فون ڪيو ته توکي في الحال مون فقط پڙهائي لاءِ آمريڪا موڪليو آهي، پهرين فلائيٽ ۾ پاڪستان پهچي، اتي وچي نوڪري ڳولهه. کيس هوائي جهاز جي ٽڪيٽ جا پئسا به نه بچيا هئا سو هڪ دوست کي لکيم ته هن کي ٽڪيٽ خريد ڪري ڏئي. اهڙين ڊگرين سان هن کي يڪدم اسٽئنڊرڊ ائنڊ چارٽرڊ بئنڪ جي اسلام آباد

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

برانچ ۾ نوڪري ملي ويئي. آئون اجان اسلام آباد نہ ويو هوس، ڇهن ڪن مهينن بعد هڪ بين الاقوامي سيمينار اٽينڊ ڪرڻ لاءِ مون کي ابو ڏابي حڪومت ڇيو جنهن جي هڪ سيشن اسلام آباد ۾ رکي ويئي هئي. آئون اسلام آباد ۾ پنهنجي رهائش واري هوٽل ۾ پهتس تہ هي مون سان ملڻ آيو. هيڏي وڏي ڏاڙهي، لنڊي مرين کان گهڻو مٿي سٿڻ پهريل هو. مون کيس چابي ڏني تہ هلي ڪمري ۾ ويهہ تہ اچانٿو. آئون واندو ٿي ڪمري ۾ پهتس تہ عجيب آواز ٻڌم. ڏسان تہ ڪنڊ ۾ اکيون پوري ذڪر پيو ڪري. آئون چپ چاپ سوچيندو رهيس. هو خبر ناهي محمد اڪرم نالي ڪنهن مولويءَ جي اثر ۾ اچي ويو هو ۽ راتون رات پاڪستان ۾ اسلامي انقلاب آڻڻ ۽ افغانستان ۾ جهاد ڪرڻ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. مون کيس سمجهايو تہ مذهبي ٺيڪ سٺي ڳالهہ آهي. هونءَ بہ تون پنج وقت نمازي هئين ۽ مذهب ڪارڻ ئي مون تو کي آمريڪا جي رنگينين ۽ رونقن ۾ ڀٽڪڻ کان بچائڻ لاءِ پنهنجي وطن گهرايو پر يڪدم بنا سوچي سمجهي ايڏو جلد ايتري Extreme تي هلي وڃڻ بہ تہ سٺي ڳالهہ ناهي. جهاد ۾ حصو وٺڻ چاهين ٿو تہ اهو بہ ڀلي وٺ، مون طرفان جهل ناهي پر هاڻ افغانستان ۾ ڪهڙي ڪافر سان جنگ پئي هلي؟ روسي تہ ڪڏهوڪو لڏو پٽي ويا هاڻ افغانستان جا مسلمان پنهنجن مسلمانن سان پيا وڙهن ۽ انهن وچ ۾ اها جنگ سياست ۽ Power حاصل ڪرڻ جي پئي هلي. توهان کي پڙڪائڻ وارا ملان تہ سڀ هتي پشاور ۾ ويٺا آهن ۽ اسان جي ملڪ جا ڪيترائي جذباتي نوجوان اڻ ڄاڻائيءَ جي کوهہ ۾ ٽپو ڏيئي پنهنجو خاتمو پيا آڻين. ۽ پنهنجن والدين جو پيريءَ ۾ سهارو ٿيڻ بدران هنن کي ڏکن جا ڏجها ڏيو وڃن. هي ڪهڙو جهاد آهي، جنهن ۾ هڪ مسلمان ٻئي مسلمان کي قتل ڪري رهيو آهي!

”آئون کيس بئنڪ مان استعيفا ڏياري ابو ڏابي وٺي آيس. جتي کيس هڪ دفعو وري Merit جي بنياد تي نوڪري ملي وئي. سال ٻن بعد يورپ جي هڪ اخبار ۾ آمريڪا ۾ هڪ جاب لاءِ يورپين لاءِ اشتهار آيو. منهنجي پٽ محمد يوسف بہ Apply ڪيو. پهرين هن کي ان نوڪري جي ٽيسٽ ۾ وهڻ نٿي ڏنائون پوءِ جڏهن ٽيسٽ ۽ انٽرويو ورتائونس تہ سڀ ۾ اول نمبر آيو ۽ هن کي اهو Job ڏنائون. هي تمام سٺو جاب سٺي پگهار وارو آهي. سندس شادي پنهنجي هڪ دوست ميجر باجوا جي ڌيءَ سائما سان ڪرائي اٿمانس، جنهن مان هن کي ٻہ ٻار: مصطفيٰ ۽ آمنا آهن. ميجر باجواه بہ سالن کان آمريڪا ۾ رهي ٿو ۽ کيس ورڪ شاپ آهي. ميجر باجواه اهو آهي، جنهن جي اسان جي سکر جي سنڌي دوست برگيڊيئر مختيار شيخ گذريل دفعي پاڪستان اچڻ تي دعوت ڪئي هئي، جتي عاشق حسين شاهہ ڪِٽ نمبر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

203، اقبال ترڪ ڪٽ نمبر 161 ۾ ٻين پيٽارو وارن سان منهنجي ٻہ سالن بعد ملاقات ٿي هئي. برگيڊيئر مختيار پيٽارو جو ناهي پر منهنجي ڪري هن ڪجهہ پيٽارو وارن دوستن کي گهرايو هو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## حميد انور جي فئملي، ميجر باجواه ۽ برگيڊيئر مختيار

”بزنيس ۾ نقصان جو چڪر ڪيئن پيش آيو؟“ مون حميد انور کان پڇيو.

”دراصل بزنيس جي چڪر ۾ آئون نوڪري بہ اڳواٽ ڇڏي ابو ڏابيءَ کان هتي آمريڪا آيس. هڪ اتلين همراهہ جيڪو منهنجو پهرين کان سڃاڻو هو ۽ سالن کان هتي شفٽ ٿي آيو هو. تنهن سان گڏ بزنيس ۾ پنهنجي بچت جو وڏو حصو لڳايو. هن جي نيت خراب ٿي پيئي ۽ مون کي دوکو ڏيئي ڀڄي ويو. هن وقت بہ مون ٻڌو آهي تہ هو آمريڪا ۾ فلوريڊا پاسي آهي. پوليس ۾ رپورٽ داخل ڪرايل اٿم پر سندس ملڻ ۽ منجهائس پئسن جي اوڳڙ جو آسرو گهٽ ٿو لڳي. ان بعد هڪ ٻئي پنهنجي ديسي همراهہ سان گڏجي هڪ هوٽل ڪيڻ لاءِ باقي موڙهي لڳايم تہ بدقسمتي اهڙي جو هو ڏيوالو Bankruptcy ڏيکاري پاڪستان ڪٿي غائب ٿي ويو آهي. ڪي ڏينهن سخت ڊپريشن ۾ مونجهاري ۾ هوس تہ ڇا ڪجي. منهنجي پٽ گهڻو ئي سمجهايو تہ فڪر نہ ڪريو هي توهان جي آرام جا ڏينهن آهن. توهان هلي پاڪستان ويهو. ڪجهہ زمينن ۽ باغ تان پيو ملندانوَ ۽ هزار کن ڊالر هر مهيني آئون پيو موڪليندو سانوَ. پر سچ تہ منهنجي دل نہ مڃيو. مون پاڻ پورهيو ڪرڻ چاهيو ٿي. ڪجهہ وقت پاس ڪرڻ جي خيال کان بہ. چو جو ايترو اجان هوم جو ڳوٺ هلي دال روٽي آرام سان کائي سگهان پر مون سوچيو هتي ٻچن ۽ پوٽاڻ وٽ ئي رهان. يقين ڪر الطاف America is a God gifted country آمريڪا الله جي طرفان هڪ نعمتن وارو ملڪ آهي، جتي دنيا جي غريب ۽ پريشان ملڪن جا ماڻهو سڪون حاصل ڪن ٿا۔ بشرطيڪ هنن ۾ قابليت هجي ۽ محنت جو جذبو هجي.“

”صحيح ٿو چوين. هتي اڻ محنتي ماڻهو رهي نٿو سگهي. هن عمر ۾ گاڏين جو سيلز مئن ٿي صبح کان شام تائين گرمين توڙي سخت سردين ۽ برف بارين ۾ بہ ڊيوٽي ڪرڻ ۽ گراهڪن سان مٿو هڻڻ ڪا سولي ڳالهہ ناهي.“ مون حميد انور کي چيو.

”بلڪل! هتي محنتي ماڻهو رهي سگهي ٿو. ڪوڪلي ٿون ڦان وارو رهي نہ سگهندو ۽ دماغ مان اها ٿون ڦان ڪيڻ لاءِ پهريون سال کن مون اخبارون بہ ورهائيون. سخت سردي ۽ برف باري جي ڏينهن ۾ جڏهن رستن تي گوڏن جيڏي برف جمع ٿي ويندي هئي تہ صبح جو چئين بجي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اٿي اخبارن کي پلاسٽڪ جي لفافن ۾ بند ڪري پوءِ گهرن ۾ ورهائڻ شروع ڪندو هوس. دل ۾ چوندو هوس تہ حميد انور اهو سڀ ڪجهہ وساري ڇڏ تہ تون ابو ڏابيءَ جو اعليٰ عملدار هئين، جنهن وٽ پنجن ڪمرن جو گهر ۽ شوفر Driven نئين ماڊل جي جرمن ڪار هئي. زندگيءَ جا باقي جيڪي ڏينهن آهن، اهي تو کي پورهيو ڪرڻو پوندو. ڪيترا ماڻهو جن کي خبر پيئي، اهي پاڪستان وچي ڳالهيون ڪرڻ لڳا تہ حميد انور اخبارون ٿو ورهائي. ان بعد سال کن اولڊ ايج ڪميونٽي جي ماڻهن جي نوڪري ڪيم. ان بعد مون کي هت سرڪاري طرح نوڪري يا پورهئي ڪرڻ جي موڪل (Work Permit) ملي. پوءِ هڪ بن هنڌن تي نوڪري ڪيم پر مون کي يڪدم ڪيدي ڇڏيندا هئا."

"ڇو؟ پاڪستاني هجڻ ڪري؟" مون پڇيو.

"نہ. ڪم نہ اچڻ ڪري. ظاهر آهي، مون ڪڏهن چانهہ جو ڪوپ بہ پاڻ ناهي نہ پيتو سو منهنجي ڪم ۾، هن عمر ۾ اها ڦڙتي ۽ هوشياري نہ هئي. هاڻ الله جي فضل سان سٺو جاب اٿم. ڳالهين ڪرڻ ۽ مشينن جي جاڻ ۾ هوشيار آهيان سو گراهڪ کي مطمئن ڪرڻ ۽ جيتڻ ۾ يڪدم ڪامياب ٿيو وڃان. گذريل مهيني بہ ويهارو کن هونڊا ڪارون وڪيم، جن تي چار هزار کن ڊالر ڪميشن مون کي ملي."

"ننڍا ٻار ڇا ڪن؟" مون پڇيو مانس.

"مونکي چار ٻار آهن. ٻہ پٽ ٻہ ڌيئون. وڏي پٽ يوسف ۽ ڌيءَ ماريا جي شادي ٿي ويئي آهي. باقي ٻہ ننڍا مون سان گڏ رهن ٿا. تانيا هن سال نيو برنسوڪ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي آهي ۽ ننڍو محمد سهيب چوڏهن سالن جو آهي ۽ هاءِ اسڪول ۾ آهي."

"وڏو پٽ ڪٿي رهي؟" مون پڇيو مانس.

"اهو بہ هتي ئي نيو جرسيءَ ۾ رهي ٿو. مون کان ڏهہ منٽن جي فاصلي تي آهي. تو سان ملي اڄ شام جو ان وٽ ويٺو اٿم، ميجر باجوا بہ اچي رهيو آهي."

حميد انور وارا پاڻ ۾ پنج ڀائر آهن. پاڻ وچئين نمبر تي آهي. وڏو حفيظ انور جيڪو ڇهہ سال اڳ پنهنجي والد سان گڏ روڊ حادثي ۾ گذاري ويو جنهن جي پٽ سان حميد انور جي ڌيءَ ماريا جي شادي ٿي. حميد انور جو ٻيو نمبر ڀاءُ ڊاڪٽر رشيد انور انگلينڊ ۾ آهي، پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ مان PHD ڪيائين. ننڍن ڀائرن ۾ ڊاڪٽر مقصود انور اسلام آباد جي PIMS اسپتال ۾ Skin Specialist آهي ۽ ان کان وڏو ڊاڪٽر مجيد انور جنرل فزيشن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي، جنهن جي ڪلينڪ ۽ گهر گلشن اقبال ۾ آهي. هو مولائي مڙس آهي ۽ خير جائي ڪم ڪندو رهي ٿو. گهڻو ڪري غريبن جي دوا درمل به مفت ئي ڪري ٿو. هونءَ به حميد انور جي سڄي فئملي ديندار ۽ خيراتي ڪمن کان مشهور آهي. هنن جو هميشه توڪل تي ڪم رهيو آهي. ساڙ حسد ۽ جهيڙي جهٽي کان حميد انور به نندي هوندي کان پري رهيو آهي. هو هميشه ٻين جي مدد ۽ ڀلي خاطر سڀ ڪجهه ڪندو رهيو آهي. ڊاڪٽر عبدالمجيد سان گڏجي هن پنهنجين زمينن تي (جيڪي نصرپور پاسي آهن) آسي پاسي جي ڳوٺن جي ٻارن لاءِ اڄ کان 15 سال اڳ پنهنجي خرچ تي اسڪول کوليو جتي ٻارن کي بهترين تعليم ڏني وڃي ٿي.

”ٽي سال اڳ جڏهن ڳوٺ ويو هوس،“ حيمد انور ٻڌايو ”ته اسڪول ۾ ڇوڪرين جو تعداد گهٽ ڏسي مون پڇا ڪرائي. معلوم ٿيو ته پري جي ڳوٺن کان ڇوڪرا ته اچي سگهن ٿا پر نياڻين کي تڪليف ٿي ٿئي. اهو ٻڌي مون ان پاسي هڪ الڳ فقط ڇوڪرين لاءِ اسڪول کولرايو. اسان جي اوسي پاسي جا سيئي سنڌي ٻار تعليم يافته آهن، ڏنڌن ڌاڙين ۾ نوڪرين ۾ لڳل آهن. اسان پاسي جي ڳوٺن جو توهان کي ڪو چور نظر نه ايندو. بابو چوندو هو توهان چور کي به تعليم ۽ روزگار ذريعي مسلمان بڻائي سگهو ٿا. اهو سڀ ڪجهه توهان تي مدار ٿو رکي ته توهان ڪهڙي قسم جا ماڻهو رکڻ چاهيو ٿا. وڏيرا ٿي چور ۽ ڌاڙيل پيدا ڪندائو ته اڄ نه سڀاڻي توهان لاءِ ئي مصيبت ثابت ٿيندا. پنهنجن هارين نارين ۽ ڳوٺ جي ماڻهن جي ٻارن کي تعليم ڏيئي روزگار جي راهه ڏيکاريندا ته هو ۽ هنن جا ڪٽنب توهان کي دعائون ڪندا ۽ ٻئي جهان ۾ به توهان پاڻ لاءِ جنت پيدا ڪندائو. تون پاڪستان وڃين ته برگيڊيئر ارشد سان گڏ اسان جي تر جا ڳوٺ ضرور گهمجانءِ. تعليم، گهر گهاٽن ۽ ساوڪ جي خيال کان تو کي اهي يورپ جا ڳوٺ لڳندا جن جا رهاڪو ڪا يورپي زبان ڳالهائڻ بدران سنڌي زبان ڳالهائين ٿا، جيڪا پاڻ هن وقت امريڪا جي نيو جرسي رياست جي هن شاليمار هوٽل ۾ ڳالهائي رهيا آهيون.

ان رات حميد انور جي پوٽي (يعني ميجر باجوا جي ڌيءَ) مصطفيٰ جي سالگرهه هئي. حميد انور مون کي فئملي سميت اچڻ لاءِ چيو. ”بس گهر جائي ياتي هوندا. هڪ ٻئي سان ملاقات ٿي ويندي.“

شام جو اسان وارو پاڻيجو ٿمير وسطڙو سوير ئي اچي ويو ۽ اسان اڌ ڪلاڪ کن جي ڊرائيو بعد حميد انور جي ڳوٺ پهچي وياسين. سندس گهر ڳولڻ ۾ توري ڏکيائي ٿي پر موبائيل

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

فون ذريعي هن جي ڏنل پار پتن موجب پهچي وياسين. ان ئي ڏينهن حميد انور جي ننڍي ڌيءَ تانيا هن رياست (نيو جرسي) جي مشهور يونيورسٽي رٽگرز مان گريجوئيشن ڪئي هئي سو سڀ بيحد خوش هئا. مانيءَ مهل حميد انور جو سيٽ يعني سندس ننهن صائما جو والد ميجر باجوا مون سان گڏ اچي ويٺو.

باجوا (سچو نالو ميجر ڪوثر اقبال باجوا) لاهور مان گريجوئيشن ڪرڻ بعد 1966ع ۾ پاڪستان آرمي Join ڪئي. سکر جو برگيڊيئر مختيار شيخ (ڪمشنر عابد شيخ جو ڪزن) سندس يونٽ آفيسر ٿي رهيو ۽ باجوا کان پنج سال جونيئر هو پر سندن تڏهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين سٺي دوستي هلندي اچي. هو شروع کان 23 ڪئولري يونٽ ۾ رهيا. ميجر باوجوا گهڻو وقت آرمي ۾ نه رهيو. 1977ع ۾ آرمي کان رٽائرمينٽ حاصل ڪري آمريڪا هليو آيو. هتي باجوا ڪيترائي مختلف نوڪريون ۽ بزنيس ڪيا ۽ بقول سندس الله جو وڏو احسان آهي جو هن جنهن ۾ به هٿ وڌو ان ۾ هن کي ڪاميابي نصيب ٿي. اڄ هو گاڏين Automobiles جي بزنيس ۾ آهي ۽ سندس خاص فيلڊ گاڏين جي آٽومشين ٽرانسميشن آهي. پاڻ شروع کان هتي نيو جرسي ۾ رهي ٿو. کيس ٽي ڌيئون ۽ هڪ پٽ بلال آهي. سندس وڏي ڌيءَ صائمہ جي شادي چار سال اڳ حميد انور جي پٽ محمد يوسف سان هتي آمريڪا ۾ ٿي هئي، جن کي هڪ ٽن سالن جو پٽ مصطفيٰ (جنهن جي سالگرهہ تي اسان اچي نڪتاسين) ۽ هڪ سال جي ڌيءَ آمنا آهي.

حميد انور جي ڌيءَ وانگر ميجر باجوا جي پٽ پڻ هتي جي رٽگرز يونيورسٽيءَ مان هن سال گريجوئيشن ڪئي آهي، جنهن يونيورسٽيءَ بابت پنهنجي پهرين سفرنامي" نيو هالا کان نيويارڪ" ۾ تفصيلي ذڪر ڪري چڪو آهيان.

اسان ان رات برگيڊيئر مختيار کي ياد ڪري ان جون ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين. ويتر باجواه مهينو کن اڳ ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪراچيءَ جو چڪر هڻي آيو هو جتي هن جو ميزبان برگيڊيئر مختيار هو سو رکي رکي باجواه هن جي تعريف ڪندو رهيو.

"سائين بور ته نه پيا ٿيو؟" وچ وچ ۾ باجواه يا حميد انور پڇيو ٿي.

"نه نه، " مون جواب ڏنو مان ٿي، "برگيڊيئر مختيار کي آئون به پسند ڪيان ٿو هو بيحد مانيٺو ٻئي جي مدد ڪندڙ محنتي، ذهين ۽ سٺو دوست آهي. هو اقبال ترڪ، عاشق حسين شاهہ ڪرنل مسعود عزيز ڪرنل محي الدين ۽ پيٿارو جي منهنجي بين ساٿين جو دوست آهي."

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هتي ۾ تي ستون برگيڊيئر مختيار بابت لکڻ بي محل نہ ٿيندي، مختيار جنهن کي اسان ڪمشنر ۽ سنڌ حڪومت جي سيڪريٽري عابد شيخ جي ڪري اڪثر مختيار شيخ سڏيون ٿا پر هن جو نالو مختيار آخوند آهي ۽ عابد شيخ جي مامي آخوند محمد شعبان جو فرزند آهي. پاڻ سکر جو رهاڪو آهي، جتان بنيادي تعليم حاصل ڪرڻ بعد سنڌ يونيورسٽيءَ مان BSC آنرس ڪيائين ۽ تعليم دوران آرمي لاءِ چونڊجي ويو ۽ آرمي Join ڪرڻ بعد آرمي جي تعليمي ادارن مان M.Sc ڪيائين. پاڻ باجواه واري 23 Cav يونٽ ۾ رهيو ۽ گجرانوالا ۾ 19 آرمرڊ برگيڊ جي ڪمانڊ بہ ڪئي اٿس. سن 1973ع ۾ جڏهن هن جي پوسٽنگ جوڙ باردر تي هئي تہ هن جي شادي پنهنجي ڀقاٽ، سکر جي مشهور وڪيل سائين عبدالرزاق آخوند جي ڌيءَ سعيده آخوند سان ٿي. ادي سعيده جي بہ بنيادي تعليم سکر جي آهي. شاديءَ بعد هن بہ ملٽري تعليمي ادارن مان تعليم حاصل ڪري تدريس جو ڪم ڪيو. پاڻ منگلا آرمي پبلڪ اسڪول جي پرنسپال رهڻ کان علاوه ڪوئيٽا جي اقراء اڪيڊمي جي پڻ سرپرست رهي.

مختيار آرمي مان برگيڊيئر جي رئنڪ تي رٽائرڊ ٿيڻ بعد ائنٽي نارڪوٽڪس جو فورس ڪمانڊر رهيو. ان بعد ڪجھ عرصو سيڪريٽري انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ سنڌ حڪومت ۾ هوم سيڪريٽري رهڻ بعد ائنٽي ڪرپشن کاتي جو چيئرمين ٿي هاڻ رٽائرمينٽ ورتي اٿس. سندس ڄم جي تاريخ 14 آگسٽ 1947ع آهي. جيڪا سندس دوستن کي هميشہ ياد رهي ٿي.

برگيڊيئر مختيار کي چار ٻار آهن. وڏي نياڻي فرين جي شادي ڪجھ سال اڳ امير پنهور سان ٿي هئي، جن کي بہ ڏيئون ۽ هڪ پٽ آهي. فرين جو مڙس بہ سندس پيءُ وانگر آرمي آفيسر آهي ۽ اڃ ڪلهہ ميجر جي رئنڪ تي آهي. مختيار جي ٻي ڌيءَ عنيقہ جو گهوٽ بہ آرمي آفيسر ڪئپٽن فيصل چاچڙ آهي، جنهن هينئر ويجهڙائيءَ ۾ پاڪستان جي سپيريئر سروس جو امتحان پاس ڪيو آهي ۽ ٽريننگ بعد شايد فارين سروس يا پوليس سروس پرتي ڪري. مختيار جا نہ فقط ٻئي ناٺي آرمي ۾ آهن پر سندس اڪيلو پٽ ثاقب بہ آرمي ۾ ڪئپٽن آهي. ثاقب کي بہ پٽ آهن. مختيار جو سڀ کان ننڍو ٻار قنديل آهي، جنهن اڃ ڪلهہ ڪامرس ۾ داخلا ورتي آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## حميد انور جي ڊرائيونگ

حميد انور جي ڊرائيونگ ڪٽي بهتر هئي پر رستن جي سڃاڻ ۾ هو بنهه ڪچو لڳو ٿي. ڪجهه وري ننڍپڻ جون ڳالهيون ڪندي ڌيان مان لهي ٿي ويس ته جنهن Exit مان نڪرڻو هو سا ته لنگهي ويئي! يا جنهن Route يا پارڪ وي يا Turnpike تي چڙهڻو پيو ٿي اها گذري وڃي. ان تي وري واپس موٽڻ لاءِ هڪ رستي تان ٻي تي ۽ پوءِ ٽئي تي يا ساڳي تي ڦرندا رهياسين ٿي. اسان کي اسان جي گهر ”اولڊ برج“ واري شهر کان Iselin شهر جي اوڪ ٽر روڊ تي وڃڻو هو جتي ڪيترين ئي انڊين ۽ پاڪستاني هوٽلون ۽ دڪان آهن. اهو مفاصلو وڌ ۾ وڌ ويهن منٽن جو آهي، پر اسان ٻه ڪلاڪ مختلف رستن تي خوار ٿيندا رهياسين. حميد انور کي ڪيڏو چوان ته خدا جا بندا پيلا ڪنهن پيٽرول پمپ يا دڪان تان ڪٽي معلوم ڪر يا سگنل وٽ ترسڻ مهل پر واري گاڏي واري کان پڇ ته اسان صحيح رستي تي آهيون يا نه پر حميد انور جو اهو ئي ٺُڪَ جواب:

”پڇڻ اجايو آهي. بس ائين ئي هلندا ٿا رهون.“

”پوءِ پيلا آخر صحيح منزل تي ڪيئن پهچنداسين. جيڪڏهن پهچنداسين نه ته؟“ مون چيو.

”آئون بس ائين ئي گهمندو رهندو آهيان پوءِ مون کي خبر پئجي ويندي آهي.“ حميد انور وراڻيو.

”عجيب ڳالهه ٿي! ٽن سالن کان تون نيو جرسي جي هن علائقي ۾ رهيل آهين. پر رستن جي ڄاڻ نه اٿئي؟“ مون چيو.

”ٻيا به اهو ئي چوندا آهن. بس يار آئون اڄ به ٺنڊو باگو جو ڳوناٺو جٽ آهيان. جهڙو 1957ع ۾ ڪئڊٽ ڪاليج ۾ اچڻ وقت هوس.“

آخر هتان هتان ٿي هڪ هنڌ حميد انور هاءِ وي تان گاڏي ڪيرائي عام روڊ تي اچي شهر جي گهٽين ڏي هليو. مون سک جو ساهه کنيو ته آخر اسين شهر پهچي وياسين. جيتوڻيڪ هونءَ عام طرح نيو برج، راه وي، پرٿ جهڙا شهر جيڪي نظر ايندا آهن. انهن مان هڪ به نظر نه آيو. آمريڪا ۾ رستا ڪوڙسو ٿي سگهي ٿو هي ڪنهن هاءِ وي يا شارٽ ڪٽ ذريعي پهچي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ويو آهي. آخر هيڏانهن هوڏانهن ته خوب رليا هئاسين جو هڪ هنڌ ته ائٽلانٽڪ سٽي واري روڊ تي به چڙهي پيا هئاسين. مون حميد انور جي چهري ڏي ڏٺو ٿوري دير اڳ جيڪو منزل ماڻڻ جي خوشيءَ ۾ ٻهڪيو پئي ان تي اداسي ڇانيل ڏسي مون کي اجاتو خوف ٿيو ته شايد غلط هنڌ تي ته نه پهتا آهيون. منهنجي پڇڻ کان اڳ هن اناؤنس ڪيو:

”منهنجي خيال ۾ هتان به نڪرجي“ ۽ پوءِ هڪ ٻن گهٽين مان ڦري واپسي جو روڊ ڳولڻ لڳو.“ ادا ياٺو. ڳالهه اها آهي ته هتان واپس هلڻو پوندو. هي ته اهو شهر ئي ناهي.“ هڪ دفعو وري ”نيو جرسي ٽرن پائيڪ، سائوٿ“ جو پڇائيندي پڇائيندي اچي هاءِ وي تي چڙهياسين.

”هاڻ يار خدا جي واسطي پيٽارو جون ڳالهيون بند ڪر.“ هن چيو. ”تون ئي ته ڪري رهيو آهين ته ٺنڊو باگو کان ڪئڊٽ ڪاليج ڪيئن پهتس.“ مون چيومانس.

”پر پڇين ته تون پيو.“

”چڱو هاڻ رستي تي Concentrate ڪر.“ مون چتاء ڏنومانس.

”صحيح ٿو چوين. پهرين هتي پهچڻ جي ڪريون پوءِ گذريل 43 سالن جون ڳالهيون. نه ته سڄي زندگي ائين ئي رستن تي ڪار ڊوڙائيندا رهنداسين.“

پيٽارو جون به ڳالهيون بند ڪيونسين پر اسان کي صاف لڳو ته صحيح رستي تي نه پيا چڙهون. سنوان سڌا هاءِ وي تي هئاسين. غلط Exit وٺي لهي پياسين ته هاڻ وري هاءِ وي تي چڙهڻ جي واهه نه پئي ملي.

”هڪ دفعو مون کي Turn pike (هاءِ وي) تي چڙهڻ ڏي پوءِ ڏسجانءِ مون کي.“ حميد انور اعلان ڪيو.

پر سائين ٽرن پائيڪ تي پهچڻ جيڪو هر آمريڪن لاءِ رستي جا بورڊ پڙهي آسان آهي، اسان جي حميد انور لاءِ ناممڪن هو. آخر هڪ هنڌ پوسٽ مئن کي ڏٺو مان ٽپال ڪيڊندو ڏسي هن گاڏي بيهاري هن کان پڇيو.

پوسٽ مئن ڪجهه دير سوچي آسان رستو ٻڌايس:

”پهرين سگنل لائيٽ وٽ ساڄي مڙجانءِ پوءِ سڌو ئي سڌو هلندو وڃجانءِ. رستي تي پل ايندي، ان جي مٿان وڃجانءِ، پنج ڇهه سگنل لائيٽ بعد گيري گئس اسٽيشن ايندي، اتي فائيفر بلوورڊ ايندو جتان رستو جڳ جي هئنڊل جيان ٿي ٽرن پائيڪ هاءِ وي تي چڙهندو ۽ پوءِ اهو رستو وٺي وڃجو ۽ تيرهين نمبر Exit مان نڪرجو....“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پوسٽ مئن جي هدايتن موجب هاءِ وي تائين پهچي وياسين پر وري ڳالهين ۾ تيرهين نمبر Exit رهجي ويئي، بلڪ ان وقت ڌيان نہ رهيو. هاءِ وي چڙهي هيٺاهين رستي تي جيئن ئي پهتاسين تہ حميد انور کي غلطيءَ جو احساس ٿيو.

”يار هي مون غلط Exit ورتو آهي. هن کان شايد اڳ وارو هو. هي تہ ڪنهن شهر بدران قبرستان مان اچي نڪتاسين.“

هاڻ سائين اتان تہ مڙي بہ نہ سگهجي. آمريڪا ۾ ڪو رستو چٽي ويو تہ ان رستي تي وري پهچڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ پندرهن ميل هلڻ تہ معمولي ڳالهہ آهي. اسان وري غلط راهن ۾ هليا وياسين. مونجهاري ڪري ٿورو سوچڻ ۽ گاڏي آهستي ڪرڻ تي پنيان ايندڙن هارن ٿي ڏنا، جن جو حميد انور وٽ هڪ ئي جواب هو جيڪو هارن ملڻ تي چپن ۾ پڙڪيو ٿي.

”بابا اسان جي ڊرائيورنگ بس اهڙي ئي آهي. اسان کان بچو.“

هاڻ وري ڦري گري اسان ساڳي هاءِ وي تي اچي نڪتاسين. هڪ دفعو وري ٽال ٽيڪس ڏيڻ لاءِ حميد انور ڏيڍ ڊالر ڪڍيو. رستي جو ٽال وٺڻ لاءِ انچارج ڇوڪريءَ اسان کي گهوري ڏٺو پر سندس چهري تي همدرديءَ جا آثار هئا. ”مئڊم اسان جي مدد ڪجانءِ. اسين ڳالهين ۾ رستو وڃائي ويٺا آهيون. پنجيتاليهہ سالن کان پوءِ جو مليا آهيون.“

پئسا اوڳاڙڻ واريءَ پني تي نقشو ناهي، رسيد سان گڏ حميد انور حوالي ڪيو.

”بس هاڻ پاڻ ڪا غلطي نہ ڪنداسين. ڳالهين پنيان پهرين پٽڪندا رهياسين.“

۽ پوءِ واقعي اچي صحيح منزل تي پهتاسين. اسلين شهر جي نہ فقط Oak Tree روڊ تي پهتاسين، پر ان پاڪستاني هوٽل شاليمار ۾ پڻ جتي اسان کي ماني کائڻي هئي. هوٽل مٿان لڳل بورڊ تي وڏن ڳاڙهن اکرن ۾ لکيل هو SHALIMAR ۽ ان جي هيٺان King of Sweets & Restaurants لکيل هو ۽ ان هيٺان 1335 Oak Tree road, Iselin, NJ 08830 ائڊريس هئي.

ساڳيو حال وري واپسيءَ تي موٽڻ مهل ٿيو. هوٽل سادي ڇئين چڙهيسين تہ سادا پنج ٿي ويا. رستن تي پٽڪندا رهياسين. آخر هڪ هنڌ Hess نالي پيٽرول پمپ تي بيهي پاٽيجي سمير وسطڙو کي آفيس فون ڪيوسين تہ اسان کي گهر وڃن جو رستو ٻڌاءِ، جيڪو هن لکايو ۽ هتي ڪنهن کان رستو پڇڻ مهل ڪجهہ هن ريت ئي ٻڌايو وڃي ٿو:

Go right, Take Route 27.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

Parkway south.

Exit_ Route 9 south. (9 south/ Turn Pike/440).

Stay on route 9 south approx 10_15 mins.

Take exit from 9 south of throckmorton lane or Ticeton lane

Take throckmorton lane (Traffic lane)—left

Turn right on Norman Lane.

ان بعد پوءِ اسان سگهوئي گهر پهچي وياسين.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## آمريڪا عجيب ملڪ ۽ اخبارون

USA (يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا) جنهن کي اسان عام طرح فقط آمريڪا سڏيون ٿا. دنيا جو عجيب ملڪ آهي. دنيا ۾ سڀ کان گهڻو هي ملڪ ڏڪاريو وڃي ٿو ته سڀ کان گهڻو هي ملڪ پسند ڪيو وڃي ٿو. پاڻ پنهنجو ئي مثال وٺون ته پاڪستان جو هر هڪ ماڻهو آمريڪا تي ڏمريو وتندو پر جي آمريڪا ماڻهن گهرائڻ جي لاٽريءَ جو اعلان ٿو ڪري ته هر هڪ اها ڪوشش پيو ڪندو ته پيو ڪو فارم نه پري پر پاڻ وس پڄي ته هڪ بجاءِ ٻه پري. اسان جا ملان مولوي، سياستدان، ليڊر، فوجي توڙي بزنيس مين محفل ۾ ويهي آمريڪا کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا پر اندران ئي اندران پنهنجن ٻارن کي اوڏانهن موڪلڻ جي ڪوشش ڪندا. قانوني طرح نه موڪلي سگهندا ته غير قانوني طرح موڪلڻ جي به ڪوشش ڪندا. انهن جي Set ٿي وڃڻ تي پاڻ ۽ پنهنجو ڪاروبار Shift ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. چوندا آمريڪا ۾ مذهب جي آزادي آهي، نوڪري ۽ ڌنڌا ڊاڍيون آهن، سٺي تعليم آهي، سٺي موسم آهي، سٺو ماحول آهي، سٺو پگهار آهي، سڀ کان وڏي ڳالهه امن امان جي صورت تمام سٺي آهي، هر هڪ سڪون جي زندگي گذاري ٿو. ضرور ائين ئي هوندو. تڏهن ته جيڪو به آمريڪا اچي ٿو اهو موٽڻ جو نالو نٿو وٺي. موٽي فقط اهو ٿو جيڪو هتي ڏوهه ڪري ٿو پوءِ پنهنجي ملڪ لڪڻ لاءِ پڄي ٿو (چو ته هن کي خبر آهي ته هتي پوءِ سندس بچڻ جي راهه ناهي. چورن بدمعاشن جي ٺَمر جي جاءِ پنهنجو وطن ئي آهي) يا اهو ٿو موٽي جنهن کي هتي جي حڪومت سندس غير قانوني رهائش جو Status هجڻ ڪري پڄايو ڪيدي. پوءِ اهڙا ماڻهو شرم کي پرچائڻ لاءِ پنهنجي ملڪ موٽي اڪثر اهو چوندا وتندا آهن ته اپنا ملڪ اپنا هي. يا وري چوندا آمريڪا ۾ ته اسان کي فلمن جو هيرو (يا هيروئن) به ڪري ٿي رکيائون. يا وري چوندا اسان کي فلاڻي فلاڻي نوڪري به ملي پئي پر اسان چين نه بابا! پنهنجو ديس پنهنجو آهي. روکي سوکي هم اپني وطن ڪي کائينگي. حالانڪ حقيقت ۾ اها ڳالهه ناهي. سڀ زباني ڊائلاگ آهن. حقيقت ان جي ابتڙ آهي. ٿي سگهي ٿو ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ اهڙو هجي به جو ظاهر آهي آمريڪا ۾ هر ملڪ جا ـ ويندي هر هڪ عرب ملڪ جا لکين ماڻهو رهن ٿا. انهن مان ڪو هڪ به آمريڪا جي خوشحالي، امن امان جي زندگي ۽ سڪون پريو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ماحول چڱي موٽي اچي تہ ٻي ڳالھ آهي. باقي هونءَ عام طرح ڪو موٽي اچي؟ I Have yet to see

ڪو زمانو هو اڄ کان 40 سال کن اڳ 1968ع ڌاري جڏهن آئون پاڻ جي جهاز جي انجنيئر (مئرين انجنيئر) جي حيثيت ۾ آمريڪا پهريون دفعو آيو هوس ۽ پوءِ ٽي چار سال اسين مختلف جهازن ذريعي آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي بندرگاهن ۾ ايندا رهياسين. پاڪستاني تہ ٿورا هئا پر انڊين بہ گهٽ هئا. پاڪستانين ۾ گهٽي ياڳي پنجاب يا سرحد صوبي جا هئا ۽ انڊين ۾ گجرات صوبي جا پٽيل هئا. سنڌي هندو هئا پر آمريڪا جيڏو ملڪ آهي، ان جي حساب سان آمريڪا (يعني USA) کان گهڻا سينٽرل آمريڪا ۽ سائوٿ آمريڪا جي ملڪن ۽ پئسفڪ ۽ ڪئريبين سمنڊن جي ٻيٽن (جهڙوڪ برمودا، ٽرنيڊاڊ، ٽوباگو وغيره) ۾ هئا. سنڌي مسلمان جيڪي ايڪڙ ٻيڪڙ هئا سي پئسي وارن وڏيرن جا پٽ هئا، جن جو مقصد محنت ڪري ڪمائڻ ۽ ٻين کي گهرائڻ ۽ پنهنجي وطن اچي ڪارخانا فئڪٽريون ۽ تعليمي ادارا کولي غريب عوام جي خوشحالي پيدا ڪرڻ بدران هو فصل جو پئسو آمريڪا ۾ گهرائي گهمڻ ڦرڻ ۽ عيش جي زندگي ۾ وقت ضايع ڪندا هئا. هڪڙو پئسو خرچ ڪري ٻيو پئسو ڳوٺان گهرائيندا هئا.پئسو نہ اچڻ تي موٽي ويندا هئا. ڪيترن کي تہ آئون سڃاڻان جن کي آمريڪا جي Citizenship بہ ملي ۽ پاسپورٽ بہ هون پر پوءِ اهو سڀ ڪجھ وڃائي ڇڏيائون. پئسو نہ اچڻ تي هنن ڪان نوڪري ۽ پورهيو ڪرڻ نٿي پڳو ۽ واپس وطن جو رخ رکيائون ٿي يا پنهنجي والد وارث جي وفات جو ٻڌي پڳ ٻڌائڻ ۽ ملڪيت پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ لاءِ موٽي آيا ٿي. 1968ع ۾ مون اهڙن ماڻهن کي ويندي ۽ پهريون دفعو حيدرآباد جي بشير مغل، ٺٽو جان محمد جي بابو ۽ سندس ياءُ يوسف ڏاهريءَ جهڙن کي هتي ايندو ڏٺو جيڪي اسان وانگر عام ماڻهو هئا، جن وٽ ڪجھ بہ نہ هو نہ پئسو نہ سپورٽ. هنن پنهنجي Survival ۽ پنهنجن ٻچن ٻارن ۽ ڳوٺ جي ماڻهن جي خوشحاليءَ لاءِ جيڪي پورهيا ۽ محنتون ڪيون، جيڪي پنڌ ۽ ٻکون ڪاٽيون آئون اهڙن ماڻهن کي سلام ٿو ڪريان.

بهرحال آمريڪا ۾ پڻ جپان ۽ يورپ وانگر ڌارين ماڻهن جي اچڻ تي سختيون ٿينديون رهيون (۽ ڏينهون ڏينهن اهي وڌي رهيون آهن) ۽ آمريڪا جيتوڻيڪ هڪ ڏورانهون ترين ملڪ آهي تہ بہ ان ۾ ڪو اهڙو چارم ضرور آهي جو مٿين ڳالهين جي باوجود سڀ کان گهڻا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اسان جا ايشيائي ۽ آفريڪي ايندا رهن ٿا. سٺ واري ڏهي جي آخري سالن ۾ ۽ ستر جي شروعات ۾ اسان جا ايشيائي ماڻهو اتي ۾ لوڻ برابر هئا. چوڌاري هسپانوي (Spanish) ڳالهائڻ وارا نظر آيا ٿي. ظاهر آهي USA سان گڏ ميڪسيڪو، گئاتمالا، نڪراگوا جهڙا وچ آمريڪا جا ملڪ ۽ برازيل، ڪولمبيا، چلي، اڪيڊار جهڙا ڏکڻ آمريڪا جا ملڪ ويجها آهن، جتي Spanish ۽ پورچو گالي ڳالهائي وڃي ٿي. (پورچو گالي به هيسپانوي زبان وانگر آهي، جيئن سرائڪي ۽ پنجابي ٻوليون تمام گهڻيون ملن ٿيون ۽ ڏاريون ماڻهو پرکي نه سگهندو) اڄ انهن اسپيني ڳالهائڻ وارن جو نئيي ڪنڌ جا ماڻهو مقابلو ڪن ٿا. آمريڪا جا وڏا شهر ته ڇا ڳوٺ ڳوٺ ۾ انڊين پاڪستاني ماڻهو ۽ انهن جا دڪان نظر اچن ٿا. حلال گوشت کان علاوه توهان کي هر قسم جو مرچ مصالحو ۽ ڳڙ پڪڙا، ڦودني جون ٽڪيون، احمد جو آچار هيڊ، ٻاجهر، جوار، گدامڙي، مندرن ۾ رکڻ لاءِ پرساد، نماز پڙهڻ لاءِ مصلو ۽ باٿ روم لاءِ لوٽو ملندو.

انهن ڏينهن ۾ آمريڪا ۾ رهندڙ ايڪڙ ٻيڪڙ اسان جي جهازن تي اچي مهينو مهينو پراڻيون جنگ ۽ ڊان اخبارون ڪٺي ويندا هئا ۽ وڏي شوق سان وڃي پڙهندا هئا. ڪا اخبار جهاز تي رهجي ويندي هئي ته واپسي جي سفر تي ان کي ور ور ڏيئي اسين به پيا پڙهندا هئاسين. ويندي اشتهار اڄ جا اگهه، ڏيان طلب، ڪورٽ نامون جهڙيون شيون به غور سان پڙهندا هئاسين. ڪو ڪو امير ماڻهو پاڪستان مان اخبار پوسٽ ذريعي گهرائيندو هو. جيڪا جيتوڻيڪ باءِ ايئر موڪليل هوندي هئي پر تڏهن به مالڪ جي هٿن ۾ هفتي بعد پهچندي هئي ۽ تمام مهانگي پوندي هئي. انٽرنيٽ ۽ Cable جو ته اڃا تصور به نه هو. پوءِ اسيءَ جي شروعات ۾ ٻڌو سين ته جنگ وارن جنگ اخبار ڪراچي ۽ لاهور کان علاوه لنڊن ۽ نيو يارڪ مان به ڪيڻ شروع ڪئي آهي. آئون ملائيشيا ۾ هوس ته نيو يارڪ کان ايندڙ هڪ دوست مون لاءِ هڪ به جنگ جا پرچا ڪٺي آيو هو. اخبار فقط ٽن چئن صفحن تي پکڙيل هئي ۽ قيمت به ڳري هيس. ان جو سبب اهو ئي هو ته پڙهندڙ (خريدار) گهٽ آهن، اشتهار ٿورا ٿا ملن.... وغيره ۽ هاڻ 35 سالن کن بعد آمريڪا ۾ وري آيو آهيان ته Scene ئي بدليل نظر اچي رهي آهي، آمريڪا جي وڏن شهرن ۾ ته ڇا ڳوٺن ۾ به نئيي ڪنڌ جا ماڻهو نظر اچن ٿا ۽ حلال گوشت لاءِ ڪنهن يهوديءَ کان ڪوشر جو پڇڻ بدران ديسي بازار مان مليو وڃي. ٻئي مرچ مصالحي جي دڪانن سان گڏ حلال گوشت جا به دڪان نظر اچن ٿا نه فقط ٻڪري،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڍڳي، ڪڪڙ جو گوشت پر انهن جا جيرا، ٻڪيون ويندي پاوا منڍيون پيون وڪامن. جيڪي هت عام طرح نہ وڪامن ۽ نہ هتي جا آمريڪن کائين. هڪ اهڙي حلال گوشت جي دڪان ۾ پنهنجي پاڻيجن ثمير ۽ ضمير وسطرو سان گهڙيس جيسين هو گوشت خريد ڪن آئون در وٽ رکيل مختلف اڙدو ۽ انگريزي اخبارن جا بنبدل ڏسڻ لڳس ۽ پوءِ هڪ اڙدو اخبار کڻي ان جا صفحا اٿلائڻ لڳس. ويهارو کن صفحن جي اها اخبار هئي. پاڪستان ۽ هندستان جي خبرن کان علاوه اسان جي ملڪن جي ماڻهن جي آمريڪا ۾ ڪيل ڪارنامن ۽ بدنامين جي خبرن سان پريل هئي. هر صفحي تي جام اشتهار. هلڻ مهل ثمير پڇيو تہ ماما اخبار کڻون.

”قيمت پڇ تہ گهڻي آهي؟“ ظاهر آهي گذريل زماني جي ٽن چئن صفحن واري اخبار جي ئي قيمت ڳري هئي ۽ هنن ۾ تہ انيڪ صفحا آهن ۽ رنگين ڇپائي آهي سو قيمت مناسب هجڻ جي صورت ۾ ئي خرد ڪري سگهجي ٿي نہ تہ ٽي وي ڪيبل ۽ انٽرنيٽ تان مفت ۾ خبرون ۽ SANA (سنڌي ائسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا) جي SANA – List خطن مان ئي ملڪ جو حال معلوم ٿي سگهي ٿو.

”هي اخبارون سڀ فري آهن“ ثمير ٻڌايو.

”پر هنن مان ڪن تي ٻہ تہ ڪن تي ٽي ڊالر قيمت لکي پيئي آهي.“ مون اخبارن کي اٿلائيندي چيو.

”قيمت ضرور لکيل آهي پر هر هڪ مفت ۾ ڏئي ٿو جو اخبار وارن ۾ Competition ڏاڍي آهي.“

”نهيو مون سمجهيو۔ دراصل هر اخبار واري کي ايڏا اشتهار مليو وڃن جو مفت ۾ ڏيڻ تي بہ کين نقصان نٿو ٿئي. مون ڇهہ کن مختلف اخبارن مان هڪ هڪ کنئي ۽ پوءِ تہ ساڳيو حال هتي جي ٻين ديسي دڪانن ۽ ريسٽورنٽن ۾ ڏٺم. ڪجهہ انگريزي اخبارون پڻ آهن جيڪي هتي جون اسلامي تنظيمون ۽ هندو ائسوسيئيشن ڪڍن ٿيون. ڪجهہ انگريزي اخبارون هتي جي هر علائقي مان نڪرن ٿيون. جن ۾ ان علائقي جي خبرن کان علاوه ان علائقي جي دڪانن ۽ انهن ۾ لڳندڙ sale، جاين، پلاٽن ۽ ڪارين موٽرن جي خريد ۽ وڪرو جا اشتهار آهن ۽ هر اخبار جي اشتهارن مان ايڏي ڪمائي ٿئي ٿي جو ماڻهن تائين اخبار پهچائڻ لاءِ هو دڪاندارن کي منٿون ڪن ٿا تہ پنهنجي دڪانن ۾ رکو تہ توهان جا گراهڪ هي اخبارون مفت ۾ کڻي وڃن. ڪجهہ امير اخبارن جا مالڪ خاص ڪري ڪميونٽي نيوز پيپر وارا

پنهنجي اخبار گهرن تائين بہ پهچائين ٿا. بهرحال مون جهڙي واندي ماڻهوءَ لاءِ اهي مفت جون اخبارون پڙهڻ سٺو شغل آهي ۽ ٽن مهينن کان اجان اهو قائم آهي. جنهن وقت بہ بازار ۾ ڪنهن شيءِ جي خريداري لاءِ نڪران ٿو تہ نئين شايع ٿيل اخبار کڻيو اچان. انهن اخبارن بابت ٽيڪا ٽپڻي ـ خبرن جو معيار, اشتهار ۽ ٻيا ڪالم وغيره ـ ٻئي مضمون ۾ ٿي لکان ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## آمريڪا مان نڪرندڙ ديسي اخبارون

هن کان اڳ واري مضمون ۾ لکيو اٿم تہ ڪو وقت هو جو هن ڏورانهين ديس ۾ پنهنجي ملڪ جي اخبار پڙهڻ لاءِ پيو سڪبو هو پر هاڻ هتي ڪيترين ئي اڙدو ۽ انگريزي اخبارون نڪرن ٿيون ۽ نہ فقط نڪرن ٿيون پر مفت ۾ ورهائيون وڃن ٿيون. اڙدو ۽ انگريزيءَ کان علاوہ گجراتي ۽ تامل زبانن جون بہ ڪيترين ئي اخبارون نڪرن ٿيون. جيڪي زبانون جيئن تہ مون کي سمجهہ ۾ نٿيون اچن، ان ڪري انهن اخبارن سان منهنجي دلچسپي ناهي. اها بہ ڳالهہ آهي تہ انهن اخبارن جي فرنٽ پيج تي ڪا ڏيان ڇڪائيندڙ تصوير نظر ايندي آهي تہ ان ڏينهن اها بہ کٽي ايندو آهيان- تصويرون ڏسڻ لاءِ. پئسا تہ هونءَ ئي نٿا ڏيڻا پون. جو اخبار کڻڻ يا نہ کڻڻ جو سوچجي. خاص ڪري آئون تہ موڪل جا ڏينهن گذارڻ لاءِ هتي آيو آهيان، سو مون وٽ تہ ٽائيم ئي ٽائيم آهي. بهرحال آئون انگريزي ۽ اڙدو جون جيڪي اخبارون کٽي ايندو آهيان، اهي هن ريت آهن.

اردو ٽائيمز – 22 صفحن جي اڙدو اخبار، جنهن جي 32 صفحن جي هفتيوار مئگزين ”ٽائيمز ميگ“ بہ مفت ۾ ورهائي وڃي ٿي.

پاڪستان پوسٽ- 16 صفحن جي اخبار، جنهن سان گڏ 36 صفحن جي هفتيوار مئگزين ساڳي نالي سان نڪري ٿي ۽ مفت ڏني وڃي ٿي.

- پاڪستان ايڪسپريس- 24 صفحن جي اڙدو اخبار
- صدائي پاڪستان – 22 صفحن جي اڙدو اخبار
- آزاد – 12 صفحن جي اڙدو اخبار
- پاڪستان نيوز – 20 صفحن جي اڙدو اخبار
- نيويارڪ عوام – 20 صفحن جي اڙدو اخبار
- Desi Match – 32 صفحن جي اڙدو اخبار
- Indian Express – 48 صفحن جي انگريزي اخبار
- Indian post – 56 صفحن جي انگريزي اخبار
- Indian Abroad – 36 صفحن جي انگريزي اخبار

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ـ Indian in New York – 28 صفحن جي انگريزي اخبار

مٿيون سڀ اخبارون ۽ مخزنون (جيڪي اخبار جهان يا عبرت مئگزن جي سائيز جون آهن ـ يعني نارمل اخبار جي اڌ جيڏيون) هفتيوار آهن ۽ پاڪستان ۽ هندستان جي ماڻهن جي ضرورتن ۽ دلچسپين کي پورو ڪن ٿيون. اهي سڀ اخبارون خميس ڏينهن نڪرن ٿيون ۽ جمع تائين ديسي بازارين جي دڪانن، ريسٽورنٽن، مسجدن ۽ مندرن ۾ پهچيو وڃن، جيئن هفتي جا موڪل جا ٻه ڏينهن ڇنڇر ۽ آچر، ماڻهو پنهنجي واندڪائي ۾ پڙهي سگهن.

مٿين اخبارن کان علاوه انگريزي جي اخبار Muslims تمام مشهور آهي. انگريزيءَ جي 18 صفحن جي هفتيوار اخبار جيڪا The Voice of Muslim America نه فقط آمريڪا ۾ رهندڙ مسلمانن جي دلچسپيءَ جو باعث آهي پر ننڍي کنڊ ۽ عرب ملڪن جي مسلمانن لاءِ پڻ. اهڙي طرح هندو ڌرم، عيسائين ۽ يهودين جي دلچسپيءَ جون پڻ ڪيتريون ئي هفتيوار انگريزي اخبارون نڪرن ٿيون ۽ مفت ورهائيون وڃن ٿيون.

مسلمانن جي دلچسپيءَ جي هڪ ٻي انگريزي اخبار جيڪا، هتان آمريڪا مان نڪري ٿي ۽ ٻين اخبارن وانگر مفت ورهائي وڃي ٿي The Muslim Link آهي، جيڪا 22 صفحن جي آهي، جنهن سان گڏ 48 صفحن جي "دي مسلم لنڪ مارڪيٽ پليس" پڻ ورهائي وڃي ٿي. هيءَ اخبار (The Muslim Link) هفتي ۾ ٻه دفعا نڪري ٿي ۽ سندس Motto آهي:

Linking Believers Together

اهڙيءَ طرح هڪ اڙدو مذهبي اخبار "الفضل" نالي نڪري ٿي. 16 صفحن جي هن هفتيوار اخبار جو واسطو احمدي مسلمانن سان آهي.

آمريڪا ۾ رهندڙ احمدي فرقي جي مسلمانن جو النور نالي 90 صفحن جو ماهوار رسالو پڻ نڪري ٿو جنهن جو اڌ اڙدو ۾ آهي ته اڌ انگريزيءَ ۾. اڙدو واري حصي جو نالو "النور" آهي ۽ انگريزيءَ واري جو The Ahmadia Gazete, USA آهي.

ـ احمدي جماعت جو هڪ ٻيو 70 صفحن جو رسالو جيڪو ڪئناڊا مان نڪري ٿو ۽ سڄي آمريڪا ۾ پڻ ورهايو وڃي ٿو "نحن انصار الله" آهي. هن رسالي جا 24 کن صفحا انگريزيءَ ۾ آهن ۽ 46 کن اڙدوءَ ۾ آهن.

ـ انڊيا کان آمريڪا آيل ٽوئرسٽن توڙي هتي رهائش اختيار ڪندڙ هر مذهب ۽ هر

زبان جي ماڻهن لاءِ خبرن سان ڀريل 44 صفحن جي انگريزي هفتيوار اخبار News India Times آهي.

- مفت ۾ ورهائجندڙ اخبارن ۾ هڪ ٻي هفتيوار انگريزي اخبار South Asian آهي، جنهن جو موٽو آهي.

The Voice of south Asians. هيءَ اخبار پاڪستان، انڊيا کان علاوه برما، سري لنڪا، ٿائيلينڊ، ملائيشيا جي ماڻهن ۾ مشهور آهي، جو هيءَ اخبار اهو سڄو علائقو Cover ڪري ٿي.

- آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ رهندڙ مسلمانن جي هڪ ٻي دلچسپ هفتيوار انگريزي اخبار Mirror International آهي، جنهن جو Motto آهي: Justice & Peace for all 16 صفحن جي هيءَ اخبار هر اربع ڏينهن نڪري ٿي ۽ آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي 45 رياستن ۽ صوبن جي ٻه سئو شهرن جي مسجدن، حلال گوشت جي دڪانن ۽ مسلمانن جي ريسٽورينٽن ۽ هوٽلن ۾ مفت ورهائپ لاءِ پهچيو وڃي.

آمريڪا ۾ ننڍي کنڊ جي ماڻهن جي دلچسپي لاءِ مفت ورهائجندڙ ۾ سڀ کان ٿلهي اڙدو اخبار "اردو ٽائمز" آهي، جيڪا ميگزين سميت 54 صفحن جي ٿئي ٿي. ميگزين وارا صفحا باقي اخبار جي اڌ صفحن جيڏا ٿين ٿا.

"اردو ٽائيمز" آمريڪا (يعني اتر آمريڪا- جنهن ۾ ڪئناڊا ۽USA اچي وڃي ٿو) جي پهرين ۽ سڀ کان وڏي ۽ گهڻو پڙهي ويندڙ اردو اخبار آهي. هن اخبار کي نڪرندي 35 سال ٿي ويا آهن ۽ هن سال سلور جوبلي ملهائي اٿس. هيءَ اخبار جنگ اخبار جي مالڪن جي لڳي ٿي، جنهن جو ايڊيٽوريل صفحو هوبهو جنگ اخبار جي اسٽائيل ۾ نڪري ٿو ۽ هن جو پبلشر خليل الرحمان آهي. اردو ٽائيمز اخبار هڪ ئي وقت آمريڪا جي چوڏهن شهرن (نيو يارڪ، واشنگٽن، ميامي، ائٽلانٽا، شڪاگو هيوسٽن، لاس اينجلس وغيره) مان ڇپجي ٿي، جيئن پاڪستان مان جنگ ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد مان نڪري ٿي.

هن اخبار "اردو ٽائيمز" جي انتظامي مرڪزي آفيس نيويارڪ جي جئميڪا علائقي ۾ آهي ۽ ائڊريس هن ريت آهي:

169_20 Hillside Avenue, Jamaica, NY 11432, USA

فون نمبر 718_297_8700 ۽ فئڪس نمبر 718_297_0017

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ع اي ميل ائڊريس اٿس: urdotimesny@aol.com
هيءَ اخبار نيٽ تي بہ پڙهي سگهجي ٿي، جنهن جي ويب سائيٽ آهي.
www.urdutimes.com

فرنٽ پيج ۽ ٻين صفحن تي پاڪستان ۽ هتي جي خبرن کان علاوه دنيا جون بہ خبرون آهن. هتي جي ٻين اخبارن وانگر هيءَ اخبار بہ هتي جي اشتهارن سان ٽٻ آهي، جنهن مان هنن اخبارن جي وڏي ڪمائي ٿئي ٿي. ادارتي صفحو هوبهو جنگ جهڙو آهي، جنهن ۾ اهي ساڳيا ڪالم ۽ ساڳيا لکڻ وارا اچن ٿا. جيئن تہ اڄ جي اخبار ۾ عبدالقادر حسن جو ڪالم ”غير سياسي باتين“ حسن نثار جو ”چوراها“ ، منوڀائي جو ”گريبان“، عباس اطهر جو ”ڪنڪريان“، راجا انور جو ”بازگشت“، ڊاڪٽر ظهور اعوان جو ”دل پشوري“ وغيره آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## آمريڪا مان نڪرندڙ اخبارن ۾ ڪهڙي قسم جا اشتهار اچن ٿا؟

هن اخبار ”اردو ٽائيمز“ ۾ يا ٻين اردو ۽ انگريزي اخبارن ۾ جيڪي خاص ڪري انڊيا ۽ پاڪستان جا ماڻهو پڙهن ٿا هن قسم جا اشتهار جام نظر اچن ٿا.

ـ آمريڪن اميگريشن بابت. ڇو جو هنن اشتهار ڏيڻ وارن کي خبر آهي ته ننڍي کنڊ جا ماڻهو آمريڪا ۽ ڪئناڊا اچڻ لاءِ آتا آهن. انڊيا جي رهاڪن لاءِ آمريڪا طرفان وري به سهولتون ۽ نوڪرين جي بارش پئي ٿئي. ان ڪري هنن اشتهارن ۾ اهي پاڪستاني، جيڪي هتي غير قانوني رهيل آهن يا ڪنهن ٽوئرسٽ يا پڙهائيءَ جي ويزا بهاني هتي پهچي هاڻ موٽڻ بدران هتي ئي لاءِ آتا هجڻ وارا، ڦاسن ٿا. پوءِ انهن ۾ ڪي صحيح گائيڊ به ڪن ٿا ته توهان جو ڪم ٿي سگهندو يا نه. ۽ جي ٿي سگهندو ته ڪهڙيون قانوني پيچيدگيون سامهون آهن، جن کي حل ڪرڻ آسان آهي، ڏکيو آهي يا ناممڪن. پر ڪيترا اِهي اشتهار ڏيڻ وارا ٺڳ وڪيل ۽ ڦورو ايجنسيون آهن، جيڪي ماڻهن کي بيوقوف بنائڻ ۽ منجهائڻ پئسو ڦرڻ لاءِ ڪين ڦاسائين ۽ ڦورو جوتشين ۽ تعويذ ڳنڊيا ڪرڻ وارن وانگر (جيڪي اٿندي ئي وڏيون دعوائون ڪن ٿا ته محبوب توهان جي قدمن ۾، وڃايل جواني هڪدم واپس حاصل ڪيو وغيره وغيره) هي وڪيل به بورڊ هٽيو وينا آهن ۽ ٻيا اخبارن ۾ ٿي وي تان اشتهار ڏين ته توهان هر قسم جي قانوني مسئلي جي حل لاءِ اسان سان رجوع ٿيو. فلاڻا يا فلاڻا ايسوسيئيٽ هڪ بااعتماد نالو آهي، جيڪو هيٺين ڪيسن ۾ قابل ترين آهي: گرين ڪارڊ، فئملي جي بنياد تي اميگريشن، ڊيپورٽيشن، سياسي پناهه، بزنيس ڪلوزنگ، بئنڪ ڪرپسي، طلاق، ريئل اسٽيٽ، سول سوٽ... وغيره وغيره. انهن ڳالهين ۾ ديسين کي ڦرڻ وارا گهڻو تڻو پنهنجا ئي آهن. ڪيترن پنهنجين ڪمپنين کي ولائتي رنگ ڏيڻ لاءِ ڪو آمريڪن گورو اڳيان ڪيو آهي. ڪي ته نج گورن جون به ڪمپنيون آهن جو هن ڌنڌي ۾ وڏي ڪمائي آهي. جيڏي وطن ۾ بيروزگاري ۽ بدحالي يا جيتري هنن خوشحال ملڪن ۾ اچڻ جي سختي اوتري هنن جي وڏي ڪمائي.

مٿين ڪيسن کان علاوه هتي جا ڪيترا واندا وڪيل اهڙا آهن، جيڪي توهان پاران مختلف ڪيس في ونڻ بنا وڙهي ان جو اجورو ڪيس کٽڻ تي ڪميشن جي روپ ۾ وٺڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چاهين ٿا. ان لاءِ هنن اخبارن توڙي ملڪ جي وڏين اخبارن ۾ اشتهار ايندا رهن ٿا تہ توهان کي ڪنهن جي ڪتي چڪ تہ نہ هنيو آهي؟ اسان توهان کي لکها ڊالر وٺرائي ڏينداسين. (ياد رهي تہ هتي ڪتي پالڻ جي اجازت آهي، پر ان جي چڪڻ تي ڪتي جي مالڪ کي معاوضي طور وڏي رقم ڏيڻي پوي ٿي ۽ گهڻو ڪري ڪتو پالڻ وارو ان کي چڪ هڻڻ لاءِ بہ انشوئر ڪري ٿو. يعني اتفاق سان ڪتي ڪنهن واٽهڙوءَ کي چڪ هڻڻ ڪيڻيو تہ انجو معاوضو ڪتي جي مالڪ بدران انشورنس ڪمپني ڀريندي. هتي آمريڪا ۾ روڊ حادثن جا بہ جام پئسا ملن ٿا. پنهنجي پاڪستاني هڪ ڪروڙ رپين جي لڳ ڀڳ! پوءِ انهن ڪمن لاءِ گهڻيئي بيروزگار وڪيل وينا آهن. جيڪي اڳواٽ في وٺڻ بنا پيا ڪيس وڙهن ۽ پوءِ ڪيس کٽڻ تي زخمي ٿيل همراهہ کي ملندڙ پئسي جو هڪ حصو پاڻ رکن. سو اهڙن وڪيلن جا ان قسم جا اشتهار پڻ ايندا رهن ٿا تہ ڇا توهان جو روڊ حادثو تہ نہ ٿيو آهي؟ اسان توهان کي ان حادثي جو پئسو وٺرائي ڏيون. هڪ اهڙي حادثي بابت ٻڌم، جنهن ۾ ٻن ڪارين جي حادثي ۾ فٽ پاٿ تي هلندڙ هڪ غريب ۽ بي روزگار ماڻهو ڪري پيو. جسماني طرح تہ هن کي رهنڊ بہ ڪا نہ آئي، بلڪ پوليس جو اهو خيال هو تہ حادثي بعد هن هلندڙ ماڻهوءَ پنهنجو پاڻ کي انهن گاڏين وٽ ڪٽي ڇڏيو. بهرحال هوشيار وڪيل حادثي ڪري ذهني صدمو رسڻ جي بنياد تي هن کي انشورنس ڪمپني طرفان هزارين ڊالر وٺرائي ڏنا. پوءِ هن کي آمريڪا ۾ ڪا مزوري يا نوڪري ڳولڻ جي ضرورت نہ پيئي. اڄ اهو همراهہ سنڌ جي وڏن زميندارن مان هڪ آهي.

واشنگٽن ۾ پنهنجي ڳوٺائي نجم ميمڻ جي فليٽ ۾ پهچڻ لاءِ سندس بلڊنگ جي لفٽ ۾ هڪ بہ دفعو اهڙي مائي گهڙي، جنهن سان گڏ ڪتو هو. نجم کي چيم تہ لفٽ ۾ اچڻ بدران ڏاڪڻ ذريعي هلڻ بهتر آهي، ڇو جو بند لفٽ ۾ رڃ جهڙي ڪتي سان گڏ بيهڻ ۾ ساهہ ٿو وڃي تہ متان ڪتو چڪ نہ هڻي.

”سوال ئي نٿو پيدا ٿئي ۽ هڻي بہ ڏسي! فائدي ۾ اسان وينداسين.“ نجم چيو ۽ آئون سمجهي ويس جو هڪ ڏينهن اڳ اخبار ۾ پڙهيو هوم تہ واشنگٽن ۾ ڪتي جو فقط وات وجهڻ تي ڪتي جي مالڪ يا هن جي انشورنس ڪمپنيءَ کي هڪ لک ڊالر (يعني سٺ لک رپيا) Victim کي ڀري ڏيڻا پوندا.

اسان جي ملڪ جي ماڻهن جي شادين ۽ طلاقن جي مسئلن مان بہ هتي جا آمريڪي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

وڪيل چڱو ناڻو ڪمائين ٿا. خاص ڪري انهن ماڻهن مان جيڪي آمريڪا ۾ رهڻ جي چڪر ۾ هتي جي عورتن سان پئسو ڏيئي صحيح معنيٰ ۾ يا ڪاغذن تي شادي ڪن ٿا. ان ڪم لاءِ اڪثر هتي جون وڏي عمر جون، نشئي پٽئي حبشي عورتون آهن يا بي ڊوليون هسپانوي مايون. بقول منهنجي هڪ جهازي انجنيئر جي اسان پاڪستانين سان پئسو خرچڻ جي باوجود بهتر قسم جي عورتن بدران اهي عورتون شادي ڪن ٿيون جيڪي ” رنڊوا، بيوه، گهر سي ڀاڳي هوئي، شوهر ڪي پيٽي هوئي يا بچون سي روني هوئي، خونخوار قسم ڪي عورتين هين“ جيڪي شادي بعد ۾ طلاق وقت وڏي گهوٻي ڪن ٿيون. جن جا مسئلا وڪيل ئي حل ڪن ٿا. جنهن لاءِ اسان جي هيرو ڪي الڳ پئسو وڪيلن کي ڏيڻو پوي ٿو.

آمريڪا جي هن قسم جي اڙدو ۽ انگريزي اخبارن ۾ (جيڪي اسان جي ننڍي ڪنڊ جا ماڻهو پڙهن ٿا) ٽئڪسي هلائڻ جا اشتهار بہ جام هوندا آهن. جيئن تہ “Master Cabbie Taxi Academy” جن جو چوڻ آهي تہ نيو يارڪ ۾ ڊرائيوري سيکارڻ جي اها اڪيلي قابل اعتماد اڪيڊمي آهي، يا هڪ ٻيو اشتهار ان سلسلي جو نظر اچي ٿو: “AJ Yellow Taxi Tutors”

”ييلو ٽئڪسي جي امتحان پاس ڪرڻ ۾ اسين توهان جي مدد ڪريون ٿا. جيڪڏهن توهان انگريزي ڳالهائڻ ۾ ڪچا آهيو تہ بہ ڪو مسئلو ناهي.“

نيو يارڪ، نيو جرسي، واشنگٽن، بالٽيمور، هيوسٽن جهڙا شهر جتي پاڪستاني گهڻا آهن، توهان کي ڪيترائي انڊين ۽ پاڪستاني ٽئڪسي ڊرائيور ملندا. هونءَ بہ هتي اهو چوندا آهن تہ پورهئي ۾ ٽئڪسي هلائڻ مزيدار Job آهي، جنهن ۾ توهان پنهنجي پاڻ جا باس آهيو جيتري دير وٽي ڪم ڪريو يعني ٽئڪسي هلايو. وٽانوَ تہ ڏينهن جو هلايو وٽانوَ تہ رات جو هلايو. ٽئڪسي هلائيندي وٽانوَ تہ ماٺ منوڙيءَ ۾ هلايو وٽانوَ تہ پئسينجر سان خبرون چارون ڪندا هلو ۽ هر دفعي نئين ڪهاڻي نئون مسافر! بهرحال نيو يارڪ، واشنگٽن ۽ بالٽيمور جهڙن آمريڪي شهرن ۾ پاڪستاني ٽئڪسي ڊرائيور ڪوڙ آهن پوءِ ڪي پنهنجي خريد ڪيل ٽئڪسي هلائين تہ ڪي روز يا هفتي جي مسواڙ تي ڪنهن مالڪ کان وٺي هلائين. هتي قانون جي سختي آهي ۽ ٻي ڳالهہ تہ هر هڪ وٽ موبائيل فون آهن، ڪيترين ٽئڪسين ۾ وائرليس سسٽم آهي، سو ٽئڪسي ڊرائيور يڪدم پوليس سان Contact ۾ اچيو وڃي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

خيرپور جي هڪ همراهہ جيڪو واشنگٽن، ورجينا ۽ ميريلينڊ پاسي ييلو ڪئب هلائي ٿو. ڪان جڏهن اهو پڇيم تہ سندس ٽئڪسي ۾ ڪڏهن ڪو اهڙو مسافر بہ چڙهيو جنهن لهڻ وقت پئسا ڏيڻ کان ڍڳو ڪيو هجي؟

”منهنجي پنجن سالن جي ڊرائيوري جاب ۾ هڪ دفعي ائين ضرور ٿيو. ٻہ همراهہ واشنگٽن جي سمٿوسن جي سب وي وٽان ورجينا جي آرلنگٽن لاءِ چڙهيا. گهر وٽ پهچي مون کي چيائون تہ 35 ڊالر ڀاڙو ٿيو آهي، پر اسين تو کي 20 ڊالر ڏينداسين. جيڪڏهن تو وڌيڪ لاءِ گهر ڪئي تہ تو کان اهي 20 ڊالر بہ واپس وٺنداسين ۽ ڏاڍي مار ڏينداسين.“

”پوءِ ڇا ڪيئي؟“ مون چيومانس.

”هو ويهہ ڊالر ڏيئي گهر اندر گهڙي ويا، مون ان بعد يڪدم پوليس کي فون ڪيو. پنج اٺ منٽن ۾ بہ پوليس وارا پهچي ويا. مون کين ٻڌايو تہ بہ ڄڻا منهنجا پنڌرهن ڊالر کائي ويا آهن. هنن ٽئڪسيءَ مان لٿل مسافرن جو در کڙڪايو ۽ کين چيو تہ توهان هن ٽئڪسي واري جا پئسا کاڌا آهن. توهان کي پنج منٽ ٿا ڏيون کيس 15 ڊالر آڻي ڏيو نہ تہ هٿ ڪڙيون ٿا هڻون. ايتري ۾ پوليس وارن جو سپروائيزر بہ اچي پهتو جيڪو اضافي مدد لاءِ پوليسس وارن پويان ايندو آهي. ان اچڻ سان چيو تہ ٽئڪسي ڊرائيور کي پنڌرهن ڊالر نہ ملڻ کپن. هن کي ڪافي دير ترسڻو پيو آهي سو هن کي Waiting جا بہ پئسا ملڻ کپن. پوءِ مون کي 15 بدران 25 ڊالر ڏنا ويا.“

سو انمان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هتي ٽئڪسي ڊرائيور کي اهو ڊپ ناهي، جيڪو اسان جهڙن ملڪن ۾ عام آهي ۽ ٻي ڳالهہ تہ آمريڪا جا رستا بهترين هجڻ ڪري ڊرائيونگ ۾ مزو اچي ٿو.

هتي جي اخبارن ۾ ٽريول ايجنٽن جا بہ ڪيترائي اشتهار اچن ٿا جو تہ آمريڪا جي شهرن ۾ رهندڙ لکين پاڪستاني، بنگلاديشي، انڊين وغيره موڪلن ۾ پنهنجي وطن، مائٽن دوستن سان ملڻ وڃن ٿا، حج، زيارتن ۽ ڌرمي جاين تي وڃن ٿا، ڪيترا هتي جا مقامي گورا انڊيا (خاص ڪري) ۽ نيپال ۽ سري لنڪا ڏي وڃن ٿا. انهن کي سستيون ٽڪيٽون ۽ بهترين Service مهيا ڪرڻ لاءِ اسان جي ديسي ماڻهن جون ڪيتريون ئي ٽريول ايجنسيون آهن.

فوٽو گرافي ۽ وڊيو فلمون پيرڻ جي ڪمپنين جا بہ ڪيترا اشتهار هتي جي اخبارن ۾ نظر اچن ٿا، جيئن تہ :

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

BANDHAN Photo & Video

USA Gamera man.

Humza Video & Photo INC

وغيره وغيره اهڙن اشتهارن سان گڏ اڪثر گهوٽ ڪنوار جي تصوير ڏني وجي ٿي. هتي آمريڪا ۾ جيڪي اسان جي ملڪ جي ماڻهن جون فنڪشنون، برٿ ڊي کان شاديون مراديون ٿين ٿيون، انهن جون هو وڊيو فلمون ڪڍائي يادگار طور پاڻ وٽ ۽ لئه رکڻ لاءِ پنهنجن مائٽن ڏي وطن موڪلين ٿا. ان مان فوٽو گرافرن ۽ انهن جي ڪمپنين جي وڏي ڪمائي ٿئي ٿي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## آمريڪا ۾ جوتشي، جوڳي ۽ جادوگر

جوتشين، جادوگرن، پيرن ۽ جنات جي عالمن جا اشتهار بہ خوب اچن ٿا ۽ تعجب جي ڳالھہ اها آهي تہ ان قسم جي پيرن ۽ جادوگرن جو آمريڪا ۾ تعداد وڌندو ئي رهي ٿو ۽ اهڙن جا اشتهار نہ فقط آمريڪا مان نڪرندڙ اڙدو، گجراتي ۽ انگريزي اخبارن ۾ اچن ٿا پر هتان هلندڙ Zee & Sony جهڙن ٽي وي چئنلن تان پڻ ڏيکاريا وڃن ٿا ڏيکاريا وڃن ٿا ۽ اهي پنهنجو پاڻ کي Claim ڪندڙ عالم، پير، جادوگر ۽ سائين بابا هر قسم جي پريشاني دور ڪرڻ جي گئرنٽي ڏين ٿا. انهن اشتهارن سان گڏ تلڪ لڳل "پنڊتن" يا وڏي ڏاڙهي وارن "پير بابن" جا فوٽا هوندا آهن. هتي جي ٽي وي تي هن قسم جي پير بابن، سائين بابن ۽ اجميري پيرن بابت اشتهار هلڻ مهل هڪ بہ مرد يا عورتون Testimony طور ٻڌائيندي ڏيکاريندا ويندا آهن تہ "اسان کي هي يا هي مشڪل هو پوءِ اجميري بابا وٽ هليا وياسين ۽ هن اسان جي دل جي مراد پوري ڪري خوشين سان مالا مال ڪري ڇڏيو" چا تہ جهالت يا شرڪ جي حد آهي! سا بہ آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ جتي تعليم ۽ ميڊيڪل سائنس عام آهي، پر افسوس جو جن پوت جو اثر غائب ڪرڻ لاءِ ڪچو ايمان رکندڙ ماڻهو هنن پيرن ۽ پنڊتن وٽ ٿا وڃن، پٽ نہ ڄمڻ تي زالون هنن ڊگهين ڏاڙهين وارن "ڪرامتي بابائن" وٽ ٿا وڃن. بقول اسان جي ڳوٺ جي ڊاڪٽر الطاف ميمڻ جي، جيڪو نيو يارڪ جي هڪ يونيورسٽيءَ جو ڊين آهي، آمريڪا تمام وڏو ملڪ آهي، ان ۾ رهندڙ اسان جي ڪروڙ ها ايشيائي ماڻهن ۽ مڪاني انگريز گورن ۾ جيڪڏهن هڪ سيڪڙو تہ ڇا ڏهائي هڪ سيڪڙو بہ مت جا موڙهيل ماڻهو آهن تہ بہ انهن جو تعداد لکن ۾ ٿيو وڃي ۽ هھڙا پير پنڊت آمريڪا جهڙي امير ملڪ ۾ ڪڏهن بہ بک نہ مرندا.

هڪ اڌ صفحي جو اشتهار اخبار ۾ ڏسي رهيو آهيان، جنهن ۾ مٿان ئي وڏن اکرن ۾ لکيل آهي تہ ڏھہ هزار ڊالر (يعني ڇھہ لک رپين) جو روڪڙو انعام!

اهو انعام ان شخص لاءِ آهي، جيڪو مشهور جوتشي ماسٽر امر جي ڪم کي ڪوڙو ثابت ڪري ڏيکاريندو. هي جوتشي جيڪو نيو يارڪ شهر جي 198 Foot Hill Ave تي رهي ٿو توهان جا هيٺيان مسئلا حل ڪري سگهي ٿو:

ٻار نہ ٿيڻ، قرض، شاديءَ ۾ رڪاوٽ، مالي نقصان، هر هر نوڪريءَ مان ڇٽجڻ، عشق ۽ محبت جا مسئلا، دشمن جي ڪيل جادوءَ لاءِ ڦيٽو خوف ۽ مونجهہ. وغيره.

”جيڪڏهن توهان جو مقدمو ڪورٽ ۾ هلي رهيو آهي ۽ توهان ان جو فيصلو وقت کان اڳ معلوم ڪرڻ چاهيو ٿا تہ بہ هن جوتشيءَ ماسٽر امر سان رجوع ٿيو“ ان اشتهار ۾ ڏنل آهي.

جيڪڏهن ڪنهن بہ ڊاڪٽر يا دوا مان فائدو نٿو ٿئي تہ بہ هن جوتشيءَ سان رجوع ٿيو.... وغيره وغيره. هاڻ سائين ڏيو منهن! ڇا آمريڪا جيڪو چنڊ ستارن ڏي راڪيٽ پيو موڪلي، ڇا ٽوٽڻ، ڦيٽڻ ۽ ڌاڳا وٽي ڏيڻ وارن جوتشين جي عياشي! اڄ جي انٽرنيٽ جي دور ۾ تہ سنڌ جي ڏورانهن ڳوٺن: ڪڏڙو ۽ ڳوٺ مولوي حضور بخش گشڪوري جا ماڻهو بہ هوشيار ٿي ويا آهن؟

جادوئي پيرن فقيرن ۽ ٻاون پنڊتن کان علاوه اسان جي ديسي هٿ ٺوڪين روحاني حڪيمن ۽ خانداني طبيبن جي اشتهارن سان بہ هتي جون اخبارون ڀريون پيون آهن. لڳي ٿو تہ هاڻ مريض وڃي آمريڪا ۾ بچيا آهن جو اهي سڀ حڪيم طبيب پنهنجي اباڻي وطن جا شهر دهلي، لکنو اجمير، ڪلڪتو سکر، ملتان ۽ حيدرآباد ڇڏي هتان نيو يارڪ، نيو اورلينس، فلڊ لفيا، بوسٽن، لاس اينجلس، شڪاگو ۽ انا پولس کان نڪتا آهن. يا ننڍي ڪنڊ کان هيڏانهن آمريڪا آيل سڀ ذهني ۽ جنسي بيمارين جا مريض هئا، جن کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ وڏين مڇين وارو ڊاڪٽر رائو اچي نڪتو آهي، جيڪو پنهنجي اشتهار ۾ اها دعويٰ ڪري ٿو تہ هن جي چاليهہ نسلن کان حڪمت تي دسترس آهي. هن پنهنجي اشتهار ۾ اهو بہ لکيو آهي تہ هن وٽ جنسي مسئلن جو شرطيہ علاج آهي ۽ هن وٽ چاليهہ هزار کان وڌيڪ جڙي ٻوٽين جا نسخا آهن.

هڪ ٻيو چوٿي صفحي کن جو اشتهار انصار الرحمان جو ايندو رهي ٿو جيڪو پاڻ کي پاڪستان، آمريڪا ۽ ڪئناڊا جو روحاني معالج ٿو سڏائي، اشتهار ۾ ڏنل آهي تہ سيني بيمارين جي روحاني علاج لاءِ انصار الرحمان توهان وٽ نيو يارڪ، مشي گن ۽ ڪئليفورنيا ۾ اچي رهيو آهي. جيڪڏهن ملاقات ڪرڻي اٿانوَ تہ هينئر ئي سندس موبائيل فون 3053-231-713 ملايو ۽ ملاقات لاءِ اڳواٽ وقت وٺو.

اڄ ڪلهہ هتي جي اخبارن ۾ سني حسين پنهور ۽ فرحان شفيق طرفان ”پيپلز پارٽي USA“ جو بہ اشتهار اچي رهيو آهي، جنهن ۾ مٿان ڪنڊن تي بينظير ۽ ڀٽو صاحب جو فوٽو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آهي ۽ وچ تي گروپ فوٽو ۾ بينظير سان گڏ فرحان شفيق، سجاد جاڪراٽي، اڪرام الله ڏاريجو سني حسين ۽ عدنان شفيق ان سان گڏ پيپلس پارٽي آمريڪا جي عهديدارن جا نالا آهن.

ڊاڪٽر ايم حسن صدر

اڪرام الله ڏاريجو- سينئر نائب صدر

چوڌري اعجاز فرخ، سينئر نائب صدر

راشد غزنوي — نائب صدر

ڪي بي پيٽو — صدر CA

نظير پرڳڙي- نائب صدر ڪئليفورنيا وغيره

سندن آفيس جي ائڊريس ڏنل آهي:

712 Lassen Drive, Corona, California 92879 USA.

فون نمبر 4870-279-951 ۽ فيڪس 9119-279-915

ويب سائيٽ آهي: www.pppusa.org

اي آر واءِ ARY DIGITAL ۽ نيو جرسي جي پاڪستاني آمريڪن ائسوسيئيشن طرفان "ڌوم مچا دو" نالي نيو جرسي ۾ پاڪستاني ميلو ٿي رهيو آهي. اڄ ڪلهه اخبارن ۾ ان جو بہ اشتهار اچي رهيو آهي ۽ اهڙا رنگين اشتهار پاڪستاني دڪانن، هوٽلن ويندي مسجدن ۾ بہ اچن ٿا. هن ميلي ۾ عمر شريف، ابرارالحق، رحيم شاهہ، پريا، ريجا ۽ ابير بہ ايندي جن جون تصويرون پڻ ڏنل آهن. هن قسم جا ميلا، آمريڪا ۾ رهندڙ انڊين ڪميونٽي بہ لڳائيندي رهي ٿي ۽ هنن جي فلمي دنيا جا ائڪٽر پڻ اٽينڊ ڪن ٿا. هاڻ اسان جي ملڪ جي ماڻهن کي پاڪستاني ميلو هٽڻ جو شوق ٿيو آهي. شل ان ئي ڏينهن تي هتي جي انڊيا جي رهاڪن جو ڪو فنڪشن، ميلو يا ڳائڻ جو پروگرام نہ هجي نہ تہ اسان جا پاڪستاني سڀ اتي پهچي ويندا ۽ عمر شريف وارا پاڻ کي ئي ڏسندا رهندا.

آمريڪا مان نڪرندڙ ۽ مفت ورهايون ويندڙ اخبارن ۾ هڪ پاڪستان پوسٽ نالي پڻ هفتيوار اردو اخبار آهي. 15 صفحن جي هيءَ اخبار ۽ ان سان گڏ 36 صفحن جي مئگزين ڪئناڊا جي ٽورنٽو ۽ مانٽريل ۽ آمريڪا جي ڪيترن ئي شهرن مان هڪ ئي وقت نڪري ٿي سندس انتظاميا آفيس نيويارڪ جي علائقي جمائڪا ۽ بروڪلن ۾ آهي، خط وڪتابت

لاءِ اي ميل ائڊريس pakpost786@aol.com ۽ ويب سائيٽ www.pakistanpost.net آهي. هن اخبار جو چيف ايڊيٽر محمد آفاق خيالي، ايڊيٽر ايم آر فروخ ۽ سٽي ايڊيٽر سائره امين آهي.

پاڪستان پوسٽ جي ادارتي صفحي جا ڪجهه مستقل ڪالم نويس آهن: لاهور جو نذير ناجي(سويري سويري)، واشنگٽن جو منظور اعجاز (نئي زاويي)، اسلام آباد جو جاويد چوڌري، ميساچوسٽس جو انوار سيد، خليل احمد نيني تال، نيو جرسي جو احمد وقاص ۽ رياض صاحب وغيره ان کان علاوه ٻيا ڪجهه ليکڪ جن جا ڪالم هن اخبار ۾ اچن ٿا. اهي آهن ڊاڪٽر ظفر اقبال نوري (سوئي منزل)،اوٽاوا ڪئناڊا جي عبدالحميد باشاني خان جو ڪالم ”بي بسي“ فلڊلفيا جي مولوي ڊاڪٽر سخاوت حسين سندرالوي (حڪم ازان) وغيره.

اڙدو جي هڪ ٻي اخبار ”پاڪستان ايڪسپريس“ آمريڪا جي ڪيترن ئي شهرن مان هڪ ئي وقت خميس جي ڏينهن نڪري ٿي، سندس قيمت جيتوڻيڪ هڪ ڊالر لکيل آهي، پر جتي ڪٿي مفت ڏني وڃي ٿي. اخبار جي مرڪزي آفيس نيو يارڪ ۾ آهي. 35, 73rd street, Jackson heights, NY 11372, USA فون نمبر : 718_505_2418 ۽ فئڪس نمبر 2613_ 718_335 هن اخبار جو چيف ايڊيٽر ظفر قريشي آهي ۽ مئنيجنگ ايڊيٽر شاهد ڪمال خان آهي. اخبار جي اي ميل ائڊريس آهي zaamil2@aol.com . هن اخبار جا مستقل ڪالم نويس ڪجهه هي آهن: تابش خانزادو (زندگي اي زندگي)، ڊاڪٽر اعجاز راهي (ويو پوائنٽ)، نير زيدي (اندرون خانہ)، مجيب خان (گردش عالم)، محمد سليمان ڪوڪر (سياستين ڪيا ڪيا)، زاهده حنا (لوڪرلوبات)، نگهت پروين (معذرت ڪي ساٿ)، ناصر خان ناصر (آئينہ ذرا ديک).

صدائي پاڪستان پڻ هفتيوار اڙدو اخبار آهي، جيڪا هڪ ئي وقت اسلام آباد، نيو يارڪ، واشنگٽن، شڪاگو ميامي ۽ هيوسٽن مان نڪري ٿي. آمريڪا ۾ سندس قيمت ٽي ڊالر (يعني 180 رپيا) آهي پر مفت ۾ ئي ورهائي وڃي ٿي. اخبار جا مالڪ اخبار جو خرچ اشتهارن مان ڪيڍي وٺندا هوندا. هن اخبار کي اشتهار بہ جام آهن تہ ڪالم لکڻ وارا بہ جام آهن. آمريڪا ۾ سندس انتظاميا آفيس نيويارڪ ۾ آهي.
P.O Box 300 – 749 Brooklyn, NY 11230 USA. سندس اي ميل ائڊريس sadaepakistan@aol.com آهي ۽ ويب سائيٽ اٿس:

www.sadaepakistan.net

صدائي پاڪستان اخبار جو پبلشر احسان چغتائي آهي. ايڊيٽر فرحت آفريدي. اخبار جا ڪجهه ڪالم نويس هن ريت آهن: نيويارڪ جو اخلاق احمد خان، راجه انور (بازگشت)، هيومن رائيٽس ايڪٽويسٽ طارق صديقي، حماد خان (تحرير و انتخاب)، شاهه عالم صديقي (باتين شاهه جي ڪي)، شفيق لغاري (اظهار خيال)، ڪلديپ نير (پارٽ سي)، فاروق قيصر (سرگم ڪالم) نيويارڪ جو واحد پٽني (ضرب واحدي) وغيره وغيره.

نيو يارڪ مان هڪ ٻي ننڍڙي ٻارهن صفحن جي هفتيوار اخبار ”آزاد“ نالي نڪري ٿي، جيڪا نيو يارڪ رياست جي شهرن کان علاوه نيو جرسي، ڊيلا ويئر، پينن سلوانيا ۽ ڪنيڪٽي ڪٽ رياستن جي شهرن ۾ عام نظر اچي ٿي. اخبار جو چيف ايڊيٽر سعود علي صديقي ۽ ايڊيٽر ولي رضوي آهي. اخبار جي اي ميل ائڊريس azadnewspaper@aol. ۽ هن ويب سائيٽ تي پڙهي سگهجي ٿي: www.azadnewspaper.com اخبار ۾ ايترا اشتهار نه آهن. شايد ان ڪري هيءَ ٻين اخبارن جي مقابلي ۾ گهٽ صفحن واري آهي. ڪالم لکڻ وارن ۾ عامر هاشم خاڪواني، محمد جميل، لطافت مفتي، عباس حيدر ڪاظمي آهن.

آمريڪا مان نڪرندڙ ويهن صفحن جي هڪ ٻي هفتيوار اردو اخبار ”پاڪستان نيوز“ آهي، جنهن جي اي ميل ائڊريس آهي: newspakistan@aol.com ۽ ويب سائيٽ zshopnet.com آهي. هن اخبار جا مشهور ڪالم نويس هن ريت آهن: جاويد چوڌري، شڪاگو جو افتخار نسيم محمد حسين، واشنگٽن جو سيد ( هيوسٽن نامه)، نيويارڪ جا سيد افضال محسن، سردار محمد نصرالله، اسرار احمد ڪسانا، مجيب لوڌي ۽ جهانگير خٽڪ. نيو جرسي جو سليم صديقي، وغيره. اخبار جو صدر ۽ پبلشر مجيب ايس لوڌي آهي ۽ ايڊيٽر خرم لوڌي

آمريڪا جي هڪ ٻي هفتيوار اردو اخبار ”نيويارڪ عوام“ آهي، جيڪا نيويارڪ کان علاوه نيو جرسي، شڪاگو ۽ واشنگٽن مان نڪري ٿي. سندس پبلشر ۽ چيف ايڊيٽر ايڇ منهاس آهي ۽ ايڊيٽر ڊاڪٽر ايم شفيق آهي. سندس انتظامي آفيس نيو يارڪ ۾ آهي. 337_ Broadway, suite # OSC, 3rd flr, Newyork, NY 10013 فون نمبر 212_219_1331 ۽ فئڪس نمبر 212_219_1335 آهي ۽ اي ميل ائڊريس آهي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

nypawam@aol.com سندس مستقل لکڻ وارا آهن: واشنگٽن ڊي سي وارو الطاف پيرزادو (واشنگٽن ڪي فضائون سي)، بوسٽن جو عتيق صديقي (اظهار خيال)، نيويارڪ جو جاويد عنايت (نيويارڪ سي)، سلمان ظفر (يہ هي صورتحال)، ڊاڪٽر شفيق (آج ڪي بات)، محمد ارشاد خان ۽ واصف حسين واصف وغيره

هڪ ٻي هفتيوار اردو اخبار جيڪا احمدي جماعت وارا ڪڍن ٿا، ”الفضل“ آهي، جنهن جو ايڊيٽر نصير احمد قمر آهي. هيءَ اخبار لنڊن مان شايع ڪري UK ۽ ڪئناڊا ۽ USA جي شهرن ۾ ورهائي وڃي ٿي ۽ ائڊريس آهي: 16 Gressenhall Rd, London sw185QL, UK فون نمبر 020_8544_7603 ۽ فيڪس آهي: 020_8544_7611

”الفضل“ اخبار جي اي ميل ائڊريس آهي: alfazlint@alislam.org هن اخبار سان گڏ چئن صفحن جي ”اخبار احمديہ“ بہ مفت ورهائي وڃي ٿي، جيڪا جرمني مان نڪري ٿي ۽ جماعت احمديہ جرمني جو ترجمان سڏجي ٿي. اخبار جو ايڊيٽر نعيم احمد نير آهي. ائڊريس هن ريت آهي:

National Shoba Tasneef, Almadiyya Muslim Jamaat, Genfer Strll, 60437 frankfurt_ Germany. اِي ميل ائڊريس akhbar3@yahoo.com هنن اخبارن ۾ اشتهار نہ برابر آهن. گهڻيون ڳالهيون احمدي جماعت سان واسطو رکندڙ آهن.

# سائين عبدالفتاح ميمڻ جي

# فئملي ۽ انور ميمڻ

ان ڏينهن نيويارڪ جي ففٿ ايونيو تي پنهنجي پيتارو جي ڪلاس ميٽ انور ميمڻ سان چڪر هڻي رهيو هوس. انور ٽورنٽو کان پنهنجي زال (پاڃائي نجمہ) سان گڏ واشنگٽن آيو هو. جتي نجمہ پنهنجي پاءُ علي نواز وٽ ترسي پيئي ۽ انور نيو جرسيءَ مان مون کي ڪٽي نيو يارڪ پهتو. انور ميمڻ جي گهر واري نجما اسان ٻنهي جي هڪ ٻئي ڪلاس ميٽ مرحوم علي رضا ميمڻ جي ڀيڻ ۽ لاڙڪاڻي واري مرحوم عبدالفتاح ميمڻ جي ڌيءَ آهي، جيڪو 1962ع کان 1966ع تائين سعودي عرب جو سفير تي رهيو.

سائين عبدالفتاح ميمڻ صاحب پروفيشن جي لحاظ کان لاڙڪاڻي جو مشهور وڪيل هو ڪين سياست جو بہ شوق هو ۽ 1952ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر بہ چونڊيو هو. پاڻ لاڙڪاڻي ضلعي جي ڪاليجي تعليم جو باني پڻ هو ۽ لاڙڪاڻو آرٽس ڪاليج، لاڙڪاڻو ڪامرس ڪاليج ۽ لاڙڪاڻو LAW ڪاليج ان سلسلي جون ڀريون ڪڙيون هيون. ڪين اٺ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ نجما تي. وڏو پٽ غلام علي ENT سرجن آهي ۽ ٻئي نمبر تي علي نواز ميمڻ آهي، جيڪو هتي واشنگٽن ۾ رهي ٿو ۽ گذريل 35 سالن کان ورلڊ بئنڪ ۽ بين بين الاقوامي ادارن سان لاڳاپيل آهي. پاڻ سوماليا (آفريڪا) ۾ ورلڊ بئنڪ جو مڪاني نمائندو Resident Representative ۽ پاڪستان ۾ نئشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽيءَ جو چيئرمين ٿيڻ کان علاوه ايشيا، آفريڪا ۽ مڊل ايسٽ جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ بين الاقوامي ترقياتي ادارن ۾ نوڪري ڪئي. پاڻ 1943ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڄائو ۽ بنيادي تعليم شڪارپور جي ميمڻ محلا پرائمري اسڪول، داري محلا ايليمينٽري اسڪول لاڙڪاڻي ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان حاصل ڪرڻ بعد گريجوئيشن ڊي جي سائنس ڪاليج ڪراچيءَ مان ڪئي. ان بعد علي نواز آمريڪا جي اوريگون يونيورسٽيءَ مان MBA ڪئي ۽ الينوس يونيورسٽيءَ مان اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ ڊگري حاصل ڪئي. پاڻ ڪيترن ئي اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون ۽ ڪالم لکندو رهي ٿو. سندس ڇپيل بہ ڪتاب ڏيهہ پرڏيهہ ۾ بيحد مشهور آهن. جيڪي مڊل ايسٽ ۽ پاڪستان جي مسئلن جي روشنيءَ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

۾ لکيل آهن. سندن نالا هن ريت آهن.

1. Islamic Nation

(Status and Future of Muslims in the new world order)

2. Pakistan_ Islamic Nation in Crisis.

علي نواز جا مٿيان ڪتاب 1995ع ۽ 1997ع ۾ ڇپيا هئا.

لاڙڪاڻي جي مشهور وڪيل ۽ سفير مرحوم عبدالفتاح ميمڻ صاحب جي ٽن پٽن (غلام علي ۽ علي نواز) بعد ٽئي نمبر تي اسان جو ڪلاس ميٽ مرحوم علي رضا ميمڻ آهي. علي رضا پيٽارو ڪئڊٽ ڪاليج ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان تعليم مڪمل ڪرڻ بعد ننڍي عمر ۾ اسان کان جدا ٿي ويو. ان بعد سندس اٺن ڀائرن ۾ اڪيلي ڀيڻ نجما ۽ پوءِ سڪندر آهي، جيڪو پڻ ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو مان پڙهيو ۽ جنهن جو احوال شروع ۾ حميد انور واري قصي ۾ اچي چڪو آهي ته ڪيئن حميد انور ۽ انور ميمڻ هن سان پريپ ٽائيم ۾ ملڻ ويا ته ڪاليج جي انگريز پرنسپال کين ڌڙڪو ڏيئي ڪاليج مان ڀڄائي ڪڍيو. سڪندر ميمڻ ڪافي عرصي کان مصر ۾ پنهنجي عرب زال سلوا سان گڏ رهي ٿو. ڪيس آٿم نالي هڪ پٽ آهي. سڪندر ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو مان پڙهڻ بعد ڪيميڪل انجنيئرنگ ۾ ڊگري حاصل ڪئي ۽ پنهنجي پروفيشن سان گڏ گڏ پرائيويٽ بزنيس به ڪري ٿو. سڪندر بعد پنجين ڀاءُ شفقت ۽ ستين ڀاءُ شاهين جو واسطو بئنڪنگ سان آهي ۽ ڇهون ڀاءُ محمد علي آرمي ۾ ميجر آهي ۽ آخري ننڍو ڀاءُ جمال ناصر ڊاڪٽر آهي ۽ اسلام آباد ۾ چمڙيءَ (Skin) جي بيمارين جو ماهر آهي. اسان پارڪ ايونيو کان 63 نمبر اپرنڊي واري گهٽي ڏيئي نيويارڪ جي مشهور شاهراهه ففٿ ايونيو تي اچي هيٺ ڏکڻ طرف هلڻ لڳاسين. اسان جي ساڄي پاسي دنيا جي وڏن پارڪن مان هڪ ”سينٽرل پارڪ“ هو. نيون پراڻيون ڳالهيون ڪندا، ڳالهه ۾ ليپي ڪجهه نه ته به ٻتا ٻتا ٿهڪ ڏيندا، پاسي کان لنگهندڙن تي اجائي سجائي ٽيڪا ٽپڻي ڪندا 57، 56، 55، 54، 53، 52 هين گهٽي اڪري اچي ايڪونجاهينءَ تائين پهتاسين. جتان راڪ فيلر پلازا شروع ٿو ٿئي ته انيتاليهين گهٽيءَ تائين وڃبو نڪري. پنجاهين گهٽي وٽ بينل آئس ڪريم واري کان وڏو شاهي آئيس ڪريم ڪون وٺي اتي ئي بيٺي بيٺي کاڌوسين، هڪ چٽ ڪري پورو ڪيوسين ته انور چيو:

”يار آئون ته هڪ بيو به کائيندس. تون به کاءُ“

”نہ بس هڪ ڪافي آهي.“ مون چيو مانس.

”چو؟ ڪهڙو اعتراض آهي؟ پئسا تہ آئون ٿو ڏيان.“

انور اهڙي اسٽائيل ۾ چيو جو نندپڻ جا ڪاليج وارا ڏينهن ياد اچي ويا. جڏهن رسيس ۾ آئون، انور، اظهر عباسي( قاضي عابد صاحب جو پٽ)، رفيع ڪاچيلو ۽ شوڪت جماڻيءَ جو ٽولو ڪئنٽين پهچي ويندو هو ۽ روز ان ڳالهہ تي ڦڏو ٿيندو هو تہ پيٽيز يا سموسن جا پئسا ڪير ڀريندو. ان ڏينهن نيويارڪ جي ان ففٿ ايونيو تي اسان کي سچ پچ ائين لڳي رهيو هو ڄڻ نائين يا ڏهين ڪلاس جا شاگرد هجون. اهو هرگز نٿي محسوس ٿيو تہ ٻاهٺ ٽيهٺ سالن جا ڪي پوڙها آهيون تڏهن تہ ڪلو سٽرول ۽ شگر ليول هاءِ هجڻ جي باوجود آئيس ڪريم کائي رهيا هئاسين.

انور جيسين آئيس ڪريم جو جمبو ڪون آهستي آهستي ڪري ڳرڪائي، تيسين مون corn واري کي بيهاري هن کي سڀ ڪان وڏو سنگ ڏيڻ لاءِ چيو.

”مون سمجهيو منهنجو ڊالر بچيو. هيءَ تہ تو مون کي ٻيڻ نقصان ۾ وڌي.“ انور چيو.

”اهو ڪيئن؟“ مون پڇيو.

”ان ڪان تہ ڀيو آئيس ڪريم ڪون کائين ها تہ مون کي ان جو هڪ ڊالر ڏيڻو پوي ها. مڪئي جو سنگ، خاص ڪري هن هنڌ تي تہ ٻن ڊالرن جو آهي.“ انور چيو.

”چڱو پلا سنگ جا پئسا آئون ٿو ڏيان.“ مون کلندي پنئين کيسي مان ٻٽون ڪيڻ لاءِ هٿ وڌو.

”نہ ادا مهرباني.“ انور پنهنجي چرچائي نموني سان هٿ ٻڌي مون کي پئسن ڏيڻ کان جهليو. ”بهتر آهي تہ ٻہ ڊالر بہ آئون ڏيان نہ تہ پنهنجي سفر نامي ۾ خوار ڪري مارينديں تہ چاليهہ سالن کان پوءِ پراڻو دوست مليو. تنهن مون کي ٻن روپين جو سنگ بہ نہ کارايو. هاڻ ويچارن پڙهندڙن کي ڪهڙي خبر تہ اهو سنگ خيرپور ناٿن شاهہ ڳوٺ ۾ نہ پر ”مئن هٽن“ جي امير ترين علائقي ففٿ ايونيو ۾ مون کي کارائڻو پيو پوي.“

”ادا جيڪي وڻنئي اهو پيو چئہ.“ آئون سنگ وٺي روڊ جي پاسي کان هڪ ٿلهہ تي ويهي مزي سان کائڻ لڳس. چا ڳالهہ ڪجي هن پاسي جي سنگن جي! اسان جي پاسي جا هڏن جهڙا بي سوادي سنگ کائڻ مهل جهنگلي سوئر بہ منهن کي موڙو ڏيئي مجبوريءَ ۾ کائين ٿا.

انور ميمڻ سان منهنجي ملاقات 1963ع ۾ ڪئڊٽ ڪاليج ڇڏڻ بعد هاڻ چاليهہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پنجيتاليهہ سالن بعد هتي آمريڪا ۾ ٿي آهي. انور پيٽارو جي انهن شاگردن مان آهي، جنهن جا ان وقت جا چرچا ۽ کل ڀوڳ جون ڳالهيون اڄ بہ سدا حيات آهن. جڏهن بہ ۽ جتي بہ پراڻن دوستن جي گڏجاڻي ٿيندي آهي تہ انور جي ڪا نہ ڪا ڳالهہ ياد ڪري کلندا آهيون. صحت مند ۽ راندين ۾ هوشيار هجڻ کان علاوه انور ننڍي هوندي شرارتي بہ ڏاڍو هو ۽ هو سزا خوشيءَ سان قبول ڪندو هو ۽ هن جون اهي شرارتون ڪنهن کي تنگ ڪرڻ يا رنجائڻ بدران پنهنجي ڪلاس ميٽ ساٿين کي کلائڻ جي مقصد سان هونديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن تہ ائين ٿيندو هو جو انور کي روزانو سزا خاطر ايڪسٽرا ڊرل ڪرڻي پوندي هئي. نوٽس بورڊ تي بئي ڪنهن جو نالو هجي يا نہ هجي پر انور جو ضرور هوندو هو. انور جي اها ڳالهہ ياد ڪري اسين پراڻا ڪلاس ميٽ کلندا آهيون تہ هڪ ڏينهن لنچ بعد دستور موجب جڏهن انور سزا ڪائڻ خاطر پريڊ گرائونڊ تي پهتو تہ ايڪسٽرا ڊرل ڪرائڻ واري حوالدار چيس تہ ”ڪئڊٽ انور تنهنجو اڄ سزا لاءِ نوٽس بورڊ تي نالو تہ نہ هو.“ اهو ٻڌي هو موٽي آيو. اسان چيس نوٽس بورڊ تي سزا وارن جي لسٽ نہ پڙهي هئي ڇا؟“ جواب ۾ معصوم شڪل ٺاهي وراڻيائين تہ نوٽس بورڊ ڏي اهي وڃن جن کي ڪڏهن ڪڏهن سزا ٿي ملي. مون کي اڄ الائي ڇو نہ ملي آهي نہ تہ روزانو آهي ئي آهي.

انور ميمڻ مهراڻ يونيورسٽيءَ مان 1968ع ۾ انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪرڻ بعد هيڏانهن ڪئناڊا هليو آيو ۽ ان وقت کان هتي ئي رهي ٿو ۽ هتي ئي نانو ڏاڏو ٿي ويو آهي.

انور کي بہ ٻار آهن. وڏو پٽ دانش آهي، جنهن جي شادي ياسمين سان ٿي آهي، جنهن مان هن کي چار ٻار اوساما، مريم، صوفيا ۽ آمنا آهن. انور جو ٻيو ٻار ڌيءَ مشعال آهي. مشعال وئنڪيوئر جي يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪري رهي آهي ۽ ايندڙ مهيني تعليم مڪمل ڪندي. انور ۽ سندس زال نجما گڏجي ”انور نجما“ نالي ٽرسٽ (خيراتي ادارو) ٺاهيو آهي، جنهن جي معرفت هو غريب ۽ ضرورتمند ٻارن لاءِ نہ فقط سنڌ ۾ پر آفريڪا ۽ ايشيا جي ملڪن ۾ تعليم جو بندوبست ڪري رهيا آهن. سندن اهو چوڻ آهي تہ اسان جي معاشري جي خرابي ۽ پٺتي پوڻ جو وڏو سبب تعليم جي کوٽ آهي، جنهن لاءِ اسان کي فقط حڪومت تي ڀاڙڻ بدران پاڻ بہ مدد ڪرڻ کپي. علم پرائڻ ۽ علم کي عام ڪرڻ نہ فقط انور جي والد صاحب فقير محمد (چاچا بسوءَ) جي زندگيءَ جو مقصد هوندو هو پر نجما جي والد صاحب عبدالفتاح ميمڻ جو پڻ، جنهن بابت شروع ۾ لکي چڪو آهيان تہ لاڙڪاڻي ۾ هن تعليمي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪاليجن جو بنياد وڌو. سنگ ڪائي بس ڪيم تہ انور هلڻ لاءِ چيو.

”ڪيڏانهن“ مون پڇيو.

”واڪ ڪيون نہ. هھڙي سٺي جھڙالي موسم آهي، هھڙو ويڪرو فٽ پاٿ. ميل اڌ پيو بہ تہ پنڌ ڪيون.“ انور چيو

”چو پلا_؟“ مون پڇيو. منهنجي ان سوال تي انور وڏڙن وانگر مون کي سمجھائڻ لڳو:

”واڪ هر انسان لاءِ سٺي شئيءَ آهي، واڪ سان صحت سٺي تي رهي. چربي ڳري ٿي، واڪ تي ڪئلوريز سڙن ٿيون. نيرن تي جيڪو بيضو ۽ پٽاٽا کاڌا اٿئون آخر ان کي ساڙڻ لاءِ گھٽ ۾ گھٽ ہہ ميل تہ واڪ ڪجي.......

”آئون سندس چهري ڏي گھوريندو رهيس. آخر سندس ليڪچر کي اڌ ۾ ڪٽي چيو مانس:

”اهڙي واڪ کان تہ گھر ۾ ويهي ڪچهري ڪريون ها. جيڪي ڪئلوريز واڪ ذريعي ساڙڻ نڪتا آهيون، ان کان بيٺيون ٽيٽيون آئيس ڪريم کائي وڏيڪ حاصل ڪيون اٿئون.“

”چڱو پلا ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ تائين هلون ٿا.“ انور چيو

”خدا جا بندا اها تہ ٽيٽيهين گھٽيءَ تي آهي. ايستائين ڪير هلندو “ مون احتجاج ڪيو ”وڌ ۾ وڌ ٻائيتاليهين گھٽيءَ تائين هلون ٿا جتي پبلڪ لئبرري آهي.“

”چئبو تہ پيٽارو کان وٺي جيڪا پي تي پريڊ ۽ راندين کان گھوبي هوندي هئي، سا اجا قائم اٿئي،“ انور چيو“ بابا هيءَ سڙڪ (ففٿ ايونيو) اها آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ ماڻهو هلي ملي نيو يارڪ ايندا آهن.“

مون ٺهڪ ڏيندي انور جي ڳالھ کي ساراهيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## ائسٽر هوٽل ۽ نيويارڪ ۾ رهندڙ سنڌي

ففٿ ايوينيو مئن هٽن (نيو يارڪ) جي واقعي اهم رستن مان هڪ آهي. اهو شهر جي صدر (وچ واري) علائقي Midtown کان شروع ٿئي ٿو (يعني گرين وچ وليج ۽ Flatiron کان شروع ٿئي ٿو) تہ ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ، نيو يارڪ پبلڪ لئبرري، راڪ فيلر سينٽر کان ٿيندو سڄي سينٽرل پارڪ جي اوپر واري بائونڊري ٺاهيندو مارڪس گاروي پارڪ تائين ۽ اڳتي هارلم هاسپيٽل وٽان ٿيندو ان جي پرسان وهندڙ هارلم نديءَ وٽ وڃيو ٿو دنگ ڪري، جنهن نديءَ جي ٻئي پاسي نيويارڪ جو Bronx علائقو آهي.

ففٿ ايونيو جي جنهن حصي ۾ اسين واڪ ڪري رهيا هئاسين اهو Midtown وارو علائقو هو يعني سينٽرل پارڪ ۽ ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ جي وچ وارو حصو جتي سينٽرل پارڪ جي نظاري ڪري روڊ جي ٻئي پاسي دنيا جي امير ترين ماڻهن جا گهر آهن ۽ جتي پارڪ ٿو ختم ٿئي، يعني 59 گهٽيءَ کان وٺي 34 گهٽيءَ تائين دنيا جي مهنگين ۽ اعليٰ شين جا دڪان آهن، جن جو پٽُ وارن ۽ ڦتن جي حساب سان نہ پر انچن جي حساب سان وڪامي ٿو ۽ ٽوڪيو جي علائقي گنزا جهڙو مهانگو آهي. نيو يارڪ جي ففٿ ايونيو جا هن علائقي وارا دڪان يعني 59 کان 34 گهٽيءَ وارا دڪان لنڊن جي آڪسفورڊ اسٽريٽ ۽ پئرس جي Champs Elysees جو مقابلو ڪن ٿا. سو ظاهر آهي اهڙي علائقي ۾ واڪ ڪندي مون کي ناشڪرو نہ ٿيڻ کپي ۽ پنهنجي ننڍپڻ جي دوست انور ميمڻ جو مون کي ٿورائتو ٿيڻ کپي، جنهن سان هن کان اڳي يعني 1958ع کان 1963ع تائين پيٽارو ۾ پڙهائي وارن ڏينهن ۾ جڏهن موڪلن ۾ سندس گهر کاهي روڊ تي ويندو هوس تہ واپسي تي هو مون کي منهنجي ماسي زبيده (انجنيئر محمد علي ٻگهيو جي گهر واري) جي گهر فقير جي پڙ ۾ هميشہ سوڙهين گهٽين ۽ گاڏن، فقيرن، واٽهڙن سان پريل رستن تان وٺي هلندو هو انهن مان ڪنهن هڪ اڌ هنڌ تي ڪڏهن ڪوبي ۾ پير ضرور ٿاپڙبو هو يا ڪو رول ڪتو Over Flow ٿيندڙ گٽر مان ٻوڙيل پڇ سان ڇنڊا ضرور هڻندو هو. ڪاليج جي انهن ڏينهن ۾ آمريڪا جي مشهور ناول نويس ايڊٿ وارٽن جو هڪ ناول The Age of Innocence جنهن تي هن کي پلٽزر پرائيز بہ مليو هو پڙهندا هئاسين. 1920ع جي لکيل ان ناول ۾ هُن ففٿ ايونيو کي مرڪز

ٻڌايو آهي ۽ 1870ع جي هاءِ ڪلاس رهاڪن جو احوال بيان ڪيو اٿس. مون انور جو ان ناول بابت ڏيان ڇڪايو تہ اج پاڻ ان ففٿ ايونيو تان هلي رهيا آهيون.

انور سامهون ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ ڏي اشارو ڪري چيو ”۽ پاڻ واري“ والڊورف- ائسٽرا“ هوٽل ان هنڌ تي هوندي هئي.“

”پاڻ واري؟!“ مون شڪي مرڪ چپن تي اٽي انور کي ڏٺو. سندس ڳالهہ مون کي سمجهہ ۾ نہ آئي. هن کان اڳ ان قسم جا جملا انور جي واتان مون 1958ع ۾ ٻڌا هئا، جڏهن اسان پيٽارو شفٽ ٿيڻ کان اڳ ميرپور خاص واري ڪئڊٽ ڪاليج ۾ آيا هئاسين ۽ آچر واري ڏينهن پنهنجي انگريز پرنسپال ڪرنل ڪومبس سان گڏ ڪاليج بس ۾ ميرپور خاص کان حيدرآباد مارننگ شو (انگريزي فلم) ڏسڻ لاءِ وڃي رهيا هئاسين. انور ۽ منهنجي جاءِ هڪ ئي سيٽ تي هئي جو منهنجو ڪٽ نمبر 47 هو ۽ انور جو 48 هو. ميرپور خاص کان وٺي ٽنڊو ڄام تائين اسان رستي تان سامهون ايندڙ سواريون نوٽ ڪندا هلياسين تہ هر هڪ جون ڪيتريون بسون، ڪارون ۽ ٻيون سواريون ٿيون. هڪ انور جي تہ ٻي منهنجي نالي تي ٿي.“ اها شيورليٽ ڪار پئي اچي، اها منهنجي ٿي“ انور رڙ ٿي ڪئي،“ هاڻ ڏسون تہ تنهنجي ڀاڱي ۾ ڇا ٿو اچي.“

۽ پوءِ ڪڏهن لاري يا ساڳي ڪار تي آئي تہ ڪڏهن اٺ گاڏي يا ڏڳي گاڏي. ان رستي تي انهن ڏينهن ۾ ڏڳي گاڏيون ئي گهڻيون هونديون هيون. سو خبر ناهي انور هينئر بہ اها پيو راند ڪري ڇا. هيءَ نيو يارڪ پبلڪ لئبرري تنهنجي ۽ راڪ فيلر سينٽر منهنجو. هي سينٽ پيٽرڪ گرجا گهر تنهنجو ۽ ميٽرو پوليٽن آرٽ ميوزم منهنجو. نيو يارڪ اڪيڊمي آف ميڊيسن تنهنجي ۽ مائونٽ سنائي اسپتال منهنجي.....

”چو وسري ويئي چاچي بشير واري والڊورف- ائسٽوريا واري هوٽل..“ انور وري ياد ڏياريو.

”ڪهڙو بشير؟ مون کي تہ ياد بہ نٿو اچي.“ آخر مون رڙ ڪئي.

ان بشير جي ڳالهہ ڪرڻ کان اڳ هتي بہ چار سٽون هن شهر (نيو يارڪ) جي هن جڳ مشهور هوٽل والڊورف ائسٽوريا (Waldorf_ Astoria) بابت لکڻ ضروري سمجهان ٿو. جنهن بابت ڪاليج وارن ڏينهن ۾ تہ فقط ايترو معلوم هو تہ هن هوٽل ۾ دنيا جا اهم ۽ امير ترين ماڻهو رهن ٿا پر پوءِ ڪجهہ هِتان هُتان پڙهڻ سان ۽ ڪجهہ جهڏي جي مرحوم مير مبارڪ ٽالپر ۽ ٽنڊو قيصر جي نور احمد نظاماڻيءَ سان نيو يارڪ جي پارڪ ايونيو تان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ايندي ويندي معلوم ٿيو. مٿيان همراهه سٺ واري ڏهي جي شروعاتي سالن کان هتي نيو يارڪ ۾ اچي رهيا ۽ 1968ع کان جڏهن جهاز وٽي منهنجو نيويارڪ اچڻ ٿيو ته هنن سان ملاقاتيون ٿيون. نور احمد نظاماڻي ڪاليج جي ڏينهن ۾ انور ۽ مون کان هڪ سال سينئر هو ۽ 1962ع ۾ انٽر ڪرڻ بعد هيڏانهن (نيو يارڪ) هليو آيو. انهن ڏينهن ۾ هو سينٽرل پارڪ جي ڪاٻي (اولهه) پاسي سينٽ مائيڪل چرچ وٽ 101 نمبر گهٽيءَ ۾ رهندا هئا. ٿورو اڳيان براڊ وي تي حيدرآباد جي عبدالرزاق شيخ وارن جو شاليمار نالي دڪان هو جنهن تي مير مبارڪ ٽالپر ۽ پوءِ 1969ع ڌاري حيدرآباد کان آيل سليم شاهه ۽ سندس زال پروين شاهه به ان دڪان تي ڪم ڪندي هئي. پرسان نئين نئين ڪولمبيا يونيورسٽي کلي هئي، جنهن جي ڪري شيخن جو شالامار دڪان سٺو هلڻ لڳو جنهن تي يونيورسٽي جي نوجوان ڇوڪرن ڇوڪرين لاءِ پاڪستاني ويس وڳا ۽ ڳهه وڪري لاءِ هوندا هئا. عبدالرزاق جي پاءُ عبدالقيوم ۽ سندس پين مائٽن سان به ملاقات ٿيندي هئي. اڄ ڪلهه پڌو اٿم ته هنن جو دڪان اٿيڪا ۾ آهي ۽ ڪارنيل يونيورسٽيءَ (جتان منهنجي والد گل محمد شيخ ائگريڪلچر سائنس ۾ ماسٽرس ڊگري حاصل ڪئي) جي پرسان ٽريومن برگ ۾ رهن ٿا. بهرحال هن وقت پارڪ ايونيو تي واڪ ڪرڻ ۽ والڊورف — ائسٽوريا هوٽل جي ڳالهه لکندي نيو يارڪ ۾ ان وقت جا رهندڙ سنڌي ياد اچي ويا. انهن کان علاوه ڪجهه پيا به هئا، جهڙوڪ حيدرآباد جي مئجسٽڪ سئنيما وارو آغا خدا داد خان، جنهن جي زال شايد اطالوي هوندي هئي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگلش ڊپارٽمينٽ جي مئڊم امينا خميساڻيءَ جي ننڍي ڀيڻ ڊاڪٽر خورشيد چنا، ڪاماري شريف جو پير حميد جيڪو انسٽيٽيوٽ آٽو مڪينڪ ۾ پڙهندو هو هڪ همراهه واصف امام پڻ هو جيڪو آمريڪا جي پيپسي ڪولا اداري ۾ اڪائونٽنٽ هوندو هو ڪڏهن اسان جي ڳوٺ جو پير، مخدوم امين صاحب به اچي نڪرندو هو ۽ هڪ به دفعو مير مبارڪ ٽالپر وارن جي فلئٽ ۾ ٺي رهيو. اسان واري مائٽ بشير مغل ۽ ٽنڊو جان محمد جي يوسف ڏاهريءَ سان به مبارڪ ۽ نظاماڻي وارن جي فلئٽ تي ملاقات ٿي. انهن ئي ڏينهن ۾ آر. اي شاهه صاحب به نيو يارڪ ۾ هوندو هو. هو صاحب نيو يارڪ يونيورسٽيءَ مان PHD ڪري رهيو هو يا شايد ڪري چڪو هو. نيو يارڪ جي آدمشماري اڄ جهڙي نه هئي، رستا به سنسان رهندا هئا. اسان جو زور واڪ ڪرڻ تي هوندو هو ۽ نيو يارڪ جي پلين ۽ عمارتن جون پڌل ڳالهيون هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا هئاسين ۽ انهن ئي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڏينهن ۾ نيو يارڪ جي هن هوٽل Waldorf_ Astoria جون خبرون ڪندا هئاسين. جيڪي نيو يارڪ ۽ اوسي پاسي ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ ضرور دلچسپ ثابت ٿينديون.

والڊورف_ ائسٽوريا دراصل هڪ نه پر ٻه هوٽلون آهن. جيڪي پوءِ ملي هڪ ٿيون ۽ ڊچ همراهن جون آهن. 1930ع کان هيءَ هوٽل هن شهر نيو يارڪ جي پارڪ ايونيو تي آهي، پر ان کان اڳ اها هوٽل ففٿ ايونيو تي ان هنڌ هئي، جتي هينئر ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ آهي. اها پهرين واري والڊورف — ائسٽوريا هوٽل پهرين ٻن هوٽلن جي شڪل ۾ ڌار ڌار هئي، جن مان والڊورف هوٽل 1893ع ۾ کلي ۽ ائسٽوريا هوٽل چئن سالن بعد 1897ع ۾ کلي. والڊورف هوٽل تيرهن ماڙ هئي ۽ ائسٽوريا هوٽل سترهن ماڙ هئي. ٻئي هوٽلون هڪ ٻئي جي پر ۾ هيون ۽ سندن ڊچ مالڪ ”وليم والڊورف“ ۽ ”جان جئڪب ائسٽور چوٿون“ پاڻ ۾ ڪزن هئا جن جو پاڻ ۾ هميشه روسامو رهيو پر پوءِ ٻنهي هوٽلن جي انتظاميا هڪ ٿيڻ ڪري اها هوٽل سنگل يونٽ ليکجڻ لڳي ۽ ان وقت جي دنيا جي وڏي ۾ وڏي هوٽل مڃي ويئي ٿي. بعد ۾ 1928ع ڌاري هيءَ هوٽل ڊاهي ان هنڌ تي ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ ناهي ويئي ۽ 1930ع ۾ اها ساڳي هوٽل پارڪ ايونيو تي ناهي ويئي. ۽ پهرين واري ۽ پوءِ واري هوٽل ۾ فرق رکڻ خاطر ٻنهي جي نالن جي وچ ۾ هڪ آڙيءَ (Hyphen) بدران ٻه آڙيون (Hyphens) ڏنيون ويون. ان هائفن تان هڪ مشهور پراڻو گانو ”Meet me at hyphen“ ياد ٿو اچي جو تن ڏينهن جا عاشق حضرات انهن ٻن هوٽلن جي وچ ۾ ڇڏيل جاءِ تي پنهنجي محبوبائن جو اچي انتظار ڪندا هئا.

بهرحال مٿين هوٽلن جي مالڪن ۽ انهن جي پنهنجي خانداني جهيڙن کي سمجهڻ لاءِ انهن ۾ اهم ۽ مرڪزي ڪردار مائي ڪئرولين ائسٽر جي جاڻ رکڻ ضروري آهي. ڪئرولين جي ڄمر جو سال 1830ع آهي ۽ وفات جو 1908ع آهي. پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ هڪ دفعو وري لکندو هلان ته ڪولمبس طرفان آمريڪا جي معلومات ملڻ بعد يورپي قومن جي هن پاسي ڊوڙ شروع ٿي ويئي هئي ۽ ڏکڻ کان اتر آمريڪا تائين — چلي ۽ ارجنٽائن کان اڄ واري USA ۽ ڪئناڊا تائين ڪو حصو هسپانوي ۽ پورچوگالين جو ٿي ويو ته ڪو انگريزن ۽ فرينچن جو. نيو يارڪ وارو علائقو ڊچن جي قبضي ۾ هو تڏهن ته نيو يارڪ جو اصل نالو نيو ايمسٽرڊم هو جيڪو هالينڊ (نيدرلئنڊ) جي گاديءَ واري شهر تان پيو. اهو علائقو بعد ۾ انگريزن حوالي ٿيڻ ۽ نالو بدلجي نيو يارڪ ٿيڻ تي به هتي ڪيترائي ڊچ وارا ڊچ رهيا

ٽي، ۽ پئسي وارا بہ جھڙا تھڙا امير نہ پر وڏا وڏا جاگيردر ۽ جھازن جا مالڪ ھئا. ڪئرولين ائسٽر بہ انھن جي اولاد مان ھڪ امير عورت ھئي، جيڪا نيو يارڪ جي امير لئنڊلارڊ ”وليم بئنڪ ھائوس ائسٽر جونيئر“ جي 1854ع ۾ زال ٿي. ڪئرولين پاڻ امير پيءُ ۽ نيو يارڪ جي اصل مالڪن جي نسل جي ھئي.

ڪئرولين نيو يارڪ شھر جي پنھنجي وقت جي تمام سوشل ۽ فئشني عورت ٿي گذري آھي. ھن جتي پنھنجن پنجن ٻارن جو نيپاج پاڻمرادو ڪيو ٿي اتي ھوءَ شھر جي ٽاپ دعوتن ۾ بہ معزز مھمان طور پڻ پھچي ويئي ٿي. 1862ع ۾ ڪئرولين پنھنجي مڙس سان گڏجي ففٿ ايونيو جي پلاٽ نمبر 350 تي (جتي ھينئر ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ آھي) ناسي پٿر جو ھڪ فيشني ٽائون ھائوس ٺاھيو. ان جي پر سان جيڪو گھر ھو ان ۾ سندس مڙس جو وڏو ڀاءُ جان جئڪب ائسٽر III تي رھيو. ٻئي ڪٽنب جيتوڻيڪ 28 سالن تائين پاڙيسري ٿي رھيا پر ھي ائسٽر ڀائر پاڻ ۾ نہ ٺھيا سو نہ ٺھيا.

ڪئرولين جي ڏير جي مرڻ بعد ان جي پٽ پنھنجو اباڻو گھر ڊاھي ان تي ”والڊورف“ نالي ھوٽل ٺاھي. ان بعد ڪئرولين ۽ سندس پٽ پنھنجي گھر کي ڊاھي پر واري والڊورف ھوٽل کان چار ماڙ وڏي ھوٽل ”ائسٽوريا“ نالي ٺاھي. بعد ۾ اھي ٻئي ھوٽلون ملي ھڪ ٿيون ۽ پوءِ ان ھنڌ تي دنيا جي وڏي عمارت ٺاھڻ لاءِ ھوٽلن کي 1928ع ۾ ڊانو ويو ان بعد ساڳي نالي واري ھوٽل پارڪ ايونيو تي ٺاھي ويئي، جنھن جو اڄ تائين Status اھو ئي آھي، جيڪو پراڻي والڊورف ـ ائسٽوريا ھوٽل جو ھو. يعني ان ۾ مختلف ملڪن جا ھيڊ ۽ ملڪ جا وڏا ماڻھو ۽ انھن جا مھمان رھن ٿا.

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## آمريڪي صدرجو اٺ گاڏي وارو دوست

اسان هن هوٽل جو نالو مئٽرڪ پاس ڪري فرسٽ ييئر ۾ پهتاسين تہ ٻڌوسين جنهن ۾ رهڻ لاءِ اخبارن ۾ روز ايندو هو تہ اسان جي ملڪ جو بشير وڃي رهيو آهي. بشير ڪير هو؟ بشير ڪراچيءَ جو هڪ اٺ گاڏيءَ هلائيندڙ هو.

1962ع جي ڳالهہ آهي، جڏهن اسين فرسٽ ييئر ۾ پڙهندا هئاسين تہ آمريڪا جو نائب صدر ليندن جانسن ڪراچي جي دوري تي آيو. انهن ڏينهن جو صدر ڪينيڊي اڪثر پنهنجي نائب صدر کي ايشيا ۽ آفريڪا جي دوري تي اماڻيندو رهيو ٿي، جيئن دنيا جي ملڪن ۾ آمريڪا جي دوستي ۽ ساک جي مشهوري ٿئي ۽ هن درويش جانسن جو اهو عام تڪيو ڪلام هو تہ هو جتي بہ ويو ٿي ۽ جنهن سان مليو ٿي تہ ائين ئي چئي ڏنائين ٿي "توهان بہ واشنگٽن اچجو ۽ اسان سان اچي ملجو."

(Y'all come to Washington and see us sometimes) بهرحال جانسن جي ان ڳالهہ جي تہ ماڻهن کي گهڻو گهڻو پوءِ خبر پيئي تہ هو ائين تڪلف طور جنهن جنهن کي چوندو وتي ان جي ياد ۾ڏي ڏينهن تائين بہ نٽي رهيس. بهرحال هو ڪراچي شهر جو چڪر هڻي رهيو هو تہ ڪارساز وٽ شاهراهہ فيصل تي هن جي گاڏيءَ اڳيان بشير نالي هڪ همراهہ جي اٺ گاڏي اچي لنگهي. ظاهر آهي. اهڙي شيءِ هڪ ڌارئين جو ڌيان پاڻ ڏي ڇڪايو. جانسن صاحب پنهنجي گاڏيءَ مان لهي اٺ گاڏي هلائيندڙ بشير سان هٿ ملايو ۽ تڪلف طور مٺيان جملا چيا "توهان جي ملڪ جو صدر ايوب خان بہ آمريڪا اچي رهيو آهي تون بہ چو نٿو اچين؟" چاليهن سالن جي بشير جانسن سان گڏ هلندڙ ترجمي واري معرفت ورندي ڏني: "ها سائين ضرور ضرور." ۽ اهو چوڻ بعد هو پنهنجي ڪڪاٽي جهوپڙيءَ ڏي روانو ٿي ويو ۽ گهر تائين پهچڻ ۾ هن ڪان تہ ڳالهہ بہ وسري ويئي تہ سندن وچ ۾ ڇا گفتگو ٿي.

هوڏانهن جانسن بئنڪاڪ ڪان دهليءَ تائين هر هنڌ خبر ناهي ڪيترن ماڻهن سان هٿ ملائيندي وقت هر هڪ کي اهو چوندي تہ "Now you all come see me" چوندو ايشيا جي ٽوئر مڪمل ڪري پنهنجي ملڪ ڪان وڃي نڪتو. ڪنهن سان ڪنهن وقت هو مليو هن ڪان اهو بہ وسري ويو. پر اسان وٽ پاڪستان ۾ اخبار نويسن ان ڳالهہ کي ڪٽي اهڙو اپاريو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جو بشير اٺ گاڏي واري سان هٿ ملائڻ جي ٻئي ڏينهن کان، سڄي ملڪ ۾ جتي ڪٿي ان ئي ڳالهه جو چوٻول هلڻ لڳو تہ هڪ اٺ گاڏي هلائڻ واري جا ڀاڳ کلي ويا آهن جو هو ملڪ جي نائب صدر جو مهمان ٿي آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ وڃي رهيو آهي، جتي هو جهڙي تهڙي هوٽل بدران "والڊورف ـ ائسٽوريا" هوٽل ۾ رهندو. سائين شام جون اخبارون تہ ڇا ڊان ۾ جنگ ۾ بشير جون خبرون پهرين صفحي تي اچڻ لڳيون. هوڏانهن جانسن کي سڌ نہ سماءُ، تان جو ٻئي يا ٽئي ڏينهن دنيا جي اخبارن جا ٽڪرا (Clippings) نظر مان ڪڍي رهيو هو تہ جنگ اخبار جي ڪٽنگ جي ترجمي تي نظر پيس:

"The U.S Vice President has invited Bashir, A camel cart driver, to come to America…"

۽ اهو بہ لکيل هو تہ بشير ايڏو تہ خوش نصيب آهي. هو جيٽ جهاز ذريعي سفر ڪندو ۽ Waldorf_ Astoria هوٽل، نيو يارڪ ۾ مهمان ٿي رهندو.

ان بعد USA جي ڪراچي واري سفارتخاني مان پڻ جانسن کي انفارميشن ملي تہ ڪراچي جي ٽرپ دوران جيتوڻيڪ هن جي اٺ گاڏيءَ واري بشير کي آمريڪا ۾ مهمان طور گهرائڻ جي نيت نہ هئي. پر هتي سڄي ملڪ ۾ اهو تاثر پکڙجي ويو آهي تہ سائين جن جا ڪيڪار ڪڙيءَ وارا Remarks سچ پچ جي دعوت هئي اهو معلوم ڪري جانسن بہ ڪجهہ گهڙين لاءِ ٽيرس ۾ پئجي ويو تہ ان مسئلي کي ڪيئن منهن ڏجي. بعد ۾ ظاهر ٿيل هڪ Document موجب:

"…… Johnson Groaned and endured the prospect of this unlikely visitor…."

آخر ميٽنگن بعد فيصلا ڪيا ويا تہ بشير کي هاڻ گهرائڻو ئي پوندو ۽ ان جا خرچ پکا ۽ بندوبست ڪير ڪندو ان لاءِ ٻن ادارن هائوڪار ڪئي. هڪ People to people Program اداري ۽ ٻيو انگريزي جي مشهور رسالي ريڊرس ڊائجيسٽ وارن. پر پوءِ اڳتي هلي ريڊرس ڊائجيسٽ وارا پنهنجو پاڻ ڇڏائي ويا. بهرحال آمريڪا کان آيل احڪامات موجب، جڏهن ڪراچي ۾ موجود آمريڪي سفارتخاني (تن ڏينهن ۾ اسلام آباد اڃان وجود ۾ نہ آيو هو) طرفان جڏهن آمريڪا گهمڻ جو سرڪاري طرح دعوتنامو بشير جي ڪڪاٽي ۾ مٿيءَ سان لٽل گهر تي پهچايو ويو تہ بشير غائب هو. مارننگ نيوز ۾ بشير جي ڳولا لاءِ اشتهار بہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آيو. اخبارن جا نمائندا ان جستجو ۾ لڳا رهيا تہ بشير کي هٽ ڪري ان جو انٽرويو ورتو وڃي. آخر ڊان اخبار وارن کي هو ريلوي يارڊ ۾ پنهنجي اٺ گاڏيءَ تي چوڙا چاڙهڻ ۾ مشغول نظر آيو. هو کيس ڊان آفيس ۾ وٺي آيا ۽ چون ٿا تہ اها رات هنن بشير کي اتي ئي رکيو ۽ کيس مانيون ٽڪيون کارائيندا رهيا، جيئن هو گهر وڃڻ تي ٻين اخبار وارن جي ور نہ چڙهي ۽ بشير جو انٽرويو ۽ فوٽو فقط ڊان اخبار ۾ ئي ڇپجي.

هڪ اٺ گاڏيءَ واري جو آمريڪا وڃڻ جي خبر پنهنجي طرفان پڙهندڙن لاءِ اهم ۽ اخبار وارن لاءِ Scoop هو تہ ٻئي طرف بشير جي حاضر جوابي ۽ معصوم ڳالهين بہ پاڪستان توڙي آمريڪا جي ماڻهن ۾ دلچسپي پيدا ڪئي ۽ هي اهي ڳالهيون هونديون هيون جيڪي اسان ڪلاس روم ۾ بہ هڪ ٻئي سان وڏي دلچسپيءَ سان ڪندا هئاسين. چون ٿا تہ ڊان اخبار وارن جڏهن رات جو ٻي بجي بشير اٺ گاڏيءَ واري کي پنهنجي پريشان زال ڏي گهر موڪليو تہ هن کيس يڪدم اها خبر ٻڌائي تہ پاڻ پري آئون سگهو ئي فرسٽ ڪلاس هوائي جهاز ۾ شهنشاهہ جانسن سان ملڻ انگلينڊ وڃي رهيو آهيان.

بشير جي وڃڻ جي خبر پڙهي هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي سوچ مطابق ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ لڳو. پڙهيل لکيل ماڻهو چوڻ لڳا تہ هن کي جڏهن انگريزي ئي نٿي اچي تہ آمريڪا ۾ ڪيئن هلي چلي سگهندو. هن جا مائٽ مٽ ۽ پاڙيسري سوچڻ لڳا تہ بشير آمريڪا مان موٽڻ مهل ضرور ڪا گوري ميم صاحبہ پاڻ سان وٺي ايندو. بهرحال بشير، زندگيءَ ۾ پهريون دفعو چنل چئمپل اچلائي بوٽ پاتو ۽ آمريڪا روانو ٿيو. ان بعد اسين وڏي شوق مان بشير جا فوٽو روز اخبارن ۾ ڏسندا رهياسين. بشير جيتوڻيڪ اڻ پڙهيل هو پر سندس ڪي ڪي جملا بيحد دلچسپ، معنيٰ خيز ۽ عقل وارا هئا، جيڪي اسين تن ڏينهن ۾ اخبارن ۾ پڙهي ڪمينٽ بازي ڪندا رهياسين ٿي. اڄ بہ انهن مان ڪجهہ مون کي ياد آهن.

اٺ گاڏيءَ وارو بشير جڏهن قراقلي ٽوپي، ڪاري شيرواني ۽ پالش ٿيل بوٽ سان آمريڪا پهچي جانسن سان هٿ ملايو تہ جانسن کيڪاريندي سخت سيءَ لاءِ معافي گهريس تہ جواب ۾ بشير چيس: ”سيءَ جو فڪر نہ ڪرڻ کپي پر ماڻهن جي دلين جي گرمائش کي اهميت ڏيڻ کپي.“

هڪ هنڌ بشير کان پڇيو ويو تہ تون هتي آمريڪا ۾ وينو آهين پنيان تنهنجو اٺ ڪٿي پيو چرندو هوندو؟

ان جي جواب ۾ بشير ڪجهہ دير سوچي پوءِ وراڻيو: ” اٺ عورت مثال آهي. توهان هن جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نئين چال بابت ڪا بہ اڳڪٿي ڪري نٿا سگهو.“

ٻيا بہ ڪيترائي اهڙا جملا بشير چيا ٿي جو ٻڌندڙ واٽڙا ٿي ويا ٿي تہ آيا اهي بشير کي پڙهايا ويا آهن يا بشير جي ڳالهہ ترجمو ڪرڻ وارو ٿو چوي يا واقعي بشير خود پاڻ ٿو چوي. بهرحال ڪو ڪجهہ بہ چوي بشير جتي بہ ويو ٿي ۽ ڪيس ڳالهائڻ جو موقعو مليو ٿي تہ هن ماڻهن کي بيحد متاثر ڪيو ٿي. لڳو ٿي تہ هن جي دل شاعر ۽ اديب هجي ۽ چو نہ ٿي سگهي ٿي. بقول هڪ آمريڪن اخبار جي جڏهن خيما (تنبو) ناهڻ وارو (عمر خيام) رباعيون چئي سگهي ٿو تہ اٺ گاڏي هلائڻ وارو ڇو نہ؟

پنهنجي نئيپڻ جي ڪلاس ميٽ انور ميمڻ، جنهن سان نيو يارڪ جي ففٿ ايوينيو تي واڪ ڪندي هن بشير اٺ گاڏي هلائيندڙ جي ڳالهہ نڪتي، جنهن کي هن ملڪ جي وائيس پريزيڊنٽ 1962ع ۾ ڪراچي گهمڻ دوران ملاقات ڪئي هئي، ٻڌايم تہ بشير کي ڪافي سال ٿيا تہ گذاري ويو. اردو اخبار امت جي ڪالم نويس شبير سومرو مون کي گذريل سال ٻڌايو تہ اٺ گاڏي هلائيندڙ بشير جنهن کي واپسي تي صدر جانسن بہ بيڊ فورڊ جون ٽرڪون ۽ ٻيا ڪيترا تحفا ڏيئي ڪراچي روانو ڪيو هو ۽ هن جي زندگي آسودي گذرڻ لڳي هئي، پر وقت جي گردش هن جي گهراڻي جي حالت تبديل ڪري ڇڏي آهي. سندس اولاد: گل شير، غلام رباني ۽ نذير احمد بيحد غربت جي زندگي گذاري رهيا آهن. هو ڪنهن سان گهٽو نٿا ڳالهائين پر شبير ٻڌايو تہ هو سگهو ئي ساڻن ملاقات ڪري سندس زندگيءَ جو احوال امت اخبار ۾ لکندو.

انور سان گڏ ففٿ ايونيو تي سينٽرل پارڪ جي ڏکڻ واري بائونڊري يعني 62-63 ايسٽ اسٽريٽ کان ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ ڏي يعني ٽيٽيهين چوٽيهين گهٽي ڏي واڪ ڪري رهيا هئاسين. رستي تي 48 کان 50 گهٽيءَ تائي نيو يارڪ جي مشهور عمارتن جو جهڳٽو راڪ فيلر سينٽر اچي ٿو جتي ڪجهہ دير ترسي مختلف عمارتن جي چوڌاري چڪر هنياسين. سٺ واري ڏهي جا آخري سال ياد اچي ويا، جڏهن سليم شاهہ ۽ سندس گهر واري ادي پروين سان گڏ راڪ فيلر سينٽر پهچي فوٽو ڪڍائيندا هئاسين. سليم شاهہ کي فوٽو گرافيءَ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. اسان جي جهاز جو جڏهن بہ جپان کان آمريڪا ڏي اچڻ جو پروگرام ٺهندو هو تہ هو مون کي هميشہ جپان مان ڪا ڪئميرا آڻڻ لاءِ چوندو هو جنهن جا پئسا هو مون کي پهرين ڏيئي پوءِ ڪئميرا ڪٽندو هو. چوندو هو ”يار اها ئي تنهنجي مهرباني

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جو تون مون کي پسند جي شيءِ آٽي تو ڏين.“ انهن ڏينهن ۾ ڪا شيءِ کهڙي ملڪ جي اعليٰ ۽ سستي هوندي هئي تہ ڪا شيءِ کهڙي ملڪ جي. انهن ڏينهن ۾ جپان جون ڪئميرائون ۽ واچون دنيا ۾ تمام مشهور هيون. جيتوڻيڪ واچون سئٽزرلينڊ جون ٽاپ تي سمجهيون ويون ٿي پر انهن جا اگهہ بيحد ڳرا هئا. جپان جون واچون بہ سستيون سستيون تہ بہ ٻين ملڪن ۾ مهانگيون هيون. راڊو واچ بعد ۾ سنڌ جي ڏاڙيلن مشهور ڪئي نہ تہ انهن ڏينهن ۾ جپان جون سيڪو ۽ سٽيزن واچون پانهن ۾ ٻڌڻ فخر جي ڳالهہ سمجهيو ويو ٿي ۽ واقعي انهن واچن جو ٽائيم صحيح هوندو هو. ٻيون ڏينهن ۾ منٽ اڌ اڳيان پويان ضرور ٿينديون هيون. بهرحال هاڻ تہ ٽيڪنالاجي اهڙي تہ عام ٿي ويئي آهي جو ڦلن مٺ ۾ پيون واچون ملن ۽ ڪٽي ڪا بي نام واچ هجي يا براندبيڊ, سڀ وقت ساڳيو ٽيون ڏيکارين. ٻہ سال اڳ ڪراچيءَ جي ڪوڙ گارڊن مان 18 رپئي واچ ورتي هيم, اجان پئي چمڪي ۽ صحيح وقت ڏيکاري. بهرحال ڳالهہ راڪ فيلر سينٽر ۽ سليم شاهہ جي فوٽو گرافيءَ جي پئي ڪئيسين. انهن ڏينهن جا سليم شاهہ جا نڪتل فوٽو مون وٽ اڄ بہ موود آهن. هڪ ٻن تصويرن ۾ تہ اسان جي ملڪ جو (تن ڏينهن ۾ چڱو خاصو مشهور) اداڪار ڪمال پڻ آهي, جيڪو سليم شاهہ جو دوست هو ۽ نيويارڪ ۾ هن وٽ ٺي ايندو هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## انور ميمڻ جو Soil Probe ۽ نيو يارڪ جي لئبرري

راڪ فيلر سينٽر دراصل 19 تجارتي عمارتن جو جهڳٽو آهي، جيڪو 48 گهٽيءَ کان وٺي 51 گهٽيءَ تائين ٻاويهن ايڪڙن تي پکڙيل آهي ۽ پنجين ۽ ڇهين ايونيو جي وچ ۾ آهي، جيڪو ايونيو (يعني ڇهون ايوينيو) Avenue of the Americas به سڏجي ٿو. هي ڪامپليڪس راڪ فيلر فئمليءَ 1930ع کان ٺهرائڻ شروع ڪيو. اڄ ڪلهه ٽائيم لائيف بلڊنگ، Mc Graw Hill، نيوز ڪارپوريشن / فاڪس نيوز چئنل ۽ ٻين ڪيترين بين الاقوامي ڪمپنين جا هيڊ ڪوارٽر هتي موجود آهن.

راڪ فيلر سينٽر جان- ڊي راڪ فيلر جونيئر جي نالي پٺيان آهي، جنهن هيءَ زمين 1928ع ۾ ڪولمبيا يونيورسٽي وارن کان ليز تي وٺي ڊيولپ ڪرڻ شروع ڪئي، جيڪو ڪم 1940ع تائين هلندو رهيو. راڪ فيلر پهرين هتي اوپيرا سينٽر ٺاهڻ ٿي چاهيو پر پوءِ ارادو لاهي ڪمرشل عمارتون ٺهرائين. انور ميمڻ ٻڌايو ته هي سڄو راڪ فيلر ڪامپليڪس اڄ ڪلهه جپان جي متسوبشي گروپ جي ملڪيت آهي، جنهن 1990ع ۾ راڪ فيلر گروپ کان خريد ڪيو.

اسان ففٿ ايونيو تي واڪ ڪرڻ، راڪ فيلر سينٽر جي چوڌاري چڪر هڻڻ ۽ آئيس ڪريم ڪون ۽ سنگ ڪائڻ ۾ ڪافي وقت گذاري ڇڏيو. انور کي پنهنجي ڪاروبار Soil Probe Ltd جي سلسلي ۾ هڪ دوست سان ملڻو هو جنهن سان طيءِ ڪيل وقت هاڻ ويجهو اچي ٿيو هو ۽ جيئن هن جو فون آيو ۽ ملڻ جي جاءِ ٻڌائي ته اسان هڪ ٽئي کان موڪلايو. ان وقت اسين 37 گهٽيءَ وٽ هئاسين.

انور کي پنهنجي سائوٿ انڊين دوست سان ملڻ لاءِ ”مدراس محل ريسٽورنٽ“ ۾ ويٺو هو جيڪا 27 ۽ 28 گهٽيءَ جي وچ ۾ Lexington ايونيو تي آهي. ليگزنگٽن ايوينيو چوٿين ۽ ٽئين ايوينيو جي وچ ۾ آهي، يعني اسان پنجين ايوينيو تي هئاسين. ان جي پر وارو ڪجهه سنهو رستو ميڊيسن ايوينيو آهي، ان بعد ويڪرو شاهراهه چوٿون ايونيو آهي، جيڪو پارڪ ايوينيو پڻ سڏجي ٿو ۽ ان بعد سنهو رستو ليگزنگٽن آهي، جنهن تي هيءَ انڊين هوٽل مدراس محل آهي، جيڪا مڪمل طور Vegetarian ريسٽورنٽ آهي، يعني ڪنهن به قسم جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

گوشت تہ چا پر فراءِ يا آمليٽ بيضو بہ نٽو ملي. هتي سائوٿ انڊين، نارٿ انڊين (جنهن ۾ ڪشميري ۽ پاڪستاني بہ اچي وڃن ٿا) ۽ گجراتي کاڌا ملن ٿا جن جا نالا ڪجھ هن ريت ٿين:

مسالا ڍوسا

اڊلي

آلو پراٺا

ڇولا ڀٽورا (Chick Peas)

مڪس ڀاڄي اٿاپام

ڪارن چولن جو ڀوڙ

بهرحال هتي نيو يارڪ يا آمريڪا جي ٻين شهرن ۾ انڊين ريسٽورنٽن بہ جام آهن تہ منجهن تيار ٿيندڙ کاڌن جو انگ بہ وڏو آهي. انور کي يڪدم ٽئڪسي ملي ويئي، جنهن ۾ هو روانو ٿي ويو. مون کي ڪنهن لئبرريءَ ۾ وڃي ڪجھ Notes لکڻا هئا جو ٻن ڏينهن بعد مون کي ڪئناڊا جي ڏاکڻي شهر وئنڪوور ۾ جهازي (مئرين انجنيئرنگ) جي شاگردن کي ليڪچر ڏيڻو هو جنهن جو بندوبست ملائيشيا جي منهنجي چيني جهازران شاگردن جيڪي هاڻ Vancouver ۾ رهائش پذير آهن ۽ پنهنجو شپنگ سان واسطو رکندڙ بزنيس اٿن. انهن ڪئناڊا جي انسٽيٽيوٽ آف مئرين انجنيئرس (جنهن جو آئون بہ ميمبر آهيان) ليڪچر ڏيڻ لاءِ دعوت ڏني هئي.

نيو يارڪ ۾ لئبرريون جام ۽ هڪ کان هڪ اعليٰ آهي ۽ ڪيترين لئبررين جون برانچون تہ شهر جي پسگردائيءَ ۾ بہ پکڙيل آهن. آئون بہ چار ڪلاڪ واپس پنتي هليو ويس، جتي 40 ۽ 41 گهٽيءَ وٽ نيويارڪ جي هڪ بيحد وڏي ۽ پراڻي پبلڪ لئبرري آهي.

ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو مان انٽر ڪرڻ بعد انور مهراڻ يونيورسٽيءَ مان سول انجنيئرنگ ڪئي، مون چٽگانگ مان وچي مئرين انجنيئرنگ ڪئي جو انهن ڏينهن ۾ مشرقي ۽ مغربي پاڪستان ۾ مئرين انجنيئرنگ پڙهڻ جو فقط هڪڙو ادارو چٽگانگ ۾ هوندو هو. انور B.E ڪرڻ بعد لنڊن جي امپيريل ڪاليج مان ايم فل ۽ DIC ڪئي. ان بعد 1973ع ۾ ڪئناڊا هليو آيو ۽ هتي جو هڪ سينئر شهري سڏجي ٿو. ڪئناڊا جي شهر اسڪاربارو (اونٽاريو) ۾ سندس Soil Probe Ltd نالي جيو- ٽيڪنيڪل انجنيئرن جي ڪنسلٽنگ فرم آهي، جنهن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

۾ ڪيترائي پروفيشنل انجنيئر، ٽيڪنالاجسٽ ۽ ٽيڪنيشن ڪم ڪن ٿا.

انور ميمڻ جي ڪئناڊا ۾ هيءَ پنهنجي ڪمپني Soil Probe Ltd هڪ سول انجنيئرنگ فرم آهي، جيڪو زمين ۽ Soil سان واسطو رکندڙ مسئلن جو حل، چاڻ ۽ مدد مهيا ڪري ٿو. سندن ڪمپنيءَ جي بروشر موجب هو هيٺين ڪمن جي مهارت رکن ٿا:

Borehole Layout. Surveying. Soil Classification

Ground water controlling. Permafrost Assessment.

انور ميمڻ جي مٿين ڪمپنيءَ جو هيٺيون قول يا ڪٽي چئجي ڊائلاگ، مون سان گڏ سول انجنيئرنگ جي شاگردن کي پڻ پسند ايندو.

"….. Ultimately our work provides you with the peace of mind that your structures will stand by you. and your roads will take you where you want to go for virtually an eternity…."

انور ميمڻ کان موڪلائي آئون نيو يارڪ جي 41 نمبر گهٽيءَ واري لئبرريءَ ۾ هليو آيس، جيڪا "نيو يارڪ پبلڪ لئبرري" NYPL جي نالي سان مشهور آهي. شروع وارن سالن ۾ يعني اڄ کان ٽيهه پنجٽيهه سال اڳ 1970ع ڌاري جڏهن منهنجو هتي اچڻ ٿيندو هو ته جتي اسان جهازين جي ڊوڙ نيويارڪ جي ناچ گانن ۽ اوگهڙ واري 42 نمبر گهٽيءَ ڏي ٿيندي هئي اتي منهنجو ڪافي وقت هڪ گهٽي اڳ هن لئبرريءَ ۾ پڻ گذرندو هو. اهي ڏينهن جهاز هلائڻ وارن لاءِ Golden Days هئا ۽ جهازن جي مالڪن جا روڄ پٽڪي وارا، چو جو جهاز ته تيز رفتار، آرامده ۽ ماڊرن ٿي ويا هئا پر بندرگاهه اڃان ايترو ماڊرن نه ٿيا هئا جو جلدي جلدي سامان لهي ۽ جهاز آجو ٿئي. جهازن جو مالڪ تڏهن گهٽو ڪمائي سگهي ٿو جڏهن جهاز بندرگاهه ۾ گهٽ بيهي ۽ سمنڊ تي گهٽو هلي پر هتي نيو يارڪ جو بندرگاهه هجي يا نيو اورلينس جو هيوسٽن جو هجي يا گئلوسٽن جو جنهن بندرگاهه ۾ اسان جو جهاز داخل ٿيندو هو اتان جلدي نڪرڻ جو نالو نه وٺندو هو جيسين آهستي آهستي ٿي سامان ٽرڪن ۾ لهي ۽ پوءِ چڙهڻ وارو سامان هڪ هڪ ٽرڪ مان لهي جهاز تي چڙهي، تيسين اسان جهاز هلائڻ وارن لاءِ آرام هوندو هو. ڪڏهن شهر ۾ ٽرئفڪ جئم هجڻ ڪري سامان جون ٽرڪون پهچندي پهچندي شام ٿي ويندي هئي. ان کان علاوه ڏڪي تي ڪم ڪندڙ مڪاني شيدي مزدورن جي هفتي اڌ بعد هڙتال ضرور لڳي رهندي هئي. پوءِ وقت گذارڻ لاءِ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اسين جهاز وارا شهر جي ڪنڊ ڪنڊ گهمندا وتندا هئاسين ۽ نيو يارڪ تہ اهو شهر آهي، جنهن ۾ ڪهڙي شيءِ جي کوٽ آهي. پارڪ، لئبرريون، سامونڊي ڪنارا، مفت جا ڏسڻ لاءِ ميوزيم، سئنيمائون، ٿيٽر، اسڪول ڪاليج، يونيورسٽيون اسپتال، هوٽلون شاپنگ سينٽر ۽ انهن ۾ ڪم ڪندڙ اسان جا هم وطني، ڏينهن جو نڪر تہ بہ ڪيترا واندا ملي ويندا جيڪي رات جي ڊيوٽي ڪري آيا هوندا ۽ شام جو تہ ڪيترا هم وطن، هم زبان نيو يارڪ جي گهٽين ۾ نظر ايندا هئا. نيويارڪ، نيو اورلينس، فلڊلفيا، هيوسٽن ۽ بالٽيمور اهي شهر آهن، جن جي چڻ تہ گهٽي گهٽي کان واقف ٿي ويا هئاسين. اهو ڪو روڊ، اسٽريٽ يا ايوينيو نہ هو جنهن تان گذر نہ ٿيو هوندو. اج بہ پنهنجي ڳوٺ نيو هالا جي گهٽين جي ايتري خبر ناهي، جيتري نيويارڪ جي! ڳوٺ ۾ جيڪو ننڍپڻ گذريو ان ۾ مائٽ گهر کان اسڪول ۽ اسڪول کان گهر، کان علاوه ٻيو ڪيڏانهن نہ ڇڏيندا هئا. نيو يارڪ ۾ جيڪي جونيئر پوسٽن تي جهاز جو انجنيئر ٿي رهڻ جو موقعو مليو ان ۾ ڊيوٽيءَ بعد جهاز تي هڪ گهڙي بہ ٽڪڻ نٿي چاهيوسين. رات جو بہ مئن هٽن ۾ وچي جهڏي جي مير مبارڪ ٽالپر ۽ ٽنڊو قيصر جي نور احمد نظاماڻي وارن جي فليٽ تي رهندو هوس، جو جهاز تي رهڻ معنيٰ ڪو بہ ڪم نڪري پوي تہ هيٺين رئنڪن وارن انجنيئرن کي ٽي سڏ ٿيندو هو. ان کان بهتر هوندو هو تہ جيڪو وقت ڪناري تي جهاز رهي، اهو نيو يارڪ جي براڊ وي، مئڊيسن ايوينيو، چوٿيهين گهٽي، ففٿ ايونيو ۽ ٻائيتاليهين گهٽيءَ ۾ گذارجي ۽ پوءِ انهن گهٽين جا چڪر ڪڏهن اڪيلي سر هڻبا هئا تہ ڪڏهن بشير مغل، يوسف ڏاهري ۽ ٻين سنڌ جي رهاڪن سان گڏ. شروع ۾ ڪجهہ اهڙن سنڌ جي رهاڪن جا نالا لکيا اٿم، جن سان سٺ واري ڏهي جي آخري سالن ۾ ۽ ستر واري ڏهي جي شروع وارن سالن ۾ ملاقات ٿي. انهن ۾ ٻن ماڻهن جا نالا لکڻ رهجي ويا آهن، جيڪي هن وقت ياد پيا اچن. انهن مان هڪ چام سبب علي هو جيڪو شايد چام صادق علي (سنڌ جي اڳوڻي چيف منسٽر) جو سوٽ هو ۽ ٻيو رئيس خير محمد جوڻيجي جو وڏو پاءُ. هن وقت سندس نالو ذهن ۾ نہ پيو اچي. گذريل سال سنڌ ۾ هوس تہ ڪنهن ٻڌيو تہ اهي محترم هيءَ فاني دنيا ڇڏي ويا آهن! انهن کان علاوه لطيف انصاري هالا جو وڪيل بہ اتي هو.

نيو يارڪ جي ففٿ ايوينيو جي هن مشهور لئبرري NYPL جو وڏو شوقين هوندو هو نظاماڻي ۽ ٻيو ڊاڪٽر علي ابڙو (جنهن جي اڳتي هلي سنڌ جي تعليم کاتي جي ڊائريڪٽر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

حبيب الله ميمڻ صاحب جي ڌيءَ سعيده سان شادي ٿي). نيو يارڪ جي ٽن وڏين پبلڪ لئبررين مان مئن هٽن جي هيءَ لئبري هڪ آهي (ٻيون ٻن مان هڪ بروڪلن ۾ آهي ته ٻي Queens ۾ آهي) پر هي مئن هٽن واري ته بنا ڪنهن شڪ جي دنيا جي وڏي ۾ وڏي لئبرري چئي سگهجي ٿي. عمارت جي خيال کان به ته ڪتابن جي گهڻائي ۽ جهونن ڪتابن جي موجودگيءَ کان به.

اوڻيهين صديءَ جي آخري اڌ ۾ نيو يارڪ شهر ۾ عوام لاءِ فقط ٻه لئبرريون هيون، جن کي Reference Libraries چئي سگهجي. هڪ ائسٽر لئبرري جيڪا والڊورف ـ ائسٽوريا هوٽل وارن مان جان جئڪب ائسٽر (1848 ـ 1763ع) ٺهرائي ۽ اها 1849ع ۾ پبلڪ لاءِ کولي ويئي هئي ۽ ٻي ليناڪس (Lenox) لئبرري جيڪا جيمس ليناڪس (1880 ـ 1800ع) شروع ڪئي. ان بعد 1886ع ۾ نيو يارڪ جي هڪ ٻئي رهاڪوءَ سئميوئل ٽلڊن (ڄم جو سال 1814ع ، وفات 1886ع) نيو يارڪ ۾ ٽي لئبرري عوام لاءِ کولي. ڇون ٿا ته هن سخي مرد انهن ڏينهن ۾ هن لئبرريءَ تي پنهنجي هڙان پنجويهه لک ڊالر خرچ ڪيو. هن جي وفات بعد سندس وڪيل هنن ٽنهي لئبررين کي ملائي هڪ ڪيو. "The New York Public Library, Astor, Lenox & Tilden Foundations"

اهو ڪم 1895ع ۾ ٿيو ۽ 1901ع ۾ نيو يارڪ سٽي حڪومت جي سرپرستي حاصل ٿيڻ تي نيو يارڪ پبلڪ لئبرري نالو رکيو ويو. يعني اڄ هيءَ لئبرري حڪومت جي به آهي ته سخاوت ڪندڙ شهر جي ماڻهن جي به.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## وئنڪوئر_ سڪن ۽ چينين جو دلپسند شهر

نيو يارڪ جي هن پبلڪ لئبرريءَ ۾ اڄ کان ٽيهه پنجٽيهه سال اڳ، ويهي اخبارون رسالا پڙهندو هوس ته پنهنجي مئرين انجنيئرنگ جي اينڊڙ امتحانن جي به تياري ڪندو هوس. ان بعد جهاز جو سيڪنڊ انجنيئر ۽ چيف انجنيئر ٿي مختلف سمنڊن تي مختلف قسمن ۽ طاقت جا جهاز هلايا. پنهنجي هيڊ آفيس ۾ جنرل مئنيجر جي پوسٽ تائين رهيس، جتي ڪمپنيءَ جي جهازن جي ٽيڪنيڪل مسئلن ۽ ڊراءِ ڊاڪنگ جي پوئواري ڪرڻي پيئي ٿي. جنرل ضيا صاحب جي ڏينهن ۾ سندس هڪ وزير ۽ جهازن جي مالڪ مصطفيٰ گوکل جيڪي جهاز جپان مان ٺهرائڻ چاهيا ٿي سي ملڪ جي قومي ڪمپني حوالي ڪرڻ تي، ان ڪمپنيءَ مالاڪنڊ جهڙن جهازن جي اڏاوت لاءِ مون کي ٽوڪيو جي شپ يارڊ ۾ رکيو. ان بعد ملائيشيا وارن جي نيول اڪيڊمي کلڻ تي مون کي اٺ نو سالن لاءِ اتي رکيو ويو. اڄ اتي جا ڪجهه شاگرد جيڪي هاڻ جهازن جا ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر ٿي ڪئناڊا پاسي وڃيڪ فائدا ۽ سهوليتون ملڻ تي، پنهنجو ملڪ ملائيشيا ڇڏي اچي وئنڪوئر ۾ رهيا آهن، ٻن ڏينهن بعد هنن جي دعوت تي مون کي اتي وڃڻو هو. هونءَ به هي شهر Vancouver اهو آهي، جنهن لاءِ مشهور آهي ته چيني ماڻهن جو فئوريٽ شهر آهي. هانگ ڪانگ جڏهن انگريزن کان چين کي واپس مليو ته هانگ ڪانگ جا اهي چيني جن کي چين سان گڏ رهڻ نٿي وڻيو انهن مان وڏو تعداد هيڏانهن وئنڪوئر لڏي آيو. چينين کان علاوه جپاني، فلپينو ۽ اٽليءَ جا ماڻهو ته ڇا پر هتي ننڍي کنڊ جا به تمام گهڻا آهن. پر اهو آهي ته آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي ٻين شهرن ۾ ننڍي کنڊ جي مختلف مذهبن، زبانن ۽ صوبن جا رهاڪو ملندا خاص ڪري گجراتي، سنڌي هندو، سائوٿ انڊين وغيره پر هن شهر وئنڪوئر ۾ گهڻائي پنجابين جي آهي، يعني هندو پنجابين جي خاص ڪري سکن جي. ايتري قدر جو وئنڪوئر ۾ هڪ مارڪيٽ آهي، جنهن جو حڪومت طرفان نالو ئي ”پنجابي مارڪيٽ“ آهي، جيئن آمريڪا ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو ”لاهور“ آهي، جنهن ۾ نه فقط لاهور جا گهڻا ماڻهو رهن ٿا پر ان ۾ ڪيترين ئي عمارتون لاهور جي تاريخي عمارتن جي شڪل جون ٺاهيون ويون آهن.

وئنڪوئر جي هن پنجابي مارڪيٽ جي بورڊ تي انگريزيءَ سان گڏ پنجابي (يعني

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

گرمکي) زبان ۾ پڻ نالو لکيل آهي. هيءَ مارڪيٽ 48 ۽ 51 ايوينيو جي وچ ۾ Main اسٽريٽ تي آهي ۽ هن پاڙي جو نالو Sunset آهي. هن مارڪيٽ ۾ توهان کي ڪيٽريون ئي انڊين هوٽلون، سونارن جا دڪان، مٺائي ۽ پنجابي گانن ۽ فلمن جا وڊيو اسٽور نظر ايندا. پنجابي هندو ۽ سک ويهين صدي جي شروع وارن سالن (اٽڪل 1910) کان وئنڪوئر ۾ اچڻ شروع ٿيا هئا ۽ پهرين گهٽي ۽ Burrard اسٽريٽ جي وچ ۾ ”ڪٽ سي لانو“ علائقي ۾ اچي Settle ٿيا. ان علائقي ۾ توهان کي اڄ بہ ساڙهين ۽ شلوار قميص اوڍيل عورتون نظر ايندين ۽ ائين لڳندو ڄڻ ڪو انڊيا جو شهر هجي.

وئنڪوئر ڪٿي آهي؟ سامونڊي دنيا ۾ اچڻ کان اڳ هن شهر جو هي دلچسپ نالو مون بہ ٻڌو هو ۽ اسڪول ۽ ڪاليج جي ڏينهن ۾ ان بابت اهو ئي سوچيندا هئاسين تہ هڪ ڏورانهين ولايت جو ڏورانهون شهر ۽ بندرگاهہ آهي. وئنڪوئر لاءِ اڄ بہ اسان اهو ئي چئون تہ ڪا غلط ڳالهہ نہ ٿيندي. اسان جي دنيا ـ يعني ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ کان ڏور، هڪ پاسي ائٽلانٽڪ سمنڊ تہ ٻئي پاسي پئسفڪ لتاڙڻ بعد دنيا جا دير سان نظر آيل کنڊ: اتر آمريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا آهن، جيڪي هڪ ٻئي سان ميڪسيڪو، نڪاراگئا، گئاٽامالا، ڪاسٽاريڪا، پاناما جهڙن ملڪن جي سنهي پٽيءَ ذريعي ڳنڍيل آهن، جيڪا پٽي وچ (Central) آمريڪا بہ سڏجي ٿي.

اتر آمريڪا کنڊ ۾ بہ ملڪ آهن: يو ايس اي (جنهن کي اسان اسٽيٽس، يو ايس يا آمريڪا بہ سڏيون ٿا ۽ ٻيو اتر ۾ ڪُئي جي ڪتريل پني جي شڪل وارو ملڪ ڪئناڊا آهي. ڪئناڊا جي ڪاٻي پاسي ٽيون ملڪ روس هو پر روس وارن ڪئناڊا سان ڳنڍيل پنهنجي ملڪ جو الاسڪا نالي اهو حصو ڪڏهوڪو يو ايس اي وارن کي وڪڻي ڏنو. ان ڪري دنيا جي نقشي ۾ ان ڌرتيءَ جي حصي جو رنگ نہ روس جهڙو هوندو نہ ڪئناڊا جهڙو. اهو حصو يعني ”الاسڪا“ جيڪو هينئر آمريڪا (USA) جي رياست آهي، ان ڪري ان جو رنگ بہ USA جي نقشي جهڙو ڏيکاريو وڃي ٿو. جيئن ڪنهن زماني ۾ پاڪستان ۽ اڄ واري بنگلاديش جو رنگ هڪ جهڙو هوندو هو.

ڪئناڊا جو نقشو ڪُتريل پني وانگر ان ڪري لڳي ٿو جو هڪ تہ ان جو سامونڊ ي ڪنارو ڪاڏل آهي ۽ ٻيو تہ سخت ٿڌ ڪري ڪئناڊا جو اتراهين پاسي وارو سمنڊ ٻارهوئي برف ٿيو پيو آهي. جهازين ۽ نقشو ٺاهڻ وارن کي خبر ئي نٿي پوي تہ ڪٿي ڌرتي ختم ٿي ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪٽان سمنڊ شروع ٿيو. سمنڊ جي مٿان بہ برف جمي پيئي آهي تہ ڌرتيءَ مٿان بہ. ڪيترائي دفعا اسان ڪي ڪئناڊا جي مختلف بندرگاهن ۾ جهاز وٺي ويٺو پيو پر گهڻو ڪري اونهاري جي موسم ۾ ۽ سو بہ ڏاکڻ بندرگاهن: سينٽ جانس، بي ڪامو ۾، يا پاناما ڪئنال ٽپي پئسفڪ سمنڊ ۾ اچبو هو تہ هن بندرگاهہ وئنڪوئر ۾ بہ اچبو هو.

آدمشماريءَ جي خيال کان تہ ڪٽي چين جهڙا ملڪ وڏا آهن پر زمين جي ايراضيءَ کان ڪئناڊا دنيا ۾ ٻيو نمبر وڏو ملڪ آهي. ڪئناڊا ڏهن صوبن ۽ ٽن Territories ۾ ورهايل آهي. سڀ کان پراڻا صوبا جن 1867ع ۾ گڏجي ڪنفيڊريشن ٺاهي اهي آهن: اونٽاريو جتي سڀ کان گهڻا اسان جي ملڪ جا ماڻهو (خاص ڪري سنڌ جا) پنهنجي وطن مان لڏي اچي رهيا آهن. اونٽاريو صوبي جي گاديءَ جو هنڌ ٽورنٽو آهي. ڏهہ ڪن سنڌين کان پڇندائو تہ ڪئناڊا ۾ ڪٿي ٿا رهو تہ سڀ نہ تہ نو ڪن ضرور ٽورنٽو شهر جو نالو ڪڻندا يا ڪو اوسي پاسي وارو ڳوٺ ۽ هتان يعني ٽورنٽو کان هنن لاءِ آمريڪا چڙهـ سڏ پنڌ تي آهي ۽ پنهنجن دوستن ۽ مٽن مائٽن وٽ نيو يارڪ، نيو جرسي، مشيگان ۽ پينسلوانيا وغيره ايندا رهن ٿا ۽ ڏهن مان نون جو خواب اهو ئي آهي تہ اڳتي هلي آمريڪا (USA) جو گرين ڪارڊ يا پاسپورٽ حاصل ڪجي. جيتوڻيڪ ڪئناڊا ۾ ڪي سهولتون آمريڪا کان بہ وڌيڪ آهن.

اونٽاريو کان علاوه ڪئناڊا جا ٻيا صوبا آهن:

ڪيوبيڪ، نووا سڪوشيا ۽ نيو برنس وڪ. ان بعد مئنيتوبا، برٽش ڪولمبيا، پرنس ايڊورڊ ٻيٽ Saskatchewan البرٽا، نيو فائونڊ لئنڊ ۽ لئبرادور. انهن کان علاوه يوڪان، Northwest Territories نوناووٽ پڻ ڪئناڊا جا حصا آهن.

ڪئناڊا جي هيٺان آمريڪا آهي، مٿي اتر قطب جا برفاني علائقا، ساڄي پاسي اوڀر ۾ ائٽلانٽڪ سمنڊ ۽ کاٻي پاسي پئسفڪ سمنڊ. کاٻي پاسي جي مٿين ڪنڊ سان آمريڪا جي رياست الاسڪا آهي. جيڪا جتي ختم ٿئي ٿي، اتي بيرنگ (Bering) نالي سمنڊ جي سنهي پٽي (ڳچي سمنڊ) آهي، جنهن جي ٻي پار کان روس يعني ايشيا جو ڪنڊ شروع ٿي ٿو وڃي. آمريڪا جي اها رياست الاسڪا ڪئناڊا جي يوڪان سان سرحد ٺاهي ٿي ۽ يوڪان جو هيٺيون حصو ڪئناڊا جي صوبي برٽش ڪولمبيا سان مليل آهي ۽ برٽش ڪولمبيا وارو صوبو آمريڪا جي رياست واشنگٽن سان مليل آهي. ياد رهي تہ واشنگٽن نالي هيءَ رياست آمريڪا جي اولهہ واري ڪناري تي پئسفڪ سمنڊ وٽ آهي. ۽ ٻيو واشنگٽن جيڪو ڊي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سي سڏجي ٿو. يعني ڊسٽرڪٽ آف ڪولمبيا آمريڪا جي اوڀر پاسي ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي آهي. واشنگٽن ڊي سي سڄي آمريڪا جي گاديءَ جو هنڌ آهي.

بهرحال ڪئناڊا جو هي صوبو برٽش ڪولمبيائي آهي، جنهن جو سڀ کان وڏو شهر ۽ بندرگاهه وئنڪوئر آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته برٽش ڪولمبيا (BC) جي گاديءَ جو شهر وڪٽوريا آهي. وئنڪوئر بندرگاهه شروع کان مشغول ۽ سهولت وارو بندرگاهه رهيو آهي. يعني هن بندرگاهه ۾ جهاز پهچڻ سان ان مان لاٿل سامان ڪئناڊا توڙي آمريڪا جي اندروني ۽ ڏورانهن شهرن تائين جهٽ پٽ پهچيو وڃي. پاناما ڪئنال کلڻ بعد ته وئنڪوئر جو بندرگاهه هيڪاندو وڌيڪ مشهور ٿي ويو ۽ اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي.

وئنڪوئر شهر جو نالو انگريز جهازي ڪئپٽن جارج وئنڪوئر تان پيو آهي، جيڪو برٽش رايل نيوي جو آفيسر هو. سندس ڄم جو سال 1757ع ۽ وفات جو 1798ع آهي. ڪئپٽن جارج وئنڪوئر اتر آمريڪا جا مختلف علائقا ڳولڻ (Explore ڪرڻ) ڪان دنيا ۾ مشهور آهي. ڪئناڊا جو هي صوبو برٽس ڪولمبيا ۽ آمريڪا (USA) جا اهي علائقا جيڪي اڄ ڪلهه اوريگان ۽ واشنگٽن رياستون سڏجن ٿيون ڪئپٽن وئنڪوئر جي exploration جو نتيجو آهن. همراهه آسٽريليا جو ڏکڻ اولهه وارو ڪنارو به سڀ کان اڳ جانچيو. وئنڪوئر 15 سالن جو هو ته دنيا جي مشهور جهازي ڪئپٽن ڪڪ سان گڏ HMS_ Resolution جهاز تي سفر ڪيو. ڪئپٽن ڪڪ جو آمريڪا ڏي اهو ٻيو سفر هو جيڪو هن 1772ع ۾ ڪيو. ان بعد ڪئپٽن ڪڪ جي ٽئين سفر تي پڻ هي همراهه ”وئنڪوئر“ هن سان گڏ هو. اهو سفر 1776ع کان 1779ع تائين ٿي سال HMS Discovery نالي جهاز تي ڪيو ويو هو.

جهازي دنيا جي تاريخ جا ڄاڻو سمجهن ٿا ته هن شخص دنيا جي نون ڪنارن جي ڳولا ۽ نون سمنڊن جي چارٽن (نقشن) ناهڻ ۾ ڏاڍي جان پتوڙي پر هن جو مرڻ کان پوءِ ڪو گهڻو قدر نه ٿيو. سفر تان موٽڻ تي وئنڪوئر جي ڊسيپلنري جاچ جو حڪم ڏنو ويو جو هن سمنڊ تي هڪ جونيئر آفيسر کي جنهن جو وڏو سياسي اثر رسوخ هو دڙڪا ڏنا هئا. بهرحال ڪئپٽن وئنڪوئر جا آخري ڏينهن خاموشي ۽ گمشدگيءَ ۾ ئي گذريا.

جيئن برطانيا جا ڪجهه شهر براڊ فورڊ، برمنگهام وغيره ديسي ماڻهن ڪري ايشيائي شهر لڳن ٿا تيئن هن پاسي اتر آمريڪا کنڊ ۾ هي شهر وئنڪوئر آهي، جنهن ۾ ٻين ايشيائي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ماڻهن ۾ چينين ۽ پنجابين (سکن) جو وڏو تعداد رهي ٿو. مزي جي ڳالهه ته هي ٻئي قومون گذريل صدي (ويهين) جي آخري چوٿين ۾ نه آيون جنهن ۾ ايشيا ۽ آفريڪا جي ڪيترن ئي ملڪن ۽ قومن جا ماڻهو يورپ ۽ آمريڪا ڏي لڏي آيا، پر پنجابي ۽ چيني ان دور ۾ هيڏانهن وئنڪوئر ۾ آيا، جڏهن ڪو پنهنجي ڳوٺ کان پير واري ڳوٺ ويندو هو ته هو پاڻ کي پرديسي سڏائيندو هو. معنيٰ هن سان وڏو ظلم ٿي ويو آهي. هو همدردي جي لائق آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## ڪئناڊا ۾ چينين سان سختيون

هن ڏورانهين، برفاني ۽ سنسان شهر وئنڪوئر ۾ چين کان پهريان چيني 1850ع واري ڏهاڪي ۾ آيا. چين جا جتي چند حاڪم، وڏيرا، جاگيردار ۽ حڪومتي چمچا وڏي عياشيءَ ۾ هئا، اتي خدا جي مخلوق سخت غربت جي زندگي گذاري رهي هئي. چين جو عوام بک، بيماري ۽ بيروزگاري جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيو هو. هو ڇا چوندا آهن ته بک بڇڙو ڏول دانا ديوانا ڪري. پيٽ خاطر ماڻهو پنهنجا ٻچا به سڙه تي هلندڙ ٻيڙين، ذريعي ملايا ۽ سنگاپور موڪلي ٿي ڇڏيا. هو پيرين ۽ پنيءَ اگهاڙا انهن ٻيڙن ۾ سوار ٿيا ٿي ۽ سفر جو ياڙو ڏيڻ بدران سڄي واٽ سخت Seasickness ۽ ساموندي لوڏن ۾ پورهيو ڪندي سنگاپور، پينانگ، پورٽ ڪلانگ پهتا ٿي جتي هنن کي روزگار ملڻ جي اميد هئي. اهڙي ئي هڪ پيرين اگهاڙي چيني ٻار جي زندگيءَ جو احوال ”هي بيٽ هي ڪنارا “سفر نامي ۾ لکيو اٿم ته ڪيئن هو محنت ڪري آخر ۾ ڪيترين هوٽلن ۽ چائنيز يونين بئنڪ جو مالڪ ٿيو. سنگاپور طرفان ملائيشيا جو سفير ٿيو. اهڙيءَ طرح ڪوالالمپور شهر به نالي مطابق گپ ۽ چڪڻ هو جنهن علائقي جي گهاٽي جنگلن ۾ هلندڙ نانگ بلائن ۽ مڇرن ۽ سئو پيرين کنهن کي جيئڻ نٿي ڏنو. پر پوءِ گومباڪ ۽ ڪلانگ ندين جي ان ميلاپ واري هنڌ خبر پيئي ته ڌرتيءَ اندر ٽين (Tin) جون کاڻيون موجود آهن، جن جي کوٽائي ۽ ههڙين ڏکين حالتن ۾ رهڻ لاءِ، انگريز حاڪم توڙي مڪاني ملئي جاگيردارن ۽ سلطانن کي بيروزگاري ۽ بک ۾ پاهه چيني ئي نظر ٿي آيا. هو چينين کي گهرائيندا ويا ۽ اڄ صديءَ اندر ڪوالالمپور هڪ نامعلوم بستيءَ مان ملائيشيا جو وڏو ۽ اهم شهر ٿي ويو. اهڙي طرح هتي جي ڌرتيءَ ۾ دفن ٿيل سون جي ذرڙن کي حاصل ڪرڻ لاءِ چينين کي گهرايو ويو. اهو دور 1858ع وارو Fraser Valley Gold Rush سڏجي ٿو.

ان بعد ڪئناڊا جي مشهور ريلوي لائين Canadian Pacific وڇائڻ لاءِ چين مان چينين سان پريل جهاز گهرايا ويا. رڪارڊ شاهد آهي ته 1880ع کان 1885ع تائين وئنڪوئر بندرگاهه ۾ سترهن هزارن کان مٿي چيني مزدور آندا ويا، جن ڪئناڊا جي هن صوبي ”برٽش ڪولمبيا“ جي ڏکين جابلو ۽ ساموندي پٽن تي ريل جا پٽا وڇايا. ڊارئين ڏيهه

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪان آيل هنن چيني پورهيتن ڪان سخت ڪان سخت مزوري ڪرائي ويئي ٿي پر ڪين پگھار يورپي گوري مزدور جي فقط اڌ جيترو ڏنو ويو ٿي. انهن ڏينهن ۾ هي صوبو (برٽش ڪولمبيا) انگريزن جي هٿ ۾ هو جيئن انڊيا، ملايا، هانگ ڪانگ ۽ ڪينيا نائيجيريا وغيره ۽ انهن مڙني هنڌن تي ساڳيو برٽش پاسپورٽ هليو ٿي.

1885ع ۾ هتي (برٽش ڪولمبيا ۾) جيئن ريل جو ڪم پورو ٿيو ته هنن سستن چيني مزدورن جي ضرورت گھٽجي ويئي، مڪاني گورن مزدورن جي يونين جي ماڻھين هنن نون آيلن ۾ رهائش اختيار ڪندڙ چينين سان چڙ ٿي پيئي. چو ته جيڪو ٿورو گھڻو پورهيو نڪتو ٿي، ان لاءِ ماڻھن مڪاني گورن کي ڇڏي هنن چينين کي سڏيو ٿي، جن تمام گھٽ مزدوري ورتي ٿي. دراصل گورن کي به مڪاني ته ڇئي نٿو سگھجي. انهن جي ڪھڙي پيءُ ڏاڏي جو ملڪ هو. هو به ڌورانهن ملڪن کان هتي ڪئناڊا اچي نڪتا هئا. هو ٽيڪنيڪلي هوشيار هجڻ ڪري ٻين کان اڳ اچي پهتا هئا ۽ اصلي رهاڪن (ايسڪيموز، ريڊ انڊين يا ٻين کي) پيار محبت يا ڏنڊي جي زور تي پاسيرو ڪري پاڻ مالڪ ٿي ويٺا هئا. بهرحال هاڻ نه فقط مڪاني مزدورن جي يونينن کي پر ملڪي سياستدانن کي به چيني نه وڻڻ لڳا ۽ هر عتاب جو نشانو چيني ٿيڻ لڳا.

وئنڪوئر ۾ اچي ويل چينين يا ٻين ايندڙن کي دلشڪستو بنائڻ لاءِ هتي جي حڪومت هر چينيءَ جي اچڻ تي هن کان پنجاهه ڊالر فيءَ جا اڳاڙيا ٿي، جنهن کي Head Tax سڏيو ويو ٿي. 1885ع وارو دور جڏهن هڪ رپئي ۾ چانديءَ جو تولو مليو ٿي ۽ ڊالر کان به گھٽ ۾ سون جو تولو. چين کان ڪئناڊا ايندڙ چينين لاءِ پنجاهه ڊالر ڏيڻ وڏي ڳالهه هو. پنهنجي جان جوکي ۾ وجهڻ ۽ ساموونڊي سفرجي صعوبتن ۽ پاڻن ڏيڻ بعد وئنڪوئر بندرگاهه ۾ لهي پنجاهه ڊالر ڏيڻ کان ته بهتر هو ته ايترن پئسن مان پنهنجي ملڪ ۾ ئي ڪو ڪاروبار کولي ويهجي. پر ان هوندي به چيني ماڻھن ڪئناڊا ۾ اچي رهڻ ۽ پورهيو ڪرڻ ۾ وڏيڪ Charm ٿي محسوس ڪيو. هنن بهتر مستقبل لاءِ پنهنجو ملڪ ڇڏي ڪئناڊا ۾ رهڻ کي ترجيح ڏني ٿي، جيئن اڄ جي ڪيترن ئي ايشيائي ملڪن جا ماڻھو آمريڪا ۽ برطانيا ۾ رهڻ کي بهتر سمجھن ٿا.

چينين جي لڳاتار آمد کي جاري ڏسي ڪئناڊا حڪومت هاڻ 50 بدران هڪ سئو ڊالر ”هيڊ ٽئڪس“ مقرر ڪيو. ان بعد به چيني ڪئناڊا ۾ ايندا رهيا. آخر ڪار 1913ع ۾

جڏهن اهو ٽئڪس وڌائي وڌائي 500 ڊالر ڪيو ويو تہ پوءِ چيني اچڻ بند ٿي ويا. ان وقت جي رڪارڊ موجب پنج سئو ڊالر تمام وڏي دولت هئي، جڏهن تہ هڪ چڱي سچي سال ۾ چار سئو ڊالر مس بچايا ٿي ۽ وئنڪوئر ۾ هڪ گهر جي قيمت 250 ڊالر هئي.

1917_18ع ڌاري پهرين جنگ عظيم شروع ٿيڻ تي ڪئناڊا کي هڪ دفعو وري چيني مزدورن جي ضرورت پيئي ۽ هر سال چار هزار کن چيني گهرايا وڃڻ لڳا. جنگ بعد جڏهن سپاهي وطن وريا تہ وري چينين سان ساڳي ڪار ڪئي ويئي. ويتر 1920ع ۾ ملڪ جو ڪاروبار ويهي رهڻ ڪري هر هڪ جي ڪاوڙ چينين تي ٿي پيئي. چينين جي وڌيڪ اچڻ جي روڪٿام ۽ اچي ويلن کي پڇائڻ لاءِ ڪئناڊا حڪومت پهرين جولاءِ 1923ع تي چيني قوم جي ماڻهن تي هڪ تہ وري ساڳيو هيڊ ٽئڪس مڙهيو ۽ ٻيو اهو قانون پاس ڪيو تہ چيني (جيڪي مزدوريءَ لاءِ چڙها آيا ٿي ۽ پوءِ پئسو ڪمائي پنهنجين زالن ۽ ٻارن کي گهرايو ٿي) پنهنجي زال ۽ ٻارن کي گهرائي نٿو سگهي ۽ نہ وري هتي ڪنهن غير چيني عورت سان شادي يا ميل ملاقات ڪري سگهي ٿو.

مٿين قانون ڪري چيني مزدور سالن جا سال پنهنجن مائٽن مٽن کان وڇڙيل رهيا ۽ ذهني ۽ جسماني ظلم سهندا رهيا. ان ظالم قانون پاس ڪرڻ واري ڏينهن تي اڄ بہ ڪئناڊا جي چيني ڪميونٽي "Humiliation Day" ملهائي ٿي.

ڏٺو وڃي تہ ڪئناڊا_ خاص ڪري هن شهر وئنڪوئر ۾ جيڪو بندرگاهہ هجڻ ڪري ڌارين ملڪن کان آيل ماڻهن لاءِ "Gateway" هو. مڪاني گورن انگريزن نہ فقط چيني Immigrants سان پر ٻين ڌارين سان بہ ظلم ڪيا، خاص ڪري ايشيا جي رهاڪن سان. جڏهن کين سخت ۽ خوفائتي ڪم لاءِ مزدورن جي ضرورت پيئي ٿي تہ هنن چين، جپان ۽ انڊيا کان ماڻهن سان جهاز پرائي ڪانئن گهٽ پئسي تي پورهيو ٿي ورتو. ضرورت پوري ٿيڻ تي هنن کين ڌڪاريو ٿي. انهن ڏينهن ۾ جپان ۾ بہ سخت غربت هئي. اتي بہ بادشاهي راڄ هو. بادشاهہ جو خاندان، انهن جا چمچا، جاگيردار وڏيرا (Feudal Lords) وڏي عيش ۾ هئا ۽ غريب عوام سورن ۾ هو. پيٽ لاءِ هن ڪاڏي خوراڪ جي ڳولا سمنڊ ۾ ٿي ڪئي يا پرديس جا وڻ ٿي وسايا. ڪئناڊا ۾ بہ ڪافي جپاني اچي ويا هئا ۽ ويهين صديءَ جي شروع ٿيڻ سان مڪاني ماڻهن کي اهو اچي احساس ٿيو تہ ڪئناڊا يورپي نوعيت جو ٿيڻ بدران وڃي پيو ايشيائي طرز جو ٿيندو. اها نفرت ايتري وڏي ويئي جو ڪئناڊا جي انگريز آدمشماريءَ خاص

ڪري نوجوانن چينين ۽ جپانين تي حملا شروع ڪري ڏنا. 1907ع ۾ ته انهن قومن جا دڪان، گهر ۽ ڪاروبار ساڙيا ويا. جيڪو پوءِ انهن ڏينهن جي وزير اعظم ولفرد لوريئر چينين ۽ جپانين ڪي ڀري ڏنا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## سکن کي ڪئناڊا ۾ اچڻ کان روڪڻ جا قانون

ڪئناڊا ۾ داخل ٿيڻ لاءِ نہ فقط چينين ۽ جپانين کي اچڻ لاءِ دل شڪستو ڪيو ٿي ويو پر انڊين لاءِ بہ باهہ ٻريل هئي. خاص ڪري جپاني جهاز ”ڪوما گاتا_ مارو“ (Komagata Maru) وارو حادثو جيڪو اڄ کان هڪ سؤ کن سال اڳ پيش آيو اهو جهازي دنيا جي تاريخ ۾ توڙي ”انساني حقن“ جي ادارن ۾ مشهور آهي، جنهن ۾ قوميت ۽ رنگ جي بنياد تي سکن سان ٿيل ظلمن کي هر انسان نندي ٿو. هي حادثو جنهن کان جهازن سان واسطو رکندڙ تہ چڱي طرح واقف هوندا پر هتي پنهنجي عام پڙهندڙ لاءِ مختصر طور لکان ٿو.

سن 1900ع ۾ ڪئناڊا ۾ جيڪا آدمشماري ڪئي ويئي ان مان معلوم ٿيو تہ وئنڪوئر شهر ۾ ٻن هزارن کان مٿي سک رهن ٿا. ٻہ هزار ڪو وڏو تعداد نہ آهي، پر ان وقت وئنڪوئر شهر جي ئي جملي آدمشماري ڏهہ هزار کن مس هئي، جنهن ۾ بہ اڌ کان وڌيڪ چيني جپاني اچي ويا ٿي ۽ هاڻ وري هندستانين جو وڌندڙ تعداد ڏسي مڪاني انگريز آدم شماريءَ کي خوف وٺي ويو تہ ”هي پوءِ آيل وڃن ٿا ملڪ تي قبضو ڪندا. اهي پورهيا جيڪي گورا ڪرڻ کان ڪيٻائين، اهي چيني مزدور اڌ پگهار ۾ ڪرڻ ۾ بہ خوش آهن ۽ انڊين يعني پنجابي سک تہ مڙني کان سخت جان ۽ پورهيت آهن. انهن کي هاڻ هيڏانهن ڪئناڊا ۾ اچڻ کان روڪجي.“ جپانين ۽ چينين کي تہ ڪٽي سنئون سڌو روڪڻ سولو ڪم هو پر انڊيا جي ڪنهن رهاڪوءَ کي برٽش حڪومت واري ملڪ ۾ گهڙڻ کان روڪڻ ڏکيو ڪم هو جو انڊيا ۾ بہ انگريزن جي حڪومت هئي ۽ هنن برٽش پاسپورٽ استعمال ڪيو ٿي.

هونءَ وئنڪوئر جهڙا ڏورانهان، برفاني ۽ پراسرار خاموشي وارن شهرن ۾، جن جو تصور ڪري رڳو برفباري ۽ ٿڌين هوائن جا سوسات محسوس ٿين. برفاني رڇ ۽ جانورن جي کلن ۾ ملبوس ايسڪيموز نظر اچن. اتي امرتسر، لڌياني، چنديگڙهہ ۽ جلندر جا سک پهچي وڃن سو بہ 1900ع ڌاري، وڏي دل ۽ جگر جي ڳالهہ آهي. ميان ٿو تہ سنڌي هندو ان کان بہ گهڻو اڳ دنيا جي ڏورانهن ملڪن ۽ ٻيٽن ۾ پهچي ويا ۽ گجراتي هندو تہ اڃا بہ گهڻو اڳ پر اهي ٻئي واپاري ڪميونٽيون Safe ۽ سٺائي هنڌ تي پهتيون ٿي جتي پئسي جي رواني هجي، خرچ ڪرڻ وارا امير ۽ بيوقوف چيف (سلطان/ وڏيرا) هجن. موسم ٺاهوڪي هجي، ڏنڊو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڏاڙي حفاظت ۾ سرڪار جي سرپرستيءَ هيٺ هلي پوءِ ڪٽي سنگاپور، هانگ ڪانگ هجي يا برمودا ۾ لاس پاماس. پر سِک ۾ چيني مشڪل ۾ ڏکين هنڌن تي به پهچي ويا ٿي.

بهرحال ڪئناڊا جي حڪومت انڊيا کان اينڊڙن کي ڪئناڊا ۾ اچڻ کان سنئون سڌو نه جهلي نٿي سگهي جو جهڙي ڪئناڊا برطانيا راڄ جو حصو هئي، تهڙي انڊيا ۾ چون ٿا ته لنڊن آفيس طرفان ڪئناڊا حڪومت کي چتاءُ به ڏنل هو ته انڊيا کان اينڊڙن سان اهڙو ڪو ڪم نه ڪجو جو هنن ۾ قوم پرستيءَ جو جذبو پڙڪي پوي ۽ برطانيا لاءِ مصيبت جو سبب بڻجي. سو ڪئناڊا حڪومت انڊين جي ڪئناڊا مان دلچسپي ختم ڪرڻ لاءِ ٻيا طريقا ڳولي لڌا جن مان هڪ اهو هو ته ان وقت جي حڪومت 1907ع ۾ ڪجهه بل پاس ڪرايا، جنهن موجب انڊين کان ووٽ جو حق کسيو ويو ۽ سرڪاري نوڪرين جي پابندي لڳائڻ سان هنن کي وڪالت، جوڊيشري، ڊاڪٽري ۽ اڪائونٽنسي جهڙن ڪاتن ۾ ڪم ڪرڻ کان به منع ڪئي ويئي. پر جڏهن ان هوندي به انڊين جي ڪئناڊا ۾ دلچسپي جاري رهي ته هڪ سال بعد يعني 1908ع ۾ حڪومت اهو قانون ڪڍيو ته ڪئناڊا ۾ فقط ان ڌارئين کي اچڻ ڏنو ويندو جيڪو پنهنجي ملڪ مان نڪرڻ سان سڌو ڪئناڊا جو رخ رکي. يعني انڊين کي جي ڪئناڊا اچڻو آهي ته جهاز ۾ چڙهي سڌو ڪئناڊا اچن. ائين نه ته سال ٻه ڪنهن ملڪ ۾ ته سال ٻه ڪنهن ۾ رهي رهي پوءِ اچي ڪئناڊا کان نڪرن ۽ ٻي ڳالهه ته ڪئناڊا جي ڪناري تي لهڻ وقت هر ڌارئين (Immigrant) وٽ ڪئناڊا حڪومت کي هن ملڪ ۾ اچڻ جو ٽئڪس ڏيڻ لاءِ ٻه سؤ ڊالر هجڻ ضروري آهن. ذرا سوچيو ته ان دور ۾ يعني 1908ع ۾ جهازن جا ڀاڙا ڀرڻ بعد ڪٿان آيا غريب مزدورن ۽ پورهيتن وٽ ٻه سؤ ڊالر! ان وقت پئسي جو اهو انگ تمام وڏو هو. ايتري پئسي ۾ ته هو پنهنجي ملڪ ۾ چڱي وڏي فئڪٽري يا هوٽل ٺهرائي سگهيا ٿي.

نالي ۾ مٿيان قانون هر ڌارئين (Immigrant) لاءِ ڇيا ويا ٿي پر انهن جو خاص نشانو انڊين هئا جو انهن قانونن پاس ڪرائڻ بعد ڪئناڊا حڪومت ملڪي جهازران ڪمپني "Canadian Pacific" کي حڪم نامو جاري ڪيو ته هنن جو پئسينجر جهاز جيڪو ڪلڪتي (انڊيا) ۽ وئنڪوئر(ڪئناڊا) جي وچ ۾ هلي ٿو ان کي يڪدم بند ڪيو وڃي. يعني نه هوندو بانس نه وڄندي بانسري. جهاز ئي نه هوندو ته انڊيا کان ڪير ڪيئن اچي سگهندو. انهن ڏينهن ۾ سڄي هندستان ۾ ڪلڪتو وڏو بندرگاهه هو. بمبئي به پوءِ زور ورتو ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪراچيءَ تہ تمام گهٽو پوءِ. ولائت وڃڻ لاءِ سنڌ جي ماڻهن کي بہ ڪلڪتي وڃي اسٽيمر جهلڻو پوندو هو. سنگاپور ۾ ملائيشيا ۾ رهندڙ اهي پوڙها سنڌي هندو جيڪي 1900ع کان بہ اڳ آيا ستر واري ڏهي ۾ منهنجي اتي وڃڻ تي ٻڌائيندا هئا تہ هو (يا سندن وڏا) ڪلڪتي مان آگبوٽ ۾ چڙهي پينانگ ۽ سنگاپور پهتا.

ڪئناڊا وارن جي مٿين قانونن ڪري انڊيا لاءِ ڪئناڊا پهچڻ ڏکيو ڪم ٿي پيو. نہ فقط نون ماڻهن کي پر ڪيترن انهن سکن لاءِ جن جا مائٽ ڪئناڊا ۾ سالن کان Settle ٿي گهر گهاٽ ٺاهي رهيا پيا هئا ۽ هاڻ پنهنجي فئملي جي ماڻهن کي گهرائي رهيا هئا. جيئن اڄ ڪلهہ ٿئي ٿو تہ آمريڪا ۾ ڪجهہ سال رهڻ بعد جڏهن ڪنهن کي اتي جي شهريت ۽ پاسپورٽ ملي ٿو تہ هو Immigrant Visa تي پنهنجي زال، ماءُ پيءُ ۽ ڀائر ڀينرون گهرائي ٿو. پر ڪئناڊا وارن جي انهن ظالم قانونن ڪري ٻين جي وڃڻ کي ٻنجو اچي ويو ۽ اهو سلسلو ڇهہ سال کن رهيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## ڪوما گاتا جهاز جو بدنصيب سفر

سن 1914ع ۾ هانگ ڪانگ ۾ رهندڙ هڪ امير سک ٺيڪيدار گردت سنگهه سرهالي، جنهن کي سندس دوست ”باگها“ به سڏيندا هئا، ڪئناڊا حڪومت جي مٿين قانونن کي منهن ڏيڻ ۽ پنهنجي سک ڪميونٽيءَ کي ڪئناڊا پهچائڻ لاءِ دماغ ۾ هڪ Idea آئي.

ڪئناڊا وارن فقط انهن انڊين کي پنهنجي ملڪ ۾ اچڻ لاءِ هائوڪار ڪئي ٿي جيڪي انڊيا کان لڳاتار سفر ڪري ڪئناڊا پهچن يعني هو Continuous Journey ذريعي ڪئناڊا جي بندرگاهه وئنڪوئر ۾ پهچن. ساڳي وقت جنهن جهاز ران ڪمپني جا ”پئسينجر جهاز“ ڪلڪتي کان وئنڪوئر Continuous Journey تي هليا ٿي اها ڪئناڊا وارن جي هئي، جنهن تي ڪئناڊا حڪومت دٻاءُ وجهي ڪلڪتي کان جهاز هلائڻ واري روٽ بند ڪرائي ڇڏي. اهڙي صورت ۾ گردت سنگهه ”باگها“، جنهن مختلف ملڪن ۾ انڊيا جا مزور سپلاءِ ڪرڻ جو ڪم ڪيو ٿي، ان جپان جي هڪ جهاز ران ڪمپنيءَ کان ڪوئلي تي هلندڙ هڪ اسٽيمر (آگ بوٽ) چارٽر ڪيو يعني- سال اڌ لاءِ مقاطي تي ورتو. ان جهاز جو نالو ڪوماگاتا مارو (Komagata Maru) هو جنهن جي نالي سان هي ڪيس دنيا ۾ مشهور ٿيو.

گردت سنگهه پاڻيءَ جو هي جهاز ڪوماگاتا چارٽر ڪري مسافرن ۾ ٽڪيٽون وڪڻڻ لڳو ۽ هاڻ جهاز کي لنگر کڻڻ ۾ جڏهن باقي به ڏينهن وڃي بچيا ته هانگ ڪانگ جي پوليس جهاز جي Sail ڪرڻ تي بندش وجهي گردت سنگهه کي ڦاٽڪي تي بند ڪيو. مٿس اهو ڏوهه مڙهيو ويو ته هو غير قانوني سفر لاءِ غير قانوني طور ٽڪيٽون وڪڻي رهيو آهي. پر پوءِ 24 مارچ 1914ع تي هانگ ڪانگ جي انگريز گورنر ڪيس لاڪ اپ مان آزاد ڪري جهاز جي لنگر کڻڻ جي اجازت ڏني.

”ڪوماگاتا مارو“ جهاز چوٿين اپريل تي هانگ ڪانگ جو بندرگاهه ڇڏيو. ان وقت هن تي 165 مسافر هئا. 8 اپريل تي جهاز چين جي بندرگاهه شنگهائي ۾ پهتو جتي ڪجهه ٻيا مسافر به چڙهيا ۽ يوڪوهاما (جپان) لاءِ روانو ٿيو. يوڪوهاما ۾ به هفتا رهڻ بعد ٽي مئي تي پئسفڪ سمنڊ جهاڳڻ لاءِ روانو ٿيو. ان وقت مٿس 376 مسافر سوار هئا ۽ 23 مئي تي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

وئنڪوئر جي ٻاهران اچي لنگر ڪرايو. جهاز جڏهن شنگهائي (چين) ۾ هو ته اتي جرمني جي هڪ تار ڪمپنيءَ پنهنجي ملڪ جي نيوز ايجنسيءَ کي ڪوما گاتا جهاز جي خبر پهچائي ته اهو 400 هندستاني مسافر کڻي وئنڪوئر پيو وڃي.“ ڪئناڊا جي اخبار ”Vancouver Province“ وارن جرمن پريس مان اها استوري کڻي هيٺين عنوان سان ڇپي.

“Ship Loads of Hindus On Way To Vancouver”

۽ ٻيو عنوان ڏنائون: هندن جو ڪئناڊا تي حملو.

“Hindu Invasion of Canada”

هونءَ هن جهاز ۾ انڊيا جا جيڪي پنجابي مسافر ڪئناڊا پهتا هئا اهي سڀ سک به نه هئا. نالن جي لسٽ مان معلوم ٿو ٿئي ته انهن ۾ 340 سک هئا، 24 مسلمان ۽ 12 هندو هئا. انهن ۾ ويهه ڄڻا اهي هئا، جيڪي اڳهين ڪئناڊا جا شهري ٿي چُڪا هئا ۽ موڪلون گذارڻ لاءِ انڊيا ويا هئا ۽ هاڻ هن جهاز ۾ موٽيا هئا. بهرحال هنن سڀني وٽ Valid برٽش پاسپورٽ هئا ۽ سڀ برطانيا راڄ جا شهري هئا. جيئن ڪئناڊا جا سڀ ماڻهو هئا. هونءَ مسافرن ۾ سڪن جي گهڻائي هجڻ ڪري ڪئناڊا جي سکن هن مسئلي کي پنهنجو مسئلو سمجهي هنن جي مدد لاءِ چندا هڪ طرف گڏ ڪيا ته وڪيل، ڊاڪٽر ۽ رهائش جا بندوبست ٻئي پاسي ڪيا. پر ڪئناڊا حڪومت اهو ئي چيو ته هن جهاز قاعدي جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي ۽ اسان هڪ به مسافر کي لهڻ نه ڏينداسين. اميگريشن پوليس وارا بندوقن سان ٻيڙين ۾ سوار ٿي هن جهاز جي چوڌاري پهرو ڏيڻ لڳا ته متان ڪو جهاز جي ٻيڙي لاهي ڪناري تي پهچي وڃي. هنن فقط ڪئناڊا جي متين 20 شهرين ۽ جهاز جي ڊاڪٽر ۽ ان جي ٻارن کي جهاز تان لهڻ ڏنو.

جهاز ۾ آيل مسافرن جو جذبو هيٺو ڪرڻ لاءِ وئنڪوئر جي پورٽ اٿارٽي ۽ اميگريشن وارن جهاز وارن جو راشن پاڻي خريد ڪرڻ تي به جهل وجهي ڇڏي، جيئن هوا ج ۽ بک جي حالت ۾ وئنڪوئر جي ساموندي علائقي مان پنهنجي جهاز کي ڪاهي ٻئي ڪنهن بندرگاهه ڏانهن هليا وڃن. جهاز 23 مئي تي وئنڪوئر پهتو ۽ پوري مهيني کان پوءِ اميگريشن وارن جي مقرر ڪيل ڪورٽ ۾ مسافرن طرفان ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جنهن جي لاءِ مسافرن طرفان موڪليل هڪ نوجوان هاري منشي سنگهه ڪورٽ ۾ پهتو. ان مهيني اندر گردت سنگهه ۽ ڪناري جي سکن وڪيلن ۽ ڪورٽ جي في پنج هزار ڊالر ۽ جهاز جي جپاني مالڪ کي

پنهنجو جهاز بندرگاهہ ۾ وڏيڪ ڏينهن بيهارڻ لاءِ ويهہ هزار ڊالر گڏ ڪيا. ”اسين برطانيا راڄ جا شهري آهيون،“ گردت سنگهہ چيو ”۽ اسان جو اهو حق آهي تہ برطانيا سلطنت جي ڪنهن بہ حصي جو سير ڪريون. هي اسان جي طرفان ٽيسٽ ڪيس آهي ۽ اسان کي جيڪڏهن ڪئناڊا ۾ رهڻ جي اجازت نہ ڏني ويئي تہ اها ڳالهہ اتي ئي ختم نہ ٿيندي.“

ڪورٽ اهو ئي فيصلو ڏنو تہ منشي سنگهہ يا ڪنهن بہ انڊين کي ڪئناڊا اچڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي، جو هنن ملڪي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. هڪ تہ جهاز ڊئريڪٽ انڊيا مان پئسينجر کڻي نہ نڪتو آهي ۽ ٻي ڳالهہ تہ منشي سنگهہ کي ٽئڪس ڏيڻ لاءِ مقرر ٿيل ٻہ سؤ ڊالر بہ نہ آهن. ننڍي ڪورٽ جي فيصلي خلاف ڪئناڊا جي وڏي ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي ويئي. ان بہ ساڳيو فيصلو ڏنو تہ مسافرن سوڌو جهاز هتان هليو وڃي. پر جهاز وڃن بدران اتي ئي بيٺو رهيو.

21 جولاءِ تي ڏيڍ سؤ کن سپاهي گن بوٽن ۾ ڪوما گاتا جهاز وارن کي هتان وڃڻ لاءِ زور ڀريو ۽ ڪجهہ هٿ چراند بہ ٿي نتيجي ۾ جهاز جي مسافرن پوليس تي پٿراءُ بہ ڪيو (پٿر تہ جهاز تي موجود نہ هئا پر جهاز جا بائلر ٻارڻ لاءِ جيڪي پٿرن جهڙا اڪوئلا هئا اهي هنيا.) ان ڏينهن پوليس موٽي ويئي ۽ پوءِ 23 جولاءِ تي صبح ساڻ نيول فوج جي وڏي اٿالي ڪوما گاتا جهاز کي ڇڪي کلئي سمنڊ ۾ ڦِٽو ڪري آيو تہ ايشيا ڏي واپس روانو ٿي وڃي.

ڪوما گاتا جهاز جي مسافرن سان جيڪو ڪئناڊا جي حڪومت برتاءُ ڪيو، اِن اُن وقت جي وزيراعظم لائوريئر کي دنيا اڳيان تمام گهٽو ڏنو ڪيو جو هنن هزارين گورن يورپين کي تہ ڪئناڊا ۾ اچڻ ڏنو پئي پر 376 سکن کي ٽڪڻ نہ ڏنو.

مٿين جهاز ۽ ان ۾ سوار ٿيل مسافرن جي شايد قسمت سٺي نہ هئي جو ڪئناڊا کان ساڳيا پير کڻي موٽڻ تي مهيني ڏيڍ جو سفر ڪري اهو جهاز جڏهن هانگ ڪانگ پهتو تہ اتي جي حڪومت بہ هن جهاز کي بندرگاهہ ۾ گهڙڻ نہ ڏنو. ڪيس پري کان ئي ڀڄائي ڪڍيو. ان بعد هفتي ڏيڍ جي وڏيڪ سفر بعد جڏهن جهاز سنگاپور پهتو تہ اتي بہ سندس نصيب ۾ اها ڪار گذاري ٿي جيڪا هانگ ڪانگ ۽ وئنڪوئر ۾ ٿي هئي. اتان پوءِ ملاڪا جو ڳچي سمنڊ ۽ خليج بنگال لتاڙي جهاز 26 سيپٽمبر تي ڪلڪتي جي ويجهو پهتو. انهن ئي ڏينهن ۾ پهرين جنگ عظيم جو اعلان ٿي چڪو هو ۽ نيويءَ جي جهازن هن جهاز کي ڪلڪتي ڏي وڃڻ بدران جهاز ۾ سوار مسافرن کي باغي ۽ برطانيا حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ وارا قرار

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڏيئي، کين ڪلڪتي کان پري ”بج بج“ نالي هڪ ننڍڙي بندرگاهه ڏي ڌڪي ڇڏيو جتان انگريز راڄ جي حڪومت کين ريل گاڏيءَ ذريعي پنجاب روانو ڪرڻ ٿي چاهيو. پر سکن ڪلڪتي وڃڻ چاهيو ٿي. هنن جو چوڻ هو ته هنن سان جيڪو گرو گرنٿ صاحب ـ(سکن جو ڌرمي ڪتاب) ساڻ آهي، ان کي هو پنهنجن هٿن سان ڪلڪتي جي وڏي گوردواري ۾ رکڻ ٿا چاهين. هنن جي اها ڳالهه مڃڻ کان سرڪار انڪار ڪيو جنهن جي ردعمل ۾ سکن ڪافي ضد ڪيو. حڪومت جي سپاهين گوليون هلايون. ان جهيڙي ۾ ويهه سک مارجي ويا ۽ ٻيا قيد ڪيا ويا. ڪيترن کي ڦاهي ڏني ويئي. باقي بچيلن کي به جيل ۾ سخت جسماني ۽ ذهني تڪليفون ڏنيون ويون. گردت سنگهه لڪي ويو ۽ ست سال غائب رهيو. تانجو 1922ع ۾ گانڌيءَ (موهن داس) جي ايلاز منٿن تي هو ”هڪ سچي حب الوطن“ جي حيثيت سان پوليس اڳيان اچي پيش ٿيو. ڪيس پنج سالن جي ٽيپ اچي ويئي.

انڊيا کي 1947ع ۾ انگريزن طرفان آزادي ملڻ بعد هندستان ۾ جيڪو ٻهريون ٻهريون يادگار ٺاهيو ويو اهو 1951ع ۾ بج بج جي شهر ۾، ”ڪوما گاتا ـ مارو“ جهاز جي هنن سک مسافرن جي قتلام جي ياد جو هو ۽ هوڏانهن دنيا جي ٻئي پوڇڙ تي، يعني وئنڪوئر ۾ جتي منهنجو ٻن ڏينهن کان پوءِ پاڻي واري جهاز بدران هن پيري هوائي جهاز ۾ مسافر جي حيثيت سان وڃڻ ٿي رهيو هو، اتي جي ٽڪاڻي (سکن جي گوردواري) ۾ هن بدنصيب حادثي جي ياد ۾ تختي لڳل آهي، جيڪا ڪوما گاتا مارو جهاز جي وئنڪوئر مان نڪرڻ واري تاريخ کان پوءِ پورن 75 سالن بعد 23 جولاءِ 1989ع تي لڳائي ويئي هئي. هن تختيءَ تي هيٺين عبارت درج ٿيل آهي:

Komagata Maru Incident 75th Anniversary. Dedicated to the Memory of the 376 Passengers (340 Sikhs, 24 Muslims, 12 Hindus) who arrived at Burrard inlet, Vancouver on May 23, 1914, from the Indian sub_continent on the ship Komagata maru (Guru Nanak Jahaz). Due to the racist immigration policy of the Dominion of Canada, they were forced to leave on july 23, 1914. Khalsa Diwan Society, Vancouver, pays respect to those passengers by commemorating the resprehensible incident.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## هن جهاز تي ٺهندڙ فلم ۾ اميتاڀ بچن ڪم ڪندو

ڪوما گاتا جهاز تي ڪئناڊا ايندڙ سکن جي ياد ۾ وئنڪوئر جي گوردواري ۾ لڳل ڪتبو (Plaque) پڙهڻ تي ياد آيو تہ هن جپاني جهاز (Komagata) جو جهاز ۾ سوار سکن، ”گرو نانڪ جهاز“ نالو رکيو هو. جهاز جي مسافرن جي مدد لاءِ وئنڪوئر جي سکن جي جماعت ”خالصا ديوان سوسائٽي“ هڪ ڪناري جي ڪميٽي (Shore Committee) ٺاهي، جنهن ۾ سوهن لال پاٺڪ جهڙا هندو ۽ حسين رحيم جهڙا مسلمان پڻ شامل هئا ۽ هن ڳالهہ کي نہ فقط سکن سان ڏاڍائي سمجهي ويئي ٿي پر سڄي هندستان جي ماڻهن جي بي عزتي ۽ گهٽتائي سمجهي ويئي ٿي. ان سلسلي ۾ وئنڪوئر جي Dominion Hall ۾ انڊين جي هلندڙ هڪ ميٽنگ ۾ اهو اعلان ڪيو ويو تہ گرو نانڪ جهاز (ڪوما گاتا ـ مارو) جي مسافرن کي ڪئناڊا جي ڪناري تي لهڻ جي موڪل نہ ڏني ويئي تہ اسين (Indo_ Canadians ڪئناڊا ۾ اڳ جا Settle ٿيل انڊين هندو، مسلمان، سک عيسائي) هي ملڪ ڇڏي انڊيا هلي انگريز حڪومت جي خلاف غدر (بغاوت) ڪنداسين. علي ڪاظمي نالي هڪ فلم ٺاهيندڙ جنهن جي وڏن جو اصل ملڪ تہ هندستان هو پر پاڻ ڪئناڊا ۾ ڄائو سکن جي هن ٽريجڊي ۽ گورن انگريزن جي ايشيا جي ماڻهن لاءِ نفرت جي ڪهاڻي Continuous Journey نالي پنهنجي فلم ۾ پيش ڪئي آهي. هن فلم جي ڪهاڻي سکن جي جهاز ڪوما گاتا جي چوڌاري ڦري ٿي. هن فلم ٺاهڻ ۾ علي ڪاظميءَ کي اٺ سال لڳي ويا ۽ 2004ع ۾ هيءَ فلم رليز ٿي هئي. هن فلم کي ڏهن کان مٿي دنيا جا ايوارڊ مليا آهن ۽ تازو هينئر ممبئي انٽر نيشنل فلم فيسٽيول ۾ بہ هن فلم Continuous Journey کي ايوارڊ مليو.

هن ئي حادثي تي هڪ ٻي فلم ”Exclusion“ جي نالي سان، ديپا مهتا ٺاهي رهي آهي، بلڪ جاڻ تہ رليز بہ ٿي ۽ منهنجي هن ڪالم جو اخبار ۾ ڇپجڻ جو وارو بہ پوءِ اچي. ديپا مهتا جا وڏا پڻ انڊيا جا آهن پر پاڻ ڪئناڊا جي سٽيزن آهي. ديپا ڪيترين ئي فلمن جي ڊائريڪٽر آهي پر سندس ويجهڙائيءَ واري هندي فلم (Water) سندس گهڻي مشهوري ڪئي آهي، جنهن تي کيس 79 هين ساليانو اڪيڊمي ايوارڊس تي Oscar ايوارڊ مليو. هن فلم جي مقابلي ۾ فائنل تائين ڊينمارڪ جي فلم After the Wedding، الجيريا جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

Days of Glory ۽ جرمني جي The Lives of Others فلمون رهيون.

ديپا دهلي يونيورسٽيءَ مان فلسفي ۾ گريجوئيشن ڪرڻ بعد ٻارن جي فلمن جون ڪهاڻيون لکڻ سان فلمي ڪيريئر جي شروعات ڪئي. ڊائريڪٽر جي حيثيت سان سندس پهرين فلم Sam & Me آهي، جيڪا 1991ع ۾ ٺاهيائين. جنهن جو مرڪزي ڪردار اوم پوري“ آهي. هيءَ فلم هڪ نوجوان مسلمان ڇوڪري ۽ وڏي عمر جي يهودي همراهه. جيڪو ٽورنٽو ڪئناڊا ۾ رهي ٿو جي وچ ۾ دوستي ۽ وهنوار جي ڇوڏاري ڦري ٿي. 1991ع واري فرينچ (ڪئنيز فلم) فيسٽيول ۾ جيتوڻيڪ هن فلم کي انعام نہ مليو پر واکاڻي ضرور وئي.

1994ع ۾ ديپا مهتا جي فلم ”Camilla“ ميدان تي آئي جنهن ۾ هن برجٽ فونڊا ۽ جيسيڪا ٽانڊي کي گڏ گڏ آندو آهي. سندس 1996ع واري فلم ”Fire“ جنهن ۾ هن انڊيا جي مشهور اداڪارائن: شبانا عاظمي ۽ نانديتا داس کي کنيو Lesbianism واري ڪهاڻي ڪري ڪافي بحث ۽ گوڙ فساد مچايو ان بعد 1998ع ۾ سندس فلم 1947: Earth آئي، جنهن ۾ 1947ع واري ورهاڱي جي ڪهاڻي آهي، جيڪا هڪ پارسي نوجوان ڇوڪريءَ جي احساسن تي مبني آهي.

بهرحال ديپا مهتا کي دنيا ۾ مشهور ڪرائڻ واري Water آهي، جنهن بابت ڪجهه خبر چار آخر ۾ ڪيون ٿا.

اڄ ڪلهه ديپا مهتا ڪوما گاٽا جهاز واري ٽريجڊي تي تاريخي فلم ٺاهي رهي آهي، جنهن جو نالو Exclusion رکيو اٿس. هن فلم ۾ ديپا جان ابراهام کان علاوه اميتاڀ بچن کي بہ رکڻ چاهي ٿي جيڪو شايد گردت سنگهه جو ڪردار ادا ڪري. بقول ديپا جي ”آئون اکيون ٻوٽي بند ڪريان تہ مون کي اميتاڀ بچن ڪوما گاٽا جهاز تي نظر ٿو اچي.“

بابا گردت سنگهه سرهالي جنهن سکن کي ڪئناڊا پهچائڻ لاءِ جپاني جهاز ڪوما گاٽا چارٽر ڪيو ان تي بہ اکر لکڻ ضروري ٿو سمجهان تہ سنڌي هندن وانگر سکن بہ هميشہ جستجو ڪئي آهي، جڏهن تہ اسان جي مسلمان ڀائرن هڪ سئو سالن بعد بہ ٻاهر نڪرڻ کان ڪيٻايو ٿي تہ سکن جا پيئر ۽ ڏاڏا سنگاپور، ملائيشيا ۽ هانگ ڪانگ کان وٺي ٻري آمريڪا ۽ ڪئناڊا کان وڃي نڪتا هئا. ان سلسلي ۾ هڪ آمريڪي ڪانگريس مئن سک جي ڳالهہ پهرين واري آمريڪي سفر نامي: ”نيو هالا کان نيو يارڪ“ ۾ بہ ڪري چڪو آهيان تہ هو ڪيئن پنجاب جي هڪ ڳوٺڙي کان آمريڪا پهتو. جتي وڏيڪ تعليم حاصل ڪري

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جج ٿيو۽ آخر ۾ ڪانگريس مئن يعني آمريڪا جي نيشنل اسيمبليءَ جو ميمبر بہ ٿيو.

گردت سنگهہ (جنهن جو پارٽ اميتاڀ بچن. ڪوما گاتا جهاز واري ٽريجڊي تي ديپا مهتا جي ٺهندڙ فلم ۾ ادا ڪندو) پنجاب جي امرتسر ضلعي جي هڪ ڳوٺ سار هالي ۾ 1890ع ۾ ڄائو. گردت سنگهہ جو ڏاڏو رتن سنگهہ خالصا فوج ۾ وڏي رئنڪ وارو مليٽري آفيسر هو ۽ انگريزن ۽ سکن جي وچ ۾ لڳل لڙائين (Anglo_ Sikh Wars) ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. هن انگريزن طرفان ملندڙ جاگير جي آڇ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. بعد ۾ سندس پٽ يعني گردت سنگهہ جي پيءُ حڪم سنگهہ ملايا ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي ۽ اتي ٺيڪيداريءَ جا ڪم ڪندو رهيو.

گردت سنگهہ، پنيان پنجاب ۾ رهي، ڪا خاص تعليم حاصل نہ ڪئي. ان بعد 1885ع ۾ هو پنهنجي پيءُ وٽ ملايا ۾ وڃي رهيو. جتي هو بہ پنهنجي پيءُ وانگر ملايا ۽ سنگاپور ۾ ٺيڪيداري ڪندو رهيو. جتان پوءِ 1911ع ۾ پنهنجي وطن پنجاب ۾ موٽي Forced Labour (غريب عوام کان زوريءَ مزوري ڪرائڻ) جي سلسلي ۾ انگريز حاڪمن خلاف آواز اٿاريو. جڏهن هن کي حڪومت طرفان ڪو جواب نہ مليو تہ هن 1911 ۾ پنهنجي ڳوٺ جي ماڻهن کي سرڪاري بيگر وهڻ کان انڪار ڪرڻ لاءِ پڙڪايو. ان بعد هانگ ڪانگ پهچي 1914ع ۾ هڪ جپاني جهاز Komagata Maru ڪجهہ مدت لاءِ مقاطي تي ورتو ۽ ان جو نالو ”گرو نانڪ جهاز“ رکي سکن کي ڪئناڊا پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جي ناڪاميابي ۽ مغرب جي گورن جي ايشيا جي عوام لاءِ نفرت جي ڪهاڻيءَ جو احوال شروع ۾ ڏئي چڪو آهي.

جهاز جي ڪلڪتي موٽڻ تي انگريز حڪومت جي پوليس طرفان هن جهاز جي مسافرن تي هلندڙ گولي ۽ سختيءَ ۾ ڪيترائي مسافر مارجي ويا. ڪيترن تي حڪومت خلاف بغاوت جو ڪيس هلائي ڪين ڦاهي ڏني ويئي يا جيلن ۾ سخت پورهئي سان بند ڪيو ويو. گردت سنگهہ لڪي ويو ۽ ڪيترائي سال انڊر گرائونڊ رهيو. تان جو 1920ع ۾ مهاتما گانڌيءَ جي صلاح تي هو ظاهر ٿيو ۽ نانڪانا صاحب ۾ اچي پيش پيو. ڪيس پنج سال ٽيپ اچي ويئي، جيڪا پوري ڪرڻ بعد زندگيءَ جا باقي ڏينهن ڪلڪتي ۾ گذاريا. جتي هن جو 24 جولاءِ 1954ع تي موت ٿيو. هندستان ۾ توڙي دنيا جي سکن لاءِ هو هڪ سچو محب وطن ۽ انسانن جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ ۽ غريبن سان ٿيندڙ ظلمن خلاف آواز اٿاريندڙ مڃيو

وجي ٿو. هن جي چارٽر ڪيل جهاز جي ڏکوئيندڙ واقعي جي ياد ۾ نه فقط وئنڪوئر جي ٽڪاٽي ۾ يادگار پليٽ لڳل آهي پر وئنڪوئر جي وچ شهر ۾ پڻ ڪتبو لڳل آهي، جنهن تي هي سٽون درج آهن:

On May 23, 1914, 376 British Subjects (12 Hindus, 24 Muslims and 340 Sikhs) of Indian origin arrived in Vancouver harbour aboard the Komagata Maru, seeking to enter Canada. 352 of the passengers were denied entry and forced to depart on july 23, 1914. This plaque commemorates the 75th anniversary of that unfortunate incident of racial discrimination and remind Canadians of our commitment to an open society in which mutual respect and understanding are honoured, differences are respected, and traditions are cherished.

اها Plaque (يادگار ڪتبو) هن جهاز جي حادثي جي 80 هين ورسيءَ تي 1994ع ۾ لڳائي ويئي هئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## ٽوڪيو يونيورسٽيءَ جو پروفيسر برڪت اللهٰ ۽
## ڪوما گاتا تي لکيل ڪتاب

گرو نانڪ جهاز (Komagata Maru) جي هڪ ٻه ٻيون مزيدار ڳالهيون جيڪي پڻ پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ هتي لکي رهيو آهيان. 1914ع ۾ سکن جو هي جهاز ڪئناڊا ويندي واٽ تي جڏهن جپان جي بندرگاهه يوڪوهاما ۾ پهتو ته اتي محمد برڪت نالي هڪ پروفيسر جهاز جي مسافرن سان اچي مليو هو. هي پروفيسر محمد برڪت الله ٽوڪيو يونيورسٽيءَ ۾ اڙدو جو پروفيسر هو. هندستان توڙي هندستان کان ٻاهر سندس وڏي عزت هئي ۽ کيس عظيم استاد (The Great Teacher) سڏياٿون ٿي. سندس پورو نالو مولوي عبدالحافظ محمد برڪت الله هو. پاڻ مڌيا پرديش پرڳڻيءَ جي شهر ڀوپال ۾ 1854ع ۾ ڄائو ۽ 73 ورهين جي ڄمار ۾ 1927ع ۾ وفات ڪيائين. پاڻ انگريز حڪومت جي سخت خلاف، انقلابي جوان هو. برڪت الله انڊيا کان ٻاهر رهي پنهنجي ملڪ جي آزاديءَ لاءِ جوشيليون تقريرون ڪندو هو يا دنيا جي مشهور اخبارن ۾ انگريز حڪومت خلاف مضمون لکندو هو. اها ٻي ڳالهه آهي ته هن پنهنجي جيئري پنهنجي ملڪ کي آزاد ٿيندو نه ڏٺو پر سندس جدوجهد ملڪ جي آزاديءَ لاءِ تمام گهڻو ڪم آئي.

پرائمري تعليم ڀوپال مان حاصل ڪرڻ بعد برڪت الله اعليٰ تعليم ممبئي ۽ لنڊن مان حاصل ڪئي. هو بيحد ذهين شاگرد هو ۽ هر تعليم لاءِ هن کي اسڪالر ملندي رهي. هن کي ست زبانون آيون ٿي: عربي، فارسي، اردو، ترڪش، انگريزي، جرمن ۽ جپاني. 1906ع ۾ برڪت الله نيو يارڪ ۾ به آيو هو ۽ 34 نمبر گهٽيءَ ۾ گهر نمبر هڪ West ۾ هڪ مرهٽي ڪرسچن سئميوئل ليوڪس سان ملي Pan Aryan Association ٺاهي.

برڪت الله جو آگسٽ 1907ع ۾ نيو يارڪ Sun اخبار ۾ ڇپيل خط تمام مشهور آهي، جنهن ۾ برڪت الله انگريز حڪومت تي وڏا چوهه چنڊيا آهن ته انگريز اسان مسلمانن ۽ هندن کي پاڻ ۾ ويڇهو ٿيندو ڏسي ڏجي ويا آهن ۽ هاڻ اهو ڏينهن پري ناهي جو نندي ڪنڊ جا هندو ۽ مسلمان هڪ ٿي انگريزن کي اسان پنهنجي ڌرتي ماءُ تان تڙي ڪيندا سين.

اخبارن ۾ لکڻ کان علاوه برڪت الله جا مضمون پئمفليٽن جي شڪل ۾ انڊيا ۾ ورهايا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ويندا هئا. جيڪي لٿو گرافي (هٿ جي مشينن) ذريعي ڇپيا ويا ٿي. انهن ۾ ٻه بيحد مشهور آهن هڪ The Suordislast Resort ۽ ٻيو اردوءَ ۾ ”فرنگي ڪا فريب“. برڪت الله 1927ع ۾ سئن فرانسسڪو ۾ وفات ڪئي. جتان هن جي لاش کي سئڪرامينٽو شهر (ڪئليفورنيا) جي مسلم قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

هندستان جي آزادي بعد، بلڪ ڪافي سالن بعد 1988ع ۾ ڀوپال يونيورسٽيءَ جو نالو بدلائي حافظ برڪت الله ڀوپاليءَ نالي ”برڪت الله يونيورسٽي“ رکيو ويو.

آخر ۾ هن بدنصيب جهاز ڪوما گاٽا جي هن واقعي بابت ڪجهه ڪتابن جا نالا پڻ لکان ٿو جن ۾ تفصيلي احوال پڙهي سگهجي ٿو.

Hugh J.M. Johnston جو آڪسفورڊ يونيورسٽي دهلي طرفان ڇپيل ڪتاب:

The Voyage of the Komagata Maru: The sikh Challenge to Canada's Colour Bar

ڪيسر سنگهه جو ڪئناڊا ۾ 1989ع ۾ ڇپيل ڪتاب:

Canadian Sikhs & Komagata Massacre

مئڪ گِل – ڪئين يونيورسٽي پريس، مانٽريل طرفان 1990ع ۾ پيٽر وارڊ جو لکيل ڪتاب:

"The Komagata Maru Incident"

(Popular Attitudes & Public Policy Towardds Orientals In Brtish Columbia_ Canada).

ڪيسر سنگهه جو پنجابي (يعني گرمکي) ۾ لکيل ”ڪوما گاٽا مارو“ ناول. هي ناول 1993ع ۾ پٽيالا ۾ ڇپيو.

ان جهاز جي واقعي تي پنجابي ۾ هڪ ٻيو ناول هرچرن سنگهه جو به لکيل آهي، جنهن جو نالو: ”ڪوما گاٽا مارو_ قومي دکنتا“ آهي. جيڪو چنديگڙهه ۾ رگهبيرا رچنا پراڪاشنا وارن 1985ع ۾ ڇپيو ۽ ان تي ڊرامو پڻ ناهيو.

ان قسم جو اسٽيج ڊرامو (Play) ڪئناڊا پريس ٽورنٽو وارن پڻ ڪئناڊا مان ڇپيو جيڪو Sharon Pollock لکيو ۽ نالو اٿس: ,The Komagata Incident هي سن 1992ع ۾ ڇپيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هن جهاز جي واقعي بابت هڪ ناول اتر پرديش جي ڪرنتيڪاري پريس طرفان 1970ع ۾ هندي زبان ۾ ڇپيو جنهن جو نالو آهي: ”ڪوما گتا جهاز ڪي سمندر ياترا“

سکن جي جهاز جي ٽرئجڊي جي ڳالهه پڙهي توهان کي به ڏک ٿيندو هوندو ۽ ساڳي وقت هنن جي همٿ کي سارهائيندا هونداٿو ته اڄ کان هڪ سئو سال اڳ جڏهن نه اهڙا سٺا جهاز هئا ۽ نه سمنڊ تي بچاءُ جا طريقا، ان دور ۾ هنن جو هيڏو وڏو سفر ڪرڻ، سو به ان ملڪ ڏي جيڪو هنن جي آڌرڀاءُ ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. وڏي دل ۽ جگر جي ڳالهه آهي ۽ ان جو بندوبست ڪرڻ وارو گردت سنگهه توڙي مسافر قومي هيرو جو درجو رکن ٿا- پر پنهنجي ملڪ لاءِ يعني نئيڊي ڪنڊ جي ماڻهن لاءِ، اهي ساڳيا ماڻهو ڪئناڊا يا برطانيا وارن لاءِ ته عجيب بيوقوف ۽ مٿي جا سور سمجهيا ويا ۽ سمجهيا وڃن ٿا.

جهاز هلائڻ وارن ڏينهن ۾ ڪئناڊا جي ڪنهن بندرگاهه ۾ اسان جهازين جي ڪنهن ڪانفرنس ۾ يا شايد سئيڊن ۾ پوسٽ گريجوئيشن وارن ڏينهن ۾ هڪ گروپ Discussion ۾ جڏهن سکن جي هن جهاز ڪوما گاتا (جنهن جو سکن نئون نالو گرو نانڪ جهاز رکيو) جي ڳالهه نڪتي ته مون ڏٺو ته سيني يورپين ان سفر کي غلط قرار ڏنو. ويندي جرمن جهازين به. جيتوڻيڪ انهن ڏينهن ۾ جرمني وارن جون انگريزن تي باهيون هجڻ ڪري هنن سکن جي Case جو پاسو کنيو هو ۽ کين انگريزن خلاف اڀاريو هو.

هڪ انگريز جهازي ڪئپٽن چيو ته اهي سک جهڙا اڄ چريا آهن، تهڙا سندن اڄ کان سئو سال اڳ ڪم هئا. پنهنجو پاڻ کي به تڪليف ۾ وڌائون ته اسان انگريزن کي به بدنام ڪيائون. ”اڄ ڏينهن تائين دنيا ان ڳالهه ڪري اسان کي گاريون ڏئي ٿي ته توهان گورن رنگ ۽ قوميت جي بنياد تي انسان ذات سان ظلم ڪيو.“

ان ئي ميٽنگ ۾ يا شايد برطانيا جي ڪنهن بندرگاهه ۾، سکن جي ان جهازي سفر جي ڳالهه نڪتي ته ڪئناڊا جي هڪ گوري، سکن جي ان ائڊوينچر کي سراسر بي وقوفي قرار ڏيندي چيو ته هر ڳالهه مڃائڻ جو ڪو طريقو ٿيندو آهي. ڪئناڊا جي حڪومت جيڪڏهن انڊيا جي رهاڪن لاءِ ڪئناڊا ۾ اچڻ لاءِ دروازا بند ڪيا ته ان جو مطلب اهو ته نه آهي ته بنا سوچي سمجهي پاڙا پري، جهاز ڪاهي، ڌارئين ۽ ڏورانهين ملڪ ۾ پهچي اتي جي اميگريشن پوليس تي پٿر بازي ڪجي ۽ هر حال ۾ پنهنجي ڳالهه مڃائڻ ڪجي. جهاز وارن کي بندرگاهه ۾ گهڙڻ جي اجازت وٺي پوءِ پنهنجي وطن مان لنگر کڻڻ کپي. هي کهڙو طريقو هو ڪئناڊا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي قانون جو مقابلو ڪرڻ جو؟ ۽ پوءِ هن ان سلسلي ۾ سکن جو هڪ چرچو ٻڌايو:

”هڪ سک کان پڇيو ويو تہ تون شينهن کي ماري سگهين ٿو؟“

”جي ها!“ هن وراڻيو ”ان ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي.“

”ڪيئن ڀلا؟“ هن کان پڇيو ويو.

”جنگل ۾ وڃي آئون زهر کائي ويهي رهندس. جيئن ئي شينهن مون کي کائيندو تہ هو بہ مري ويندو.“ سک ٻڌايو.

سو هتي بہ سکن ان قسم جو طريقو استعمال ڪيو جنهن ۾ پاڻ بہ مئا ٻين کي بہ بدنام ڪيائون.

بهرحال اهو انگريزن ۽ ڪئناڊا جي گورن جو Point of view آهي. انهن ڏينهن ۾ ڪٿي هو Port Permission جو رواج ۽ ڪٿي هو Port Control؟ ماڻهو پئي آيا ويا. گورا يورپي تہ جنهن بندرگاهہ ۾ آيا ٿي ان تي قبضو ڪري ويهي ٿي رهيا. ڇو جو هنن وٽ بندوقون ۽ بم هئا. اسين ايشيائي ۽ آفريقي ٽيڪنيڪلي پنتي هئاسين. ان ڪري تڏهن (۽ اج بہ) بيروزگاري ۽ بک کي منهن ڏيڻ لاءِ دردر پورهئي لاءِ ٿي وياسين تہ بہ اسان کي ڪنهن قبول نٿي ڪيو ۽ اسان جي هر ڳالهہ تي ٺٺولي ڪئي ويئي ٿي ۽ هر ڪم کي نِنديو ويو ٿي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## ”سکن جي بدنصيب سفر تي نئين فلم Exclusion“

هندستان ۾ پيدا ٿيندڙ ڪئناڊا جو پاسپورٽ رکندڙ اڄ جي دنيا جي مشهور فلم ڊائريڪٽر ۽ ڪهاڻي لکندڙ ديپا مهتا لاءِ لکي چڪو آهيان تہ هوءَ 1914ع ۾ ڪئناڊا جي سفر تي سکن جي نڪتل جپاني جهاز Komagata_ Maru (جنهن جو سکن نئون نالو گرو نانڪ جهاز رکيو هو) تي فلم ٺاهي رهي آهي، جنهن فلم جو نالو هن Exclusion رکيو آهي. ديپا هن فلم لاءِ مشهور انڊين ائڪٽر اميتاڀ بچن، جان ابراهام، سيما بسواس، ڪبير بيدي ۽ برطانيا جو مشهور ائڪٽر ٽيرينس اسٽئمپ چونڊيو آهي. هن فلم جي ميوزڪ اي. آر رحمان ڪمپوز ڪندو. هن فلم جي ڪهاڻي ڪوما گاتا جهاز جي بدنصيب سفر تي ٻڌل آهي. اهو بدنام واقعو مغرب جي گورن جي ايشيا جي ڪارن لاءِ نفرت جي جذبي جي پٽ وائکي ٿو ڪري تہ ڪيئن ڪئناڊا ۽ آمريڪا وارن پنهنجي ملڪ ۾ ايشيا جي ماڻهن کي اچڻ کان روڪڻ لاءِ ”روڪتام جا قانون“ (Exlusion Laws) ٺاهيا. شايد انهن Exclusion جي قانونن تان ئي هن فلم جو اهو نالو رکيو ويو آهي.

جان ابراهام انڊيا جو ڪرسچن آهي، جيڪو پهرين ماڊل طور مشهور ٿيو هاڻ بالي ووڊ جو ائڪٽر آهي. سندس گذريل سال جي فلم ڪرم جو احوال مون پنهنجي انڊيا واري سفر نامي ”دهلي جو درشن“ ۾ ڏنو آهي، جنهن کي دهليءَ ۾ ڏسڻ جو موقعو مليو. جان ابراهام جو پيءُ سائوٿ انڊيا جو مليالي ڳالهائڻ وارو ”سينٽ ٿامس“ آهي ۽ ماءُ ”فيروزه ايراني“ ممبئي جي ايراني ڪميونٽيءَ جي پارسي (Zoroastrian) آهي. پارسي ٻاهرين قوم سان شادي نہ ڪندا آهن. ٿامس جو فيروزه سان عشق ٿيو ۽ ماٽن کان لڪي ٻنهي ڀڄڻ بقول سنڌي اخبارن جي، ”پيار جو پرڻو“ ڪيو. ٻنهي جا مائٽ ساڻن پهرين ٻار جان (John) جي ڄمڻ تائين ناراض رهيا. جان ابراهام جو ڄمڻ وقت نالو فرحان رکيو ويو پر پيءُ کيس ”جان“ سڏڻ لڳو ۽ اهو نالو مشهور ٿي ويو. پاڻ ممبئي مان MBA ڪيائين. سندس پهرين انڊين فلم ”جسم“ آهي. ويجهڙائيءَ واريون فلمون: ڌوم، گرم مصالحا ۽ ٽئڪسي نمبر 9211 آهن. ان کان علاوه سندس رليز ٿيل فلمون آهن: بابل، ڪابل ايڪسپريس، سلام عشق، A Tribute to Love. سندس مڱڻو بالي ووڊ جي هڪ اداڪاره بپاشا باسو سان ٿي چڪو آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سڪن جي جهاز ڪوما گاٽو تي ديپا مهتا جي اينڊڙ فلم Exclusion ۾ ڪم ڪندڙ اداڪارا سيما بسواس اها آهي، جيڪا 1994ع جي انڊين فلم Bandit Queen ۾ ڦولن ديوي ٿي هئي ۽ ڪيس 1996ع جو بهترين اداڪارا جو نيشنل فلم ايوارڊ مليو هو. سيما بسواس کي ديپا مهتا جي فلم Water ۾ پڻ بهترين ائڪٽريس جو Genie Award ملي چڪو آهي، جنهن فلم ۾ هن شڪنتلا جو رول ادا ڪيو آهي.

Exclusion فلم ۾ ديپا مهتا، بين الاقوامي ناموس جو انڊين اداڪار ڪبير بيدي بہ آڻي پيئي، جنهن جي ڪجهہ فلمن ۽ ٽي وي سيريز کان مغرب (يورپ ۽ آمريڪا) جا ماڻهو پڻ واقف آهن، جيئن تہ جيمس بانڊ جي فلم Octopussy ۾ ڪبير بيديءَ "گوبندا" جو رول ادا ڪيو آهي. ٽي وي سيريل Sandokan ۾ شندوڪان جا رول ۽ The Bold & Beautiful ۾ هو شهزادو عمر رشيد ٿيو آهي.

ڪبير بيدي ممبئي جي هڪ پنجابي سک فئملي ۾ 1946ع ۾ پيدا ٿيو. سندس ماءُ، بعد ۾، ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو. ڪبير بيديءَ جون گهٽ ۾ گهٽ ٽي زالون ۽ ڪيترائي يار آهن. سندس هڪ زال تہ ڊانسر پروتيما هئي، جنهن مان ڌيءَ پوجا انڊين فلمن ۾ ائڪٽريس رهڻ بعد هاڻ اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪالم لکي ٿي. ان زال مان ٻيو ٻار سڌارٿ نالي پٽ آهي، جيڪو هتي آمريڪا جي يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو هو پر ذهني طرح ڊسٽرب هجڻ ڪري 1997ع ۾ (ڇهويهہ ورهين جي ڄمار ۾) خودڪشي ڪري ڇڏي.

جيئن ئي ڪبير جي پروتيما سان اڻ ٻڻت شروع ٿي تہ هن جا پروين بابيءَ سان ويجها تعلقات شروع ٿي ويا. سندن شادي نہ ٿي. ان بعد هن جي شادي برطانيا جي هڪ فيشن ڊيزائينر عورت سوسا همفيريءَ سان ٿي. هيءَ شادي اڳتي هلي طلاق جي صورت ۾ ختم ٿي. ان بعد ڪبير جي شادي مشهور ٽي وي ۽ ريڊيو ڪمپيئر نِڪيءَ سان ٿي. ان دور ۾ هو ٻئي ڏار ڏار مختلف ملڪن ۽ شهرن جا سير ڪندا رهيا ۽ ٻنهي اهو سوچي تہ اهڙي شاديءَ مان ڪهڙو فائدو، هڪ ٻئي جي رضامندي سان هميشہ لاءِ الڳ ٿي ويا.

ڪبير بيدي سٺ کن هندي فلمن ۾ اداڪاري ڪري چڪو آهي. ڪچي ڌاڳي، منزلين اور ڀي هين، خون ڀري مانگ، سندس مشهور فلمن مان آهن. هن فيروز خان جي فلم يلگار ۾ مافيا جي شهنشاهہ (Don) جو بہ رول ادا ڪيو آهي. منهنجي دلپسند اداڪارن مان هو هڪ آهي. هاڻ ڏسجي تہ سڪن جي جهاز جي بدنصيب سفر واري فلم Exclusion ۾ هو اميتاڀ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بچن ۾ جان ابراهام سان ڪيئن ٿو اداڪاري ڪري ۽ ديپا مهتا بہ هيستائين پنهنجين فلمن ارٿ، فائر يا واٽر ۾ رڳو پنهنجي اباڻي وطن انڊيا جي سماجي مسئلن جي اپٽار ڪري مغرب ۾ انڊيا ۽ انڊيا جي رهاڪن کي خوار ڪيو آهي. هاڻ ڏسجي تہ هن نئين فلم Exclusion ۾ هوءَ ڪئناڊا ۽ آمريڪا جي گورن کي خوار ڪري ٿي يا نہ جن تعصب کان ڪم وٺندي اهڙا ظالم قانون ٺاهيا، جن جي هيٺ سندن پاڻيبند تہ يورپ کان لڏي ڪئناڊا اچي سگهيا ٿي پر ننڍي کنڊ جي غريب بيروزگارن کي پورهئي ۽ مزوريءَ لاءِ اچڻ تي پابندي لڳي ٿي.

اهو لکڻ رهجي ويو تہ هن فلم Exclusion جا گانا جاويد اختر لکيا آهن ۽ ميوزڪ اي آر رحمان جي آهي. جاويد اختر انڊيا جي مشهور اردو شاعر جان نثار اختر جو پٽ ۽ بالي ووڊ جي مشهور اداڪارا شبانا عاظمي جو مڙس آهي. شبانا کان اڳ جاويد اختر جي شادي هندي فلمن جي ڪهاڻي نويس "هني ايراني" سان ٿي هئي، جنهن مان کيس بہ ٻار فرحان اختر، فلم ڊائريڪٽر ۽ زويا اختر آهن.

فلم جو ميوزڪ ڊائريڪٽر اي آر رحمان (الله رکيو رحمان) اڄ ڪلهہ نہ فقط انڊيا ۾ پر سڄي دنيا ۾ مشهور آهي. پاڻ سائوٿ انڊيا جي شهر چينائي(مدراس) ۾ 1967ع ۾ دليپ ڪمار جي نالي سان ڄائو. پاڻ مليالم فلمن جي ڪمپوزر سيکر مڏاليار جو اڪيلو پٽ آهي.

اي. آر رحمان جا سڄي دنيا ۾ هڪ سئو ملين کان مٿي رڪارڊ ۽ بہ سئو ملين کان مٿي ڪئسٽ وڪرو ٿي چُڪا آهن ۽ بقول ڊيلي ٽيليگراف جي اي آر رحمان ايشيا جو موزرٽ آهي. ڪيترا کيس Mozart Prom Madras بہ سڏين. کيس انڊيا حڪومت طرفان پدما شري ايوارڊ بہ ملي چڪو آهي.

## Water

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## فلم جي تياري انڊيا بدران سري لنڪا ۾ ٿي

انڊيا ڄائي ۽ هاڻ ڪئناڊا جي رهاڪو ديپا مهتا جيتوڻيڪ ڍاڪو کن فلمون به نه ٺاهيون آهن پر هن جو بين الاقوامي فلمي دنيا ۾ وڏو نالو آهي. هن کي سڀ کان گهڻو مشهور سندس هندي فلم Water ڪيو جيڪا نه فقط اعليٰ قسم جي فلم مڃي وڃي ٿي پر ان فلم ٺهڻ تي جيڪو انڊيا ۾ سياسي طرح گوڙ گهمسان ٿيو ان سڄي دنيا جو ڌيان پاڻ ڏي ڇڪايو. انڊيا جي سياستدانن ۽ پاون پنڊتن کي ديپا سان اها شڪايت آهي ته هوءَ ڪئناڊا کان هلي ملي انڊيا ۾ انهن عنوانن تي فلمون ٺاهي ٿي، جنهن سان انڊيا جي بدنامي ٿئي. هوءَ انڊيا جون خراب ڳالهيون مغرب ۾ وڪڻي پئسو ڪمائڻ ۽ مغرب کي خوش ڪرڻ چاهي ٿي. هي ائين آهي، جيئن پاڻ وٽ ڪيترا ”سنڌ ۾ قرآن سان شاديءَ“ ۽ ”ڪارو ڪاريءَ“ تي حد کان وڌيڪ ڪتاب ۽ ڊاڪومينٽري فلمون ٺاهي سنڌ ۾ ۽ سنڌين کي خوار ڪري رهيا آهن. مڃيون ٿا ته اهي برائيون اسان جي معاشري ۾ آهن پر انهن کي ملڪ ۾ قاعدو قانون ٺاهي ان کي ختم ڪرڻ بدران ٻاهرين دنيا ۾ اهڙو Image ڏيڻ، جڻ ته اهو ڪم روز روز ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ پيو ٿئي. ان قسم جون برايون يا ان کان به وڌيڪ ڇا اڄ جي هن دور ۾ مغرب ۾ نه آهن؟ سو ديپا مهتا به پنهنجن پهرين ٻن فلمن Fire ۽ Earth ۾ ان قسم جون ڪهاڻيون ڏنيون آهن. فائر فلم ۾ به مڊل ڪلاس عورتون جن کي پنهنجن مڙسن طرفان جنسي ڌيان نٿو ملي، اهي هڪ ٻئي جي ويجهو اچي پيار جي گرمائش جي لذت وٺن ٿيون. هاڻ انڊيا جهڙي مشرقي معاشري ۾ جتي عوام اڃان Kiss کي به سئنيما جي پڙدي تي قبول نٿو ڪري اتي Lisbanism جا نظارا ڏيکارڻ سان ظاهر آهي پبلڪ ۾ گوڙ مچندو. تنهن عوام ان سئنيما کي ئي ساڙي رک ڪري ڇڏيو جنهن ۾ هن فلم (فائر) جو پهريون شو هليو هو.

۽ هاڻ فلم Water ۾ 1930ع جي بيواهه (Widow) عورتن جي ڪهاڻي آهي. انهن ڏينهن ۾ ۽ اڄ به، ڪيتريون ئي هندو وڌوا عورتون، جن جا مڙس مريو وڃن ٿا، انهن کي رن زالن جي گهرن (Widow Houses) ۾ زبردستي اماڻيو وڃي ٿو. مڙس بنا هو بيڪار سمجهيون وڃن ٿيون. پوءِ اتي ڪي خيرات جي ماني تي گذر ڪن ٿيون ته ڪي لڪچوريءَ رنڊيون ٿي گذر سفر ڪن. ان ڳالهه کي ڌيان ۾ رکي ديپا هيءَ فلم ”Water“ ٺاهڻ شروع ڪئي جنهن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي Location انڊيا جي پاڪ شهر بنارس (جنهن جو نئون نالو وارانسي آهي) ۾ رکي ويئي جتي اج بہ گنگا جي ڪناري تي ڪجهہ آشرم (Widow Houses) آهن. جن مان هڪ ”مير گهاٽ“ تي ڳنيڍتي نالي آهي. جيڪو هن فلم جي شوٽنگ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو.

واٽر فلم جي شوٽنگ لاءِ سن 2000ع ۾ سڀ اداڪار ۽ ٽيڪنيشن عملو بنارس (وارانسي) پهچي ويو. حڪومت کان بہ اجازت ملي ويئي هئي پر پوءِ شوٽنگ شروع ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ 2000 کن Protestors وڏو هنگامو مچايو ۽ پٽراءُ ڪيو. فلم جا سمورا سيٽ ڀڃي گنگا ۾ لوڙهي ڇڏيا. ڏينهن ٻن بعد وري شوٽنگ جي تياري ڪئي ويئي تہ وري مظاهرا شروع ٿي ويا. پاون پنڊتن سان گڏ ملڪ جي ڪجهہ سياسي پارٽين بہ, خاص ڪري BJP (ڀارتيا جنتا پارٽي) ۽ VHU (وشوا هندو پرشاد) وارن وڏو ہائيتال مچايو. ايتريقدر جو هڪ همراهہ ٻيڙيءَ کي وچ درياهہ (گنگا) ۾ آٽي پاڻ کي وڏي ٻار واري پٿر سان ٻڌي درياهہ ۾ ٽپو ڏيئي خودڪشي ڪرڻ کان اڳ اهو اعلان ڪيو تہ هو ديپا مهتا جي هن فلم Water جي خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي. هن فلم جي آسٽريلين ڪئميرا اسسٽنٽ جئسمين (Jasmine Yuen Carrucan) جنهن سان هتي آمريڪا ۾ واٽر فلم جي شو تي ملاقات ٿي، ان ٻڌايو تہ بعد ۾ هنن کي خبر پيئي تہ اها خودڪشي بہ هڪ ڊرامو هو جنهن ۾ هن کي بچايو ويو. بلڪ درياهہ ۾ ٽپو ڏيڻ بعد پاڻ کي ٻڌل رسو ڪولي ٻئي پاسي کان نڪري ويو ۽ اهو همراهہ اهڙي موقعن تي پئسا وٺي ان قسم جا اسسٽنٽ ڪندو آهي ۽ اهو هن جو خودڪشيءَ جو ڇهون پيرو هو.

جئسمين ٻڌايو تہ ”متين سياسي پارٽين کي حڪومت کي پنهنجي طاقت ڏيکارڻ خاطر ان فلم جي شوٽنگ بند ڪرائڻي هئي. هنن ديپا ۽ اسان ڪم ڪرڻ وارن کي بہ مارڻ جا دڙڪا ڏنا. حڪومت بہ مجبور ٿي پيئي ۽ اسان کي چيو تہ ڇيڙي ڪري جتان آيا آهيو اوڏانهن هليا وڃو. ديپا تہ بس ٿي ويئي جو هوءَ ان فلم لاءِ الهہ تلهہ گروي رکي وڏي اٿالي سان هتي پهتي هئي. بهرحال اسان کي هٿيار ڦٽا ڪرڻا پيا. هن فلم ۾ شبانا عاظمي ۽ نند يتا داس بيواه عورتن جا اهم رول ادا ڪري رهيون هيون. ايتري قدر جو شبانا متي تي پاڪي بہ ڏياري ڇڏي جو مڙس مري ويل عورتون نوڙهہ ڪرائي هنن لاوارث گهرن (Widow Houses) ۾ رهن ٿيون. بهرحال فلم نہ ٿي اسين ڪئناڊا واپس موٽي آياسين.“

هاڻ جيڪا واٽر فلم هلي رهي آهي ۽ جنهن جي هلڻ جي شروعات هتي آمريڪا ۽

ڪئناڊا جي سئنيما هالن ۾ ڪئي ويئي آهي، ان جي شوٽنگ انڊيا ۾ نہ پر سري لنڪا ۾ ٿي. ٿي سال ڪن فنڊ گڏ ڪرڻ بعد ديپا ماٿ منوڙيءَ ۾ هيءَ فلم 2003ع ۾ سري لنڪا ۾ شروع ڪئي. ايتري قدر جو متان ڪنهن کي شڪ ٿئي ۽ وري گوڙ مچي، ديپا هن فلم (Water) جي شوٽنگ River Moon جي نالي سان شروع ڪئي ۽ پهريان وارن اداڪارن: نوڙهي شبانا عاظمي، نانديتا داس ۽ اڪشي ڪمار بدران نوان رکيا. انهن ۾ هڪ تہ اٺ سالن جي سارالا نالي ڪنوار آهي، جنهن جي پوڙهي مڙس مرڻ تي ڪيس نياڳو سمجهي، نوڙهو ڪري آشرم ۾ آندو ويو آهي، جتي بيواه زالن کي زندگيءَ جا باقي ڏينهن گذارڻا پون ٿا. سارالا سري لنڪا جي ڇوڪري آهي، فلم ۾ اردو (هندي) ڊائلاگ هن پاران ٻئي ڳالهايا آهن، جو هوءَ هنديءَ کان اڻ واقف آهي. هن کان علاوه چوڏهن ٻيون زالون جيڪي هن جهوني، ڊنل ۽ ننڍي آشرم ۾ رهن ٿيون. آشرم هلائڻ واري مڌومتي(مانوراما) نالي ٿلهي، ڦيڦي ۽ ستر سالن جي هڪ پوڙهي آهي، جنهن جو ساٿي گلابي نالي هڪ کدڙو آهي، جيڪو عورتن جي دلالي بہ ڪري ٿو. ان سان گڏ هو مڌومتيءَ کي نشي پتيءَ لاءِ روزانو گانجو ۽ اوڙي پاڙي جي گلا مهيا ڪري ٿو. ٻئي ڄڻا گڏجي ڪلياڻي (ليزا راءِ) کي رنڊيءَ طور هلائين ٿا، جنهن مان آشرم جو خرچ پکو پڻ نڪري ٿو. ڪلياڻي سڀ ۾ سهڻي آهي ۽ هن جا وار ڪوڙي ڪيس نوڙهو پڻ نہ ڪيو ويو آهي. هوءَ سارالا وانگر ننڍي آئي هئي تہ هن کي ان وقت ڪان زوريءَ ان ڳالهہ تي آندو ويو هو. ليزا راءِ پڻ ديپا وانگر ڪئناڊين آهي، جيڪا پهرين فئشن ماڊل هئي ۽ پوءِ انڊين جي فلمي دنيا بالي وڊ ۾ آئي. پاڻ ڪئناڊا جي شهر ٽورنٽو ۾ ننڍي ٿي وڏي ٿي. سندس پيءُ ڪلڪتي جو بنگالي آهي ۽ ماءُ پولنڊ جي آهي. ليزاراءِ انڊين چئنل Zee Tv تان هڪ شو Beauty Mantra پڻ ڪري ٿي. نصرت فتح علي خان جي ”آفرين“ واري وڊيو ۾ پڻ ليزا آهي.

ٻين بيواه عورتن سان گڏ فلم ائڪٽريس سيما بسواس پڻ آهي، جنهن جو نالو شڪنتلا آهي. شڪنتلا ڏسڻ ۾ سهڻي آهي پر سندس سخت طبيعت ڪري مڌومتي هن کي پنهنجي حال تي ڇڏي ٿي ڏئي. هوءَ هندو ڌرم تي سخت پابند ڏيکاري ويئي آهي، جيڪا ٻائي جون ئي ڳالهيون ٻڌندي رهي ٿي. ڪليوشن خربندا هن فلم ۾ ٻائو ٿيو آهي. هڪ ڏينهن ڪلياڻيءَ جي ملاقات هڪ خوبصورت ۽ امير گهر جي جوان نارائڻ (جان ابراهام) سان ٿئي ٿي. ٻنهي جي پهرين ملاقات ۾ هڪ ٻئي لاءِ پيار جي چڪ ٿئي ٿي. پر ڪلياڻي هن کي سمجهائي ٿي تہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هوءَ وڌوا (Widow) آهي. جنهن سان ڳالهائڻ سان بہ اڳلو گنهگار ٿيو پوي پر نارائڻ هر صورت ۾ ڪليانيءَ سان شادي ڪرڻ چاهي ٿو جو هو هن کي سچي دل سان چاهي ٿو. ڪلياني بہ پنهنجي وس کان ٻاهر آهي. جو هن جي دل ۾ بہ نارائڻ لاءِ بي پناهہ پيار آهي. هوءَ ان راز جي ڳالهہ سڀ کان ننڍي ۽ نوڙهي ٽيل وڌوا سارالا سان ڪري ٿي. جنهن جو فلم ۾ ”چوئيا“ نالو آهي. هوءَ اهو راز دل ۾ رکڻ جي گهٽيئي ڪوشش ڪريٽي پر هڪ رات آشرم هلائيندڙ ٿلهي عورت مڌومتي جي اسپنج جهڙين ٿنگن کي زور ڏيندي هوءَ اها ڳالهہ هن سان ڪري ويهي ٿي.

مڌومتيءَ جي هٿن جا چڻ تہ طوطا اڏامي وڃن ٿا. ڪلياني جو شادي ڪري آشرم ڇڏي وڃڻ سان ڪمائي هڪ طرف بند ٿي ويندي تہ ڌرم جي خواري الڳ ٿيندي تہ هڪ وڌوا آشرم مان ڀڄي وڃي شادي ڪئي. هوءَ ڪاوڙ مان ڪئنچي ڪٽي ڪليانيءَ وٽ پهچي ٿي ۽ سندس ڊگهن وارن جون چڳون ڪٽيو ڇڏي. جيئن هوءَ سهٽي نہ لڳي.

ڪلياني ڪٽيل وارن سان نارائڻ سان ملي ٿي. نارائڻ سندس وارن ڪتريل مٿي تي آڱريون ڦيري هن جي ڪنن ۾ پٽڪي ٿو تہ هو هن صورت ۾ بہ هن سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

ڪلياني نارائڻ سان گڏ هن جي ماءُ پيءُ جي گهر ڏي رواني ٿئي ٿي. گهر جي ويجهو پهچي دروازي کي ڏسي هوءَ سڃاڻي وڃي ٿي تہ اهو گهر ڪنهنجو آهي. پڪ لاءِ هوءَ نارائڻ کان سندس پيءُ جو نالو پڇي ٿي. نالو ٻڌڻ تي هوءَ مايوس ٿي وڃي ٿي. هوءَ اڳتي وڌي گهر ۾ گهڙڻ بدران پنتي موٽي ٿي.

خبر پيئي تہ نارائڻ جو پيءُ ڪليانيءَ کي رنڊيءَ طور استعمال ڪندو رهيو آهي. ڪلياني ڏک ۽ صدمي مان پاڻ کي گنگا ۾ ٻوڙي ڇڏي ٿي. مايوسيءَ جي صورت ۾ نارائڻ پنهنجي پيءُ جو گهر ڇڏي مهاتما گانڌيءَ جو ويجي ڀالڪو ٿئي ٿو. جنهن وقت نارائڻ مهاتما وٽ وڃڻ لاءِ ٽرين ۾ چڙهي رهيو آهي ان وقت شڪنتلا آشرم جي ننڍي عمر جي ڇوڪري ”چوئيا“ وٺي اچي ٿي ۽ نارائڻ کي منٿ ڪري ٿي تہ هن کي پاڻ سان مهاتما وٽ وٺي وڃ جيئن هوءَ اتي حفاظت ۾ رهي. ٻي صورت ۾ هتي هن کي ڪمائيءَ جو ذريعو بڻائڻ لاءِ رنڊي بڻايو ويندو.

بهرحال هيءَ فلم (Water) اڃا انڊيا ۾ نہ هلي آهي پر 2005ع جي شروع وارن مهينن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪان ڪئناڊا جي شهر ٽورنٽو (جتي انڊيا ۽ پاڪستان جي رهاڪن جي تمام وڏي آدمشماري آهي) ۾ هتي آمريڪا جي مختلف شهرن ۾ ڏيکاري پيئي وڃي. آرٽ، اداڪاري ۽ ٽيم جي خيال کان هيءَ فلم تمام مٿيري سمجهي وڃي ٿي ۽ ڪيترن جي ته اها راءِ آهي ته بنگالي ڊائريڪٽر ستيجت راءِ جي فلم "پٿر پانچالي" بعد ديپا مهتا جي هيءَ فلم "Water" هڪ بهترين آرٽ مووي آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## ڪجھ آمريڪا جي ويزائن بابت

ڪنھن بہ ڌارئين ملڪ ۾ وڃڻ لاءِ هوائي جهاز جي ”ٽڪيٽ“ ۽ اتي رهائش ۽ کاڌي پيتي لاءِ ”پئسي“ کان علاوه ٻہ شيون ٻيون بہ ضروري آهن. هڪ ”پاسپورٽ“ ۽ ٻي ”ويزا“. پاسپورٽ جيڪو ملڪ جي صدر طرفان شهريءَ کي ملي ٿو جيڪو هڪ سٺي شهري ۽ ان ملڪ جي Citizen هجڻ جو ثبوت آهي. ان ڪري پاسپورٽ ٺهرائڻ وقت ملڪي شناختي ڪارڊ ڏيکارڻ سان گڏ پوليس رپورٽ بہ حاصل ڪئي وڃي ٿي. ويزا ان ملڪ طرفان اجازت نامو آهي، جيڪو توهان گهمڻ وڃي رهيا آهيو. ويزا توهان کي پنهنجي ملڪ ۾ موجود ان ڌارئين ملڪ جو قونصل خانو يا سفارت خانو ڏئي ٿو تہ توهان ڀلي هنن جي ملڪ ڏي روانا ٿيو. هو توهان کي ويزا ڏيڻ لاءِ هنن جي طيءِ ٿيل قانون ۽ جاچ مطابق توهان کان انهن ڊاڪومينٽس جي گهر ڪن ٿا، جيئن تہ پاسپورٽ ۽ شناختي ڪارڊ سان گڏ توهان جو اصل (Original) برٿ سرٽيفڪيٽ، جنهن وٽ توهان نوڪري ڪريو ٿا ان طرفان اجازت نامون يا گئرنٽي، توهان جي پگهار جي سلپ، سرڪاري نوڪري ۾ آهيو تہ حڪومت طرفان ملڪ کان ٻاهر وڃڻ جي اجازت، توهان جي بئنڪ جي سال کن جي Statement تہ ان ۾ سڄو سال ڪٿان ۽ ڪيترا پئسا آيا ۽ ڪيترا خرچ ٿيا ۽ هن وقت جڏهن توهان ٻاهر وڃڻ جو (گهمڻ، پڙهڻ، علاج لاءِ وڃڻ جو ارادو ڪيو ٿا تہ ڪيترو بئلنس آهي، ۽ جيڪڏهن توهان ان ڌارئين ملڪ ۾ نوڪريءَ لاءِ وڃي رهيا آهيو تہ ان فرم يا ڪمپنيءَ طرفان نوڪري ڏيڻ جو ليٽر وغيره وغيره. پوءِ اهي ڪاغذ پٽ ڏسي جڏهن ان ڌارئين ملڪ جو سفارتخانو مطمئن ٿئي ٿو تہ توهان کي سندس ملڪ ڏي روانو ٿيڻ لاءِ ويزا ڏئي ٿو. يعني توهان جي پاسپورٽ تي ويزا جو ٺپو يا Sticker هڻي ڏئي ٿو. هتي اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ کپي تہ توڙي ڪٽي توهان گهربل سڀ ڊاڪيومينٽس (ڪاغذ پٽ) ڏيکاريو پر ڪنهن بہ ملڪ جو سفارتخانو يا قونصل خانو ٻڌل نہ آهي تہ توهان کي ويزا ڏئي. هو ڪنهن بہ ڳالهہ يا خيال کان توهان کي سندس ملڪ ۾ وڃڻ لاءِ ويزا ڏيڻ کان انڪار ڪري سگهي ٿو. ڇو جو هڪ ڌارئين ماڻهوءَ کي ٻئي جي ملڪ ۾ وڃڻ جو حق نہ آهي. اها هڪ سهوليت، مهرباني، Good Will يا خوشي آهي، جيڪا ڌاريون ملڪ ڏئي ٿو. توهان کي جيڪڏهن صحيح پاسپورٽ آهي. يعني توهان پنهنجي ملڪ جا قانوني شهري آهيو تہ توهان پنهنجي ملڪ ۾ اچڻ جو تہ حق رکي سگهو ٿا پر ٻئي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي ملڪ ۾ وڃڻ لاءِ توهان ڪو بہ زور زبردستي نٿا ڪري سگهو. مثال طور اچ ڪلهہ بينظير صاحبا پاڪستان کان ٻاهر هلي ويئي آهي. هن کي واپس پنهنجي ملڪ ۾ اچڻ کان ڪو بہ روڪي نٿو سگهي. ها اها ٻي ڳالهہ آهي تہ حڪومت کي جيڪڏهن هن جي خلاف شڪايت آهي تہ هن ڪي غير قانوني ڪم ڪيا آهن تہ هن جي پنهنجي ڌرتي تي قدم رکڻ بعد قانون جي دائري اندر ڪيس هلائي سگهي ٿي.

ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ ويزا لاءِ جمع ڪرايل ضروري ڪاغذن باوجود ڪن کي ويزا ڏني ويجي ٿي تہ ڪن کي انڪار ڪيو ويجي ٿو. اهو ائين بہ ٿي سگهي ٿو (يعني هي هڪ مثال آهي) تہ سفارتخاني وارن کي شڪ هجي تہ هن يا هن همراهہ جيڪو بئنڪ بئلنس ڏيکاريو آهي، اهو صحيح نہ آهي. سندس پئسا نہ هجن، ويزا حاصل ڪرڻ خاطر ڪنهن کان اڌارا وٺي جمع ڪيا اٿس.

يا فلاڻو شاگرد جيڪو اعليٰ تعليم جي ويزا جي گهر ڪري رهيو آهي، ان جي نيت مان لڳي ٿو يا شڪ پوي ٿو تہ هو يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺي پڙهندو ڪو نہ پر وڃي نوڪري ڪندو. يا ساڳي فئملي مان وڏي عمر ۽ شادي شده همراهہ کي گهمڻ لاءِ ويزا ڏني ويجي ٿي پر هڪ نوجوان کي انڪار ڪيو ويجي ٿو. شايد اهو سوچي ان نوجوان کي ويزا نٿي ڏني ويجي تہ هو گهمڻ جو بهانو ڪري اتي وڃي واپس نہ ايندو. يا گهمڻ جي بهاني سان اتي پهچي ان ملڪ ۾ هميشہ رهڻ خاطر ڪنهن ڪاري ڪوجهي يا پوڙهي پڪيءَ سان شادي رچائيندو ۽ پوءِ ان شاديءَ جو آخر ۾ اهو وڃي نتيجو نڪرندو تہ هو پاسپورٽ حاصل ڪري زال کي طلاق ڏيئي رلائي ڇڏيندو جيڪا پوءِ ملڪ ۽ قوم لاءِ سماجي مسئلو ٿي پوندي، وغيره وغيره. بهرحال ڪنهن بہ سبب ڪري ڌارئين ملڪ جو سفارتخانو ويزا لاءِ انڪار ڪري سگهي ٿو ۽ هن لاءِ اهو بہ ضروري ناهي تہ هو اهو سبب ٻڌائي.

آئون ملائيشيا ۾ هوندو هوس تہ اتي هڪ ملئي اميگريشن جو آفيسر منهنجو دوست هو. جنهن جي ڊيوٽي "ٿائيليند۔ ملائيشيا" بارڊر تي هئي. انهن ڏينهن ۾ ويزا ڌارئين ملڪ جي بارڊر يا ايئرپورٽ تي ئي ملندي هئي. اسان ٽڪيٽ وٺي ٽوڪيو يا ڪوالالمپور پهچي ويندا هئاسين ۽ پوءِ اتي ايئرپورٽ تي ويزا جو ٺپو لڳندو هو. سو اسان وارو دوست ٿائيليند ۽ ملائيشيا جي بارڊر واري ريلوي اسٽيشن تي اميگريشن پوليس آفيسر هو. هن ٻڌايو تہ ٻاهتر اهڙيون ڳالهيون آهن، جن بابت اسان کي ڪنهن ايندڙ مسافر ۾ پڪ يا شڪ هجڻ تي هنن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

کي ويزا لاءِ انڪار ڪري سگهون ٿا. ان لاءِ اسان کي ضروري ناهي تہ مسافر کي سبب ٻڌايون تہ اسان کي شڪ آهي تہ تنهنجي اچڻ ڪري اسان جي ملڪ کي فائدي بدران نقصان پوندو. يا ڪو ٻيو مسئلو پيدا ٿي سگهي ٿو. مون چيو مانس تہ تڏهن بہ هن کي ٻڌائڻ تہ کپي. هن وراڻيو تہ ڊپلو مئسي ان ۾ ئي آهي تہ سبب نہ ٻڌايو وڃي. بهرحال اسان جو پنهنجو ملڪ آهي، جنهن کي چاهينداسين، ان کي اچڻ جي اجازت ڏينداسين. هڪ ڏينهن ٿائيلينڊ کان پئسينجر ٽرين پهتي تہ آئون بہ اتي ان دوست وٽ هوس. مون چيو مانس تہ ”جن مسافرن کي تون ملائيشيا ۾ داخلا لاءِ ويزا ڏيڻ کان انڪار ڪرين انهن کي اهو سبب پلي نہ ٻڌاءِ پر اچ ٻن ٽن همراهن بابت مون کي تہ ٻڌاءِ تہ مون کي ڪجهہ آئيڊيا ٿئي.“ هن مون کي جيڪي بہ چار Case ٻڌايا انهن ۾ بہ ٽائي چوڪريون هيون، جن لاءِ هن چيو تہ ”هو ڪي امير نہ آهن جو هنن جي ان ڳالهہ تي يقين ڪجي تہ هو ملائيشيا گهمڻ چاهين ٿيون. هنن جي ملائيشيا ۾ اچڻ ڪري ملائيشيا جي ڪمائيءَ ۾ اضافو نہ ٿيندو پر هو ملائيشيا ۾ بدپيشي لاءِ اچي اسانجي ملڪ جو پئسو هڪ طرف ڪٽي وڃڻ چاهين ٿيون تہ سماجي مسئلا ٻئي طرف پيدا ٿي سگهن ٿا.“ اهڙيءَ طرح هڪ چيني همراهہ کي ويزا لاءِ انڪار ڪيو ويو هو. جنهن لاءِ دوست ٻڌايو تہ هن جي اڳهين اسان وٽ ڪرمنل رپورٽ پهتي آهي. اسان هن کي پنهنجي ملڪ ۾ داخل ڪرڻ جو Risk نٿا کڻڻ چاهيون.

بهرحال اهي ڳالهيون لکڻ جو مطلب اهو ئي آهي تہ آمريڪا لاءِ ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ توڙي ڪٽي توهان سڀ ڪاغذ پٽ ڏيکاريو پر تنهن هوندي بہ هو ڪنهن بہ ڳالهہ جي بنياد تي (پوءِ ان جو ڪٽي حقيقت سان واسطو نہ هجي) هو توهان کي ويزا ڏيڻ کان انڪار ڪري سگهن ٿا. هڪ عام ماڻهوءَ کي تہ ڇا وڏي سرڪاري ڪاموري يا وزير کي بہ انڪار ڪري سگهن ٿا. انڊيا ۾ هوس تہ اتي جي هڪ اهم وزير کي آمريڪا وارن ويزا ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اها ڳالهہ انڊيا جي اخبارن ۾ بہ آئي پر ان کي اتي جي عوام نارمل ورتو. اسان جي ملڪ جي هڪ وزير جي ڊارئين ملڪ ۾ ڪسٽم چيڪنگ ٿي تہ هن کي اها بہ بي عزتي محسوس ٿي. ان ئي ڪري اج هن عنوان تي لکي رهيو آهيان تہ جيئن پڙهندڙن کي خبر پوي تہ اهي هر ملڪ جا پنهنجا قانون آهن، ان ۾ منهن مٿو پٽڻ جي ضرورت ناهي. ڇو جو جنهن جو ملڪ ان جي ئي ڳالهہ هلندي، جنهن جو گهر ان جي ئي ڳالهہ هلندي ۽ اسان کي نہ گار گند ڪرڻ کپي ۽ نہ ذهني طرح پريشان ٿيڻ کپي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## ويزا ۽ پاسپورٽ لاءِ هميشه صحيح معلومات ڏجي

هڪ ٻي ضروري ڳالهه. ڪنهن به ڌارئين ملڪ ۾ وڃڻ جي ويزا اسان کي پنهنجي ملڪ ۾ ان ملڪ جو سفارتخانو يا قونصل خانو ڏئي ٿو جيئن جپان جي ويزا اسلام آباد ۾ جپان جي سفارتخاني کان وٺي سگهجي ٿي يا ڪراچي، لاهور ۽ ڪوئيٽا مان جتي جپان جا قونصل خانا آهن ۽ جپان جو قونصلر ويزا جاري ڪري ٿو. اهڙي طرح آمريڪا جي ويزا آهي، پر هاڻ قونصل خاني بدران اسلام آباد ۾ موجود سفارتخاني مان ملي ٿي. بهرحال ڌارئين ملڪ جي سفير يا قونصلر کان مليل ويزا بعد صحيح معني ۾ ويزا اها آهي، جيڪا ڌارئين ملڪ جي هوائي اڏي تي پهچڻ تي اميگريشن پوليس جو عملو ڏئي ٿو. مثال طور اسلام آباد وارو آمريڪي سفارت خانو توهان کي آمريڪا ۾ وڃڻ جي پنجن سالن لاءِ ويزا ڏئي ٿو پر ان جو اهو مطلب هرگز نه آهي ته توهان کي پنجن سالن لاءِ آمريڪا ۾ رهڻ جي موڪل ملي ويئي. هرگز نه! آمريڪا ۾ توهان فقط ايترو مدو رهي سگهو ٿا، جنهن جي اجازت توهان کي نيو يارڪ، لاس اينجلس يا ڪنهن ٻئي آمريڪي هوائي اڏي تي توهانجي پهچڻ تي اتي موجود اميگريشن پوليس ڏيندي ۽ اهو فيصلو اميگريشن وارا ڪن ٿا ته توهان کي ٽي مهينا رهڻ ڏين يا ڇهه مهينا. هو چاهين ته هڪ ڏينهن جي به اجازت نه ڏين ۽ توهان ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪري نٿا سگهو ۽ انهيءَ پيرين ٻي فلائيٽ ۾ توهان کي پنهنجي ملڪ موٽائو پوي.

منهنجي هڪ سڃاڻي جي ڌيءَ جي شادي هڪ آمريڪا ۾ رهندڙ سان ٿي. هوءَ اتي وڃي هن وٽ رهڻ لاءِ گهمڻ جي بهاني تي ويزا وٺي جڏهن نيو يارڪ ايئرپورٽ تي پهتي ته هن کي آمريڪا ۾ گهڙڻ لاءِ پاسپورٽ تي Entry جو ٺپو نه هڻي ڏنائون ۽ هن کي پنهنجي ملڪ موٽڻو پيو. جيتوڻيڪ هن وٽ پنجن سالن جي ويزا هئي. ڪهڙي سبب ڪري نيو يارڪ ايئرپورٽ جي اميگريشن پوليس آمريڪا ۾ رهڻ نه ڏنو ان بابت ڪجهه نٿو چئي سگهجي ۽ نه هنن ٻڌايو. پر هن ڇوڪريءَ ٻڌايو ته ٻن ڳالهين ڪري هنن کي شڪ پئجي ويو هجي ته آئون گهمڻ جي بهاني اتي پنهنجي مڙس وٽ رهي پونديس. هڪ ته هنن منهنجي بئگ ۾ شاديءَ جا ڪپڙا ۽ ڳهه ڳنا ڏسي اندازو لڳايو هوندو جو ڪيترين ئي ڇوڪرين اهو طريقو اختيار ڪري آمريڪا پهچي رهيون هيون ۽ ٻي ڳالهه ته هنن کي پاڪستان ۾ ئي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

انٽيليجنس پوليس ذريعي معلوم ٿي ويو هجي تہ منهنجي شادي نيو يارڪ ۾ پڙهندڙ همراهہ سان ٿي آهي. جيڪو انهن ڏينهن ۾ اتي جي يونيورسٽيءَ مان موڪل ڪري لاهور آيو هو.

بهرحال آمريڪا جي هوائي اڏي تي پهچي، توهان وٽ سفارتخاني کان مليل ويزا جي هجڻ جي باوجود اٿين بہ ٿي سگهي ٿو تہ توهان کي آمريڪا ۾ رهڻ کان روڪيو وڃي ۽ اميگريشن پوليس توهان کي هڪ ڏينهن جي بہ ويزا نہ ڏئي. جيئن آمريڪا بابت هن کان اڳ واري سفرنامي "نيو هالا کان نيو يارڪ" ۾ لکي آيو آهيان تہ ڪراچيءَ کان مون سان گڏ سفر ڪندڙ هڪ نوجوان کي نيو يارڪ جي هوائي اڏي تان ئي وطن ورائي ڇڏيائون. جيتوڻيڪ هن کي تعليم حاصل ڪرڻ جي ويزا هئي ۽ سال ڏيڍ آمريڪا ۾ گذاري چڪو هو. اميگريشن پوليس پاڻ تہ سبب ٻڌائڻ کان گريز ڪئي پر هن شاگرد ٻڌايو تہ هن کي شڪ ٿو پوي تہ پوليس کي خبر پئجي ويئي تہ آئون تعليم جي بهاني سان نوڪري پيو ڪريان ۽ يونيورسٽيءَ کان گسائيندو رهان ٿو." ويجهڙائيءَ ۾ ان شاگرد جو هڪ سچاٽو مليو تنهن ان بابت پنهنجو خيال ٻڌايو تہ پوليس کي ان ڳالهہ مان شڪ پئجي ويو تہ هو هڪ غريب شاگرد ٿي هر ٽئين چوٿين مهيني ڪيئن موڪلون ڪري ملڪ وڃي اچي ٿو.

ان ئي ڏينهن، اسان جي ئي جهاز ۾ سفر ڪري نيو يارڪ ايئرپورٽ تي پهتل هڪ همراهہ کي ويزا ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو جو هن پوليس جي سوالن جا صحيح جواب نہ ڏنا. هن ڪجهہ انفارميشن لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن کان هتي جي پوليس پلي پٽ واقف هئي.

اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ ويزا لاءِ جيڪا ڳالهہ توهان درخواستي فارمن تي لکي موڪليو ٿا يا اسلام آباد ۾ انٽرويو تي ٻڌايو ٿا. اها ذري پرزي جي خبر جتي ڪٿي پئجيو وڃي. اڳ ۾ تہ ماڻهن اهي بہ ٽڳيون ڪيون جو جعلي ويزائن ۽ پاسپورٽن تي آمريڪا يا يورپ پهچي ويا ٿي. يا ٻي جي پاسپورٽ تي پنهنجو فوٽو چنبڙائي ڌارئين ملڪ ۾ پهچي ويا ٿي پر هاڻ اهي ڳالهيون ناممڪن آهن جو هڪ تہ پاسپورٽ ۽ شناختي ڪارڊ Readable ٿي پيا آهن. يعني مشين ۾ پاسپورٽ وجهڻ سان ڪمپيوٽر جي اسڪرين (مانيٽر) تي توهان بابت سڄي انفارميشن لکجيو وڃي. توهان جي آڱرين جا نشان، ويندي اکين جي تارن جي بہ خبر پئجيو وڃي تہ اهي پاسپورٽ ۾ درج ٿيل معلومات، مسافر جي آڱرين ۽ اکين جي تارن جي Print سان ملن ٿا يا نہ. ۽ ٻي ڳالهہ تہ ڪمپيوٽر سسٽم On Line هجڻ ڪري اها معلومات جيڪا توهان فارمن ۾ لکي آهي يا انٽرويو ۾ ٻڌائي يا پوليس ۽ Intelligence کان هنن حاصل

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪئي اها هر ايئرپورٽ، ۽ بندرگاهه تي ڪمپيوٽر ڪولڻ سان توهان جي نالي اڳيان مليو وڃي. مثال طور آمريڪا جي ويزا جي درخواست واري فارم تي نه فقط ماءُ پيءُ ۽ ٻارن جا نالا لکڻا پون ٿا پر پاڻ پيننرن جا پڻ ۽ انهن جي ڄم جي تاريخ پڻ. هاڻ مثال طور مون کان ڪنهن جو نالو يا ڄم جي تاريخ ڇاڻي واڻي يا بيخياليءَ ۾ رهجي وڃي يا غلط لکجي وڃي ته اها به هڪ قسم جي "غلط ڄاڻ" مهيا ڪرڻ هيٺ منهنجي ويزا جي عمل کي نقصان پهچائي سگهي ٿي ۽ منهنجي پاءُ يا ڀيڻ به جي ويزا لاءِ apply ڪيو آهي ۽ هن جي ڏنل معلومات ۽ منهنجي ۾ فرق به نقصان پهچائي سگهي ٿو. ڇو ته ڪمپيوٽر سسٽم آن لائين هجڻ ڪري هو آسانيءَ سان منهنجي فارم تي ڏنل منهنجي مائٽن جي پوزيشن معلوم ڪري سگهن ٿا ته انهن کي به آمريڪا جي ويزا يا پاسپورٽ آهي يا نه ۽ انهن پاڻ لاءِ، مون لاءِ ۽ ٻين مائٽن لاءِ ڪهڙي معلومات ڏني آهي. بهرحال آمريڪا توڙي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ڪٿي به غلط معلومات نه ڏجي. نائن اليون کان اڳ ته يورپ توڙي آمريڪا ۾، ڪيترا غير قانوني طرح آيل ماڻهو بنا پاسپورٽ جي به پيا هلندا هئا. ورلي ڪو ڇوڏهين چنڊ ڪنهن واٽهڙوءَ کان سندس ملڪ يا سفر جي ڪاغذن جو پڇيو ويو ٿي پر هاڻ ڪڏهن ڪڏهن ريلوي اسٽيسن، هوئي اڏن، پارڪن يا ٻين هنڌن تي اوچتي پڇا ڪئي وڃي ٿي ۽ اها فقط اسان مسلمانن يا پاڪستانين کان نه پر هر هڪ کان، ۽ توهان جي قانوني طرح آيل آهيو ۽ ڪنهن به ڏوهه ۾ Involve نه آهيو ته پوءِ توهان کي ڪو به فڪر نه هئڻ کپي. آمريڪا يا يورپ جي ملڪن کي ڪٽي اسان ناداني‌ءَ ۾ ڪافرن جو ملڪ سڏيون پر هتي جي پوليس راٽيپور، گمبٽ يا ڏهرڪي، گهوٽڪي جهڙي ظالم نه آهي. پر ڪيترن واقعن ۾ اسان جو ماڻهو غلط معلومات ڏيڻ ڪري سزا جو حقدار ٿيو وڃي. ان سلسلي ۾ پنهنجي گذريل سفر نامي "نيو هالا کان نيو يارڪ" ۾ لکي چڪو آهيان ته ڪيئن اسان جي مسجد (نيو جرسي جي اوڪ ٽِري روڊ واري) جو امام، جيڪو آمريڪا جي انٽيليجنس (FBI) ۾ ڪم ڪري ٿو، اسان نمازين کي جمع نماز جي خطبي ۾ ٻڌايو هو ته پوليس جي سوال ڪرڻ تي اسان کي ان جو صحيح جواب ڏيڻ کپي ۽ جي هن جي انگريزي سمجهه ۾ نه اچي ته پنهنجي ماڻهوءَ کي سڏائي ان جي اڳيان جواب ڏجي يا حڪومت طرفان مهيا ڪيل وڪيل جي معرفت جواب ٻڌائجن ۽ جيڪا صحيح ڄاڻ هجي اها ئي ڏجي. هن ٻڌايو ته ڪيترا دفعا ڪنهن ڏوهه جي شڪ ۾ پوليس جڏهن پڇا ڪري ٿي ۽ مشڪوڪ ماڻهوءَ کي ڪورٽ تائين پهچائي ٿي ته اتي خبر پوي ٿي ته ان ماڻهوءَ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

کي ان ڏوهہ ڪري نہ پر پاڻ بابت غلط معلومات ڏيڻ ڪري ڪوڙ جي سزا ۾ ٽي هفتا جيل ملي ويو.

ٻاهرن ملڪن ڏي ويندڙن لاءِ هتي اها بہ سهڻي صلاح لکندو هلان تہ پنهنجي پاسپورٽ تي ويزا لڳرائڻ وقت پنهنجي پاسپورٽ جي مدي ختم ٿيڻ جي تاريخ (Expiry Date) ضرور ڏسندا ڪريو. جيڪڏهن ان جي ختم ٿيڻ ۾ ڪو هڪ سال يا ان کان گهٽ بچيو آهي تہ بهتر اهو ئي آهي تہ پنهنجي ئي ملڪ مان نئون پاسپورٽ ٺهرائي ان تي ويزا لڳرايو. مثال طور آمريڪا، ڪئناڊا يا ٻين ڪيترن ملڪن جي ويزا يڪي پنجن سالن جي ملي ٿي. سال گذرڻ بعد توهان کي نئون پاسپورٽ ٺهرائڻو پوندو. پوءِ پراڻي پاسپورٽ جي پڇر ڇڏڻ بدران توهان کي اهو بہ نئين سان گڏ ڪٽي هلڻو پوندو جو ويزا ان پراڻي تي لڳل آهي. ٻي ڳالهہ تہ توهان ان ڌارئين ملڪ ۾ تعليم يا بزنيس جي خيال کان بہ ٽي سالن لاءِ رهڻ ٿا وڃو تہ معنيٰ پرديس ۾ توهان کي نئون پاسپورٽ ٺهرائڻ لاءِ ڊوڙڻو هڪ طرف پوندو تہ خرچ ٻئي طرف ڪرڻو پوندو. جو ٻاهرين ملڪن ۾ انهن ڪمن جون فيون تمام ڳريون آهن. چاهي اسان جي ملڪ جو سفارتخانو هجي ۽ ڪي ملڪ اهڙا آهن جن ۾ جتي توهان کي رهڻو پوي ٿو ان کان گاديءَ وارو شهر جتي توهان جي ملڪ جو سفارتخانو آهي، ايترو پري آهي، جيئن ڪراچيءَ کان اسلام آباد ۽ اتي پهچڻ ۾ سفر جو خرچ ۽ بہ ٽي ڏينهن هوٽل ۾ رهڻ جو خرچ پاسپورٽ في کان بہ ڏهوڻو ويهوڻو ٿيو وڃي. مون سان بہ هڪ دفعو اهڙي جٺ ٿي چڪي آهي، جڏهن پنهنجي جهازي سبجيڪٽ "مئرين انجنيئرنگ" ۾ پوسٽ گرئجوئيشن لاءِ مالمو(سئيڊن) ويو هوس. هيستائين تہ جهاز هلائي ٻين ملڪن ۾ ويندو رهيس ٿي، جنهن سفر لاءِ CDC جو بڪ ڪافي آهي ۽ اهو Renew بہ نئو ڪرائڻو پوي، پر هاڻ جڏهن پاسپورٽ تي ٽن سالن جي سئيڊن جي ويزا لڳرائي پوسٽ گريجوئيشن لاءِ ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽيءَ ۾ اچي داخلا ورتم تہ خبر پيئي تہ منهنجي پاسپورٽ جو مدو ختم ٿيڻ تي آهي. ڪراچي مان نڪرڻ وقت هن ۾ ڪي اٺ نو مهينا رهيل هئا، جيڪي اچي ختم ٿيا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾ سيمسٽر جا امتحان بہ هئا ۽ اسان جي يونيورسٽي جتي آئون رهيل هوس اها جنهن شهر مالمو ۾ هئي، اهو سمجهو تہ ڪراچي وانگر هو ۽ پاسپورٽ لاءِ مون کي سئيڊن جي گادي واري شهر اسٽاڪهوم وڃڻو پيو. جيڪو ايترو پري هو جيترو لاهور. بهرحال ڪراچي ۾ جي اها ڳالهہ ڌيان ۾ اچي وڃي ها تہ هزار سوا روپيين ۾ نئون پاسپورٽ ٺهرائي نڪران ها پر هاڻ سئيڊن ۾ ڪيترو وقت

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

۽ پئسو خرچ ڪرڻو پيو. اهو سئيڊن ۾ رهندڙ اسان جا پاڪستاني اندازو لڳائي سگهن ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## "Immigrant" ۽ "Non Immigrant" ويزا

دنيا جي ملڪن جا لکين ماڻهو هر سال آمريڪا گهمڻ اچن ٿا. ٻيا وري هتي هميشه لاءِ رهڻ لاءِ اچن ٿا. ڌارئين ملڪ جي ماڻهوءَ کي آمريڪا ۾ اچڻ کان اڳ ويزا وٺڻي پوي ٿي، جيڪي ٻن قسمن جون آهن. هڪ Non – Immigrant ويزا جيڪا ٿوري وقت لاءِ ٿئي ٿي. يعني انهن ماڻهن لاءِ جيڪي آمريڪا ۾ گهمڻ لاءِ اچن ٿا يا واپار وڙي، تعليم حاصل ڪرڻ يا علاج خاطر اچن ٿا. ٻي Immigrant ويزا سڏجي ٿي، جيڪا آمريڪا ۾ هميشه لاءِ رهڻ لاءِ هوندي آهي. مثال طور آمريڪا جو پاسپورٽ رکندڙ ڪا ڇوڪري (يا ڇوڪرو) ڪنهن ڌارئين ملڪ مان شادي ٿو ڪري ته ان جي مڙس (يا زال) کي آمريڪا ۾ هميشه رهڻ لاءِ جيڪا ويزا ملندي اها Immigrant سڏجي ٿي.

Immigrant ويزا ملڻ واري کي گهٽ ۾ گهٽ ڪري ڇهن مهينن جو مدو ڏنو ويندو آهي ته هو ان اندر آمريڪا جي ڪنهن به هوائي اڏي تي پهچي پنهنجي پهچ جي رپورٽ درج ڪرائي. ان بعد هن کي مهيني کان ڇهن هفتن اندر ٽپال ذريعي سندس ٻڌايل آمريڪا ۾ رهائش جي ائڊريس تي کيس گرين ڪارڊ ملي ويندو آهي. ان سان گڏ سوشل سڪيورٽيءَ جو نمبر پڻ. يعني هاڻ هو هميشه لاءِ آمريڪا ۾ رهي سگهي ٿو نوڪري ڪري سگهي ٿو وغيره وغيره. گرين ڪارڊ وارو به ساڳي حيثيت رکي ٿو جيڪا پاسپورٽ رکندڙ جي آهي. سواءِ ووٽ ڏيڻ جي. ووٽ فقط اهو ڏئي سگهي ٿو جنهن وٽ آمريڪا جو پاسپورٽ آهي. بهرحال ٽن چئن سالن بعد گرين ڪارڊ واري کي پاسپورٽ مليو وڃي، جنهن بعد هو چاهي ته پنهنجي ماءُ پيءُ کي آمريڪا جي Immigrant ويزا ڏياري سگهي ٿو جيڪا ڪجهه سال اڳ کيس ملي هئي. نه فقط ماءُ پيءُ کي پر پنهنجن مڙني انهن ٻارن ٻچن کي جن جي عمر 18 سالن کان گهٽ آهي.

ان ريت آمريڪا ۾ ڪيترائي خاندانن جا خاندان رهيل آهن. خاص ڪري انهن جا وڏا خاندان آهن. جيڪي چاليهه پنجاهه سال اڳ آيا ڇو ته اڳ ۾ آمريڪا ۾ اچڻ اهڙو ڪو ڏکيو نه هو۔ خاص ڪري ڪئناڊا ۾ ته گذريل صديءَ جي آخر تائين بيحد آسان هو. اڄ به جيتوڻيڪ Immigrant ويزا جو ملڻ ڏکيو ٿي پيو آهي ۽ هر سال آمريڪا جي حڪومت

هڪ مقرر انگ کي آمريڪا ۾ رهڻ لاءِ Immigrant ويزا ڏئي ٿي پر ان ”تعداد“ سان آمريڪا ۾ رهندڙن جي فئملي جو تعلق ناهي. آمريڪا ۾ رهندڙ کي آمريڪا جو پاسپورٽ ملڻ سان هو پنهنجي زال (۽ جي عورت آهي ته پنهنجو مڙس)، ماءُ پيءُ ۽ 18 سالن جي عمر تائين جي غير شادي شده ٻائر ٻينرن کي گهرائي سگهي ٿو/ سگهي ٿي. آمريڪا جي ويزا بابت حڪومتي پاليسيءَ جو ان ڳالھ ڏي گهڻو Emphasis رهي ٿو ته مائٽ مٽ (فئملي) هڪ ٻئي سان گڏ رهن ته بهتر.

مائٽن مٽن کان علاوه Immigrant ويزا جن کي ملي سگهي ٿي، ان ۾ هڪ ته اهڙي قسم جا هنرمند اچي وڃن ٿا جيڪي آمريڪا ۾ گهٽ يا اڻ لڀ هجن. بقول آمريڪا حڪومت جي اهي پورهيت جن ۾ Extraordinary ability هجي، ڪن خاص سبجيڪٽن جا پروفيسر، ڪن خاص بيمارين جا ماهر ڊاڪٽر، ماهر سائنسدان، بين الاقوامي ڪمپنين جا سربراھ يا Executives هجن يا ڪن خاص (Outstanding) ڪمن جي ڪوجنا ڪندڙ هجن. ان کان علاوه Immigrant ويزا انهن کي به ملي سگهي ٿي، جيڪي وڏا سرمائيدار ۽ ڪارخانن جا مالڪ هجن ۽ هو آمريڪا ۾ اچي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ملين ڊالر (يعني گهٽ ۾ گهٽ ڇهه ڪروڙ رپيا) اهڙي واپار ۾ لڳائين جنهن ۾ هو گهٽ ۾ گهٽ ڏهه آمريڪي شهرين کي روزگار مهيا ڪري سگهن. ياد رهي ته هتي جي حڪومت طرفان گهٽ کان گهٽ مزدور يا پورهيت جو ماهانو پگهار ٻه هزار ڊالرن (يعني هڪ لک ويهه هزار رپين) کان مٿي مقرر ٿيل آهي. بهرحال انهن ڳالهين جي سانچي ۾ ڪو نهڪي اچي ٿو ته هن کي Immigrant ويزا ملي سگهي ٿي. يعني هن کي گرين ڪارڊ ملي سگهي ٿو. پر اهو آهي ته انهن Catagories لاءِ جيئن مٿي ٻڌائي آيو آهيان ته هر سال هڪ تعداد مقرر ٿيل آهي. ان کان مٿي Immigrant ويزا نٿي ڏني وڃي. پر ان انگ جو تعلق مائٽن ذريعي Immigrant ويزا حاصل ڪرڻ وارن سان ناهي. اهي پلي هر سال ڪيترا به ٿي وڃن. بس اهو آهي ته آمريڪا جو شهري ٿي ويل يعني پاسپورٽ ملڻ تي هو پنهنجي زال، ٻارن، ماءُ پيءُ کي گهرائڻ لاءِ صحيح ۽ سمورا ڪاغذ حڪومت جي واسطيدار کاتي کي جمع ڪرائي جهڙوڪ پنهنجي ڪمائي، ڪمائي جو ذريعو هر سال ڀياريل ٽئڪس وغيره جن مان حڪومت اندازو لڳائي سگهي ته آمريڪا ۾ پنهنجا مائٽ گهرائڻ واري جي ايتري ڪمائي ۽ رهائش لاءِ گهر وغيره آهي، جتي هو رهي سگهن ۽ هنن جو گذر سفر ٿي سگهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بهرحال پنهنجن مائٽن (زال، ٻارن، ماءُ پيءُ وغيره) کي گهرائڻ لاءِ جيڪڏهن ڪو وڪيل جي في افورڊ ڪري سگهي ٿو ته ان ذريعي ڪرائي ته هن لاءِ بهتر آهي جو هو ان ڪم جا ڄاڻو ٿين ٿا ۽ صحيح طرح رهنمائي ڪري سگهن ٿا ۽ فارمن ڀرڻ ۾ غلطيءَ جو امڪان گهٽ رهي ٿو. پر ايترو آهي ته اهو وڪيل يا صلاحڪار سوچي سمجهي ڪرڻ کپي، ڇو ته هتي آمريڪا تائين پنهنجي وطن ۾ ڪيترائي اهڙا آهن. جيڪي ”پنهنجو پنهنجو“ ڪري پنهنجن جي ئي ٻيڙي ٻوڙين ٿا ۽ پئسو ڦرين ٿا.

هاڻ ٿورو ڪجهه احوال Non Immigrant ويزائن جو ڪنداسين. ”نان اميگرنٽ“ ويزا ۾ ٻاهرين ملڪ جي ماڻهوءَ کي آمريڪا ۾ هميشه لاءِ رهڻ جي اجازت نٿي ڏني وڃي. ٽن مهينن کان ڇهن پنجن سالن تائين جيتري مدي جي هن کي اجازت ملي ٿي هو اوتري وقت کان مٿي نٿو رهي سگهي. ڪن خاص حالتن ۾ (تعليم، علاج وغيره ۾) درخواست ڏيڻ تي هن جي ويزا جو مدو ٽن ڇهن مهينن لاءِ Extend ڪيو وڃي ٿو.

نان اميگرنٽ ويزا جا ڪيترائي قسم آهن. جهڙوڪ وزيٽر ويزا (گهمڻ جي ويزا)، اڪيڊمڪ ويزا (تعليم حاصل ڪرڻ جي ويزا) جيڪي شاگرد آمريڪا جي ڪنهن يونيورسٽيءَ مان تعليم حاصل ڪن ٿا، انهن لاءِ عارضي طور ڪم ڪرڻ (Temporary work) ويزا، ٻاهرين ملڪن جي سفارتخانن ۾ ڪم ڪندڙ سرڪاري آفيسرن (Foreign Government officials) ويزا، وغيره وغيره.

آمريڪا ۾ سڀ کان گهڻا ماڻهو گهمڻ لاءِ يعني Visitor ويزا تي اچن ٿا، جيڪا ”ٽوئرسٽ ويزا“ به سڏجي ٿي ۽ اها پرمٽ (ويزا) سڀ ۾ آسانيءَ سان حاصل ٿيندڙ آهي. هن ويزا تي آمريڪا ۾ ايندڙ کي مهينو ٽي مهينا يا ڇهه مهينا رهڻ جي اجازت ڏني وڃي ٿي. هيءَ ويزا فقط گهمڻ ڦرڻ ۽ مائٽن دوستن سان ملڻ لاءِ ٿئي ٿي. هن ويزا تي ڪنهن کي به آمريڪا ۾ اچي نوڪري يا ڪو Job ڪرڻ جي قانوني موڪل نه آهي. اسان جهڙن ملڪن جا ماڻهو هن ويزا (ٽوئرسٽ ويزا) تي هتي آمريڪا يا دنيا جي ٻين ملڪن خاص ڪري جپان، ۽ ملائيشيا ۾ به مون ڏٺو آهي ته ڪنهن دڪان، پيٽرول پمپ يا هوٽل وغيره تي نوڪري يا مزدوري ڪن ٿا، جيڪو ڪم غير قانوني آهي ۽ ان ڏوهه ۾ ڪيترا سزائون ڪاٽيندا رهن ٿا. اها به ڳالهه آهي ته ڪيترن ملڪن ۾ انهن دڪانن يا هوٽلن جا هم وطني مالڪ اهڙي غير قانوني ڪم لاءِ همت افزائي ڪن ٿا جو هنن کي آمريڪي شهري (پاسپورٽ يا گرين ڪارڊ رکندڙ) کان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هي ٽوئرسٽ يا اسٽوڊنٽ ويزا وارو سستو پوي ٿو جو هو گهٽ پگهار ۾ بنا سهوليتن جي ڪم ڪري ٿو ۽ هر وقت پوليس کان ڊڄندو رهي ٿو. ان ڪري مالڪ کان گهٽي پگهار يا موڪل جي گهر ڪرڻ بدران ان کان هيسيل ئي رهي ٿو.

هن قسم جون Non Imigrant ويزائون جاري ڪرڻ وقت، آمريڪا يا ان جهڙي سڪي ستابي ملڪ جي، هميشه اها قانوني سوچ (Presumption) هوندي آهي ته ويزا لاءِ درخواست ڏيندڙ هر ٽوئرسٽ هنن جي ملڪ ۾ هميشه لاءِ رهڻ جي خيال سان اچي ٿو. ان ڪري ويزا گهرندڙ هر ٽوئرسٽ کي ان سوچ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوي ٿي. درخواست وارن فارمن ۾ توڙي انٽرويو ۾ پڇيل سوالن جي جواب ۾ هن کي ٻڌائڻو پوي ٿو ته هن کي پنهنجي ملڪ ۾ گهر، ڪاروبار، مائٽ مٽ ۽ بئنڪ بئلنس آهي، جن کي هو ڇڏڻ نٿو چاهي. هو ته فقط هڪ مختصر عرصي لاءِ ڏاريون ملڪ گهمڻ لاءِ وڃي رهيو آهي يا پنهنجي ڪنهن بيماريءَ جو علاج ڪرائڻ يا بزنيس جو حال احوال معلوم ڪرڻ لاءِ روانو ٿي رهيو آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## ايف ويزا، ايل ويزا، J ويزا، ايچ ويزا وغيره......

آمريڪا جي مختلف تعليمي ادارن ۾ اچي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ دنيا جي مختلف ملڪن جا شاگرد اچن ٿا. تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا ۾ داخل ٿيڻ ۽ ڪجهه عرصو رهڻ لاءِ اجازت واري ويزا جو نالو F_1 (ايف ون) آهي. اڳ ۾ ته ائين هوندو هو ته ماڻهو ٽوئرسٽ ويزا (B_Visitors) تي آمريڪا ۾ اچي هيڏانهن هوڏانهن جي يونيورسٽين جو جائزو وٺي پوءِ اتي ئي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺي آمريڪي حڪومت کان ”ايف ون“ يعني اسٽوڊنٽ ويزا حاصل ڪندا هئا. ڪن ته وري ٽن يا ڇهن مهينن جي ٽوئرسٽ ويزا تي اچي آمريڪا ۾ لڪ چوريءَ ڪا نه ڪا نوڪري يا پورهيو ڪيو ٿي. ويزا جو مدو ختم ٿيڻ تي جهڙي تهڙي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺي، اسٽوڊنٽ ويزا تي ٽي چار سال ٻيا به رهي پيا ٿي. دل چوندي هين ته ڪڏهن ڪڏهن يونيورسٽي ويندا هئا نه ته ڪو نه ڪو جاب ڪندا رهيا ٿي. پڙهائي نه ڪرڻ ڪري نه ڊگري حاصل ڪري سگهندا هئا ۽ نه آمريڪا جي پچر ڇڏيندا هئا ويندا هئا اسٽوڊنٽ ويزا جو مدو Extend ڪرائيندا. نڪو قسم جي يونيورسٽين کي سيمسٽر جي في حاصل ڪرڻ سان واسطو! ڪو نياڳو پڙهي يا نه پڙهي! بلڪ اهڙن شاگردن جي ايف ون ويزا وڌائڻ لاءِ يونيورسٽي وارا شاگردن کي حڪومت لاءِ Recommendation جو ليٽر به ڏيندا رهيا ٿي. پر هاڻ اهو سلسلو بند ٿي چڪو آهي. ڪو به ٽوئرسٽ آمريڪا ۾ ٽوئرسٽ ”B“ ويزا تي اچڻ بعد ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺي ٽوئرسٽ ويزا کي ايف ون ويزا ۾ بدلرائي نٿو سگهي. آمريڪا گهمندي هن کي ڪنهن يونيورسٽيءَ مان تعليم حاصل ڪرڻ جو ارادو ٿي پيو آهي ته هن کي پنهنجي وطن موٽي اتان ان يونيورسٽِيءَ ۾ انٽرنيٽ يا پوسٽ ذريعي داخلا وٺي پوءِ اسٽوڊنٽ ويزا (F_1) لاءِ اپلاءِ ڪري ايف ون ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ ڀاڳ آزمائي.

ٻي ڳالهه ته اڳ ۾ تعليمي ادارن ۾ حاظ جو گهٽو مسئلو نه هو. ڪيترائي شاگرد يونيورسٽين ۾ داخلا وٺي پرائيويٽ جاب ڪندا رهيا ٿي. هينئر به يونيورسٽين کي انهن جي حاظر يا غير حاظر رهڻ جي پرواهه ناهي پر هتي جي سڪيورٽي ۽ پوليس کاتو اهڙن فراڊي شاگردن جو Track رکي ٿو ۽ ثبوت ملڻ تي هنن جي نه فقط ويزا ڪئنسل ڪئي وڃي ٿي پر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آئندي لاءِ بي ڪا ويزا حاصل ڪرڻ بہ هن لاءِ مسئلو ٿيو پوي. ساڳي وقت آمريڪا جي حڪومت هتي جي تعليمي ادارن کي بہ نظر ۾ رکي ٿي تہ ڪهڙا صحيح آهن چو جو F_1 ويزا لاءِ اپلاءِ ڪرڻ کان اڳ هڪ تہ شاگرد کي ان تعليمي اداري ۾ Full Time Academic رجسٽري (Enrollment) ڪرائڻ ضروري آهي ۽ ٻيو تہ هو فقط ان تعليمي اداري (اسڪول، ڪاليج يا يونيورسٽي) ۾ داخلا وٺي سگهي ٿو جيڪو آمريڪا جي اميگريشن واري اداري USCIS طرفان Approve ٿيل هجي.

هڪ اهڙي عارضي (Non Immigrant) ويزا ٿئي ٿي، جنهن ۾ توهان آمريڪا ۾ اچي نوڪري يا جاب ڪري سگهو ٿا اها ايچ (H) ويزا سڏجي ٿي. اها ويزا خاص قسم جي پروفيشنل لاءِ ٿئي ٿي. مثال طور ڪنهن آمريڪن جي ڪا اسپتال آهي يا ڪمپيوٽر ٺاهڻ جي فئڪٽري آهي، جيڪا تمام سٺي پئي هلي، جنهن جي ثابتي اهو ٽئڪس آهي، جيڪو هو حڪومت کي هر سال ڏئي ٿو. هن کي چاڻو نرس يا هوشيار ڪمپيوٽر انجنيئرن جي ضرورت آهي. اهڙي اسپتال يا فئڪٽريءَ جو آمريڪن مالڪ چاهي تہ انڊيا يا پاڪستان مان يا ڪنهن ٻئي ملڪ مان نرسون يا ڪمپيوٽر انجنيئر هڪ سال يا ٻن ٽن سالن لاءِ پنهنجي اداري لاءِ گهرائي سگهي ٿو. اهڙي قسم جا Employ آمريڪا ۾ ايچ ويزا تي اچن ٿا.

اهڙيءَ طرح هڪ J_ Visa آهي، جنهن جي آڌار تي آمريڪا جا ماڻهو ڊاڪٽرن انجنيئرن سميت جپان، جرمني يا ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ سال، ٻن يا ٽن لاءِ وڃي سگهن ٿا ۽ انهن جي بدلي ۾ ان ملڪ جا اوترا ماڻهو اوتري عرصي لاءِ آمريڪا اچي سگهن ٿا. اها Exchange Visitor ويزا پڻ سڏجي ٿي.

آمريڪا ۾ ڪجهہ ماڻهو (L_1 Visa) تي بہ اچن ٿا. ايل ون ويزا تي ملٽي نيشنل ڪمپنيون جن جي هيڊ آفيس يا برانچ آفيس آمريڪا ۾ آهي، ان جا مٿين ليول جا مئنيجر يا اهم آفيسر ”L_1“ ويزا تي هڪ ملڪ جي آفيس مان بدلي ٿي ٻي ۾ اچي سگهن ٿا. جيئن PIA هوائي ڪمپنيءَ يا نيسلي کير جي ڪمپنين جا آفيسر بدلي ٿي آمريڪا وڃن ٿا، جتي هو جيڪو وقت رهن ٿا اهو ايل ون ويزا تي رهن ٿا.

اهڙيءَ طرح مختلف ڳالهين ۽ نوعيت جي ڪمن لاءِ آمريڪا ۾ سال ٻن لاءِ اچڻ لاءِ ويزائون ملن ٿيون، جيڪي مٿين ويزائن کان علاوه ٻيون آهن: ڪي ون ويزا، Q ويزا، E_1 ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

E_2 ويزا، او ون ويزا ۽ TN ويزا (جيڪا ڪئناڊا ۽ ميڪسيڪو وارن لاءِ آهي)، وغيره وغيره.

ڪي اهڙا به ملڪ آهن، جن جي رهاڪن کي آمريڪا ۾ ٽي مهينا رهڻ لاءِ ڪنهن به ويزا جي ضرورت ناهي. هو جڏهن چاهين هوائي جهاز جي ٽڪيٽ خريد ڪري اچي نيو يارڪ جي هوائي اڏي تي لهن ۽ اميگريشن آفيسر کي پنهنجي ملڪ جي فقط پاسپورٽ جي جهلڪ ڏيکاري ٻاهر نڪري اچن. دنيا ۾ اهڙا 27 ملڪ آهن، جن ۾ جپان، آسٽريليا، جرمني، فرانس، انگلينڊ جهڙا ملڪ ته آهن پر سنگاپور به آهي. ائين ٿو لڳي ڄڻ ڪالهه جو ڏينهن هو جڏهن 1970ع واري ڏهي جي شروع وارن سالن ۾ جهاز کي سنگاپور وٺي وڃبو هو ته اسان جي آفيس جا سنگاپوري نمائندا اسان کي سنگاپور جي چورن ٺڳن کان خبردار ڪندا هئا. ويندي بسين تي به سنگاپور جي چيني زبانن ۾ لکيل هوندو هو ته جيب ڪترن کان خبردار رهو. جواري شرابي، رنڊيون ڪنڊيون سنگاپور ۾ جتي ڪٿي نظر اينديون هيون ۽ اسان پاڪستاني سڌريل ملڪن جا سمجهيا ويندا هئاسين. ظاهر آهي تعليم، ٽيڪنالاجي، امن امان فيلڊ ۾ اسان مٿيرا هئاسين. آمريڪي ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪي سفارتخاني ۾ به وڃڻ جي ضرورت نه هوندي هئي، جهاز جي ٻئري هٿان پنهنجي فئملي(جيڪا جهاز تي گڏ هلندي هئي) جا پاسپورٽ موڪلبا هئا ته پنجن سالن جي Multiple ويزا لڳجي ايندي هئي. اڄ اسان دنيا جي نظرن ۾ جهڙا چور ٺڳ پيا آهيون. معمولي Visitor ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ به ڪيترا جتن ڪرڻا ٿا پون ۽ هوڏانهن سنگاپور جهڙو ملڪ هر فيلڊ ۾ ايڏو اڳيان نڪري ويو آهي جو يورپ جو ملڪ ٿو لڳي ۽ هن جي رهاڪن کي آمريڪا وڃڻ لاءِ ويزا جي به ضرورت ناهي جو آمريڪا سمجهي ٿو ته سنگاپور جي ماڻهن لاءِ آمريڪا کان وڌيڪ پنهنجي ملڪ ۾ سک آهن. سنگاپور جا ماڻهو جتي وڃن ٿا، اتي امن امان سان رهن ٿا، چورين ۽ ڌاڙا نٿا هڻن، ٺڳيون ۽ ناجائز ڌنڌا نٿا ڪن. ساڳي وقت اڄ هنن جي ملڪ ۾ به ڪو وڃي ٿو ته سڪون محسوس ڪري ٿو. سنگاپور جهڙي ٻيٽ تي جتي ڪجهه نه آهي. نه پوک نه ڌاتو. ويندي پيئڻ لاءِ پاڻي به نه آهي. پر اتي جي حاڪمن ۽ سياستدانن هن ملڪ ۾ اهڙي ته تعليمي ادارن ۽ ڪارخانن جي ڄار وڇائي ڇڏي، اهڙو ته امن امان ۽ سفر، صحت ۽ انصاف جون سهولتون مهيا ڪري ڇڏيون آهن جو ڪيترا آمريڪن به سنگاپور ۾ نوڪري يا بزنيس ڪندي پنهنجي خوش نصيبي سمجهن ٿا.

بهرحال هتي اسان سفري ضرورتن ۾ ويزا بابت ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا هئاسين جيئن هڪ عام ماڻهوءَ کي ڄاڻ ٿي سگهي تہ ويزا ڇا ٿئي ٿي ۽ آمريڪا اچڻ لاءِ ڪهڙي ويزا جي ضرورت پوي ٿي. هتي اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ ڌارئين ملڪ ۾ ويزا مطابق رهڻ کپي يعني جيترا ڏينهن رهڻ جي اجازت (ويزا) هجي اوترائي رهڻ کپن. جيڪڏهن ڪنهن مجبوريءَ ڪري ڪجهه ڏينهن وڌيڪ رهڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي تہ ان سلسلي ۾ اڳواٽ واسطي واري کاتي کي درخواست ڏيئي پنهنجي ويزا Extend ڪرائي پوءِ سڪون سان رهجي ۽ عزت سان ڌارئين ملڪ جي هوائي اڏي تان وطن ورجي. هوڏانهن آمريڪا ڏي ايندڙ هر وزيٽر کي اڄ ڪلهه پنجن سالن جي وزٽ ويزا جو اسٽڪر اسلام آباد جي آمريڪي سفارتخاني مان لڳي ملي ٿو پر آمريڪا ۾ رهڻ لاءِ ڪيتري مدي جي اجازت ملي ٿي اها ايئرپورٽ تي پهچڻ تي ڊيوٽي تي مقرر اميگريشن آفيسر ٻڌائي ٿو ۽ ان جو نيپو هڪ اڇي رنگ جي ننڍڙي فارم تي هٽي ڏئي ٿو جيئن توهان کي هر وقت ڌيان ۾ رهي تہ ويزا ڪڏهن ختم پيئي ٿئي ۽ ان کان اڳ توهان ڌارين جي هن ملڪ مان پنهنجي وطن روانا ٿي وڃو.

هن اڇي رنگ جي ڪارڊ جو نالو Arrival_Departure ڪارڊ آهي، جيڪو Form I_94 بہ سڏجي ٿو. اهو فارم ڀرڻ کان پوءِ ڀريل فارم ۾ اميگريشن آفيسر ٺپو هڻي توهان کي ڏيڻ وقت توهان جي پاسپورٽ سان Staple ڪري ڇڏي، جيئن پاسپورٽ سان گڏ حفاظت ۾ رهي. ان کي هميشہ قابو رکجي جو موٽڻ وقت ايئرپورٽ تي ڏيڻو پوي ٿو. اهو ڪارڊ هوم لئنڊ سڪيورٽي، ڪسٽمس ۽ بارڊر پروٽيڪشن واري ڊپارٽمينٽ طرفان هوندو آهي، جنهن تي درج ڪيو ويندو آهي تہ توهان ڪهڙي ويزا هيٺ آمريڪا آيا آهيو ۽ گهٽ ڏينهن لاءِ رهي سگهو ٿا.

## شل نه ڪو ڌارئين ملڪ ۾ بيمار ٿئي

ڌارئين ملڪ ڏي ويندڙ مسافرن لاءِ (خاص ڪري انهن لاءِ جيڪي آمريڪا گهمڻ يا تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وڃن ٿا) هتي ڪجهه ڳالهيون پرديس ۾ صحت ۽ دوادرمل بابت پڙهي لکندو هلان. اسان جو ملڪ توڙي ڪٽي غريب آهي، اسپتالن ۾ انڌير لڳو پيو آهي، پر تڏهن به انڌين منڊين بيمارين جي علاج لاءِ دڪان تان گوريون وٺي پاڻ ئي علاج ڪريو وٺون يا ڪو نه ڪو پاڙي اوڙي يا مٽي مائٽيءَ ۾ اهڙو ڊاڪٽر، ڪمپائونڊر يا نرس دائي مليو وڃي، جنهن کان مفت ۾ به علاج بابت صلاح وٺي سگهجي ٿي پر دنيا جي هنن امير ترين ملڪن ۾ چاهي ناروي سئيڊن هجي، جپان ڪوريا هجي، جرمني فرانس هجي يا انگلينڊ اسپين- شل نه ڪو مسافر بيمار ٿئي. معمولي دوا به هن کي ڪنگال بنايو ڇڏي. ڊاڪٽرن، دوائن ۽ اسپتالن جا خرچ آسمان سان ڳالهيون ٿا ڪن ۽ آمريڪا ۾ ته هيڪاندي باهه پئي ٻري. اسان جي ملڪ ۾ ته ڪيترين ئي بيمارين جي دوا ڊاڪٽر کي بنا ڏيکارڻ جي خريد ڪري سگهجي ٿي پر آمريڪا ۾ هر دوا جي ڳري قيمت هڪ طرف آهي ته ٻئي طرف اها تيسين نٿي ملي سگهي، جيسين ڊاڪٽر نه لکي ڏئي ۽ ان بابت چرچي طور پنهنجي شروعاتي سفرنامي" جاني ته جهاز" ۾ لکي چڪو آهيان ته آمريڪا ۾ مٿي جي يا ڪن جي سور جهڙي معمولي بيماريءَ جي علاج لاءِ گورين جي شيشي يا ڦڙن (Drops) جي شيشي ڇهين ڊالرين ملي ٿي ۽ اها خريد ڪرڻ لاءِ سٺ ڊالر ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ جي في ڏئي ان کان دوا خريد ڪرڻ لاءِ نسخو (prescription) وٺڻو پوي ٿو. ان بنا دوا نٿي ملي.

جيڪي ماڻهو آمريڪا جا شهري آهن، انهن جي علاج جي خرچ جو جيتوڻيڪ وڏو حصو انهن جي انشوئرنس ڪمپني ڀري ٿي، تنهن هوندي به ويهه سيڪڙو خرچ (Co Pay) ۽ Deductible خرچ (جنهن کي Excess به سڏجي ٿو) اهو ايترو گهڻو ٿئي ٿو جو اسان جا ڪيترائي ننڍين نوڪرين وارا پاڪستاني توڙي انڊين آمريڪا بدران پنهنجي وطن وڃي آپريشنون ۽ علاج ڪرائين ٿا. Deductible اها رقم آهي، جيڪا هر صورت ۾ علاج ڪرائڻ واري کي ڏيڻي پوي ٿي. مثال طور ڪنهن جي علاج تي خرچ ستر ڊالر ٿو اچي ته مقرر ڪيل Deductible رقم 50 ڊالر ته بيمار کي پاڻ ڏيڻا آهن باقي 20 ڊالرن مان مقرر ڪيل

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

Co_ Pay مطابق 80 سيڪڙو انشورنس ڪمپني ڀريندي يعني 16 ڊالر ۽ مريض 20 سيڪڙو يعني 4 ڊالر ڀريندو. مثال طور ڪنهن جو هلندي پير ترڪي ٿو وڃي ۽ ٻانهن يا ٽنگ جو فرئڪچر ٿيو ٿو پوي ۽ علاج تي خرچ ڏهه هزار ڊالر يعني ڇهه لک رپيا ٿو اچي (جيڪو آمريڪا جي حساب سان تمام گهٽ آهي) ته ان مان پنجاهه ڊالرن کان علاوه باقي جو ويهه سيڪڙو به مريض پاڻ ڏيندو. يعني مريض کي انشورنس هوندي جيڪو ڪجهه حصو پنهنجي کيسي مان ڏيڻو پوندو سو به هڪ لک ويهه هزار رپيا ڀرڻو پوندو ۽ جيڪڏهن ڪو هتي جو شهري نه آهي ۽ هو هتي گهمڻ لاءِ آيو آهي ته اها سڄي رقم کيس ڀرڻي پيئي.

هتي جا منهنجا دوست ٻڌائين ٿا ته گذريل سال هتي هڪ سنڌ جو وڏيرو گهمڻ لاءِ آيو. هن کي دل جي تڪليف ٿي پيئي. هتي جي همراهن کيس سهٽي صلاح ڏني ته سائين گهمڻ کي ڇڏيو ڪڏ ۾ اچ ٽڪيٽ وٺي وطن واپس هليا وڃو ۽ اتي وڃي علاج ڪرايو. پر هو نه رڳو ترسي پيو پر اتي آمريڪا ۾ ئي دل جي آپريشن ڪرائڻ ۾ هن پنهنجي خوش نصيبي ٿي سمجهي. هن سمجهيو ته خرچ اچي اچي ڪيترو ايندو. جيڪو ايندو اهو ڀربو. پر لئه خراب نه ڪبي. آپريشن ٿي. ڪو هفتو اڌ اسپتال ۾ مس رهڻو پيو. خبر پيئي ته بل آيو فقط پنجاهه هزار ڊالر معني ٽيهه لک رپيا اهو ٻڌي علاج بعد صحتيابي حاصل ڪندڙ وڏيري کي ماڳهين وري هارٽ اٽئڪ ٿي ٿيو. سندس مائٽن مٽن ۽ دوستن ڦوڙي ڪري کيس قرض ڏنو. ٻنئيءَ جا پئسا ڪٽي ته هو آمريڪا جي سير لاءِ نڪتو هو. دوستن ۽ مائٽن جو قرض چڪائڻ لاءِ هن کي وطن موٽي پنهنجيون زمينون وڪڻيون پيون.

سو يارو آمريڪا جهڙا ملڪ گهمڻ ۾ جتي تفريح ۽ تجربو آهي اتي اهو گهمڻ ڦرڻ عذاب ۽ بدبختي ٿيو پوي، جيڪڏهن الله نه ڪري ته ڪو مسافر بيمار ٿي پوي يا زخمي ٿي پوي! سچي ڳالهه ۽ سهٽي صلاح ته اها آهي ته اڄ جون حالتون اهڙيون ٿي پيون آهن جو ڪنهن کي نوڪري روزگار جي مجبوري نه هجي يا مائٽن مٽن سان ملڻ ضروري نه هجي ته پنهنجي وطن ۾ پنهنجي گهر ۾ ئي سکيو ستابو وينو هجي. ٻاهر جي دنيا معلوم ڪرڻ جو شوق ٿئي ته ڊسڪوري، نئشنل جاگرافڪ يا Travel جهڙو ئي وي چئنل کولي ويهي ڏسجي. اها ئي شيءَ اڄ ڪلهه ”ڪم خرچ بالا نشين“ سمجهي وڃي ٿي.

هونءَ هن پاسي يا ههڙن مهانگن ملڪن ڏي سفر ڪرڻ ضروري ٿي پوي ته اهڙي صورت ۾ پنهنجي ملڪ مان ضرورت جون ڪجهه دوائون پاڻ سان کڻي نڪرڻ ڪا خراب Idea

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ناهي. انهن ضروري دوائن ۾ هڪ تہ اهي اچي وڃن ٿيون، جيڪي ڪن بيمارين ڪري هر روز کائڻيون پون ٿيون جهڙوڪ بلڊ پريشر، Diabities, دل جو مرض، ٿايورائيڊ وغيره جون گوريون. ٻيون مٿي جي سور، پيٽ جي سور، قبضي، دستن جهڙين بيمارين لاءِ، جن جي ڪنهن وقت بہ ضرورت پئجي سگهي ٿي. انهن دوائن جي بهتر لسٽ توهان کي پنهنجو فئملي ڊاڪٽر ٻڌائي سگهي ٿو ۽ بهتر ٿيندو ان هڪ ئي ڊاڪٽر کان سندس ليٽر هيڊ واري پئڊ تي اهي دوائون لکرائي، اهو پنو پاڻ سان کڻي نڪرو. ان تي هو اهو لکي ڏيندو تہ توهان هي دوائون واپرايو ٿا ۽ توهان لاءِ ضروري آهن. اهو احتياط خاطر پاڻ سان کڻڻ ان ڪري ضروري آهي جو ڪن ايئرپورٽن تي ڪسٽم آفيسر ڊاڪٽر جي ليٽر بنا دوائون کڻڻ نٿا ڏين. ڪوشش ڪري ڪا بہ دوا يا رڌ پچاءُ جو مصلو پائوڊر جي صورت ۾ بنا Seal ٿيل دٻي يا ٿيلهيءَ ۾ نہ کڻجي. ڇو جو ڪنهن هوائي اڏي تي ڪنهن ڪنهن ڪسٽم آفيسر جي دماغ ۾ اها ڳالهہ اچي سگهي ٿي تہ لفافي ۾ ويڙهيل، پيئل هيڊ جيڪا توهان رڌ پچاءَ لاءِ کڻي آهي يا توهان پنهنجي ڳوٺ جي درگاهہ شريف جي موالي مجاور کان شوڪاريل مٿي جي علاج لاءِ خاڪ شفا کڻي آهي، ان جو واسطو ڪنهن نشي پتي واري شيءِ سان آهي. مڃان ٿو تہ يورپ ۽ آمريڪا جي ملڪن ۾ انصاف ملي ٿو ۽ جيسين ثبوت نہ ملن، تيسين عرب ملڪن وانگر ڏاڙهين کي (خاص ڪري اهو پاڪستان، بنگلاديش جهڙي غريب ملڪ جو آهي تہ) يڪدم جيلن ۾ نٿا موڪلين پر جيسين هنن کي پڪ ٿئي تہ هيءَ ڪا چرس، گانجي، هيروئن، راڪيٽ جهڙي شيءِ ناهي ۽ اڄ بہ سنڌ جي ڏورانهن ڳوٺن، چنبڙ، قمبر، ٻني، ڇني، راڄو خاناڻي ۽ مياداد چنجڻيءَ ۾ ڪيترا ماڻهو مٿي جي سور يا وائي سور جو علاج پير جي درگاهہ جي ٻهاريل مٽيءَ سان ٿا ڪن، تيسين تيرهن ڪلاڪ سفر ڪري آيل مسافر جو وڏيڪ انتظار ڪرڻ يا قطار ۾ بيهڻ ۾ سر هليو وڃي. هڪ دفعي ڪوپن هيگن جي ايئرپورٽ تي، پنجاب جي ڪنهن ٻهراڙيءَ واري ڳوٺ جي ماءُ، پنهنجي ٽچ تي ٻار سميت جهلجي پيئي. ڊئنمارڪ ۾ پنجاب جي ٻهراڙيءَ پاسي جا ڪيترائي پورهيت ۽ مزدور سالن کان رهن ٿا، جيڪي پنهنجي وطن وڃڻ وقت يا موٽڻ تي ڪوپن هيگن جي هوائي اڏي تي لهن ٿا. مون انهن ڏينهن ۾ پير واري ملڪ سئيڊن جي ڏاکڻي شهر مالمو جي يونيورسٽيءَ مان مئرين انجنيئرنگ سبجيڪٽ ۾ پوسٽ گريجوئيشن پئي ڪئي. مالمو وڃڻ لاءِ اسان کي بہ ڪوپن هيگن ايئرپورٽ تي لهڻو پوندو هو (ان بعد ٻيڙيءَ ذريعي سمنڊ جو ٽڪرو ٽپي ٻئي پار مالمو هليا ويندا هئاسين) هن عورت وٽ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اڳتڙيءَ جي تڪري ۾ پيئنل ڦوٽا (الاچي) ٻڌل هئي ۽ بقول ان عورت جي (جيڪا انگريزيءَ کان بہ اڻ واقف هئي ۽ رڳو پنجابي ڳالهائي رهي هئي) هن کي سندس پاڙي واريءَ اهي پيئنل ڦوٽا پار کي مصريءَ سان ملائي ڇَٽائڻ لاءِ ڏنا هئا تہ جيئن هن نئين پار جو تارُو (ڪاڪڙو) مضبوط رهي پر جيسين ڪسٽم پوليس جي عملي تي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي تيسين هن اڪيلي سفر ڪندڙ عورت کي ڪافي خوف ۽ هراس چانيل رهيو. اهڙن موقعن تي جيسين پڪ ٿئي تہ هوءَ ڏوهاري ناهي مون ڏٺو آهي تہ هر ڪو پڇيو پري ٿيو وڃي. خاص ڪري جي الزام هيٺ آيل پاڪستاني آهي تہ! چو جو حق جي ڳالهہ ڪجي تہ اسان پاڪستاني سڄي دنيا ۾ سخت بدنام ٿي پيا آهيون. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ انهن ڏهن پاڪستانين ۾ ڪو هڪڙو صحيح معنيٰ ۾ پاڪستاني هوندو ۽ نو ڄڻن ۾ ڪو برمي هوندو تہ ڪو بنگالي، ڪو افغاني هوندو تہ ڪو تامل پر دنيا تہ انهن کي پاڪستاني ئي سڏيندي جو هو ڪنهن طرح پاڪستان جو پاسپورٽ حاصل ڪري سفر ڪري رهيا آهن. هنن کي پاڪستان جي شهريت ۽ پاسپورٽ ڪهڙي ريت حڪومت طرفان ملي ويو. ان کي روڪڻ لاءِ اسان جي حڪومت کي سختي ڪرڻ کپي ۽ اپاءَ وٺڻ کپن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## مسافرن لاءِ انشوئرنس پاليسيون

دنيا جا ڪيترائي امير ملڪ آهن، جن ۾ پنهنجن شهرين لاءِ دوائن ۽ ڊاڪٽر جي فين جو ڪجهه حصو اتي جي حڪومت ڏئي ٿي ، جيئن سئيڊن جهڙي ملڪ ۾ ڏندن ۽ اکين جي علاج کي ڇڏي باقي بيمارين جي علاج جو ڪافي خرچ اتي جو سوشل ڊپارٽمينٽ ڏئي ٿو. پر آمريڪا ۾ ٿوري عرصي لاءِ ويندڙ مسافرن توڙي Immigrant ويزا تي هميشہ آمريڪا ۾ رهڻ وارن لاءِ يادداشت طور اهو لکندو هلان تہ آمريڪا ۾ دوا درمل لاءِ حڪومت ڪجهہ بہ نٿي ڏئي. آمريڪا جو ان بابت صاف ۽ چٽو قانون آهي تہ

"... The US does not have socialized medicine. All costs of health care are paid by the patient."

۽ جيئن شروع ۾ ٻڌائي چڪو آهيان تہ دوا درمل ۽ علاج لاءِ هر هڪ کي هيلٿ انشورنس پاليسي خريد ڪرڻي پوي ٿي ۽ انشورنس ڪمپني اهو ئي چاهي ٿي تہ دوا درمل ۽ ڊاڪٽر جي فين تي جيڪو خرچ اچي اهو پهرين توهان پنهنجي کيسي مان ادا ڪيو ۽ پوءِ انشورنس ڪمپنيءَ کان Claim ڪريو جيڪا Deductible رقم ۽ توهان جي حصي جو Co_ Pay ڪٽي باقي پئسا توهان کي جلدي جلدي تہ بہ ٻن ٽن مهينن بعد ڏئي ٿي.

آمريڪا جي Non_ Immigrant ويزا تي اچڻ وارا ـ يعني سياح، شاگرد، نوڪرين وارا وغيره، جيڪڏهن افورڊ ڪري سگهن تہ آمريڪا پهچي پنهنجو پاڻ کي صحت جي معاملي ۾ ضرور انشورنس ڪرائين. آمريڪا جون جيڪي وڏيون ۽ نالي واريون انشورنس ڪمپنيون آهن، اهي رڳو آمريڪا جا شهري ۽ گرين ڪارڊ وارن کي (يعني Immigrant ويزا وارن کي) انشورنس ڪن ٿيون. بهرحال ٻيون ننڍيون ننڍيون ڪمپنيون آهن، جيڪي ٽوئرسٽن کي انشوئر ڪن ٿيون. پر اهي بہ وڏي عمر جي سياحن کي انشوئرنس ڏيڻ کان ڪيٻائين ٿيون ۽ ٻين کي بہ انشوئر ڪندي شرط شروط وجهن ٿيون. جهڙوڪ اهڙيون بيماريون جيڪي ٽوئرسٽ کي پهرين آهن، انهن جي ڪري هنن کي ڪو نقصان ٿي پيو تہ هو ٻڌل نہ رهندا، وغيره. غوطا خوري، جبلن تي چڙهڻ، جانورن جي شڪار لاءِ جنگلن ۾ وڃڻ يا ٻي ڪنهن اهڙي شوق پنيان ٽوئرسٽ کي نقصان رسندو تہ ان جي بہ هي انشورنس

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪمپنيون ذميواري نہ کڻن. مطلب تہ انشورنس ڪرائڻ بعد، ڪجهہ ٿيڻ تي بہ، انشورنس ڪمپنين کان ڪجهہ هڙ حاصل ڪرڻ ڪو سولو ڪم ناهي. ڪيترين حالتن ۾ هنن سان قانوني جنگ وڙهڻ لاءِ وڪيل ئي ڪرڻو پوي ٿو. معنيٰ ان لاءِ فالتو وقت ۽ وڏيڪ پئسو هجي. ڇو تہ اها بہ ڳالهہ آهي تہ آمريڪا ۾ انشورنس ڪمپنين کي ڦرڻ لاءِ جتي نڱ موجود آهن. اتي ٽپتائي ۾ واندا وڪيل بہ ڪنهن نہ ڪنهن هڪ ڏر جو فائدو ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪميشن حاصل ڪرڻ لاءِ تيار وينا آهن. جيئن اڄ ڪلهہ وڪيلن جي هڪ ڪمپني طرفان اخبار ۾ اشتهار ايندو رهي ٿو تہ توهان کي ڪنهن پاڙي واري جي ڪتي ڏاڙهيو تہ ناهي؟ اسان توهان پاران ڪورٽ ۾ ڪيس وڙهڻ لاءِ تيار آهيون. توهان کي اڳواٽ في ڏيڻ جي بہ ضرورت ناهي. توهان کي جڏهن ڪتي جي مالڪ کان ہڪ ناٽي جا وني ڏيندا سين تہ پوءِ ان مان ڪميشن (جيڪا گهٽ ۾ گهٽ ڪري ويهہ سيڪڙو ورتي وڃي ٿي) ڏجائو.

اهو اشتهار پڙهي واشنگٽن ۾ رهندڙ اسان جو ڳوٺائي نجم ميمڻ مون کي سندس فلئٽ تي هيٺ واري لفٽ ۾ ڪتي سان گڏ چڙهندڙ آمريڪن عورت کان پري پري ٿي بيهڻ کان هميشہ جهليندو هو. چوندو هو: ”سائين ڪتي جو توهان فڪر ئي نہ ڪريو. آئون تہ هر وقت ان اميد سان هوندو آهيان تہ ڪڏهن ڪتي جو دماغ خراب ٿئي ۽ منهنجي ٽنگ ۾ چاڙي وجهي تہ مالڪياڻيءَ کان پنجاهہ هزار ڊالر (ٽيهہ لک رپيا) حاصل ڪريان.“ ياد رهي تہ هتي ڪتي پالڻ واري کي پنهنجي ڪتي کي هر وقت ڪنٽرول ۾ رکڻو پوي ٿو. سندس پونڪڻ تي پاڙيوارو پوليس کي شڪايت ڪري سگهي ٿو. ويندي ننڍ ڊسٽرب ڪرڻ تي مالڪ کي ڏنڊ ڏيڻو پئجيو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪتي ڪنهن کي چڪ هنيو تہ مالڪ جو سر ويو ۽ چڪ لڳڻ واري جي چڙ تہ لاٽري نڪتي.

انشورنس ڪمپنين، وڪيلن ۽ نڱ ماڻهن جون، هتي آمريڪا ۾، عجيب عجيب ڳالهيون ٻڌبيون آهن. ڪي تہ عجيب ڪل جهڙيون هونديون آهن. هڪ مزيدار ڳالهہ جيڪا اڄ ئي ٻڌي اٿم پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ هتي لکي رهيو آهيان. ۽ اهڙيون ڳالهيون هتي آمريڪا ۾ ئي ٿي سگهن ٿيون.

ٽيڪساز رياست جي شهر ڊالاس جي هڪ وڪيل هڪ خاص قسم جي مهانگن سگارن جي دٻي ورتي ۽ پنهنجين ٻين شين سان گڏ باهہ جي بچاءَ خاطر ڪنهن انشوئرنس ڪمپنيءَ وٽ انشوئر ڪيا.

اجا مهينو بہ نہ ٿيو تہ هن پنهنجا قيمتي سگار روزانو هڪ هڪ ڪري ڦوڪي پوءِ انشوئرنس ڪمپنيءَ کان انهن جي رقم وصول ڪرڻ لاءِ آيو. دبليءَ ۾ بند اهي قيمتي 24 سگار هن 15000 ڊالرن (نو لک رپين) ۾ انشوئر ڪرايا هئا.

ڪليم ۾ وڪيل اهو بيان ڏنو تہ هن جا قيمتي سگار ننڍڙين ننڍڙين باهين ۾ سڙي رک ٿي ويا. ظاهر آهي انشوئرنس ڪمپنيءَ ان سبب ڪري، سگارن جي ختم ٿي وڃڻ جو ڪليم، ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ڇو جو اهي سگار وڪيل صاحب نارمل طريقي سان ڇڪي مزو ماڻيو هو.

توهان کي يقين نہ ايندو. وڪيل صاحب ٺوڪي ڪٽي ڪيس ڪيو.. جج وڪيل جي فائدي ۾ Judgement ڏني ۽ وڪيل ڪيس کٽي ويو.

جج Ruling ڏيندي وقت انشورنس ڪمپنيءَ جي جيتوڻيڪ اها ڳالهہ مڃي تہ اهو ڪليم ڪرڻ جوڳو ناهي. پر بهرحال وڪيل انشوئرنس ڪمپنيءَ کان پاليسي خريد ڪئي، جنهن ۾ انشوئرنس ڪمپنيءَ هن جي سگارن جي وارنٽي ڪنئي ۽ هن ڪمپنيءَ سگارن کي خاص طور باهہ کان بچائڻ جي گئرنٽي مهيا ڪئي هئي.

هيٺين ڪورٽ جي ان فيصلي خلاف مٿين ڪورٽ (هاءِ ڪورٽ) ۾ اپيل ڪرڻ پنيان پئسو ۽ وقت وڃائڻ بدران انشوئرنس ڪمپنيءَ جج جي حڪم جي پوئواري ڪئي ۽ وڪيل صاحب کي سندس سگريٽ سڙڻ جو ڪليم پنڌرهن هزار ڊالر پري ڏنو.

۽ هاڻ هن ڪهاڻيءَ جو باقي ۽ بهترين حصو.

انشوئرنس ڪمپنيءَ کان وڪيل ڪليم جو چيڪ وٺي جيئن ئي ڪئش ڪرايو تہ انشوئرنس ڪمپنيءَ پوليس ۾ رپورٽ درج ڪرائي وڪيل صاحب کي ان ڏوهہ ۾ ڦاسايو تہ هو چوويهہ ڀيرا Arson (آتش گردي) ڪري چڪو آهي. ڪنهن جي گهر يا ملڪيت کي باهہ ڏيڻ کي Arson سڏجي ٿو.

ڪورٽ ۾ جڏهن ڪيس هليو تہ انشوئرنس ڪمپنيءَ انهن چوويهن ”باهين“ جي ثبوت ۾ ادا ڪيل انشوئرنس ڪليم ۽ گذريل ڪيس جي Testimony هن جي خلاف ڏيکاري. وڪيل کي جج صاحب مجرم قرار ڏنو. اهو ان ڪري جو هن ڄاڻي واڻي انشوئرنس ٿيل ملڪيت کي باهہ ڏني. هن ڏوهہ جي سزا ۾ هن کي چوويهہ هزار ڊالر ڀرڻا پيا ۽ چوويهہ مهينا جيل ڪاٽڻو پيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪن ڪن هوائي اڏن تي انشوئرنس ڪمپنين وارا هوائي جهاز ۾ سفر ڪرڻ وارن مسافرن کي اڏام جي سلامتي خلاف انشوئرنس وڪڻندا نظر اچن ٿا. ان انشوئرنس کي دراصل "Flight Accident Insurance" سڏجي ٿو جيڪا جهاز جي حادثي ٿيڻ تي فوتيءَ جي وارثن کي انشوئرنس جي رقم جيڪا، اچ ڪلهه ويهه ٽيهه لکن کان پنجاهه لک آهي، ڏني وڃي ٿي. يا گهٽ ۾ گهٽ ڏيڻ جو وعدو ڪيو وڃي ٿو. بهرحال هيءَ انشوئرنس مان وڏي خوشحالي نصيب ٿئي ٿي. يعني انشوئرنس ڪمپنيءَ کي.

توهان پاڻ سوچيو ته هر هوائي جهاز ۾ ٽي چار سئو مسافر چڙهن ٿا. انهن مان جيڪڏهن هڪ سئو مسافر به هڪ هڪ هزار رپين جو پريميم ڏيئي ڏهه ڏهه لکن واري انشوئرنس خريد ڪن ته هڪ اڏام ۾ انشوئرنس ڪمپنيءَ جي کيسي ۾ في الحال هڪ لک رپيا ته اچي ويو ۽ ڪراچيءَ جهڙي منڍي ٽنڍي ايئرپورٽ تان جيڪڏهن چوويهه ڪلاڪن ۾ پنجاهه اڏامون به وڃن ٿيون ته معنيٰ انشوئرنس ڪمپنيءَ جي ڪمائي روزانو اڌ ڪروڙ رپيا ۽ مهيني جي ٽيهن ڏينهن ۾ 15 ڪروڙ رپيا ٿيا ۽ سال ۾ پوڻا به ارب رپيا ڪن ٿيا ۽ هاڻ ٻڌايو ته سال ۾ ڪيترا هوائي جهاز آهن. جيڪي ڪراچي يا ڪنهن ٻئي هڪ ايئرپورٽ تان اڏامڻ بعد حادثي جو شڪار ٿين ٿا؟ پر جي سراسري هڪ جهاز سال ۾ تباهه ٿو ٿئي ۽ سڀ مسافر مريو ٿا وڃن ته به انشوئرنس ڪمپنيءَ کي ڏهه لکن جي حساب سان هڪ سئو ماڻهن کي فقط ڏهه ڪروڙ رپيا ڏيڻا پيا. باقي بچت سندن کيسي ۾.

سچي ڳالهه ته اها آهي ته حادثي بعد ڪمپنيءَ مان اهي پئسا ڪيڻ لاءِ به سندن وارثن کي ڪمپنيءَ پويان مهينا ڊوڙڻا پون ٿا. رسيدون ڏيکاريو Affidavit لکرائي اچو حقيقي وارث ڪهڙا آهن ۽ ڪين قانون موجب ڪيترو حصو ملڻ کپي، ڪورٽ مان لکرائي اچو.. وغيره وغيره.

1969ع يا 1970ع ۾ مون به اسپين جي هڪ گناري ٻيٽ لاس پاماس کان لنڊن هوائي جهاز رستي سفر ڪيو هو. آئون بيمار ٿي پيو هوس سو اسان جو پاڻيءَ وارو جهاز هن ٻيٽ جي هڪ اسپتال ۾ مون کي لاهي انگلينڊ روانو ٿي ويو هو. مهيني سوا بعد هاڻ پنهنجو جهاز Join ڪرڻ لاءِ اسپين جي هڪ هوائي ڪمپني Iberia جي هوائي جهاز ۾ لنڊن وڃي رهيو هوس. لاس پاماس جي هوائي اڏي تي "فلائيٽ ائڪسيڊنٽ انشوئرنس" وڪامي رهيون هيون. مون سان گڏ سفر ۾ هن ٻيٽ جو رهاڪو منهنجو هم عمر، هندو سنڌي پڻ هو. هن جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

صلاح سان اسان ڏهہ ڏهہ آمريڪن ڊالر ڏيئي پاليسي خريد ڪئي. انهن ڏينهن ۾ ڊالر پاڪستان جي ڇئن رپين برابر هو. ۽ حادثي جي صورت ۾ رسيد تي انشوئرنس ڪمپنيءَ جي طرفان پنج هزار ڊالر ملڻ جو واعدو درج ٿيل هو. جڏهن جهاز اڏاڻو ۽ اڌ ڪان وڌيڪ سفر ڪري چڪو تہ مون سان گڏ سفر ڪندڙ هن اسپيني هندو سنڌيءَ چيو تہ جهاز جو حادثو نہ ئي ٿئي تہ سٺو جو حادثي بعد هي انشوئرنس جا پئسا پاڻ کي ملندا ئي ڪونہ.

”ظاهر آهي پاڻ کي ڪيئن ملندا؟“ مون چيو مانس, ”پاڻ تہ حادثي ۾ الله کي ئي پيارا ٿي ويندا سين.“

”ها.“ هن کلندي چيو“ پر افسوس جو انشوئرنس جا پئسا پنهنجن مائٽن کي بہ نہ ملندا.“

”اهو ڇالا ڪيئن؟“ مون پڇيو.

”اهو ان ڪري جو هنن ٽڳن کان انشوئرنس وصول ڪرڻ لاءِ نہ پنهنجن مائٽن کي خبر آهي ۽ نہ هنن وٽ رسيد.“

سو اهڙي طرح ڪيترا انشوئرنس جا ڪم ڪڏهن فقط پنهنجي دل کي خوش رکڻ جا سانگ ثابت ٿين ٿا.

ٽريول ايجنٽ جن کان توهان ٽڪيٽ خريد ڪريو ٿا اهي ڪڏهن ڪڏهن ”ٽريول پروٽيڪشن پلانس“ يا Trip Cancellation Insurance بہ وڪڻن ٿا. اهي انهن پاليسين تي توهان کي سفر جو خرچ پري ڏين ٿا. جيڪڏهن ڪنهن سبب ڪري توهان کي وئڪيشن ختم ڪرڻي پوي يا جنهن ڪم لاءِ وڃو پيا اهو پورو ڪرڻ بنا موٽڻو پوي ۽ اهي سبب مختلف ٿي سگهن ٿا. جيئن تہ حادثو يا وڏي ڪا بيماري يا ڪو بيو. پر ياد رهي تہ اهي انشوئرنس پاليسيون توهان جي علاج يا دوا درمل کي Cover نٿيون ڪن.

جيڪڏهن توهان اهڙي ڪنهن انشوئرنس پاليسيءَ جي ڳولا ۾ آهيو جيڪا سفر دوران پرديس ۾ توهان جي دوا درمل, علاج ۽ آپريشن وغيره جو ذمو کڻي ۽ ان تي آيل خرچ جو وڏو حصو توهان کي پري ڏئي تہ اها پاليسي International Medical Insurance آهي. ان قسم جي پاليسي توهان جي سفر دوران يا ولايت ۾ رهڻ دوران هر اگهائي جي علاج, دوا درمل, ڊاڪٽرن جي فين ۽ اسپتال ۾ رهائش جي خرچ جي پوئواري ڪري ٿي. پر ان قسم جون انشوئرنس پاليسيون ايڏيون تہ مهانگيون آهن جو ڪڏهن ڪڏهن توهان جي هوائي جهاز جي ڀاڙي کان بہ وڌيڪ پريميم ڏيڻو پوي ٿو. خاص ڪري جي مسافر جي عمر 45 ـ 40 کان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مٿي آهي، جسماني طرح ڪمزور آهي ۽ ڊائبٽيز ۽ بلڊ پريشر جهڙين پراڻين بيماريون اٿس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## نيو جرسي اسپتال ۾ پرڪاش سان ملاقات

16 جولاءِ تي نيو جرسي جي سينٽ پيٽرس يونيورسٽي اسپتال ۾ احسن ۽ ايمان جن کي ننڍو ڀاءُ ابيان ڄائو. ٻه سال اڳ جڏهن جپان ۾ آفرين ڄائي هئي تڏهن به آئون اتي هوس. احسن، ايمان، آفرين ۽ هاڻ ابيان منهنجي وڏي ڌيءَ مريم (جيجل) جا ٻار آهن. هو گذريل ڏهه ٻارهن سالن کان جپان ۾ رهن ٿا. سندس مڙس مشتاق ميمڻ ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو مان انٽر ڪرڻ بعد مهراڻ يونيورسٽي مان انجنيئرنگ B.E ڪئي ۽ ان بعد انگلينڊ مان پوسٽ گريجوئيشن ڪرڻ بعد ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۾ جاب ڪري رهيو هو ته ڪيس پي ايچ ڊي لاءِ هيرو شيما يونيورسٽيءَ مان اسڪالر ملي ۽ انجنيئرنگ ۾ ڊاڪٽوريٽ ڪرڻ بعد اتي ئي ڪوڪورا شهر ۾ جپان حڪومت جي نوڪري ملي ويس. اٺ ڏهه سال اها نوڪري ڪرڻ بعد هاڻ يونائيٽيڊ نئشنس ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي. سندس پوسٽنگ نيو يارڪ (آمريڪا) يا جنيوا (سئٽزرلينڊ) ۾ هئڻ بدران جپان جي هڪ تاريخي شهر ڪيوٽو ۾ رکي ويئي آهي.

اسان جي هتي اچڻ ڪري ۽ ٻارن کي اسڪول کان موڪل هجڻ ڪري مريم ٻارن سميت جپان کان هيڏانهن نيو جرسي هلي آئي، جتي منهنجي ٻي ڌيءَ مارئي رهي ٿي، جنهن جو گهر وارو ثمير وسطڙو گذريل ڏهه کن سالن کان هتي آمريڪا ۾ پنهنجو پرائيويٽ بزنيس ٿو ڪري.

ٻار جي اطلاع ملڻ تي سينٽ پيٽرس اسپتال پهتس، جيڪا نيو جرسي جي Middlesex واري علائقي جي نيو برنسوڪ شهر ۾ بلڪل ايسٽن ايوينيو وٽ آهي، جتي پارڪ بوليورڊ وارو رستو ٿو اچي لڳي. Easton ايونيو جي ڀئي پاسي نيو جرسيءَ جي (بلڪ سڄي آمريڪا جي) مشهور يونيورسٽين مان هڪ رٽگرز يونيورسٽي آهي، جنهن جي اتر ۾ Huntington اسٽريٽ جي ڀئي پاسي هتي جو هڪ خوبصورت پارڪ Buccleuch پارڪ آهي.

نئين ڄاول ٻار جي ڪن ۾ ٻانگ ڏئي ابيان نالو رکيو ويو جنهن نالي بابت ٻهرين کان سوچي فيصلو ڪيو ويو هو ۽ جنهن نالي لاءِ هن اسپتال جي مسلمان ليڊي ڊاڪٽر فاطمه جهان Suggestion ڏني هئي. ڊاڪٽر فاطمه شام ملڪ جي رهاڪو آهي. سندس والدين گهڻو گهڻو اڳ ملڪي سياسي جهيڙن جهٽن مان جان آزاد ڪرائي هتي آمريڪا ۾ اچي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پناهہ ورتي هئي. ڊاڪٽر فاطمہ هتي ئي ڄائي يا شايد تمام ننڍي هئي تہ هتي آئي ۽ سندس سموري تعليم آمريڪا جي اسڪولن ۽ ڪاليجن مان آهي.

لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ڄامشورو جيڏي هن سينٽ پيٽر يونيورسٽي هاسپيٽل ۾ فاطمہ کان علاوه ٻيا بہ ڪجهہ ايشيائي (خاص ڪري لبناني ۽ مصري نرسون) ۽ آفريڪا جا ماڻهو نظر اچي رهيا هئا. جن ۾ گهڻو تعداد  شاگردن جو هو يا اسان وانگر مريض سان ملڻ وارن جو. اسپتال مان موٽڻ وقت ٻي ماڙ تي نهيل رسيپشن تي هاڻ رات جي ڊيوٽي وارو آفيسر هتي جي گوري آمريڪن بدران ايشيا جو همراهہ وينل هو. هيستائين جيڪي ڪجهہ ايشيائي نظر آيا هئا, اهي منهن مهانڊي مان عرب ٿي لڳا يا وري چيني ۽ ويٽنامي. هي همراهہ اسان جي پنهنجي ننڍي کنڊ جو همراهہ لڳي رهيو هو. ٿي سگهي ٿو هندستان جي ڪنهن اتراهين صوبي جو هجي جو بنگالين ۽ مدراسين وانگر گهڻو ڪارو ۽ سنهڙو نہ هو. يا وري پاڪستاني هجي. اڄ ڪلهہ تہ آمريڪا ۾ پاڪستاني بہ جتي ڪٿي نظر اچن ٿا ۽ کين ڏسڻ سان اها  حيرت نٿي ٿئي جيڪا اڄ کان ٽيهہ پنجٽيهہ سال اڳ واري آمريڪا ۾ اسان کي ٿيندي هئي. سٺ جي آخري ۽ ستر جي شروع وارن سالن ۾ جڏهن اسان کي آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي بندرگاهن ۾ جهاز هلائڻو پوندو هو تہ پورٽ آرٿر, گيلوسٽن, چارلسٽن, سوانا, Tampa, بئٽن روج ۽ جئڪسن وائيل جهڙن بندرگاهن ۾ تہ ڪڏهن بہ ڪو پاڪستاني نظر نہ آيو پر هاڻ ڏسان پيو تہ اهڙن ننڍن شهرن ۾ بہ لاهور ۽ ڪراچيءَ جهڙن وڏن شهرن جا ماڻهو تہ ڇا سنڌ جي ڳوٺن ماتلي, ٽنڊو جان محمد, پريا, قاضي احمد, ڪوٽ غلام محمد ۽ لاڙڪاڻي جي ڳوٺ وليد ۽ قمبر جي ميتلو ڳوٺ جا بہ نظر پيا اچن. ۽ مون کي ياد آهي تہ انهن ڏينهن ۾ بس ۾ ويندي ڪنهن هنڌ پاڻ جهڙو  مهانڊو نظر اچي ويندو هو تہ بس مان لهي, ٻي بس ۾ ان هنڌ پهچي همراهہ کي ڳولبو هو تہ ويو ڪيڏانهن. خبر چار وٺجيس تہ هتي آمريڪا ڪيئن پهتو. انهن ڏينهن ۾ آمريڪا هيڪاندو ڏورانهون ڏيهہ سمجهيو ويو ٿي.  نہ ايڏيون هوائي جهازن جون اڏامون هيون نہ اڄ جهڙو ٽيليفون سسٽم ۽ خبرون ڏيندڙ ٽي وي چئنل. يورپ ۽ انگلينڊ ۾ ئي اسان جي ملڪ جي ماڻهن کي کوڙ نوڪريون پئي مليون, ڪنهن جو مٿو ڦريو آهي جو هيڏانهن ڪهي اچي ڪو پاڪستاني تہ ڇا انڊين نظر ايندو هو تہ ان سان بہ وڏي حب ۽ Curiosity مان ملبو هو. حال احوال وٺبو هو. پر هاڻ اها ڳالهہ ئي نہ رهي آهي ۽ هي انڊين يا پاڪستاني مهانڊو جيڪو سامهون نظر اچي رهيو هو ان کي مون سان ۽ مون کي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هن سان ملڻ يا هڪ ٻئي کان احوال وٺڻ جي ڪا بہ دلچسپي پيدا نہ ٿي رهي هئي پر ٻار جي برٿ سرٽيفڪيٽ ٺهرائڻ لاءِ هن ڪجهہ فارم ماءُ کان صحيح ڪرائڻ لاءِ اسان کي ڏنا، جيڪي منهنجي زال ڪٽي واپس ڏيءَ ڏي ويئي. تيسين آئون اتي ئي آجيان واري ڊيسڪ وٽ ٻيهي رهيس ۽ همراهہ کي ٻڌايم تہ آئون ان ٻار جو نانو آهيان. عيسائي آهيو؟" هن پڇيو.

"نہ مسلمان،" وراڻيم، "پر مون کي خبر آهي تہ هيءَ اسپتال عيسائي مشنرين (تبليغين) جي آهي."

۽ پوءِ وقت پاس ڪرڻ لاءِ سندس ملڪ پڇيم.

"هاڻ تہ آمريڪن آهيان، پر ڄائس ۽ وڏو انڊيا ۾ ٿيس."

نہ سکن واري پڳڙي ۽ ڏاڙهي هئس ۽ نہ وري پنجابين ۽ ڪشميرين وانگر گهٽو اڇو هو. منهنجي شڪ موجب گجراتي ٿي لڳو.

"گجراتي آهيو؟" مون پڇيو مانس.

"نہ. سنڌي آهيان." هن وراڻيو.

"سنڌي ڳالهائي سگهو ٿا يا نہ؟" مون پڇيو.

"ها. گهر ۾ پيءُ سان سنڌي ڳالهايان. باقي زال ۽ ٻارن کي نٿي اچي."

هن ٻڌايو تہ سندس نالو پرڪاش ڪيئاني آهي ۽ حيدرآباد جي مشهور بزنيس مئن ڪندن مل ڪيئانيءَ جو پوٽو آهي. سندس والد ڀڳونداس هتي ئي نيو جرسي ۾ ساڻس گڏ رهي ٿو جتي سندس ميرپوري زال ۽ ڌيءَ پڻ پڻ رهن.

پرڪاش ٻڌايو تہ پاڻ ٽن ڀيٽن جو اڪيلو ڀاءُ آهي. سندس هڪڙي ڀيڻ ميڪسيڪو ۾ رهي ٿي، هڪڙي ڏکڻ ڪوريا ۽ هڪ انڊيا جي بندرگاهہ واري شهر واشاڪا پٽنام ۾ رهي ٿي. مون کانئس سندس پيءُ ڀڳونداس ساڻ ملڻ جو پڇيو. هن ٻڌايو تہ هو ڪافي پوڙهو آهي ۽ بيمار پڻ رهي ٿو پر هن کي هڪ سنڌي ليکڪ سان ملي خوشي ٿيندي جو هن وٽ اڄ بہ انڊيا کان سنڌي اخبارون ۽ رسالا ايندا رهن ٿا، جن کي پڙهي هو خوش ٿئي ٿو. اسان ڀائر ڀيٽون سنڌي فقط ڳالهائي سگهون ٿا پر پڙهڻ نٿي اچي.

پرڪاش کان سندس گهر جو فون نمبر وٺي اسان اسپتال مان نڪتاسين ۽ ٻئي ڏينهن ئي فون ڪري ڀڳونداس کان مون ملڻ جو پڇيو ۽ سندس رضامندي تي مون پڪو پهہ ڪيو تہ جيئن ئي واندڪائي ملندي تہ ڀڳونداس ڪيئانيءَ سان ضرور ملندس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اسپتال ان بعد بہ بہ دفعا مون کي وچڙو پيو ۽ پرڪاش کي سندس پيءُ لاءِ بہ ڪتاب پڻ ڏنم. هڪ دفعي ساٿس گڏ ويٺل مهمان سان ملرائي پرڪاش ٻڌايو تہ هن همراهہ جو ڏاڏو ڪئپٽن ڀڳوان سنگهہ پڻ انڊيا جي اهم شخصيت ٿي گذريو آهي. هنن ڪافي وقت فجي ٻيٽ تي گذاريو آهي، جتي هن جو ڏاڏو انڊيا طرفان هاءِ ڪمشنر هوندو هو.

مون هنن کي چيو تہ هيءَ دنيا ڪيتري تہ ننڍڙي آهي ۽ اها ڪيڏي حيرت جهڙي ڳالهہ آهي تہ ڪئپٽن ڀڳوان سنگهہ سان منهنجي اسي واري ڏهي ۾ بہ دفعا سنگاپور ۾ ملاقات ٿي هئي.

ملائيشيا ۾ 1983ع کان 1991ع واري عرصي ۾ نوڪري دوران مون کي پڻ منهنجي ٻين ساٿين وانگر، اجا بہ ڪنهن نئين ۽ دلچسپ هنڌ تي نوڪري ڪرڻ جي جستجو هر وقت لڳي رهي ٿي. منهنجا ڪيترا ساٿي ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر، خاص ڪري انڊين ۽ يورپي، ملائيشيا ڇڏي برونائي، سنگاپور، آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ هليا ويا هئا. مون کي جيستائين پسند جي نوڪري نہ ملي، تيسين هر وقت فجي ٻيٽ جا خواب ڏسندو رهيس ۽ پوءِ هڪ دفعو جڏهن اتي جي هڪ ٻيٽ SUVA تي موجود نيول اڪيڊميءَ ۾ نوڪري ملي تہ مُنجهي پيس تہ ملائيشيا ڇڏي اوڏانهن وڃان يا ملائيشيا ۾ ئي رهي پوان جو مون لاءِ ملائيشيا بہ هڪ بهترين جاءِ هئي، جنهن جي ساوڪ، ٻارهوئي مينهن، ڪنوڻ ۽ گجگوڙ مون لاءِ سونهن ۽ ساز هئا.

انهن ڏينهن ۾ سنگاپور ۾ سنڌي ڪلب ۾ جتي سنڌي هندن جو مندر بہ هو ٿر پارڪر جو بيحد پڙهيل ڳڙهيل، دنيا ۽ پنهنجي ڌرم جي معلومات رکندڙ ۽ هر انسان جو ڀلو گهرندڙ پنڊت مهاراجن هال شرما رهيو ٿي، جنهن سان منهنجي سنگاپور وڃڻ تي اڪثر ملاقات ٿيندي هئي. ملائيشيا ۽ سنگاپور جي وچ ۾ فقط سنڌو نديءَ جي ٻيٽ جيڏو ويڪرو سمنڊ آهي ۽ هي بہ ملڪ Causeway (پل ۽ ريل رستي ڳنڍيل آهن) . مهاراج واري هن مندر ۾ جتي مڪاني سنگاپور جا ۽ سنڌ هنڌ جا ماڻهو ايندا هئا، اتي بالي ۽ پئسفڪ سمنڊ جي هن ٻيٽ فجيءَ جا انڊين پڻ ايندا هئا. هنن جو پنهنجي وطن انڊيا وڃڻ يا موٽڻ وقت هتان سنگاپور مان لنگهہ ۽ Stoppage ٿئي ٿو. مهاراج نهال شرما مون کي فجي وڃڻ لاءِ نہ فقط پنهنجا ذاتي مشورا ڏنا (جن جو احوال سنگاپور واري سفر نامي "سنگاپور تو سڏ ڪري" ۾ ڏنو آهي.) پر سنگاپور ايندڙ فجيءَ جي ڪجهہ اهم شخصيتن سان پڻ ملايو. انهن مان هڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪئپٽن ڀڳوان سنگهه پڻ هو جنهن جي شخصيت مون کي بيحد متاثر ڪيو ۽ اهو ئي سبب آهي جو هينئر سندس پوٽي (يا ڏهٽي- جو انگريزيءَ ۾ گرانڊسَن لفظ ٻنهي جي نمائندگي ڪري ٿو) جي ملاقات تي سندس ذڪر ڪيدي وينا آهيون.

ڪئپٽن ڀڳونداس سرڪاري ڪاموري کان علاوه سٺو اديب پڻ هو. سندس ٻہ چار ڪتاب بيحد مشهور آهن. جهڙوڪ:

Indian Tea

My Father's Fiji

هن هندي زبان ۾ بہ ڪيترائي ڪتاب لکيا جن مان "اجالي اپني يادون ڪي" ٻين بہ ڪيترين ئي زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي.

ڪيپٽن ڀڳوان سنگهه آگري جي جاٽ فئملي ۾ 1916ع ۾ ڄائو. هن آگري جي اسڪول مان مئٽرڪ ڪئي ۽ اتي جي ئي ڪاليج مان 1940ع ۾ ايم اي ڪئي. ان کان پوءِ ٻي وڏي لڙائي (World War) شروع ٿيڻ تي هن کي انگريزن جي فوج ۾ ڪميشن ملي.

جنگ ختم ٿيڻ تي هن کي الهه آباد جو اسسٽنٽ مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو. 1948ع ۾ بلند شهر جو ڪليڪٽر ۽ ان بعد راءِ بريليءَ جو ڊپٽي ڪمشنر بڻيو. ان بعد مختلف نوڪرين تي رهيو. خاص ڪري 1957ع ۾ ڪلڪتي ۾ جوائنٽ سيڪريٽري ۽ 1964ع ۾ دهليءَ جو ڪمشنر ٿيو ۽ پوءِ آخر ۾ فجي ۾ انڊيا طرفان سفير (هاءِ ڪمشنر) ٿي رهيو جتي سندس پيءُ بيري سنگهه پڻ انگريزن جي حڪومت ۾ سرڪاري آفيسر هو. ڪئپٽن ڀڳوان سنگهه فجيءَ ۾ انڊيا لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيو ۽ انڊيا جي ماڻهن ۽ ملڪ کي معاشي توڙي سماجي طرح وڏا فائدا رسايا. فجيءَ جي نيول اڪيڊمي جو پرنسپال ۽ منهنجو هم عمر مسٽر ناتاني سڪا نائيوئلو جنهن سئيڊن جي ساڳي يونيورسٽيءَ مان پوسٽ گريجوئيشن ڪئي، اهو پڻ ڪئپٽن ڀڳوان سنگهه جي تعريف ڪندو هو. هن فجيءَ کي پنهنجو ٻيو وطن ٿي سمجهيو جتي سندس پيءُ بہ زندگيءَ جا ڪيترائي سال گذاريا. تڏهن تہ هن فجيءَ تي لکيل ڪتاب جو نالو منهنجي پيءُ جي ڌرتي (My Father's Land Fiji) رکيو. مون وٽ جيڪا هن ڪتاب جي ڪاپي آهي. اها 1984ع وارو دهلي جو ڇاپو آهي، جيڪو Tamavua Enterprise وارن جو ڇاپو آهي ۽ مون سنگاپور مان ورتو هو.

نيو جرسي جي هن اسپتال ۾ آيل هن نوجوان مهمان ٻڌايو تہ سندس گرانڊ فادر 1995ع

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

۾ ديهانت ڪري ويو ۽ هي ڳالهيون پڙهندڙن لاءِ هن وقت قلمبند ڪرڻ دوران فجي ۾ هڪ دوست سان ڳالهه ٻولهه ڪندي خبر پئي آهي ته ڪئپٽن پڳوان سنگهه جو وڏو پٽ اجيه سنگهه جيڪو 1989ع ۽ 1990ع ۾ انڊيا حڪومت ۾ ريلويز جو وزير هو ان کي ٻه سال کن اڳ 2004ع ۾ پروفيسر آءِ ايس چوهاڻ جي جاءِ تي فجيءَ جو سفير ڪري رکيو ويو آهي. هڪ ٻي ڳالهه ته اجيه سنگهه ۽ ڪئپٽن پڳوان سنگهه جا پڙ ڏاڏا تڙ ڏاڏا رام چندر ۽ پدم ڪمار فجي ۾ سن 1885ع ۾ Indian Indentured System هيٺ مزدور ٿي آيا هئا. ان سسٽم بابت ڪجهه احوال اڳتي هلي ڪنداسين ته ڪيئن انگريزن ظاهري طرح ته غلاميءَ تي بندش وڌي پر هن سسٽم هيٺ هو پنهنجين ڏورانهين ٻيٽڪن (Colonies) ۾ ننڍي ڪنڌ جي غريب پورهيتن کان نيم غلاميءَ واري حيثيت جو ڪم وٺندا هئا. وجي سنگهه پاڻ فجيءَ ۾ ئي ڄائو ۽ اتي جي ئي مڪاني انڊين ڇوڪريءَ سان شادي ڪيائين. وجي سنگهه جو ڏاڏو ٻيري سنگهه به فجيءَ ۾ ڄائو هو. بهرحال هاڻ پاڻ نيو جرسيءَ ۾ رهندڙ سنڌي هندو فئملي ڪيئاني جي احوال تي واپس اچون ٿا، جنهن جي شروع ڪرڻ تي هي ڳالهيون نڪري پيون.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## سنڌي هندن جو ٻاهرين دنيا سان تعلق

بهرحال هتي اسان نيو جرسي آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌي هندو پرڪاش ڪيئاني جي پتا ڀڳوان داس جي ڳالهه ڪريون، جنهن سان اجا تائين نه ملاقات نه ٿي سگهي آهي. جو هاڻ منهنجو نيو جرسي بدران ميريلئنڊ، ورجينا ۽ پينسلوانيا ۾ رهڻ پيو ٿئي پر ايترو آهي ته فون رستي منهنجيون هن سان ڪافي خبرون چارون ٿيون آهن. جن ۾ ڪجهه ڳالهيون پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ هتي لکي رهيو آهيان:

ڀڳونداس 1932ع ۾ حيدرآباد ۾ سيٺ ڪندن مل ڪيئاني جي گهر ۾ جنم ورتو.

اسين حيدرآباد جا رهواسي هئاسين. 1949ع ۾ سنڌ ڇڏيسين.

پٽ، ڌيئون ۽ انهن جو اولاد سنڌي ڳالهائي ٿو پر پڙهي رڳو آئون سگهان ٿو.

اسين پائيبند آهيون.

حيدرآباد ۾ اسان جي پيءُ سيٺ ڪندن مل جا لوه جا ڪارخانا (Rolling Mills) هيون، سڄي سنڌ ۾ مال سپلاءِ ڪندا هئاسين.

حيدرآباد ۾ اسان جو ڪارخانو ڦليلي وٽ گرو ننگر روڊ تي هو. هڪ ڪنڊ تي تولا رام گرلس اسڪول هو ته ٻي ڪنڊ تي اسان جو ڪارخانو.

ريزڪي وڪري (Retail) جو دڪان ميان فقير جي پڙ ۾ هو.

سڄي سنڌ ۾ جيڪي نار هلندا هئا، انهن جو لوهي سامان اسان جي ڪارخاني مان Supply ٿيندو هو. ائگريڪلچر مِلن (Mills) ۾ توڙي سنڌ جي جننگ فئڪٽرين ۾ اسان جي ڪارخاني مان لوهي پٽيون ۽ ٻيو مال ويندو هو.

ان وقت جو ڪليڪٽر مير چنڊاڻي، وزير ايوب خان کهڙو الاهي بخش ۽ ٻيا وڏا وڏا ماڻهو بابا (سيٺ ڪندن مل) کي سڃاڻندا هئا ۽ اسان وٽ گهمڻ ايندا هئا.

ٽنڊو جام، ٽنڊوالهيار، نواب شاهه ۽ ٻين پاسي جا سيٺيون سيئومل، آسو مل ۽ اجواڻي وارا اسان کان سامان وٺندا هئا.

اجواڻي سيٺيون اجا به سنڌ ۾ رهن ٿيون.

حيدرآباد ۾ اسان جي ڪارخاني جو نالو ”ڪندن مل هيرانند لوهي“ هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سنڌ ڇڏڻ بعد ڏاڍو دربدر ٿياسين. منهنجي ان وقت عمر سورهن سترهن سال هئي. پتا سان گڏ ڪڏهن گانڌيڌام، ڪڏهن احمد آباد ته ڪڏهن بڙودا ڪيترائي سال دربدر رلندا رهياسين. ان بعد بمبئي اچي رولنگ مِل کوليسين. پر ڀائو ڏاڍو نقصان ٿيو.

ڇو؟

مزدورن جي ڪري، روز هنگاما، روز هڙتالون. آخر فئڪٽري بند ڪرڻي پيئي.

ان بعد مدراس ۾ اچي چار پنج ڪپڙي جا دڪان کوليم. اتي (مدراس ۾) منهنجو پيٽوپو نارائن داس اڳهين رهيو ٿي. ان وڏي مدد ڪئي.

مدراس ۾ چاليهه سال کن ڪپڙي جا دڪان هلائي پوءِ هيڏانهن آمريڪا (USA) ۾ آيس. آئون USA 1993ع ۾ آيس پر منهنجو پٽ پرڪاش ان کان اڳ 1988ع ۾ آيو.

پٽ ۽ ننهن نوڪري ڪن. سڄو ڏينهن گهر ۾ اڪيلو هوندو آهيان. گهٽو هلي چلي نٿو سگهان. ڪمزور رهان ٿو جو پنجهتر سالن کي اچي پڳو آهيان.

سنڌي ڪتاب پڙهڻ تي دل چوندي آهي. انڊيا کان ڪڏهن ايندا آهن، جيڪي پڙهي نيوجرسي جي ساڌو واسواڻي سينٽر موڪليندو آهيان.

ڪيئاني سنڌي هندن جي اهڙِ ذات آهي، جيڪا توهان گهٽ ٻڌي هجي. مون کي انهيءَ ذات جي هندن جا دڪان جبرالٽر ۾ سجهن ٿا ۽ ٿي سگهي ٿو نيوجرسي جي اسپتال ۾ مليل همراهه پرڪاش ڪيئاني ورا انهن کي نه سڃاڻندا هجن، جو هي ته هاڻ پنڌرهن کن سال ٿيا آهن جو هندستان کان لڏي هيڏانهن آمريڪا آيا آهن پر جبرالٽر وارا ڪيئاني ته ٽيهه چاليهه سالن کان جبرالٽر ۾ رهن ٿا. جيڪو "جبل الطارق" به سڏيو وڃي ٿو ۽ هي جيتوڻيڪ اسپين جو حصو آهي، پر مٿس حڪومت ۽ اثر رسوخ انگريزن جو رهيو. جبرالٽر ۾ رهندڙ ڪيئاني ذات وارن سنڌي هندن جو بزنيس، سئٽزرليند جون واچون ۽ اعليٰ ۽ برانڊيڊ قسم جا زيور آهن. سندن ٿي دڪان جبرالٽر شهر جي مين اسٽريٽ تي آهن ۽ هڪ جبرالٽر ايئر پورٽ جي ڊپارچر لائونج ۾. هي ملڪ ڊيوٽي فري هجڻ ڪري هتي جي دڪاندارن جو ڪافي وڪرو ٿئي ٿو.

هونءَ هي ڪيئاني پنهنجي نڪ ڪيئامل کان ڇڪين ٿا جنهن جو وڏو پٽ پوهُو مل هندستان جي ورهاڱي کان گهٽو گهٽو اڳ سنڌ ڇڏي بزنيس خاطر ولايت روانو ٿي ويو هو ۽ "پوهو مل برادرس" نالي پنهنجي ڪمپني کولي هئائين. ديوان پيرو مل مهر چند آڏواڻي جي

1946ع ۾ لکيل "سنڌ جي هندن جي تاريخ" مطابق ته 1869ع ۾ جيئن ئي سئيز ڪئنال کليو ۽ يورپ کان اينڊز اسٽيمر (پاڻيءَ جا جهاز) بمبئي اچڻ شروع ٿيا ته ڪيئا (جنهن تان سندس اولاد جي ڪيئاني ذات شروع ٿي) جو هي وڏو پٽ پوهو مل ولد ڪيئامل پنهنجي "پوهو مل برادرس ڪمپنيءَ" جي طرفان پاڻيءَ جي جهاز ۾ قاهري (مصر) ۽ يورپ روانو ٿي ويو. هن ٻين سنڌي واپارين وانگر وڪري لاءِ سنڌ ۽ هند جون مختلف شيون پاڻ سان کنيون. پرديس ۾ هنن بيحد ساديگيءَ سان زندگي گذاري ۽ پاڻ سان آندل مال جو وڪرو ڪندا رهيا. ڪجهه سال پرديس ۾ خريد و فروخت ۽ پئسو ميڙڻ بعد جڏهن حيدرآباد موٽيو ته سندس خوشحاليءَ جون خبرون سندس دوستن ۽ مائٽن ۾ پکڙجي ويون ۽ ٻيا به هن جي نقش قدم تي ٻاهر نڪري پيا.

ٿن سنڌي فرمن کي شروعاتي (Pioneer) ڪمپنيون مڃيو وڃي ٿو. جيڪي سڀ کان اڳ ديس ڇڏي پرديس ويون. انهن مان ميشرز پوهومل برادرس هڪ آهي ۽ باقي به هيون، ميشرز ڏنومل چيلا رام ۽ ميشرز واسيامل آسومل. پوءِ ته آهستي آهستي ويو تعداد وڌندو. ڏکڻ آمريڪا ۾ به پوهو مل وارا شروعاتي واپاري مڃيا وڃن ٿا. هي چيني، ويٽنامي ۽ جپاني قومون جيڪي اڄ نظر اچن ٿيون، اهي مڙيئي گهٽو گهٽو پوءِ بزنيس خاطر گهر کان ٻاهر نڪتا. سنڌي ورڪي ائسوسيئيشن 1918ع ۾ ٺهي، جنهن جو پهريون صدر مکي هرڪشن داس ٻارهن سالن تائين رهيو. ديوان پيرو مل 1947ع ۾ جيڪي انگ اکر گڏ ڪيا، ان مطابق انهن ڏينهن ۾ ٻاهر رهندڙ سنڌ ورڪي ياپئبندن هر سال ٻن ڪان اڍائي ڪروڙ رپيا حيدرآباد موڪليا ٿي. ان کان علاوه دنيا ۾ پکڙيل شڪارپوري سنڌي هندو واپارين شڪارپور الڳ پئسو موڪليو ٿي.

شروعات ۾ پوهو مل حيدرآباد جي گهٽين ۾ ريشمي رومال وڪڻندو هو. هو ضرور شڪل صورت ۾ پرڪشش ۽ همت وارو هوندو . تڏهن ته انگريزن جو هن ڏيان ڇڪايو ۽ انگريز مصر وٺي آيس، جتي اچي هن غاليچا وڪيا. جبرالٽر وارا ڪيئاني ٻڌائيندا هئا ته پوهو مل کي ٿامس ڪڪ ڪمپنيءَ وارن پاڻ سان گڏ ڀائيوار ڪرڻ جي آڇ ڏني پر پوهو مل قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

پوهو مل جو نارائن داس نالي هڪ پٽ هو جنهنجي زال جو نالو ڦلواري هو جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته بيحد سهڻي ۽ سفيد رنگ جي هئي ۽ اها پهرين سنڌي عورت چئي وڃي ٿي،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جيڪا بزنيس ٽرپ تي پنهنجي مڙس سان گڏ ويندي ايندي رهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## انڊين انڊينچر سسٽم

اڄ ڪلهه جنهن بہ ملڪ ۾ وڃجيٿو چاهي هي ڏورانهون ملڪ آمريڪا هجي يا انگلينڊ، موسم جي لحاظ کان خراب ملڪ ناروي، سئيڊن، فنلئنڊ هجي يا آفريڪا جو نئروبي، ڪمپالا يا ڊڪار، وڻج واپار کان بهترين ملڪ شنگهائي ۽ سنگاپور هجي يا هانگ ڪانگ دبئي، جتي ڪٿي توهان کي هم وطني ۽ هم زبان نظر ايندا. جيڪي پنهنجي مرضيءَ سان انهن ملڪن ۾ گهمڻ، تعليم، علاج يا نوڪري ۽ بزنيس لاءِ آيل هوندا.

1970ع جي شروعات ۾ جڏهن جهاز هلائي پهريون دفعو ملائيشيا، سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ جهڙن ملڪن ۾ پهتاسين تہ اتي جي شهري توڙي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ اسان جي ملڪ جي پنجابي، پٺاڻن ۽ سنڌي هندن کي انهن ملڪن جون مڪاني زبانون ڳالهائيندو ۽ اتي جي ڪلچر سان مانوس ڏسي حيرت لڳي. پوءِ خبر پيئي تہ هي ماڻهو هنن پَٽن تي پاڪستان ٺهڻ کان بہ اڳ جا رهاڪو آهن. جڏهن ننڍي کنڊ تي انگريزن (برطانيا وارن) جي حڪومت هئي.

انگلينڊ وارن کي، جتي جتي هنن جي حڪومت هئي، اتي هنن کي امن امان قائم رکڻ ۽ پنهنجي بچاءَ لاءِ پوليس ۽ فوج جي ضرورت هئي، جنهن لاءِ هنن ننڍي کنڊ جي گورکن، پٺاڻن ۽ پنجابيين کي هتي آندو ٿي. پاڪستان ٺهڻ وقت هي ملڪ ڪي ايڏا امير يا ترقي يافتہ نہ ٿئا. انهن کان تہ صد بار انڊيا ۽ پاڪستان خوشحال هو. موسم ۽ کاڌي خوراڪ ۾ بہ تہ تعليم ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ بہ. پر پاڙي ۽ بين تڪليفن ڪري ڪيترا ننڍي کنڊ جا هتي نوڪريون ڪندڙ گهٽ پگهار وارا غريب پنهنجي وطن موٽي نہ سگهيا ۽ هنن مڇرن ۽ مليريائي ملڪن، مينهونڳي ۽ گهٽ سهولتن وارن ملڪن جي حالتن سان سمجهوتو ڪري ويهي رهيا. اهو تہ الله ڀلو ڪري لي ڪئان يو ۽ محمد مهاتير جهڙن مرد مجاهدن جو جن آزاديءَ بعد حالت خراب ڪرڻ بدران انهن ملڪن ۽ ماڻهن جي قسمت سڌاري ڇڏي.

بهرحال جتي جتي انگريزن جي حڪومت هئي، اتي پوليس ۽ فوج ۾ اسان جي ملڪ جا پنجابي ۽ پٺاڻ رهيا ٿي ۽ دڪانن ۽ واپار وڙي کي هلائڻ لاءِ اسان جا سنڌي هندو رهيا ٿي. بزنيس لاءِ امن امان ۽ انصاف ضروري آهي، ڪميونيڪيشن ۽ رستا ضروري آهن. انگريز

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جتي بہ رهيا ٿي انهن اهڙين ڳالهين کي ترجيح ڏني ٿي ۽ سنڌي هندن دل کولي اتي پئسو لڳايو ٿي.

هڪڙا ٻيا ملڪ، جهڙوڪ ڏکڻ آمريڪا ۾ سري نام، جئميڪا ٽرنيڊاڊ يا هندي سمنڊ ۾ موريشس ۽ سيشلز ٻيٽ يا ڏکڻ پيسفڪ سمنڊ ۾ فجي ۽ ٽونگا جهڙا ٻيٽ آهن. جتي پڻ جام انڊين ملن ٿا ۽ پڇڻ تي معلوم ٿئي ٿو تہ هنن جا وڏا پڙ ڏاڏا تڙ ڏاڏا تمام گهڻو اڳ، سمجهو تہ ڪي هڪ سؤ سال کن اڳ، غربت ڪري پنهنجو وطن (هندستان) ڇڏي روزگار لاءِ هتي اچي مزدوريون ۽ پورهيا ڪيائون. هنن جي آمريڪا ۾ آيل، انهن کان بہ اڳ آفريڪا جي شيدي پورهيتن کان ڪجھ مختلف پوزيشن سمجهي وڃڻ کپي.

آمريڪا جي ڌرتيءَ تي جڏهن يورپ جي قومن جو قبضو ٿيو تہ هنن اتي جي گهاٽن جهنگلن کي ويڙائڻ ۽ ڏنگ جي پوک ڪرائڻ لاءِ آفريڪا کان شيدي آندا جن کي هو غلامن طور وٺي ايندا هئا. ڪي سال هي بزنيس هلندو رهيو. هڪڙا آفريڪا جي ملڪن تي حڪومت ڪرڻ وارا يورپي ٻيا هنن جا مڪاني ڪمدار، گڏجي جانورن وانگر مڪاني ماڻهن (شيدين) کي جهليندا هئا ۽ گهرن مان چورائي غلامن جي بازارين ۾ ٻاهران آيل سوداگرن کي وڪڻندا هئا، جيڪي وهٽن وانگر هنن جو قد بت ۽ عمر ڏسي اگھ چُڪائيندا هئا ۽ پوءِ انهن رڍن ٻڪرين ۽ ڍڳن کان جيڪي چوپائي مال جي جهازن تي آسٽريليا کان عرب ملڪن ڏي نيا وڃن ٿا، انهن کان بہ خراب حالت ۾ انهن شيدي غلامن کي پاڻيءَ جي جهازن رستي آمريڪا پهچايو ٿي. بڪ، اُڃ ۽ سفر جي ڏکائين ڪري ڪيترن جو رستي تي موت ٿي ويو ٿي ۽ ڪيترين حالتن ۾ تہ ڪاڏي جو خرچ بچائڻ ۽ باقي بچيلن کي آمريڪا جي ڪناري تائين صحيح حالت ۾ پڄائڻ لاءِ مري ويلن جو گوشت انهن کي کارايو ويو ٿي. آمريڪا پهچي هنن غلامن جو وري نيلام عام ٿيو ٿي ۽ ڳري اگھ تي وڪڻي سفر جو ۽ ٻيو خرچ ڪڍيو ويو ٿي. اڄ جيڪي آمريڪا ۾ توهان کي شيدي نظر اچن ٿا، انهن مان گهڻي ڀاڱي انهن مجبور ۽ مظلوم آفريڪي شيدي غلامن جو اولاد آهن. غلامن جي وڪري مان نہ فقط يورپي قومن پر عربن بہ چڱو ڪمايو ۽ هر هڪ کي وڏو چشڪو لڳل هو ۽ شيدي غلام نہ فقط آمريڪا روانا ڪيا ويا ٿي پر سنڌ ۾ ميرن جي دربار ۽ حويلين لاءِ ۽ ترڪيءَ جي حرمسرائن لاءِ وڪرو ڪيو ويو ٿي. آخر هن انساني وڪري کي ٻنجو بہ انگريزن ڏياريو. ٻيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ظاهري طرح ڪافي حد تائين ان واپار تي بندش وڌي ويئي.

1834ع ۾ غلامن جي وڪري تي تہ بندش وڌي ويئي پر نيون نيون ڪالونيون حاصل ڪندڙ انگريز فرينچ ۽ ٻيون يورپي قومون انهن کي ڪيئن ٿاهين. سري نام ۽ فجي جهڙن ٻيٽن تي ڪمند جهڙي ڏکي پوک کان مڪاني ماڻهو نہ ڄاڻو هئا ۽ نہ هنرمند. ملائيشيا ۽ انڊونيشيا ۾ ربڙ جي پوک لاءِ تہ ڏکڻ هندستان جي تاملن جي ئي ضرورت هئي.سو اهڙين ڏکين پوکين ۽ پورهين لاءِ هندستان مان مزور آڻڻ لاءِ Indian Indenture Labour Law ٺاهيو ويو جنهن موجب ننڍي کنڊ جي غريب ماڻهن سان ڪلڪتي مان جهاز ڀري فجي، ماريشس، سيچلز ويندي سري نام ڏکڻ آمريڪي ڪالونين ۾ موڪليا ويا ٿي، جن مزدورن نيم غلاميءَ جي حالتن ۾ انگريز ۽ يورپي Planters (جاگيردارن) وٽ ڪم ڪيو ٿي.

انڊين Indenture سسٽم موجب اهي انڊين، جيڪي انگريزن فرينچن يا ٻين يورپي قبضي هيٺ ٻيٽن يا ملڪن ۾ مزدوري لاءِ ويا ٿي، انهن کي جهاز ۾ سوار ٿيڻ کان اڳ مئجسٽريٽ جي آفيس ۾ حاضر ٿيڻو پيو ٿي ۽ قسم نامي هيٺ ڊڪليئر ڪرڻو پيو ٿي تہ هو پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجو ملڪ ڇڏي پرديس پورهئي لاءِ وڃن پيا. پورهيتن کي مالڪ جي نمائندي سان پنج سال نوڪري ڪرڻ جو Contract ڪرڻو پيو ٿي تہ هو ان کان اڳ نہ موٽندا ۽ هو آچر کان علاوه هفتي جا باقي ڇهہ ڏينهن هر روز نو ڪلاڪ زمين کيڙڻ، پوکڻ ۽ ان سان واسطو رکندڙ ڪم (جيئن تہ ڇيچڙن ۾ ڪمند کي نپوڙي ڳڙ ٺاهڻ يا رولر مِلز ۾ ربڙ جا پترا ٺاهڻ، جن کي سولائيءَ سان ايڪسپورٽ ڪيووڃي ٿو) ڪندا. هنن کي ماهانو پگهار اٺ رپيا ملندو هو ۽ ان سان گڏ راشن جو سامان پڻ ڏنو ويو ٿي.

هنن پورهيتن کي انڊيا موٽي وڃڻ کان روڪڻ لاءِ ۽ پنجن سالن بدران ڏهہ سال مزدوري ڪرڻ لاءِ همٿائڻ خاطر هر مزدور کي ڏهہ سال پورا ڪرڻ تي زمين ٽڪرو ۽ ڪجهہ رقم وڌيڪ ڏني ويئي تي تہ جيئن هو ٽڪي پوي ۽ پنهنجو ٻني ٻارو بہ ڪندو رهي. شادي شده مزدورن کي پنهنجي زال سان گڏ اچڻ جي بہ موڪل ڏني ويئي ٿي، جيئن گهٽي کان گهٽا پورهيت ۽ هاري ناري پنهنجو ملڪ انڊيا ڇڏي انگريز ۽ يورپين جي حڪومت هيٺ هلندڙ ڏورانهن ڏيهن ۾ هلي ڪم ڪن. ايتريقدر جو اهي مزدور جن کي هڪ کان وڌيڪ زالون هيون، انهن کي پنهنجيون مڙيئي زالون پاڻ سان وٺي هلڻ جي اجازت ڏني ويئي. اهڙيءَ طرح ڪيترائي غريب ۽ بي روزگار پنهنجو ۽ ٻچن ٻارن جو پيٽ پالڻ لاءِ دنيا جي مختلف ٻيٽن ۽ ملڪن ۾ ويندا رهيا. ڪين هندستان مان ڪٽي وڃڻ لاءِ ٻهرين ڪلڪتي بندرگاهہ کان جهاز روانا ٿيندا هئا پر ٻوءِ مزدورن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جو تعداد وڌڻ تي مدراس ۽ بمبئي بندرگاهن کان بہ جهاز هلڻ لڳا.

غلامن جي وڪري تي 1834ع ۾ بندش پوڻ بعد هي جيڪو Indian Indenture System شروع ٿيو جيڪو 1920ع تائين هليو ۽ ننڍي کنڊ جا ڪيترائي پورهيت ۽ مزدور ڌارين ۽ ڏورانهن ملڪن ۾ ٽِڪي پيا. هڪ رپورٽ موجب انڊيا کان رڳو موريشس ساڍا چار لک ماڻهو ويا. اهڙيءَ طرح سري نام (ڏکڻ آمريڪا) اڍائي لک، ٽرنيڊاد (جنهن ۾ وي. سي نائيپال جهڙي ليکڪ جا وڏا بہ اچي وڃن ٿا) ڏيڍ لک، جئميڪا چار لک، ناتال ڏکڻ آفريڪا ٻہ لک، فجي هڪ لک کن (جن ۾ اڄ جي انڊين هاءِ ڪمشنر وجي سنگهہ جو پڙ ڏاڏو ۽ ٽڙ ڏاڏو رام چندر ۽ پڌم ڪمار بہ اچي وڃي ٿو)، سيشلز ست هزار، ممباسا، زئنزيبار وغيره 32 هزار... ۽ اهڙي طرح ٻين ملڪن ۾ ٻيٽن ڏي ننڍي کنڊ جي ماڻهن پنهنجي ڌرم پومي ڇڏي وڃي پرديس جا ڪک وسايا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## ورجينيا، مئري لئنڊ ۽ پينسلوانيا ۾ رستو نهيوئي ڪونه حادثا ڇا ٿين.......

حيدرآباد جي اعجاز شيخ ۽ خيرپور جي عرفان جماڻيءَ سان منهنجي ملاقات واشنگٽن ۾ ملهايل سنڌي شام ۾ ٿي. اعجاز (ڄم جي تاريخ 3 ڊسمبر 1966) منهنجي دوست ۽ هاڻ مائٽ رفيق شيخ جو وڏو پٽ آهي. هو ڪجهه سالن کان پنهنجي زال ۽ ٻارن سان هتي آمريڪا ۾ رهي ٿو ۽ پيٽرول پمپن جو ڪاروبار اٿس. اعجاز وارن سان منهنجي مائٽي ان ريت آهي جو اسان جو ننڍو ڀاءُ آفتاب جيڪو ڪئناڊا رهي ٿو ان جي زال شبانا اعجاز جي سئوٽ ۽ سندس ننڍي چاچي حاجي سليمان شيخ جي ڌيءَ آهي. اعجاز سان اسان جا ٻه رشتا ٻيا به آهن. هڪ ته اعجاز جي والده اسان جي ڀاءُ جهڙي دوست اقبال ترڪ جي ماسات ٿئي ۽ اعجاز جي زال سُهڻي (اصل نالو شائسته) منهنجي پاڻيجي ثمير وسطڙو جي سئوٽ آهي. منهنجو پيٽارو جو ڪلاس ميٽ ۽ ثمير جو والد ڪئپٽن بشير وسطڙو ۽ سهڻي جو والد شهاب وسطڙو سڳا ڀائر آهن ۽ سندن اصل ڳوٺ نوشهري فيروز ضلعي جو مچڙ نالي آهي.

مون کي اها خبر هئي ته اعجاز شيخ آمريڪا جي رياست جارجيا يا فلوريڊا ۾ آهي پر مون اهو expect نه پئي ڪيو ته هو اتان هلي ملي هيڏانهن واشنگٽن، هيءَ سنڌي شام ملهائڻ لاءِ ايندو. فنڪشن واري هال ۾ گهڙيس ته هو سامهون ئي پنهنجي هن خيرپور جي دوست عرفان جماڻي سان گڏ وينو هو. بلڪ آيل مهمانن ۾ (پاڪستاني مهمانن ۾) هي ٻه ڄڻا ئي هئا، جيڪي مقرر وقت موجب هال ۾ پهچي ويا هئا. ٻيا هتي جا گورا آمريڪي مهمان هئا، جيڪي ڪارڊ تي لکيل وقت پڙهي ان موجب پهچي ويا هئا، جو هو اسان وانگر غير Punctual نه آهن.

اعجاز وڏي سڪ سان مليو ۽ ٻڌائين ته هو هتي ويجهو ميريلينڊ رياست جي سلور اسپرنگ واري علائقي ۾ شفٽ ٿيو آهي، جيڪو هتان واشنگٽن کان ڪلاڪ جي Drive تي مس آهي. ”اڄ آئون ورجينا پنهنجي هن دوست عرفان سان ملڻ آيس ته خبر پئي ته واشنگٽن ۾ ڪو سنڌين جو فنڪشن هلي رهيو آهي سو ٻئي ڄڻا هيڏانهن هليا آياسين.“ اعجاز ٻڌايو ۽ هن مون کي واشنگٽن ۾ رهڻ بدران پاڻ وٽ هلڻ لاءِ چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”آئون هتي چڙهن جي فليٽ ۾ وڏيڪ آرام ۽ آزادي محسوس ڪندس. جتي اسان جي ڳوٺ جو پاڙيسري نجم ميمڻ به رهيل آهي“ مون اعجاز کي ٻڌايو ۽ واعدو ڪيو مانس ته هن دفعي نه ته ٻئي دفعي هڪ ڏينهن لاءِ هلي اچي تنهنجو گهر به ڏسبو.

هن پاسي کان اڻ واقفڪارن لاءِ ايترو لکندو هلان ته واشنگٽن ۽ ورجينا رياست جي پوزيشن ائين آهي، جيئن اسلام آباد ۽ راولپنڊي جي يا ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد جي. واشنگٽن اسلام آباد وانگر آمريڪا جو فيڊرل ڪئپيٽل يعني گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ جيئن اسلام آباد پاڪستان جي باقي صوبن جي مقابلي ۾ ننڍڙو آهي يا ڪئالالمپور (ملائيشيا جو فيڊرل ڪئپيٽل) ملائيشيا جي تيرهن رياستن جي مقابلي ۾ ننڍڙو آهي، تيئن هي واشنگٽن شهر جو علائقو آمريڪا جي پنجاهه رياستن جي مقابلي ۾ بيحد ننڍڙو آهي. ايتري قدر جو واشنگٽن جي فيڊرل آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ هتي واشنگٽن ۾ رهڻ بدران پر وارين رياستن ورجينيا، ميريلئنڊ وغيره ۾ رهن ٿا. ڪيترين ئي آفيسون جيڪي واشنگٽن ۾ هجڻ کپن، جاءِ جي کوٽ يا ڳرين مسواڙين ڪري ورجينا رياست ۾ آهن. جيڪا واشنگٽن وٽان وهندڙ پوٽو مئڪ نديءَ جي ٻئي ڪناري کان شروع ٿئي ٿي. هڪ ٻي ڳالهه ته واشنگٽن نالي آمريڪا ۾ رياست به آهي جيڪا آمريڪا جي بلڪل ٻئي ڇيڙي تي پئسفڪ سمنڊ جي ڪناري تي آهي. مونجهاري کان بچڻ لاءِ آمريڪا جي هن گادي واري شهر واشنگٽن سان گڏ DC اکر به لڳايا وڃن ٿا يعني هي گادي وارو شهر واشنگٽن ڊسٽرڪٽ آف ڪولمبيا آهي.

اعجاز مون سان ملڻ وقت پنهنجي هن ورجينيا واري دوست عرفان جماڻيءَ سان هي چئي ملايو ته هي چاچا الطاف آهي، پاڪستان کان آيو آهي. عرفان مون سان هٿ ملائي پاسي تي لاتعلقي واري نموني سان بيٺو رهيو ۽ اعجاز سان ڪجهه منٽ خبرون ڪري آئون اڳيان هليو آيس، جتي منهنجي ڳوٺائي نجم ميمڻ ۽ ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر منور لغاريءَ مون کي ٻين سان ملائڻ ٿي چاهيو. منهنجي دل چاهيو پئي ته اعجاز جي دوست عرفان جماڻيءَ کان پڇان ته هو ڪٿي اسان جي دوستن ۽ ننڍپڻ جي ڪلاس ميٽن شوڪت جماڻي، اقبال جماڻي يا ائڊمرل بخت علي جماڻيءَ مان به ڪنهن کي سڃاڻي يا نه پر جيئن ته هو به خاموش هو ۽ ٻي ڳالهه ته پڙهائي، نوڪرين ۽ ڌنڌن جي ڪري هر ذات جا ماڻهو سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ملن ٿا. ايتريقدر جو هتي آمريڪا ۾ ئي ڪٽي پچ ته ڏاهري يا ناريجا يا سومرا سڃاڻو ته ٻڌائڻ وارو يڪدم سوال ڪندو ته ڪهڙا ناريجا؟ يا ڪهڙا مغل؟

هيوسٽن وارا، نيو يارڪ وارا يا ڪئليفورنيا وارا؟ سو ٿي سگهي ٿو هي عرفان جماڻي سنڌ جي ڪنهن ٻئي شهر ۾ ننڍو ٿي وڏو ٿيڻ بعد هيڏانهن هليو آيو هجي.

فنڪشن اجان شروع نہ ٿيو هو ۽ اڳيان ويٺلن سان مون کا ٿوري دير ڪچهري ڪئي هوندي تہ ڏسان تہ اعجاز شيخ ۽ عرفان جماڻي مون ڏي پيا اچن.

”چاچا عرفان توهان سان ملڻ ٿو چاهي“ اعجاز چيو. مون هڪ دفعو وري عرفان سان هٿ ملايو.“ خير تہ آهي؟ آئون جنهن وقت هن هال ۾ گهڙيو هوس تہ پهرين توهان سان ئي ملاقات ٿي هئي.“ مون کلندي عرفان کي چيو.

ان وقت مون سمجهيو تہ توهان فقط اعجاز جا انڪل آهيو. مون کي اها خبر نہ پيئي تہ توهان اهي الطاف شيخ آهيو جيڪو ليکڪ آهي ۽ جنهن جون لکڻيون آئون شوق سان پڙهان ٿو. پليز معاف ڪجو مون توهان کي نہ سڃاتو. عرفان ايترو تہ شرمساري سان چوڻ لڳو جڻ هن ڪان واقعي ڪا غلطي ٿي هجي ۽ آئون دل ئي دل ۾ اهو محسوس ڪري خوش ٿيڻ لڳس تہ ٻيلي اديبن ۽ شاعرن جي بہ ڪي عزت ڪرڻ وارا آهن. اجان ڪي آهن ڪلجڳ منجهہ ڪاپڙي ۽ عرفان جماڻي تہ ڪو منهنجو (بلڪ منهنجي لکڻين جو) سچو عاشق ٿي لڳو جو ان وقت کان وٺي فنڪشن جي آخر تائين ۽ پوءِ بہ مون کي ٽيليفون تي پاڻ وٽ گهمڻ لاءِ دعوت ڏيندو رهيو.

”انشاء الله ويڪ اينڊ تي ڏسنداسين.“ مون کيس فون تي چيو ٿي. ڪيترا اهڙا هوندا آهن جيڪي تڪلف طور هڪ دفعو ضرور چوندا آهن ۽ پوءِ ڳالهہ وسري ويندي اٿن پر هتي مون کي ڳالهہ وسري ويئي ٿي پر عرفان جماڻيءَ کي هرگز نہ.

”سائين توهان رڳو حڪم ڪريو تہ آئون اچي توهان کي واشنگٽن مان وٺي وڃان.“

”نہ .نہ . آئون ئي هليو ايندس. اجا تہ هتي ئي آهيان ڪجهہ ڏينهن بعد ڏسون ٿا. ڀلا توهان واندا ڪهڙي ڏينهن تي ۽ ڪنهن وقت هوندا آهيو؟“، مون پڇيو.

”سائين منهنجي واند ڪائيءَ جو فڪر نہ ڪريو. منهنجو جاب اهڙو آهي جو توهان خاطر آئون ڪنهن وقت بہ موڪل ڪري سگهان ٿو.“

”پر يار تون اجائي تڪليف نہ ڪر هتي منهنجا ڪجهہ پيٽارو جا مون وانگر واندا ۽ پوڙها ڪلاس ميٽ آهن، جن سان آئون پيو چڪر هڻان.“ مون عرفان کي چيو.

”نہ سائين مون لاءِ تڪليف نہ پر خوشيءَ جي ڳالهہ آهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

عرفان جي خلوص نيتي کي داد ٿو ڏجي جو هو ور ور ڏيئي مون کي فون ڪندو رهيو ۽ هر دفعي منهنجي ڪنهن نه ڪنهن ڪتاب جي ڳالهه ٻڌائيندو رهيو ٿي ته توهان فلاڻي ملڪ جي فلاڻي ڳالهه واه جي لکي آهي، توهان جي فلاڻي ڪتاب واري هيءَ ڳالهه مون پنهنجن اڙدو ۽ پنجابي ڳالهائڻ وارن دوستن کي به ٻڌائي آهي. ۽ فلاڻي ڳالهه........“

آئون دل ۾ سوچڻ لڳس ته چڱو جو عرفان جماڻيءَ جهڙو ڪو پرستار شروع ۾ نه مليو نه ته ليڪڪن جو هي قدر ڏسي آئون جهاز هلائڻ يا ڪا ٻي نوڪري ڪرڻ بدران سفرناما ئي لکندو رهان ها. پر اها به ڳالهه آهي ته جي جهاز نه هلايان ها، ملائيشيا، جپان ۽ سئيڊن جهڙن ملڪن ۾ نوڪري نه ڪريان ها ته پوءِ سفرناما ڪيئن لکي سگهان ها.

واشنگٽن ۾ پهريون دفعو هفتو به رهي چيڙي ڪري نيو جرسي موٽي اچي عرفان کي فون ڪيم ته هاڻ ته ڳوٺان اچي نڪتو آهيان.

”سائين مڙيئي خير آهي. بالتيمور ۽ فلڊلفيا ته ايندو رهان ٿو اتان نيو جرسي آهي ئي ڪيترو پري. رڳو حڪم ڪريو ته توهان کي اتان وٺي اچان ۽ پنهنجي رياست ورجينيا ۽ اعجاز شيخ جي ميريلئنڊ توهان کي گهمايان“ عرفان هڪ دفعو وري وڏي خلوص ۽ پيار مان چيو. فون تي خبرون چارون ڪرڻ دوران اها به خبر پئجي ويئي ته عرفان ڪو ڏاريون نه پر اسان جي ننڍپڻ جي ڪلاس ميٽ شوڪت جماڻيءَ جو به ويجهو مائٽ آهي. ساڳي وقت گهر (نيو جرسي) پهچڻ تي گهر جي سيني ياتين اهو ئي چيو ته واشنگٽن ۾ هوندي مون کي سهڻي (اعجاز شيخ جي زال شائسته وسطڙو) وارن جي گهر ضرور وڃڻ کتو ٿي، جيئن حيدرآباد ۾ سهڻي جا ماءُ پيءُ (پروين ۽ شهاب وسطڙو) پڇن ته اسان جي ڌيءَ سان مليا ئو ته انهن کي ڪهڙو جواب ڏجي. ان بعد هفتي ٻن کانپوءِ جيئن ئي منهنجو واشنگٽن وڃڻ جو وري پروگرام ٺهيو ته مون يڪدم عرفان کي فون ڪيو ته يار هن دفعي تو سان ۽ اعجاز سان ضرورملبو.

”اعجاز به مون کي اهو ئي پئي چيو ته الطاف اچي ته وٺي اچجانس“ عرفان ٻڌايو ۽ اسان هڪ ڏينهن مقرر ڪيو ته عرفان ان ڏينهن تي صبح جو مون کي واشنگٽن مان وٺي هلندو.

ڪجه ڏينهن بعد آئون واشنگٽن آيس. پروگرام موجب صبح جو پوري نائين وڳي عرفان جماڻي ۽ ان سان گڏ اعجاز شيخ به هو مون کي وٺڻ لاءِ واشنگٽن جي ڏکڻ اوپر واري علائقي جي ستين گهٽيءَ ۾ آيا، جتي L’Enfant پلازا واري ميٽرو اسٽيشن پرسان فليٽ ۾ ترسيل

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هئس.

”ڪريو خبر پئي اچي نڪتا آهيو“، مون خاص اعجاز کي چيو جيڪو ڪافي پري کان آيو هو. عرفان جماڻي ته وري به هتي ويجهو پوٽو مئڪ نديءَ جي پئي ڪناري تي ورجينا رياست ۾ تي رهيو. ”توهان اجائي تڪليف ڪئي آئون عرفان جماڻيءَ سان هليو اچان ها.“

”تڪليف بلڪل ناهي،“ اعجاز شيخ چيو. ”منهنجو پنهنجو به هن پاسي ڪم هو ۽ هونئن به هتي آمريڪا ۾ ڊرائيونگ ايڏو نٿي ٿڪائي. هن ٻن رياستن کي پار اڪرڻ جڻ ته روز جي ڪمن ۾ شامل آهي.“

اعجاز جي اها ڳالهه حقيقت تي مبني آهي. آمريڪا ۾ هر هڪ کي ڏاڍي ڊرائيونگ ڪرڻي پوي ٿي. گهر کان آفيس، گهر کان دڪان، گهر کان اسڪول، گهر کان دوستن جي گهر ۽ هر شيءِ ڏور اوپر جي ملڪن (سنگاپور،هانگ ڪانگ، جپان وغيره) وانگر هڪ ٻئي جي ويجهو ۽ ڳتيل هجڻ بدران ميلن جي پنڌ تي آهي. ڪو توهان کي چوي ٿو ته هن جو گهر ويجهو آهي ته به راڻيپور گمبٽ جيتري فاصلي تي هوندو ۽ نه وري آمريڪا ۾ اسان جي ملڪ وانگر يا ملائيشيا، ٽوڪيو لنڊن، اسٽاڪهوم وانگر بس سروس آهي. هيڏي وڏي آمريڪا جي صرف ڪجهه شهرن (نيويارڪ، واشنگٽن، بالٽيمور، سئن فرانسسڪو) ۾ بس سروس آهي سا به شهر جي محدود علائقي اندر. هرهڪ پنهنجي گاڏيءَ ۾ سوار نظر ايندو ۽ هر شي فاصلي تي هجڻ ڪري رستن تي پنڌ ته ڪو ورلي نظر اچي ٿو تڏهن ته هڪ هنڌ لکي چڪو آهيان ته آمريڪا ۾ هر وقت رستن تي ايتريون ته موٽر ڪارون نظر اچن ٿيون جو لڳي ٿو ته گهر ۾ ته جڻ ڪو آمريڪن رهي ئي ڪونه ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن پل مٿان يا ڪنهن مٿاهين ليلول تان رستن ڏي نظر ڪبي ته نظر ڪٿڻ تائين ڪارن جون چار چار يا ڇهه ڇهه ۽ ڪٿي ته اٺ اٺ قطارون اينديون ۽ وينديون نظر پيون اينديون ۽ اهي ڪارون ائين لڳنديون آهن ، جڻ ماڪوڙن جون اڻ ڪٽندڙ قطارون هجن.

بهرحال آمريڪا جي ڊرائيونگ جي هڪ ڳالهه آهي ته آمريڪا ۾ قاعدو قانون سخت آهي، رستا ويڪرا ۽ بهترين آهن. گاڏي هلائيندڙن جي سهولت لاءِ جتي ڪٿي روڊ ۽ ايندڙ شهرن، ساهي وٺڻ لاءِ هوٽلن ۽ هاءِ وي تان لهي مقرر exit ڏي رخ ڪرڻ لاءِ چٽا ۽ وڏا بورڊ لڳل آهن. جيڪي ڪار هلائيندڙ کي هر وقت خبردار ڪندا رهن ٿا ۽ ممڪن خطري جو چِتاءُ ڏيندا رهن ٿا. ان ڪري آمريڪا ۾ ڊرائيونگ ٿڪائڻ واري هجڻ بدران وڻندڙ ۽ مزيدار لڳي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٿي. ان ڪان علاوه هتي جي رستن تي هلندڙ ڪارون به هڪ ڪان هڪ اعليٰ، مضبوط، وڏيون ۽ طاقتور آهن. جپان ۾ ڏهه سال ڪن اچڻ وڃڻ ۽ رهڻ دوران خبر نه پئي پر هتي آمريڪا ۾ اچي خبر پوي ٿي ته جپان ايڏيون وڏيون ۽ نموني نموني جون ڪارون به ناهي ٿو. ظاهر آهي هوڏانهن جپان توڙي ڏور مشرق جي ٻين ملڪن ڏي نه آهن آمريڪا جهڙا رستا ۽ نه ماڻهن وٽ پئسو جو اهڙيون ڪارون afford ڪري سگهن.

عرفان جماڻيءَ ٻڌايو ته قاعدي قانون ۽ ان تي سختيءَ سان عمل هجڻ ڪري هر هڪ پنهنجي ليڪ اندر تيز رفتار سان گاڏي هلائيندو رهي ٿو ۽ حادثو ڪو ورلي ٿئي ٿو.

”۽ جڏهن ٿئي ٿو“، اعجاز چيو ”ته به ڊرائيور کي خبر نٿي پوي.“

”بلڪل صحيح ٿو چوين“ مون اعجاز جي ڳالهه سمجهي مرڪيو. باوجود سخت قانون جي ڪڏهن ڪو نشي جي حالت، يا موبائيل فون تي ڳالهائڻ دوران غلطي ڪري ٿو وجهي، يا ٽائر برسٽ ٿيو ٿو پوي ته پوءِ گاڏيءَ يا ان جي هلائڻ واري کي ٿوري گهٽي رهندي يا dent نٿو لڳي. هڪ ٻئي پويان تيز رفتار گاڏين ڪري، غلطي ڪرڻ واري جي گاڏيءَ سان گڏ درجن کن ٻيون گاڏيون به چيچيو ۽ چيپاٽجيو Scrap ٿيو وڃن ۽ انهن ۾ ويٺل ڪو ورلي بچي ٿو جيڪو پنهنجي پڳل هڏ گڏ جي دانهن ڪري سگهي.

بهرحال مسلمان آمريڪا ۾ به آهن پر هتي شايد اسان جهڙا تعميري ڪمن جو پئسو ڦٻائڻ وارا وزير، رشوت کائيندڙ انجنيئر ۽ ڪميشن وٺڻ وارا ٺيڪيدار نه آهن نه ته هتي آمريڪا ۾ به سنڌ جي ڳوٺن جهڙا رستا هجن جيڪي مينهن جي پهرئين وسڪاري تي ئي تباهه ٿيو وڃن ۽ انهن مٿان هلندڙ ڪارن جي ستيا ناس ٿيو وڃي. اڳئين دور جي حڪومت جي هڪ وزير وڏي فخر سان پئي ٻڌايو ته هن تي ڪروڙ چاليهه لکن جي لاڳت سان جيڪو هن پنهنجي تر جي علائقي ۾ رستو ٺهرايو ان تي اڄ تائين ڪو حادثو ته ڇا پر ڪنهن ڪار کي هلندي جهانڪو (لوڏو) به نه آيو آهي ۽ پوءِ هو پنهنجا اڻ Scale ٽيل هٿڻا ڏند ڪڍي کلڻ لڳو.

محفل ۾ ويٺل ان جهڙي ٻئي بشني عوامي نمائندي ڳجهارت سمجهي اسان کي چيو ته ”هي پوتار صحيح ٿو چوي. اڍائي ڪروڙ پاڻ رکيا هئائين، باقي پئسو انجنيئرن ۽ ٺيڪيدارن حصا پتيون ڪيو. رستو ٺهيو ئي ڪونه حادثا وري ڇا ٿي ٿين.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## رياستن جي ماءُ ــ ورجينيا

واشنگٽن جو شهر ڇڏڻ لاءِ عرفان ستين گهٽيءَ جي ڏاڪٽي ڇيڙي تان Maine ايونيو تي آيو جنهن تي ميل ٻه اڳيان هلي چوڏهين گهٽيءَ واري روڊ وٽان ڦري پوٽومئڪ ندي اڪري ٻئي پاسي ورجينا رياست پهچڻ لاءِ آئرلينڊ وليمس پل تي چڙهيو. واشنگٽن شهر جي مختلف هنڌن تان ورجينيا رياست وڃڻ لاءِ وچ ۾ وهندڙ پوٽو مئڪ ندي لتاڙڻي پوي ٿي ۽ جيئن سنڌو نديءَ مٿان سکر بئراج، مورو دادو پل، ڄامشورو واري بئراج، ڪوٽڙي برج وغيره آهن، تيئن پوٽو مئڪ نديءَ مٿان ٻه ڪيتريون ئي پليون آهن، جهڙوڪ: فرانسز اسڪاٽ ڪي برج، ٿيوڊور روزويلٽ برج، آرلنگٽن ميموريل پل، جارج مئسن پل، Rocheambeau برج وغيره. اهي پليون هتي جي اهم ماڳهن نالي آهن ۽ واشنگٽن ڊي سي سڄي آمريڪا جي گاديءَ جو شهر هجڻ ڪري سڄي آمريڪا USA جي رياستن جي نالن تان هتي جي رستن جا نالا آهن، جيئن ته وائيٽ هائوس وٽان لنگهندڙ پينسلوانيا ۽ نيويارڪ ايوينيو يونين اسٽيشن وٽ اچي لڳندڙ مئساچوسيٽس، لوزيانا ۽ پير ۾ نيوجرسي ايوينيو. Dupont سرڪل وٽ اچي ملندڙ ڪنيڪٽيڪٽ، هئمپشائر ۽ ٿورو اڳيان پاسن ڪان وهندڙ فلوريڊا ۽ روڊ آئلنڊ ايونيو وغيره. اعجاز شيخ ٻڌايو ته هُن هِن ئي هفتي مئريلينڊ مان شفٽ ٿي پينسلوانيا ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي.

”خير ته آهي؟ آئون آمريڪا اچي رهيو هوس ته تنهنجي سَسُ (پروين) ٻڌايو ته توهان آمريڪا جي رياست اوهيو OHIO ۾ رهو ٿا. مهينو ڪن اڳ جڏهن سنڌي شام ۾ ملاقات ٿي ته توهان ٻڌايو ته مئريليند جي علائقي سلور اسپرنگ ۾ رهون ٿا ۽ هاڻ وري پينسلوانيا شفٽ ٿي ويا آهيون.“

”سائين بلڪل صحيح ٿا چئو“ اعجاز ڪلندي چيو“ ۽ هاڻ انشاء الله اتي ئي رهنداسين جو اهو گهر خريد ڪيو اٿئون“

”۽ پهرين وارن گهرن ۾ مسواڙ نه ڏيڻ ڪري مالڪ مڪان لوڏي پئي ڪڍيو ڇا؟“ مون چرچي طور چيو.

”ڳالهه اها آهي چاچا“ اعجاز چيو. ”مون جاٽي واٽي هيستائين گهر نه پئي ورتو. ٿئي چا ٿو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جو گھر خريد ڪرڻ ڪانپوءِ ماڻھو چڻ تہ ان رياست سان ٻڌجيو وڃي ۽ پوءِ ٻين سٺن ھنڌن جي ڳولا ڪرڻ بدران فقط پنھنجي گھر جي چوڌاري محدود ٿيو وڃي. ان ڪري آئون گذريل ٽي سال کن مختلف رياستن ۾ رھي بزنيس جو جائزو وٺندو رھيس. ھاڻ فائنلي ھتي پينسلوانيا ۾ ہہ کن پيٽرول پمپ ورتا اٿم ۽ گھر بہ انھن جي ئي ويجھو ورتو اٿم. جيئن اچڻ وڃڻ ۾ مون کي سھولت ٿئي. ٻارن جو اسڪول بہ رستي تي آھي، ڪم تي وڃڻ وقت ٻارن کي اسڪول ڇڏيندو ويندو آھيان. رڳو پڇاڙ جو ڪم لاھي پوءِ زال کين موڪل مھل اسڪول مان وٺندي ايندي آھي.“

”چئبو تہ ھينئر پاڻ سڌو پينسلوانيا رياست ھلنداسين“ مون اعجاز کي چيو. اھڙي خبر ھجي ھا تہ نيوجرسيءَ کان ھڪ سئو ڊالرن جي ٽڪيٽ وٺي ھتي واشنگٽن اچڻ بدران چاليھہ ڊالرن جي ٽڪيٽ وٺي رستي تي فلاڊلفيا (پينسلوانيا رياست جو وڏو شھر، بندرگاھہ ۽ ريلوي اسٽيشن) تي لھي پوان ھا، جتان پوءِ اڌ ڪلاڪ اندر گرين ڪئسل پھچي وڃون ھا، جتي تو گھر ورتو آھي.“

”پر ريل جي سفر ۾ اھو مزو ناھي جيڪو ٻاءِ روڊ پاڻ ٻھراڙي وارو علائقو وٺيو ٿا ھلون“ عرفان جماڻيءَ چيو ”چاچا ھتي ٿوري دير منھنجي فليٽ تي ھلي پوءِ اعجاز کي سندس پراڻي واري گھر (مئريلينڊ) ۾ لاھيون ٿا، جتي سندس پڪ اپ گاڏي بيٺل آھي، جنھن ۾ ھو باقي بچيل سامان پري پنھنجي نئين گھر ڏي ھلندو ۽ پاڻ ھن گاڏيءَ ۾ ھلنداسين.“

اسين ڪڏھوڪو پوٽو مئڪ ندي ٽپي ورجينيا رياست جي رستن تي ھلي رھيا ھئاسين. اسان کي ھن رياست جي اليگزنڊرا Alexandria علائقي ۾ وڃڻو ھو جتي عرفان ٻڌايو تہ ھو ٻن ٻين دوستن سان مسواڙ جي ھڪ فليٽ ۾ رھي ٿو. ھتي اھو ٻڌائيندو ھلان تہ آمريڪا USA ۾ ورجينيا نالي بہ رياستون آھن ۽ ٻئي ھڪٻئي جي پرسان آھن. ھڪ ھيءَ پوٽو مئڪ نديءَ جي ھن پار واري جتي ھن وقت اسين ڊرائيو ڪري رھيا آھيون ۽ ٻي ھن رياست ورجينيا جي ڪاٻي پاسي ۾ يعني اولھہ ۾ ورجينيا رياست آھي، جيڪا ويسٽ ورجينيا West Virginia سڏجي. ھتي ھر رياست جو پيار جو بہ نالو آھي. جيئن نيو جرسي رياست Garden State سڏجي ٿي، تيئن ويسٽ ورجينيا رياست Mountaion رياست سڏجي ٿي (۽ ورجينيا رياست Old Dominian State سڏجي ٿي).

ويسٽ ورجينيا رياست جي چوڌاري جيڪي رياستون آھن، اھي ھن ريت آھن: اتر ۾

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پينسلوانيا. اتر اولهه واري ڪنڌ کان اوهيو. بلڪل اولهه ۾ ڪنٽڪي. اتر اوڀر ڪنڌ کان مئريلينڊ ۽ اوڀر ۽ ڏکڻ کان ورجينيا رياست. ڪجهه حصن کان پوٽو مئڪ ندي ۽ اوهيو ندي به بارڊر ناهي ٿي. ويسٽ ورجينيا سڄي جابلو رياست آهي. هر هنڌ جبل ئي جبل نظر اچن ٿا. آمريڪا جون مشهور اپالا چيان جابلو قطارون (Appalachian Ranges) به هن رياست ۾ آهن شايد ان ڪري هن رياست جو Nickname جابلو رياست پئجي ويو آهي. سندس گاديءَ وارو شهر چارلسٽن آهي ۽ اهو ئي هن رياست جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي نه ته آمريڪا جي گهڻين تڻين رياستن جي گاديءَ جا شهر ننڍا رکيا ويا آهن. جيئن نيويارڪ رياست جو نيويارڪ شهر هجڻ بدران Albany آهي. مئريلينڊ جو بالٽيمور بدرانAnnapolis آهي. ٽيڪساز جو هيوسٽن بدران آسٽن آهي ۽ لوزيانا جو نيو اوورلينس بجاءِ  بئٽن روج آهي. وغير.

چارلسٽن کان علاوه هنٽنگٽن. پارڪرس برگ. فيئر مانٽ ڪلارڪس برگ پڻ ويسٽ ورجينيا رياست جا وڏا ۽ مشهور شهر آهن. هن رياست ۾ ويانا Vienna نالي پڻ هڪ ننڍڙو شهر آهي. جنهن جي آدمشماري ڪا ٻارهن هزار مس آهي. اڄ ڪلهه Bubble نالي فلم هلي رهي آهي. جنهن جوڪجهه حصو ته اوهيو رياست جي شهر Belpre ۾ فلمايل آهي. باقي هن رياست جي مٿين شهر پارڪرس برگ ۾. ائين ته هڪ پراڻي فلم 1971ع جي  Fools Parade ۽ 1991 جي The Silence of Lambs به هن رياست ۾ فلمايل آهي. اعجاز شيخ جيڪو ٽي وي ۽ فلمن جو به شوقين لڳي ٿو تنهن ٻڌايو ته We Are Marshall نالي فلم اچي رهي آهي. جيڪا هنٽنگٽن شهر ۾ فلمائي ويئي آهي ۽ جنهن ۾ ان شهر جي مشهور يونيورسٽي ”مارشل يونيورسٽي“ جو پس منظر ڏنل آهي. اعجاز ٻڌايو ته شروع وارا به چار مهينا هو ويسٽ ورجينيا جي هن شهر هنٽنگٽن  ۾ پڻ رهي ويو آهي. ويسٽ ورجينيا ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي نه هجڻ ڪري اسان جو ڪڏهن به هتي جهاز ذريعي اچڻ نه ٿيو. پر واري رياست ورجينيا جي بندرگاهه نور فوڪ Norfolk ڪيترائي دفعا جهاز کي وٺي ايندا هئاسين. اتان پوءِ ڊگهي موڪل تي اوهيو يا ڪنٽڪي رياستن جا شهر باءِ روڊ گهمڻ ويندا هئاسين ته هميشه ويسٽ ورجينيا مان لنگهه ٿيندو هو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ويسٽ ورجينيا جا قدرتي نظارا ڏسڻ وٽان آهن. هيءَ جابلو رياست ضرور آهي پر هتي جا جبل لڪي ۽ کير ٿر جبلن جهڙا نوڙها ۽ سنسان نه آهن پر سئٽزرلينڊ جي جبلن Alps جهڙا سر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سبز ۽ خوبصورت آهن. ان ڪري هن جابلو رياست کي ”آمريڪا جو سئٽزرليند“ پڻ سڏين ٿا. ان کان علاوه هن رياست جو هڪ ٻيو غير سرڪاري نالو Panhandle State پڻ آهي يعني ڪڙڇي Frying Pan جو هٿو. ”ويسٽ ورجينا“ جي نقشي کي ڏسندائو ته اهو بلڪل رڌ پچاءَ جي ڪنهن ديڳڙي Pan جي هئنڊل جهڙو توهان کي نظر ايندو.

اعجاز شيخ ٻڌايو ته ”ويسٽ ورجينيا“ رياست لاءِ چون ٿا ته اها ”ورجينيا“ رياست جو ئي حصو هئي پوءِ آمريڪين سول جنگ ۾ اها الڳ ٿي ۽ 20 جون 1863ع تي رياستن جي يونين ۾ USA سان داخل ٿي. ان ڪري ويسٽ ورجينيا رياست ۾ اڄ تائين اهو ڏينهن 20 جون موڪل ڪيو وڃي ٿو.

دراصل گهڻو اڳ نه فقط ويسٽ ورجينيا ۽ ”ورجينيا“ رياست پاڻ هڪ ئي رياست هيون پر اها ان کان به گهڻو وڏي هئي پوءِ ان جو ڪو حصو ڪينٽڪي رياست ٿي ويو ۽ ڪو انڊيانا سڏجڻ لڳو ته ڪو الينوس Illinois رياست ٿي ويو ۽ آخر ۾ ان جو هڪ حصو ”ويسٽ ورجينيا“ رياست ٿي ويو. ان ڪري هيءَ ورجينيا رياستن جي ماءُ“ (مدر آف اسٽيٽس) به سڏجي ٿي ۽ عرفان جماڻيءَ جي چواڻي سندس رياست (يعني هيءَ ورجينيا رياست جنهن جي اليگزئنڊريا شهر ۾ هو رهي ٿو) آمريڪا جي صدرن جي ماءُ پڻ سڏجي ٿي.

عرفان جماڻي بلڪل صحيح آهي جو ”ورجينيا“ رياست آمريڪا جي اٺن صدرن (جارج واشنگٽن، ٿامس جيفرسن، جيمس مئڊيسن، جيمس مونرو، وليم هينري هئريسن، جان ٽيلر، ذڪاري ٽيلر ۽ وڊرو ولسن) جي جنم ڀومي آهي. ايترا گهڻا صدر ٻي ڪنهن به رياست ۾ نه ڄاوا. ان ڪري ورجينيا Mother of Presidents به سڏجي ٿي.

هڪ بيحد خوبصورت علائقي ۾ پهچي عرفان ڪار جي رفتار گهٽ ڪئي.

”منهنجي خيال ۾ تنهنجو شهر اليگزئنڊريا اچي ويو“ مون عرفان جماڻي کي چيو.

”اهو به ويجهو ئي آهي. آئون توهان کي ورجينيا جو هڪ خوبصورت ۽ ماڊرن علائقو Crystal City ڏيکارڻ لاءِ گاڏيءَ کي هيڏانهن موڙي آيو آهيان.“ عرفان چيو. مون نقشو ڪڍي هن علائقي جي Location ڏٺي. ورجينيا رياست جي آرلنگٽن ڪائونٽي جي ڏکڻ اوڀر واري ڪنڊ ۽ واشنگٽن جي ڀرواڙي وارو هي علائقو جيڪو هينئر ڪرسٽل سٽي سڏجي ٿو رونالڊ ريگن واشنگٽن نيشنل ائير پورٽ جي اولهه ۾ سڌ پنڌ تي آهي. اڄ کان پنجٽيهه سال کن اڳ جڏهن اسان جو جهاز هن رياست ورجينيا جي بندرگاهه نور فوڪ Norfolk ۾

اچي لنگر ڪيرائيندو هو تڏهن هي ڪرسٽل سٽي وارو علائقو ڪراچي جو سائيٽ وارو علائقو يا ڪوالالمپور جي جالان ڪلانگ لاما واري علائقي جهڙو هوندو هو. نور فوڪ کان واشنگٽن ۽ باءِ روڊ وچڻ وقت آرلنگٽن ڪائونٽي جي هن علائقي مان ٿيندو واشنگٽن پهچبو هو. هتي رڳو ڪارخانا، ملون ڪاٺ چيرڻ جا آرا، جنڪ يارڊ ۽ سستي اگهه واريون هوٽلون، موٽلون ۽ گهٽ مسواڙ وارا بي ترتيب ۽ سادي ڪنسٽرڪشن جا گهر هوندا هئا. ننڍي چٽ وارا واهيات نالن ۽ نيان سائين وارا بار ۽ ڊسڪوٽي هوندا هئا، جن جي اڳيان هتي جا ڪارا شيدي ٽرڪ ڊرائيور ۽ ڏکي جا مزور، هسپانوي ڳاڙهي ناسي رنگن وارن شيدن وارين عورتن سان سگريٽن جا سوٽا هڻندي يا بيئرجي ٽونٽ جيڏي بوتل پيئندي نظر ايندا هئا ۽ هاڻ ٽوڪيو جي شنجوڪو واري علائقي جو هي علائقو Magnified Version لڳي ٿو. چوڏاري وڏيون عمارتون ۽ ڪامپليڪس، ماڊرن ۽ هاءِ ٽيڪ قسم جون آفيسون، سهڻيون ۽ سيباٽيون هوٽلون، پڪچر ڪارڊ جهڙا سهڻا ۽ سليقي وارا پارڪ ۽ رستن تي وٽڪار ۽ سامهون واشنگٽن جو نظارو هڪ طرف تہ ٻئي طرف پينٽاگان جي عمارت، ميٽرول ريل اسٽيشن، نيشنل ايئر پورٽ! عرفان آهستي آهستي ڪار هلائيندو ويو. هڪ روڊ تان ٽي ٻئي تي ۽ پوءِ ٽئي تي. هڪ اڌ ڪٽنڊڙ هوٽلن جو سلسلو- بين الاقوامي ۽ مڪاني مشهوري جون هوٽلون. آئون هڪ هڪ جا نالا پڙهڻ شروع ڪريان ٿو ۽ ان سان گڏ دنيا جي مشهور ڪمپنين جي آفيسن ٻاهران انهن جا نالا پڻ پڙهان ٿو......Booz Allen ۽ هئملٽن ڪمپني .........Litton لاڪ هيڊ مارٽن .....يو ايس ايئرويز ڪمپني.....ڊي بوئنگ ڪمپني............ وغيره وغيره.

هن ڪرسٽل سٽيءَ لاءِ عرفان جماڻيءَ ٻڌايو تہ فقط هتي پنجاهہ کان مٿي تہ هوٽلون آهن. مارڪيٽون، سپر اسٽور ۽ ڪيٽريون ريسٽورنٽون انڊر گرائونڊ هجڻ ڪري سخت سيءَ، مينهوڳي ۽ برف باري جهڙي موسم ۾ بہ هتي ميلو متل رهي ٿو.

" هن ماڊرن ۽ سهڻي شهر جو نالو ڪرسٽل سٽي هتي جي پهرين وڏي عمارت ڪرسٽل هائوس تان پيو . " عرفان جماڻيءَ ٻڌايو "چون ٿا تہ ان عمارت جي لابيءَ ۾ هڪ وڏو ۽ چمڪندڙ ڪرسٽل شانڊلير بہ رکيو ويو هو جيڪو هر لنگهندڙ جي نگاهن جو مرڪز رهيو ٿي. ان بعد ٻيون جيڪي عمارتون ٺهنديون ويون، انهن جا نالا بہ Crystal سان رکيا ويا جيئن تہ ڪرسٽل گيٽ وي، ڪرسٽل ٽاور، ڪرسٽل اسڪائر، ڪرسٽل مال.... وغيره

وغيره. روڊ جي سيني دڪانن جا نالا ڪرسٽل تي ويا ۽ هي نئون اپرنڊڙ امير ملڪ ڪرسٽل سٽي جي نالي سان سڏجڻ لڳو.“

واشنگٽن ڊي سي جي سامهون، پوٽو مئڪ نديءَ جي ٻئي پار، ورجينيا رياست جي Arlington ڪائونٽي جي هن ننڍڙي، پر گهرن آفيسن، دڪانن ۽ هوٽلن جي معيار کان بيحد شاهوڪار وستي Crystal city جي آدم شماري ڪا ڇهه هزار مس آهي پر هر روز سومر کان جمعي تائين هتي سٺ هزار ماڻهو ڪم لاءِ اچن ٿا. جيڪي مختلف آفيسن ۽ هوٽلن ۾ ڪم ڪن ٿا. ڪرسٽل سٽي ڪي پنهنجي ريلوي اسٽيشن بہ آهي، جتي واشنگٽن جي ميٽرو (بلو ۽ Yellow لائينون) ۽ ورجينيا ريلوي ايڪسپريس جون گاڏيون پڻ اچن ٿيون.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## انقلاب آمريڪا ۽ خيرپور جو عرفان جماڻي

عرفان جماڻي منهنجي ڪري ڪجهه دير ڪرسٽل سٽي ۾ پنهنجي ڪارس ڪي ڦيرائي پوءِ پنهنجي فليٽ ڏي اليگزئنڊرا ڏي رخ ڪيو. اليگزئنڊرا ورجينيا رياست جي مشهور شهرن مان هڪ آهي. جيئن ڪٽي چئجي ته سنڌ صوبي جو حيدرآباد يا سکر شهر. ورجينيا رياست ايراضي توڙي آدمشماريءَ ۾ ايڏي وڏي ناهي جيڏي ٽيڪساز (جيڪاالاسڪا بعد ٻيو نمبر وڏي رياست آهي ۽ سندس پکيڙ ٻه لک ستر هزار چورس ميل آهي) يا ڪئليفورنيا (هڪ لک چوهٺ هزار چورس ميل) يا مونٽانا (ڏيڍ لک چورس ميل جيڪا پاڪستان جي اڌ جيتري ٿي) ۽ لوزيانا (جيڪا ذري گهٽ سنڌ صوبي جيڏي 51 هزار ڪن چورس ميل) آهي. ورجينيا آمريڪا USA جي پنجاهه رياستن مان پنجتيهون نمبر وڏي آهي ۽ سندس پکيڙ 43 هزار چورس ميل آهي. سندس وڏو شهر ۽ بندرگاهه نور فوڪ آهي پر گاديءَ جو شهر رچمنڊ آهي. هن رياست (ورجينيا) جا ڪجهه ٻيا شهر هن ريت آهن: ٻيڊ فورڊ، هوپ ويل، مارٽنس وائيل، هئمٽن، فيئر فئڪس، فالس چرچ، لنچ برگ Roanoke، ڊئن وائيل ۽ واشنگٽن ۽ ورجينيا جي وچ ۾ بائونڊريءَ جو ڪم ڏيندڙ پوٽومئڪ ندي جي ڪناري وٽ ارلنگٽن ۽ اليگزئنڊرا.

هن رياست تي Virginia نالو انگلينڊ جي راڻي ايلزبيٿ اول تان پيو جيڪا Virgin Queen ٻه سڏبي هئي، جو هن شادي نه ڪئي هئي. شروع ۾ جن انگريزن انگلينڊ ڇڏي هيڏانهن آمريڪا جي نئين کنڊ ڏي رخ ڪيو اهي هن علائقي ۾ Settle ٿيندا ويا ۽ هي علائقو ورجينيا سڏجڻ لڳو پر جيئن شروع ۾ ٻڌائي آيو آهيان ته جيئن اڳ زماني ۾ سنڌ جي پکيڙ گهٽي هئي ۽ نه فقط ملتان سنڌ ۾ اچي ويو ٿي پر بلوچستان جا پڻ ڪجهه حصا سنڌ سان شامل هئا. تيئن هن رياست ورجينيا ۾ نه فقط پر واري رياست West Virginia شامل هئي پر ڪينٽڪي، انڊيانا، الناس رياستن جا حصا پڻ ورجينيا رياست ۾ اچي ويا ٿي. اڄ جي ورجينيا رياست جي اتر ۾ ويسٽ ورجينيا، مئريلينڊ ۽ پوٽومئڪ نديءَ جي ٻئي پار ”ڊسٽرڪٽ آف ڪولمبيا“ (يعني واشنگٽن) آهي. اوير ۾ ائٽلانٽڪ سمنڊ ۽ خليج چيزاپيڪ آهي ۽ اسان جا جهاز ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙي هن خليج Chesapeake جي منهن وٽ Norfolk بندرگاهه ۾ اچن ٿا يا وري وڏيڪ خليج ۾ گهڙي بالتيمور ۽ فلڊلفيا جهڙن بندرگاهن ۾ لنگر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

انداز ٿين ٿا. بهرحال ورجينيا رياست جي ذڪر واري باربر وٽ نارٿ ڪئرولينا ۽ ٽينيسي Tennessee رياستون آهن ته اولهه ۾ ڪينٽڪي ۽ ويسٽ ورجينيا جو ڪجهه حصو.

ورجينيا آمريڪا جي تيرهن رياستن مان هڪ آهي، جن گڏجي هتي جي تاريخي انقلاب آمريڪا American Revolution ۾ برطانيا جي حڪومت خلاف جنگ وڙهي.

آمريڪا ۾ رهڻ دوران توهان کي ڪيتريون ئي ڳالهيون American Revolution جي حوالي سان ٻڌڻ ۾ اينديون. هتي به تي ستون ان آمريڪين انقلاب بابت لکڻ ضروري سمجهان ٿو ته اهو ڇا آهي.

ڪولمبس جڏهن آمريڪا پهچڻ جو رستو ۽ اتي جي سرسبز زمين بابت يورپ جي ماڻهن کي خبر ٻڌائي ته يورپ جا ڪيترائي ملڪ جيڪي جهاز سازي ۽ جهاز رانيءَ ۾ پيڙ هئا اهي آمريڪا جي زمينن تي قبضو ڪرڻ ۽ مال ميڙڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي ملڪ جا ماڻهو موڪلڻ لڳا. ڪيتريون ته اهڙيون به ڪمپنيون نڪري پيون جن ماڻهن جو پئسو Invest ڪرڻ لاءِ جهاز ٺهرائي آمريڪا موڪليا تي ۽ اتان جيڪو ڦرلٽ يا بزنيس مان پئسو ڪمائجي آيو ٿي ان جون حصا پتيون ٿيون ٿي. يورپ جي مختلف ملڪن جا ماڻهو آمريڪا جي مختلف حصن ۾ Settle ٿيڻ لڳا. ڏکڻ آمريڪا ۽ وچ آمريڪا ۾ پورچو گالين ۽ اسپيني ماڻهن جو قبضو هو. اتر آمريڪا ڪنڊ ۾ ڪئناڊا ۽ USA جي زمين تي فرينچ ۽ انگريزن جو قبضو ٿيو. وچ وچ ۾ ڪجهه حصن ۾ ڊچ ۽ جرمن به پير ڄمائيندا ويا. ڪي ڪمائي پنهنجي ملڪ مال ڪٽي تي ويا ته ڪي آمريڪا ۾ ئي رهي پيا جتي وڏو پئسو ۽ مال دولت ڪاهڻ لڳا. جنهن جو ڪجهه حصو هنن کي پنهنجين حڪومتن کي ٽئڪس طور ڏيڻو پيو ٿي. ان معاملي ۾ فرانس ۽ انگلينڊ وارن ٻاهه ٻاري ڏني هئي ته گهٽي کان گهٽو ٽئڪس ڏيو. شروع جا سال ته اهو ڪم بنا رنڊڪ جي هلندو رهيو پر پوءِ آخر آمريڪا ۾ رهندڙن اهو ئي سوچيو ته اسان جو هاڻ مرڻ جيئڻ هتي ئي آهي ۽ اسان جي اباڻي حڪومتن سان ڪهڙي ڳتي ڪهڙو خريف! آهستي آهستي ٿي هو برطانيا توڙي فرانس جي حڪومتن کي آڱوٺو ڏيکارڻ لڳا. پوءِ فرانس ته ٿڌو ٿيندو ويو پر برطانيا حڪومت 1763ع ڌاري آمريڪا ۾ رهندڙن تي جيئن ئي ٽئڪس وڌايا ته هنن انهن ٽئڪسن کي غير قانوني قرار ڏيئي ڀرڻ کان انڪار ڪيو ۽ آمريڪين Revolution جي شروعات هتان شروع ٿئي ٿي. آمريڪا ۾ رهندڙ انگريزن (جيڪي هاڻ آمريڪن ئي ٿيا) بوسٽن ۾ پنهنجي اصلي حڪومت (برطانيا)

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

خلاف مظاهرا ڪيا. جنهن جي جواب ۾ برطانيا وارن فوج موڪلي. آمريڪا ۾ رهندڙ ٻه چر پر ۾ اچي ويا ۽ 1775ع ۾ جنگ لڳي. جنهن ۾ فرينچ حڪومت انگريزن خلاف آمريڪين جي مدد ڪئي. 1776ع ۾ تيرهن رياستن ملي خود مختياريءَ جو اعلان ڪيو ۽ پنهنجو ملڪ USA ناهيو. برطانيا وارن ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته انهن پنهنجي ملڪ جي انگريزن کي جي هاڻ پرڏيهه ۾ بالم تي آمريڪن تي ويا هئا، انهن کي ڪلا هٽجن پر ڪامياب ٿي نه سگهيا. برطانيا طرفان آيل فوج جي ٻن وڏن جٿن مان هڪ 1777ع ۾ سارا توگا ۾ Capture ٿي ويو ۽ ٻيو 1781ع ۾ يارڪ ٽائون ۾ آڻ مڃي. برطانيا حڪومت جي وڏي خواري ٿي ۽ امن لاءِ 1783ع ۾ Treaty of Paris ناهي ويئي، جنهن ۾ برطانيا کي اهو قبول ڪرڻو پيو ته يونائيٽيڊ اسٽيس هڪ خود مختيار قوم ۽ ملڪ آهي، جنهن جون حدون اتر ۾ ڪئناڊا سان ۽ ڏکڻ ۾ اسپين جي قبضي واري رياست فلوريڊا سان ۽ اولهه ۾ مسي سپي نديءَ سان ملن ٿيون سو آمريڪا لاءِ American Revolution ۽ Treaty of Paris اهم شيون آهن. جن بعد آمريڪا هڪ الڳ ملڪ جي حيثيت سان وجود ۾ آيو ۽ پوءِ ٻيون رياستون به هن سان ملنديون ويون. اڄ هي ملڪ پنجاهه ملڪن يا رياستن جو هڪ گلدستو آهي.

اسان کي ڪرسٽل سٽي ۽ آرلنگٽن ڪائونٽي جون ڪجهه اهم عمارتون جهڙوڪ آمريڪا جي ڊفينس ڊپارٽمينٽ جي عمارت پينٽاگان ڏسڻ ۾ دير ٿي ويئي نه ته جنهن علائقي (اليگزئنڊرا) ۾ عرفان جماٽي رهي ٿو اهو شهر واشنگٽن کان، جتان هنن مون کي کنيو هو، ڪو ڏهه ڪلو ميٽر مس آهي. واشنگٽن کان ويجهو هجڻ ڪري هتي گهٽا ٽٽا اهي رهن ٿا. جيڪي واشنگٽن جي سرڪاري ۽ نيم سرڪاري آفيسن ۽ ٻين ادارن، اسٽورن ۽ هوٽلن ۾ ڪم ڪن ٿا. آهي ته هتي به رهائش تمام گهٽي مهانگي جو عرفان جي هڪ ڪمري واري فليٽ جي مسواڙ به 800 کن ڊالر (اڌ لک رپيا) ٿئي ٿي جيڪي هو پاڻ ۾ ٽي دوست ڦوڙي ڪن پر تڏهن به واشنگٽن کان سستو ٿيو. ”هاڻ آئون مئريلئنڊ يا پينسلوانيا رياست جي ڪنهن ٻهراڙي واري علائقي ۾ پنهنجو گهر وٺي رهڻ چاهيان ٿو.“ عرفان ٻڌايو.

عرفان کي ٽي ٻار آهن. وڏو عُمر ٻارهن کن سالن جو ٿيندو ان بعد ٻه ڌيئون صالحا ۽ شافعا آهن. هنن جو اصل ڳوٺ خيرپور آهي پر پڙهائيءَ خاطر سندس ٻار حيدرآباد ۾ رهن ٿا، جتي سندس 76 سالن جو والد صاحب ۽ سهرو پڻ رهن ٿا.عرفان جي شادي 1990ع ڌاري

عزيز الله جماڻي صاحب جي گهران صائمہ سان ٿي. عزيز الله حيدرآباد جي اسٽيشن برانچ واري يو بي ايل ۾ ڪافي عرصو مئنيجر ٿي رهيو.

عرفان جماڻي سائين جان محمد جماڻي صاحب جو ننڍو ۽ چوٿون نمبر فرزند آهي. سندس ڀيا ڀائر ضياءُ الدين ڳاڙهي موري (نوشهروفيروز)، ظهير جيڪو خيرپور ۽ حيدرآباد ۾ ۽ خورشيد سکر ۾ رهي ٿو.

خان محمد جماڻي سکر وارو ۽ سندس ڀائر لعل بخش جماڻي ۽ ڏٽي بخش جماڻي عرفان جا سڳا چاچا ٿين. عرفان جي جمر جي تاريخ پهرين آگسٽ 1969ع آهي. پاڻ ارڙهن اوڻهين سالن جو هو تہ 1988ع ۾ هتي آمريڪا ۾ اچي رهيو.

”عرفان تون پير جي ڳوٺ کان هتي پينسلوانيا پهتين ڪيئن؟“ مون عرفان کان پڇيو.

”مون کي منهنجي چاچي جي پٽ آمريڪا ۾ اچڻ لاءِ شوق ڏياريو“

عرفان ٻڌايو ”منهنجي چاچي خان محمد جي ٻن پٽن امتياز ۽ اشفاق مان امتياز گوڪل ڪمپنيءَ جي جهازن تي هو ۽ هن جو جهاز آمريڪا ايندو ويندو رهيو ٿي. هن اهو ئي جائزو لڳايو تہ آمريڪا پري صحيح پر اهڙو ملڪ آهي جتي هر انسان کي محنت جو صحيح طرح اجورو ملي ٿو جتي مستقبل آهي ۽ هو آمريڪا ۾ اچي Settle ٿيو. تن ڏينهن ۾ آمريڪا ۾ اچڻ يا رهڻ ڪو ڏکيو ڪم نہ هو. سو آئون بہ ٽڪيٽ پري هليو آيس ۽ روزگار خاطر مختلف جابس ڪندو رهيس. اڄ ڪلهہ هڪ دوست جي بزنيس کي Look after ڪريان ٿو.“

اسان عرفان جماڻيءَ جي شهر اليگزنڊرا ۾ گهٽو نہ ترسياسين. عرفان گهٽو ئي چانهہ يا ڪافي پيئڻ لاءِ زور پريو پر اهو ئي فيصلو ٿيو تہ وقت بچائجي ۽ اعجاز شيخ جي گهر (پينسلوانيا) پهچڻ دوران رستي تي جتي ساهي پٽبي اتي ڪٽي چانهہ پيئبي. هن وقت عرفان جي فليٽ تي اچڻ جو مقصد اهو هو جو اتان اعجاز شيخ جو ڪجهہ سامان ڪٽڻو هو خاص ڪري گوشت ۽ ڪجهہ مصالحا جيڪي هتي ۽ واشنگٽن ۾ سولائيءَ سان مليو وڃن ٿا.

”دراصل واشنگٽن ۾ مسلمان ملڪن جا سفارتخانا ۽ ٻيا ادارا هجڻ ڪري هتي جي ڪيترن ئي دڪانن تي حلال گوشت مليو وڃي.“ عرفان ٻڌايو ”اعجاز هاڻ شفٽ ڪيو آهي ۽ جيسين پنهنجي آس پاس ڪو حلال گوشت جو دڪان ڳولي، مون هن جي لاءِ هتان حلال گوشت وٺي فريزر ۾ رکي ڇڏيو هو.

## آمريڪا ۾ حلال ۽ حرام کاڌي جو مسئلو

ڪو زمانو هو جو آمريڪا، يورپ توڙي جپان پاسي رهندڙ مسلمانن لاءِ حلال شيءِ حاصل ڪرڻ وڏو مسئلو هوندو هو. حلال مان مراد فقط گوشت نه پر بيون شيون پڻ جهڙوڪ ڪيڪ، چاڪيلٽ، آئيس ڪريم، جيلي ۽ ويندي ٽَٿ پيسٽ وغيره جو جو انهن شين ۾ ڪانه ڪا شيءِ اهڙي ٿئي ٿي، جيڪا ان شيءِ کي مسلمانن لاءِ حرام ڪري ٿي، جيئين ته Lard (چربي) جيڪا ڊبل روٽي ۽ ڪيڪن ۾ عام ٿئي ٿي، جنهن جو واسطو سوئر سان آهي ۽ اهڙي طرح بيون شيون پر هاڻ جتي ڪٿي انهن شين جو نعم البدل مليو وڃي، پوءِ اها ٻي ڳالهه آهي ته اها حلال شيءِ عام ڪان ڪجهه مهانگي ملي ٿي پر مليو ضرور وڃي ٿي. اهو ان ڪري جو هينئر جتي ڪٿي مسلمانن جو تعداد تمام گهڻو آهي ۽ بزنيس خاطر اهڙين شين جي وڪري لاءِ نه فقط مسلمانن دڪان کوليا آهن(خاص ڪري انڊيا، پاڪستان، ترڪي، لبنان ۽ فلسطين جي مسلمانن) پر مڪاني آمريڪن گورن ۽ سکن ۽ هندن پڻ دڪان کوليا آهن، جن تي ٻين شين کان علاوه حلال گوشت پڻ ملي ٿو جنهن جي ذبيحا لاءِ هنن نندي کنڊ يا مصر جي مسلمان ڪاسائين کي رکيو آهي. نيوبارڪ ۽ نيو جرسي کان واشنگٽن ۽ ورجينيا تائين توهان کي هن قسم جي نالن وارا دڪان نظر ايندا، جن جي ٻاهران ”حلال“ جو لفظ به لکيل ڏسڻ ۾ ايندو.

اپنا بازار

ساران فوڊ مارڪيٽ

اورينٽ فوڊس

اسپائيس (مصالحا) مارڪيٽ

انڊوپاڪ بازار

حلال ميٽ ائنڊ مصالحا

دانه بازار

ڪابل مارڪيٽ

سبزي منڊي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ويندي ڪيترا دڪان ۽ هوٽلون جن جي نالن مان لڳي ٿو تہ هندن جون آهن پر انهن تي بہ حلال ڪاڌو ملي ٿو جيئن تہ روي ڪباب ريسٽورنٽ، بمبئي فوڊ ائنڊ گفٽس وغيره، انڊيا مني مارڪيٽ، تاج گروسري، مهاراجا........وغيره وغيره.

هنن ملڪن ۾ توڙي ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ ٿائيلينڊ جهڙن ملڪن ۾ ڪو بہ اسان جي ملڪ وانگر دڪان تي يا گهر جي اڱڻ تي ٻڪري يا رڍ ڏِٻي ڪهي نٿو سگهي. يورپ، جپان توڙي آمريڪا ۾ ڪوس جو ڪم فقط سرڪاري طرح مقرر ڪيل ذبيحا خانن Slaughter Houses ۾ ئي ٿئي ٿو ۽ پوءِ مارڪيٽ ۾ دڪانن تي ڪچي اچي ٿو. ماڻهو ڪلو گرامن جي حساب سان وٺن ٿا يا ڪڏهن بہ يا وڌيڪ دوست گڏجي سڄي ٻڪري يا رڍ جو گوشت حصا پتيون ڪن. 1960ع واري ڏهي جي آخري سالن ۾ جڏهن آءٌ پهريون دفعو آمريڪا آيو هوس تہ انهن ڏينهن ۾ آمريڪا ۾ نہ ايتريون مسجدون هيون نہ مسلمان هئا. (نيويارڪ ۾ تي مسجدون هيون اڄ ٻن سون کان مٿي آهن) انهن ڏينهن ۾ حلال شيون ملڻ جي ڏکيائي ڪري ڪاڌي پيتي جو وڏو مسئلو رهندو هو. اسان جو جهاز نيويارڪ يا هيوسٽن ۾ پهچڻ تي انهن ڏينهن ۾ اتي رهندڙ منهنجا سنڌي دوست ڏاڍو خوش ٿيندا هئا، جو هنن کي جهاز تي مهمانن جي حيثيت ۾ مفت ماني ملندي هئي ۽ هر وقت مختلف پاڪستاني ڊش کائڻ لاءِ ملندا هئا ۽ هو بي ڊپا ٿي هر شيءِ کائيندا هئا جو اسان جي پاڪستاني جهازن تي هر شيءِ حلال ئي استعمال ٿئي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن آئون هنن وٽ شهر ۾ وڃي رهندو هوس تہ پوءِ بشير مغل، نور احمد نظاماڻي، يوسف ڏاهري يا جهڏي جو مير مبارڪ ٽالپر پري پري کان ڪنهن يهوديءَ جي دڪان تان يا هن جي گهران گوشت وٺي ايندا هئا، جيڪو ڪوشر Kosher سڏبو هو جيئن اسان مسلمانن جو ذبح ڪيل گوشت حلال سڏجي ٿو. انهن ڏينهن ۾ اهو چيو ويو ٿي (۽ اڃا بہ ڪيترن ملڪن ۾ رهندڙ مسلمان چون ٿا) تہ يهودي الله جو نالو وٺي ٻڪري، رڍ يا ڳئون ذبح ڪن ٿا پر هاڻ ڏسان پيو تہ اڄڪلهہ هتي آمريڪا ۾ رهندڙ مسلمان "ڪوشر" کي "حلال" نٿا سمجهن جو هنن جو اهو چوڻ آهي تہ مسلمان جڏهن ڪنهن جانور کي ذبح ڪري ٿو تہ تڪبير پڙهي ٿو ۽ هر جانور تي سير وجهڻ مهل "بسم الله، الله اڪبر" چوي ٿو. يهودي بہ جانورن کي مسلمانن وانگر ڪهن ٿا پر هو هر جانور تي تڪبير هڻڻ بدران فقط هڪ دفعو جڏهن سلاٽر هائوس ۾ گهڙن ٿا، تہ پڙهن ٿا.

ڪوشر Kosher يهودين جو هيبرو زبان جي لفظ ڪاشر Kasher مان نڪتو آهي،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جنهن جي معنيٰ آهي ”صحيح“ Fit. ڊپارٽمينٽل اسٽورن ۾ ڪاڏي جي ڪيترين ئي شين تي توهان کي ”ڪوشر“ لفظ لکيل نظر ايندو جيڪو يهودين جي مذهبي اصولن مطابق هنن جي کائڻ لاءِ صحيح Proper آهي پر بقول هتي جي مولوين جي جيڪڏهن ڪنهن شيءِ تي ڪوشر لکيل آهي ته ان جو مطلب اهو هرگز نه آهي ته اهو حلال آهي.

هتي آمريڪا ۾ ڏلهي ليکي هيٺيون شيون حرام سمجهيون وڃن ٿيون. جيڪي هر مسلمان Avoid ڪري ٿو.

سوئر

ڪنهن جو به رت

چيرينڊڙ ڦاڙينڊڙ جانور ۽ پکي

تقريبن سيئي نانگ بلائون ۽ جيت جڻيا

مردار جانور

اهي حلال جانور جيڪي اسلامي طرح ذبح نه ڪيل آهن

وائين Ethyle Alcohal ۽ هر قسم جا Spirits

ڪجهه ڳالهيون جن لاءِ هتي هر مسلمان کي ڌيان ڌرڻ لاءِ چيو وڃي ٿو.

جيڪا به شيءِ خريد ڪريو ان جي ليبل تي Ingredients ضرور ڏسندا ڪيو. ان بنا هرگز خريد نه ڪريو. جيڪڏهن انهن ۾ ڪو به اهڙو حرام جو جزو موجود آهي ته اها شيءِ هرگز خريد نه ڪريو.

ڪڏهن به سپر مارڪيٽ مان ڪنهن به قسم جو گوشت, قيمون يا ڪواب نه خريد ڪريو. ان قسم جون شيون ”حلال ميٽ اسٽور“ تان وٺو.

فاسٽ فوڊ ريسٽورنٽ جهڙوڪ مئڪڊونالڊ, برگر ڪنگ, پيزا هٽ, ڪينٽڪي, فرائيڊ چڪن KFC وغيره تي کائڻ کان گريز ڪريو. سندن چوڻ موجب سندن ڪجهه شيون ڪٺي حرام نه هجن پر بهتر آهي ته اهڙن هنڌن تي کائڻ کان پاڻ کي بچائجي.

هيٺيون شيون خريد ڪرڻ وقت بيحد خبردار رهڻ کپي جو ڪڏهن ڪڏهن انهن ۾ ڪو هڪ يا به Ingredients اهڙا شامل ٿيل هوندا آهن, جن ڪري اها شيءِ مسلمان لاءِ حرام ٿيو وڃي, جيئن ته ڪجهه سوپ, پوءِ پلي ڪٺي ڪارن سوپ هجي پر ڪن هوٽلن ۾ ان ۾ گوشت جا ننڍا ٽڪر پڻ وڌا وڃن ٿا يا ڪيڪ ۽ بيڪري جا بسڪيٽ جن ۾ جانورن جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چربي تي سگهي ٿي، چاڪليٽ، آئيس ڪريم يا ڏورو جنهن ۾ مرم (شراب) يا جانورن جي هڏن مان ٺهيل جيلي Gelatin يا ٻيو ڪو حرام Ingredients ٿي سگهي ٿو. بهرحال ڪابہ اهڙي شيءِ خريد ڪرڻ وقت مسلمانن کي انهن جي ليبل تي جانچڻ ڪپي تہ ان ۾ ڪهڙا Ingredient شامل آهن. هتي جي اسلامي ائسوسيئيشن ۽ اسلامڪ سينٽرن طرفان وقت بہ وقت اهڙن Products ۽ Ingredientsجي لسٽ شايع ٿيندي رهي ٿي، جن کان مسلمانن کي پرهيز ڪرڻ لاءِ چيو ويجي ٿو. انهن مان ڪجهہ Ingredients هن ريت آهن.

الڪوحل ـ شراب

Animal Shortening ـ جانورن جي چڪنائي جنهن سان ڊبل روٽي ۽ ڪيڪن کي چمڪ ڏيڻ خاطر، انهن مٿان، هن سان مکُ ڏنو ويجي ٿو.

Animal Fat ـ جانورن جي چربي (هونءَ حلال جانورن جي چربي اسان جي ملڪ ۾ ڪاڊي وڃي ٿي جو اهي جانور اسان وٽ اسلامي طريقي سان ذبح ڪيا وڃن ٿا پر هتي آمريڪا ۾ ڪنهن ڪيڪ، چاڪليٽ يا فراءِ ٿيل Nuts بادامن، ڪاڄن جي لفافن يا دٻن تي Animal Fat لکيل آهي تہ توڙي ڪٽي ٻڪري، رڍ يا ڪنهن ٻئي حلال جانور جي چربي هجي پر جيئن تہ اهو جانور هتي اسلامي طرح ذبح ٿيل ناهي، ان ڪري ان Gredient واري شيءِ کائڻ لاءِ مسلمانن کي منع ٿيل آهي.

Bacon ـ سوئر جي گوشت جي ڪابہ شيءِ

Broth ـ يخني، جيڪڏهن Animal Broth لکيل آهي تہ ان شيءِ کان پرهيز ڪجي.

Enzymes ـ جيڪڏهن Microbial Enzymes لکيل آهي تہ پوءِ صحيح آهي پر رڳو Enzymes لکيل آهي تہ پوءِ اها شڪ جي ڳالهہ آهي جو اهي ڪنهن جانور مان بہ نڪتل ٿي سگهن ٿا.

Ethanol

Ethoyle Alcohal

Gelatin ـ هيءَ شيءِ جانورن جي هڏين مان ٺاهي وڃي ٿي ۽ ان جو استعمال اڪثر جيلين ۾ ٿئي ٿو.

Gin جن جيڪو شراب جو قسم آهي، ڪيترين ئي بيڪري جي شين ۽ بار بيڪيو ۾ استعمال ٿئي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

Ham هئم

L_Gysteine جيڪڏهن انسانن جي وارن مان نڪتل آهي تہ ان لاءِ حرام جي فتويٰ مليل آهي.

Lard_ جانورن جي چربي خاص ڪري سوئر جي.

Lipase_ جانورن مان نڪتل خامرو واري شي کان پرهيز ڪجي.

Pepsin

Rennet_ هيءَ شيءِ جيڪا ڪيترن ئي ڪاڙن ۾ بيڪريءَ جي شين ۾ استعمال ٿئي ٿي، جيڪڏهن ٻاجين ۽ ٻوٽن Plants مان نڪتل آهي يا Microbial يا Synthetic آهي تہ اها حرام ناهي پر Rennet جيڪڏهن جانور يا ڪنهن کير پيئندڙ ڦر جي پيٽ مان نڪتل آهي تہ پوءِ حرام قرار ڏني ويئي آهي.

Rum_ شراب جو قسم

Stock (جانورن جي اوٻاريل هڏين مان نڪتل Wine Ingredient شراب

Tallow_ سخت قسم جي چربي ۽ گودو جيڪو اڪثر جانورن جي نرين مان ڪڍيو وڃي ٿو جنهن مان صابڻ ۽ ميڻ بتيون بہ ٺهن ٿيون.

Vanilla extract /Flavour

Whey

بهرحال مٿيون اهڙيون شيون Ingredients آهن. جن کان مسلمانن کي سختيءَ سان پرهيز ڪرڻ کپي. هتي جي ملڪن ۾ دڪانن تي وڪامندڙ هر شيءِ خريد ڪري کائي نٿي سگهجي. هر شيءِ چاهي ڪيڪ بسڪيٽن جو پئڪيٽ هجي يا پٽاٽو چپس، مڪاني قانون مطابق ان جي ٻاهرين دٻي يا لفافي Wrapper تي لڳل ليبل تي Ingredients جا نالا پڙهڻ کپن تہ ان شيءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا استعمال ٿيل آهن. ڪيتريون اهڙيون شيون آهن، جيڪي يهودي ۽ هندو بہ مذهب جي خيال کان استعمال نٿا ڪن. ڪيترين شين ۾ تہ انساني عضوا يا انسان جون خارج ڪيل شيون استعمال ڪيون وڃن ٿيون. جيئن 1980ع واري ڏهي ۾ جڏهن آئون ملائيشيا ۾ هوس تہ اتي Oil of Ulay نالي هڪ ڪريم تي وڏو گوڙ مچي ويو هو. خبر پيئي تہ ملائيشيا جون ڇوڪريون جيڪي پنهنجي سونهن وڌائڻ لاءِ سڀ کان گهڻي ڪريم "آئل آف اُلي" استعمال ڪن ٿيون ان ۾ اهم Ingredient عورت جي "عور

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

Placenta جنهن کي ملئي ”عوري“ سڏين ٿا. آهي. اها پڻ ماڻهن کي خبر پئجي ويئي ته سنگاپور جي جنرل اسپتال ۾ في عور هڪ ڊالر ۾ خريد ڪئي وڃي ٿي ۽ هن ڪريم جي گهڻي کپت ڪري انگلينڊ بدران سنگاپور ۾ ئي ناهي وڃي ٿي. بهرحال ان تي مذهبي ماڻهن ۽ سائنسدانن جا ڪافي بحث هلندا رهيا، جن جو تفصيل ملائيشيا جي سفر نامي واري ڪتاب ۾ ڏئي چڪو آهيان. سو اهڙي قسم جي شين Products بابت هتي جون مڪاني اسلامي جماعتون هتي رهندڙ مسلمان کي اخبارن، انٽرنيٽ ۽ اسلامڪ سينٽرن ذريعي ٻڌائينديون رهن ٿيون ته ڪهڙيون شيون حلال آهن ۽ ڪهڙيون حرام. واشنگٽن مان نڪرندڙ هڪ اسلامي اخبار جي گذريل جمعي واري پرچي ۾ پڙهيل ڪجهه معلوماتي سوال هن وقت ياد اچي رهيا آهن، جن مان پنهنجي ملڪ ۾ پڙهندڙن کي Idea ٿي سگهندي ته هتي آمريڪا ۾ رهندڙ مسلمان روزمره جي استعمال جي شين بابت معلومات يا مونجهارن جو جواب هتي جي علمائن کان پڇندا رهن ٿا. نموني خاطر ٻه ٽي سوال هن ريت آهن.

سوال: هتي (آمريڪا) ۾ ملندڙ ڪيترين هار سينگار Cosmetics جي شين ۾ Urea نالي هڪ Ingredient استعمال ٿئي ٿو اهي شيون جن ۾ يوريا استعمال ٿئي ٿو حلال آهن يا حرام؟

جواب: يوريا هڪ ڪيميڪل ڪمپائونڊ آهي، جيڪو Synthetic ٻه ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن جانورن جي Urine مان به حاصل ڪري سگهجي ٿو. Synthetic (يعني هٿرادو ٺهيل) يوريا واريون شيون استعمال ڪري سگهجن ٿيون پر جانورن جي پيشاب مان ڪڍيل يوريا نجس (پليد) آهي. ڪيمسٽري (سائنس) کان اڻ واقف پڙهندڙ Synthetic (هٿرادو) ۽ قدرتي طرح حاصل ڪيل شين کي هن مثال مان سمجهي سگهن ٿا ته کنڊ يا ڳڙ ڪاربن، آڪسيجن ۽ هئڊروجن جي مقرر جزن جو نالو آهي. هاڻ توهان چاهي اها کنڊ ڪمند کي نپوڙي حاصل ڪيو يا ڪاربن، هئڊروجن ۽ آڪسيجن جا مقرر جزا ملائي Synthetic طريقي سان کنڊ ٺاهيو.

سوال: ڇا اهي سڀ پنيرن Cheese جا قسم جن ۾ rennet مليل آهي، حرام آهن؟ ملائيشيا ۾ ڪيترائي پنيرن جا قسم وڪامن ٿا (ويندي ڪرئفٽ ڪمپنيءَ جو چيز) ۽ ڪجهه ۾ ته ليبل مطابق rennet به پيل آهي پر ملائيشيا جي واسطيدار ڪاتي طرفان ان تي ”حلال“ جو ٺپو لڳل آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جواب: هر اهو پنير جنهن ۾ Rennet استعمال ٿيل آهي حرام ناهي. جيڪڏهن ڪنهن حلال ۽ اسلامي طرح ذبح ٿيل جانور جو Rennet استعمال ٿيل آهي ته اهڙو پنير يا ڪا ٻي شيءِ ڪائي سگهجي ٿي ۽ جيڪڏهن ملائيشيا وارن ان کي حلال قرار ڏنو آهي ته اهو ضرور صحيح هوندو.

سوال: آمريڪا ۾ رهندڙ اسان جو هڪ پاڪستاني دوست چوي ٿو ته اهو صابڻ جنهن جي ٺهڻ ۾ سوئر جي چربي استعمال ٿئي ٿي اهو مسلمان استعمال ڪري سگهن ٿا. ان سلسلي ۾ هو ڪراچيءَ جي دارل افتدا جي مفتي رشيد احمد جي ڏنل فتويٰ جو حوالو ڏئي ٿو.

جواب: اسان کي ان بابت ڪا خاطري ناهي ته مفتي رشيد ان سلسلي ۾ ڪا فتويٰ ڏني آهي. بهرحال ان قسم جو سوال هن کان اڳ به پڇيو ويو آهي، جنهن جو جواب توهان جامعيه بنوريا، ڪراچي وارن جي ويب سائيٽ http:/www.binoria.org/q&a/ تي پڙهي سگهو ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## دين ڌرم ۽ اخلاقيات کي ڇڏڻ جا نتيجا

عرفان جماڻي جنهن سان گڏ حيدرآباد جو اعجاز شيخ بہ هو ۽ هو مون کي واشنگٽن مان ڪٽي اعجاز شيخ جي گهر هلي رهيو هو سو رستي تي پنهنجي رياست ورجينيا مان ٿيندو هليو جتان هن اعجاز لاءِ ورتل حلال گوشت پنهنجي فليٽ تان کنيو.

”منهنجي خيال ۾ ورجينيا رياست جي ڪرسٽل سٽي، پينٽاگان ۽ تنهنجي رهائش واري شهر اليگزئنڊرا جو چڱو ديدار ٿي ويو. هاڻ اڳتي جي منزل ڏي پنڌ ڇڪجي.“ مون پوٽو مئڪ نديءَ جي الهندي ڪناري تي اڏيل هن جهوني شهر جي اوچين عمارتن ۽ وچ وچ ۾ ٿهيل پارڪن ڏي نگاهہ ڊوڙائيندي عرفان جماڻيءَ کي چيو. هن شهر جو اليگزئنڊريا نالو هڪ جهوني جهازي ڪئپٽن فلپ اليگزئنڊرا (ڄم جو سال 1704ع وفات 1753ع) تان پيو. جيڪو هتي اچڻ تي اج واري ڊيوڪ اسٽريٽ وٽ اچي رهيو هو.عرفان جماڻيءَ ٻڌايو تہ هتي جا ماڻهو چون ٿا تہ هي شهر 1828ع کان 1836ع تائين دنيا جي بدنام بزنيس ”غلامي“ Slavery کان مشهور رهيو. آفريڪا کان آندل غريب شيدين جو هتي غلامن طور وڪرو ٿيندو هو ۽ هتان آمريڪا جي ٻين رياستن ڏي ڪين موڪليو ويو ٿي. غلامن کي زنجيرن ۾ ٻڌي سوگهو رکڻ واري عمارت کي بعد ۾ هن رياست جو جيل خانو مقرر ڪيو ويو.

1870ع ۾ اليگزئنڊريا شهر کي خود مختيار ڪائونٽي بنايو ويو ۽ پوءِ اڳتي هلي 1920ع ۾ هن جي هڪ حصي کي آرلنگٽن ڪائونٽي قرار ڏنو ويو. جيڪا اتر ۾ آهي. اليگزئنڊرا جي ڏکڻ ۾ هن رياست ورجينيا جي هڪ ٻي مشهور ڪائونٽي فيئر فئڪس آهي. هتان نڪرڻ وقت ڪجهہ گهٽين ۽ عمارتن جا نالا آئون جلدي جلدي پنهنجي ڪاپيءَ تي لکندو ويس. ڪنگ اسٽريٽ، ڪامن ويلٿ ايوينيو ڊيوڪ اسٽريٽ، مارڪيٽ اسڪائر، سينٽ اسٽيفن اسڪول، ورجينا ڪامن ويلٿ يونيورسٽي، لٽل ٿيٽر، واشنگٽن ميموريل وغيره. ايڊسل (Edsal) روڊ تان لنگهڻ وقت اداره دعوت و ارشاد (Idara Dawat_o_Irshad) جو بورڊ نظر آيو ۽ Hume ايوينيو تان لنگهڻ وقت هڪ عمارت جي ٻاهران Islamic Circle of North America جو بورڊ پڻ ڏسڻ ۾ آيو.

عرفان جماڻيءَ ٻڌايو تہ نائن اليون ڪانپوءِ جتي آمريڪا طرفان مسلمانن تي سختي ٿي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آهي اتي ڪيترائي آمريڪن گورا توڙي هتي جا شيدي، اسلام بابت پڙهي مسلمان ٿيندا وڃن جن جو اندازو ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مسجدن، اسلامڪ سينٽرن، اسلامي تعليمي درسگاهن ۽ اسلامي ائسوسيئيشن مان لڳائي سگهجي ٿو.

”هتي رهي دين بابت معلومات ۽ نماز روزي جو پابند تون ڪيئن ٿئين؟“ مون عرفان کان پڇيو.

”مون سان گڏ رهندڙ ٻه پنجابي دوست بيحد نيڪ ۽ پرهيز گار قسم جا آهن، جيڪي ويندي تبليغ تي به وڃن ٿا. انهن جي صحبت ۾ رهي مون کان به جيڪو وقت پڇي ٿو مسجد ۾ نماز پڙهان ٿو نه ته گهر ۾ يا رستي يا آفيس ۾ پڙهان ٿو“ عرفان ٻڌايو.

”جمعي نماز ڪٿي پڙهو؟“ مون پڇيو.

”آئون پنهنجن دوستن سان گڏ پر واري شهر ”فالس چرچ“ ۾ جمعي نماز لاءِ ويندو آهيان،“ عرفان ٻڌايو ”Falls Church شهر جي Row Street ۾ دار الهجره مسجد ۾ جمعي نماز سوا هڪ بجي ٿئي ٿي. اتي اسلامي ڪتابن جو دڪان پڻ آهي، جتان مختلف عالمن جا ڪتاب خريد ڪندا آهيون. مون کي ڪتاب پڙهڻ جو ڏاڍو شوق آهي. ڪڏهن ڪڏهن Spring field شهر ڏي هليا ويندا آهيون، جتي جي ڪامرس اسٽريٽ تي دارالهديٰ نالي مسجد آهي، جتي هڪ بجي خطبو شروع ٿئي ٿو ۽ ڏيڍ بجي نماز دارالهديٰ ۾ هر روز شام جو پنجين کان اٺين تائين درس (واعظ) پڻ ٿئي ٿو ۽ هر عمر جا ماڻهو ٻڌڻ لاءِ اچي سگهن ٿا.“

ورجينيا رياست ۾ رهندڙ پيٽارو جي ڪجهه دوستن ٻڌايو ته اسپرنگ فيلڊ شهر جي هن دارالهديٰ ۾ ٻارن جو اسڪول پڻ آهي، جتي هنن جا ٻار آچر ڏينهن اسلامي تعليم حاصل ڪن ٿا. ان قسم جا Sunday Schools جتي ڪٿي نظر اچن ٿا، جتي مسلمانن جا ٻار اسلام بابت معلومات حاصل ڪن ٿا. ظاهر آهي ته آمريڪا جي اسڪولن ۾ اسان جي ملڪ جي اسڪولن وانگر دينيات جو سبجيڪٽ نٿو پڙهايو وڃي، پوءِ اهي والدين جيڪي چاهين ٿا ته هنن جا ٻار مغرب جي سوسائٽيءَ ۾ رهي به پنهنجي مذهب ۽ ڪلچر جي چاڻ رکن، اهي پنهنجي آرام واري ڏينهن تي ٿوري تڪليف وٺي پنهنجن ٻارن کي هفتن Sunday اسڪولن ۾ ٽن چئن ڪلاڪن لاءِ ڇڏيو وڃن ٿا. ان بابت نيو جرسي جي فلڪ شير، بالٽيمور جي ڊاڪٽر منور عباسي، نيويارڪ جي ڊاڪٽر رمضان انڙ ۽ ٻين به ٻڌايو ته هو آچر واري ڏينهن تي پنهنجن ٻارن کي ويجهي واري اسلامڪ سينٽر ۾ وٺي وڃن ٿا. اهڙي

طرح نيو جرسي ۾ رهندڙ گهوٽڪي جي رميش ٿارواڻيءَ، ڪولوروڊو جي ڪنڌياري واري پروفيسر رامچند ۽ ڪئليفورنيا ۾ رهندڙ پيٿارو جي ببيڪشن ٻڌايو ته آچر ڏينهن هو پنهنجن ٻارن کي هندو مت جي ڄاڻ لاءِ وسواڻي سينٽر ۾ يا ڪنهن ويجهي مندر ۾ وٺيو وڃن ٿا. اهڙين ڳالهين لاءِ نه هتي جي حڪومت طرفان جهل پل آهي ۽ نه مڪاني گورا ماڻهو خراب سمجهن ٿا. ٻين لفظن ۾ هتي هر ڳالهه جي آزادي آهي. ڪنهن کي به ڪنهن ڳالهه لاءِ جهل پل ناهي. جيستائين ڪو به ماڻهو دنگو فساد نٿو ڪري يا عوام ۽ پبلڪ پراپرٽيءَ کي نقصان نٿو رسائي، هن کي ڪو جهلي نٿو سگهي.

اعجاز شيخ ٻڌايو ته مئريلئنڊ رياست، جتان هو شفٽ ٿي ويو آهي ۽ جتي هن وقت اسان سندس باقي رهيل سامان کڻڻ لاءِ وڃي رهيا آهيون اتي پڻ نه فقط هندن ۽ سکن جا مندر ۽ ٽڪاڻا آهن پر مسلمانن ويندي شيعن، سنين، احمدين جون مسجدون آهن. احمدين جي هڪ اهڙي جامع مسجد (بيت رحمان) اعجاز جي هن پراڻي واري گهر واري علائقي Silver Spring ۾ آهي. ان جو احوال ڪتي پٽي هنڌ ڪنداسين جتي مون کي قاضي احمد جو هڪ پيٿارين دوست سميع جادرن وٺي هليو هو جيڪو گذريل ويهن سالن کان هتي آمريڪا ۾ رهي ٿو.

مئريلئنڊ رياست جي ڪجهه اهم مسجدن جا نالا جن بابت اعجاز کي ڄاڻ هئي ۽ مون کي لکرائين هن ريت آهن:

روٽ 108 تي Ellicott نالي شهر ۾ دار التقويٰ نالي مسجد (فون نمبر 5711-997-410)

گئٿرس برگ شهر ۾ اسلامڪ سينٽر آف مئريلئنڊ، جيڪو وڊ فيلڊ روڊ تي آهي (فون نمبر 9440-840-301)

لائريل نالي شهر جي Contee روڊ تي اسلامڪ ڪميونٽي آف Lourd (فون نمبر 5484-317-301)

پوٽو مئڪ شهر جي Montrose Rd روڊ تي اسلامڪ ايڊيوڪيشن سينٽر IEC (فون نمبر 2070-340-301)

بالتيمور شهر ۾ جوني ڪيڪ روڊ تي مسجد راحما ۽ Islamic Cantre of Baltimore. جتي ٻارن لاءِ اسلامي تعليم جو اسڪول به آهي (فون نمبر 4869-747-

410 ۾ اسڪول جو نمبر 0921_719_410)

مئريلئنڊ رياست جي هن شهر بالٽيمور ۾ (جيڪو رياست جو وڏي ۾ وڏو شهر ۽ بندرگاهه آهي، جتي اسان ڪي 35 سال کن اڳ پاڻي جي جهاز ڪي ڪيترائي دفعا وٺي اچڻ ٿيو ان ۾) انهن ڏينهن ۾ ڪنهن خاص مسجد جو نه ٻڌڻ ۾ آيو ۽ نه گس پنڌ تي نظر آئي ٿي ۽ جيئن شروع ۾ لکي آيو آهيان ته تن ڏينهن ۾ هتي اسان جي ملڪن جا مسلمان به تمام گهٽ نظر آيا ٿي. عراق، مصر، لبنان ۽ ٻين عرب ملڪن جا مسلمان ته ڪي ورلي نظر آيا ٿي پر هينئر 35 کن سالن بعد جڏهن هيڏانهن آيو آهيان ۽ بالٽيمور به ٻه چار دفعا ٽرين ۾ يا رميش ٿارواڻيءَ سان گڏ هن جي ڪار ۾ اچڻ ٿيو آهي ته هن شهر جي ڪيترن ئي هنڌن تان لنگهندي مسجدون نظر آيون آهن جهڙوڪ نارٿ ايوينيو تي مسجد الصفات، مارٽن لٿر ڪنگ ايوينيو تي مسجد تقويٰ النور ۽ بالٽيمور ۾ هڪ رستي جو نالو Islamic Way روڊ به آهي، جنهن تي مسجد الحق آهي، وغيره وغيره.

بالٽيمور جي سلور اسپرنگ شهر ۾ جتي گڊ هوپ روڊ تي احمدين جي مسجد بيت رحمان آهي، ان شهر جي نيو هئمپ شائر روڊ تي مسلم ڪميونٽي سينٽر پڻ آهي، جتي سنڌي اسڪول ۾ قرآن پڙهائڻ جو بندوبست پڻ آهي. ان جو فون نمبر 3454_384_301 آهي. اهڙي طرح لنهام شهر جي Lanham Severn روڊ تي مسلم ائسوسيئيشن ڪميونٽي سينٽر پڻ آهي، جنهن جو فون نمبر 4942_459_301 آهي.

آمريڪا ۾ ڪيترائي اهڙا آهن. جيڪي آمريڪا جهڙي مغربي دنيا ۾ رهڻ ضرور پسند ڪن ٿا پر ساڳئي وقت هو پاڻ ۽ پنهنجي اولاد کي پنهنجي مذهب ۽ ڪلچر کان بيگانو ڪرڻ به نٿا چاهين. انهن مان حيدرآباد جو هي اعجاز شيخ ۽ خيرپور جو عرفان جماڻي آهي، جن سان هن وقت ورجينيا رياست لتاڙي مئريلئينڊ رياست جي سلور اسپرنگ ڪائونٽيءَ ڏي وڃي رهيو آهيان. عرفان ٻڌايو ته اسڪولي تعليم سان گڏ هن جا ٻار گهر ۾ قرآن پڻ پڙهن ٿا. ان معاملي ۾ ٻارن جي ماءُ پڻ سخت آهي ته ٻارن کي ننڍي هوندي کان مذهبي تعليم ڏني وڃي. مذهب اسان کي سٺيون ڳالهيون ٿو سيکاري، نيڪ ٿي هلڻ جي تلقين ٿو ڪري.

”آئون پڻ انهي خيال جو آهيان،“ اعجاز چيو ”ٻار ڪجهه وڏا ٿيڻ تي آئون کين ڪجهه سال پاڪستان ۾ رکندس جيئن هو ديني تعليم حاصل ڪري سگهن.اهو مون زال کي چيو آهي ته پوءِ اهو هوائي جهاز جي ڀاڙن جو خرچ ڪري سال ۾ ٻه دفعا آئون پيو پاڪستان گهمڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ايندس ۾ بہ دفعا موڪلن ۾ تون پئي هيڏانهن آمريڪا اچجانءِ جيسين ٻار وڏا ٿين ۽ پنهنجي مذهبي ۽ اخلاقي قدرن کي پسند ڪن ۽ انهن تي پختا رهن.“

I think there is a sense in it مون وراڻيو.

”هتي ٽي چار سال رهڻ جي تجربي مان مون اهو حاصل ڪيو آهي.“ اعجاز شيخ ٻڌايو”تہ آمريڪا جهڙن ملڪن ۾ اهي ڪامياب ٿا رهن جن جي ٻارن کي مذهبي تعليم ۽ مشرقي اخلاق جي ڄاڻ آهي. ٻيا ٻار هتي جي رنگينين ۾ توائي ٿيو وڃن ۽ پوءِ والدين بہ پريشانين ۾ گذارين ٿا.“

اعجاز سندس پاڙي ۾ رهندڙ هڪ بنگلاديش جي مسلمان پروفيسر جو احوال ٻڌايو (جنهن جهڙا ڪيترائي مثال ملندا) تہ هن جو هڪ غريب فئملي سان تعلق آهي پر محنتي هجڻ ڪري ۽ پڙهائي ۾ هوشيار ٿيڻ ڪري هن کي هر وقت اعليٰ تعليم لاءِ اسڪالرون ملنديون رهيون. آمريڪا مان Ph.D ڪرڻ بعد هن کي هتي ئي وڏي نوڪري ملي ويئي ۽ هن پنهنجن ٻارن کي بہ ان ئي وقت هتي آمريڪا ۾ گهرائي ورتو. جيتوڻيڪ پاڻ نيڪ طبيعت جو انسان آهي پر ڪجھ نوڪريءَ ۾ مشغول هجڻ ڪري ۽ ڪجھ سستيءَ ۽ بي ڌيانيءَ ڪري هن پنهنجن ٻارن تي ڌيان نہ ڏنو. ٻار پنهنجي مذهب ۽ ڪلچر کان بي خبر رهي هتي جي ٻارن سان گڏ آزاد گهمڻ لڳا ۽ خاص ڪري هنن جي سنگت اهڙن سان ٿي پيئي، جن کي پڙهڻ جو بہ شوق نہ هو. اڄ هن جا ٻار ارڙهن سالن کان وڏا آهن. يعني مائٽن جي چئي مڃڻ کان آزاد آهن. هنن کي نہ مذهب جو فڪر آهي نہ ماءُ پيءُ جو خيال. هنن لاءِ شراب، ڊانس، گرل فرينڊ ۽ بواءِ فرينڊ جو چڪر سڀ ڪجھ آهي. ”آئون سندس پاڙي ۾ اچي رهيس“ اعجاز ٻڌايو ”تہ پروفيسر صاحب اکين ۾ ڳوڙها آڻي پنهنجن ٻارن جو ٻڌايو تہ نہ هنن کي اسان پوڙهن جي عزت آهي ۽ نہ پڙهائيءَ جو فڪر اسان جا تہ ڄڻ ٻئي جهان هليا ويا. ڇوڪرا تہ ٺهيو پر ڇوري بہ چوي ٿي تہ ڊيڊي دس از ماءِ لائيف! توهان پنهنجي زندگي گذاري چڪائو. هاڻ ڪين ڪير سمجهائي تہ غيرت ۽ اخلاق بہ ڪا شيءِ آهي. آئون نواکلي جهڙي ڳوٺ جو غريب ٿي ڪري بہ اعليٰ تعليم حاصل ڪري سٺي نوڪري ڪريان پيو. توهان آمريڪا جهڙي شهر ۾ هر سک مهيا هوندي بہ پڙهي نہ سگهيا آهيو ۽ توهان جو مستقبل ڪنهن هوٽل يا دڪان ۾ مزور ٿي ڪم ڪرڻ آهي يا ٽرڪ ڊرائيور يا ڪلينر ٿي لوفرن وانگر رلڻو آهي......“

اعجاز شيخ ٻڌايو تہ پروفيسر صاحب کي ڏاڍو ڏک آهي تہ هن جا ٻار هن جي هٿن مان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

نڪري ويا. جنهن ۾ هو پنهنجي ئي غلطي تسليم ڪري ٿو ته هن ڪچيءَ ۾ ڏيان نه ڏنو ”پيو نه ته هنن جو ننڍي هوندي مذهب ڏي لاڙو ڪريان ها ته گهٽ ۾ گهٽ هنن کي اچ پنهنجن وڏن لاءِ پيار ۽ عزت هجي ها. پنهنجو مستقبل تباهه نه ڪن ها. شراب نوشي ۽ آواره گردي جهڙين عادتن ۾ نه ڦاسن ها... وغيره وغيره.........“ بهرحال اسان جي ملڪ جي به ڪيترن ماڻهن جا هن ملڪ ۾ اسن قسم جا يا ان سان ملندڙ جلندڙ مسئلا آهن. هڪ ڳالهه هتي لکڻ ضروري سمجهان ٿو. بلڪ اها غلط فهمي دور ڪرڻ چاهيان ٿو جيڪا اسان جي ماڻهن کي اڪثر آهي ته آمريڪا يا يورپ ۾ رهندڙ هر گوري جي فئملي ۾ هن جا ٻار شراب پيئن ٿا، نشو ڪن ٿا، مائٽن ۽ وڏن جي عزت نٿا ڪن. نه. اها ڳالهه هرگز ناهي. سٺا ۽ خراب ماڻهو جتي ڪٿي آهن. هتي آمريڪا ۾ به ڪيترين ئي اهڙيون فئمليون آهن، جيڪي مٿين شين کي خراب سمجهن ٿيون. هنن جا ٻار اخلاق جي دائري ۾ رهن ٿا. والدين ۽ پاڙيسرين جي عزت ڪن ٿا. ڇو جو هڪ سٺو عيسائي يا سٺو يهودي به شراب ۽ نشي جهڙين شين کي اوترو ئي خراب سمجهي ٿو جيترو هڪ سچو مسلمان. اهو مائٽن تي مدار رکي ٿو ته هو پنهنجي اولاد جي سنگت تي نظر رکن. ڇو جو ڪيترا ٻار برن جي سنگت ۾ رهي برا ٿيو وڃن ۽ ان خيال کان آمريڪا يا يورپ ته ڇا اسان جي ملڪ ۾ به ماڻهو خراب ٿيو وڃن ۽ نه فقط وڏن شهرن ۾ پر ننڍين ڳوٺن ۾ به. اسان جي شهر هالا جي هڪ ڀرواري واري ڳوٺ ۾ وجڻ ٿيو جتي اڄ کان پنجاهه سال اڳ بيڙي پيئڻ به عيب ۽ علت سمجهيو ويو ٿي. ماڻهن گهرن ۾ يا دڪانن ۾ لڪي حُقو پيئندا هئا. گذريل سال ان ڳوٺ ۾ ويس ته اهو معلوم ڪري افسوس ٿيو ته ڳوٺ جا نوجوان جيڪي هاريو يا مزوري ٿا ڪن، انهن جو سڄو پئسو نشي ۾ وڃي ٿو هو. ان تي فخر ٿا ڪن. اسان وٽ ڪم ڪندڙ همراهه کي چيم ته شراب ته هڪ مهانگي شيءِ آهي، اهو ڪيئن ٿا افوڊ ڪريو؟

هن ٻڌايو ته اهو اتي ڳوٺ ۾ ئي ٻبر جي ڇوڏن مان ناهيو وڃي ٿو جيڪو صحت لاءِ تمام نقصانڪار آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن گهٽي پيئڻ ڪري موت به ٿئي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## آمريڪا گهمڻو آهي تہ ايڪسپريس وي کان پاسو ڪريو

اسان ورجينيا رياست کان پير واري مئريلينڊ رياست وڃڻ لاءِ 495 انٽر اسٽيٽ فري وي ورتو هو. آمريڪا ۾ هڪڙا هاءِ وي آهن، جيڪي فقط ان رياست جي مختلف شهرن کي ڳنڍيين ٿا، ٻيا جيڪي انٽر اسٽيٽ سڏجن ٿا، اهي هڪ رياست کان ٻيءَ ۾ ۽ ٻيءَ کان ٽيءَ ۾ وڃيو وڃن. هتي جو انٽر اسٽيٽ هاءِ وي سسٽم ”ايڪسپريس ويز“ پڻ سڏجي ٿو. رستن جو هي سسٽم نہ فقط آمريڪا جا وڏا وڏا شهر ڳنڍيي ٿو پر هي رستا ڪيترن شهرن جي وچ (مرڪز) جنهن کي آمريڪا ۾ ڊائون ٽائون سڏين، مان پڻ گذرن ٿا. هي هاءِ ويز جيڪي هڪ رياست کان نڪريو ٻيءَ ۾ وڃيو پهچن اهي انٽر اسٽيٽ ايڪس ايڪس“ يا ٿلهو I_XX پڻ سڏجن ٿا. ڪڏهن IH_XX يعني انٽر اسٽيٽ ايڪس پڻ سڏجن ٿا. تقريبن سڀني انٽر اسٽيٽ رستن تيExit نمبر بہ ٿين. جيئن تيز رفتار گاڏي هلائيندڙ ڊرائيور اڳوات خبردار ٿي وڃي تہ هن جو Exit نمبر اچڻ وارو آهي ۽ رستي جي وچ يا کاٻي واري قطار مان نڪري ساڄيءَ ۾ اچي وڃي جيئن اهو Exit نمبر اچڻ تي هاءِ وي ڇڏي ان تي لڙي پوي. ياد رهي تہ آمريڪا ۾ رائيٽ هئنڊ ڊرائيو آهي. اسان جي ملڪ پاڪستان، انگلينڊ ۽ انگلينڊ سان واسطو رکندڙ ملڪن ملائيشيا، سنگاپور، ڪينيا، آسٽريليا وغيره وغيره ۾ ليفٽ هئنڊ ڊرائيو آهي.

سڄي آمريڪا ۾ نيشنل ۽ انٽر اسٽيٽ هاءِ ويز جي ڄار وڇايل آهي. سڀ کان گهڻو استعمال ۾ ايندڙ رستو 405 فري وي آهي، جيڪو ڪئليفورنيا جي Seal Beaeh علائقي مان لنگهي ٿو. نيويارڪ ٽائيمس اخبار ۾ آيو هو تہ گذريل سال هن رستي تان روزانو سراسري چار لک گاڏين جو گذر ٿيو. ۽ سڀ کان گهٽ تعداد ۾ گاڏيون روزانو بہ هراز کن انٽر اسٽيٽ 95 جي ان Section تان هليون، جيڪا Maine رياست جي هولٽن واري علائقي جي اتر مان لنگهي ٿو.

هونءَ جتي هي هاءِ وي، سپر هائي يا ايڪسپريس هاءِ وي ٺهڻ ڪري ڊرائيونگ ۾ آساني ٿي پئي آهي ۽ هڪ شهر کان ٻي شهر تائين پهچڻ ۾ گهٽ وقت لڳي ٿو اتي مولا جو ملڪ ڏسڻ جا موقعا گهٽجي ويا آهن. توهان رڳو حيدرآباد کان ڪراچي هاءِ وي ذريعي سفر ڪريو تہ توهان کي ڇا ٿو نظر اچي؟ ڪجهہ بہ نہ! ان جي مقابلي ۾ ٺٽي وارو رستو وٺي وڃڻ سان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪيترائي ڳوٺ، ٻهراڙيون، فصل باغ، رستو ٽپيندڙ ماڻهو وهٽ ۽ قدرتي نظارا پسڻ جا موقعا ملن ٿا. ملائيشيا ۾ جڏهن بہ منهنجو ڪو دوست ڪوالالمپور ايندو هو تہ هن کي پنهنجي شهر ملاڪا (جتي جي نيول اڪيڊمي سان منهنجو واسطو هوندو هو) وٺي اچڻ لاءِ نئين ٺهيل هاءِ وي بدران پراڻي نيشنل روڊ تان وٺي ايندو هوس، جيڪو نانگ وانگر ور وڪڙ کائيندو مختلف ڳوٺن، شهرن، ٻنين ٻارن ۽ سمنڊ جي ڪنارن کي ڇهندو، ندين ۽ ڪاهين تان ٽپندو ملاڪا پهچندو هو ۽ ان رستي ذريعي اچڻ تي منهنجو ڪجهہ لٽر پيٽرول وڌيڪ ضرور سڙندو هو ۽ وقت جي حساب سان ڪلاڪ ڪن وڌيڪ ضايع ٿيندو هو پر آيل مهمان کي ملاڪا پهچڻ تائين ملائيشيا بابت وڏي Idea ٿي ويندي هئي جو رستي تي ڪي چينين جا ڳوٺ آيا ٿي تہ ڪي ملئي ماڻهن جا جيڪي گهرن ۽ عبادت گاهن (مندرن ۽ مسجدن) ڪري پنهنجي پنهنجي نموني جا ٿين ٿا. ڪي ڳوٺ مڪس نموني جا ڏسڻ جو موقعو مليو ٿي، جنهن ۾ چيني ۽ ملئي ماڻهن سان گڏ انڊين بہ نظر آيا ٿي ۽ اسان جي ملڪ کان آيل مهمان جيڪي گهڻو تڻو اتر انڊيا جي ماڻهن، زبانن (هندي، پنجابي، گجراتي) ۽ کاڌن کان وقف آهن، تن هي سنهڙا، ڪارا ۽ گوڏن وٽان مٿي مڙيل ڌوتيءَ وارن سائوٿ انڊين کي ڏسي تعجب لڳندو هو جن فقط تامل، مليالم، ڪانڊا ۽ تيلگو زبان سمجهي ٿي. انهن جي هوٽلن تي ڪيلي جي پن تي پت ۽ فش هيڊ جو تکن مصالحن وارو ٻوڙ کائي حيرت ٿيندي هئي. ٻهراڙين مان لنگهندي وقت ڪٿي گاڏي ٻيهاري Palm جا وڻ ۽ ان جو ڪجور جهڙو ڦل ٿي ڏنو تہ ڪٿي ميلن ۾ ربڙ جا وڻ ۽ انهن جي ٿڙن مان نڪرندو کير ٿي ڏنو جيڪو تامل عورتن نڪر جي ڪُپين ۾ گڏ ڪري هٿ سان هلندڙ رولر ذريعي ربڙ Latex جون چادرون ٿي ناهيون. ڪٿي ڪنهن ڪنهن ڳوٺ ۾ رستي جي ڪناري تي لڳندڙ Pasar Malam (اسان جي جمعي يا آچر بازار جهڙي بازار) ۾ ٻيهي مرتباڪ (قيمي ۾ تريل اڦراٽو) يا مڪئي جو سنگ ٿي کاڌو. ڪٿي ڪنهن هاٿيءَ جي رستي تي ٻيهڻ ڪري ڏهہ پندرهن منٽ ٽرئفڪ جام ٿي ٿي ويئي تہ ڪٿي ڪنهن شاديءَ جي جڃ گذرڻ ڪري ترسڻو ٿي پيو ۽ يادگار خاطر مهمان کي گهوٽ ڪنوار سان گڏ ٻيهاري فوٽو ڪڍڻو ٿي پيو. بهرحال اهي سڀ مزا هاءِ ويز ۽ ايڪسپريس وي تي ڪٿي؟ انهن مٿاهن، ويڪرن رستن تي جتي هر هڪ سئو ڪان مٿي رفتار ۾ لڳاتار هلندو رهي ٿو وڏ ۾ وڏ ڪنهن پيٽرول پمپ وٽ ٻيهاري ڪافي يا چانهہ پي سگهجي ٿو ۽ ان پمپ اسٽيشن جي واش روم استعمال ڪري سگهجي ٿي. هنن سپر هاءِ ويز

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

۽ ايڪسپريس ويز رستن ڊرائيور لاءِ ڪٽي سولائي ڪئي آهي پر ان سان گڏ باقي ويئل سفرڪ ندڙن لاءِ بوريت جو سامان مهيا ڪيو آهي، جيڪي سڄي سفر ۾ فقط ۽ فقط ڏامر جي سليٽي رستي تي نڪتل سفيد رنگ جا Dash ۽ لائينون ڏسي سگهن ٿا. شايد ان بوريت جي ٿي نشاندهي جان اسٽين بيڪ پنهنجي هڪ سفر نامي:Travels with Charley ۾ ڪئي آهي.......

"When we get these thruways across the whole country as we will and must, it will be possible to drive from New York to California without seeing a single thing."

۽ اهڙن ئي خيالن جوا ظهار چارلس ڪورالٽ پنهنجي بائيو گرافي A life On the Road ۾ ڪيو آهي.......

"The interstate highway system is a wonderful thing. It makes it possible to go from coast to coast with out seeing anything or meeting anybody. If the United States interests you, stay off the interstates."

چارلس ڪُورالٽ جو واسطو آمريڪا جو ٽي وي چئنل CBS سان هو. پاڻ انعام يافته جرنلسٽ هو ۽ ورجينيا جي ڏکڻ پاسي واري رياست نارٿ ڪئرولينا جو رهاڪو هو.پاڻ 1934ع ۾ ڄائو هو ۽ 1997ع ۾ گذاري ويو. چون ٿا ته جان اسٽين بيڪ ۽ ڪُورالٽ سٺا دوست هئا. ڪورالٽ جيتوڻيڪ جاب خاطر واشنگٽن ۾ رهيو پر هن پنهنجو وطن نارٿ ڪئرولينا ڪي به نه وساريو. سندس هڪ ڪتاب جو ته نالو ئي آهي. North Carolina is My Home

بهرحال ورجينا کان مئريلئنڊ رياست اچڻ لاءِ عرفان جماڻيءَ اندريان رستا وٺڻ بدران هتي جو مشهور هاءِ وي 495 انٽر اسٽيٽ فري وي اختيار ڪيو. I_495 رستو مئريلينڊ کي ملائي ٿو ۽ واشنگٽن جي آس پاس روڊ وارو حصو Capital Beltway به سڏجي ٿو. اسان کي ورجينيا مان مئريلئنڊ وڃڻ لاءِ وچ ۾ وهندڙ پوٽو مئڪ ندي ٽپڻي هئي، جنهن لاءِ هن پاسي به پليون ٺهيل آهن. هڪ آمريڪن ليجئن ميموريل برج جيڪا ڪئبن جان برج به سڏجي ٿي. اسان بي پل ذريعي پوٽو مئڪ ندي ٽپياسين جنهن جو نالو Woodrow Wilson ميموريل برج آهي، جيڪا ورجينيا رياست جي اليگزئنڊرا سٽيءَ کي مئريلينڊ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي پرنس جارج ڪائونٽي سان ملائي ٿي. هن پل مٿان انٽر اسٽيٽ هاءِ وي 495 ۽ 95 لنگهن ٿا. هيءَ پل 1961ع ۾ ٺهي راس ٿي هئي ۽ هن پل بابت اها ڳالهه مشهور آهي ته جنهن ڏينهن تي (يعني 28 ڊسمبر 1961ع تي) هن پل جو افتتاح صدر وڊرو ولسن جي بيواهه زال ايڊٿ کي ڪرڻو هو ان ڏينهن هوءِ گذاري ويئي. هيءَ پل پوڻا ٻه ڪلو ميٽر ڪن ڊگهي آهي ۽ مٿانئس هڪ ئي وقت گاڏين جون ڇهه قطارون اچي وڃي سگهن ٿيون. هن پل کي bascule نموني جي رکيو ويو آهي، جيئن ان هيٺان وڏا جهاز ٻه لنگهي واشنگٽن وڃي سگهن. هن مٿان لنگهندي اسان کي ٽرئفڪ ڪافي جٽمر ملي. عرفان ٻڌايو ته هن پل مٿان روزانو اڍائي لک کن گاڏيون گذرن ٿيون ۽ عنقريب هن پل کي اڌاهون ۽ ويڪرو ڪرڻ جون خبرون ٻڌي رهيا آهيون.

هيءَ پل آمريڪا جي اٺاويهين صدر ووڊرو ولسن جي نالي سان آهي، جيڪو 1856 ۾ ڄائو ۽ 1924ع ۾ وفات ڪيائين پاڻ 1912ع ۾ آمريڪا جو صدر ٿيو. ان کان اڳ نيو جرسي رياست جو گورنر هو. صدر ولسن جي هڪ ڳالهه جنهن کي ڪل جوڳي چئي سگهجي ٿو ته هو ملڪ جي ڪمن ڪارين ۽ پريشانين جو ٿڪ ڀڃڻ لاءِ روزانو سراسري ٻه اڍائي ڪلاڪ ڪار ۾ سير ڪندو هو بقول سندس to relax and loosen my nind from the problems before me..

اها ڳالهه مون کي پهريون دفعو 1969ع ۾ پنهنجي سينيئر انجنيئر سعيد چوڌريءَ کان پئي. انهن ڏينهن ۾ رات جو چئين کان صبح جو اٺين تائين جهاز هلائڻ جي ڊيوٽي هن سان گڏ منهنجي هوندي هئي. هو ڪولمبو مان ورتل سوپارين جي ڪاتر سان ڪيسو ڀري ڊيوٽي تي ايندو هو ۽ پوءِ جنهن ڏينهن جهاز جي انجڻ گهڻا مسئلا ڪندي هئي، ان ڏينهن هو گهڻيون سوپاريون ڪائيندون هو. سوپاريون ڪائڻ جو سبب پڇڻ تي مٿين آمريڪي صدر جو مثال ڏيئي چوندو هو. ”آئون هن نياڳي انجڻ ۽ ائٽلانٽڪ جي خراب سمنڊ ڪري پيدا ٿيندڙ مسئلن کي منهن ڏيڻ ۽ سڪون حاصل ڪرڻ لاءِ سوپاريون کان ٿو.“

بهرحال اها حقيقت آهي ته آمريڪا جي هن صدر Woodrow Wilson آمريڪا ۾ موٽر گاڏين ۽ هاءِ وي ناهڻ جي تمام گهڻي وڪالت ڪئي ۽ ملائيشيا جي اڳوڻي صدر مهاتير وانگر ان ڳالهه ۾ يقين رکيو ٿي ته ملڪ ۽ ماڻهن جي ترقي تڏهن ٿي سگهي ٿي، جڏهن ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رستن جي جار وڇايل هوندي. 1916ع ۾ ان بابت ولسن جو ڪيل اهو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اعلان مشهور آهي تہ:

"My interest in good roods is…….to bind Communities together and open trade, so that it will flow with absolute freedom and facility."

پوٽو مئڪ نديءَ مٿان اڏيل وڏرو ولسن پل ٽپڻ کان اڳ ورجينا پاسي ٽائسن ڪارنر بابت اعجاز شيخ ٻڌايو تہ اهو علائقو ڪمپيوٽر مارڪيٽ کان مشهور آهي. پل ٽپڻ بعد اسين مئريلئنڊ رياست جي اني اروندل Anne Arundel ڪائونٽي ۾ پهچي وياسين. جنهن ۾ مئريلئنڊ رياست جو گاديءَ وارو شهر Annapolis آهي. اني اروندل عورت جو نالو آهي، جيڪا باليٽيمور جي ٻي بائرن Caecilius Calvert جي زال هئي ۽ سندس تعلق ڪارن وال انگلينڊ جي اروندل فئملي سان هو ۽ ٿامس اروندل جي ڌيءَ هئي. سندس شادي 1627ع ۾ ٿي هئي ۽ هن ڪائونٽيءَ تي سندس نالو سندس وفات کان هڪ سال پوءِ 1650ع ۾ رکيو ويو.

"اني اروندل" ڪائونٽي ڪراس ڪرڻ بعد اسين مونٽگو ميري ڪائونٽي ۾ پهچي وياسين جنهن ۾ سلور اسپرنگ علائقو اچي ٿو جتي اسان سان گڏ هلندڙ اعجاز شيخ جو هن کان اڳ تائين مسواڙ تي ورتل گهر هو. جنهن مان هاڻ پينسلوانيا رياست شفٽ ٿي ويو آهي. هن وقت هو هتان پنهنجو باقي ڪجهہ رهيل سامان ۽ ڪار ڪڍڻ لاءِ هلي رهيو هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## ٻان بريڊ جا ڪنا ڇٻاڙيان.....

سلور اسپرنگ ۾ اسان گهٽو وقت نہ ترسياسين. اعجاز ڪي سندس پراڻي گهر تي لاٿوسين تہ هو پنهنجي ڪار ۾ باقي ڪجهہ بچيل سامان ڪٽي اسان کي فالو ڪري. اسان Wheaten پلازا مال وٽان نڪري 270 انٽرا اسٽيٽ فري وي ورتو جنهن ذريعي اسان کي پير واري رياست پينسلوانيا پهچڻو هو. I_270 اڳتي هلي هاءِ وي نمبر 70 ۾ Merge ٿي ويو. جنهن تي اسان منو ڪلاڪ کن اڳيان هلندا رهياسين.

جيئن مٿي لکي آيو آهيان تہ هنن هاءِ ويز Express ways تي هلڻ مهل ڪا تبديلي نظر نٿي اچي. سڄي واٽ ساڳيو ڏامر جو رستو ۽ زوڪاٽ ڪندڙ گاڏيون نظر اچن ٿيون. ساڳيو نظارو ڏسي ڏسي بوريت بہ ٿي پئي، انگلش لٽريچر جي پيرڊن واريون اپاسيون بہ آيون پي ۽ رکي رکي ننڊ جو جهوٽو بہ اچي ويو ٿي. اڪ ڪلڻ تي يڪدم عرفان سان ڪا انڊي منڊي ڳالهہ ڪيم ٿي يا پڇيم ٿي. پنهنجي معلومات وڌائڻ لاءِ نہ پر عرفان کي جاڳائي رکڻ لاءِ جو ائين نہ ٿئي جو مٺ منوڙي ۾ ڊرائيو ڪرڻ ۾ هن جي بہ اک لڳي وڃي ۽ ههڙي رستي تي ۽ هن رفتار سان، الله خير ڪري، پل کن جي بي خيالي ۾ خبر ناهي ڪيترين گاڏين ۽ گهرن جي تباهي ٿيو وڃي.

هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي ويل گاڏيون بہ هڪ ٻئي مان ڇڪي ٻاهر ڪڍڻ بدران ويلڊنگ يا گئس ڪٽنگ ذريعي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڌار ڪيون وڃن ٿيون! رکي رکي عرفان کي ڪنهن فون ڪيو ٿي تہ خوشي ٿي ٿي ۽ مون سڪون سان پنهنجي اڌ ننڊ اڌ سجاڳ واري حالت قائم رکي ٿي جو پڪ هيم تہ فون تي هلندڙ ڳالهہ ٻولهہ هن کي مون وانگر جهوٽا کائڻ کان بچائيندي. هڪ هنڌ اک کولي ساڄي کاٻي ڏٺم تہ پري پري تائين نيري آسمان هيٺ ڇهچ سائي رنگ جي پوک ڏاڍي دل ڏياريندڙ لڳي.

”ڪمند جي پوک آهي؟“ مون عرفان کان پڇيو.

”نہ مڪئي جي آهي،“ عرفان ٻڌايو ”چا تہ پلو فصل آهي. فوٽو ڪڍبو؟“

”فوٽو تہ ڪڍون يا نہ. ڪجهہ گهڙيون ڪٽي ترس تہ ٽنگ ڊگهي ڪيون. آئون تہ ورجينا ۾ مئريلئنڊ ۾ بہ هيٺ نہ لٿو هوس.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”بلڪل بلڪل،“ عرفان چيو. ”ان ڪري تہ آئون هر وقت چانهہ يا ڪافي لاءِ بہ پڇان پيو تہ توهان ها ڪريو تہ آئون بہ پيئان.“

عرفان پنهنجي ڪار کي وچئين قطار مان ڪڍي ساڄي پاسي واري قطار اختيار ڪئي ۽ جيئن ئي ڪو Exit آيو تہ هن هاءِ وي ڇڏي ساڄي مڙندڙ رستو اختيار ڪيو جنهن اسان کي هتي جي گهٽ ويڪرن رستن يعني نيشنل هاءِ وي تي آڻي پهچايو جنهن جي ٻنهي پاسي رستي جي ڪپرن سان گڏ ٻنيون ٻارا ۽ آباديون ۽ ڪارخانا هئا. عرفان جماٽيءَ ٻڌايو تہ هو هونءَ بہ هتان لنگهندي، هنن ڳوٺن ۽ ڪيتن مان ڀاڄي ڀتي وٺڻ لاءِ ترسندو آهي. سو هاڻ هن ان مڪئي جي پوک ۽ ان اڳيان ڪجهہ ننڍڙن دڪانن (يعني هتي جي حساب سان ننڍڙا) ۽ پيٽرول پمپ واري هنڌ تي اچي گاڏي بيهاري. پيٽرول جي ضرورت نہ هئي پر پيٽرول پمپ سان لاڳاپيل دڪان تان هڪ پنهنجي لاءِ هڪ منهنجي لاءِ پيپسي جي بوتل ۽ Doritos نالي ٽارٽيلا چپس جو ٻارهن آئونس وارو پئڪيٽ ورتو. آمريڪا جون ڪجهہ عجيب ڳالهيون. هڪ هنڌ ٻڌايون اٿم تہ سڄي دنيا ۾ لائيٽ ٻارڻ لاءِ سئچ کي مٿان کي هيٺ ڪبو آهي پر هتي هيٺان کان مٿي ڪجي ٿو. دنيا جي ملڪن ۾ Left Hand ڊرائيور آهي ۽ هتي آمريڪا ۾ Right Hand ! دنيا ۾ ڪڏهوڪو ميلن بدران ڪلوميٽر ٿي ويا پر هتي اڃا اهي ميل پيا هلن. اهڙي طرح وزن جي ماپ لاءِ ٽوڪيو لنڊن ۽ پئرس ۾ تہ ڪلو گرام استعمال ٿين ٿي ٿين ٿا پر ڪڏڙو تل، ڏڙو ۽ پڏعيدن جهڙن ڳوٺن ۾ بہ پاءَ، سير ۽ مڻ بدران ڪلو گرام ۾ ئي تور ڪئي وڃي ٿي پر هتي هڪ آمريڪا آهي، جتي اڃا تائين آئونسن ۾ وزن ٿئي ٿو. هي چپس چيز يعني پنير ۾ Bake ٿيل پٽيٽو چپس هيون، جنهن جي لفافي تي Ingredients کان علاوه ڪئلورين ۽ پروٽين لکيل هو تہ هنن ۾ ڪيتري وٽمن اي موجود آهي ۽ ڪيتري وٽمن سي، ڪئلشيم، ٿيامن، آئرن، فاسفورس وغيره. هڪ ڪنڊ تي Date Of expiry لکيل هو يعني ان تاريخ تائين هي چپس صحيح رهنديون ان بعد ڪمپنيءَ جي ذميواري نہ آهي. اهي اهڙيون ڳالهيون آهن. جيڪي آمريڪا ۾ هر ڪاڏي جي شيءِ جي لفافي جي ٻاهران لکيل رهن ٿيون پر هن لفافي مون کي هڪ Quotation ڏي ڌيان ڇڪرايو. جيڪا وڏن اکرن ۾ لکيل هئي تہ هي چپس کائڻ ۾ حتمندي آهي جي نقطي جي وڪالت ڪئي ٿي جيڪا ڊاڪٽر ڪينٿ ڪوپر جي چيل آهي. عرفان کي چيم تہ هاڻ اهو ڊاڪٽر ڪينٿ آهي تہ الائي ڪهڙي ميڊيڪل يونيورسٽي يا اسپتال سان وابستہ اهو نہ لکيو اٿن. سندس

نالي هيئان فقط لکيل آهي Fitness and wellness expert بهرحال ڪوٽيشن بہ هتي لکندو هلان:

"Fitness is a journey, not a destination. It must be continued for the rest of your life."

گاڏي پارڪ ڪري عرفان جماٽي ۽ آئون مڪئي جي پوک جو ڪنارو ڪنارو ڏيئي هلڻ لڳاسين. اسان چپس بہ کائيندا رهياسين. ڳالهيون بہ ڪندا رهياسين تہ ساڳئي وقت ڪچڙي مڪئي جي چهچ سائي فصل جي دلڪش نظاري مان بہ مزو وٺندا رهياسين. مڪئي ۾ سنگ اچي ويا هئا پر اجا ايڏو بالغ نہ ٿيا هئا جو انهن جا ڪوندا ٻاهر نڪرڻ شروع ٿين. عرفان کي چيم تہ آمريڪا جون ٽي شيون منهنجيون شروع کان فئوريٽ رهيون آهن. هڪ آئيس ڪريم ۽ ان بعد مڪئي جا سنگ (جن کي هتي آمريڪا ۾ "ڪارن" سڏين ٿا) ۽ ٽي بوهي مڱ (جنهن کي گرائونڊنٽس بہ سڏين پر عام طرح سڄي دنيا ۾ پي نٽ Peanuts سڏجن) هينئر تہ اسان وٽ بہ چڱي خاصي مني ۽ نرم مڪئي ٿئي ٿي پر اڄ کان پنجٽيهہ سال کن اڳ جڏهن پهريون دفعو آمريڪا آيو هوس تہ هتي آمريڪا ۾ ٿي، سئي ۽ سستي مڪئي (Sweet Corn) ۽ Peanuts ڏسي حيرت ٿيندي هئي. اهڙي طرح ٻيون بہ شيون هيون جهڙوڪ گدرو چانهيون. پپئيو ڪيلو وغيره جن جي سعودي عرب، ملائيشيا ۽ فلپين جهڙن ملڪن ۾ تہ بيحد بهترين جنس نظر آئي ٿي پر اسان وٽ هرگز نہ. اسان جي ملڪ ۾ چانهين بہ وٽبي هئي تہ پڪ نہ هوندي هئي تہ اندران اچي نڪرندي (يعني اڻ پڪل) يا ڳاڙهي ۽ جي ڳاڙهي هوندي هئي تہ ضروري ناهي تہ مني بہ هجي ۽ هر صورت ۾ ان جو ٻج تمام وڏو هوندو هو جنهن جو هڪ هڪ ڪڻ ڪيڻ بنا کائي نہ سگهبي هئي ۽ ان چانهينءَ جي کل بہ ٿلهي هوندي هئي.

ان وقت جون چانهيون ۽ گدرا گهٽو ڪري وهٽن حوالي ئي ٿيندا هئا پر هاڻ اسان وٽ بہ هر قسم جي ڀاڄي ۽ ميوو اعليٰ جنس جو ٿيڻ لڳو آهي لاءِ ويندي چيري ۽ اسٽابيري بہ ايتري پوکي وڃي ٿي جو مارڪيٽ ۾ وڪامڻ لاءِ اچي ٿي. نہ تہ 1960ع جي آخري وارن سالن ۾ هتي جا بهترين ۽ مٺا سنگ ڏسي پنهنجي والد کي هيوسٽن، فلاڊلفيا، نيو اوورلينس ۽ نيويارڪ وغيره مان لکيل خطن ۾ هتي جي عمارتن ۽ ماڻهن بابت لکڻ بدران هتي جي مڪئي جي واکاڻ لکندو هوس ۽ پنهنجي والد کان جيڪو ائگلريڪلچر جو شاگرد رهيو هو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

۽ هتان آمريڪا مان (ڪارنيل يونيورسٽي اٿيڪا مان) ائگريڪلچر سائنس ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪئي هئي، اهو ئي سوال ڪندو هوس ته هتي جي مڪئي ايڏي سٺي ڇو آهي؟ ۽ جواب ۾ هو ٻڌائيندو هو ته اهو ان ڪري آهي جو آمريڪا وارا نه فقط انڊسٽري ۾ پر اينمل هسبنڊري ۽ ائگريڪلچر ۾ به اسان کان گهڻو اڳيان آهن ۽ هنن ان تي ڪوجنائون ۽ تجربا ڪري نيون نيون جنسون پيدا ڪيون آ هن. ان کان علاوه موسم ۽ زمين (Soil) جي به ڳالهه آهي، جنهن مطابق اسان وٽ ۽ انڊيا ۾ جيئن انب جي جنس بهترين ٿئي ٿي.

”آمريڪا ۾ جيڪي مڪئي جا سنگ کائون ٿا،“ والد صاحب (مرحوم گل محمد شيخ) لکيو هو ”اهي عام مڪئي Maize (جنهن جو لاطيني نالو Zea Maus آهي) جا سنگ نه آهن پر مني مڪئي Sweet Corn جا سنگ آهن. جنهن کي Etzcorn يا Sugar corn به سڏيو وڃي ٿو ۽ عام مڪئي Zea mays جي hybridized ورائٽي آهي، جنهن لاءِ سٺو Soil جنهن ۾ Potassium جي کوٽ نه هجي، هلڪي ٿڌي موسم، گهٽي روشني، قدرتي Pollination ۽ سٺي Fertility سان گڏوگڏ وڏي سنڀال جي ضرورت آهي، جو هن کي جيتن Insects کان علاوه مختلف جانورن کان بچائڻ ضروري آهي.

مون کي ياد آهي ته اڄ کان اڌ صدي کن اڳ 1955ع ڌاري جڏهن اسان ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين ته والد صاحب هر موڪل واري ڏينهن تي ٻني تي وٺي هلندو هو ۽ پوک بابت سمجهائيندو هو. اسان جي ٻني ۽ باغ جيتوڻيڪ نيشنل هاءِ وي تي آهي، جتي رستي تان هلندڙ ٽرئفڪ ۽ تن ڏينهن ۾ ٽنڊوآدم کان پڏعيدن تائين هلندڙ ريل گاڏيءَ جا آواز ٿيندا رهندا هئا پر تڏهن به ڪيترن ئي قسمن جا سهڻا پکي، تتر ۽ جانور نظر ايندا هئا. ڪيترائي دفعا سوئر، گدڙ ۽ نانگن جهڙا جانور ۽ بلائون مون پاڻ ڏٺيون. اڄ ڪانگ ڪٻر ۽ انبن جي موسم ۾ ديسي سائي چتونءَ کان علاوه ڪو پکي نظر نٿو اچي، سانيڊي ۽ اڏوهيءَ کان علاوه ٻيو ڪا چرندڙ شيءِ نظر نٿي اچي. ڪجهه ماڻهن سندن موت آندو ڪجهه جيت مار دوائن Pesticide جو شڪار ٿي ويا. بهرحال منهنجي زور پرڻ ته والد صاحب مون کي هيوسٽن (ٽيڪساز) جي هڪ مارڪيٽ مان مڪئيءَ جو ٻج آڻڻ لاءِ چيو. جيڪو ٻنيءَ تي هڪ ننڍڙي پلاٽ ۾ پوکيو ويو ۽ تمام سٺو ڦوتاڙو ۽ سنگ ٿيا پر پوءِ انهن سنگن جي ٻج مان ٻيو پيرو سٺو سنگ نه اپريو. هڪ ته ڪيڙي لڳڻ ڪري ۽ ٻيو رات جو سوئرن ۽ ڏينهن جو پير وارن ڳوٺن جي ڇوڪرن کان پاڇيون پوکيندڙ باگڙي ئي بيزار ٿي پيا نه ته منهنجو خواب

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

شايد پينسلوانيا جي هن ساوڪ جهڙو هو. ڪجهه ڏينهن اڳ فون تي پنهنجي زميندار پيٽارين دوست غلام حسين چانڊيو کي سهٽي صلاح ڏنم ته ”يار ڳالهه ٻڌ زيتونن ۽ گلاب جي گلن پوکڻ کان مڪئي Sweet Corn ڇو نٿو پوکين؟“

”ڪهڙيون وينا ڳالهيون ڪريو“ هن وراڻيو هو ”اهي شيون جن لاءِ ٿوري پاڻيءَ جي ضرورت آهي، اهي ئي نٿا پوکي سگهون سو اها مني مڪئي پوکي سگهنداسين“

سندس اها ڳالهه ٻڌي ڪانگ ۽ لولي جي مزاحيه ڳالهه ياد آئي ته وڻ تي ويٺل ڪانگ کي هيٺان لنگهندڙ هڪ اخباري نمائندي گهوري ڏٺو ته ڪانگ ٺهه پهه چيس ته تون سوچيندو هوندين ته آئون ڪنهن هاريءَ جي ٻار کان مني مانيءَ جو لولو کسي آيو آهيان ۽ وينو کان. ٻئي درجي جي ڪتاب ۾ ڏنل اها ڪهاڻي مون به پڙهي آهي پر تنهنجي اطلاع لاءِ اهو به ٻڌايان ته گذريل برسات ۾ ڪٽڪ جي فصل کي ڪاپاري ڏک لڳو آهي. باقي بچيل سچيل سنگن جو لابارو شروع نه ٿيو آهي. سرڪار ڪٽڪ جو اگهه اڃا مقرر نه ڪيو آهي. هاري ته ڇا پر زميندار جا ٻار به ڪٽڪ جي لولي لاءِ پيا سڪن. آئون به مني مانيءَ جو لولو نه پر ڊان بريڊ جا سڪل ڪنا وينو چباڙيان......“

سو غلام حسين چانڊيو کي به گهٽ ئي سمجهايم ته مڪئي جو اگهه سٺو آهي حيدرآباد ۾ کليل مئڪڊونالڊ ۽ ڪينٽڪي فرائيڊ چڪن واريون ريسٽورنٽُن توکان خريد ڪري ويندون پر هن جي اها ئي ڳالهه ته درياهه ۾ پاڻي آهي ڪٿي.......

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## مڪئي جي سنگن جون مزيدار ڳالهيون

پينسلوانيا جي هن مڪئي جي پوک جو اسي سالن کن جو پوڙهو مالڪ پڻ اتي موجود هو. گوري آئرش انگريز اسان کي سرهي منهن سان کيڪاريو. ويتر جو عرفان ٻڌايس ته آئون اخباري نمائندو آهيان ته هن اجان به وڏي دل سان آڌر ڀاءُ ڪيو. هونءَ هتي ولايت ۾ ڪنهن کي ڪنهن لاءِ وقت ناهي. هر هڪ پنهنجي ڪمن ۾ مشغول آهي پر هر انسان ڪجهه گهڙيون آرام ڪرڻ چاهي ٿو. ڪجهه گهڙيون ڪنهن چاتل يا اٽچاتل سان ڪچهري ڪرڻ چاهي ٿو ۽ هي گهڙيون ڪي شايد اهي هيون, جنهن ۾ هن انگريز به چاهيو ٿي ته ڪنهن سان ڳالهائجي ٻولهائجي. هن ته اهو به اسان کان نه پڇيو ته اسان جو تعلق ڪهڙي ملڪ سان آهي. اهو به اسان ئي ٻڌايس (خبر ناهي اجايو يا سڄايو) ته اسان ايشين آهيون, پاڪستان جا. ڪيترن هنڌن تي ڪيترا ماڻهو پاڪستان جو نالو ٻڌي ڇرڪجيو وڃن. ظاهر آهي ڪجهه حقيقتن ڪري ڪجهه بين الاقوامي ميڊيا جي دشمني ڪري پاڪستان جي خراب خبرن کي شاهه سرخيون ڏيئي بدنام ڪيو وڃي ٿو ته اڄ هتي بم ڦاٽو اڄ هتي خونريزي ٿي. اڄ هتي عورتن سان ظلم ٿيو اڄ هتي ٻار اغوا ٿي ويا........ وغيره وغيره. پر لڳو ٿي ته واشنگٽن, بالٽيمور ۽ فلڊلفيا جهڙن دنيا جي وڏن ۽ ماڊرن شهرن جي ويجهو پر ٻهراڙي واري علائقي ۾ رهندڙ هن پوڙهي مارٽن بيڪر کي پنهنجي پوک کان علاوه اخبار يا ٽي وي تان خبر نامون ٻڌڻ جهڙي شوق لاءِ واندڪائي ڪانهي, جو هن کي پاڪستان جي صحيح طرح جاگرافيائي بيهڪ جي به خبر نه هئي.

”اڇا ته توهان ايشين آهيو! گڊ! ايشين سٺا ماڻهو ٿين ٿا“ هن چيو ”منهنجي ننهن به توهان جي پاڙيسري ملڪ جي آهي.“

”انڊيا جي؟“ اسان پڇيس.

”نه ويتنام جي.“ هن وراڻيو.

”چاچا! اٽ از ٿو فار اوي فرام پاڪستان“ عرفان جماڻيءَ نهه پهه ٻڌايس. ”گڊ!“ چاچي وراڻيو ۽ پوءِ چيو ”مون کي فقط انڊيا جي جاڻ آهي.“

”ته بس ان سان ئي اسان جو ملڪ بارڊر ناهي ٿو.“ مون ٻڌايو مانس.

”چاچي“ هڪ دفعو وري ”گڏ“ چيو. ڳوٺ جي هن پر سڪون ”هاري_ڪم_زميندار“ پوڙهي ۽ پر سڪون انسان لاءِ هر شيءِ گڏ هئي. ڪيس چئون ها ته پاڪستان ۾ بم پيا ڦاٽن ته به چوي ها گڏ. توهان جي صدر بش عراق ۽ افغانستان ۾ باهه ٻاري ڏني آهي تڏهن به چوي ها گڏ. توهان جي ڊگهين عمارتن جي ڪرڻ جو الزام توهان جي حڪومت مسلمانن ۽ عربن تي پيئي هڻي، تڏهن به چوي ها ”گڏ“ ..........! اسان اهو ئي سوچيون ٿا ته هر آمريڪن کي دنيا جي سياست، بزنيس، سائنس وغيره جي ڄاڻ آهي پر ائين ناهي. ڪيترا هن جهوني جهڙا، دنيا جهان کان پري پنهنجي ڪرت ۾ ئي رڌل آهن. هو پنهنجي نموني جي زندگي سرهائيءَ سان گذاري رهيا آهن. ان ۾ ڪا به حيرت جي ڳالهه ناهي. اسان وٽ به ڪيترائي ماڻهو ويندي پڙهيل ڳڙهيل ملندا جن کي اها ئي خبر نه هوندي ته سلوئڊور يا اڪيڊور ڪٿي آهن. بهاما برمودا يا ڪيوبا جئميڪا جهڙا ملڪ ڪٿي آهن.......؟

پوڙهي زميندار — جيڪو شاهه لطيف جي وڻجاري (جهاز جي ڪئپٽن، مالڪ ۽ واپاريءَ) وانگر زميندار به هو ته هاري به ته مال جو واپاري يعني Three in One هو ٻڌايو ته هن جو ڏاڏو آئرلينڊ کان هتي آمريڪا ۾ لڏي آيو ۽ پوک ڪرڻ سندن فئملي بزنيس آهي.

”مڪئي کان علاوه ٻي ڪهڙي پوک ڪريو؟“ مون پڇيو.

”اسان جي سڄي فئمليءَ جو اهو ئي ڌنڌو آهي. وڏن به هتي اچي مڪئي جي پوک شروع ڪئي ۽ اسان ۽ اسان جو اولاد، زالون مرد سڀ ان ۾ Involve آهيون.“

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هي پوڙهو آئرش (هاڻ آمريڪن) مسٽر مارٽن جاگرافي يا دنيا جي حالا حاظره کان ڪٽي ايترو وقفڪار نه هو پر پنهنجي فيلڊ_ ”مڪئي جي پوک“ ۽ ان جي ڪاروبار ۾ ايڪسپرٽ هو ۽ تمام گهڻو ايڪسپرٽ هو. ڏهه منٽ کن واڪ ڪرڻ جي بهاني آئون ڪار مان لٿو هوس پر مارٽن صاحب جي مڪئي بابت دلچسپ ۽ معلوماتي خبرن ۾ اڌ ڪلاڪ کان به مٿي لڳي ويو جنهن مان ڪجهه وقت مڪئي جو فصل_ سنگ ۽ ڪانا ڏسڻ ۾ ته اڌ ٽائيم سندس موبائيل ڪئبن ۾ ڪافي پيئندي. جنهن لوهي ڪئبن ۾ هڪ ننڍڙي ڪمري سان گڏ اٽيچڊ باٿ روم ۽ ڪچن پڻ هو. ساڻس ڪيل خبرون تفصيل سان لکڻ بدران فقط ڪجهه ڳالهيون ۽ نقطا پڙهندڙن جي دلچسپي ۽ معلومات لاءِ لکي رهيو آهيان.

مڪئي Maize جو اصل ملڪ وچ آمريڪا آهي، جتان پوءِ اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا کنڊ جي ملڪن ۾ مشهور ٿي، جنهن بعد سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مڪئي جو تعلق گاهه واري فئملي سان آهي، سو دراصل مڪئي ڀاڃي واري گروپ ۾ نه آهي. بلڪ اناج Grain آهي. Sweet Corn جنهن کي اسان ڀاڃي طور کائون ٿا سفيد يا پيلي رنگ جا ٿين ٿا. باقي قسمن جي سنگن جا ڪڻا Kernels نارنگي، ڳاڙهي، براؤن، بلو پرپل وينڊي ڪاري رنگ جا به ٿين.

سراسري طور هر سنگ ۾ اٽڪل 16 قطارن ۾ 800 کن ڪڻا ٿين.

آمريڪا ۾ تمام گهڻي مڪئي پوکي وڃي ٿي، جنهن مان ڏهه سيڪڙو کاڌي طور استعمال ٿئي ٿي، جيئن ته Cereals (ڪارن فليڪس وغيره)، پاپ ڪارن، مڪئي جو اٽو (مختلف پوڙن ۽ بيڪري جي شين ۾) ۽ مثاين ۾. 50 سيڪڙو جانورن ۽ ڪڪڙين جي فيڊ ۾ استعمال ٿئي ٿي ۽ باقي مختلف تيلن، پارٽن Fuels، شربتن (ڪوڪاڪولا جهڙن) اسٽارچن وينڊي شرابن (وسڪي وغيره) ۾ استعمال ٿئي ٿي.

ويهين صدي جي شروع وارن سالن ۾ مڪئيءَ مان ٺهيل ڪارن فليڪس ايڏو ته مشهور ٿيا، جو فقط مشيگان رياست جي Battle Creek واري علائقي ۾ ڪارن فليڪس ٺاهڻ جون چاليهن کان مٿي ڪمپنيون هيون.

دنيا ۾ جيتري مڪئي جي کپت ٿئي ٿي، ان جي سمجهو ته اڌ کان وڌيڪ پوک هتي آمريڪا ۾ ٿئي ٿي. آمريڪا ۾ مڪئي جن رياستن ۾ گهڻي پوکي وڃي ٿي، اهي آهن: آئووا، الينائس، انڊيانا، اوهيو مسوري، ڪنساس، نيبراسڪا، سائوٿ ڊڪوٽا ۽ منيسوٽا. اهي سڀ رياستون هڪ ٻئي سان مليل آهن ۽ اهو ڌرتيءَ جو ٽڪرو Corn Belt سڏجي ٿو.

آمريڪا بعد گهڻي مڪئي ڏکڻ آمريڪا جي ملڪ برازيل ۾ پوکي وڃي ٿي ۽ ان بعد روس ۽ ميڪسيڪو آهي.

پيلي رنگ جي مڪئيءَ ۾ مئگنيشيم گهڻو آهي ۽ صحت لاءِ سٺي آهي. مڪئي جو تيل به جسم لاءِ سٺو آهي، خاص ڪري آنڊي جي لاءِ. مڪئيءَ جا اهي سنگ خريد ڪرڻ کپن، جنهن جا ٻاهريان پنHusks ڇڇ ساوا ۽ تازا هجن ۽ ڪڻن Kernels سان ڀريل هجن ۽ جيترو ٿي سگهي جلد رڌي کائجن يا ريفريجريٽر ۾ رکجن ڇو جو مڪئيءَ جي سنگن جي اها خاصيت آهي ته پٽجڻ بعد سنگن ۾ موجود شگر آهستي آهستي Starch ۾ بدلجڻ شروع ٿئي ٿي. ان ڪري پٽجڻ بعد مڪئي جو سنگ جيترو جلد کائجي اوترو بهتر. ننڍن ٻڪچڙن سنگن کي ته ڪچو (رڌڻ بنا) به کائي سگهجي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪيترن ملڪن ۾ مڪئي Staple Food آهي پر ڪٽڪ يا چانورن جي پيٽ ۾ مڪئيءَ ۾ گهٽيون پروتين ۽ منرل نه آهن. رڳو مڪئي کائڻ سان Pellegra تي سگهي ٿي جيڪا Niacin جي کوٽ آهي. ميڪسيڪو جتي مڪئي تمام گهٽي کاڌي وڃي ٿي، هن بيماري کان بچڻ لاءِ مڪئي کي Lime Water ۾ رڌيو وڃي ٿو.

سني مڪئيءَ جون ٽي خاص جنسون Genetic Background موجب آهن: نارمل مني (SU)، Sugary Enhancer جيڪا SE سڏجي ۽ سپر سوئيٽ (Sh2).

آڳاٽين پاڇاتين جنسن مطابق به مڪئي جون ٽي جنسون آهن 1_Sundance هن جي تيار ٿيڻ ۾ 69 ڏينهن لڳن ٿا.

2_Tuxedo: هن ۾ 75 ڏينهن لڳن ٿا.

3_Incredible: هن ۾ 83 ڏينهن لڳن ٿا.

”توهان ڪهڙي جنس لڳائي آهي؟“ مون پينسلوانيا جي هن زميندار Cum هاري، مسٽر مارٽن کان پڇيو.

”مون ٽئي لڳايون آهن.“ هن ٻڌايو

”ڪهڙي خيال کان؟“ مون پڇيو.

”ان ڪري ته جيئن منهنجو مال ڊگهي عرصي لاءِ مارڪيٽ ۾ Supply ٿيندو رهي. مارڪيٽ ريٽ مال جي گهرج ۽ مهيا ڪرڻ (Demand & Supply) موجب لهندي چڙهندي رهي ٿي، جنهن مان مون کي فائدو رسي سگهي. پهرين جنس 69 ڏينهن بعد تيار ٿيندي ۽ مارڪيٽ ۾ مال پهچائڻ ۾ هفتو ڏيڍ لڳي ٿو ۽ جيئن ئي پهرين جنس ختم ٿيندي ته ٻي تيار ٿي ويندي ۽ ٻي جي پوري ٿيڻ تي ٽي اچي ويندي.

”اسان وٽ پکي، مرون ۽ ٻيا جانور مڪئيءَ جا دشمن آهن. هتي آمريڪا ۾ ڪوان قسم جو مسئلو؟“ مون هن آمريڪن زميندار کان پڇيو.

”اسان وٽ به ساڳيا پکين جا مسئلا آهن. جانورن مان سڀ کان گهڻو Raccoons تنگ ٿا ڪن.“

رئڪون رات جو گهمندڙ ڦرندڙ جانور آهي، جيئن چمڙو آهي يا چبرو پکي. هي ٻلي کان ڪجهه وڏو جانور آهي، جيڪو جنگلن ۾ به گذارو ڪري سگهي ٿو ته شهرن ۾ به. ڪانگن وانگر نقصان به پهچائي ٿو ته گند ڪچرو به ڪري ٿو.سندس پويان پير ماڻهن وانگر فلئٽ

فٽ آهن ۽ سندس آڱوٺا نرالي ڊيزائين جا آهن.جن سان هو دٻن جا ڍڪ، ويندي بند ٿيل دروازا کوليو وجهي.

رئڪون اصل آمريڪا (ڏکڻ ڪئناڊا ۽ USA) جو جانور آهي جنهن کي Fur خاطر (سندس ٻُجن واري کل جي ڪري) جرمني ۽ يورپ جي ملڪن ۾ ويهين صديءَ ۾ آندو ويو. هاڻ اتي جي ماڻهن جا بہ تڙ تپائي چڙيا اٿس. گهر جي ٻاهر دٻن ۾ رکيل ڪچرو تہ ڪڏي چڙيندو آهي پر ٻلي ۽ ننڍڙي ڪتي جهڙن جانورن کي بہ کايو ڇڏي. ڪيس توهان Omnivorous جانور چئي سگهو ٿا. يعني ڀاڄيون ۽ ميوا بہ کايو وڃي تہ گوشت مڇي بہ کايو وڃي. ڪيس چاليهہ ڏند ٿين ٿا، جيڪي چيريندڙ ڦاڙيندڙ جانورن وانگر ڪجهہ تکا بہ ٿين تہ گاهہ کائيندڙ جانورن وانگر بہ ٿين ۽ سندس هاضمو بہ ان مطابق آهي جو بادام، اخروٽ، ٻير، جيت جڻيا، بيضا، ڪڪڙيون ويندي پکي، ٻلا ۽ پونگڙا بہ کايو وڃي. اهڙي طرح هو مڪئي جي سنگن جو بہ عاشق آهي ۽ ٻهراڙيءَ ۾ بہ نظر اچي ٿو تہ ٽورنٽو جهڙن شهرن ۾ بہ. سو مڪئي جي سنگن جي هن زميندار جي اها ڳالهہ بجا هئي تہ رات جو نڪرندڙ جانور Nocturnal Mammal رئڪون هن لاءِ چڱي باهہ ٿو ٻاري.

ڏينهن جو ننڍون ڪندڙ ۽ رات جو ڳوناٺن توڙي شهرين جي گهرن مان شيون چوري ڪندڙ هي جانور raccoon هتي جي ڪلچر ۾ ڊاڙيل بہ سڏيو وڃي ٿو. هتي جي ٻارن جي آکاڻين جي ڪتاب ۾ هن جانور بابت هڪ مشهور شعر آهي تہ:

If I were a raccoon,
I would sleep until half past noon,
I would hang out in the trunks of trees,
And do what ever I please.
I would rummage through the trash cans,
Making all sorts of noise, me and my boys,
We take what ever we want, because we are bandits And if we saw sameone coming, we'd take the loot and split.

وغيره وغيره.....

”پوءِ ڀلا هنن جانورن (رئڪونن) کي ڪيئن ڀڄايو؟“ مون پڇيو مانس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”ڪين پچائڻ جا ڪيترائي طريقا آهن پر ڪو اهو سوچي ته منهنجي پوک جو هڪ به سنگ رئڪون جي پيٽ ۾ نه وڃي اها ڳالهه ناممڪن آهي ڇو ته رئڪون بيحد چالاڪ ۽ ذهين جانور آهي. اهو ئي سبب آهي جو هو جهر جهنگلن ۾ توڙي وڏن شهرن ۾ پيٽ پري پنهنجو بچاءُ ڪريو وينو آهي.“

مارٽن مون کي پنهنجي پوکي جي چوڌاري لڳايل به اليڪٽرڪ تارون ڏيکاريون جن مان هڪ زمين کان 4 انچ مٿي لڳل هئي ته ٻي 12 انچ مٿي. ”سنگ جيئن ئي وڏا ٿين ٿا ته رات جي وقت هنن تارن ۾ اليڪٽرڪ ڪرنٽ آن رکندا آهيون ته جيئن هيءَ قوم جيڪا چورن وانگر اسان جي مڪئي کي چٽ ڪري ٿي، اهي پاڻ چٽ ٿي وڃي.“ مارٽن ٻڌايو.

مڪئي جي مٺن سنگن Sweet Corn ۾ صحت جي لحاظ کان هي شيون گهڻيون آهن:

فائيبر

Niacin

Folate

وٽمن اي

ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته Folate عورت جي Neural –tube واري ڄمڻ جون خاميون دور ڪري ٿو ۽ دل جي بيمارين ۽ Stroke جي رسڪ ۾ گهٽتائي آڻي ٿو. فائبر قبضيءَ کان بچائي ٿو.

پاڻي ۾ سنگ اوٻارڻ مهل لوڻ هرگز نه وجهجي جو لوڻ وجهڻ سان ان جا ڳڙ ويتر سخت ٿيو پون.

سنگ جون خاصيتون برقرار رکڻ لاءِ هن کي فريز ڪري ڇڏجي

موڪلائڻ کان اڳ مسٽر مارٽن پنهنجي ڪئبن ۾ ويهاري ڪافي پياري جنهن جي سامهون واري ڀت تي هن فصل (مڪئي) جي لاباري تي لکيل ڪنهن جو شعر لڳل هو. ٿي سگهي ٿو سندس ئي ڪنهن پٽ، ڌي يا پوٽي پوٽيءَ جو لکيل هجي ته هن فصل جي لاباري ۾ گهر جي سڀني ڀاتين کي وڏي محنت ڪرڻي پوي ٿي.

The Corn Harvest

The cron harvest is hard working

The mother and father and little girl are tired,

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

They work hard on piling the corn

Their hands stay sticky working all day…….

مڪئي جي سنگن بابت ڪيترين ئي چوڻين ۽ پهاڪا مشهور آهن. هن پاسي ايندڙ موسم جو اندازو مڪئي جي سنگن مٿان چڙهيل husks مان بہ لڳايو ويجي ٿو. چوڻي مشهور آهي تہ

If corn husks are thicker than usual, a cold winter is ahead.

يعني سنگ جي مٿان چڙهيل پن جنهن سال توهان کي ٿلها نظر اچن معنيٰ ان سال سيارو سخت اچڻ وارو آهي ۽ سيءَ کان بچاءَ لاءِ توهان بہ ٿلهن ڪوٽن ۽ سئيٽرن جو بندوبست ڪريو.

مڪئي جي سنگن بابت هڪ آفريڪن چوڻي پڻ آهي، جيڪا نائيجيريا ۾ مشهور آهي.

A man does not wander far from where his corn is roasting.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## ڊاڪٽر عزت قاضي ۽ محمد بخش سميجو

اسان هڪ دفعو وري روٽ 70 تي هئاسين جتان پوءِ چاليهہ ڪن ميلن بعد 81 North روٽ تي آياسين. ان دوران عرفان گاڏي بہ هلائيندو رهيو تہ رڪي رڪي ايندڙ فون جا بہ جواب ڏيندو رهيو. وقت پاس ڪرڻ لاءِ آئون بہ ڪانئس پڇندو هليس تہ ڪنهن جو فون هو ڇا ٿو ڪري. هڪ بہ همراهہ منهنجا بہ سڃاتا نڪتا جن لاءِ ڪيس سلام ڏيڻ لاءِ چيومانس. انهن مان هڪ ڊاڪٽر عزت قاضي هو جنهن واشنگٽن رياست ڪان عرفان کي فون ڪيو هو. هو عرفان جو هم عمر ۽ دوست آهي. عرفان ٻڌايو تہ آمريڪا ۾ رهائش اختيار ڪرڻ وارا شروع جا ڪجهہ هفتا يا مهينا ڏاڍا ڏکيا هوندا آهن. جيسين ڪا نوڪري يا job ملي ۽ پنهنجي رهائش ۽ ڪاڏي پيتي جو بندوبست ڪجي تيسين ڪٺي رهجي. ”اهڙي صورت ۾ عزت قاضي نہ فقط منهنجي پر اعجاز شيخ جي بہ ڏاڍي مدد ڪئي.“ عرفان ٻڌايو.

ڊاڪٽر عزت قاضي منهنجي والد صاحب جي هم عمر ۽ پياري دوست مرحوم قاضي محمد شريف جو ننڍو فرزند آهي. منهنجو والد صاحب مرحوم گل محمد شيخ جڏهن ڊپٽي ڪمشنر هوندو هو تہ قاضي شريف صاحب پوليس جو ايس پي هو پر سندن دوستي نوڪري جي ڪري نہ پر هم خيال ۽ تبليغ جماعت سان واسطو هجڻ ڪري هوندي هئي. هو اڪثر تبليغ لاءِ گڏ گڏ نڪرندا هئا. قاضي صاحب جو 55 سالن جي ڄمار ۾ 1975ع ۾ دل جي دوري ڪري اوچتو انتقال ٿي ويو ان وقت پاڻ Narcotic Control Board جا ريجنل ڊائريڪٽر هئا ۽ ڪراچي جي نارٿ ناظم آباد جي ڊي بلاڪ ۾ رهندا هئا. پر ۾ ئي (بلاڪ سي) ۾ اسان جو گهر هوندو هو. آئون ڪراچي هوندو هوس يا منهنجو جهاز ڪراچي جي بندرگاهہ ۾ ايندو هو تہ آئون ساڻن هميشہ ملڻ ويندو هوس. قاضي صاحب هڪ نيڪ، نمازي، فقير منش پوليس آفيسر هو. هونءَ بہ نصرپور جي هنن قاضين جو خاندان سندن بزرگي ۽ ديني علم ڪري وڏي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو. سندن والد صاحب (يعني ڊاڪٽر عزت جي ڏاڏي) جو نالو قاضي محمد سائل هو. ڊاڪٽر عزت جو والد صاحب قاضي شريف ڇهہ ڀاءُ ڀيڻن ۾ سڀ ڪان وڏو هو. ان بعد سندن ڀيڻ جيڪا قاضي بچل صاحب جي گهر آهي. ان بعد سندن اڪيلو ڀاءُ غلام دستگير آهي. غلام دستگير صاحب ۽ قاضي محمد بچل صاحب سال ڏيڍ اڳ، هڪ ٻئي پويان، هي فاني جهان ڇڏي ويا. پاڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پڻ قاضي شريف وانگر پنج وقت نمازي هئا ۽ منهنجي ساڻن آخر تائين ڊفينس سوسائٽي جي فيز فور جي مسجد شفقت ۾ ملاقات ٿيندي رهي جتي اڄ ڪلهه سندن اولاد ۽ ناٺي انجنيئر محمد پرويز عالماڻي صاحب ۽ ان جي گهر جا ڀاتي باقاعدگي سان نماز تي اچن ٿا.

غلام دستگير صاحب سنڌ جي اهم شخصيت غلام محمد شاهواڻي جي گهران شادي ڪئي. شاهواڻي صاحب جو شاهه لطيف جو رسالو سليس سنڌي ۾ ترجمو بيحد مشهور آهي، پاڻ نورمحمد هاءِ اسڪول جا پهريان پرنسپال هئا. غلام دستگير قاضي صاحب کي چار پٽ آفتاب، الطاف، افتخار ۽ وقار آهن ۽ هڪ نياڻي آهي، جنهن جي 1992ع ۾ پنهنجي سئوٽ ڊاڪٽر عزت سان شادي ٿي ۽ ڪين ڪومل ۽ نرمل نالي ٻه نياڻيون آهن. قاضي شريف صاحب جي باقي ٽن پيٽڻن (يعني ڊاڪٽر عزت جي پڦين) مان هڪ جي شادي تعلقي پنوعاقل جي غلام نبي ڪلور صاحب سان ٿي. ڪلور صاحب ائگريڪلچر جي ڪنهن سبجيڪٽ ۾ پي ايچ ڊي آهي ۽ اڄ ڪلهه ٽنڊو جام ۾ رٽائرڊ زندگي گذاري ٿو. ٻي پيڻ جي شادي نصرپور جي قاضي عبدالواحد سان ٿي پاڻ ايڪسائيز کاتي ۾ هوندو هو ۽ ننڍي پيڻ قاضي احمد جي زميندار ۽ سياستدان سيد شاهه محمد شاهه جي گهر واري آهي.

ڊاڪٽر عزت قاضيءَ جي ٻن وڏن ڀائرن: عزيز الله ۽ خليل الرحمان سان ڪراچي ۾ پيٽارين ائسوسيئيشن جي دعوتن ۾ اڪثرملاقات ٿيندي رهندي آهي جو هي ٻه ڀائر مون وانگر ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو مان پڙهيا آهن. عزيز الله PIA جو پراڻو پائلٽ آهي ۽ سندس شادي سندس پڦيءُ جي سئوٽ قاضي محمد بچل جي گهران ٿي آهي. خليل الرحمان فارين سروس ۾ آهي. اڪثر اسلام آباد ۾ هوندو آهي يا آذر بائيجان جهڙن ملڪن ۾. يعني هن جو تعلق سفارتخانن سان رهي ٿو. سندس شادي PIA جي مرحوم بشير قاضي جي ڌيڻ سان ٿي، جنهن جي گهر ۾ سندن وڏي ڀيڻ هئي. پائلٽ عزيز الله ۽ سيڪريٽري خليل الرحمان کان هڪ وڏو ڀاءُ حبيب الله ٻه آهي، جنهن جي شادي سينيٽر قاضي عبدالميجد جي ڀاءُ قاضي عبدالعزيز جي گهران ٿي آهي.

ڊاڪٽر عزت ڊاڪٽري جي تعليم لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي مان حاصل ڪئي. پاڻ 1989ع واري بئچ جو هو جن سال 1991ع ۾ گريجوئيشن ڪئي هئي. هائوس جاب کان پوءِ پاڻ ڪجهه سال PIA ۾ ڊاڪٽر ٿي رهڻ بعد ٻارن سميت هيڏانهن آمريڪا هليو آيو آهي.

عرفان جماڻيءَ سان گڏ، آمريڪا جي مئريلئنڊ رياست کان پينسلوانيا رياست جي هن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سفر ۾ عرفان وٽ جيڪي فون ايندا رهيا انهن مان هڪ نيو جرسي کان مقبول ڏاهري (نواب شاهه جي ڊاڪٽر ڏاهري جي فرزند) جو پڻ هو جنهن پاڪستان ٽيليويزن جي مشهور پروڊيوسر محمد بخش سميجو جي اوچتي وفات جي ڏکوئيندڙ خبر ٻڌائي. ڏاهريءَ کي اها خبر محمد بخش سميجو جي پيٽوئي، دادو جي ابراهيم چنا صاحب کان پئي، جيڪو هتي آمريڪا ۾ هن جي پاڙي واري شهر ايڊيسن ۾ ئي رهي ٿو.

محمد بخش سميجو سنڌي ڊرامن ۾ هدايتڪاريءَ جي حوالي سان هڪ اهڙو نالو آهي، جنهن کي ڏسندڙ ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندا. محمد بخش سميجو سان منهنجي پهرين ملاقات استاد بخاريءَ جي معرفت اڄ کان چاليهہ سال کن اڳ دادوءَ ۾ ٿي. دادوءَ ۾ سندن گهر اسان جي ماسي (مظهر حسين گهلو) وارن جي گهر پرسان هوندو هو. بعد ۾ ٽي وي اسٽيشن تي ڪنهن ادبي يا جهاز رانيءَ جي پروگرام ۾ حصو وٺڻ لاءِ منهنجو وڃڻ ٿيندو هو تہ هارون رند ۽ محمد بخش سميجو صاحب جن وٽ ڪجهہ گهڙين لاءِ ضرور ترسندو هوس. هو هر وقت پنهنجي ڪم ۾ مشغول نظر ايندا هئا ۽ هنن هر ڊرامو وڏي چاهہ ۽ محنت سان مڪمل ڪيو ٿي.

محمد بخش سميجو صاحب تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ ”ٻٽ سرائي“ ۾ جنم ورتو. پاڻ شروع وارن سالن ۾ تعليم کاتي ۾ پرائمري ٽيچر ٿي رهيو. سن 1973ع کان 1974ع دوران ضلعي دادو ۾ وڪالت بہ ڪيائين. ايم اي انگلش ڪرڻ کانپوءِ انگريزي ادب ۽ خاص طور تي شيڪسپيئر جي ڊرامن کان تمام گهڻو متاثر ٿيو. شايد ان ئي ڪري PTV تي نوڪري ورتائين ۽ پروڊيوسر ٿيڻ کانپوءِ هن اهي ڊراما پروڊيوس ڪرڻ شروع ڪيا، جن کيس يادگار حيثيت ڏياري. محمد بخش PTV تان سڀ کان پهرين مرحوم شوڪت ڪيهر جو لکيل ڊرامو ”ڳُهٽ“ جون هدايتون ڏنيون، جڏهن تہ سندس ڪئريئر جو آخري اڙدو ڊرامو ”جيت“ ۽ آخري سنڌي ڊرامو ”ڪنهن ڪنهن ماٺوءَ منجهہ“ هو. جيڪو ڊاڪٽر محمود مغل جو لکيل آهي.

مرحوم محمد بخش سميجو پي ٽي وي تي 16 سنڌي سيريل ۽ 11 اردو سيريل پروڊيوس ڪيا. سندس محنتن سبب پي ٽي وي جا ڪيترائي ايوارڊ هن جي ڊرامن کٽيا.

1996ع ۾ پي ٽي وي طرفان جرمنيءَ ۾ ٿيل ڊراما فيسٽيول ۾ سندس سنڌي ڊرامي ”غلام“ ۽ اردو ڊرامي ”نوري جام تماچي“ کي تعريفي سند ڏني ويئي. محمد بخش ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ جي

شوق ۾ پي ٽي وي تي نوڪري ڪئي هئي ۽ امر جليل جي لکيل ڊرامي ”هيڪل جنڊڙيءَ“ ۾ به ڪم ڪيو هئائين. ان ڊرامي ۾ ساٽس گڏ اداڪاره بينا مسرور ۽ مرحوم اداڪار يوسف عليءَ به ڪم ڪيو هو. هن هڪ پيري پنهنجي ڪم جي حوالي سان ڳالهائيندي ٻڌايو هو ته هو سکڻ لاءِ ڪري روزانو هڪ انگريزي فلم ڏسي ٿو. خاص ڪري ڊيوڊ لينز ۽ وليم وائلر جي.

محمد بخش سميجي جا جيڪي ڊراما بيحد پاپيولر ٿيا انهن ۾ جيت، ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه ڪان علاوه نوري ڄام تماچي، سمجهوتا، غلام، روش، زينت، سوال، آئينو جياپو، ڪونج، تلاش، انتها، سنهري لوڳ، ڳامو سچار، روپ هزار، اڪيلو ماڻهو، چاتل ان ڇاتل پڻ آهي. پاڻ نوڪريءَ جو وڏو عرصو ڪراچي سينٽر تي گذاريو. سندس آئيڊيل اداڪار وحيد مراد هو. هن جي هر ڊرامي ۾ مخصوص اداڪار ۽ اداڪارائون نظر ايندا هئا، جن مان ڪيترائي هن پاڻ متعارف ڪرايا جيئن ته نسرين ناز، قيصر خان، قمر النساءَ هڪڙو، احمد ميمڻ، شگفته پٽو، بشارت عباسي، خالد تنيو، رابعيه نورين ۽ ٻيا ڪيترائي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# آمريڪا ۾ ڊرائيونگ ۽ سهڻيءَ جي ڪهاڻي

اسان پينسلوانيا رياست ۾ گهڙڻ بعد exit 1 ذريعي هاءِ وي ڇڏي هيٺين رستن تي آياسين ۽ هتان اسان کي گرين ڪئسل پهچڻ ۾ دير نه لڳي، جتي اسان کي اعجاز شيخ جي گهر پهچڻو هو. اعجاز مئريلينڊ رياست کان جيتوڻيڪ اسان کانپوءِ نڪتو هو پر جيئن ته اسان مڪئي جي پوک ڏسڻ لاءِ منو ڪلاڪ کن رستي تي ترسي پيا هئاسين، ان ڪري اعجاز اسان کان گهڻو اڳ نڪري ويو ۽ هاڻ گهر پهچي منجهند جي ماني لاءِ اسان جو انتظار ڪري رهيو هو. اسان جي پهچڻ سان هن پنهنجو هي خريد ڪيل گهر جو هڪ هڪ ڪمرو ڏيکارڻ شروع ڪيو. تيسين سندس زال جيڪا صبح کان اڪيلي سر ماني تيار ڪري رهي هئي سان کائڻ لاءِ ٽيبل تي رکڻ لڳي. آمريڪا جي گهرن ۽ رهائش بابت هتي هڪ ٻه ڳالهيون پڙهندڙن جي معلومات لاءِ لکي رهيو آهيان.

آمريڪا ۾ ٻيا ڪٽي مزا هجن پر هر هڪ کي نوڪري ۽ گهر جو پورهيو پاڻ ڪرڻو پوي ٿو. ايشيائي ملڪن وارا "نوڪر چاڪر رکڻ وارا مزا" نه آهن. اسان جي ملڪ ۾ ته ماڻهن جو هيڪاندو دماغ خراب ٿيل آهي. هڪ ٻار کي ٻه نوڪر بوٽ ڪٽي پيو ڏيندو بلڪ پارائيندو. ٻهاري ۽ چنڊ ڦوڪ ڪرڻ لاءِ ماسي هوندي، ڪار جي صفائي ۽ هلائڻ لاءِ ڊرائيور هوندو پر يورپ، جپان توڙي هيڏانهن آمريڪا ۾ وڏا وڏا آفيسر ۽ امير گهرن ۾ به هر ڪو پنهنجو ڪم پاڻ ٿو ڪري. رڌ پچاءَ کان ٿانو ۽ ڪپڙا ڌوئڻ، گهر جي صفائي، ٻارن کي تيار ڪرڻ وغيره وغيره. پوءِ ڪنهن ڪم ۾ عورت کي مرد مدد ڪرائيندو نظر ايندو ته ڪنهن ۾ مرد کي عورت. ڪيترن گهرن ۾ ته نوڪري به نه فقط مرد پر زال به ڪري ۽ ڪيترا مرد (هتي جا آمريڪن يا ڪيترا اسان جا ديسي پڻ) گهر جي وڌندڙ خرچ کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻه ٻه نوڪريون به ڪن.

ٻي ڳالهه ته هتي آمريڪا ۾ اسلام آباد وانگر سخت موسم ٿئي يعني تمام گهٽي سردي ۽ اونهاري ۾ گرمي. ان ڪري هر گهر ۾ Heating System ۽ ايئر ڪنڊيشنر ضروري ٿي پيو آهي.

هتي جي گهرن جي ٻي خاص ڳالهه اها آهي ته هتي آمريڪا جي گهرن ۾ اسان وانگر (يا يورپ جي ملڪن وانگر) هر ڪمري سان گڏ اٽيچڊ باٿ روم نه ٿئي. ڪيترن ٻن يا ٽن

ڪمرن وارن گهرن ۾ به فقط هڪ باٿ روم آهن. جپان ۾ به ائين آهي پر اتي ته زمين جي کوٽ ڪري اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي.

اعجاز شيخ جو گهر شهري گهرن جيان ڳتيل علائقي ۾ نه آهي پر ٻهراڙي Country Side واري نموني جو کليل گهر آهي، جنهن جي چوڌاري ڪيتري ئي Space ڇڏيل آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته آمريڪا ۾ ڪي ڪي هنڌ قدرتي سونهن ۾ ايڏو ته خوشحال آهن جو ڇا ڳالهه ڪجي. هي گهر به اهڙي ئي سهڻي نظاري واري علائقي ۾ آهي. گهر جي اڳيئن پاسي توڙي پٺئين پاسي بيهي نظر ٿي ڪيم ته حد نگاهه تائين ساوڪ ئي ساوڪ نظر آئي ٿي. چوڌاري خوبصورت پنن وارا وڻ ۽ گلن وارا ٻوٽا ۽ پري پري تائين جيڪي جبل نظر اچن ٿا سي به ملائيشيا وانگر ساوڪ سان ڀريل آهن. هر گهر جي پويان وڏو ڪورٽ يارڊ آهي جتي ڪجهه گهر وارن پينگهون هڻي ڇڏيون آهن، جن ۾ سندن ٻار لڏي رهيا هئا. ڪن گهرن جا ٻار سائيڪلون هلائي رهيا هئا ته ڪي بئڊمنٽن کيڏي رهيا هئا. اعجاز کي ٽي نياڻيون آهن، جن مان وڏي اقراءَ ڪلاس ون ۾ وڃي ٿي. ٻي مرڪ نالي هاڻ ڪي جي ٽائيپ اسڪول ۾ وڃڻ شروع ڪيو آهي ۽ ٽين اريبا اڃا ننڍي آهي ۽ سڄو ڏينهن ماءُ سهڻي سان گڏ رهي ٿي. سهڻيءَ ٻڌايو ته اقراءَ ۽ مرڪ جا جدا جدا اسڪول آهن، جن کي صبح جو ڪڍهن پاڻ ته ڪڍهن اعجاز اسڪول ڇڏي ايندو آهي. ”باقي موڪل مهل کين آئون وٺي اچان.“ سهڻيءَ ٻڌايو ”ويندي وقت يا واپسي تي گهر جي لاءِ گهربل سامان جي خريداري به آئون ڪريان جو اعجاز صبح جو پنهنجي بزنيس پويان نڪري ٿو ته شام جو ٿڪجي موٽي ٿو.“

”پوءِ پلا گاڏي هلايو وڃين؟“ مون پڇيو.

”اها اچڻ سان سکيس جو آمريڪا ۾ ان بنا گذارو ناهي.“ سهڻي ٻڌايو ”چو جو هتي پنهنجي ملڪن وانگر بس جو سسٽم ناهي. ٽئڪسي فقط مجبوريءَ ۾ ڪري سگهجي ٿي. هتي هر ڪم لاءِ پنهنجي ڪار ڪيڏي پوي ٿي. هر ياتيءَ لاءِ پنهنجي ڪار هجڻ ضروري آهي.“

سهڻي جي ڳالهه بلڪل صحيح آهي ۽ آمريڪا ڏي ويندڙن جي معلومات لاءِ مون جاڻي واڻي ورجائي آهي ته هنن ملڪن ۾ هڪ ته انگريزي زبان جو اچڻ ضروري آهي ۽ آمريڪا پهچڻ کان اڳ هو پنهنجي ملڪ مان جيتري قدر ٿي سگهيس ته ڳالهائڻ جي به پرئڪٽس ڪري اچي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي، ڪنهن کي نٿي اچي ته هتي اچي آخر ته هو سکي وڃي ٿو پر جيترو جلد هو سکي وٺندو يا جيترو پهرين کان واقف هوندو اوترو هن لاءِ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بهتر آهي. اهڙي طرح گاڏي هلائڻ آهي. ڪيترا ماڻهو پنهنجي ملڪ مان سکي اچن ٿا ۽ پوءِ هتي معمولي ڪلاسز اٽينڊ ڪري ڊرائيونگ جو ٽيسٽ ڏيئي ڊرائيونگ جو لائسنس وٺن ٿا. ڪي ماڻهو پنهنجي ملڪ مان انٽرنيشنل ڊرائيونگ لائسنس ٺهرائي اچن ٿا ۽ هتي آمريڪا ۾ پهچڻ سان ان لائسنس تي في الحال ڊرائيونگ ڪندا رهن ٿا، جيسين هتي جو امتحان ڏيئي لوڪل ڊرائيونگ لائسنس حاصل ڪن. پر اهڙن ماڻهن جي چتاءَ لاءِ هتي اهو پڻ لکندس تہ هو آمريڪا جي ان رياست، جنهن ۾ هو رهڻ جو ارادو رکن ٿا، اتي رهندڙ پنهنجي دوست يا آفيس يا يونيورسٽي وارن کان خط ذريعي ضرور پڇي وٺن تہ اتي پاڪستان مان ٺهرايل انٽر نيشنل ڊرائيونگ لائسنس کي قبول ڪن ٿا يا نہ. ڇو جو ڪي ڪي قانون آمريڪا جي مختلف رياستن ۾ مختلف آهن. اهو ئي حال ٻين ملڪن جو آهي. ملائيشيا ۾ هوندو هوس تہ اتي انڊيا جا ماڻهو انڊيا مان ٺهرايل انٽرنيشنل ڊرائيونگ لائسنس استعمال ڪندا هئا پر اسان جي ملڪ جو قبول نہ ڪيو ويندو هو جنهن لاءِ هومختلف سبب ٻڌائيندا هئا تہ پاڪستان حڪومت سان ميوچل اگريمينٽ ناهي ۽ ٻيو تہ پاڪستان ۾ ڊرائيونگ جو صحيح طرح لکت ۾ ۽ پريڪٽيڪل امتحان وٺڻ بنا ڊرائيونگ لائسنس ڏنو وڃي ٿو...... وغيره

بهرحال آمريڪا ۾ ايندڙ ڪيترائي پاڪستاني پاڻ سان پاڪستان مان انٽرنيشنل ڊرائيونگ لائسنس ٺهرائي اچن ٿا.

پاڪستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ انٽر نيشنل ڊرائيونگ لائسنس ٺهي ملڻ جي سهوليت موجود آهي. ڪراچي ۾ انهن جي مين آفيس ڪلفٽن تي آهي ۽ انٽرنيشنل ڊرائيونگ لائسنس لاءِ هيٺيان ڪاغذ هجڻ ضروري آهن.

1. پاڪستان جي لوڪل ڊرائيونگ لائسنس جي ڪاپي
2. ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ۔ جو مقرر فِي (هڪ سئو رپيا ڪن) ڏئي، اتي جي ڊاڪٽر کان ٺهرائي سگهجي ٿو.
3. شناختي ڪارڊ جي فوٽو ڪاپي.
4. پاسپورٽ جي ڪاپي، ويزا سميت (ويزا بنا ڊرائيونگ لائسنس نٿو ملي سگهي).
5. لائسنس جي مقرر فِي.

جن کي ڊرائيونگ نٿي اچي، اهي هتي آمريڪا ۾ اچي ڊرائيونگ سکڻ جا ڪلاس اٽينڊ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪن ۾ پوءِ لڪت جو ۽ گاڏي هلائڻ جو امتحان ڏين. جتي جتي پاڪستاني رهن ٿا، اتي پاڪستانين جا به ڪيترائي ڊرائيونگ اسڪول آهن. جن جا اشتهار هتان آمريڪا مان نڪرندڙ (۽ مفت ۾ ورهائجندڙ) اخبارن ۾ ايندا رهن ٿا. جيئن ڪو ڳوٺ جو ماڻهو ڪراچي جهڙي شهر جي ٽريفڪ ڏسي هراسجي وڃي ٿو، تيئن اسان جو حال هتي آمريڪا ۾ پهچي ٿئي ٿو جنهن جو احوال هن کان اڳ واري سفرنامي (نيو هالا کان نيويارڪ) ۾ لکي چڪو آهيان ته هتي جي نيويارڪ جهڙن شهرن جي ٽرئفڪ، هيٺ مٿي وهندڙ رستا، پليون ۽ سمنڊ هيٺان سرنگهون ڏسي، ڪجهه ڏينهن لاءِ دماغ چڪرائجيو وڃي ته هتي ماڻهو ڪيئن ٿا گاڏي هلائين. پر آخر هتي انڙپور، ٻيڊاپور جو رهاڪو ڊاڪٽر رمضان ۽ هالا جي سندس زال ڊاڪٽر ليليٰ ڪيريو به ته ڪار هلائي پيئي. پيالوءِ جو عاشق علي لاکو گهوٽڪي جو رميش ٿارواڻي ۽ محراب‌پور جي‌ءَ پارا نور النساءَ گهانگهرو به ته گاڏي هلائين پيون.

”يلا آمريڪا ۾ گاڏي هلائڻ ڪيئن ٿي لڳي؟“ مون شائسته (سهڻيءَ) کان پڇيو.

”پهرين، ڏينهن گهبراهٽ محسوس ٿئي ٿي ۽ پوءِ احساس ٿئي ٿو ته هتي گاڏي هلائڻ سپ ۾ سولو ڪم آهي، جو هتي هر ڪو قاعدي قانون مطابق هلي ٿو. قانون جي پيچڪڙي ڪندڙ تي وڏا ڏنڊ آهن ۽ ڏوهارين کي جهلڻ لاءِ پوليس ۽ ڳجهن هنڌن تي ڪئميرائون لڳل آهن ان ڪري هرڪو ڊپ ۾ رهي ٿو ۽ قانون طرفان مقرر حد تائين تيز رفتار گاڏي هلائي ٿو پر فضيلت سان هلائي ٿو ۽ پنهنجي Lane ۾ هلائي ٿو ۽ ٻئي کي ڊسٽرب نٿو ڪري.“

سهڻيءَ اسان لاءِ ۽ الباني (نيويارڪ) کان ايندڙ اعجاز جي پيڻ انيلا، پيڻوئي ڊاڪٽر نذير ميمڻ ۽ ان جي ٻارن لاءِ به ٻوڙ چانور ۽ ماني پچائي ورتي هئي،جيڪا هتي اڪيلي سر رهندڙ عورت لاءِ وڏي ڳالهه آهي، جو هن کي گهر جي صفائي به پاڻ تي ڪرڻي پوي، ٻارن جي ديک ڀال به کيس ڪرڻي ٿي پوي ۽ نوڪرياڻي، ڊرائيور يا ڪم واري ڇوڪري جي نه هجڻ ڪري مارڪيٽ مان سيڌو سامان، رڌ پچاءُ ۽ ٿانو به کيس ڌوئڻا پون ٿا. ان کان علاوه ٻارن کي هوم ورڪ ڪرائڻ، ڪپڙا ڌوئڻ ۽ استري ڪرڻ جهڙا ڪم به هن کي ئي اڪيلي سر ڪرڻا پون ٿا ۽ هيءَ نه فقط ”سهڻيءَ“ جي ڪهاڻي آهي پر آمريڪا ۾ رهندڙ هر عورت جي ڪهاڻي آهي. پر هي گهرو ڪمن جون ڳالهيون سهڻيءَ جي حوالي سان ان ڪري ڪڍي ويٺو آهيان جو هتي آمريڪا ۾ جن به عورتن سان ملاقات ٿي. خاص ڪري پنهنجي وطن جي عورتن سان، انهن ۾ سهڻي سڀ ۾ ننڍي آهي. ان عمر جي حساب سان ٻار به گهڻا اٿس ۽ ٻهراڙي جي علائقي ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

رهڻ ڪري ڪيس پيچ ڍڪ بہ گهٽي ڪرڻي پوي ٿي. سو اسان جي ملڪ کان هيڏانهن آمريڪا ايندڙ اهي عورتون جيڪي گهٽي ڪم ۽ محنت جون عادي نہ آهن اهي هتڙن مثالن مان Inspiration حاصل ڪري سگهن ۽ هنن لاءِ هتي مردن وانگر ڪم ڪرڻو پوي ٿو. بلڪ غور سان تجزيو ڪيو وڃي تہ آمريڪا ۾ نوڪري ڪندڙ مرد کان وڌيڪ گهريلو عورت ڪم ڪري ٿي. مرد تہ ڇنڇر ۽ آچر موڪل ڪري ٿو عورت تہ اهي ڏينهن بہ رڌ پچاءُ ڪري ٿي، ٻارن جو خيال ڪري ٿي ۽ گهر جي صفائي ڪري ٿي، تڏهن تہ آمريڪا ۾ رهندڙ ڪيتريون ئي عورتون اهو آواز بلند ڪري رهيون آهن تہ هر مرد کي پنهنجي پگهار جو اڌ زال کي ڏيڻ کپي. بهرحال عورت جي وڌندڙ ڪم ۽ جوابداريءَ کي ڏسي هتي رهندڙ اسان جا ديسي مرد پنهنجو پاڻ کي پتي ديوتا سمجهڻ جو ڀوت ائٽلانٽڪ سمنڊ جي هن پار ئي ڇڏي اچن ٿا ۽ هتي سڌا ٿي پنهنجين زالن کي ڪپڙا ڌوئڻ ۾ بہ مدد ڪن ٿا تہ ٿانو بہ ڌوئن ٿا تہ ٻارن کي تيار ڪري اسڪول بہ وٺي هلن ٿا. جو جو سنڌن گهر واريون هندو ڌرم جون گهٽن هٽن واريون ديويون نہ آهن جو صبح جو اٿي هڪ هٿ سان پنهنجن مڙسن ۽ ٻارن لاءِ نيرن تيار ڪري ڏين تہ ٻئي هٿ سان استري ڪن، ٽئي سان ٻارن کي تيار ڪن ۽ چوٿين سان گاڏي اسٽارٽ ڪري رکن جيئن اها سياري جي ٿڌ ۾ هلي سگهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## پورهئي کي عيب نہ سمجهڻ وارو آمريڪا ۾ ڪامياب رهندو

ٿوري دير بعد ڊاڪٽر نذير ميمڻ ۽ سندس فيملي نيويارڪ کان پهچي ويا ۽ اسان ماني شروع ڪئي. مانيءَ تي پيئي سان گڏ انب بہ هئا، جن لاءِ اعجاز ٻڌايو تہ هتي آمريڪا ۾ انڊيا کان باءِ ايئر اچن ٿا ۽ انڊيا وارن جي سٺي ڪمائي ٿئي ٿي. بهرحال اها ڪا حيرت جهڙي ڳالهہ ناهي تہ اسان پاڪستانين جا تہ انب، صوف ۽ ڪينو جهڙا ميوا پاڙي جي عرب ملڪن ۾ بہ ڪاميابيءَ سان وڪرو نٿا ٿين. انڊيا وارن جي هر شيءَ آمريڪا ۽ ڪئناڊا جهڙن ڏورانهن ڏيهن ۾ بہ پهچيو وڃي ۽ اسان جي ديسي ماڻهن سان گڏ مڪاني گورا بہ خريد ڪن ٿا. بقول هڪ پاڪستاني دڪاندار جي هو انڊيا جون شيون ان ڪري پنهنجي دڪان تي وڪري لاءِ رکي ٿو جو اهي بهتر جنس جون آهن، وقت تي پهچيو وڃن، قيمت مناسب اٿن ۽ گريڊنگ مطابق آهن. يعني دبي ۾ جهڙي شيءَ مٿي نظر اچي ٿي اهڙي هيٺ تري ۾ آهي، انڊيا جو ڊارين ملڪن ۾ واپار وڌائڻ ۽ ملڪ لاءِ غير ملڪي ناڻين ڪمائڻ ۾ انڊيا جي حڪومت، اتي جا واپاري، اتي جون هوائي ڪمپنيون ۽ سفارتخانا سڀ Co_ordinate ڪن ٿا.

سهڻيءَ ٻڌايو تہ ”2002ع ۾ هتي آمريڪا اچڻ بعد وري پاڪستان نہ وئي آهيان. هن سال پاسپورٽ ملڻ تي وينديس.“ اعجاز وانگر سندس زال سهڻي وارن سان بہ منهنجو نہ فقط مائٽي وارو ناتو آهي پر ان کان بہ دوستي جو پراڻو آهي. سهڻي ۽ سندس ڀاءُ ڀيڻ: شجاع، شمسہ (هاڻ آسٽريليا ۾) فيصل، فرخ (هاڻ آسٽريليا ۾) فهد ۽ سنڌو منهنجي ڀاڻيجن، ثمير، ضمير، افشان ۽ عائشہ جا سڳا سئوٽ ٿين. سهڻي جي والد شهاب وسطڙو سان منهنجي پهرين ملاقات 1960ع ۾ ٿي، جڏهن آئون ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ مئٽرڪ ڪلاس ۾ هوس ۽ موڪلن ۾ آئون سندس وڏي ڀاءُ ۽ منهنجي ڪلاس ميٽ بشير وسطڙو سان ملڻ لاءِ سندن ڳوٺ مچڙ (تعلقو ۽ ضلعو نوشهروفيروز) آيو هوس. ان وقت شهاب ڇهين ڪلاس ۾ هو. سندن والد صاحب ڊاڪٽر فقير محمد وسطڙو نوشهري فيروز جو سول سرجن هو ۽ هن کان وڏيڪ، سنڌ جي ماڻهن هنن جي مامي محمد بچل وسطڙو کي سڃاتو ٿي، جيڪو هڪ بهترين ملهہ ٿي گذريو آهي ۽ سنڌ جو هر ملاڪڙو هن بنا نامڪمل سمجهيو ويو ٿي.

ڊاڪٽر فقير محمد وسطڙو کي ٻارهن ٻار آهن. سڀ ۾ وڏي ڌيءَ مريم (جنهن کي ممل

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سڏيندا هئا) جنهن جي اڳتي هلي، شادي پنهنجي سئوٽ ۽ سنڌ جي مشهور ۽ ڪلمڪ شخصيت ۽ بئنڪر نثار وسطڙو سان ٿي. ان بعد دين محمد ۽ قمر دين آهن. جيڪي سڀ عمر ٽيچنگ سان وابسته رهيا ۽ نواب شاهه ۽ نوشهري ضلعي جا ڪيترائي اهم آفيسر سندن شاگرد رهي چڪا آهن.

ان بعد ڪئپٽن بشير اسان جو هم عمر ۽ ڪلاس ميٽ آهي ۽ هينئر مون وانگر PNSC مان رٽائرمينٽ ورتي اٿس. جتي ڪانئس پوءِ وارو ڀاءُ جمال وسطڙو پڻ نوڪري ڪري ٿو. جمال بعد سهڻيءَ جو ڀاءُ شهاب آهي. جنهن 1972ع ۾ مهراڻ انجنيئرنگ ڪاليج ڄام شورو مان سول انجنيئرنگ ۾ BE ڪئي. شهاب بعد ڀيڻ اميرزادي (ڪريم داد سنديلو جي گهر واري) آهي ۽ ان بعد نظام، نياز جميلا ۽ سڀ ۾ آخري ۽ ننڍو ڊاڪٽر گل منير آهي، جنهن ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو مان انٽر، ايل ايم سي مان MBBS ۽ وڌيڪ تعليم انگلينڊ مان حاصل ڪئي ۽ حيدرآباد ۾ اکين جو ڊاڪٽر eye specialist آهي. هتي آمريڪا ۾ رهندڙ فلڪ شير ۽ سلطان لغاري ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ ڊاڪٽر گل منير جا ڪلاس ميٽ هئا. گل منير جي شادي اسان جي هڪ پيٽارو جي ڪلاس ميٽ ۽ ڊينٽل سرجن ڊاڪٽر رضا شيخ جي ڀاڻيجي رابعه سان ٿي آهي ۽ ڪيس چار ٻار آهن. رمشا، شهام، رائنا ۽ هاڻ سال کن ٿيندو ته ڌيءَ ڄائي اٿن.

شهاب جي شادي پنهنجي ڳوٺ نوشهروفيروز مان انوقت جي مشهور جج معسو خان ٽگڙ جي ڌيءَ ۽ اڄڪلهه جي وڪيل اشفاق ٽگڙ جي ڀيڻ پروين سان 1975 ۾ ٿي. شهاب وارن سان منهنجي اڪثر فيملي جي شادين مرادين ۾ ملاقات ٿيندي رهي ٿي، خاص ڪري جڏهن منهنجو جهاز پاڪستان جي ڪنهن بندرگاهه ۾ ايندو آهي يا حيدرآباد فيروز ميمڻ جي دڪان "نيو فيلڊس" تي نسيم نگر وڃڻ ٿيندو آهي ته شهاب جن وٽ به ليئو ضرور پائيندو آهيان. سهڻي سترهن کن سالن جي هئي ته 1996ع ۾ سندس شادي ادا رفيق شيخ جي وڏي پٽ اعجاز سان حيدرآباد ۾ ٿي. هو حيدرآباد ۾ ئي رهيل هئا. جتي اعجاز پنهنجو اباڻو ڪاروبار زمينداري ۽ ان سان لڳاپيل بزنيس سنڀاليو ٿي ۽ پوءِ ڪجهه سالن ڪانپوءِ اوچتو ٻڌوسين ته اعجاز ٻارن سميت آمريڪا هليو ويو آهي. ۽ هاڻ جڏهن مانيءَ تي ويٺا هئاسين ته مون ڪانئس هتي اچڻ بابت پڇيو.

"چاچا مون کي آمريڪا اچڻ جو شروع کان شوق هو" اعجاز ٻڌايو. "آئون ڀهريون دفعو

شادي ڪان اڳ، 1994ع ۾ USA وزٽ ويزا تي آيس. ان بعد آمريڪا ۾ رهائش لاءِ لاٽري نڪتي ۽ 2001ع ۾ ٻارن سميت هتي اچي رهائش اختيار ڪيم.“

اعجاز ٻڌايو تہ لاٽري دراصل سندس زال سهٽيءَ نالي نڪتي هئي.”آمريڪا جي لاءِ Immigrant Visa جي لاٽريءَ جو جيئن ئي اعلان ٿيو تہ مون انٽرنيٽ تان ان جو فارم ڪڍي ان جون ڪيترين ئي ڪاپيون ٺهرائي پنهنجي، پنهنجي زال ۽ اسان ٻنهي جي اٽڪل ويهہ ڪن مائٽن لاءِ ڀريو. ٻئي ڪنهن کي بہ شوق نہ هو. مون بہ سوچيو تہ قسمت تہ آزمائي ڏسجي ۽ سهٽي ڀاڳ واري چئبي جو ان جو ڪُٽو نڪري آيو. ٻيو ڪنهن جو بہ نہ نڪتو ۽ جيئن تہ زال يا مڙس مان ڪنهن جو بہ فارم نڪرڻ تي ٻيو بہ وڃي سگهي ٿو سو آٽو ميٽيڪلي اسان ٻنهي کي هتي لڏي اچڻ جي ويزا ۽ گرين ڪارڊ ملي ويو. هن وقت ٽن سالن کان مٿي مدو ٿي ويو آهي ۽ ڪنهن وقت بہ اسان کي هتي جو پاسپورٽ بہ ملي ويندو ۽ اسان هتي ووٽ ڏيڻ جا بہ اهل ٿي ويندا سين.“

”آمريڪا اچڻ تي پهرين ڪٿي رهئين؟“ مون پڇيو.

”آئون USA آيس تہ پهرين ورجينيا ۾ رهيس، جتي منهنجو دوست عزت قاضي رهيو ٿي. هن منهنجي لاءِ پنهنجي پاڙي ۾ اڳوات مسواڙ تي گهر وٺي ڇڏيو. هتي عرفان جماڻي بہ اتي ئي رهيو ٿي ۽ ان ڏينهن کان دوست اٿم. عزت قاضي ان کانپوءِ واشنگٽن رياست هليو ويو.

”پلا هتي آمريڪا پهچي روزگار لاءِ ڇا ڪئي؟“ مون پڇيو.

”آمريڪا اچي پهرين سال کن هڪ ڊپارٽمينٽ اسٽور تي ڪم ڪيم ۽ پوءِ بہ سال کن ٻين مارڪيٽن ۾ ڪم ڪيم، جنهن مان ڪجهہ عرصو فاسٽ فوڊ ريسٽورنٽ ۾، بئنڪ تي، اسٽيٽ ايجنسي ۾ ڪم ڪيم. مون جلدي پنهنجو ڪاروبار شروع ڪرڻ ٿي چاهيو. جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ منهنجو بزنيس Setup هو ۽ ان تجربي جي آڌار تي آئون هتي شروع ڪري سگهيس ٿي پر مون تڪڙ ڪرڻ نٿي چاهي. مختلف هنڌن تي هڪ ورڪر جي حيثيت سان رهي ڪم سکڻ سان گڏ هتي جي بزنيس ۽ مارڪيٽ جي ڇاڻ وٺندو رهيس. بئنڪن وارن سان ملي انهن جي معلومات حاصل ڪيم تہ قرض تي پراپرٽي ڪيئن حاصل ڪجي، هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ سامان ڪيئن گهرائجي، جاين ۽ پلاٽن جي خريد و فروخت ڪرڻ وارن وٽ نوڪري ڪري ان دنيا جي خبر چار لهندو رهيس تہ ڪو پيٽرول پمپ يا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ريسٽورنٽ خريد ڪريان ته کھڙي هنڌ تي خريد ڪجي، جيئن اهو سولائيءَ سان هلي سگھي. ائين ته شيدين جي پاڙن ۾ دڪانن جو اگھه گھٽ آهي ۽ اتي دڪان هلن به ٿا جو هتي جا ڪارا صحت جو خيال ڪرڻ بدران سجو ڏينهن چتو ڪندا رهن ٿا. ڪنهن جاب ۾ هجن يا بيروزگاري جي حالت ۾، سرڪار کان سوشل (خيرات) ۾ مليل پئسو پاڙي جي دڪان تي خرچ ڪندا رهن ٿا پر اهڙن هنڌن تي دڪان يا ريسٽورنٽ هلائڻ سولو ڪم ناهي. جو هتي جي ڪارن (آفريقي) آمريڪن جي ڪميونٽين ۾ ڪرائيم جو گراف تمام مٿانهون آهي.“

اعجاز ٻڌايو ته جڏهن هو واپار جي خيال کان مختلف ڳالهين ۾ پيڙ ٿيو ته پوءِ هن پيٽرول پمپ خريد ڪيو.

”گھر نه ورتئي؟“ مون چيو مانس.

”نه چاچا. منهنجو اصول آهي ته پهرين بزنيس جمائي پوءِ گھر وٺجي. جي پهرين گھر وٺبو ته پوءِ پري ڪا بزنيس Opportunity ڏسڻ بدران، ڳولا گھر جي ارد گرد ئي محدود ٿي وڃي ٿي.“ اعجاز وراڻيو.

اعجاز جي اها ڳالهه Point شروع ۾ به واضح ڪري چڪو آهيان. اعجاز جي ڪجھه ٻين ڳالهين جو تت جيڪو هتي (آمريڪا ۾) ايندڙن ۽ پڙهندڙن لاءِ دلچسپ ۽ معلوماتي ثابت ٿي سگھي ٿو هن ريت آهي.

هتي آئون آيس ته سڀ ڪجھه وساري آيس ته آئون ڪو زميندار آهيان. وڏو ماڻهو آهيان. ڪالهه تائين پنهنجي ملڪ ۾ منهنجي ڪم ڪار لاءِ نوڪر چاڪر هئا پر هتي اچڻ سان نوڪر ٿي ڪم ڪيم. سکڻ لاءِ سڀ ڪجھه ڪرڻو پوي ٿو. ٽي سال ڪن ٻين وٽ پورهيو ڪرڻ ۽ هر هڪ شي ۽ سسٽم کي چڱيءَ طرح سمجھڻ بعد پنهنجو ڌنڌو شروع ڪيم.

هتي اهو ماڻهو ڪامياب ويندو جيڪو محنتي آهي ۽ پورهيو ڪرڻ کي عيب نٿو سمجھي.

بزنيس ڪرڻ ڪو سولو ڪم ناهي. بزنيس کان اڻ واقف ڪيترا ماڻهو اهو سمجھن ٿا ته بزنيس لاءِ فقط پئسو Capital هجڻ ضروري آهي. ان چڪر ۾ پنهنجي ملڪ ۾ به اسان جي ڪيترن سنڌي مسلمانن نوڪريون ڇڏي ڌنڌو شروع ڪيو پر ڪري نه سگھيا.

ڪارن جي مقابلي ۾ هتي جا گورا وڌيڪ ايماندار، وعدي جا پڪا ۽ ڏيتي ليتيءَ ۾ سٺا آهن. اهڙي طرح هتي جي عرب واپارين کان انديا پاڪستان جا گجراتي ۽ ميمڻ بهتر آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## حيدرآباد جو اعجاز شيخ ۽ شهدادپور جو ڊاڪٽر نذير

اعجاز شيخ جي فيملي لاءِ به چار ستون لکڻ بي محل نه ٿيندو ۽ سندس مائٽن مٽن جا نالا ياد ٿي ويندا، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن مون کان به وسريو وڃن. منهنجي خيال ۾ حيدرآباد جو شايد ئي ڪو رهاڪو هجي، جيڪو اعجاز شيخ جي والد صاحب ۽ چاچن کي نه سڃاڻندو هجي. اعجاز جا وڏا سعيد آباد جا آهن. ان ڪري حيدرآباد ۾ هنن کي "سعيدآبادي شيخ" به سڏيو وڃي ٿو ۽ سندن زمينون ۽ باغ اڃان تائين سعيد آباد ۾ آهن.

اعجاز جو ڏاڏو محمد صديق شيخ صاحب اڄ کان اڌ صدي کان اڳ سعيد آباد مان لڏي هير آباد حيدرآباد ۾ اچي رهيو. کين ٽي پٽ: محمد رفيق (اعجاز جو والد)، حاجي فيض محمد، حاجي سليمان ۽ هڪ ڌيءَ ستابي هئي. جن جو اولاد هن ريت آهي:

1. حاجي رفيق شيخ جي پهرين گهر واري محترمه رقيه مان فقط هڪ ٻار بشير شيخ نالي آهي. ٻي زال مان کين چار پٽ (اعجاز، خالد، جمال جنهن جي شادي مٽياري جي غلام رسول جي ڌيءَ سندس شيخ سان ٿي آهي ۽ عمران) ۽ چار نياڻيون (شاهينا جنهن جي شادي سندس پڦاٽ عبدالرحمان سان ٿي، رضوانا جنهن جو گهوٽ منير صاحب پي ٽي سي ايل ۾ آهي، فرحانا جيڪا ڊپٽي ڪمشنر انڪم ٽئڪس شفقت ڪيهر جي زال آهي ۽ سڀ ۾ ننڍي انيلا جيڪا هتي آمريڪا ۾ رهي ٿي ۽ هن وقت پنهنجي مڙس ڊاڪٽر نذير ميمڻ سان گڏ نيويارڪ کان هتي پينسلوانيا رياست جي گرين ڪئسل شهر ۾ پنهنجي ڀاءُ اعجاز وٽ گهمڻ لاءِ آئي آهي.)

2. حاجي فيض محمد جي گهر واري ۽ حاجي رفيق شيخ جي ٻي گهر واري ڀيڻون به ٿين ان ڪري هنن ٻائرن جو اولاد سئوٽ به ٿئي ته ماسات به. حاجي فيض محمد کي هڪ پٽ (ڊاڪٽر فياض جنهن جي شادي رخسانا سان ٿي آهي) ۽ چار ڌيئرون آهن (وڏي ڌيءَ رضيه واپڊا جي چيف انجنيئر عبدالقادر شيخ جي زال آهي، ٻيو نمبر ڌيءَ فوزيا آهي. ان بعد شازيا آهي، جيڪا پڻ هتي آمريڪا جي رياست مشيگان ۾ رهي ٿي، سندس مڙس ڊاڪٽر خالد ڏيپلائي ميمڻ ڊينٽل سرجن آهي ۽ ننڍي ڌيءَ نازيا جي شادي سندس مامي جي پٽ نديم سان ٿي آهي.)

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

3. حاجي سليمان سڀ ۾ ننڍو ڀاءُ آهي، جنهن کي ٽي ٻار آهن. وڏو اشفاق آهي، جنهن جي شادي اسان جي سکر جي دوست حاجي يار محمد گهمرو جي گهران ٿي آهي. ان بعد شبانا آهي، جيڪا منهنجي ننڍي ڀاءُ آفتاب جي زال آهي، جيڪي پنهنجن ٽن ٻارن، ياسر، عامر ۽ عمار سان گڏ ٽورنٽو ڪئناڊا ۾ رهن ٿا. ان بعد ننڍو پٽ امتياز آهي. اعجاز شيخ کي هڪ ٻي پڦي ستابي (شفي محمد صاحب جي گهر واري) آهي، جنهن جو وڏو پٽ عبدالغفور آهي. ان بعد شاهينا جو مڙس عبدالرحمان ۽ پوءِ عبدالجبار آهي، جنهن بعد شميم آهي، جنهن جي شادي سعيد آباد جي شمس الدين شيخ سان ٿي آهي ۽ ان بعد نسيم آهي.

اعجاز شيخ جي پيٽوئي ڊاڪٽر نذير ميمڻ سان منهنجي ملاقات هتي اعجاز جي گهر (پينسلوانيا رياست جي هڪ ننڍڙي ٽائون گرين ڪئسل) ۾ پهريون دفعو ٿي ۽ جيتوڻيڪ هيءَ ملاقات ايترو مختصر رهي جو عام حالتن ۾ شايد هتي ان جو ذڪر نه اچي سگهي ها پر منهنجي نظرن ۾ ڊاڪٽر نذير ميمڻ صاحب هڪ بيحد نيڪ انسان، ذهين شاگرد ۽ محنتي ڊاڪٽر، غريبن ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪرڻ وارو ۽ وڏي عهدي تي هجڻ جي باوجود تمام گهڻو humble ۽ بااخلاق ماڻهو آهي. هن بابت ۽ هن جي دلچسپ ۽ معلوماتي ڳالهين جو هتي احوال نه لکڻ ناانصافي ٿيندي.

ڊاڪٽر نذير ميمڻ نه فقط ڊاڪٽري پڙهيل آهي پر هتي Practice به ڪري ٿو. منهنجو مطلب آهي ته هن جو هتي ڪم به اهو آهي، يعني مريض ڏسڻ ۽ انهن جو علاج ڪرڻ. اهو ان ڪري لکي رهيو آهيان ته اسان جي پاسي جي ملڪن جا هتي آمريڪا ۾ ڊاڪٽر ته ڪيترائي آهن پر گهڻائي (خاص ڪري اسان جي ملڪن جي) ڊاڪٽرن جي اهڙي آهي جن کان ڪٽي پڇ ته ڪهڙي اسپتال ۾ ڪم ڪريو ٿا ته وراڻيندا اسان فلاڻي سب وي اسٽيشن تي سئنڊوچ وڪڻون ٿا، يا فلاڻي اسٽور تي سيلزمئن آهيون يا ٽئڪسي ٿا هلايون......... وغيره وغيره. بهرحال هتي آمريڪا ۾ ڪنهن به قسم جو پورهيو ڪري حق حلال جي روزي ڪمائڻ کو عيب نٿو سمجهيو وڃي ۽ اسان جي ملڪ جا ڪيترائي به اڪثر انجنيئر هتي بزنيس ۾ وڏيڪ ڪامياب ٿيا آهن. هو ڪنهن اسٽور يا ريسٽورنٽ ۾ ڪم ڪري، پئسو بچائي اها ريسٽورنٽ، اسٽور يا پيٽرول پمپ خريد ڪري، ان کي پهرين کان بهتر نموني سان هلائي رهيا آهن. سو اها ڪا خراب ڳالهه ناهي ته ڊاڪٽر ٿي ڪري ڊاڪٽري بدران ڪو ٻيو پورهيو ڪجي پر ڪڏهن ڪنهن کان پڇڻ تي اڳلي کي embarrassment ٿيو پوي.

هيئنر بہ ايندي وقت عرفان کي سخت زڪام هو ۽ هتي پهچڻ سان جڏهن اعجاز پنهنجي پيٽوئي نذير سان ملائڻ وقت ڊاڪٽر نذير چئي تعارف ڪرايو تہ مون کي هڪ وارو دل ۾ آيو تہ هن سان عرفان جي زڪام جي ڳالهہ ڪري دوا لاءِ چوان پر اجاتو خوف محسوس ڪري چپ ٿي ويس تہ ڪاٿي اهو جواب نہ ملي تہ آئون ڊاڪٽر MBBS ضرور آهيان پر گذريل ڇهن سالن کان فلاڻي ڪمپنيءَ ۾ اسٽور ڪيپر آهيان. بهرحال مانيءَ کانپوءِ چانهہ لاءِ جيئن ئي ڊرائنگ روم ۾ اچي ويناسين تہ اعجاز ڊاڪٽر نذير کان دوا لاءِ پڇيو ۽ آئون سمجهي ويس تہ اعجاز جي ننڍي ڀيڻ انيلا جو گهوٽ نہ فقط ڊاڪٽري امتحان پاس ڪيو آهي پر هتي آمريڪا ۾ پنهنجي پروفيشن جي پرئڪٽس بہ ڪري ٿو ۽ پوءِ اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڊاڪٽر نذير LMC مان گريجوئيشن ڪرڻ بعد هتان آمريڪا مان وڌيڪ تعليم حاصل ڪئي ۽ MD ڊگري حاصل ڪئي, جيڪا هتي وڏي ڳالهہ سمجهي وڃي ٿي.

ڊاڪٽر نذير ميمڻ ميڊيڪل جي ٻن برانچن جو Specialist (ماهر) آهي: هڪ انٽرنل ميڊيسن ۽ ٻي جيريا ٽرڪس (Geriatrics).

جيرياٽرڪس ميڊيڪل سائنس جي اها برانچ آهي, جيڪا پيريءَ (ٻڍاپي) جي بيمارين جي بچاءَ ۽ علاج بابت آهي. اسان جي ملڪ ۾ هن برانچ جا ڄاڻو ڊاڪٽر ورلي ڪي هجن جو هڪ تہ اسان جي ملڪ ۾ وڏي عمر جا ماڻهو گهٽ آهن ۽ جيڪي آهن تہ انهن کي اهو شعور ۽ سهوليت ناهي جو هو پيريءَ جي بيماريءَ جي ماهر ڊاڪٽر (جيراٽريشن) وٽ پهچن. ايتري قدر جو ڪنهن کي ذيابطيس (ڊائبٽيز) يا ساهہ جي تڪليف ٿي ٿئي تہ بہ هو هڪ عام ڊاڪٽر MBBS وٽ پهچي ٿو يا وڏ ۾ وڏ شهرن ۾ ڪو پئسي وارو آهي تہ هو وڌيڪ پڙهيل فزيشن FRCP يا FCPS ٽائيپ وٽ پهچي ٿو.

جيرا ٽريشن اهو ڊاڪٽرآهي, جيڪو 65 سالن کان مٿي واري عمر جي ماڻهن جي بيمارين جي جانچ ۽ علاج ڪري, جيئن پيڊيا ٽريشن Pediatrician يعني ٻارن جي بيمارين جو ماهر ڊاڪٽر ٻارن کي ڏسي ٿو. جيرياٽريشن يوناني لفظ geron معنيٰ پوڙهو ماڻهو ۽ iatros معنيٰ ڇٽائيندڙ تبيب healer.

جيراٽريشن ڪنهن کي بہ موت کان نٿو بچائي سگهي پر هو گهٽ ۾ گهٽ بيمار پوڙهي کي جيڪو نہ فقط جسماني طرح ڪمزور آهي پر سماجي طرح بيوس ۽ اڪيلو آهي, ان کي سندس هڪ يا وڌيڪ بيمارين جي پيڙا کان بچائي سگهي ٿو يا دوائن ۽ دلاسن ذريعي ان درد

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

کي ڪجهه گهٽائي سگهي ٿو.

بقول هڪ سئيڊن جي هڪ جيراٽريشن جي:

Our goal is to maximize the patient's ability to be as independent as possible"

سئيڊن جهڙا ملڪ جتي صحت جو وڏو خيال رکيو وڃي ٿو جتي آب هوا ۽ کاڌو پيتو هائيجن جي بهترين اصولن تي ملي ٿو اتي ماڻهن جون عمرون تمام وڏيون ٿين ٿيون. آئون جڏهن اتي جي يونيورسٽي ۾ پڙهندو هوس تہ بسين ٽوڙين پارڪن ۽ گهرن جي ڏاڪين تي ڪيترائي سئو کان مٿي عمر وارا نظر ايندا هئا. اسان جي ملڪن ۾ جتي ماڻهوءَ جي سراسري Average عمر پنجاهہ سال کن مس آهي، اتي وڏي عمر جون دعائون ڏنيون وڃن ٿيون ۽ سئيڊن جي پوڙهن سان ڪڏهن خبر چار ڪندو هوس تہ هو ان وڏي عمر کي نعمت نہ پر مصيبت ئي سمجهندا هئا. مون واري بلڊنگ ۾ رهندڙ هڪ اهڙي پوڙهي پنهنجي پيٽ اسان جي ملڪ جي ماڻهن سان ڪندي چيو:"ڏس! توهان جي ملڪ ۾ عام طرح ماڻهو سٺ، ستر يا وڌ ۾ وڌ اسي سالن جي ڄمار ماڻي ٿو ۽ ان عمر تائين هن کي وڌ ۾ وڌ شگر، بلڊ پريشر، Prostate gland يا موتيو پاڻي جهڙيون بيماريون ٿين ٿيون.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سئيڊن ۾ وڏي عمر وارا پوڙها هڪ طرف ڪمزوريءَ ڪري پنهنجو ڪم پاڻ نہ ڪري سگهندا هئا تہ ٻئي طرف هڪ ئي وقت هنن کي ڪيتريون ئي بيماريون هونديون هيون. ان مٿان وڏو عذاب اهو هوندو هو جو هنن جو اولاد پنهنجن ئي جهنجهٽن ۽ نوڪرين چاڪرين ۾ اهڙو تہ مشغول رهيو ٿي جو ڪين مهيني ۾ هڪ دفعو بہ مشڪل سان وقت مليو ٿي جو ڪٽي پنهنجي پوڙهي پيءُ يا ڏاڏي سان اچي همدردي ڪري. پوءِ جيراٽريشن جهڙا ڊاڪٽر ئي هنن جو ابو امان آهن، جيڪي سندن جسماني بيمارين ۽ ذهني مونجهارن جون ڳالهيون ٻڌي سندن علاج ڪن ٿا ۽ کين شديد ڊپريشن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. بقول هڪ جيراٽريشن جي:

"Geriatric practice is about helping patients make the transitions to later life as easy and meaningful as possible."

هڪ جيرياٽريشن (پوڙهن جي بيمارين جو معالج/ماهر) ٿيڻ لاءِ هن کي پهرين انٽرنل ميڊيسن ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻي پوي ٿي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”آمريڪا ۾ اهي فزيشن جيريا ٽريشن تي سگهن ٿا،“ ڊاڪٽر نذير ٻڌايو ”جيڪي آمريڪا مان MD يا DO ڊگري حاصل ڪرڻ بعد ٽي سال انٽرنل ميڊيسن ۾ مڪمل طرح هائوس جاب Residency Training حاصل ڪن ٿا. ان بعد ٻه سال وڌيڪ ڪنهن Subspeciality ۾ فيلو شپ ٽريننگ حاصل ڪرڻي پوي ٿي.“

وڏي عمر جون مختلف بيماريون آهن جن مان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پوڙهن ماڻهن کي ٿي سگهن ٿيون. ڊاڪٽر نذير ميمڻ انهن بيمارين مان وري ڊائبٽيز ۽ ٿولهه (Obesity) ۾ وڌيڪ ڄاڻ رکي ٿو. هو انهن بيمارين جي جاچ ۽ علاج جو وڏو ماهر مڃيو وڃي ٿو.

ڊاڪٽر نذير ميمڻ کان علاوه ڪجهه ٻين به ڊاڪٽرن سان ملاقات ٿي جيڪي انٽرنل ميڊيسن ۾ ماهر آهن. جيئن ته جهانگارا باجارا جي مرحوم وڏيري عبداليقين ترڪ جا پوٽا ۽ دلشاد ترڪ صاحب جا ننڍا فرزند ڊاڪٽر اعجاز ۽ ڊاڪٽر اشفاق جيڪي آمريڪا جي اتراهين رياست مشيگان رياست ۾ رهن ٿا. انهن مان ڊاڪٽر اعجاز Gastroantology جو ماهر ڊاڪٽر آهي ۽ ڊاڪٽر اشفاق دل جي بيماري Cardiology جو اسپيشلسٽ آهي ۽ مشيگان رياست جي پر واري رياست انڊيانا ۾ رهي ٿو. ان کان علاوه ڊاڪٽر منل وقاصي ۽ ٻيا آهن.

ڊاڪٽر نذير ميمڻ صاحب ايم ايس، MD ۽ FACP آهي ۽ اڄڪلهه الباني ميڊيڪل ڪاليج، الباني شهر (نيويارڪ) ۾ ميڊيسن جو پروفيسر آهي. پاڻ آمريڪن ڪاليج آف فزيشن جو ڊسٽرڪٽ پريزيڊنٽ هجڻ کان علاوه هيٺيون ذميواريون پڻ سنڀالي ٿو.

Prevention Coordinator/Medical Consultant, VISN.2

President, Medical staff, VAMC Albany: New York.

مشغول زندگيءَ جي باوجود ڊاڪٽر نذير ميمڻ هر هفتي، آچر ڏينهن ٻه ڪلاڪ ڪن پاڪستان کان مريضن جي لکيل اي ميل (خطن) جا جواب لکي ٿو ۽ انهن جي مسئلن مطابق هدايتون ۽ دوائون واپرائڻ جون صلاحون ڏئي ٿو. ”اهو مون تي فرض ٿو ٿئي ته جنهن ملڪ سان منهنجو واسطو آهي،“ ڊاڪٽر نذير ٻڌايو ”ان جي عوام لاءِ ڪجهه وقت ڪڍي انهن جون پريشانيون دور ڪرڻ ۾ مدد ڪريان.“

ڊاڪٽر نذير سان رابطي ۾ اچڻ لاءِ هيٺين اي ميل ايڊريس ۽ فون نمبر آهن:

Nazir.memon@med.va.gov

فون نمبر: 001_518_383_8506

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

فئڪس نمبر: 001_518_383_8511

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## پنهنجي قبر چمچي سان نہ کوٽيو........

ڊاڪٽر نذير نہ فقط انٽرنيٽ ذريعي پنهنجي ملڪ جي مريضن کي مفت مشورو ڏئي ٿو پر فون ذريعي پڻ. اڄ ڪلهہ پاڪستان مان آمريڪا فون ڪرڻ سستو ٿي پوڻ ڪري ڪيترائي ڳوٺاڻا جيڪي انٽرنيٽ ۽ ڪمپيوٽر کان اڻ واقف آهن، اهي ڊاڪٽر صاحب سان فون ذريعي پنهنجي اوکن جو حال سلين ٿا. هڪ اهڙو ئي فون شهدادپور کان ڊاڪٽر صاحب ڏي ان وقت آيو جيڪو لڳو ٿي تہ ڊاڪٽر صاحب کان پهرين بہ پنهنجي علاج بابت صلاح مشورو وٺندو رهيو آهي جو ڊاڪٽر هن کي اجان بہ وڌيڪ وزن (ٿولهہ) گهٽائڻ لاءِ چئي رهيو هو.

فون رکڻ بعد ڊاڪٽر ٻڌايو تہ هي هڪ دڪاندار جو فون هو جنهن کي ننڍي عمر ۾ ذيابطيس (Diabetese) بيماري ٿي پيئي آهي. جنهن جو وڏو سبب سڄو ڏينهن دڪان تي هڪ هنڌ وهڻ ڪري جسم جي چر پر exercise نہ ٿيڻ ۽ گهڻو کائڻ ڪري هيڪاندي ٿولهہ آهي.

”اڄڪلهہ جي ماڊرن دور ۾ سوسائٽيءَ ۾ انسان جي صحت جو وڏو دشمن ٿولهہ Obesity ٿي پيئي آهي.“ ڊاڪٽر نذير ميمڻ ٻڌايو ”ڪنهن کي توهان شل وڏي عمر ماٺين، جهڙي دعا ڏيو ٿا تہ ان سان گڏ کيس اها بہ تاڪيد ڪريو تہ گهٽ کاءُ ۽ گهٽي نہ تہ ٿوري سهي، پر ڪسرت ضرور ڪر.“

ڊاڪٽر ميمڻ ٻڌايو تہ ٿولهہ نہ فقط پاڻ هڪ بيماري آهي پر ڪيترين ئي بيمارين جي پاڙ آهي، جيئن تہ ذيابطيس، بلڊ پريشر، ڪوليسٽرول ۽ هائيپر ليپيڊيميا وغيره. ”اڄڪلهہ ٿولهہ ائين وڌي رهي آهي، ڄڻ اها ڪا وچڙندڙ بيماري هجي. آئون تہ پنهنجن ماڻهن، دوستن ۽ مريضن کي اهائي التجا ڪندو آهيان تہ پنهنجي لاءِ نہ تہ پنهنجي اولاد خاطر پنهنجو خيال ڪريو. وقت کان اڳ هن جهان مان نہ هليا وڃو. گهڻو کائڻ خودڪشي برابر آهي. پنهنجو پاڻ کي پنهنجي هٿن سان نہ ماريو. بک ٿي لڳي تہ کائو ضرور پر ڪجهہ گهٽ کائو ۽ سٺين ۽ مٺن طعامن کان گريز ڪريو ۽ پنهنجو پاڻ کي ٿولهہ کان بچايو. هو چا چوندا آهن تہ ”جيئڻ خاطر کائو ۽ نہ کائڻ خاطر جيئو“. Eat to live, not live to eat.

”ڊاڪٽر صاحب، اسان جي ملڪ ۾ تہ ڪٽي عوام نہ ايترو پڙهيل آهي ۽ نہ هن ۾ ايتري

awareness آهي“ مون چيو. ”پر هتي آمريڪا ۾ جتي تقريبن هر ماڻهو تعليم يافته آهي، اتي به ڏسان پيو ته ٿولهه عام ٿي پيئي آهي.“

”بلڪل صحيح ٿا چئو“ ڊاڪٽر ميمڻ وراڻيو ”بلڪ سڀ کان گهڻو اچو منهن ته آمريڪين جو ٿيو آهي. ماڊرن ۽ ترقي يافته ملڪن ۾ سڀ کان گهڻا ٿلها ماڻهو آمريڪا ۾ آهن. تازن انگن اکرن موجب آمريڪا جي آدمشماريءَ جو ٽيون حصو ٿولهه Obesity جو شڪار آهي، جنهن جو وڏو سبب خوشحالي آهي، جنهن ڪري هو گهڻو کائين ٿا. آئون ته اهڙن مريضن کي نصيحتن دوران ڪڏهن ڪڏهن دڙڪا به ڏيندو آهيان ته

You are digging your graves with knife & fork

توهان ڪانٽي چريءَ ذريعي پنهنجي قبر کوٽي رهيا آهيو يعني گهڻو کائي توهان پنهنجي عمر گهٽائي رهيا آهيو.“

هونءَ ڪو زمانو هو جو ٿولهه خوشحالي ۽ سونهن جي نشاني سمجهيو ويو ٿي. اڄ به آفريڪا جي ڪيترن ملڪن ۾ جتي ڏڪار جهڙيون حالتون آهن، ٿلهي متاري ماڻهوءَ کي شان شوڪت ۽ پئسي وارو ماڻهو سمجهيو وڃي ٿو. قلو پطره جهڙيون ماضيءَ جون سونهن جون راڻيون يا وينڊي رُبين Rubens جهڙن سورهين سترهين صدي جي آرٽسٽن جون شاهڪار تصويرون ڏسندائو ته توهان کي هر عورت ٿلهي متاري نظر ايندي. ماضي بعيد ڇا گذريل صديءَ جي ٽئي حصي تائين ڏسندائو ته پنهنجي فلمي انڊسٽري جون هيروئنيون توڙي ڳائڻيون هيوي ويٽ نظر اينديون. بلڪ ٿلهو هجڻ ئي سندن هيروئن هجڻ جو ثبوت سمجهيو ويو ٿي ته هو اعليٰ رتبي تي آهن. پئسو جام پيو ملين، خوشحال آهن. گهٽ پگهار واريون، جسماني طرح ڏٻريون ۽ سڪل ايڪسٽرا ئي هونديون هيون.

اڄ جي مغربي ڪلچر ۾ ٿلهي عورت گهٽ ڪشش جو باعث سمجهي وڃي ٿي ۽ ٿلهو ماڻهو سست ۽ نڪمو سمجهيو وڃي ٿو. اسڪول ۾ به ٿلهن ٻارن تي ٽوڪون ۽ چرچا ڪيا وڃن ٿا. وينڊي ڪارٽونن وارين فلمن ۾ مزاحيه ڪردار ٿلها ڏيکاريا وڃن ٿا.

”آمريڪا ۾ ٿولهه جو مرض ايترو ته وڌندو وڃي“، ڊاڪٽر نذير ٻڌايو ”جو هاڻ تازين رپورٽن موجب آمريڪا ۾ سڀ کان گهڻو موت سموڪنگ جي جاءِ تي ٿولهه Obesity ورتو آهي. آمريڪا ۾ ٿولهه نمبر ون پبلڪ هيلٿ پرابلم آهي.“

چون ٿا ته ٻي جنگ عظيم ڪانپوءِ 1960ع تائين هڪ عام ماڻهوءَ جي تور توري گهٽي

ضرور وڌي پر بي ٻولي حد تائين ٿلهو ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ تي ٿيو ۽ پوءِ 1980ع کان هيل تائين ٿولهه جي رفتار ايتري تہ وڌي آهي جو جتي وچ اتي محسوس ٿئي ٿو ۽ هتي جي هيلٿ کاتي لاءِ پريشاني پيدا ٿي پئي آهي.

”ان جا ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا؟“ مون معلوم ڪرڻ ٿي چاهيو.

”اهم ترين تہ اهي ئي آهن، جن مان پهريون Overeating شروع ۾ ٻڌائي چڪو آهيان،“ ڊاڪٽر نذير ٻڌايو ”ٻئي نمبر تي کاڌي جي اگهن جي مقابلي ۾ ماڻهن جي ڪمائي (پگهار)، گهٽجو وڌي ويا آهن. مارڪيٽنگ جي طريقن بہ ماڻهن کي گهٽ ۾ بي فائدي واريون شيون کائڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي. 1980ع تائين ٽڪين چاڪليٽن، جنڪ کاڌن ۽ ٻارن جي ٻين شين جي اشتهار بازيءَ تي بندش هئي. ريگن جي حڪومت ۾ اها بندش لاٿي وئي. پنهنجي ملڪ ۾ بہ اهو ئي حال آهي. هونءَ ٻڙاري (بسري) جهڙي مني شيءِ بہ سياري ۾ کائبي هئي. ڪڏهن ميلي ملاکڙي تي وڃبو هو يا عيد برات ٿيندي هئي تہ ٻارن لاءِ مٺائي ونبي هئي. آئيس ڪريم، ڪوڪا ڪولائون، چاڪليٽ ٽافين جهڙيون تہ شيون هونديون ئي ڪونہ هيون پر هاڻ اهي سڀ نہ فقط گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ رکيون آهن پر انهن جي اشتهار بازي بہ پئي ٿئي، جنهن کي ڏسي هر ٻار کائڻ لاءِ تيسو ڪري ٿو ۽ اهو ئي سبب آهي جو نہ فقط هتي آمريڪا ۾ پر پنهنجي ايشيائي ملڪن ۾ بہ وڏن توڙي ٻارن ۾ ڊائبٽيز جهڙو موذي مرض وڃي وڌندو. ان تي وڌي خرابي اها جو ٽي وي جي انيڪ چئنل کلڻ ڪري ۽ انٽرنيٽ ۽ ڪمپيوٽر عام ٿيڻ ڪري ننڍو توڙي وڏو راند کيڏڻ يا واڪ ڪرڻ بدران هڪ هنڌ ويٺو آهي. ان کان علاوه برگر، چپز فرينچ فرائيز جهڙا جنڪ فڊ (ٿولهه پيدا ڪندڙ ۽ رکيل کاڌا) جيڪي نرم ۽ سوادي هجڻ ڪري کائڻ ۾ سٺا لڳن ٿا پر صحت لاءِ هاجيڪار آهن، جو وچي فئشن وڌندو ۽ جتي ڪٿي اهڙو مال سپلاءِ ڪندڙ فاسٽ فوڊ شاپ وڌندا وڃن.“

ڊاڪٽر نذير جو اهو ئي رايو آهي تہ ذيابطيس جهڙي بيماري جيڪا خاموش خوني Silent Killer بہ سڏي وڃي ٿي، جيڪا جسم جي مختلف عضون (گردن، اکين، پيرن، دل وغيره) کي ناڪاره بڻائي انسان کي تباهہ ڪري ٿي، اها توڙي ڪٿي موروثي طرح Hereditary هجي يا ذهني پريشانين باعث پر ان بيماريءَ جو وڏو سبب گهٽ ۾ روغني ۽ مٺاڻ وارا کاڌا کائڻ ۾ ڪسرت نہ ڪرڻ آهي. اسان کي ياد رکڻ کپي تہ گهٽ کائڻ ۽ سادي کائڻ ۾ صحت آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڊاڪٽر نذير بابت هتي اهو لکڻ رهجي ويو تہ پاڻ بنيادي تعليم پنهنجي ڳوٺ شهدادپور مان حاصل ڪئي. انٽر حيدرآباد جي گورنمينٽ ڪاليج قليلي مان ڪرڻ بعد MBBS جي ڊگري LMC ڄامشوري مان ڪئي. ان بعد وڌيڪ تعليم هتي آمريڪا ۾ حاصل ڪئي ۽ هتي ئي نوڪري ڪن ٿا. پاڻ مرحوم حاجي قاسم ميمڻ صاحب جا وڏا فرزند آهن ۽ سندس ٻہ ننڍا ڀائر مشتاق ميمڻ ۽ انيل ميمڻ جن پڻ هتي آمريڪا جي ڏاکڻي رياست فلوريڊا ۾ آهن ۽ مختلف بزنيس ڪن ٿا.

ايل ايم سي ۾ سندس ڪلاس ميٽن ۽ دوستن مان ڊاڪٽر وسيم نيازي هتي ٽيڪساز ۾ نيورو لاجسٽ آهي، ڊاڪٽر رضوان مگسي اسلام آباد ۾ آهي ۽ ڊاڪٽر شاهہ زمان عباسي هتي آمريڪا ۾ پرئڪٽس ٿو ڪري. ڊاڪٽر نذير ميمڻ جو هڪ ٻيو ڊاڪٽر دوست قيصر هتي اوڪلوهاما ۾ Internist آهي. سندس ان دوست جي ويجهڙائيءَ ۾ دل جي آپريشن ٿي آهي.

ڊاڪٽر نذير 1992ع ۾ آمريڪا ۾ آيو. پاڻ Maimonides ميڊيڪل سينٽر، نيويارڪ مان انٽرميڊيسن ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪئي ۽ پوءِ جيريا ٽرڪس ۾ فيلوشپ ڪرڻ لاءِ الباني ميڊيڪل ڪاليج ۾ آيو جتي هو اڄڪلهہ ميڊيسن جو پروفيسر آهي.

ڊاڪٽر نذير ميمڻ 1961ع ۾ شهدادپور ۾ ڄائو. پاڻ اڃا ڇهين ڪلاس ۾ هو تہ سندس والد صاحب (حاجي محمد قاسم ميمڻ صاحب) 1973ع ۾ گذاري ويو. ڪيس ۽ سندس ننڍي ڀاءُ انيل ۽ ڀيڻن کي سندس وڏي ڀاءُ مشتاق ميمڻ پيءُ وانگر پاليو ۽ پڙهايو. مشتاق نہ فقط ڪيس پر ڀيڻن کي بہ ڊاڪٽري پڙهائي جن مان هڪڙي ڀيڻ ڊاڪٽر فرزانا مديني پاڪ ۾ نوڪري ڪري ٿي ۽ ٻي ڊاڪٽر ريحان هتي آمريڪا ۾ آهي. مشتاق ميمڻ صاحب پڻ هتي آمريڪا جي ڏاکڻي رياست فلوريڊا ۾ رهي ٿو جتي هن سان گڏ ننڍو ڀاءُ انيل ميمڻ پڻ بزنيس ڪري ٿو.

ڊاڪٽر نذير ميمڻ جي شادي 1996ع ۾ حيدرآباد ۾ حاجي رفيق شيخ جي ڌيءَ انيلا سان ٿي. ڪيس ٻہ ٻار زريض (Zurez) ۽ مالي (Mali) آهن.

ڊاڪٽر نذير ميمڻ ٻڌايو تہ هو جڏهن آمريڪا ۾ آيو هو هن کي هتي جي residency حاصل ڪرڻ لاءِ نيويارڪ ۾ رهندڙ سندس دوستن ڊاڪٽر علي ابڙو ۽ ڊاڪٽر نور راڄپر رهنمائي ۽ مدد ڪئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## ڊسٽرڪٽ آف ڪولمبيا ۽ آمريڪن جا مسئلا

اعجاز جي گهر (پينسلوانيا رياست جي شهر گرين ڪئسل) ۾ ڪچهري ڪندي شام ٿي ويئي. اعجاز رات جي ماني کائي، پوءِ وڃڻ لاءِ ضد ڪري رهيو هو. نيٺ اعجاز کي چيم تہ ڳالھ ٻڌ: هڪ تہ دير سان لنچ ڪئي اٿئون ۽ ٻيو تہ ايڏي هيوي لنچ ڪئي اٿئون جو صحت جي اصولن موجب اسان کي ٻہ ڏينهن فقط چانهہ ۾ ٻہ پاپا ٻوڙي کائڻ کان علاوه ٻيو ڪجهہ نہ کائڻ کپي. اها ئي ڳالھ تہ ڊاڪٽر نذير سمجهائيندو رهيو تہ اسان ايشين (جن ۾ پاڻ سنڌي بہ اچي وياسين) مائٽن مٽن ۽ مهمانن جو خيال رکڻ خاطر هنن کي هلڪو کارائي صحت مندر رکڻ بدران هنن کي ويتر ڳرا ڳرا کاڌا کارائي بيمار ڪندا آهيون.

”پر چاچا هي تہ پنهنجو پراڻو ڪلچر آهي تہ مهمان جي سٺي ماني ٽڪيءَ سان آجيان ڪجي.“ اعجاز چيو.

”بلڪل صحيح ٿو چوين،“ وراڻيومانس، ”پر اهو سڀ ڪجهہ تڏهن هو جڏهن ڪمپيوٽر ۽ ٽي وي ايجاد نہ ٿيو هو. جڏهن مهمان پيرين پنڌ ايندو هو يا اٺ ۽ گهوڙي تي. هن کي رستي تي سڄي واٽ کائڻ لاءِ چپس ۽ Peanut ۽ ڪوڪ بدران ٿلهو ڀاڳي بہ مشڪل سان نصيب ٿيندو هو ۽ هينئر مردن کان اهي پنڌ هليا ويا ۽ عورتن کان جنڊ. ان ڪري ڊاڪٽر نذير جي نصيحت تي عمل ڪري گهٽ کائجي گهڻو پنڌ ڪجي.“

شام جا ڇهہ ڪن اچي ٿيا هئا. اعجاز کي چيم تہ هاڻ گهٽيئي خبرون چارون ٿيون. بس جلدي جلدي چانهہ پيار تہ عرفان جماڻي ۽ آئون پنڌ کي ڇڪيون. مئريلئينڊ ۽ ورجينيا رياستون اکري واشنگٽن پهچڻو آهي، جتي نائين بجي پروفيسر جاويد پٽو سان ملڻو آهي. پينسلوانيا ۾ اعجاز شيخ وٽ اسين فقط ميڊيسن ۽ ڊاڪٽرن جون ڳالهيون نہ ڪندا رهياسين پر دنيا جهان جا ٻيا بہ ڪوڙ ڪٽيندا رهياسين. اتي ڪيل هڪ بہ مزيدار ڳالهيون جيڪي پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ هتي لکڻ بور ثابت نہ ٿينديون. هڪ تہ اسان واشنگٽن ڊي سي تي بحث ڪيو تہ انهن اکرن D.C جو مطلب تہ ڊسٽرڪٽ آف ڪولمبيا آهي پر آخر اهو ڪولمبيا آهي ڇا. اها ڪهڙي ڪولمبيا آهي، جنهن جو واشنگٽن ضلعو آهي؟

مون ٻڌايو مان تہ اسان جڏهن بہ آمريڪا ايندا هئاسين تہ ان تي بحث ڪندا هئاسين،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مڪاني ماڻهن کان پڇندا هئاسين ته اهي به نه ٻڌائي سگهندا هئا.

اعجاز شيخ چيو ته هو به ان بابت سوچيندو رهندو هو. پوءِ هڪ دفعي UDC (يونيورسٽي) جي پروفيسر ٻڌايو ته ڪولمبيا آمريڪا يعني USA جو شاعراڻو نالو آهي.

”جيئن پاڻ سنڌ کي ”سنڌڙي“ سڏيون ٿا، تيئن شروع جي ڏينهن ۾ هتي جا ماڻهو هن ملڪ کي ڪولمبيا سڏيندا هئا.“ اعجاز ٻڌايو ”ويهين صديءَ جي شروع تائين به هن ملڪ کي پيار مان ڪولمبيا سڏيو ويو ٿي. اڄ به هن ملڪ بابت هڪ مشهور راڳ Columbia, Gem of Ocean ڪڏهن ڪڏهن ڳايو وڃي ٿو ۽ آمريڪا جو پراڻو قومي ترانو Hail Columbia هاڻ وائيس پريزيڊنٽ لاءِ وڄايو وڃي ٿو. آمريڪا USA بدران ”ڪولمبيا“ لفظ اڃا تائين ڪيترين ئي شين ۾ استعمال ٿئي ٿو جيئن ته ڪولمبيا براڊ ڪاسٽنگ سسٽم، ڪولمبيا يونيورسٽي نيوبارڪ، ڪولمبيا پڪچرس ۽ ويندي اسپيس شٽل ڪولمبيا.“

ڪولمبيا لفظ آمريڪا جي ڳولڻ واري ڪرسٽافر ڪولمبس جي نالي مان ٺاهيو ويو آهي. جيئن انگريز پنهنجي ملڪ کي برطانيا Britannia جهڙي مونث نالي سان سڏين ٿا ۽ اطالوي پنهنجي ملڪ اٽليءَ کي Italia Tarrita سڏين ٿا ۽ فرينچ فرانس کي Marianne سڏين ٿا. بين لفظن ۾ ڪولمبيا لفظ آمريڪن جو نعم البدل آهي.

ڪجهه دير سنڌ جي سياست جون ڳالهيون ڪرڻ بعد هتي آمريڪا ۾ رهندڙ اسان جي پاڪستانين جون ڳالهيون اچي نڪتيون ته هنن کي هڪ مشرقي ڪلچر مان هتي مغربي ڪلچر ۾ اچڻ سان ڪهڙيون تبديليون محسوس ٿين ٿيون ۽ هنن کي پنهنجي ۽ هتي جون ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون پسند ۽ ناپسند آهن. ان سلسلي ۾ عرفان جماٽيءَ يا شايد اعجاز شيخ هڪ دلچسپ چرچو ٻڌايو......

هڪ آمريڪن ۽ هڪ ديسي (يعني اسان جي ننڍي کنڊ جو جيڪو پاڪستاني، انڊين، بنگلاديشي يا سريلنڪن به ٿي سگهي ٿو) ڪنهن بار (مئه خاني) ۾ پيگ مٿان پيگ چاڙهي رهيا هئا. ڪجهه دير بعد اسان جي ديسيءَ غمگين لهجي ۾ پنهنجي آمريڪن دوست کي چيو: ”توکي خبر آهي ته منهنجا والدين مون تي زور آڻي رهيا آهن ته آئون هڪ اهڙي ڇوڪري سان شادي ڪريان جيڪا گهرو قسم جي ڳوٺاڻي ڇوڪري آهي، جنهن سان آئون هڪ دفعو به نه مليو آهيان. اسانوٽ ان کي Arranged مئريج سڏيون ٿا. آئون اهڙي ڇوڪريءَ سان هرگز شادي ڪرڻ نٿو چاهيان، جنهن سان منهنجو پيار ناهي........ مون هنن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

کي صاف صاف چيو آهي تہ آئون شادي ڪندس تہ Love مئريج ڪندس، نہ تہ ائين ئي پلو آهيان. هاڻ ماڳهين مون لاءِ گهرو مسئلن جا جبل ڪري پيا آهن.“

آمريڪن همراهہ ٿڌو ساهہ کڻي چيو:

”جيڪڏهن تون Love marriage (پيار جي پرڻي) جي ڳالهہ ٿو ڪرين تہ مهرباني ڪري منهنجي ڪهاڻي غور سان ٻڌ...........منهنجو هڪ عورت سان عشق ٿي ويو. جيڪا پنهنجي مڙس کان طلاق وٺي ٽي سال کن مون سان ڊيٽنگ ڪندي رهي. ان بعد اسان جي شادي ٿي، ڪجهہ سالن بعد. منهنجي پيءُ جو منهنجي ويڳيءَ ڌي يعني منهنجي زال جي پهرين مڙس مان ڌيءَ، سان عشق ٿي ويو. اهڙي ريت منهنجو پيءُ منهنجو ناٺي ٿي ويو ۽ آئون پنهنجي پيءُ جو سهرو ٿي پيس. منهنجي ويڳي ڌيءَ منهنجي ماءُ ٿي پيئي ۽ منهنجي زال ان حساب سان منهنجي ناني ٿي پيئي.

مون لاءِ مونجهارا ۽ مسئلا هيڪاندا وڌي ويا، جڏهن مون کي پٽ ڄائو. منهنجو پٽ منهنجي پيءُ جو سالو ٿيو اهڙي طرح هو منهنجو مامو ٿيو.

حالتون اجان بہ وڌيڪ مونجهاري واريون ٿي پيون، جڏهن منهنجي پيءُ کي پٽ ڄائو. هاڻ منهنجي پيءُ جو پٽ يعني ٻين لفظن ۾ منهنجو ڀاءُ منهنجو ڏهٽو بہ ٿيو. اهڙي طرح آئون پنهنجي پاڻ جو نانو بہ ٿي پيو آهيان تہ ڏوهٽو بہ..........

۽ تون چوين ٿو تہ تنهنجي مٿان گهرو مسئلن جا جبل ڪري پيا آهن....... گو مي اي بريڪ.......... مون کي ساهي پٽڻ ڏي.....

اسان چانهہ جو اڌ گابرو ڪوپ پي اٿي کڙا ٿياسين.

”سائين ڪجهہ دير تہ وهو اجا تہ سج بہ نہ لٿو آهي.“ اعجاز مون کي ۽ پنهنجي دوست عرفان جماڻيءَ کي ڏار ڏار چيو.

”هاڻ ڪلي موڪلايون.......وچڙو آهي بيحد ڏور........“ مون اعجاز شيخ ۽ ڊاڪٽر نذير کي چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## هالا جو ڊاڪٽر گلاب ۽ سکر جي ڊاڪٽر شفيعت جماڻي

اعجاز شيخ جو شهر گرين ڪئسل آمريڪا جي پينسلوانيا رياست جي فرئنڪلن ڪائونٽي ۾ آهي. سان فرئنڪلن ڪائونٽي ان بعد پينسلوانيا رياست ڇڏي مئريلئنڊ رياست ۾ داخل ٿياسين, اهي ٿي ساڳيا هاءِ وي ۽ ساڳيا رستا وٺي ورڻ جي ڪئسين........ 81 نارٿ, 70 ويسٽ, فريڊرڪ, 270 نارٿ/ سائوٿ, ڊيوي روڊ, Morrtrose روڊ, راڪ وائيل, River روڊ, ڪلارا بارٽن, Gallows روڊ, براڊ راڪ روڊ.. ........ مئريلئنڊ کان ورجينيا رياست ۽ ان بعد واشنگٽن ڊي سي. ........

واپسي جي سفر تي اسان ڊاڪٽر گلاب ۽ ان جي فئملي جي ٿي ڳالهه ڪندا آياسين. هيءَ اها فيملي آهي, جنهن سان منهنجو به واسطو چئي سگهجي ٿو ته عرفان جماڻيءَ جو به. سنڌ جو ته شايد ئي ڪو ڊاڪٽر هجي جو هنن کي نه سڃاڻندو هجي.

مرحوم ڊاڪٽر گلاب (ڄمر جي تاريخ 1938ع) اسان جي ڳوٺ هالا بلڪ اسان جي پاڙي ۾ رهندو هو. مون کان ست سال کن وڏو هو جو آئون جڏهن پرائمري اسڪول مان چار درجا پڙهي مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول ۾ پهرين درجي ۾ داخل ٿيس ته ڊاڪٽر گلاب وارن جو گروپ مئٽرڪ پاس ڪري فرسٽ ايئر ۾ داخلا وٺي رهيو هو. انهن ڏينهن ۾ ڪلاس سسٽم اڃا شروع نه ٿيو هو. پرائمري اسڪول جا چار درجا پڙهي پوءِ انگريزي اسڪول ۾ داخلا وٺبي هئي, جتي پهرين درجي Standard کان ستين درجي تائين پڙهبو هو. ستون درجو مئٽرڪ هوندو هو. ڊاڪٽر گلاب جي وڏي ڀيڻ جو پٽ شفي محمد منهنجو ڪلاس ميٽ هو.

اڄ آئون انهن ڏينهن جي تعليم کي اڄ جي اسڪولن سان ڀيٽ ٿو ڪريان ته هالا جهڙي ننڍڙي ڳوٺ جي هاءِ اسڪول ۾ جيتوڻيڪ ان وقت ڪي ماڊرن Audio visual Aids نه هئا, ماستر صاحب کي فقط ڪاري بورڊ ۽ اڇي چاڪ ذريعي شاگردن کي پڙهائڻو پيو ٿي پر هڪ طرف استادن پنهنجو فرض سچائي سان نڀايو ٿي ته ٻئي طرف سلڇڻا شاگرد هئا. ڊاڪٽر گلاب (اصل نالو محمد ميمڻ ولد اسحاق ميمڻ پر گهر, گهٽي توڙي اسڪول ۾ گلاب سڏبو هو) ۽ سندس ڪلاس ميٽ, اڳتي هلي قابل پروفيسر, پرنسپال, ڊاڪٽر, بئنڪر ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

انجنيئر ٿيا. جن مان هنوقت به مون کي ڪيترن جا نالا ياد آهن:

مسعود ارباب (چيف انجنيئر). منور ارباب (UBL جو پريزيڊنٽ). الهه ڏنو شيخ (تعليم کاتو). رسول بخش ابڙو (ڊپٽي ڪمشنر). ڊاڪٽر حسن ميمڻ (گولڊ ميڊلسٽ ۽ LMC جو پرنسپال. سندس زال ڊاڪٽر عذرا ميمڻ به PMC جي پرنسپال ٿي). پروفيسر الهه بچايو پاٽولي. پروفيسر عبدالقدوس علوي (وائيس چانسلر NED). ڊاڪٽر عبدالرحمان (وائيس چانسلر مهراڻ يونيورسٽي). آخوند شفي محمد مجاور. شوڪت ابڙو. محمد يو. احمد جپاني. نورمحمد گاجڻي ميمڻ. ولي محمد شيخ. ولي محمد آخوند. يعقوب ميمڻ....... ڪهڙن جا نالا کڻي ڪهڙن جا ڪڍجن جن نه فقط پاڻ تعليم حاصل ڪئي پر ڳوٺ ۾ رهي پنهنجي اولاد کي به تعليم ڏياري. جن نه فقط سول سروس ۾ پر فوج ۾ به نالو پيدا ڪيو. گذريل صديءَ جو مسلمان سنڌي گهر چڙهڻ ۽ خاص ڪري فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ کان سست رهيو آهي يا ڪيس ٻڌايو ويو آهي پر اسان جي ننڍڙي ڳوٺ هالا جا فوج ۾ به ڪيترائي ملندا ۽ ڊاڪٽر گلاب جي ڪلاس ميٽن جا پائيٽيا پاڻيچا (الطاف ارباب. نورمحمد ميمڻ وغيره) برگيڊيئر پوسٽ تائين پهچي ويا آهن.

ڊاڪٽر محمد (گلاب) 1955ع ۾ هالا مان مئٽرڪ. حيدرآباد گورنمينٽ ڪاليج ڦليلي مان 1957ع ۾ انٽر ۽ 1962 ڌاري LMC مان ڊاڪٽري جي ڊگري حاصل ڪئي. 1964ع ڌاري سندس شادي سندس LMC جي ڪلاس ميٽ ڊاڪٽر شفيعت جماڻي سان ٿي.

ڊاڪٽر شفيعت جماڻي جو تعلق سکر جي هڪ پڙهيل ڳڙهيل فيملي سان آهي. سندس والد صاحب مير محمد جماڻي سنڌ حڪومت ۾ انجنيئر هو. ڊاڪٽر شفيعت سندس ننڍي ۽ پنجن پٽن (رستم. شبير. ضمير. منير ۽ نظير) بعد اڪيلي ڌيءَ هئي. منهنجي هالا ڳوٺ جي ڪري نه فقط ڊاڪٽر گلاب وارن سان چاڻ سڃاڻ رهي آهي پر ڊاڪٽر شفيعت جي فيمليءَ سان پڻ 1960ع کان ويجهڙائي رهي آهي. جو ڊاڪٽر صاحبه جو هڪ ڪزن شوڪت جماڻي منهنجو ڪلاس ميٽ هو ۽ سندن والد صاحب جا منهنجي والد سان دوستاڻا تعلق هئا ۽ شوڪت جماڻيءَ جي ڪري ڊاڪٽر صاحبه جي ڀن ڀائرن شبير جماڻي ۽ منير جماڻيءَ سان پڻ دوستي رهي. ڊاڪٽر صاحبه جي مڱڻي وقت به اتفاق سان آئون خيرپور ۾ شوڪت جماڻيءَ وٽ رهيل هوس ۽ شاديءَ وقت هالا ۾ هوس. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هيءَ شادي هالا جي گولڊن event هئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

شادي بعد ڊاڪٽر محمد (گلاب) ۽ ڊاڪٽر شفيعت مختلف شهرن ۾ نوڪري ڪندا رهيا. خيرپور، لاڙڪاڻو سکر، ٺري ميرواهه، ڪنڊيارو، پنوعاقل وغيره. کين چار ٻار ٿيا وڏو فاروق ان بعد فواد، فيصل ۽ آخري فراز. فاروق ۽ فراز لاس اينجلس ۾ رهن ٿا، جتي سندن ڪمپيوٽر ۽ سافٽ ويئر جو بزنيس آهي. فيصل ڪراچي ۾ پنهنجي مامي نظير ۽ مامي سلميٰ سان گڏ رهي ٿو جيڪا سندس والد ڊاڪٽر گلاب جي ڀيڻ هجڻ ڪري پڦي به ٿئي.

زندگيءَ جا آخري ڏينهن فيصل جا والدين ۽ ڀاءُ فواد پڻ لاس اينجلس ۾ هئا. 9 آڪٽوبر 1996ع تي ڊاڪٽر شفيعت ڪئنسر جي بيماري ۾ وفات ڪئي. دفن لاءِ سندس لاش کي ڪراچي آندو ويو. آئون انهن ڏينهن ۾ پاڪستان هوس. پنهنجي ڪلاس ميٽ شوڪت جماڻي سان گڏ عذر خواهي لاءِ اسين ڊاڪٽر گلاب جي گهر آياسين. سندس شاديءَ بعد ساڻس منهنجي هيءَ پهرين ملاقات هئي. ڊاڪٽر صاحب کي پنهنجي ساٿيءَ جي وڇوڙي اهڙو صدمو رسايو جو دل جو مرض وٺي ويٺو. هو سٺ واري ڏهي جي شروع وارن سالن ۾ هوته 21 آڪٽوبر 2000ع تي سندس دل جي اوچتي بيهڻ Heart Attack ڪري هيءَ فاني دنيا ڇڏي پنهنجي خالق حقيقيءَ سان وڃي مليو.

ڊاڪٽر صاحب زندگيءَ جا آخري ڏينهن ڪراچيءَ جي هڪ اسپتال ۾ علاج هيٺ هو. سندن وفات جي ڏکوئيندڙ خبر مون کي فون ذريعي اقبال ترڪ ٻڌائي، جنهن جو گهر ڊاڪٽر صاحب جي گهر سامهون آهي. آئون انهن ڏينهن ۾ پنهنجن جهازي دوستن وٽ ملائيشيا آيو هوس. انهن ڏينهن ۾ ڏور اوڀر جي لڳندڙ ٿهريلي طوفاني Typhoon xangasane ڏور اوڀر ۽ ڏکڻ چيني سمنڊ ۾ راڳا ڪري رکيا هئا. سخت تيز هوائون ۽ سامونڊي وڏيون ويرون فلپين جي ڪناري وارن ڳوٺن کي تباهه ڪري رهيون هيون. طوفان جي اک جيتوڻيڪ ملائيشيا (ڪوالالمپور) کان پري هئي پر تڏهن به ان جي اثر ڪري ملائيشيا ۾ ڏينهن رات بارش هلي رهي هئي ۽ جتي ملائيشيا جو عوام وسڪاري جو مزو وٺي رهيو هو اتي منهنجا جهازي دوست جن جا جهاز طوفان واري سامونڊي علائقي ۾ تڳي رهيا هئا، سخت پريشان هئا ۽ اها اهڙي ئي هڪ آڪٽوبر جي 31 تاريخ هئي، جڏهن ان ٽائفون (طوفان) جو ڀرپور اثر راڪاس وانگر سامونڊي دنيا جي ماڻهن ۽ انهن جي ٻيڙين کي ڳڙڪائي رهيو هو. مون اهو سوچيو به ڪونه ٿي ته ان جو ٻيڪ جهاز ۽ سمنڊ جي دنيا سان واسطو رکندڙ ته ٿيندا پر اهو اسان جي ڊاڪٽر گلاب جي ڏکويل ڪٽنب کي وڏيڪ جهوري ويندو. ڀيءُ جي ڪفن دفن جون رسمون پوريون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪرڻ لاءِ لاس اينجلس کان ڪراچي آيل سندس پٽ افواد واپس آمريڪا ويندي تائيپي (تائيوان) هوائي حادثي جو شڪار ٿي ويندو. ڪنهن ٿي سوچيو ته سنگاپور ايئر لائينس SIA جي بدنصيب فلائيٽ SQ006 جي مسافرن مان هڪ اسان جي ڳوٺائي ڊاڪٽر گلاب جو فرزند افواد ميمڻ به هوندو، جنهن جي انتظار ۾ سندس زال ۽ ٻه ٻار ۽ ڀائر فاروق ۽ فراز لاس اينجلس ايئر پورٽ تي راهون نهاري رهيا هوندا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## فلائيٽ SQ006 بابت ڪجھ سٽون

سنگاپور جيتوڻيڪ هڪ ٻيٽ نما ملڪ آهي پر هتي جا ماڻهو پنهنجي هر شيءِ صحيح رکڻ ۾ دنيا ۾ مشهور آهن. هتي جي حڪومت جو نظام ڏسو تعليمي ادارا ڏسو ايڪانامي جو سسٽم ڏسو هو هر شيءِ ايمانداري ۽ محنت سان ڪن ٿا، جيئن سندن ملڪ سنگاپور خوش حال هڪ طرف رهي ۽ ٻئي طرف هنن جي بدنامي نہ ٿئي. اهو ئي سبب آهي جو سنگاپور دنيا جي صاف سٿرن ملڪن مان آهي، بلڪ Mr.Clean سڏيو وڃي ٿو. سندن ريلوي جو نظام ۽ ميڊيڪل سهولتون اهڙيون آهن جو يورپ ۽ آمريڪا جا بہ سنگاپور کي مڃين ٿا. سنگاپور جو بندرگاھ توڙي جهاز دنيا ۾ بهترين سڏيا وڃن ٿا. اهڙي طرح هن ملڪ جو هوائي اڏو ۽ هوائي ڪمپني "سنگاپور انٽرنيشنل ايئر لائينس" SIA جا هوائي جهاز آهن. جن جو وقت جي پابندي تي هلڻ، صفائي ۽ سهوليت، سڀ کان وڏي ڳالھ سيفٽي جي خيال کان دنيا ۾ best آهن. سندن هن 400_474 جمبو جيٽ جو تائيوان جي هوائي اڏي چيانگ ڪائي شيڪ تي حادثو 28 سالن ۾ پهريون حادثو هو نہ تہ هوائي جهاز جي انجڻ جي ٽيڪنيڪل غلطين کان انساني ڪوتاهين Human Error تائين هن هوائي ڪمپنيءَ جي هوائي جهازن جو ڪڏهن بہ حادثو نہ ٿيو ان ڪري ويندي ملائيشيا، ٿائيلينڊ، فلپين ۽ انڊونيشيا جهڙن پاڙيسري ملڪن جا ماڻهو بہ پنهنجي ايئرلائين جي هوائي جهازن ۾ سفر ڪرڻ بدران سنگاپور جي هوائي جهازن کي ترجيح ڏين ٿا. سنگاپور جي هن بدنصيب اڏام جنهن ۾ 160 ڪن مسافر ۽ 20 عملي جا ماڻهو هئا، کي هلائڻ لاءِ ٽي پائلٽ هئا: 43 سالن جو فونگ چي ڪونگ، 38 سالن جو لطيف ڪائرانو ۽ 40 سالن جو خينگ ۽ ٽئي قابل پائلٽ هئا، جو هنن کي ان هوائي جهاز کي دنيا جي ٻنئين پاسي (يعني پئسفڪ سمنڊ پار ڪرائي) آمريڪا جي اولھ واري رياست ڪئليفورنيا جي لاس اينجلس هوائي اڏي تي وٺي وڃڻو هو ۽ رستي تي سواءِ هونولولو (هوائي ٻيٽ جي هوائي اڏي) جي باقي سفر سمنڊ جي مٿان ڪرڻو هو. يعني جيڪڏهن رستي تي جهاز خراب ٿي پوي تہ ڪٿي بہ لهي نٿو سگهي ۽ ائين بہ نہ هو تہ ڪي پائلٽ تائيوان جي هن اڏي کان اڻ واقف هئا. هو ڪيتري عرصي کان هفتي جي هن ساڳي ڏينهن ۽ وقت تي سنگاپور جي SIA ڪمپني جي جمبو جهاز کي سنگاپور کان تائيپي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

(تائيوان) ۾ تائيپي کان لاس اينجلس ۾ اتان واپس سنگاپور وڃي آيا ويا پئي پر ان ڏينهن ان هوائي جهاز ۾ ان ۾ سفر ڪندڙ مسافرن جي اجل جي قضا اچي بيٺي هئي جو حالتون اهڙيون پيدا ٿي پيون جو دنيا جو هي بدنام حادثو ٿي پيو جيڪو ٿوري ڏيان ڏيڍ سان ٽري سگهيو ٿي. هن حادثي لاءِ Human Error يعني انساني غلطي جي عمل دخل کي وڏيڪ سمجهيو وڃي ٿو جنهن جو ڏوهه ڪي جهاز جي پائلٽن تي هڻن ٿا ته ڪي هوائي اڏي جي عملي تي جن جهاز جي پائلٽن جي صحيح طرح رهنمائي نه ڪئي ۽ اهي سڀ ڳالهيون موسم جي خرابيءَ ڪري پيدا ٿيون.

انهن ڏينهن ۾ ڏور اوڀر جي ملڪن ۾ لڳندڙ طوفان xangsane Typhoon جو اثر ان وقت پوري جوش سان تائيوان ۾ شروع ٿيو جڏهن سنگاپور جي هن اڏام جو تائيوان ڇڏي لاس اينجلس لاءِ اڏامڻ جو وقت ويجهو ٿي رهيو هو. هن اڏام ۾ سڀ کان گهڻا مسافر تائيوان جا (55 کن) هئا ۽ ٻئي نمبر تي آمريڪا جا 47، سنگاپور جا 11 ڄڻا، ميڪسيڪو جا 8، ملائيشيا جا به 8، انڊيا جا 11، نيوزيلينڊ، ٿائيلينڊ، جپان، ويتنام، آسٽريليا ۾ ٻين ملڪن جا پڻ هڪ به هئا ۽ انهن ۾ اسان جي ڳوٺ جي ڊاڪٽر گلاب جو پٽ افواد هو جيڪو پنهنجي پيءُ جي پٽر ي ڏهو گذاري هاڻ هن اڏام ذريعي واپس لاس اينجلس وڃي رهيو هو جتي سندس گهر ٻار هو جتي سندس بزنيس هو. فاروق ڪراچي کان سنگاپور پهتو جتان هن سنگاپور ايئر لائينس جي هن اڏام SQ006 واري هوائي جهاز ذريعي سفر جي پهرين منزل تائيوان پهتوهو. ڪجهه دير تائيوان ۾ ترسڻ بعد جهاز کي رات جو يارهين وڳي (لوڪل ٽائيم 31 آڪٽوبر 2000ع) تائيوان ايئر پورٽ ڇڏڻو هو.

جنهن وقت جهاز کي تائيوان جو هوائي اڏو ڇڏڻو هو ان وقت بارش ۽ طوفاني هوائون پوري اوج تي هيون. هوائي اڏي جي آفيس جي چوڻ مطابق ان وقت ڪراس Winds جي رفتار 50 kph جي لڳ ڀڳ هئي. دنيا جي ڪجهه هوائي اڏن ويندي آمريڪا ۾ به اهو قانون آهي ته اهڙي خراب موسم ۾ هوائي اڏو بند ڪيو وڃي ٿو ۽ هوائي اڏي جي عملي طرفان هوائي جهاز جي اڏام تي پابندي وڌي وڃي ٿي پر دنيا جا ڪيترائي ملڪ آهن. جن ۾ تائيوان به هڪ آهي، جتي اهو Option جهاز جي پائلٽ کي مليل آهي ته خراب موسم ۾ جيڪر هو ست ساهي سگهي ٿو ته پلي نڪري پر جي نه ته ترسي پوي جيسين موسم بهتر محسوس ڪري (جنهن ڳالهه لاءِ هن کي آفيس طرفان نه داد نه دڙڪو ڏنو ويندو) پر اڄڪلهه ڪمرشل

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اڏامن جو پاڻ ۾ مقابلو هجڻ ڪري، پئسينجرن جو شيڊيول خراب ٿيڻ ڪري ۽ هوائي اڏي تي ٽريفڪ جئم ۽delay جي ڊپ ڪان ۽ ڪجھ ڪجھ پائلٽن جي پنهنجي پڪي اعتماد ڪري هنن ههڙي موسم ۽ visibility ۾ تائيوان جو هوائي اڏو ڇڏي لاس اينجلس، وقت تي پهچڻ لاءِ، مقرر ڊپارچر ٽائيم تي نڪرڻ ۾ وڏيڪ بهتري سمجهي.Visibility لاءِ چيو وڃي ٿو تہ 500 ميٽر بہ ڪا مس هئي، يعني سامهون اڌ ميل جي فاصلي تي ٻرندڙ بلب بہ نظر نٿي آيو.

تائيپي جي هن ”چيانگ ڪائي شيڪ“ ايئر پورٽ تي جهازن جي اڏامڻTake off لاءِ بہ رن وي آهن، جن تان اسپيڊ ۾ جهاز ڊوڙي مٿي چڙهي ٿو. هي ٻئي رستا Run ways هڪ ٻئي جي پرسان Parallel آهن، يعني ٻئي اتر-ڏکڻ وهن ٿا. بهرحال اها ڪا اهڙي ڳالھ ناهي، ڪيترن ئي ايئرپورٽن جا رن وي Parallel نهيل آهن. هتي منجهائيندڙ ڳالھ البت اها آهي تہ هنن رستن runways جا نالا هڪ جهڙا لڳن ٿا، جيئن تہ هڪ O5L آهي ۽ ٻئي جو نالو O5R آهي. ڪنٽرول ٽاور وارن جو چوڻ آهي تہ هنن پائلٽ کي O5L واري رن وي تان ٽيڪ آف ڪرڻ لاءِ چيو. پوءِ ٿي سگهي ٿو پائلٽ صحيح نہ سمجهيو هجي يا اڻ چٽي روشني ۾ هن جي نظر جيئن ئي O5R لکيل بورڊ تي پيئي تہ هن ان کي ئي صحيح رستو سمجهي، ان تي ڊوڪي ويو. جيڪو ميل ڏيڍ اڳيان مرمت هيٺ هو ۽ جنهن کي ناهڻ لاءِ هيوي گاڏيون، ٽرڪون، ٽراليون ۽ ڪرينون بيٺيون هيون. پائلٽ ٽيڪ آف ڪرڻ لاءِ جيئن ئي جهاز کي تيز رفتار ۾ ڪاهيو ڪرينن سان لڳي تي ٽڪرا ٿي پيو ۽ سڄي جهاز کي باهين جا مچ وڪوڙي ويا. ظاهر آهي لهڻ وقت ڪٽي تيل Fuel گهٽ بہ هجي پر هن وقت تہ جهاز روانو ٿي رهيو هو سو بہ هڪ وڏي سفر تي، دنيا جي ٻي ڪنڊ ڏي. سو تيل سان جهاز جون ٽئنڪون ٽمٽار هيون. هن حادثي ۾ 70 مسافر ۽ چار عملي جا ماڻهو سڙي ويا، اهڙا 80 کن زخمي ٿيا. جهاز ائين ٽٽو جيئن ڪو بم ڦاٽي ۽ ٽٽڻ بعد ڪيس باھ وڪوڙي ويئي. هاءِ آڪٽين پيٽرول جي اهڙي باھ جيڪا سخت مينهن ۾ بہ ڪا دير ڇپين سان ٻرندي رهي.

تائيوان جي تائيپي ايئر پورٽ CKS (چيانگ ڪائي شيڪ ايئر پورٽ) تي سنگاپور جي SQ006 اڏام جي هن جمبو جيٽ جي حادثي بعد اخبارن، رسالن ۽ انٽر نيٽ تي عام ماڻهن توڙي Aviation(هوائي جهازن جي دنيا) سان واسطو رکندڙن جو وڏي عرصي تائين بحث مباحثو هلندو رهيو. ڪنهن ٿي سوچيو تہ سنگاپور ايئر لائينس جهڙي هوائي ڪمپني

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جيڪا هيستائين ايشيا جي نہ پر دنيا جي باحفاظت Safest ڪمپني سڏي وئي ٿي، جيڪا ڪمائيءَ جي لحاظ کان، مسافرن سان پريل اڏامن کان، وقت جي پابندي کان ۽ سڀ کان وڌي ڳالهہ سلامتيءَ جي خيال کان ٽاپ جي ڪمپني هئي، ان جا تجربيڪار پائلٽ جن جي اڏام جو مدو يارهن هزار ڪلاڪن کان بہ مٿي ٿي ٿيو جيڪي ڏهہ دفعا هن ايئر پورٽ تي پنهنجا جهاز لاهي ۽ چاڙهي چڪا هئا، اهي اهڙيون غلطيون ڪري وهندا، جيڪي آسانيءَ سان avoid بہ ٿي سگهيون ٿي. ڪٿي ائين تہ نہ آهي تہ غرور انسان کي پٽ تي ڪيرائي ٿو! هو چا چوندا آهن تہ "تڪبر ڪنڌ پر" Titanic (ٽائٽئنڪ) پاڻي واري جهاز سان بہ اهوئي تہ حشر ٿيو هو. وڏي خرچ سان جڏهن ٽائٽئنڪ جهاز نهي راس ٿيو هو تہ ان جي ناهيندڙ انجنيئرن وڏي واڪ اهو Claim ڪيو هو تہ Cork Can sink Titatic Cannot يعني بوتل جو بوچ (جيڪو Cork جهڙي هلڪي ترين ڪاٺ مان ٺهي ٿو ۽ ڪيڏو بہ زور لڳائڻ تي پاڻي اندر نٿو وڃي ۽ پاڻيءَ مٿان ترندو رهي ٿو) اهو ٻڏي سگهي ٿو پر ٽائٽئنڪ هرگز نہ. ۽ واقعي هنن جي ڳالهہ تہ صحيح هئي. قدرت سڀ کان پهرين هنن جي دماغ ۾ اها idea وڌي ۽ هنن مالڪن کان وڏو خرچ ڪرائي هن جهاز ۾ Ballast ٽانڪيون ناهيون جيئن امير ترين ماڻهن لاءِ جن سهڻن جهازن ۾ دنيا جو سير بہ ڪرڻ چاهيو ٿي ساڳي وقت جهاز ٻڏڻ ۽ مرڻ جو خوف بہ پنهنجي دماغ ۾ سوار ڪرڻ نٿي چاهيو پر سڪون سفر تي سگهي. دنيا جو هي پهريون جهاز ٺهيو هو جنهن کي واقعي جي اونڌو ڪري سمنڊ ۾ ٽبي ڏيارجي تہ بہ ٻاهر نڪري اچي. گولي يا توب جو گولو تہ چا بم هٽجي تہ بہ جهاز جي ان هنڌ تي سوراخ ٿي پوندو ۽ اهو حصو سمنڊ جي پاڻيءَ سان ضرور پرجي ويندو پر جهاز هرگز نہ ٻڏندو. ان کان علاوه هر جهاز وانگر هن جهاز تي مسافرن مطابق ٻيڙيون Life Boats پڻ موجود هيون، جن ۾ چڙهي هر مسافر پنهنجي جان بچائي سگهيو ٿي ۽ بقول سنڌي شاعر ۽ سوجهرو رسالي جي ايڊيٽر، تاج بلوچ جي، موت کي آڱوٺو ڏيکاري سگهيو ٿي پر هو چا چوندا آهن تہ رٿون سڀ رهن، اڻ رٿون آڏو اچن، سمنڊ ۾ ترندڙ برف جي ڇپ، ٽائيٽئنڪ جهاز جي پاسي کي اهڙو تہ رهڙي ويئي جو لوهي جهاز جو سڄو پاسو نڪري ويو ۽ جهاز يڪدم ٻڏي ويو. مسافرن کي ٻيڙين ۾ چڙهي جان بچائڻ جو بہ وقت نہ مليو ۽ جن کي مليو انهن کي اها خبر نہ پئجي سگهي تہ ٻيڙيون آهن ڪٿي؟ جو جو جهاز ۾ چڙهڻ وقت هر هڪ ايڏو حد کان وڌيڪ پر اعتماد هو تہ جهاز نہ ٻڏندو؟ جو هنن اهو بہ نہ ڪيو تہ ٻيڙيون ڪٿي ڏسجن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اهڙي طرح، سنگاپور ايئر لائينس جي ايم ڊي (چيئرمئن) مسٽر چيانگ جيڪو ائڪٽر بہ رهي چڪو آهي، سابق پروفيسر آف مئنيمئنٽڪس ۽ 1984ع کان سنگارپور جي هن ايئر لائين جو ايم ڊي آهي، نيوزيلينڊ ۾ تقرير ڪندي چيو تہ اسان جي ڪمپني ڪمائي توڙي سلامتيءَ ۾ هميشہ اڳيان اڳيان رهندي. پورن چئن ڏينهن بعد، تانءَ پريو سومبر چيانگ 82 مسافرن جي فيملين کان معافي وٺندو نظر آيو. هي مسافر سنگاپور ايئر لائينس جي بدنصيب اڏام SQ006 جا هئا، جيڪي اجل جو شڪار ٿي ويا. "منهنجي خيال ۾ ان ۾ ڪا اهڙي قباحت ناهي جو اسان حقيقتن کي لڪايون". چيانگ چيو "اهي اسان جا ئي پائلٽ هئا. اهو اسان جو ئي جهاز هو. هن کي ان رن وي تي نہ وڃڻ کپندو هو. هن حادثي جي جوابداري اسان پنهنجي سر تي قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيون."

سنگاپور جي هوائي ڪمپنيءَ پهرين اهو مڃڻ کان گريز ڪئي تہ هنن جو جهاز غلط رن وي تي هليو ويو هو پر پوءِ جيئن ئي تائيوان وارن ان ڳالهہ جا ثبوت پيش ڪيا تہ سنگاپور ڪمپنيءَ جي چيئرمئن مسٽر چيانگ پنهنجي جهاز جي پائلٽ جي غلطي قبول ڪئي تہ هو واقعي ان رستي ڏي هليو ويو هو جتي موت هنن جي اوسيئڙي ۾ هو. ملڪ جي اڳوڻي وزيراعظم ۽ هاڻ سينيئر وزير لي ڪئان يو قوم کي خطاب ڪندي چيو تہ ملڪ جو جهنڊو بلند ڪرڻ واري هوائي ڪمپني SIA جي جهاز جي حادثي مان سبق حاصل ڪرڻ کپي. هن وڌيڪ چيو تہ :

"We can be demoralized or we can, let over come, let's press on, make sure it doesn't happen again."

سنگاپور ايئر ڪمپني انهي وقت هر مسافر کي پنهنجي طرفان 25000 ڊالر ڏنا ۽ ان بعد وفات ڪري ويل هر هڪ مسافر جي وارثن کي چار لک ڊالر Compensation طور ڏنا. جيتوڻيڪ بين الاقوامي قانون مطابق جيڪو Warsaw Convention ۾ فيصلو ڪيو ويو هو هر مسافر جي وارثن کي فقط 75000 ڊالر ڏيڻا هئا. ان کان علاوه زخمي مسافرن جي علاج ۽ اسپتالن ۾ رهڻ جو سڄو خرچ سنگاپور جي قومي هوائي ڪمپنيءَ پري ڏنو. جيتوڻيڪ مسٽر چيانگ اهو بہ چيو تہ هن حادثي ۾ ٻيون ڳالهيون Factors بہ شامل ٿي سگهن ٿا. "پلا اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ ههڙا قابل ۽ تجربيڪار پائلٽ اهڙي معمولي غلطي ڪري ويهن جيڪا هڪ نئون ۽ سيڪنڊ پائلٽ بہ نٿو ڪري."

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بهرحال ڪنهنجو بہ ڏوهہ هجي، ان پوبان ڇا بہ ڳجها هٿ يا ڳالهيون هجن، جن جا ننگ هن حادثي ۾ هميشہ لاءِ هن جهان مان هليا ويا. انهن لاءِ تہ ڄڻ قيامت ٿي ۽ هي ڏک ۽ صدمو وڏي عرصي تائين هنن جي دلين تي ڪاٺ هڻندو رهندو.

اسان جي ڳوٺ هالا جي ڊاڪٽر محمد (گلاب) ۽ سکر جي ڊاڪٽرياڻي شفيعت جماڻيءَ جي سهڻي پٽ افواد جو لاش ڪڍڻ لاءِ آلين اکين سان سندس مامي جو پٽ ڊئوڊ تائيوان آيو. لاس اينجلس (آمريڪا) جتي افواد ميمڻ ۽ سندس فيملي رهي ٿي، اتي سندس مامي ضمير جماڻي جو پٽ ڊئوڊ پڻ رهيو ٿي. هو لاس اينجلس کان تائيپي (تائيوان) پهتو ۽ افواد جي لاش کي پاڪستان آڻڻ بدران واپس لاس اينجلس ڪفن دفن لاءِ کڻي آيو جتي مرحوم جي گهر واري ۽ ٻہ ٻار رهن ٿا ۽ پيءُ وانگر هو بہ آمريڪن سٽيزن آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# واشنگٽن ڇڏيندي ڇڏيندي

واشنگٽن (آمريڪا جي گادي واري شهر) ۾ منهنجو ٽي چار دفعا (هر ڀيري هفتو يا ڏهه ڏينهن کن) منور جي فليٽ ۾ رهڻ ٿيو پر ساڻس ملاقات هفتي ۾ ڪو هڪ ڏينهن مس ٿي ٿي سو به صبح جي وقت نيرن تي. هن جو گهڻو وقت آفيس ۾ يا وائيٽ هائوس اڳيان مظاهرن ۾ يا ڪئپيٽل بلڊنگ ۾ ڪانگريس مين ۽ سينيٽرن سان ملندي ٿيو ٿي يا وري يڪو هفي ٻن لاءِ ڪئناڊا گم هوندو هو. جتي سندس انسٽيٽيوٽ جي برانچ آفيس کلي آهي. منور هر دفعي معافين جا ڍڳ وٺندو هو ته هو مون کي ڪيڏانهن نه گهمائڻ وٺي ويو آهي ۽ نه وري مون کي انٽرويو ڏيڻ لاءِ وقت ڪڍي سگهيو آهي. پر سچ اهو آهي ته منور جو ڪمرو منهنجي لکڻ پڙهڻ لاءِ ideal هو جتي جهاز جي ڪئبن وانگر مون کي ڪنهن به ڊسٽرب نٿي ڪيو ۽ آمريڪا جي سفرنامي جو وڏو حصو اتي لکي ورتم.

آخري دفعو واشنگٽن آيس ته هڪ ڏينهن صبح ساڻ منور مون کي گهمائڻ لاءِ وٺي هلڻ جو اعلان ڪيو. ”سائين معاف ڪجو. توهان به ڇا سوچيندا ته آئون توهان کي هڪ ڏينهن به واشنگٽن کان ٻاهر وٺي نه هليو آهيان.“

”اها توهان جي مهرباني آهي جو مونکي آزاد ڇڏيو اٿوَ ۽ هيڏانهن هوڏانهن رلايو نٿا.“ مون کلندي چيومانس.

”تڏهن به توهان کي بالٽيمور يا فلڊلفيا گهمائي اچان.“ منور چيو.

”توهان تڪلف نه ڪريو ۽ پنهنجي ڪم سان رهو. مون لاءِ گهمڻ کان وڌيڪ لکڻ آهي جنهن لاءِ هتي سڪون وارو ماحول آهي.“

”نه. اڄ توهان کي هر صورت ۾ گهمائڻ وٺي ٿو هلان. آفيس مان به موڪل ڪئي اٿم. ڪئناڊا کان حميرا رحمان آيل آهي. ان کي به سڏايو اٿم. اڄهو ته آئي. گهڻو پري نٿا هلون هتي پرواري رياست ورجينيا ۾ هلون ٿا.“ منور چيو ۽ آئون ڪجهه جواب ڏيان ان کان اڳ هن پڇيو: ”توهان ڪڏهن غارون ڏٺيون آهن؟“

”ها يار.“ مون وراڻيومانس. ”ملائشيا ۾ ته جيڪو به مهمان ايندو هو ان کي اتي جي باتو غار ۾ وٺي ويندو هوس. جپان ۾ فڪوشيمان جون ابوڪومان غارون، انگلنڊ جون ووڪي هول

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليڪ وٽ محفوظ

غارون. . . هر غار ۾ مون کي ٻه شيون نظر آيون. هڪ آمريڪن ۽ ٻيو چمڙا ۽ انهن جون پولڙيون ۽ مُٽ جي ڌپ!“

”پر هي جيڪي غارون ڊيڪارڻ لاءِ هلان ٿو انهن ۾ آمريڪن ته جام نظر ايندا پر نه چمڙا هوندا ۽ نه انهن جي ڌپ.“ منور چيو.

”بهرحال ڊرائيونگ دوران توسان ۽ حميرا سان به خبر چار ٿي ويندي هتي تنهنجي فليٽ ۾ رهندي به تنهنجو نه منهن ٿو ڏسجي نه خبر چار ٿي ٿئي.“ مون چيومانس.

ايتري ۾ حميرا در جو بيل وڄايو ۽ اسان پنهنجا سفري ٿيلها کڻي ٻاهر نڪتاسين. هونءَ ته هي غارون ڏسڻ لاءِ آئون ڪنجهندو ۽ ڪرڪندو نڪتس ته اونداهيون ۽ چمڙن جي بدبوءِ واريون غارون ڏسي بور هڪ طرف ٿبو ته وقت ۽ پيٽرول جو زيان ٻئي طرف ٿيندو پر اتي پهچي خبر پئي ته منور اسان کي هڪ عام غارون نه پر دنيا جون قديمي ۽ بيحد مشهور Luray غارون ڊيکارڻ آيو آهي جن کي ڏسڻ لاءِ دنيا جا ماڻهو آمريڪا جي هن رياست ورجينيا ۾ هلي اچن ٿا. مون به هنن غارن بابت ڳالهيون ۽ تصويرون اڄ کان پنجاهه سال کن اڳ پنهنجي والد صاحب گل محمد شيخ کان ٻڌيون ۽ ڏٺيون جڏهن هو 1955ع ڌاري ائگريڪلچر سائنس ۾ آمريڪا جي ڪارنيل يونيورسٽي مان پوسٽ گريجوئيشن ڪرڻ بعد واشنگٽن، ورجينيا ۽ ٽيڪساز ۾ ڪجهه عرصو رهي وطن وريا هئا ۽ آئون پنجين ڪلاس ۾ هوس. مون کي اڄ به ياد آهي ته آئون ڪيڏي غور ۽ حيرت مان پنهنجي پيءُ جي واتان هنن زمين دوز (Under ground) غارن جي قدرتي ٿنين stalactites ۽ Stalagmites جي ٺهڻ (formation) بابت ٻڌندو هوس. اڳتي هلي نه فقط مئٽرڪ ۾ آپشنل سبجيڪٽ جاگرافي کنيم پر مئرين اڪيڊمي ۾ پڻ جاگرافي منهنجو دلپسند سبجيڪٽ رهيو. ان دوران هڪ دفعي نئشنل جاگرافڪ مئگزين ۾ پڻ هنن غارن Luray Cavern تي ڪيترن ئي رنگين تصويرن سميت مضمون ڇپيو هو.

ان ڏينهن اسين صبح ساڻ منور جي واشنگٽن جي ڏکڻ اولهه SW جي ستين گهٽي واري فليٽ مان L’Enfant Plaza وٽان نڪتاسين. سفر جي سلامتي جي دعا بعد اها به دعا گهريسين ته هيءَ گريس پيرڊ ۾ هلندڙ منور جي جهوني جڳ جي ڪار جنهن جي انجڻ جي آواز مان لڳندو آهي ته آخري پساهن ۾ آهي ۽ باقي سندس ڊانچي_ چيسز مڊگارڊ، بمپر، دروازن ۽ ٻين عضون جي ڪنجهڪي مان ائين محسوس ٿيندو آهي ڄڻ شاهه جي شعر جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ست ”جانب منهنجي جيءَ کي آزار جا انواع“ پئي ورجائي، اسان کي اڳتي وئي ته وچي پئي پر شل اهڙي ئي سلامتيءَ سان واپس به پهچائي. انجنير يعني انجڻين جي واقفيت هجڻ ناتي اهو وڏو ذهني عذاب رهي ٿو ۽ جتي عام ماڻهو پڳل ۽ گهڙيتي ختم ڪارن ۾ بسين ۾ به سڪون سان سفر ڪري وجن ٿا اتي مشينن جي سرسراهٽ ۽ اڻ پسند آوازن جي چاڻو مستري، مڪينڪ توڙي انجنيئر کي اهو سفر موت جي گولي جو سفر لڳي ٿو. ۽ اهڙي ڪار ۾ ويهي اسان کي منور اجان به وڏيڪ ڏيچاري ڇڏيو جڏهن هن اعلان ڪيو ته هو نه فقط اسانکي لوري غارون ڏيکاريندو پر شيننڊوح (Shenandoah) نئشنل پارڪ به وٺي هلندو جيڪو سطح سمنڊ کان خبر ناهي ڪيترا هزار فوٽ مٿي آهي. مون ٽيڏي اک سان حميرا ڏي ڏٺو جنهن جي چهري تي پڻ منور جي ان ٽارزن ٽائيپ جملي ٻڌڻ بعد ٽينشن جون ريکائون اڀري آيون. آئون چپ ٿي ويس ۽ خاطري سمجهيم ته منور جيڪڏهن ان قسم جو هرڪيولس واري ڪم جي شروعات ڪئي ته مون کان اڳ حميرا هن کي ان کي منع ڪندي ۽ ڪيس خودڪشي ڪرڻ جو ڪو ٻيو سولو طريقو ٻڌائيندي جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ اسان مسافرن ۽ عزت ماب مهمانن کي سر جو سانگو لاهڻو نه پوي. مون انهن ڳالهين تان ڌيان هٽائڻ خاطر دريءَ مان واشنگٽن جون عمارتون ۽ رستا ڏسڻ سان گڏ انهن جا نالا به لکڻ لڳس:

_ جيفر سن ميموريل
_ هولوڪاسٽ ميوزيم
_ آمريڪا جو ائگريڪلچر ڊپارٽمينٽ
_ ڪانسٽيٽيوشنل ايونيو
_ پينسلوانيا ايوينيو
_ هوٽل ولرڊ (حميرا ٻڌايو ته هن هوٽل جي لابيءَ مان لفظ Lobbyst جڙيو آهي.)
_ هوٽل واشنگٽن. . .

به لفظ جيفرسن ميموريل تي لکڻ بي محل نه ٿيندو. واشنگٽن جي جيفرسن ميموريل عمارت آمريڪا جي ٽئين صدر ٿامس جيفرسن جي نالي منسوب ٿيل آهي. هيءَ عمارت واشنگٽن وٽان لنگهندڙ پوٽومئڪ نديءَ جي ڪناري تي اولهه پوٽو مئڪ پارڪ ۾ ٺهيل آهي. 1930ع تائين واشنگٽن ۾ فقط ٻن آمريڪي صدرن ابراهام لنڪن ۽ جارج واشنگٽن جا يادگار ٺهيل هئا. پوءِ ان وقت جي صدر فرئنڪلن روزويلٽ سوچيو ته هڪ ٻيو يادگار ٿامس

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جيفرسن نالي بہ هجڻ ڪري سو 1934ع ۾ ڪانگريس مان ان جي منظوري حاصل ڪيائين ۽ 13 اپريل 1943ع تي جيفرسن جي 200 يوم پيدائش جي موقعي تي عوام لاءِ کوليو ويو. هيءَ يادگار عمارت جنهن پارڪ ۾ ٺهيل آهي اهو جپان جي ”چيري“ وڻن کان بہ مشهور آهي. جيڪي 1912ع ۾ پوکيا ويا هئا. جيڪي جپان جي بادشاهہ آمريڪا جي عوام کي تحفي طور موڪليا هئا.

يورپ جي يهودين سان جيڪي 1933ع کان (جڏهن جرمني جي نازي پارٽي جو ليڊر اڊولف هٽلر حڪومت ۾ آيو) اسرائيل جي ڪلڻ تائين، ظلم ٿيا انهن جي يوائٽي يادگيرين لاءِ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ Holocaust ميوزيم ٺهيل آهن جيئن تہ هالينڊ جي شهر ائمسٽرڊام ۾ ”دي ائني فرئنڪ هائوس“، برلن جرمني ۾ “The Memorial to the Murdered Jews of Europe” بيلجم ۾ ”دي جيوز ميوزيم آف ڊپورٽينشن“، وغيره. اهڙِي طرح واشنگٽن شهر ۾ نئشنل مال وٽ 14 ۽ 15 گهٽي SW جي وچ ۾ ”هولوڪاسٽ ميموريل ميوزيم“ آهي.

اسلام آباد جي Constitution ايوينيو وانگر آمريڪا جي هن گادي واري شهر واشنگٽن ڊي سي جو ساڳي نالي وارو ايوينيو پڻ اهم روڊ آهي جيڪو U.S. Capital واري عمارت جي اتر ۾ اوپر کان اولهہ طرف وهي ٿو. هن روڊ تي هفتي جا سمورا ڏينهن گهڻي ٽرئفڪ ۽ ماڻهن جي پيهہ پيهان رهي ٿي. قومي ڏينهن تي هن روڊ تي پريڊ ٿئي ٿي.

منور ٻڌايو تہ واشنگٽن جي هن روڊ يعني ڪانسٽيٽيوشن ايونيو جو اصل نالو ”نارٿ B اسٽريٽ“ هو. ڪيترن اهم ماڻهن جا جنازا پڻ هن روڊ تان کنيا ويندا آهن. آمريڪا جي صدر رونالڊ ريگن جو جنازو پڻ دفن ڪرڻ کان اڳ هن روڊ تان جلوس جي صورت ۾ گذريو هو. توهان واشنگٽن ۾ گهمڻ جي لاءِ آيا آهيو تہ اڪيون پوري هن روڊ Constitution Avenue تي هليا اچو. توهان کي گهمڻ ڦرڻ ۽ ڏسڻ لاءِ ڪيتريون ئي شيون ملنديون. جن مان ڪجهہ هن ريت آهن: نئشنل گئلري آف آرٽس، ويٽنام Veterans ميموريل، ڪيترائي سمٿسونين ميوزيم، لنڪن ميموريل، نئشنل اڪيڊمي آف سائنس، ڪانسٽيٽيوشن گارڊنس وغيره وغيره. مزي جي ڳالهہ اها آهي تہ واشنگٽن جا ڪيترائي ميوزيم، پارڪ، ميموريل، آرٽ گئلريون عوام لاءِ مفت آهن يعني ڪابہ ٽڪيٽ ناهي ۽ توهان فوٽا بہ ڪڍي سگهو ٿا.

Constitution ايوينيو وانگر واشنگٽن جو پينسلوانيا ايوينيو پڻ هڪ اهم روڊ آهي

جيڪو وائيٽ هائوس ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس ڪئپيٽال کي ملائي ٿو. وائيٽ هائوس آمريڪا جي صدر جو 1800 کان سرڪاري رهائش گاهه آهي. آمريڪا جو هر صدر هن گهر ۾ رهي ٿو. يونائيٽيڊ اسٽيٽس ڪئپيٽال يا فقط The Capitol واشنگٽن جي اها عمارت آهي جتي آمريڪا جي چونڊيل نمائندن (ڪانگريس مين) ۽ سينيٽرن جي گڏجاڻي جا هال آهن هن عمارت جو سنگ بنياد 1793ع ۾ رکيو ويو هو. ياد رهي ته برطانيا وارن جڏهن آمريڪن سان 1812ع ۾ جنگ جوتي هئي ته ان ۾ برطانيا وارن هن عمارت کي باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيو هو.

Pennsylvania ايونيو کي آمريڪا جي Main Street به سڏجي ٿو ۽ اهم ڏينهن تي هن روڊ تان پڻ جلسا جلوس ۽ پريڊون گذرن ٿيون. ٽرئفڪ جي لحاظ کان پڻ هي رستو اهم آهي. جتان ڪيترين ئي بسون ۽ ريل گاڏيون لنگهن ٿيون. هي رستو ست ميل ڪن ڊگهو ٿيندو ۽ واشنگٽن کان اڳتي مئري لئنڊ رياست ۾ به هليو وڃي ۽ هاءِ وي Maryland Route 4 ٿيو وڃي. پينسلوانيا ايونيو واشنگٽن جي شروع وارن چند رستن مان هڪ آهي. 1862 کان 1962ع تائين هن روڊ تي ٽرامون هلنديون هيون جيئن ڪراچيءَ ۾ 1960ع تائين سعيد منزل کان بولٽن مارڪيٽ تائين ٽرامون هلنديون هيون. اهي ٽرامون بعد ۾ جيتوڻيڪ انجڻ تي هلڻ لڳيون پر ان کان اڳ انهن کي گهوڙا ڇڪيندا هئا.

1995ع ۾ جڏهن اوڪلاهوما سٽي بمبارمينٽ ٿي هئي ته هن رستي جو ڪجهه حصو جيڪو وائيٽ هائوس اڳيان لنگهي ٿو ان تان سوارين جو گذر بند ڪيو ويو هو. بهرحال پيدل ۽ سائيڪل سوار لنگهي سگهيا ٿي. يارهين سيپٽمبر 2001ع کان پوءِ ته اهو ٽڪرو هميشه لاءِ بند ڪيو ويو آهي ۽ ٽرئفڪ کي H اسٽريٽ ۽ ڪانسٽيٽيوشن ايونيو ڏي موڙيو وڃي ٿو.

مٿئين پينسلوانيا ايوينيو تي جيڪا ميٽرو سينٽر اسٽيشن آهي ان کان به ڪلاڪ اڳتي هتي جي تاريخي ۽ آرامده هوٽل ولرڊ انٽرڪانٽيننٽل هوٽل آهي. بس سمجهو ته وائيٽ هائوس ۽ نئشنل مال کان برابر جي فاصلي تي آهي. هيءَ هوٽل هينري ولرڊ 1850ع ۾ ٺهرائي جنهن جو پهرين فقط ولرڊ هوٽل Willard Hotel نالو هو. بعد ۾ مالڪن هن هوٽل جا شيئر 1946ع ۾ وڪيا ۽ صحيح انتظام نه رکڻ ڪري 1968ع ۾ بند ڪئي وئي ۽ ويهن سالن بعد ڪورٽ طرفان مقرر ڪيل نون پائيوارن جي انتظام هيٺ هيءَ هوٽل وري شروع ڪئي وئي آهي ۽ هاڻ هن جي نالي سان گڏ انٽرڪانٽيننٽل به ڳنڍيو ويو آهي. هن هوٽل ۾ ڪيترين ئي اهم شخصيتون رهيون. جپان جا آمريڪا ڏي ايندڙ پهريان ٽي سفير پنهنجن ستر کن

ساڻين سان گڏ هن هوٽل ۾ رهيا هئا ۽ هنن جو اهو چوڻ هو تہ هن هوٽل جا ڪمرا آمريڪا جي اسٽيٽ سيڪريٽري جي گهر کان بہ وڌيڪ سهڻا ۽ آرام وارا آهن. اها 1860ع جي ڳالهہ آهي. جڏهن جپان کان پهريون دفعو سرڪاري عملدار آمريڪا ۾ آيا هئا. هو انهن ڏانهن ۾ پنهنجي قومي لباس مطابق پاڻ سان سکن وانگر خنجر ڪٽي هلندا هئا. هنن کي ڏسڻ لاءِ ڪيترائي آمريڪن شام جي وقت هن هوٽل اڳيان اچي بيهندا هئا.

واشنگٽن جي هن پراڻي هوٽل Willard لاءِ چيو ويجي ٿو تہ هن ۾ آمريڪا جو هر هڪ صدر رهيو آهي يا گهٽ ۾ گهٽ ڪا ڪانفرنس اٽينڊ ڪئي آهي. ان ڪري هن هوٽل کي “The residence of Presidents” بہ سڏجي ٿو. هن هوٽل جي 16 کن فنڪشن هالن کان علاوه ”رائونڊ رابن بار“ ۽ لابي تمام مشهور رهي آهي. حميرا رحمان وانگر ڪيترن ئي جو چوڻ آهي تہ انگريزي جو لفظ Lobbying هن هوٽل جي لابيءَ مان جڙيو آهي جتي ملڪ جا هوشيار ماڻهو پنهنجا ڪم منظور ڪرائڻ ۽ فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ ان وقت جي صدر يوليسز گرانٽ سان هن هوٽل جي لابيءَ ۾ اچي ملندا هئا. بهرحال ان ۾ ڪا گهٽي سچائي نظر نٿي اچي. ٿي سگهي ٿو اهو لفظ هن هوٽل بعد مشهور ٿيو هجي پر انگريزي زبان جو فعل To lobby هن هوٽل ٺهڻ کان اڳ جي ڪتابن ۾ نظر اچي ٿو.

مارٽن لٿر جي مشهور تقرير I have a Dream هن ولرڊ هوٽل جي ڪمري ۾ رهڻ دوران 1963ع ۾ لکي. هن هوٽل ۾ مارڪ ٽوئن، چارلس ڊڪنس، والٽ وٽمن، ايملي ڊڪنس، جنرل ٽام ٿمب، سئموئل مورس، هئري هودني ۽ ڊيوڪ آف ونڊسر جهڙا ماڻهو بہ رهي ويا آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## حميرا ۽ منور سان شهر جا چڪر

منور ٻڌايو تہ اسين ٻن ڪلاڪن اندر Luray غارن وٽ پهچي ويندا سين. اسان سان گڏ غارون ڏسڻ لاءِ هلندڙ حميرا شايد اعتراض ۾ ڪجهہ چوڻ واري هئي پر ان کان اڳ منور پنهنجي جملي ۾ واڌارو ڪيو: ”يعني منهنجي ڪار ۾ هوڻ ءَ تہ ڪلاڪ سوا ۾ بہ پهچي سگهجي ٿو.“

”اها ڳالهہ ڪر.“ حميرا چيو. ”آئون تہ هميشه واشنگٽن کان نڪرندي آهيان تہ سوا ڪلاڪ ۾ پهچي ويندي آهيان.“

”پوءِ تہ توهان اجايو منهنجي ڪري پيا هلو.“ مون چيومان.

”نہ اها ڳالهہ ناهي“، منور ۽ حميرا ٻنهي خاطري ڏني. ”غارون ڏسڻ تہ هڪ بهانو آهي. بس هڪ آئوٽنگ ۽ ڪچهري بہ ٿي ويندي.“

”ها اها ڳالهہ آهي“، مون وراڻيومان. ”گهر ۽ آفيس ۾ تہ هر هڪ ايڏو بزي ٿيو وڃي جو هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ جي فرصت نٿي ملي. منهنجي خوش نصيبي آهي جو اڄ واشنگٽن ۽ ورجينيا جي رستن تي توهان جهڙن intellectuals سان سفر ڪري رهيو آهيان.

حميرا رحمان پروفيشن جي لحاظ کان آرڪيٽيڪٽ آهي هوءَ ڪجهہ سالن کان ڪئناڊا ۾ رهي ٿي ۽ آمريڪا ۾ منور لغاري جي قائم ڪيل ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ جي ڪئناڊا جي برانچ جي سرپرست آهي. حميرا جو سنڌ جي بيحد پڙهيل ڳڙهيل فئملي سان تعلق آهي. حميرا لاءِ پنهنجي آمريڪا جي پهرين سفرنامي ۾ بہ لکي چڪو آهيان تہ هوءَ حسن علي عبدالرحمان جي ڏيءَ ۽ نجما رحمان ۽ غزالا رحمان جي ڀيڻ آهي. پيپلز پارٽي جي اسيمبلي ميمبر شيري رحمان پڻ سندن ڀيڻ آهي، پر ٻي ماءُ صبيحا مان آهي. صبيحا جو اصل ڳوٺ ڪانپور هو جتان هوءَ هندستان جي ورهاڱي وقت 1947ع ۾ ڪراچي لڏي آئي هئي. صبيحا جو پاءُ حميرا جي پيءُ حسن علي عبدالرحمان وٽ ليگل اسسٽنٽ ٿي ڪم ڪيو. صبيحا ايس ايم لا ڪاليج ۾ شام وارن ڪلاسن ۾ داخلا ورتي هئي. جتي حسن علي عبدالرحمان صاحب پرنسپال هو ۽ ساڳي وقت آئيني قانون جو پروفيسر پڻ هو. حميرا جي ماءُ يعني حسن علي عبدالرحمان جي ٻي زال جو نالو صغرا شيخ هو. صغرا پاونداس آڏواڻيءَ جي ڏيءَ هئي جيڪو مسلمان ٿيو ۽ پنهنجو نالو غلام محمد شيخ رکيائين. حميرا جي ناني

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ذواليخا مسلمان پيدا ٿي، پر هن جا وڏا جيڪي مسلمان ٿيا هئا اهي ڪرپلاڻي هئا. حميرا جي ناني، پاونداس آڏواڻي (غلام محمد شيخ) جي والده ۽ ڊاڪٽر شمس الدين شيخ جي زال غلام فاطمہ پيٺون ٿين جنهن جو ذڪر غلام فاطمہ پنهنجي يادگيرين جي ڪتاب ”شيخياڻيءَ جي ڊائري“ ۾ پڻ ڪيو آهي. ڊاڪٽر شمس الدين جو والد پڻ آڏواڻي هو ۽ سندس نالو گرمکداس هو.

ڊاڪٽر شمس الدين شيخ کي غلام فاطمہ مان ٻہ پٽ ۽ پنج ڌيئون ٿيون. پٽن ۾ وڏو ڊاڪٽر ضياءُ الدين شيخ هو جنهن جو هڪ پٽ سراج شيخ اسان جو پيٽارو ۾ ڪلاس ميٽ هو ۽ هاڻ سئي گئس ڪاتي مان رٽائرڊ ٿيو آهي. ٻيو پٽ نجم شيخ فارين سيڪريٽري آهي ۽ هتي واشنگٽن ۾ پاڪستان جو سفير بہ رهي چڪو آهي. سندس ڀيا ٻار ڊاڪٽر عذرا، ڊاڪٽر نظام، ڊاڪٽر اعجاز وغيره آهن.

ڊاڪٽر شمس جو ٻيو پٽ سعيد شيخ هو. ڌيئن ۾ هڪ مريم هئي، جنهن جي شادي عبدالله آخوند سان ٿي، جنهن جو اولاد اقبال آخوند، ڊاڪٽر فيروز آخوند، رشيده، حميده ۽ خورشيد جن آهن. ٻي ڌيءَ عائشہ شيخ، ٽين ڌيءَ بيگم خديجہ دائود پوٽو چوٿين آمنا ۽ پنجين خورشيد آهي.

حميرا رحمان يونيورسٽي آف ڪئليفورنيا (برڪلي) جي گرئجوئٽ پڻ آهي ۽ اڄ ڪلھ ٽورنٽو جي يارڪ يونيورسٽي مان پوسٽ گريجوئشن پئي ڪري. ساڳي وقت پاڻ آرڪيٽيڪٽ انجنيئر پڻ آهي.

ڪيترن پڙهندڙن، ويندي منهنجي ڳوٺ جي ماڻهن کي اها خبر نہ هجي تہ حميرا رحمان (يا پيپلز پارٽي جي شيري رحمان) جي ڏاڏي پڙڏاڏي جو تعلق هالا سان آهي. حميرا جا وڏا جڏهن عراق ڇڏي سعودي عرب مان ٿيندا هيٺ سنڌ ملتان طرف آيا تہ حميرا جي پڙڏاڏي شفي محمد هالا جي هڪ ڇوڪريءَ سان شادي ڪري اتي ئي رهائش اختيار ڪئي. کيس ٻہ پٽ عبدالجبار ۽ عبدالرحمان ٿيا. عبدالرحمان بئريسٽر ۽ ڪراچيءَ جو ميئر بہ ٿيو.

عبدالرحمان کي ٻہ ٻہ پٽ ٿيا. هڪ طفيل علي جنهن جي شادي ڊاڪٽر ساران (افروز) سان ٿي جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هوءَ سنڌ جي پهرين گائناڪالاجسٽ هئي. کين ڪو اولاد نہ ٿيو پر هن ٻہ ڇوڪريون نپايون. هڪ پنهنجي زال ڊاڪٽر ساران جي ڀيڻ زينت جيڪا اسان جي دوست ۽ سنڌ حڪومت جي سيڪريٽري اقبال زبيديءَ جي زال آهي ۽ ٻي ڊاڪٽر ساران

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي پاٽيجي نيلوفر نپائي جنهن جي شادي اقبال زبيديءَ جي سوٽ (جميل زبيدي جي پاءَ) عابد زبيدي سان ٿي.

پنهنجي ساڄي پاسي جي درياءَ مان پاهر ڏسان ٿو. منور جي ڪار ڏڱو پير پيران ڪندي هڪ سگنل وٽان ڦُري وري ٻي سگنل وٽ اچي گوڏا ڪوڙيا آهن. حميرا چيس، ”Luray غارن ۽ Shenandoah پارڪ تائين تون ئي پنهنجي ڪار ڊرائيو ڪري هل باقي واپسي تي آئون هلائيندس جو توکي شارٽ ڪٽن جي خبر نٿي پوي.“

”ڏهن سالن کان واشنگٽن ۾ رهان ٿو.“ منور وراڻيس، ”رستن جي خبر چونه هوندم پر الطاف کي گهمائڻ بهاني واشنگٽن جا ڦيرا پيو ڪريان. بس هينئر ئي پاهر ٿا نڪرون.“

درياءَ مان نظر ايندڙ عمارتن ۽ رستن جا نالا وري لکان ٿو ته جيئن ڪڏهن اهي نالا پڙهان ته چئي سگهان ته انهن گهٽين مان لنگهي چڪو آهيان.

_ هوٽل واشنگٽن پلازه
_ اولڊ ايبٽ گرل
_ ووڊ ورڊ بلڊنگ
_ واٽر گيٽ هوٽل

حميرا ٻڌايو ته ان هوٽل جو تعلق صدر نڪسن جي مشهور اسڪينڊل سان آهي. واشنگٽن پلازه هوٽل وٽ ٿامس سرڪل نالي چوراهو اچي ٿو جتي واشنگٽن جي چوڏهين گهٽي، مساچوسيٽ ايوينيو، M اسٽريٽ ۽ Vermont ايوينيو اچيو ٿا ملن. هن رائونڊ اباؤٽ وٽان ڦرندي پيون به ڪيترين ئي هوٽلون نظر آيون. هاليڊي ان هوٽل، بيسٽ ويسٽرن، موريسن ڪلارڪ هوٽل، مئڊيسن هوٽل وغيره وغيره. واشنگٽن آمريڪا جي گاديءَ وارو شهر هجڻ ڪري نه فقط ڌارين ملڪن کان هتي ماڻهو اچن ٿا پر آمريڪا جي ٻين رياستن کان به اچن ٿا. ان ڪري اسلام آباد، دهلي يا ڪٽي چئجي ته ٽوڪيو ۽ ڪوالالمپور وانگر هتي ڪيترين ئي هوٽلون آهن. ڪي ڪي ساڳي نالي واريون هڪ کان به وڌيڪ هوٽلون آهن جيئن هاليڊي ان هوٽل نه فقط هتي ٿامس سرڪل ۾ آهي پر جارج ٽائون ۽ روڊ آئلنڊ ايوينيو تي به آهي ان ڪري واشنگٽن، نيويارڪ، لاس اينجلس ويندي ٽوڪيو، لنڊن ۽ پئرس جهڙن وڏن شهرن ۾ ڪنهن جي ائڊريس خاطر فقط ڪنهن هوٽل جو نالو ياد رکڻ ضروري ناهي پر روڊ ۽ پرواري گهٽيءَ جو نالو ياد رکجي ۽ واشنگٽن جهڙي شهر ۾ ته گهٽيءَ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي نالي سان گڏ طرف بہ تہ SW ڏکڻ اولھ ۾ آهي يا ڏکڻ اوڀر ۾. اتر اولھ ۾ آهي يا اتر اوڀر ۾. مثال طور ستين گهٽي SW آهي تہ NW بہ. اهڙي طرح L, K يا M نالي گهٽي SW بہ آهي تہ SE بہ آهي ۽ اهي اکرن واريون گهٽيون تہ NW آهن تہ NE بہ آهن. يعني هڪ ئي نالي واريون چار گهٽيون ٿيون.

اولڊ ايبٽ گرل واشنگٽن جي پنڌرهين گهٽيءَ ۾ ڊپارٽمينٽ آف ٽريزي جي پر ۾ آهي جيڪا 1856ع ۾ ٺهي هئي. وائيٽ هائوس جي ويجهو هجڻ ڪري سندس وڏي اهميت آهي. جتي ڪيترائي سياستدان، وڪيل، سيڪريٽري ۽ ڪارخانيدار اچن ٿا. چون ٿا تہ آمريڪا جي صدرن: گرانٽ، ڪليولئنڊ، هارڊنگ ۽ ٿيوڊور روزويلٽ جي هيءَ دلپسند هوٽل هئي.

هن ريسٽورنٽ پرسان H اسٽريٽ NW تي ووڊ ورڊ بلڊنگ نظر آئي هئي جيڪا مون متي لکي آهي. هيءَ يارهن ماڙ بلڊنگ 1911ع ۾ واشنگٽن جي هڪ واپاري سئموئل ووڊ ورڊ ٺهرائي هئي ۽ کيس تاريخي حيثيت حاصل آهي. هن بلڊنگ ۾ ڪيترن ئي ادارن ۽ ڪمپنين جون آفيسون آهن. جهڙوڪ نئشنل آرگنائيزيشن فار وومين (NOW)، The Hill اخبار جي آفيس جنهن ۾ آمريڪا جي ڪانگريس جون خبرون اچن ٿيون. US –Ukraine فائونڊيشن آفيس، واشنگٽن منٿلي مئگزين آفيس وغيره وغيره.

سن ٽرسٽ بئنڪس هتي جي پراڻين بئنڪن مان آهي جن 1891ع کان ڪم شروع ڪيو. سڄي آمريڪا ۾ Sun Trust بئنڪن جون بہ هزار کن برانچون آهن.

واٽرگيٽ هوٽل ورجينيا ايوينيو تي نظر آئي هئي. هوٽل سان گڏ فليٽ ۽ آفيسون بہ آهن جيڪي واٽر گيٽ ڪامپليڪس سڏجن ٿا 1967ع ۾ ٺهيا. هتي ئي واٽرگيٽ اسڪينڊل جنم ورتو جنهن جي آخر آمريڪا جي صدر رچرڊنڪسن جي استعيفا سان ٿي. هن ڪامپليڪس جي اوڀر کان نيو هئمپشائر ايوينيو آهي ۽ ڏکڻ کان F اسٽريٽ وهي ٿي. هن بلڊنگ جي پر ۾ ئي ڪينيڊي سينٽر ۽ سعودي عرب جو سفارتخانو آهي. سندس ويجهو واري ميٽرو اسٽيشن Foggy Bottom Gum آهي. واٽرگيٽ هوٽل جا مالڪاڻا حقوق اڄڪلهہ جارج واشنگٽن يونيورسٽي وارن وٽ آهن.

هونءَ آمريڪا جي گاديءَ وارو هي شهر واشنگٽن بہ نيويارڪ، لنڊن ۽ ٽوڪيو وانگر گهمڻ وٽان آهي. يعني هنن شهرن ۾ ڪيتريون ئي شيون ڏسڻ وٽان آهن ۽ اهي هڪ ٻئي جي ايڏو تہ ويجهو آهن جو هڪ کان ٻي هنڌ تائين ڪنهن ٽئڪسي يا ڪار واري جي ڪاڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪيڻ بنا ماڻهو پنڌ وڃي سگهي ٿو. وڌ ۾ وڌ هڪ ڊالر يا هڪ سو يين ڏيئي بس ۾ پهچي سگهي ٿو. واشنگٽن جون ڪجهه گهمڻ وٽان جايون لکي رهيو آهيان جيڪي توهان ڪنهن خانگي ٽوئر يا سرڪاري وزٽ تي ٻن يا ٽن ڏينهن لاءِ به آيا آهيو ته ڏسي سگهو ٿا. انهن ۾ وائيٽ هائوس آهي. هتي جي اسيمبلي بلڊنگ The Capitol آهي. ان جي ويجهو لنڪن ميموريل آهي جيڪو آمريڪا جي سورهين صدر ابراهام لنڪن جي ياد ۾ آهي. اها سفيد رنگ جي پٿر جي ڪلاسڪ ڊيزائن جي بلڊنگ آهي. جيڪا يونان جي Parthenon سان ڪافي ملي ٿي. اها 1922ع ۾ ٺهي راس ٿي هئي.

ٿورو ئي اڳيان واشنگٽن مانومينٽ آهي جنهن جو منارو 555 فوٽ اتاهون آهي ۽ لنڪن ميموريل ۽ دي ڪئپيٽال جي وچ ۾ آهي. اهو 1884ع ۾ ٺهي راس ٿيو هو. هتي جي سپريم ڪورٽ واري بلڊنگ به ڏسڻ وٽان آهي ۽ ٽوئرسٽ وڏي شوق سان هن اڳيان تصويرون ڪڍائيندي نظر اچن ٿا.

آمريڪا جيڪا اٽپوري لڙائي ويتنام ۾ وڙهي ۽ پنهنجا ڪيترائي ماڻهو مارائڻ بعد باقي ماڻهو وٺي واپس ڀڳا ان جي ياد ۾ Veitnam Velenan's Memorial آهي جنهن جي پٽ تي انهن سپاهين جا نالا اڪريل آهن جيڪي هن جنگ ۾ مارجي ويا. جيفرسن ميموريل ۽ هولوڪاسٽ ميموريل ميوزيم جي ته پاڻ ڳالهه ڪري چڪا آهيون. انهن کان علاوه واشنگٽن ۾ هينيون عمارتون پڻ ڏسڻ وٽان آهن.

_ واشنگٽن نئشنل ڪئٿيڊرل

_ سمٿسونين ڪئسل

_ يونين اسٽيٽس

_ لائبرري آف ڪانگريس. جيڪا 1897ع ۾ ٺهي راس ٿي ۽ منجهس دنيا جي مختلف زبانن جا لکين ڪتاب موجود آهن ۽ مون کي اهو ڏسي حيرت ٿي ته منهنجا ستر واري ڏهي جا سنڌيءَ ۾ لکيل سمورا سفرناما نه فقط هن لئبريري ۾ موجود آهن پر انهن جا ڪئٽلاگ نمبر ۽ رجسٽريشن پڻ ٿيل آهي.

_ لائبريري آف ڪانگريس کان علاوه G اسٽريٽ NW تي مارٽن لٿرڪنگ لائبرري ۽ E ڪئپيٽال اسٽريٽ SE تي شيڪسپيئر لائبرري پڻ آهي جتي توهان دنيا جون اخبارون ۽ رسالا پڙهي سگهو ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ـ جيڪڏهن توهان جو تعليم سان واسطو آهي تہ توهان گهمڻ خاطر جارج ٽائون يونيورسٽي، جارج واشنگٽن يونيورسٽي، هارورڊ يونيورسٽي، Gallandet ڪاليج ۽ يونائيٽيڊ نيشن نيول آبزروئٽري بہ وڃي سگهو ٿا.

## خوف خيال خطرا، ٿنهي ترڪ ڏيج

واشنگٽن ۾ رهندڙ منور جيڪو مون کي ۽ ڪئناڊا کان آيل حميرا رحمان کي ورجينيا رياست جون مشهور غارون Luray Caverns ۽ شينن دوح نئشنل پارڪ ڏيکارڻ لاءِ پاڻ سان وٺيو پئي هليو. تنهن جي ڪار نيٺ ڪنهن پل تان پوٽومئڪ درياه ٽپيو ۽ اسان جي واشنگٽن ڊي سي جي ٽرئفڪ ۽ سگنلن سان ڀريل گهٽين ۽ شاهراهن مان جان ڇٽي. حميرا چيو ته هاڻ پاڻ ورجينيا رياست ۾ آهيون. اسڪاٽ هوٽل ڪانپوءِ منور پنهنجي آثار قديمه واري ڪار کي Glebb Road تي موڙيو.

”اسين پاڪستاني هن روڊ کي جليبي روڊ سڏيندا آهيون.“ منور ٻڌايو.

اتي ئي جليبي روڊ تي ڪنهن سرڪاري ڪاتي طرفان اشتهاري بورڊ لڳل هو.

“We Salute to our brave soldiers”

اهو پڙهي حميرا ٽهڪ ڏنو. ”اها آهي ترڙپائي جي به حد. صاف Complex ٿو ظاهر ٿئي. معنيٰ اسان جا سولجر بهادر نه آهن.“

”ڪيئن ڀلا!؟“ مون پڇيو.

”جيئن اسان وٽ لکها روپيا خرچ ڪري سرڪار وزيراعظم يا گورنر ۽ وزيراعليٰ جون اخبارن ۾ تصويرون ڏيندي آهي ۽ انهن جي هينان هوندو آهي ته هنن جي دور ۾ هي هي ترقياتي ڪم ٿيٽا آهن.“ ۽ عوام سمجهي ويندو آهي ته ڪم آڱوٺو ٿيندا رڳو خوش ڪرڻ ۽ پنهنجي تعريف ڪرائڻ سان مقصد آهي.

منور کان پڇيم ته سندس ڳوٺ ڪهڙو آهي ”ڪٿي دادو يا لاڙڪاڻي پاسي جو ته نه آهين؟“

”نه.“

”ڇا ٽنڊو آدم، اڏيرو لعل يا شهدادپور جو؟“ مون پڇيو.

”حيدرآباد پاسي هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو آهي، نالو اٿس ڳوٺ بخشو لغاري.“

”واه جو نالو ٻڌائي“، مون ڪلندي منور کي چيو ”گذريل هفتي آئون بالٽيمور اعجاز ابڙو ڊاڪٽر منور عباسي ۽ غلام مصطفيٰ پلهه جن وٽ هوس. مون هنن کي چيو هو ته آئون پنهنجي آمريڪا جي سفرنامي جي هڪ ڪتاب جي نالي ۾ سندن ياد تازي ڪرڻ لاءِ بالٽيمور ضرور

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڏيندس. هاڻ تنهنجي ڳوٺ جو نالو ٻڌي ڏيان ۾ آيو آهي ته ان ڪتاب جو نالو ”ڳوٺ بخشو لغاري کان بالٽيمور“ رکجي جيئن KTN تان هڪ پروگرام ايندو آهي جنهن جو نالو ”واهي پانڌي کان واشنگٽن“ آهي.

”لڳي ٿو ڳوٺ بخشو لغاري جو نالو توهان اڄ پهريون دفعو ٻڌو آهي.“ حميرا پڇيو.

”نه نه، هر گز نه“. وراڻي ڏنيمانس. ”بخشو لغاري نه فقط منور جو ڳوٺ آهي پر اسان جي پيٽارو جي هڪ ڪلاس ميٽ ڊاڪٽر خالد لغاري جو به ڳوٺ آهي ۽ اسان اٺين ڪلاس ۾ (1958ع) ۾ هن ڳوٺ جو نالو خالد لغاريءَ واتان ٻڌو. ان بعد اسان جي هڪ ڪزن انجنيئر عرض محمد شيخ جي 1967ع ڌاري شادي ٿي ته هن جي زال ڊاڪٽر مهرالنساءَ لغاري پڻ هن ڳوٺ جو ذڪر ڪندي هئي جنهن جي وڏن جو هن ڳوٺ سان واسطو هو.“

انجنيئر منور لغاري25 آڪٽوبر 1964ع تي ڳوٺ بخشو لغاري ۾ محمد علي لغاري صاحب جي گهر ۾ جنم ورتو. منور جي والد صاحب جي اها وڏي ڳالهه آهي ته هو هڪ پورهيت ۽ هاري ٿي ڪري، شاهه جو سڄو رسالو برزبان ياد اٿس ۽ هن پنهنجي هن ننڍي پٽ منور کي پڻ ننڍي عمر ۾ ئي ياد ڪرائي ڇڏيو. منور پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ئي حاصل ڪئي ان بعد هو حيدرآباد ۾ حسين بخش لغاري جي گهر ۾ اچي رهيو ۽ 1981ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ۽ مسلم ڪاليج مان 1983ع ۾ انٽر ڪئي. ان بعد هن مهراڻ انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو ۾ داخلا ورتي جتي هو 1984ع کان 1989ع تائين رهي. BE جي ڊگري حاصل ڪئي. آمريڪا ۾ سندس اچڻ 1993ع ۾ ٿيو جتي انفارميشن ٽيڪنالاجي ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪيائين.

منور ٻڌايو ته ٽنڊي قيصر جو شوڪت نظاماڻي، سن جو زين شاهه، نواب شاهه جو جمال مصطفيٰ شاهه، سانگهڙ جو ڪليم وساڻ ۽ ڪراچي آغا خان اسپتال ۾ ڪم ڪندڙ ڊاڪٽر اسماعيل ميمڻ سندس سٺن دوستن مان آهن جن کي هو اڪثر ياد ڪندو رهي ٿو.

”۽ ٽيچرن مان ڪن خاص جا نالا؟“ مون منور کان پڇيو.

”نور محمد هاءِ اسڪول جو هڪ ٽيچر مرحوم غلام حسين بالادي ڏاڍو ياد ايندو اٿم“. منور ٻڌايو. ”اهڙي طرح مسلم ڪاليج ۾ مئٿس پڙهائڻ وارو مسٽر قيصر رضا، مهراڻ انجنيئرنگ ڪاليج جو مولوي علي اڪبر ميمڻ (چيف انجنيئر محمد هاشم ميمڻ جو پاڻيجو) ۽ وائيس چانسلر عبدالرحمان ميمڻ صاحب منهنجي نظرن ۾ تمام گهڻو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

dedicated استاد هئا.“

منور ٻڌايو ته آمريڪا مان IT ۾ ماسٽرس ڪرڻ بعد ڪيس آمريڪا ۾ تمام سٺي پگهار واري نوڪري به ملي سگهي ٿي ۽ هو پئسو ڪمائي موجود حالتن کان بهتر حالتن ۾ رهي سگهيو ٿي. ”پر منهنجن دوستن ۽ منهنجو پڻ اهو فيصلو رهيو ته آئون پنهنجن ماڻهن جي ڏک دردن لاءِ ڪجهه ڪريان. جيڪو دوستن طرفان ايرو سپيرو مليم ان ۾ راضي رهي خوش گذاريان ۽ ڪو Creative ڪم ڪندو رهان. آئون ان راءِ جو آهيان ته Creativity ۾ غربت نه هجي. پئسي ڏوڪڙ ۾ غربت هجي ته پلي هجي.“

حميرا کي مخاطب ٿي چيم ”ڪالهه واشنگٽن جي نيشنل ميوزيم ۾ ويندي ڏسان ته ان جي ٻاهران پارڪ ۾ هڪ وڻ هيٺان هڪ همراهه ڪڪڙين جا وڏا پوسٽر ٽنگي ايندڙ ويندڙ کي ڪجهه بروشر ڏئي رهيو هو جن ۾ ڪڪڙين کي نه کائڻ لاءِ عوام کي التجا ڪيل هئي ته هنن غريب پکين تي ڪجهه ڳهل ڪيو. انهن کي چوٿا کائو. انهن بدران ڀاڄيون کائو. ان سان گڏ پاڻ مائيڪ ذريعي تقرير به ڪري رهيو هو ته ڪڪڙين کان جيئڻ جو حق نه کسيو وغيره... اتي هڪ اسان جي شڪل جو ايشين اچي لنگهيو. تنهن کان پڇيم ته هيءَ فلم ڪير آهي؟

”ههڙا Lone Soldier توکي آمريڪا ۾ ڪيترائي ملندا جيڪي اڪيلي سر ڪنهن ساهه واري جي جان بچائڻ جي حق ۾ جدوجهد ڪندا رهن ٿا.“ هن ٻڌايو.

”پوءِ هنن جي ڪو ڳالهه ٻڌي به ٿو يا نه؟“ مون پڇيو مانس.

”بس اهو تون پاڻ ڏسين پيو ته هرڪو ڪن لاٽار ڪري گذريو وڃي. اڄ گرمي آهي سو ڪانئس اهي ٿلهي پني وارا بروشر پڙهڻ لاءِ نه پر پاڻ کي وڃڻو هٽڻ لاءِ وٺيو پيا وڃن.“ هن ٻڌايو.

حميرا کي چيم ته هي منور درويش به مون کي هڪ اهڙو ”اڪيلو سپاهي“ لڳي ٿو جيڪو پنهنجي منهن اڪيلو ئي اڪيلو وائيٽ هائوس اڳيان دنيا ۾ ظلم بند ڪرڻ لاءِ رڙيون ڪندو رهي ٿو.“

”سائين ڳالهه هيءَ آهي.“ منور وراڻيو ”ڪو منهنجي يا منهنجي ڪاز جي مدد ڪري ٿو ته نيڪ آهي نه ته بقول ٽئگور جي ڦوڍيي غلڌ لَئِ غلڌ اِڦلِا غلڌ... ضروري ناهي ته هر هڪ منهنجي هر قدم کي ساراهي يا مون کي مدد ڪري، اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن اڳلو به ان

Process مان نڪتو هجي جنهن مان منهنجو وجود گذريو آهي. هن به اها تڙپ، سڪ، ڏک، بي وطني، ڪوڙن الزامن جي چيڀٽ محسوس ڪئي هجي جنهن مان مون کي بنا ڏوهه جي پوڳڻو پيو يا اجا پوڳي رهيو آهيان. پري کان بيهي ماڻهو هر قسم جو رايو رکي سگهي ٿو پر صحيح جي خبر تڏهن پوي ٿي جڏهن ڪنهن جو ڪنهن سان ويجهو واسطو پوي ٿو. شاهه لطيف جو شعر آهي:

جي هيان هوت پنهون سين مون جيان ملاقات
ته هوند پانهن وجهي وات ريهون ڪيو رڃ ۾."

ان ڏينهن سفر دوران منور سان ڪيل ڳالهيون يا منور جي ڏنل ڪجهه جوابن جو تت هن ريت آهي:

ــ اهو سڌائڻ اهم نه آهي ته اسين سنڌي آهيون. اهو اهم آهي ته اسين بهترين انسان آهيون. اسين دنيا کي بهترين انسان ٿي ڏيکاريون.

ــ انساني حقن کي برقرار رکڻ ۾ مدد ڪرڻ جا ڪيترائي طاقتور ادارا ۽ حڪومتون آهن. انهن کي اسان پنهنجن ظلمن کان آگاهه ڪريون.

ــ اسين اهو نٿا چاهيون ته مهاجر، پنجابي ۽ ٻين جا حق غضب ڪري اسان کي سهولتون ۽ سک ڏيو. بلڪ انهن جي حقن کي به بچايو. انهن ۾ به مظلوم ۽ ڏکويل آهن ۽ هنن جا ۽ اسان جا ڏک ڪي جدا نوعيت ۽ رنگ جا نه آهن. ظلم بس ظلم آهي جنهن مان هنن کي به نجات ڏياري وڃي پر ساڳي وقت اسان سنڌين کي به ڌيان ۾ رکيو وڃي جيڪي هر دور ۾ ظلم جي گهاڻي ۾ نپوڙيا رهيا آهن. ظالمن سان مقابلو نٿا ڪري سگهو ته انهن جي خلاف گهٽ ۾ گهٽ آواز ته اٿاريو پوءِ اهي ظالم جيڪي اسان جو رت ست چوسين ٿا ڪٽي اسان جا پنهنجا هجن يا پراوا. توهان ٻين مظلوم قومن کي حقن ڏيارڻ لاءِ وڙهو ٿا پر ساڳي وقت اسان جو به خيال ڪريو. جن کي نه نوڪريون آهن ۽ نه پاڻي آهي. جن جي ٻچن کي نه تعليم لاءِ سنوان سبتا اسڪول آهن ۽ نه بيمارين جي علاج لاءِ دوائن ۽ ڊاڪٽرن سان ڀرپور اسپتالون.

ــ هڪ نيڪ انسان کي پنهنجي پراون ڏنڊا هڻي مرٽينگ ڪري ڇڏيو. هن جي بچڻ جي ڪا اميد نه رهي. اڳتي وڌي هن جي مدد ڪرڻ بدران سڀ تماشو ڏسندا رهيا. ان وقت هڪ جهرڪي چهنب ۾ پاڻيءَ جو ڦڙو ڪڻي اچي هن جي وات تي رکيو. زخمن کان چُور انسان جهرڪيءَ جي ان ادا تي هن کي نماڻين نگاهن سان ڏسي چيو: "تنهنجي ان ڦڙي ڦڙي پاڻي مان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آئون بچي تہ نہ سگھندس.“

جھرڪيءَ وراڻيو: ”آئون سمجھان ٿي پر گھٽ ۾ گھٽ آئون اھو تہ احساس ڏياري سگھان ٿي تہ توسان ظلم ٿيو آھي ۽ ان ظلم ۾ ھنن ظالمن سان گڏ نہ آھيان.“

_ اسان ملڪ کان ٻاھر جيڪي سنڌي رھون ٿا، ھندو توڙي مسلمان، شيعا توڙي سني، غريب توڙي امير اسان لاءِ ڪلچرل Unity پڻ ضروري آھي. سياسي طرح ھڪ ٿيڻ ضروري ناھي پر Our Cultural Unity is important

_ آئون چاھيان ٿو تہ UNO جھڙي اداري ۾ اسان جي نمائندگي ھجي ۽ اسان سان ٿيندڙ ظلمن کان دنيا واقف ٿئي.

”How Can you do that“ مون پڇيومانس.

ڪئناڊا جي وزيراعظم کان سندس ملڪ ۾ فرينچن ۽ انگريزن جي مسئلن حل ڪرڻ جي حامي پرڻ تي جڏھن پڇيو ويو تہ How will you solve this problem تہ ھن وراڻيو ھو تہ Just watch me سو آئون بہ ھن وقت توھان کي ساڳيو جواب ڏيڻ چاھيندس تہ جسٽ واچ مي.

_ خيرپور جي ڊاڪٽر تنوير عباسي جو پٽ سرمد ۽ ھن جي ڪنوار انڊين بنگال جي ھندو چوڪري رنڪودت (جيڪا انگريزي ۽ بنگالي جي شاعره پڻ آھي ۽ ھاڻ سنڌي بہ Fluently ڳالھائي ٿي.) جڏھن ھتي آمريڪا ۾ پي ايچ ڊي ڪري رھيا ھئا تہ ھڪ ڏينھن ھنن سان گڏ نيويارڪ جي گھٽين ۾ ڦرندي، UNO جي عمارت وٽ بيھي مون ڪين چيو ھو تہ ھڪ ڏينھن آئون ھن بلڊنگ ۾ ھوندس ۽ پنھنجي وطن جو نالو روشن ڪندس.

”How Come?“ سرمد پڇيو ھو.

جواب ۾ مون ھن کي اھو ئي چيو ھو تہ Just wait & watch

_ ”مون کي لڳي ٿو تہ تون سياستدان ٿيڻ چاھين ٿو؟“ مون چيو.

”نہ ھرگز نہ. I don’t want to be a politician سياستدان جي اک اقتدار تي ھوندي آھي. جيڪڏھن ڪجھ ٿيڻ بہ چاھيان ٿو تہ Statesman ٿيڻ چاھيان ٿو اسڪالر ٿيڻ چاھيان ٿو. . “

_ ”ڪيترن سماجي، سياسي ۽ مذھبي اڳواڻن ۽ تحريڪن موجب چا توھان بہ مسئلن جو حل ھنگاما، ھڙتالون ۽ بائيڪاٽ چاھيو ٿا؟“ مون پڇيو.

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”هرگز نہ“، منور وراڻيو ”آئون ان جي خلاف آهيان تہ اسان جو نوجوان نسل پڙهائيون ڇڏي، بائڪاٽون ڪري ۽ سياستدانن جي ور چڙهي هنن جو هٿيو (tool) بڻجي. مون هڪ مضمون لکيو هو ’بائڪاٽ جي بائڪاٽ ڪريو‘ يعني هنگاما ۽ اسٽرائيڪون ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ملڪ جو نقصان نہ ڪريو. مون نوجوان جي سوچ ۾ تبديلي آڻڻ چاهي ٿي تہ تعليم حاصل ڪريو. تعليم کان منهن هرگز نہ موڙيو. مائوزي تنگ جو هڪ قول آهي تہ دشمن اسان تي ان وقت حاوي ٿئي ٿو جڏهن هن کي اسان کان وڌيڪ ڄاڻ آهي.

_ ”تي ڳالهيون ضروري آهن“، منور چيو ”هڪ ڪردار، ٻيو عمل ۽ ٽيون نظريو.“

انهن مان ڪنهن بہ هڪ ڳالهہ جي کوٽ آهي تہ قصو اڳتي هلي نہ سگهندو Equation پوري ٿي نہ سگهندي. ڪير ڪٽي پاڻ کي ڪيترو بہ لڪائي هن جي اوٽائي ظاهر ٿيو پوي. آئون جيڪي ڪجهہ ڪريان پيو اهو ڪنهن کان لڪل ناهي. آئون هر شيءِ سوچي سمجهي ايمانداري ۽ محنت سان ڪري رهيو آهيان. هو چا چوندا آهن تہ ”هٿ ڪنگڻ کي آرسيءَ جي ڪهڙي ضرورت“. منهنجو پورهيو سيني جي نگاهن اڳيان آهي. اسان جي ڪنهن سان دشمني يا نفرت ناهي. پرويز مشرف بہ ڪو چڱو ڪم ڪري ٿو تہ اسان يڪدم هن کي ساراهيون ٿا. اسان ڪنهن ماڻهو يا ملڪ کي نقصان نٿا رسائڻ چاهيون. اسان لاءِ مهاجر توڙي پنجابي بہ انسان آهن. هنن مان ڪو اسان جي ماڻهن سان سٺو هلن ٿا تہ تہ اسين هن جي واکاڻ ڪريون ٿا.

_ اسين پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن کي مضبوط، خوشحال ۽ مانَ وارو ڏسڻ چاهيون ٿا. اسان وٽ ڪو مال ۽ ملڪيت ناهي. اسين پنهنجي سوچ ذريعي پنهنجي ملڪ جي فريم ورڪ ۾ رهي ڏتڙيل ماڻهن جي حقن جي گهر ڪرڻ چاهيون ٿا. شاهہ لطيف جو بيت آهي تہ:

”بک وڏائون بگري، جوڳي ڪندا جج
طلب نہ رکن طعام جي اوتيو پيين اڄ
سامي جهاڳي سڄ وڃي وسنديءَ کي ويجهو ٿيا. . . “

انسانن جي حقن کان علاوه توهان جو ڪو ٻيو بہ Object آهي؟

_ اسان ماحوليات جا حق پڻ گهرون ٿا. اسان جي ملڪ ۾ خاص ڪري سنڌ صوبي ۾ Environment جي وڃي بيڙي ٻڏندي. ڪنهن کي ڪو احساس ئي ناهي. پاڻي ۽ هوا جي گدلاڻپ کان علاوه ماڻهو وڻن رستن جا وڻ بہ ڪپيندا. ڪنهن کي ڪو احساس ناهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”ان سلسلي ۾ ماڻهن ۾ شعور ڪيئن پئدا ڪجي؟“ مون پڇيو.

”منهنجي نظر ۾ ماڻهن ۾ ان جو احساس ۽ شعور پيدا ڪرڻ جا ڪجهه اپاءَ هن ريت وٺي سگهجن ٿا.“ منور ٻڌايو ”اهي آهن. . .

1. Advocracy
2. Education
3. Activism

ان کي ٽري اي فارمولا سڏين ٿا. ائڊووڪرئسي ۾ سيمينار، ورڪشاپ، ڪانفرنسون وغيره اچي وڃن ٿيون جن ذريعي اسان عوام کي سجاڳ ڪري سگهون ٿا. ٻيو طريقو تعليم آهي ۽ ٽيون ۽ آخري Activism آهي جنهن ۾ مظاهرا، Vigiliance, Rallies, Protest وغيره اچي وڃن ٿا.

_ ”ڀلا توهان جي ڪم کي، جيڪو توهان ڪٽي نيڪ نيتيءَ سان ڪري رهيا آهيو پنهنجا ۽ پراوا شڪ جي نگاهه سان نه ڏسندا هوندا؟“

”اها ڪهڙي تنظيم آهي جنهن کي شڪ جي نگاهه سان نٿو ڏٺو وڃي. خاص ڪري اوائلي دور ۾ جڏهن اجان نتيجا ظاهر نه ٿيا آهن يا ٿي به رهيا هجن پر ان رفتار سان نه جنهن جي اميد عوام رکي ويٺو هجي. ڪيترائي پنهنجا پڻ منهنجي نيت تي شڪ ڪندا هوندا يا هنن کي منهنجين صلاحيتن تي ڀروسو نه هجي.

ڪنهن کي ائين چوان

ته مون کي ماريو سڄڻين

بهرحال اُڪرين ۾ جن مٺا وڏا اهي مهرين کان چا ڏجندا، اهڙين ڳالهين ۾ ته چوڏاري تڪليفون، ڏپ، خوف، وهم ۽ وسوسا ته رهن ئي رهن ٿا. جن جي پرواهه نه ڪندي اڳتي وڌڻو پوي ٿو.

خوف خيال خطرا ٿنهي ترڪ ڏيج

ماڻهو ڪٽي چا به چون پر آئون هڪ نيڪيءَ جو ڪم ڪري رهيو آهيان ۽ My objects are very clear

## ورجينيا رياست ۽ وڏيري شاهنواز جوڻيجي جي ياد

آمريڪا جي ورجينيا رياست جون مشهورن غارون Luray ڏسڻ لاءِ اسين هاڻ ورجينيا رياست ۾ پهچي ويا هئاسين ۽ هڪ پنيان پيو ڳوٺڙو لتاڙيندا وياسين. ظاهر آهي هن ماڊرن دنيا جا ڳوٺ به اسلام آباد جي سهڻن حصن کان بهتر آهن. البت ملائشيا ۽ انڊيا جي نون اڏيل شهرن جهڙا چٽي سگهجن ٿا. منور ۽ حميرا جيڪي مون سان گڏ هن ڪار ۾ موجود هئا انهن سان خبرون چارون ڪرڻ دوران رڪي رڪي آئون گذرندڙ شهرن، رستن ۽ عمارتن جا نالا پڻ لکندو ويس جيئن سياٽي ڪٽي هن رياست جو نقشو ڏسان ته ان مٿان آڱر ڦيري چئي سگهان ته آئون هتان هتان هن ڌرتيءَ مٿان پڻ لنگهيو هوس رڳو اٽلانٽڪ، پئسفڪ يا عربي سمنڊ مٿان نه هليو آهيان.

N. Quincy Street

Sacomaore Street

فالس چرچ

مانا ساس

Gainsvile

Dumfries

Leesburg

The Plains

فالس چرچ (Falls Church) ورجينيا رياست جو ڪافي وڏو شهر آهي جيتوڻيڪ آدمشماري ڪا ويهه هزار به نه اٿس. آمريڪا جي گادي واري شهر واشنگٽن جي ويجهو هجڻ ڪري ڪيترائي سرڪاري ڪامورا، پرائيويٽ ڪمپنين جا آفيسر ۽ بزنيس مين جن جو واشنگٽن ۾ ڪاروبار آهي اهي ورجينيا جي هن شهر ۾ رهن ٿا. واشنگٽن ۾ ڪم ڪندڙ اسان جا ڪيترائي پاڪستاني پڻ هتي رهن ٿا. واشنگٽن ويندڙن لاءِ هتي هڪ ڳالهه لکڻ بي محل نه ٿيندي ته واشنگٽن جي ميٽرو سب وي (ريل گاڏي) جون به ريلوي اسٽيشنون آهن جن جو نالو "فالس چرچ" آهي پر ان مان هڪ جو به واسطو هن فالس چرچ سان نه آهي. انهن مان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هڪ آرلنگٽن ڪائونٽي ۾ ٻي Fairfax ڪائونٽي ۾ آهي.

اهڙي طرح ورجينيا رياست جي هڪ ٻئي شهر Manassas مان به لنگهياسين. شهر وٽان لنگهڻ وقت هڪ خوبصورت پارڪ به نظر آيو جنهن لاءِ منور ٻڌايو ته ان جو نالو ماناساس پارڪ آهي. تاريخ جي شاگردن کي خبر هوندي ته آمريڪن سول جنگ جي پهرين لڙائي 1861ع ۾ ۽ ٻي 1862ع ۾ لڳي جيڪي لڙائيون Battle of Bull Run سڏجن ٿيون ۽ هتي لڳيون. ورجينيا جو هي شهر انٽرنيٽ جي حوالي سان به دنيا ۾ مشهور آهي جو هتي پهريون وائيڊ اسڪيل Broadband over power lines (BPL) لڳايو ويو آهي.

هن رياست جي هڪ ٻئي ڳوٺ Gainsville مان پڻ لنگهه ٿيو جنهن جي چون ٿا ته آدمشماري ڪا ڇهه هزار کن مس آهي يعني اسان جي ٽاٽي بولا خان يا ڇاڇري جي به ان کان گهٽ آدمشماري آهي. اوڻهين صدي جي پهرين اڌ ۾ جڏهن Fauquier ۽ اليگزينڊرا ٽرن پائيڪ (هائي وي) تي ريل گاڏيون گهوڙا ڇڪيندا هئا ته هي ڳوٺ گهوڙن جي ساهي پٽڻ لاءِ هوندو هو ۽ ريل گاڏين کي ڇڪڻ لاءِ هڪڙا گهوڙا ڪڍي ٻيا جوٽيا ويندا هئا.

انهن ڳوٺن ۽ شهرن کان علاوه ليزبگ مان پڻ لنگهه ٿيو. ورجينيا رياست جو هي تاريخي شهر واشنگٽن ڊي سي کان پورا چاليهه ميل آهي. هي شهر آمريڪا جي آرمي جي هڪ مشهور جنرل رابرٽ ايڊورڊ لي نالي ٻڌل آهي. رابرٽ لي جو پيءُ هينري لي به فوج ۾ جنرل هو ۽ هن رياست ورجينيا جو گورنر پڻ رهيو. هنن جو اصل نسل اسڪاٽليند جو آهي.

آخر ۾ هڪ تمام ننڍڙي ڳوٺ The Plains مان به لنگهياسين. هي ٽائون ورجينيا جي Fauqiuier ڪائونٽي ۾ آهي.

واشنگٽن ڇڏڻ ۽ پوٽومئڪ ندي ٽپڻ بعد اسان ماٺ منوڙي ۾ سفر ڪندا آياسين. رستي تان منور مڪسڊ Nuts جون چار پنج پڙيون ورتيون هيون سي کائيندا هلياسين. يعني آءٌ ۽ حميرا. منور جا ٻئي هٿ ڊرائيونگ ويل تي هئا. رکي رکي ڪنهن جو فون ٿي آيو ته منور ان سان ڳالهايو ٿي. آمريڪا ۾ ڊرائيونگ وقت فون هٿ ۾ کڻي ڳالهائڻ جي اجازت ناهي سو ڊرائيونگ وارو ڪن ۾ پلگ وجهي گاڏي هلائي جيئن ڪنهن جو فون اچي ته هٿن جي چرپر بنا فون ٻڌي ۽ ڳالهائي سگهي.

منهنجي خيال ۾ فالس چرچ شهر ڇڏي ماناساس يا گينس وائيل پهچڻ وارا هئاسين ته منور جي فون جي گهنٽي وڳي. منور ”هيلو“ ڪري مون کي چيو ”تنهنجو پاٽيجو مشتاق آهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڊاڪٽر مشتاق ميمڻ ڪنهن سيمينار جي سلسلي ۾ پنهنجي نوڪري واري شهر ڪيوٽو (جپان) کان هفتو ڪن اڳ ملائشيا آيو هو جنهن بعد موٽڻ وارو هو تہ سندس والد ڊاڪٽر محمد عابد ميمڻ کيس هالا کان فون ڪيو تہ سندس هڪ دوست جيڪو اسان لاءِ پڻ هڪ اهم شخصيت آهي. وڏيرو شاهنواز جوڻيجو علاج لاءِ سنگاپور پهتل آهي تون جپان موٽڻ بدران بہ تي ڏينهن سنگاپور ترسي هن جو حال احوال پڇاءِ.

ڊاڪٽر مشتاق مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ ۾ منور لغاريءَ جو ڪلاس ميٽ هو ۽ پنهي گڏ BE ڊگري حاصل ڪئي ۽ منور سان منهنجي واقفيت بہ منهنجي هن ڀاڻيجي مشتاق ذريعي ٿي هئي. مشتاق ٻن ڏينهن کان شاهنواز جوڻيجو بابت مون کي يا منور کي ٻڌائيندو رهيو تہ هو اجا ICU ۾ آهي. اميد تہ ڏينهن ٻن ۾ بهتر ٿي ويندو پر اڄ وڏيري شاهنواز جوڻيجو جي وفات جو ٻڌي اسان سڀني کي ڏاڍو افسوس ٿيو. مون منور کان فون وٺي يڪدم حسن مجتبيٰ ۽ ڊاڪٽر منل وقاصيءَ کي ان ڏک واري خبر کان آگاهہ ڪيو. منور ڪا دير ماٺ ئي ماٺ ۾ ڊرائيو ڪندي آخر ٿڌو ساهہ کنيو جنهن سندس اندر جي اڌمن ۽ پيڙا جي عڪاسي ڪئي ۽ پوءِ چپ چوريا: ”وڏيرو شاهہ نواز جوڻيجو چا تہ ڪلاسڪ وڏيرو هوا هو هڪ سچو ۽ کرو ماڻهو ۽ سنڌ جي ثقافتي روايتن جو امين هو. هن پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ ڪنهن جي بہ ڪاڻ نہ ڪيڍي. هن ڪڏهن بہ پنهنجن اصولن ۽ اعليٰ آدرشن تان هٽ نہ ڪنيو.“

حميرا مون ڏي نهاريو.

”صحيح ٿو منور چوي“. مون حميرا جي ان عجيب Look جي موٽ ۾ وراڻيو ”اڄ ڪلهہ وڏيرو ماٿيلي ماءُ وانگر ظلم. ڪروڌ ۽ ناانصافي جي علامت سمجهيو وڃي ٿو پر هي سنڌ جو فرزند وڏيرو شاهہ نواز جوڻيجو پيار ۽ محبت جو مجسمو غريبن جو هڏ ڏوکي ۽ همدرد. انصاف پسند ۽ وڏو دلير انسان هو.“

آئون سنڌ جي ڪيترن ئي وڏيرن. پيرن. ميرن ۽ سردارن سان پنهنجي وطن ۾ يا مختلف ولايتن ۾ مليو آهيان منهن تي هر هڪ جي تعريف پئي ٿيندي آهي پر وڏيرو شاهنواز اهو وڏيرو آهي. جنهن جي اديب شاعرن کان سياستدان. اخباري رپورٽرن کان سرڪاري عملدار. غريب ڳوٺاڻن کان پٺسي وارا سڀئيون تعريف ڪن ٿا. کيس ٻين وڏيرن جي لسٽ کان ڌار ان ڪري نٿو ڪيو وڃي جو هو تمام وڏي جاگير جو مالڪ هو (جيتوڻيڪ زمين تہ هن وٽ تمام

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

گهٽ هئي) پر هو بيحد انصاف پسند وڏيرو هو. هن جا فيصلا حق ۽ انصاف تي ٻڌل هوندا هئا. اسان وارو سنڌي اديب عبدالقادر جوڻيجو هن وڏيري لاءِ چوندو آهي تہ ”شاهنواز سنڌ جو فري اسٽائل ۽ دلير وڏيرو آهي، جنهن جا فيصلا سڄي سنڌ ۾ مشهور آهن.“ هي اهو ماڻهو هو جنهن سان ڪنهن جا ڪيترائي اختلاف سهي، پر هر ماڻهو سندس احترام ڪندو هو ۽ سندس فيصلي ڪي مڃڻ لاءِ پابند هوندو هو. سنڌ جي ثقافتي تاجي پيٽي ۾ وڏيرا فيصلا تہ ڪندا ئي آهن پر جوڻيجي صاحب جا فيصلا، سنڌ جي تاريخ ۾ انصاف ۽ حق جو نهايت اعليٰ مثال آهن.

سال ڏيڍ کن اڳ سئيڊن يا شايد ناروي جي هڪ اتراهين ڳوٺ ۾ سنڌ جي هڪ عورت پنهنجي ننڍڙي ٻارڙي سان ملي جيڪا پنهنجي تر جي وڏيري جي ظلمن کان جان بچائي پنهنجي مڙس سميت Scandinavia جي هن بيٺ نما برفاني ڳوٺ ۾ اچي پناهہ ورتو هو. ”انساني حقن جو بچاءُ ڪندڙ هڪ بين الاقوامي اداري منهنجي جان بچائي نہ تہ مون کي ۽ منهنجي مڙس کي ڪارو ڪاري جي چڪر ۾ پنهنجا ئي ماري ڇڏين ها.“ هن ٻڌايو. ڳوناٽي ٿي ڪري هوءَ ڇڱو پڙهيل ڳڙهيل لڳي ٿي. منهنجي ڪنهن سوال تي هن واهہ جو جواب ڏنو تہ ”سنڌ ۾ ڪاڏي پيتي جي نہ پر انصاف جي بک آهي.“ منهنجي خيال ۾ هن جي ڳالهہ ۾ صداقت آهي، وزن آهي. اسان وٽ انصاف ناهي ان ڪري امن امان بہ نہ آهي (شايد)! اهڙي انصاف ڏياريندڙن جي سخت کوٽ ۾ وڏيري شاهنواز جهڙو ماڻهو ڪيترن غريبن، بي واهن، بي پهچن جي لاءِ وڏي اميد هو. هڪ دفعي پنهنجي ڳوٺائي سپريم ڪورٽ جي وڪيل عبداللطيف انصاري کي ڳوٺ ويندو ڏسي سبب پڇيم. ”مون سان ۽ منهنجي پٽ سان ٿيل ناانصافين جي فيصلي لاءِ وڏيري شاهنواز وٽ پيو وڃان. هو هر اربع تي فيصلن لاءِ هالا ايندو آهي.“ هن ٻڌايو.

”يار لطيف تون پاڻ وڪيل ٿي ڪري ۽ ماڻهن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ سڄي عمر ملڪ جي ڪورٽن ۾ گذاريندي پنهنجي لاءِ حق گهرڻ ۽ جائز فيصلي لاءِ سنڌ جي هڪ وڏيري وٽ پيو وڃين. ڇا توکي ملڪ جي ڪورٽن تي ڀروسو ناهي؟“ مون پڇيومانس.

”آهي پر مونکي شاهنواز وٽان اڃت انصاف ملندو. منهنجي مخالف ڏر ڪٽي ڪيڏي بہ طاقتور هجي پر هو بنا ڪنهن اثر رسوخ جي، بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي فيصلو صحيح ماڻهوءَ جي حق ۾ ڪندو.“

وڏيري شاهنواز جوڻيجي سان جيتوڻيڪ ڪيترين ئي ملاقاتون هالا جي مخدوم

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هائوس ۾ مخدوم طالب المولٰي وٽ ٽيون پر شاهنواز کي مون جهڙن سان صحيح معنيٰ ۾ متعارف طارق اشرف (سهڻي جي ايڊيٽر) ڪرايو جنهن هن وڏيري سان گڏ جيل ڪاٽيو ۽ پنهنجي جيل جي ڊائري ۾ وڏيري جو احوال لکيو. جنهن پرڪاش موراڻي عبرت اخبار جو مشهور ڪالم نويس وڏيري شاهنواز لاءِ چوندو هو تہ. . . شاهنواز جوڻيجو جرڳن ۾ وهي ٿو تہ سندس شخصيت جو ڊنگ ئي نرالو ٿيو وڃي. سندس تز ۽ تيز سوال جوابدارن توڙي فريادين جون متيون منجهائي کين سچ اوڳاڇڻ تي مجبور ڪريو ڇڏين. هو ورهين کان اٽڪيل مامرا جيڪي سٽ جي ڦوري وانگر منجهي پوندا آهن. چپٽي وجائي حل ڪري کير ۽ پاڻي ڌار ڪري ڏئي ٿو. سندس آڏو وينل جوابدار سندس سوالن جي طوفان ۾ گهيرجي ڪنهن مشين وانگر حقيقتون بيان ڪرڻ لڳن ٿا. . . . سندس فيصلا اهڙا ٿين ٿا جو هر ڪو واهہ واهہ ڪري اٿي ٿو. هن ڪيئي ويڙها آباد ڪيا آهن. ڪيترن ئي رنلن کي پاڪرون پارائي کير کنڊ ڪيو. هزارين چوريون ۽ ٽڳيون موٽايون آهن. اتر جا ڊنگ سردار جڏهن سوين ماڻهو مارينڊڙ قبيلائي تڪرار جي جرڳن ۾ پاڻ کي فيصلي کان قاصر سمجهن ٿا تہ هو فيصلي لاءِ شاهنواز جوڻيجي کي ئي سڏائين ٿا ۽ هو راڄن جا راڄ ورهائيندڙ جهيڙا ختم ڪرائي موٽي ٿو.

وڏيرو شاهنواز جوڻيجو 1932ع ۾ سنجر خان جوڻيجي جي گهر ۾ ٽنڊو آدم پرسان سندس نالي واري ڳوٺ سنجر خان جوڻيجو ۾ ڄائو. شاهنواز جوڻيجو کي تر جا ماڻهو تڏهن کان سڃاڻڻ لڳا جڏهن برٽش دور ۾ حرن خلاف انگريز حڪومت جي وٺ پڪڙ هلي رهي هئي ان ۾ 1946ع ۾ سنجرخان جوڻيجو جي وڏي فرزند شاهنواز جوڻيجو کي 14 سالن جي ڄمار ۾ حرن کي پناهہ ڏيڻ جي الزام هيٺ گرفتار ڪري 8 مهينا جيل ڏنو ويو. ان وقت ۾ هي علائقو ضلعي نواب شاهہ ۾ هوندو هو تڏهن هن پوري تر تي ڪنڊياري جي خان بهادر وساڻ ۽ ٻيراڻي جي جان محمد خان مري ۽ علي محمد خان مري وارن جي سياست جي ڌاڪ وينل هئي. 1947ع ۾ شاهنواز جي والد وفات ڪئي ان وقت سندس عمر 15 سال هئي.

شاهنواز جوڻيجو صاحب پنهنجي سياسي سفر جو آغاز 1962ع ۾ ڪيو جڏهن پاڻ بي ڊي اليڪشن ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو ميمبر بڻيو. ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جڏهن پيپلز پارٽي ٺاهي رهيو هو ان وقت هالا جي مخدوم امين فهيم سان دوستي جي ڪري هو پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيو. هو ڀٽو دور ۾ 1975ع کان 1977ع تائين جيل ۾ رهيو. ضيا جي مارشل لا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

۾ ڪيس ڀٽو مٿان شاهدي ڏيڻ لاءِ زور ڀريو ويو. انڪار ڪرڻ تي ڪيس جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ هن ايم آر ڊي تحريڪ ۾ پڻ جيل ڀوڳيو. 1988ع جي عام چونڊن ۾ پ پ ٽڪيٽ تي هن ملڪ جي اڳوڻي وزيراعظم محمد خان جوڻيجو کي شڪست ڏيئي پنهنجو نالو پيدا ڪيو ۽ پاڻ بلديات جو مملڪتي وزير بڻيو. هن شخص لاءِ چيو وڃي ٿو ته وزير هوندي به هن ڪڏهن به پوليس جو پروٽوڪول نه ورتو. پاڻ ڪڏهن به شوبازي ۽ پبلسٽي جو قائل نه هو. جڏهن ڄام صادق علي وڏو وزير ٿيو ته هن مٿس زور ڀريو ته هو پ پ ڇڏي سندس ساٿ ڏئي. انڪار ڪرڻ تي ڪيس ڏيڍ سال جيل ۾ قيد رکيو ويو.

ڪاوش اخبار ۾ لکندڙ صادق ابڙو هڪ دفعو ٻڌايو ته جنهن وقت ڄام صادق علي بيمار هو ۽ آخري پساهن ۾ هو ان وقت ڪيس جيل مان رهائي ملي ته هو محترما بينظير ڀٽو وٽ ويو ۽ ڪانئس ڄام صادق علي سان ملڻ جي اجازت گهري. محترما ڪيس اجازت ضرور ڏني پر ان شرط تي ته موٽي اچي اهو ٻڌائي ته ڄام صادق علي بچندو يا مري ويندو. وڏيري شاهنواز ٻڌايو ته هو جڏهن ڄام صادق علي جي ڊفينس واري گهر پهتو ته ڄام صادق علي جي سيراندي ءَ ڪان پير صاحب پاڳارو ويٺل هو. جڏهن ڄام صادق علي جي شاهنواز جوڻيجو تي نظر پيئي ته ڄام صادق جي اکين ۾ ڳوڙها ڳڙي آيا ۽ ٻئي هڪ ٻئي سان ڀاڪرن ۾ اچي ويا ته پير صاحب به اٿي بيٺو ۽ شاهنواز کي چيو ته وڏيرا مان توهان سان ملڻ لاءِ ڪافي دير کان بيٺو آهيان پر توهان جو ڏوهه ناهي ٻئي جوڻيجا آهيو.

وڏيري شاهنواز جوڻيجي ڀٽو صاحب جي دور کان وٺي مشرف دور تائين جيل ڪاٽيا. هن پنهنجي سياسي زندگي جو تمام گهڻو عرصو پيپلز پارٽي کي ڏنو پر پ پ قيادت 1993ع واري دور ۾ ڪيس قومي اسيمبلي جي ٽڪيٽ نه ڏني. جڏهن سينيٽ جي ٽڪيٽ جو مرحلو آيو ته عبدالله شاهه وزير اعليٰ ڪيس سينيٽر بدران صلاحڪار بڻجڻ جو چيو ته شاهه نواز جوڻيجي وراڻيو ته صلاحڪار ٿيڻ جي ڪا ضرورت ناهي. جيڪڏهن توهان کي صلاح وٺڻي آهي ته آئون ڳوٺ وينو آهيان فون تي صلاح وٺي ڇڏجو. پاڻ مختلف جيلن ۾ نواب خير بخش مري، ولي خان، اجمل خٽڪ، حاصل بزنجو، بزن بزنجو، شيرباز مزاري، فاروق لغاري، غلام مصطفيٰ جتوئي، ممتاز ڀٽو عبدالواحد آريسر، ڄام ساقي، رسول بخش پليجو شهيد فاضل راهو اسماعيل اڏيجو ۽ شهيد محمد علي هنگورو ۽ ٻين ڪيترن ئي سياسي اڳواڻن سان جيل ۾ گڏ گذاريو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

وڏيرو شاهنواز وفاقي پارٽين ۾ هوندي بہ سدائين سنڌ جي حقن جي ڳالهہ ڪئي. وفاقي وزير هوندي بہ هر سال سائين جي ايم سيد جي سالگره تي ساڻس ملڻ ويندو رهيو. بقول صادق ابڙو جي هو سنڌ جي ڪلچر ۽ سياست جو هڪ نرالو ڪردار هو. هن سنڌ ۾ بلوچ سردارن سان دوستيون هجڻ باوجود ڄاموٽ برادري جو خيال رکيو. هن پنهنجي جواني ۾ ڪڪڙن، رڇن، ڪتن ۽ بازن جا شوق ڪيا ۽ آخر ۾ گهوڙن جو خفت ڪيو. سنڌ جو شايد ڪو ميلو شاهنواز جي گهوڙن جي ٽاپن کان بچيل هجي. هو سنڌ جي هر ميلي ۾ ويندو هو.

وڏيري شاهنواز جوڻيجو جي حال احوال ڪرڻ دوران جڏهن ڪيترن ڪالم نويس ۽ اديبن جو حوالو ڏنو اٿم اتي مرحوم فقير محمد لاشاري جي ان اداري جو هتي ذڪر ڪرڻ بي محل نہ ٿيندو جيڪو وڏيري شاهنواز سان گڏ سندس اولاد تي ٿيندڙ سختين جي سلسلي ۾ آهي. وڏيري شاهنواز سان گڏ هن جي پٽن بہ جيل ڀوڳيا. هڪ دفعي جڏهن اڳوڻي ايم اين اي ۽ شاهنواز جي پٽ محمد خان جوڻيجي کي شراب پيئڻ جو ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو هو تہ ان تي جاڳو جي ايڊيٽر فقير محمد لاشاري سخت ايڊيٽوريل لکي ڄام صادق عليءَ کي اها ميار ڏني هئي تہ ايڏي وڏي پياڪ ڄام صادق عليءَ کي اهو نٿو سونهين تہ هو پنهنجي مخالفن کي شراب پيئڻ جي ڏوهہ ۾ جيل ڏياري.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## شيناندوه نيشنل پارڪ ۾ پَڪنگ پيتل هرڻ

آمريڪا جي گادي واري شهر واشنگٽن ڊي سي ۾ پرواري رياست ورجينيا ۾ ڏسڻ لاءِ ڪيترين ئي شيون آهن. توهان جو جيڪڏهن انهن هنڌن تي ٽن چئن ڏينهن کان وڌيڪ رهڻ ٿئي تہ ورجينيا جو نيشنل پارڪ Shenandoah ۽ Luray غارون ضرور ڏسجن. آئون بہ مهينو کن واشنگٽن ۾ رهڻ دوران نہ نہ ڪندو رهيس پر چڱو جو منور لغاري ۽ حميرا رحمان سان هتي اچي نڪتس ۽ دل بهار بهار ٿي ويئي. هونءَ تہ آمريڪا خوبصورت پارڪن سان ڀريو پيو آهي. ايتري قدر جو نيويارڪ جو سينٽرل پارڪ بہ دنيا جي مشهور ۽ وڏن پارڪن مان هڪ آهي. پر هن پارڪ جي بيوٽي اها آهي جو سطح سمنڊ کان اٽڪل چار هزار کن فٽ مٿاهون آهي ۽ مختلف جبلن جي قطارن مان گذري ٿو. مٿاهين Alttitude تي هجڻ ڪري اونهاري جي مهينن ۾ بہ هتي جو سفر فرحت وارو ٿو رهي. جيئن ڪوالالمپور ۾ گنتنگ هائي لئنڊس ڏي ويندي ٽڏڪار رهي ٿي. ساوڪ سان ڀريل جبلن ۽جنگل جهڙي گهاٽي پارڪ مان گذر لاءِ 1939ع کان بيحد سنو هاءِ وي ٺهيل آهي. جيڪو Skyline Drive سڏجي ٿي ۽ اٽڪل 105 ميل کن ڊگهو رستو آهي. اسان روٽ 55 ذريعي پارڪ جي داخل ٿيڻ واري هنڌ فرنٽ رايل وٽ پهتاسين جتان پارڪ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ٽڪيٽ وٺڻي پوي ٿي. اتي ئي آمريڪن هاءِ وي روٽ 340 سائوٿ پڻ اچي ملي ٿي. ٿورو ئي اڳيان ٽي ميل کن هلڻ بعد جبل جي چوٽيءَ وٽ هڪ اهڙِي هنڌ تي اچي بيناسين جتان هيٺ سڄي ماٿريءَ جو نظارو ٿيو ٿي. اتي ئي شيناندوه ندي بہ وهي ٿي. دراصل هن ساوڪ سان جهنجهيل پارڪ ۽ ان جي پسگردائي ۾ گهاٽي ٻيلي جو وڏو سبب سٺي Soil سان گڏ هر وقت مينهوڳي جي موسم ۽ پاڻيءَ سان ڀريل نديون آهن. هنن جبلن جي وچان جيڪو هي 105 ميل کن ڊگهو رستو (Skyline Drive) ٿو لنگهي ان جي پاسن کان ڏٺم تہ راڪ فش گئپ تائين ڪيترين ئي نديون نظر آيون جن مان ڪجهہ وڏيون ۽ مشهور هن ريت آهن: رئپاهناڪ ندي، جارڊن ندي، رش ندي، Covington ندي، ٿارنٽن ندي، هزل ندي، Hughes ندي، رابن سن ندي، Rose ندي، سائوٿ ندي، مومئنس ندي، Doyles ندي . . . نديون ۽ نديون! ڪهڙا نالا ڪٽي ڪهڙا ڪڍجن. . . ايترين تہ ملائيشيا ۾ بہ نہ آهن ۽ اسان وٽ ڪراچي کان حيدرآباد تائين جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هڪ سو ميلن جي پٽي ۾ زمين آباد ڪرڻ لاءِ نديون تہ ڇا پاڻي پيئڻ لاءِ مٽڪا بہ ڪنهن ڪنهن هوٽل تي نظر ٿا اچن. ماشا الله جيڪا هڪ ندي اٿئون ان جو بہ اهو وجهي حال ٿيو آهي جو سياري جي موسم ۾ سندس پيٽ تي ڪرن شورو ڳوٺ جا ڇار ڪرڪيٽ پيا کيڏن.

اسان رکي رکي انهن هنڌن تي لهي ٿي پياسين جتي ڪا ريسٽورنٽ ٺهيل هئي يا جتي بيهي هيٺ ماٿري جو نظارو ڪري سگهياسين ٿي. اهڙن گهاٽن ۽ اتاهن جنگلن ۾ هوا ۾ عجيب سرهاڻ ۽ سڳنڌ ٿئي ٿي. سرد موسم ڪري سواءِ پوپٽن ۽ پکين جي ڪوبہ جيت جڙيو نہ هو نہ تہ ملائيشيا ۽ ٿائيلنڊ جي موسم ۾ مڇرن ۽ ٻين ڏنگيندڙ جيتن جي مصيبت اهڙو ائڊوينچر ڪرڻ نہ ڏيندي هئي. هڪ هاڪس بل جبل جي چوٽي وٽ هڪ ريسٽورنٽ ۾ اچي پيزا ۽ آئيس ڪريم کاڌيسين هي هنڌ Byrd Visitor Centre سڏجي ٿو ۽ سامونڊي سطح کان چار هزار فٽ مٿانهون آهي. هن پارڪ ۽ هن اتاهين رستي تان هلندي جتي مزو اچي رهيو هو اتي رکي رکي رستو وچائڻ جو ڊپ پڻ ٿي رهيو هو پر پوءِ ڪنهن ساهمون ايندڙ گاڏي واري کان پڇي ٿي ورتوسين يا ڪو اهڙو بورڊ نظر اچي ويو ٿي جنهن تي ان علائقي ۽ رستن جو نقشو ۽ ڄاڻ هئي ۽ پوءِ لهي ان بورڊ اڳيان فوٽو بہ ڪڍاياسين ٿي جيئن سند رهي تہ اسان هن هنڌ آيا آهيون. هن سڄي علائقي ۾ ڪيترائي جانور ۽ پکي رهن ٿا ۽ جيئن سئيڊن جي ٻيلن مان لنگهڻ وقت رين ڊيئر نظر اچن ٿا تيئن هتي هرڻ جام آهن. هرڻن کان علاوه رڇ (ڪارا وارا) ٻاب ڪئٽ ۽ ٻيا جانور بہ آهن پر اسان کي رکي رکي ڪنهن وڻ يا ٻوڙهي پوبان ڪو هرڻ نظر اچي ويو ٿي. منهنجي خيال ۾ Lewis جبل واري ريسٽورنٽ ۾ ڪافي پي جيئن ئي ميل ڏيڍ اڳيان هلياسين تہ هڪ هرڻ گهاٽن وڻن مان نڪري اچي وچ رستي تي بيٺو. ماڻهو هرڻ جي شڪار لاءِ بلوچستان جي جبلن ۾ سڄو ڏينهن خوار پيا ٿيندا آهن ۽ هتي اسان جي سامهون پڪي رستي تي هرڻ بيٺو هو. منور ڪار کي بريڪ هڻي بيهاريو. ورجينيا ۾ رهندڙ خيرپور جي عرفان جماڻيءَ ٻڌايو هو تہ هڪ رات هو گهر پئي موٽيو تہ ورجينيا جي ڪنهن جنگل واري علائقي ۾ هڪ هرڻ سندس ڪار سان اچي ٽڪرايو. ڪيس اهڙو ڏڪ لڳو جو اتي نہ سگهيو. ”پوءِ توهان ڇا ڪيو؟“ مون پڇيو هئومانس.

”اسان بہ دوست هئاسين“. هن ٻڌايو ”هرڻ کي ڇڪي ڪار جي ڊڪيءَ ۾ وڌوسين ۽ پوءِ گهر اچي سير وجهي سندس گوشت سان ڊيپ فريزر ڀري ڇڏيوسين ۽ سڄو هفتو کائيندا رهياسين.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پر هن وقت منور جي ڪار ۾ ٽئي سوار جانورن يا پکين جي شڪار جي تہ خلاف هئاسين پر انهن وڏيرن جي بہ خلاف هئاسين جيڪي وزيرن, فوجين ۽ عربن کي دعوت ڏئي سنڌ ۾ ايندڙ پرديسي پکين جو شڪار ڪرائين ٿا. نہ تہ روڊ تي بيٺل ههڙي سٽائي شڪار لاءِ ڪنهن بندوق جي بہ ضرورت نہ هئي. بريڪ هڻڻ بدران ڪيس ڪار ٽڪرايون ها تہ اتي ئي ڍيري ٿي پوي ها. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ منور جي ڪار الائي ايتري دٻ سهي سگهي ها يا نہ. هرڻ کي ٿي سگهي ٿو اثر نہ ٿئي ماڳهين ڪار ڍيري ٿي پوي ها ۽ اسان روه ۾ تہ نہ پر Lewis جبل جي ٿي هزار کن فٽن جي بلنديءَ تي سواريءَ لاءِ واجهائيندا رهون ها.

هونءَ هن پارڪ ۾ ڪنهن بہ پکي يا جانور کي مارڻ جي اجازت ناهي. بلڪ هي پارڪ شيناندوه ناهيو ئي ان لاءِ ويو آهي تہ هن ۾ جيڪي بہ قدرتي شيون آهن گاهہ ٻوٽن کان وٺي ٽڻ پکي پکڻ کان جانور جيتامڙا حفاظت سان رهي سگهن. انهيءَ ڪري هن پارڪ ۾ ايندڙن لاءِ جتي ڪٿي سختي سان چتاءَ لکيل آهن تہ هن پارڪ ۾ ڪوبہ بندوق پستول نہ ڪٽي اچي. ڪنهن کي بہ پڪنڪ ملهائڻ دوران باهہ ٻارڻ جي اجازت ناهي. سگريٽ اڇلڻ کان اڳ ان کي چڱي طرح وسايو. جنگل ۾ هلندڙ جانورن کي ڪوبہ کاڌو نہ ڏيو. رستن تان هلندڙ ڪيترائي جانور جيتوڻيڪ پالتو لڳن ٿا پر اهي جهنگلي آهن ۽ ٿي سگهي ٿو تہ انهن ۾ ڪي وچڙندڙ بيماريون هجن ۽ توهان کي لڳي وڃن. وڻ ٽڻ ۽ گل ٻوٽا فقط ديدار لاءِ آهن انهن کي نہ پٽيو ۽ نہ نقصان رسايو. ٻاڻ سان گڏ جيڪڏهن ڪتو آڻيو ٿا تہ ان کي رسي ذريعي سوگهو رکو يا ڪار ۾ اندر رهڻ ڏيو جيئن هو هلندڙ چلندڙ سهڻ ۽ ساڻين جهڙن جانورن کي نہ ماري.

بهرحال اهي اهڙا قاعدا قانون آهن جيڪي دنيا ۾ جتي ڪٿي هلن ٿا ويندي انڊيا ۾ بہ. تڏهن تہ اتي جو تاج محل يا الورا اجنتا جون غارون نہ ڏسو تہ دهلي جو لوڌي ۽ نهرو پارڪ نہ ڏسو سالن بعد بہ ساڳي حالت ۾ آهي. انهن جي حالت حيدرآباد جي قلعي يا مڪلي جي قبرستان جهڙي نہ ٿي آهي.

هونءَ پڙهندڙن کي اها ڳالهہ ضرور نوٽ ڪرڻ کپي تہ ههڙن مٿاهن هنڌن تي چاهي اونهاري جي گرم موسم ۾ وڃڻ ٿئي تہ بہ پاڻ سان لوئي, سئيٽر يا ڪوٽ ضرور کڻي نڪرجي چو تہ جبلن جي آب هوا بدلجندي دير نٿي لڳي ۽ رات تہ هر صورت ۾ ٿڌي ٿئي ٿي.

اهو لکڻ رهجي ويو تہ شيناندوه نيشنل پارڪ ۾ جنهن وقت اسان کي سامهون وچ رستي تي هرڻ نظر آيو تہ منور گاڏي بيهاري خوشي وچان ٿارزن ٽائيپ رڙ ڪري مون کي ان هرڻ جو

فوٽو ڪڍڻ لاءِ چيو. ”خالد هاشماڻي هميشه چوندو آهي تہ آئون هرڻ نظر اچڻ جو ڪوڙ ٿو ڳالهايان.“

”ڳالهہ ٻڌ،“ مون وراڻيو مانس، ”ائين فقط هرڻ جو فوٽو ڪڍڻ تي خالد هاشماڻي جنهن شخص جو نالو آهي ڪڏهن بہ اعتبار نہ ڪندو.“

”ڇو ڀلا؟“ حميرا چيو

”هيئن ٿو ڪريان، مون کين چيو. ”آئون ڪار مان لهي ڪار جي پنيان فوٽو ڪڍان ٿو. تون دريءَ مان منهن ڪڍ جيئن توسان گڏ هرڻ جو فوٽو اچي.“

ڪئميرا ڪٽي ڪار مان لٿس. مون سمجهيو هرڻ پٺجي ويندو پر هو متين جو موڙهيل، ڀنگ ڀياڪ وانگر پريشان بيٺو رهيو ۽ مون فوٽو ڪڍي ورتومانس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## لوري غارون ۽ ابراهيم منشي

ورجينيا رياست جو Shenandoah نيشنل پارڪ گهمڻ بعد اسان Luray Caves (لوري جون غارون) ڏسڻ وياسين. هنن غارن تي هي نالو هتي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي Luray تان پيو جيڪو هاءِ وي 211 جي Exit 264 تي آهي ۽ هن نيشنل پارڪ مان لنگهندڙ مشهور رستو اسڪاءِ لائين ڊرائيو جي اولهه ۾ 9 کن ميلن جي فاصلي تي آهي. هتي غارون ڪافي وڏيون ۽ صاف ستريون آهن ۽ ٽوئرسٽ کي هڪ ڪلاڪ جي ٽوئر دوران ٻه ميل کن گهمائين ٿا. اندر لائيٽ جو سٺو بندوبست آهي ۽ هوا پڻ فريش آهي ۽ ملائشيا جي باتو غارن وانگر چمڙن جي بدبوءِ ۽ پوچارين طرفان ڇڏيل ڪن ڪچرو نه آهي. هي غارون گهمڻ لاءِ في ماڻهو جي 18 ڊالر ٽڪيٽ آهي ۽ روزانو صبح جو 9 بجي کان ڇهين اندر ڏسي سگهجن ٿيون. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هنن غارن ۾ هزارين سال پراڻا ٿهيل Stalactites ، Stalagmites ۽ ڪالم آهن. اهي شيون ڇا آهن ۽ غارن ۾ ڪيئن ٺهن ٿيون ان بابت احوال اڳتي هلي ٿا ڪريون.

هي غارون جيڪي هزارين سال پراڻيون آهن انهن جي ڄاڻ 1878ع ۾ پرواري ڳوٺ ۾ رهندڙ هڪ فوٽو گرافر ۽ هڪ لوهه ۽ ٽِن جي ڪم ڪندڙ کي پيئي. هنن ڏٺو ته زمين ۾ ٿهيل هڪ سوراخ مان ڪافي پريشر سان ٿڌي هوا نڪري رهي هئي. هنن گڏجي پنج ڪلاڪ کان کوٽائي ڪئي جنهن ۾ ايترو ويڪرو سوراخ کوٽي سگهيا جنهن مان ماڻهو اندر گهڙي سگهي. ان ۾ پهريون ماڻهو جيڪو گهڙيو اهو اينڊريو ڪئمپ بيل فوٽو گرافر هو ۽ هن کي جيڪو پهريون ٿمڀ (Column) نظر آيو. ان جو نالو آمريڪا جي پهرين صدر جارج واشنگٽن جي نالي سان منسوب ڪيو ويو. اڄ هنن غارن کي هر سال پنج لک کن ملڪي ۽ غير ملڪي ٽوئرسٽ ڏسڻ لاءِ اچن ٿا ۽ قدرت جي هن ڪرشمي جي واکاڻ ڪن ٿا ۽ بقول هڪ انگريز ٽوئرسٽ جي:

. . . . For more than 125 years, luray caverns has been renowned as one of the world's most spectacular natural wonders. A world of magic and majesty, still as morvelously beautiful as described in the

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

newspapers headlines over a century ago.

هن غار جا خوبصورت اسٽالئڪٽائيٽ ۽ اسٽالئگمائيٽ ڏسڻ وٽان آهن. جيڪي پاڻيءَ جي ڦڙي ڦڙي مان ٺهڻ ۾ هزارين سال وٺن ٿا. غارون ڪيترن ئي قسمن جون ٿين ٿيون. ڪي جبلن تي مٿاهين ليول تي ٿين ٿيون جيئن غار حرا آهي، جتي اسان جو نبي ڪريم صلعم وحي نازل ٿيڻ کان اڳ پاڻ غور و فڪر ڪندا هئا ۽ جتي قرآن شريف جي پهرين آيت نازل ٿي. هي هڪ ننڍڙي غار آهي جتان سامهون ڪعبه الله تي بينظر پوي ٿي ۽ روشني به اچي ٿي جيتوڻيڪ دنيا جي ڪيترين غارن ۾ سج جي روشني بلڪل نٿي پهچي. ڪي غارون جيتوڻيڪ جبلن ۾ ٿين ٿيون پر انهن جا منهن گرائونڊ ليول تي ٿين ٿا. اهڙي ئي هڪ غار جو احوال قرآن مجيد جي ڪهف سورت ۾ آهي. ڪي غارون سمنڊ اندر به ٿين ٿيون جيڪي Sea Caves سڏجن ۽ ڪي Rock Shelters ۽ Grottos به سڏجن. ڪي غارون ڏرتي هيٺ به ٿين جيئن هيءَ ورجينيا رياست جي وڏي ۾ وڏي غار ”لوري“ (Luray) آهي. بهرحال ڪي غارون سخت پٿر جون ٿين ٿيون ۽ اهي شروع کان آخر تائين خال (Void) رهن. انهن ۾ چاهي هيٺ پاڻي بيٺل هجي يا مٿان پاڻي ٽمندو رهي تڏهن به ڪجهه نٿو ٿئي. وڌ ۾ وڌ جتي پاڻي ٽمندو رهي ٿو اتي سوين سالن بعد گرائونڊ تي پور (erosion) ٿي وڃي. جبل نور (جنهن تي غار حرا آهي) اهو به ڪجهه اهڙن ئي سخت ۽ نهرن (Solid) پٿرن جو آهي. جن حاجين يا عمري لاءِ ويندڙن هن جبل تي چڙهي چوٽيءَ تي ٺهيل هن مبارڪ غار جو اندريون حصو ڏٺو هوندو انهن کي چاڻ هوندي ته اها اڄ به اهڙي ئي حالت ۾ آهي. صدين جي هوائن، سج جي ڪرڻن يا موسم جي تبديلين ۽ مينهن طوفانن هن کي ذرو به نه ڳاريو آهي نه ڍاهيو آهي. اهو ان ڪري جو هن جبل (نور) جو پٿر گرانائيٽ (Granitic Rocks) جو ٺهيل آهي. جنهن تي عربستان جهڙي سخت موسم به اثر نٿي ڪري سگهي ۽ جيئن هيرن لاءِ چيو ويندو آهي ته:

Diamonds are for ever.

تيئن هن قسم جي پٿرن لاءِ چيو وڃي ٿو

Granitic rocks are for ever.

اهڙي طرح مڪي پاسي جو جبل ثور آهي جنهن ۾ اها مشهور غار آهي جنهن ۾ حضور اڪرم صلعم جن هجرت جي موقعي تي قيام فرمايو هو. اهڙن ئي پٿرن واري هڪ بي غار جيڪا لاهوت لامڪان (بلوچستان) ۾ آهي جنهن کي 1964ع ۾ جناب علي نواز وفائي،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

عبدالقادر پاتولي، مخدوم عباسي ۽ والد صاحب (گل محمد شيخ) سان گڏ مون کي ڏسڻ جو موقعو مليو هو. هن غار جو منهن تمام سوڙهو ۽ اٽانگي هنڌ تي آهي، منجهس پاڻيءَ جي سم (Seepage) بہ ٿيو پئي پر ڪنهن بہ پٿر ۾ ڳار يا پورائي (holes) نظر نہ آيا. يعني ان پٿر ۾ ڪوبہ چن (Lime) جهڙو نرم ڪيميڪل مليل نہ هو. چوڏاري گرانائيٽ جهڙو سخت پٿر هو. انهن غارن جي ڇت تي يا فرش تي اسٽالئڪٽا ئيٽ يا اسٽالئگمائيٽ جهڙي Formation نہ هئي. باقي هي Luray جهڙيون غارون چن واري پٿر Lime Stone جون آهن جن تي مينهن جي يا ڪنهن بي پاڻيءَ جو وڏو اثر ٿو ٿئي. خاص ڪري ان پاڻيءَ جو جنهن ۾ تيزابيت موجود آهي. هن قسم جون غارون جيڪي Sedimentary Rocks بہ سڏجن ٿيون ان جي پٿر ۾ هڪ ڌاتو ڪئلسائيٽ بہ ٿئي ٿو جنهن کي ڪيميسٽري جي زبان ۾ ڪئلشم ڪاربونيٽ سڏجي ٿو. مينهن جو پاڻي هن ڪيميڪل سان مڪس ٿي غارن جي ڇتين تان جڏهن ٽيپو ٽيپو ٿي سِمي ٿو تہ ان ۾ موجود پاڻي هيٺ ڪريو پوي پر ڪئلسائيٽ ۽ ان سان مليل ٻيا ڌاتو ڇت تي چلي وانگر چنبڙيو وڃن ٿوري دير ڪان پوءِ وري ٻيو ڦڙو ٿمي ٿو جنهن مان پڻ ساڳيو ڌاتو پهرين چلي جي هيٺان ٻيو چلي ٺاهي ترسيو پوي. ائين هڪ ٻئي پويان سنها چلا ٺهندا وڃن ۽ ڇت تان هڪ گول چلن جي لٽ (شربت پيئڻ واري Straw وانگر) هيٺ ايندي رهي ٿي. بلڪ ڇت ڪان هيٺ لڙڪندڙ اهڙيون لنيون (Stalactite) جن جا سوراخ بند ٺٽا ٿين اهي سڏجن ٿيون ”سوڊا اسٽرا اسٽالئڪٽائيٽ“. ڇت تہ لڙڪندڙ هنن لڙهين مان ڪن جا هيٺيان سوراخ بند ٿيو وڃن ۽ پوءِ اهي سوڊا اسٽرا (Soda straw) بدران Cone شڪل جون ٿين. بهرحال ڇت تان لڙڪندڙ هر قسم جي چلن جون هي لڙهيون Stalactite سڏجن ٿيون. Calcite سان مليل هي ڦڙا ڇت ۾ لڙڪيل لڙهي ٺاهيندا جڏهن هيٺ ڪرن ٿا تہ هيٺ زمين تي بہ ڇت جهڙا چلا چلا ٺهندا وڃن ۽ انهن زميني چلن جي لٽ کي Stalagmite سڏجي ٿو . ڇت وارين لڙهين ۽ زمين تي ٺهيل لنين جا مٿيان انگريزي نالا هڪ ٻئي سان ڪافي ملن ٿا. مون کي ياد ٿو اچي تہ انٽر سائنس ۾ جاگرافي جو آپشنل سبجيڪٽ پڙهائڻ وارو اسان جو پروفيسر مرحوم طارق مصطفيٰ صاحب اسان کي چوندو هو تہ اهي نالا ياد رکڻ لاءِ انهن ۾ موجود C ۽ G جا اکر ياد رکو. جنهن نالي ۾ سي آهي (يعني Stalactite) ان جو واسطو C يعني Ceiling (ڇت) سان آهي ۽ جنهن اکر ۾ G آهي يعني Stalagmite ان جو واسطو G يعني گرائونڊ سان آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪن ڪن غارن ۾ (جيئن ورجينيا رياست جي هن غار ۾) اهي ڪئلسائيٽ جون لڙهيون ۽ لنيون ايڏيون تہ وڏيون ٿيو وڃن جو هڪ ٻئي سان ملي هڪڙو ڪو ٿنڀ ٺاهين ٿيون. غارن ۾ نهيل اهڙي ٿنڀ جو جاگرافيائي نالو "ڪالم" آهي. هنن Luray غارن ۾ اهڙو ئي هڪ ڪالم Empress Column تمام خوبصورت آهي ۽ قدرت جي تعريف ڪندي نٿو رهجي سگهجي. اهڙي طرح ڪجهہ اسٽالئڪٽائيٽ ۽ اسٽالئگمائيٽ بيحد خوبصورت آهن جن لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ ڏسڻ سان عقل چرخ ٿيو وڃي. اهڙن مان ڪجهہ جا هنن Luray غارن جي انتظاميا وارن نالا بہ رکيا آهن. جهڙوڪ:

Titanias'Veil جيڪا بلڪل سفيد رنگ جي شفاف چلن جي لڙهي آهي.

Frozen Fountain هي بيحد ڳرو ۽ وڏو سفيد رنگ جي چادر يا پڙدي جهڙو فلو اسٽون آهي جيڪو زمين تي ٺهي پيو آهي.

Stalacpipe Organ چئن ڪن ايڪڙن تي ڪجهہ چٽ واريون لڙهيون يعني اسٽالئڪٽائيٽ هڪ ٻئي جي پرسان اڀين نهي ويون آهن جن مان هارمونيم وانگر سريلا آواز ٿا نڪرن.

Giant هال ۾ هڪ سڀ کان ڏکيو ۽ خوبصورت ٻتو ڪالم آهي جنهن جي ڊيگهہ 47 فوٽ آهي.

منهنجا اهي پڙهندڙ جن جو جاگرافي ۽ ڪيمسٽري جهڙن سبجيڪٽن سان واسطو نہ رهيو آهي انهن جي دلچسپي لاءِ هتي ڪجهہ ڳالهين جي سمجهاڻي لکڻ ضروري سمجهان ٿو.

ڪئلسائيٽ يا ڪئلشم ڪاربونيٽ جنهن مان هي چٽ واريون چلن جون لڙهيون Stalactite يا فرش تي لنيون Stalagmite ٺهن ٿيون پنهنجي نج حالت ۾ سچي موتي (Pearl) وانگر سفيد ۽ شفاف ٿين ٿيون جيئن مٿي ذڪر ڪيل فروزن فائونٽن آهي جيڪو نج ڪئلسائيٽ جو Stalagmite آهي.

ڪئلسائيٽ (ڪئلشم ڪاربونيٽ) مان نهيل هي سڀ شيون ٿاڪئون ٿين ٿيون ۽ زور ڏيڻ سان ٽڙڪي پون ٿيون جيئن سچا موتي Pearl ڪي مترڪو هٿڻ سان چيتيون چيتيون ٿيو وڃي. هتي اهو بہ لکندو هلان تہ غارن ۾ نهيل هي شيون، سچا موتي، سپون (Shells) ۽ ڪوڏ، ويندي Snail جيت جو مٿيون تهہ (Shell) ۽ بيضن (Eggs) جا ٻاهريان چلڪا سڀ هڪ ئي شيءِ ڪئلشم ڪاربونيٽ آهي. جپان واري ڪنهن سفرنامي ۾ لکي چڪو آهيان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تہ ان ۾ ڪا ميڊيڪل حقيقت ناهي تہ سچن موتين ۾ ڪا شهواني يا جسماني طاقت آهي. توهان ڪلفٽن تي سمنڊ جي ڪناري تي پيل ڊير سپن مان هڪ سپ (Shell) جو حمام دستي ۾ چورو ڪريو ۽ ٻيو سچي موتيءَ جو چورو ڪريو. ڳالهہ ساڳي آهي. ٻنهي ۾ ساڳيو ڪيميڪل آهي. سچن موتين ۾ طاقت، شباب، جواني جو نعرو فقط وهم آهي جيئن ملائيشيا، هانگ ڪانگ، ۽ چين پاسي جا چيني گينڊي (Rhinoceros) جي سِڱ جي پائوڊر لاءِ چون ٿا جيڪو سائنسي يا ميڊيڪل ريسرچ مطابق وارن جو Compress ٿيل چڳو آهي.

هتي اهو بہ لکڻ چاهيان ٿو تہ اهي ڇت واريون چلن جون لڙهيون Stalactite يا Stalagmites ڪي پنجاهہ يا سو سال ۾ نٿيون ٺهن پر انهن جي ٺهڻ ۾ هزارين سال لڳيو وڃن. هنن غارن جون مون ڪيترين ئي تصويرون ڪڍيون آهن. پر خبر ناهي اخبار وارا يا ڪتاب جا پبلشر انهن مان ڪا ڇپين يا نہ. بهرحال جن وٽ ڪمپيوٽر آهي اهي هن ويب سائيٽ تي انهن غار وارن جي انتظاميا طرفان ڏنل ڪجهہ تصويرون ڏسي سگهن ٿا.

www.luraycaverns.com

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هي غارون ۽ انهن ۾ هزارين سالن جي عرصي مان ٺهيل عجيب ۽ خوبصورت شيون ڏسي ماڻهو سراپجيو وڃي. نيويارڪ ٽائيمس اخبار جو نمائندو اليگزينڊر برانڊ پهريون سفرنامو لکندڙ آهي جنهن هنن غارن Luray caves جو سير ڪيو. اٽڪل سو سال کن اڳ جي سفرنامي ۾ هن هنن غارن بابت لکيو آهي تہ:

"It's a magnificent cave. The most beautiful I'verseen.
Trying to compare this cave to other would be like
Comparing New York City to the Town of Luray."

انسئڪلوپيڊيا برٽينيڪا ۾ هنن غارن بابت ڏيڍ صفحو کن ڏنل آهي. رسل گرني جيڪو ليکڪ ۽ Explorers ڪلب جو صدر بہ رهي چڪو آهي ان پنهنجي ڪتاب "ڊسڪوري آف لُوري ڪئورن، ورجينيا" ۾ لکيو آهي تہ:

"Luray Caverns remains a tribute to the courage and vision of explorers who will persevere to seek out secrets of our world. In an imperfect human world it is reassuring that the discovery of these

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

men of vision has been preserved for the enjoymet of this and succeeding generations."

لُوري غارن مان نڪرڻ وقت سج اچي لٿو هو. ان ڏينهن اسانجو شايد آخري گروپ هو. نڪرڻ واري دروازي وٽ هڪ ننڍڙو سووينيئر شاپ ۽ چانهه ڪافيءَ جي ريسٽورنٽ هئي. اسان به اتي ئي چانهه پيئڻ چاهي ٿي پر هڪ ته رش ڪري ۽ ٻيو ته هتڙن خاص هنڌن تي هر شيءِ مهانگي ٿئي ٿي. سو اسان ميل به اوپر ۾ Luray ڳوٺ ۾ اچي چانهه پيتي. حميرا ٻڌايو ته هي ڳوٺ جيتوڻيڪ ننڍو آهي پر هنن غارن ڪري مشهور آهي. انڪان علاوه آمريڪا جي وئلي بيس بال ليگ جي Luray Wranglers جو ڳوٺ آهي. يوگي بيئر ڪارٽونن جو خالق پڻ هن ڳوٺ جو آهي جنهن جي ياد ۾ هتي Yogi Bear's Gellystone پارڪ آهي. ڳوٺ مان نڪرڻ وقت لوري هاءِ اسڪول جي عمارت ۽ Page news اخبار جي آفيس پڻ نظر آئي.

ڪار منور پئي هلائي پر ٿڪل اسين به حميرا رحمان ۽ آئون هوس جو رکي رکي اٻاسيون به آيون پئي.

"ڪر خبر منورا ننڊ ته ڪانه ٿي اچي؟" مون پڇيومانس.

"منهنجو فڪر ئي نه ڪريو توهان پلي سمهي رهو" منور وراڻيو.

"نه منهنجا سائين ائين ته اسان به نه ڪنداسين"، مون چيومانس.

"جهوٽو لڳندي ڪا دير ٿي ٿئي. گهٽ ۾ گهٽ اسان مان هڪ جاڳو سمهي ته ٻيو توسان ڳالهائيندو هلي."

"ڪنهن جي به ڳالهائڻ جي ضرورت ناهي آئون ٿو ڪئسٽ ٻڌان." منور اعلان ڪيو. منور به ٿي ڪئسٽ متائيندي آخر هڪ کي هلڻ ڏنو.

مون رات گنجي ۾ گجندي ڪيڏا سنڌوءَ جا سرواڻ ڏٺا
ٿي ڀڪيا منهن ۽ ٻانن ڀر، مون ٻلواٽن هٿ ٻاڻ ڏٺا
هٿ پيچ پنيءَ جو پڙڪا ها ۽ ڪانن جا ڪيئن ڪڙڪا ها
هٿ گونج متل هئي گولين جي، ۽ ٽڪر ٽولين ٽولين جي
ڏيئي منهان منهن مهاڏا ٿي، جڻ سانَ وڙهيا ڪي پاڏا ٿي
هن پر ڪان پاڳيان پونيان ها، ۽ اڳيان چور اپونيا ها

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مون جنگ اندر ڪئين جوڙا جاني، سورهيہ پٽ سڄاڻ ڏٺا

.... هي ابراهيم منشي پاڻ هو جيڪو ڪنهن محفل ۾ پنهنجي شاعري پڙهائي رهيو هو. ڇا تہ سندس آواز ۾ ان ۾ جوش ۽ للڪار هئي. اسان جي ننڍ تہ پهرين سٽ تي ئي هلي ويئي. ”ابا منور متان ان ڪئسٽ کي بند ڪيو اٿئي.“ حميره رڙ ڪئي، ”اسان ننڍ تان هٿ کنيو.“

.... هي آزادي جو جهيڙو هو ۽ پائر پائر پيڙو هو
هڪ غدارن جو ٽولو هو جنهن ننگ نسل ۾ رولو هو
سو ڏاڙيلن سان هو ڏر بنيو ۽ سنڌ لاءِ سورن سر بنيو
هئا لعنت سان منهن لال سندن، ڇا ويهي ڪريان مان ڳالهہ سندن
ان ڪڙم جي قاتل ٽولي جا مون پيلا منهن خود پاڻ ڏٺا...!!

مون ابراهيم منشي جي شاعري پهريون دفعو اڄ کان ويهارو سال اڳ سئيڊن جي شهر مالمو ۾ وزير سومري وٽ ٻڌي هئي، جڏهن آئون اتي جي يونيورسٽي ”ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي“ ۾ هوس. اڄ اسان جو هي پيارو شاعر هن دنيا ۾ نہ رهيو آهي. ابراهيم منشي هڪ مزاحمتي شاعر هو جنهن پنهنجي ڌرتيءَ تي تبديليءَ جي چاهنا رکي. هو ڌرتيءَ وارن لاءِ حوصلي، همت، سرت، ساڃاهہ، جرئت ۽ جدوجهد جو سبب بڻيو رهيو.

جنگ جنگ جنگ آ، منهنجي توسان جنگ آ
پليت پير ڪر پري، هيءَ ڌرتي منهنجو ننگ آ

ابراهيم منشي جي جيڪڏهن شاعري پڙهندائو تہ ان ۾ هن جي زندگيءَ جو مقصد چٽي طرح نظر ايندو. هو ڏوٽي ماڻهن جو همدرد. وڏيري، سرمائيدار جو چٽو دشمن نظر ايندو. سندس شاعري سنڌي قوم لاءِ اتهاس جي اهميت رکي ٿي. هو عام ماڻهن جو آواز هو. اڄ جڏهن ورجينيا رياست جي رستن تي اسان جي گاڏي صحيح رستو وٺي وڃي رهي آهي، تہ اسين ابراهيم منشي کي پنهنجو گيت ترنم سان پڙهندو ٻڌي گم ٿي ويا آهيون. سندس شاعريءَ ڪيڏو تہ بيقرار ڪري وڌو آهي.

ڪتيون ڪئين قيد ۾ گذريون، ڇگهو چيٽن ۾ ملنداسون
سرنهن پيلا جهليندي گل، تڏهن کيٽن ۾ ملنداسون...!

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اتر جا واءُ جڏهن ورندا، اچا سر، ڪانهہ سنگ ڪيڻندا،
لهنديون ڪونجون جتي ڪٽڪي، انهن ڪيٽين ۾ ملنداسون.

چڙي درياءُ ويندو دهشت، بنائي بيٽ بيلاٽيون
چڙهي تڏهن ناءُ ننيڙيءَ تي، انهن بيٽن ۾ ملنداسون.

”منور واهہ جو ڪئسٽ هٿ ڪيو اٿئي. ڪٿان گهرايئي؟“ مون پڇيومانس.

”مون کي بہ ٽالپر ڀڏڻ لاءِ ڏنو آهي.“ منور وراڻيو.

”ڪهڙي ٽالپر؟ طلعت ٽالپر؟ شاهد ٽالپر؟“ مون پڇيو.

”شاهد ڏنو آهي پر آهي توهان جي ڳوٺائي سليم عرساڻيءَ جو.“

”چڱو هاڻ ڳالهہ ٻڌ.“ مون چيو ”ڪنهن جو بہ هجي مون کي اهو ٽيپ ڪرائي ڏي.“

منشي محمد ابراهيم 15 جنوري 1934ع تي ڳوٺ جنهاڻ سومرو، تعلقو ٽنڊو محمدخان ۾ جنم ورتو هو.

ڪنهن جي ٽي هٽ ذات وڪامي، ڪنهن جي ٽي هٽ ڏات وڪامي
ڪنهن جي ٽي هٽ بات وڪامي، ڪنهن جي ٽي هٽ رات وڪامي

هيڏي وڪري ۾ جو نہ وڪاڻو تنهن کي مليو جيل ۾ ٽاٽو
جهڙو ماڻهو تهڙو ناٽو هر ڪو پنهنجي اگهہ اگهاڻو
جيڪو ماڻهو ڪونہ وڪاڻو سوئي ماڻهو موتيءَ داڻو

# پورو ٿيو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ



# الطاف شيخ

## مئرين انجينئر

Altafshaikh2004@yahoo.co.uk

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com